تاريخ
مظهر شاهجهاني

يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم ”نمڪين“

(سنڌي ترجمو)

•

نياز همايوني

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٩ع

نیاز حسین ولد سیمون خان ولد
مبارک خان ولد دلاور خان ولد
سعد خان ولد مرسی خان
کہ سو - ونی شکر سکی
حیدرآباد مانی تھی کتاب حوالہ
کیے گئے -

تاریخ 2 اپریل 1980 نیاز

تیدار
تیج A جیبی
اٹلیٹ خوئیوم

تاريخ مظهر شاهجهاني

تاريخ

مظهر شاهجهاني

فارسي تاليف

يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم "نمڪين"

(١٠٤٤ھ بکر)

•

تصحيح، مقدمو، حاشيه

سيد حسام الدين راشدي

•

سنڌي ترجمو

نياز همايوني

•

پيش لفظ ۽ فرهنگ

محمد حسين پنهور

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

1979ع

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

ٻيون ايڊيشن مارچ 1979ع ڪاپيون 1000
ڇاپو ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: ويهه رپيا
[Price. Rs. 20.00]

TARIKH MAZHAR-E-SHAH JAHANI:
[An Account of Mughal Rule in Sindh under Nawab Ahmed Beg Khan (1038-1039 A. H) in Sindhi]

Written by: Yusuf Mirak Bin Abul Qasim 'Namkeen'

Edited by: Sayed Husamudin Rashdi.

Glossary and Foreword by:
Mohammed Hussain Panhwar.

Translated from Persian into Sindhi
by: Niaz Humayuni.

Published by: The Sindhi Adabi Board
P. O. Box 12, Hyderabad, Sind, Pakistan.
First Edition: 1979.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

		صفحه
● پيش لفظ	محمد حسين پنهور	36_9
● نوٽ ۽ درستي	مترجم	40_37
● سنڌ جو نقشو 1608_1700 A.D.		١-۴
● عرض حال	مترجم	۵-۹
● مهاڳ	سيد حسام الدين راشدي	١٠-١٣
● مؤلف جو احوال	سيد حسام الدين راشدي	١۴-٢٣
● مظهر شاهجهاني	ترتيب ۽ مضامين	٢۴-۵٣
● ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ سنڌ جي تاريخ جو مواد		۵۴-٦٩
● متن جي تياري ۽ درستي		٧٠-٧٨
● حوالي جا ڪتاب		٧٩-٨٠
● واڌارا	فوج علي ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي بابت	٨١-٨٣
● اهم تاريخي واقعن جا گوشوارا (١١٣٥-١٠۴۴) (چار عڪس ڪتاب جي اصل متن تان ورتل)		٨۴-٨٨
● شجرا: نورجهان جي ڏاڏڪ ۽ نانڪ جا شجرا ۽ انهن جو تفصيل		٨٩-١٠۴

حصو ٻيو

● سنڌ جو احوال - ٻکر کان ٺٽي تائين ١٠٥
● باب پهريون : ٻکر جو بيان ١٠٩
● باب ٻيو : سبيءَ جو بيان ١٢٧
● باب ٽيون : ٺٽي جو بيان ١٣٦
(١) ٺٽي جي صوبہداري، شمشير خان اوزبڪ جي زماني ۾. ١٤٥
(٢) ٺٽي جي صوبہ داري، مظفر خان معموري جي دور ۾. ١٤٦
(٣) ٺٽي جي صوبہ داري، بايزيد بخاري جي وقت ۾. ١٤٩
● باب چوٿون : سيوهڻ جو بيان ١٥٥
فصل (١) سيوهڻ جي پرڳڻن جو مختصر احوال ١٥٧
فصل (٢) هن ملڪ جي وڳوڙين ۽ فسادين بابت ١٧٥
فصل (٣) هن راڄڌاني جي زبونيءَ ۽ وڳوڙين جي زورورن جو احوال ١٨١
بختيار بيگ ترڪمان جي عملداري ١٨٣
ڪوريا هندوءَ جي ٺيڪيداري ١٩٥
خواجہ نورالدين ڪروڙيءَ جي عملداري ١٩٦
شيخ موسيٰ گيلاني جي عملداري ١٩٨
قره بيگ جي عملداري ١٩٨
مير ابوالقاسم جي عملداري (پهريون ڀيرو) ١٩٩
سردار خان جي عملداري ٢٠٢
مير ابوالقاسم جي عملداري (ٻيو ڀيرو) ٢٠٣

شمشير خان جي عملداري (پهريون پيرو) ٢١٠
مير ابوالبقا جي عملداري ٢١١
شمشير خان جي عملداري (ٻيو پيرو) ٢١٦
شير خواجه جي عملداري ٢٣١
شمس‌الدين جي عملداري ٢٣٥
نوروز بيگ جي عملداري ٢٣٦
سيف‌الملوڪ ڪاشغري جي عملداري ٢٣٧
احمد بيگ خان جي عملداري ٢٣٨
ديندار خان جي عملداري ٢٤٨
فصل (٤) سيوهڻ جي سڌاري بابت ٢٦٣
فصل (٥) سيوهڻ جي وڪوڙين جي سيڪت، ۽
ان لاءِ گهربل فوج بابت ٢٧٢
ب: چانڊين ۽ ٻروچن کي زير ڪرڻ بابت ٣٠٧
ج: نومڙين کي مت ڏيڻ بابت ٣٠٨
● پڇاڙي ٣١٦
● تعليقات ٣٢٥
● ڏسڻي ٣٨٧

هن ڪتاب جا شروعاتي ۱-۴۰، صفحي ۳۸۷ کان ۴۱۴ تائين، فوٽا، شجرا، نقشو ۽ ڪوَر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ باقي مواد صفحي ۵ کان صفحي ۳۸۶ تائين اسٽار پرنٽرس، پائي خان جي چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ ظفر حسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پيش لفظ

مظهر شاهجهاني سنڌ جي سترهين صدي واري شروعاتي دؤر جو جيڪو هڪ گزيٽيئر آهي جنهن ۾ انتظامي سرڪاريون پرڳڻا، شهر، ڳوٺ، رستا، قبيلا، فصلن جا قسم محصولن جا انگ اکر، عوام ۽ حڪومت جا هڪٻئي سان لاڳاپا وغيره. بيان ڪيل آهن. پر اها معلومات ترتيب وار ڏنل نه آهي، خاص ڪري جاگرافي جا ماڳ ۽ نالا ته گهڻن هنڌن ۽ بابن ۾ منجهائيندڙ آهن. اها ڪمي محسوس ڪندي "سنڌي ادبي بورڊ" مون تي انهيءَ دور جي جاگرافيائي ڏسٽي مرتب ڪرڻ جو ڪم رکيو پر مون خيال ڪيو ته هن باري ۾ رڳو جاگرافيائي ڏسٽي ڪارائتي نه ٿيندي ان ڪري اهو ڪم ٻن حصن ۾ ورهائڻو پيو.

الف - انتظامي يونٽ.

ب - شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن جي جاگرافيائي ڏسٽي.

پهرين حصي ۾ ڪن مشهور شهرن، ڳوٺن ۽ قبيلن جا نالا ڏنا ويا آهن. اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي ته جاگيرداري نظام جي اوائلي دور ۾ قبيلا سماج جو هڪ اهم حصو هئا، انهيءَ اهميت جي ڪري جيڪي قبيلا مختلف پرڳڻن ۾ رهندا هئا اهي ئي انتظامي يونٽن؛ يا سرڪارين "ٺٽي"، "سيوهڻ" ۽ "بکر" هيٺ ڏيکاريا ويا آهن. تنهن زماني ۾ سبيءَ کي سرڪار جي نه پر هڪ پرڳڻي جي حيثيت حاصل هئي ۽ اهو پرڳڻو بکر جي تابع هو. پر وري به الڳ حيثيت هئس. نالن جي جاگرافيائي ڏسٽي واري حصي ۾ اهم شهر، ڳوٺ انهن جا اصلي ماڳ، هاڻوڪا نالا ۽ هنڌ بيان ڪيا ويا آهن ان بابت به نقشا تهرائي ڏنل آهن جن ۾ انتظامي يونٽن جا شهر، ڳوٺ ۽ قبيلا يعني سرڪاريون ۽ پرڳڻا ڏيکاريل آهن اهي انتظامي يونٽ سڏائين ساڳيا

نہ رهيا هئا. 1009هه (1600ع) کان اڳ ڳاهاڻ جوڻيجا ۽ خطي جو اڌ بکر جي سرڪار جو حصو هئا. انهن جو سيوهڻ جي سرڪار سان ڪو تعلق نہ هو. پرڳڻن جي انهيءَ حدبندي جو بنياد سنڌ ۾ دراصل سمن جي صاحبي دوران پيو هو.

مون جاگرافيائي ڏالن جي ڇڪاس جو ڪم اٽڪل ٻارهن ورهيہ اڳ شروع ڪيو هو، انهيءَ جاکوڙ ۾ مون کي ڪافي حد تائين مقامي ڄاڻ حاصل ٿي آهي. هن ڏس ۾ آئون انهن سڀني دوستن ۽ بزرگن خاص ڪري محترم جي. ايم. سيد ۽ پنهنجي ماروٽ قمرالدين ٻهنور جو ٿورائتو آهيان جن جي مڪاني ڄاڻ مون لاءِ مددگار ثابت ٿي.

3- آڪٽوبر 1978ع
حيدرآباد سنڌ

-ايم. ايچ ٻهنور

الف ـ سترهين صديءَ ۾ سنڌ جا انتظامي يونٽ
بکر سرڪار ـ آٺ پرڳڻا

ٽي ساڄي ڪپ تي، پنج کاٻي ڪپ تي

ساڄو ڪپ

1- جتوئي پرڳڻو

هن پرڳڻي ۾ جتوئي، ٻُرڙدي، ڪوراٺي، ڏُردشت ۽ لورلائي قبيلا آباد هئا جيڪي سڀئي بلوچي نسل جا هئا. شاهه بيگ سنڌن پائيتاليهه ڳوٺ تباهه ڪري ڇڏيا هئا(1).

پيو قبيلو مهرن جو هو، مهرن جي موجودگي ڏيکاري ٿي ته انهيءَ علائقي ۾ اوپارئون جيڪب آباد ضلعو، سکر تعلقو، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جا اولاهان حصا اچي ٿي ويا. تڏهن درياهه هاٿوڪي وٽ ڪري ڪان الهندي پاسي وهندو هو ۽ ڪشمور توڙي سکر تعلقن جا حصا ساڄي ڪپ تي اچي ٿي ويا.

لاڪيار جو ڳوٺ ساڄي ڪپ تي هوندو هو.

کاٻو ڪپ

1- ماٿيلو پرڳڻو

ماٿيلو مکيه شهر هو جنهن ۾ هڪ پراڻو قلعو هو هن پرڳڻي ۾ سَهرن ۽ ڌاريجن جا قبيلا رهندا هئا. اهي قبيلا هڪ صديءَ کان انهيءَ علائقي ۾ رهندا ٿي آيا، اهي شاهه بيگ ۽ شاهه حسن ارغون سان وڙهيا هئا، پوءِ وري ترخانن سان به وڙهيا. سترهين صدي جا ٻيا مشهور شهر آپاوڙو، گنجاپو ۽ لانگاهن جي رهڙي هئا، جيڪي سڀئي مير ابوالقاسم جي جاگير ۾ اچي ٿي ويا.

2- آروڙ پرڳڻو

3- فتح پور پرڳڻو

هن ۾ گهوٽڪي ۽ ماٿيلي جو وارياسو حصو اچي ٿي ويو.

---

(1) معصومي ص ص 124-125

2- چانڊڪا پرڳڻو

بکر سرڪار جو اهو سڀ کان وڏو پرڳڻو هو، منجهس وسندڙ قبيلا: سميجا، ٻڪيجا (ٻڪهيا) سانگي ۽ ابڙا هئا. ٻيو اهم قبيلو منديجي (مديجي) جي شيخن جو هو الهيءَ علائقي ۾ ڪافي پيلا هئا.

الهن قبيلن کان سواءِ جابلو قبيلا جهڙوڪ: منگسي، لاشاري، دردشت، ديناري، رند، ڊومبڪي ۽ ٻڙدي به رهندا هئا جيڪي سڀئي بلوچ سڏائيندا هئا. هنن جو ڳوٺ مير ابڙي واري واهه جي ڪپ تي هو جيڪو سندن ئي کٽايل هو.

منهن ۾ هوئي ٻئي ابڙن جا مشهور ڳوٺ هئا جيڪي لنڊي ابڙي ٻڌايا هئا.

3- ٽکر پرڳڻو

ٻئيجي هن پرڳڻي جو مکيه شهر هو ٻرڳڻي ۾ وسندڙ قبيلا سميجا، ٻڪيجا، (ٻڪهيا) ۽ لاکيار هئا. ٽکر پرڳڻي جا اهي رهواسي بلڪل جاهل هوندا هئا.

4- ڪاڪڙي پرڳڻو

ڪنب، ديجار بحيره (ٻڇيري) اهي شهر اتر نواب شاهه ۽ ڏکڻ خيرپور ضلعن ۾ هونئا هئا اتي سنگيڄن جا قبيلا رهندا هئا.

5- دربيلو پرڳڻو

هن پرڳڻي ۾ دربيلو ۽ ڪڪڙي مشهور شهر هئا هي پرڳڻو درياهه جي ٻي ڪپ تي چانڊڪا پرڳڻي جي سامهون هوندو هو. اهي ٿيئي علائقا چانڊڪا، دربيلو ۽ ڪڪڙي، مير معصوم جي جاگير ۾ اچي تي ويا. هتي سهتا، راڄپر ۽ ٻهڻ قبيلا رهندا هئا.

سبي پرڳڻو

(سبي پرڳڻو جيڪو ٺيڪ سنڌ صوبي جو حصو هو, بکر سرڪار جي تابع هو پر مٿس الڳ گورنر مقرر ڪيل هو ان ڪري هن پرڳڻي کي ٽنهي سرڪارن کان الڳ حيثيت ڏني ويئي آهي. هن ۾ هاڻوڪا سبي ۽ ڪڇي ضلعا اچي ٿي ويا.)

1- سبيءَ ۾ ڪانگلومريٽ (Conglomerate) پٿرن مان ٺهيل هڪ قلعو هوندو هو اهو قلعو هينئر موجود ته ناهي پر اتي پيل پٿرن ۽ مٽيءَ جي مٿاهين دڙي مان ڊٺل قلعي جي چوديواري جا ڪي نشان ملن ٿا.

2- انهي زماني ۾ بولان نئن پڻ وهندي هئي جنهن جي پاڻيءَ ۾ زهريلو مادو هوندو هو. ان جي پيئڻ سان ماڻهو بيمار ٿي پوندا هئا بعضي مري به ويندا هئا. پر اڪبر بادشاهه جي دور ۾ انهيءَ نئن پنهنجو وهڪرو ڪن هنڌن تان بدلائي ڇڏيو ۽ زهريلي پاڻيءَ جا ذريعا پري رهجي ويا. اڄ به انهيءَ پراڻي نئن جي پيٽ جا نشان سبي ۽ ڍاڍر جي وچاڳ ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

3- بولان نئن پنجاهه ميل ڏکڻ ۾ ساراوان جي زمينن کي سيراب ڪندي هئي ۽ بچيل پاڻي وڃي منڇر ڍنڍ ۾ پوندو هو. بولان جو اهو وهڪرو 1932ع ۾ ايف سي بند ٻڌڻ تائين قائم رهيو ان کان پوءِ به بولان نئن جو پاڻي وقت بوقت منڇر ڍنڍ تائين پهچندو رهي ٿو.

4- سبيءَ جي پرسان چٽ ۽ ڪهيرن جا ڳوٺ آباد هئا جتي ڪپهه جو ٻهي جنس وارو فصل ٿيندو هو. ليکڪ جي چوڻ پٽاندر

انهيءَ فصل جسي پوئي جي ڏکياڻي سان ٻير جـو وڻ بہ مقابلو نٿي ڪري سگهيو سا ڳالهہ غلط آهي.

5- گندا واهہ جـو شهر سبي ارڳٽي ۾ هـو، گندا واهہ جسي پرسان گـرم پاڻيءَ جو چشمو آهي اهو چشمو ستر هين صديءَ ۾ بہ هوندو هو.

6- گندا واهہ جون پر واريون زمينون موڙاهہ يا موج واهہ مان آباد ٿينديون هيون اهو واهہ (سليمان) جبلن جـي مٿين حصي مان نڪرندو هو اج بہ اتي ساڳي نموني جا واهڙ موجود آهن جيڪي اولهہ وارن جبلن جو پاڻي کنيو اچن ٿا. گندا واهہ ۾ رهندڙ قبيلا لاشاري، منگسي، رند ۽ ديناري هئا.

7- بارڪان جو شهر بکر، سيتاپور ۽ سبيءَ جي وچ تي هولدو هو، بارڪان لورالائي جي اوپر ۾ آهي تنهن زماني ۾ بارڪان جو شهر پلن گهوڙن جـي ڪري مشهور هوندو هو جيڪي عـراقي نسل جي گهوڙن کان گهٽ نہ هوندا هئا. انهي خصوصيت سيتاپور کي ديري غازي خان ضلعي جو هڪ اهم شهر بڻائي ڇڏيو. ٿوريئي عرصي ۾ اهو شهر تمام گهڻو وڌيـو ۽ ويجهيو پر شايد سندو درياهہ جي ڪاڌ جي ڪري جلد ئي پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏ يائين.

8- بولان لڪ جي وهڪري واري احوال مان سڌ پوي ٿي تہ اها لڪ سبي ۽ پاٽ جي وچ ۾ يا پاٽ جي ڏکڻ تائين پن سـَوَن ِ ميلن جي ڊيگهہ ۾ وهندي هئي ۽ درياهہ ۾ وڃي ڇوڙ ٿي ڪيائين. ليڪ جسي اندازي پٽاندر سبيءَ جـي ريگستان جسي ويڪر هڪ سؤ چاليهہ ميل ذري گهٽ درست آهي ڇو جو اهـو ريگستان اتـر کان ڏکڻ تائين جبلن کان هاڻوڪي جيڪب آباد شهر تائين ڦهليل آهي.

9- آراڙي هڪ پيو ڳوٺ هو جو بولان لڪ جي ڪپ تي هو.

10- سمن جي صاحبي کان وٺي سبي جو اترئين سنڌ جو حصو هو. ارغونن پڻ ان کي فتح ڪيو هو ۽ پوءِ پٺاڻن جي هڪ قبيلي (ٻني) وري ارغونن کان ان کي هٿ ڪيو، جن کان ابوالقاسم نمڪين 1013هه (......ع) ڌاري فتح ڪيو. سن 1740ع تائين اهو اترئين سنڌ جو حصو رهيو ۽ پوءِ نادرشاهه ايراني اهو اترئين قلات جي خان کي منتقل ڪري ڏنو.

ٺٽو سرڪار- چار پرڳڻا

ٻه ساڄي ڪپ تي، ٻه کاٻي ڪپ تي

ساڄو ڪپ

1- نصرپور پرڳڻو

هن پرڳڻي ۾ وسندڙ قبيلا سوڍا، سميجا، ڪيهر سميجا، سانڊ سميجا، جوڻيجا سميجا، ڪيريا ۽ دل سميجا هئا. نصرپور جون ٻه سب ڊويزنون سماواتي ۽ هالا هيون. نصرپور پرڳڻي ۾ هالن ۽ نئين (هالن کان هڪ ميل پري هالن جيڏو) عطاولي ڪيهر (جنهن کي مؤلف هالن کان آٺ ميل پري لکيو آهي، حقيقت ۾ اهو هالن کان چوڏهن ميل پري آهي) ۽ وينجهر جا ڳوٺ اچي ٿي ويا. ٻلي سمن جو ڳوٺ سماواتي سب ڊويزن ۾ هوندو هو.

هاڻوڪي ٿرپارڪر جو ريگستان نصرپور پرڳڻي کان جدا هوندو هو جنهن ۾ عمرڪوٽ به اچي ٿي ويو، انهيءَ ريگستان ۾ سعدڳڙهه نالي هڪ مضبوط قلعو هوندو هو

کاٻو ڪپ

1- ٺٽو پرڳڻو

ٺٽي جو شهر ۽ پرڳڻي جي ڪافي اراضي کاٻي ڪپ تي هوندي هئي جنهن مان سڌ پوي ٿي ته درياهه جيڪو ٺٽي ۽ مڪلي ٽڪرين جي اتر پاسي وهندو هو سو ڳجي ۽ ٺٽي جي هاڻوڪي رستي کي وچان پار ڪري وهندو هو ۽ ڳجي کان ٻه ميل پري وهندو هو، پرڳڻي جا ڪجهه حصا ٽڪرين تائين ڦهليل هئا جتي کهيري، ڪرمتي، بلوچ، نوڪيا جيڪي باغي هئا ۽ محال ڪوهستان ۽ ساڪري تعلقي جي ڏکڻ اولهه ۾ رهندا هئا. اها آبادي مغل حڪومت جي تابع هئي.

2- چاچڪان پرڳڻو

هن پرڳڻي جا رهاڪو سدا سنواتا هئا پر ميندرا قوم وارا سرڪش هئا جن کي ٺٽي جي

جيڪو قاسم خان ارغون جي قبضي ۾ هو ۽ پوءِ سمن جي هٿ ۾ آيو. مغلن سان مقابلي دوران سما پناهه وٺڻ لاءِ انهيءَ ريگستان ڏانهن رُخ رکندا هئا.

سترهين صدي ۾ ايرندي پراڻ کي نهر سالگرو سڏيندا هئا جيئن هڪ صدي پوءِ به ان تي اهو نالو پيل هو.

چاڪر هالا سب ڊويزن:

چاڪر هالا جا قبيلا جيڪي جبلن ۾ رهندا هئا شورا، سميجا دل، پير بلوچ هئا جيڪي سيئي سرڪش هوندا هئا ۽ حڪومت جا باغي هئا. ميدانن جا رهاڪو پليجا، هالا ۽ لاريجا هئا جيڪي پنهنجون ڍلون باقاعدگي سان حڪومت کي ڏيندا هئا. ڪوهيار ۽ وڏڪار ڳوٺ جبلن ۾ هوندا هئا.

چاڪر هالا:

سن ڪان به ميل پرتي پهڻ نالي هڪ بندرگاهه هوندو هو جو پهڻ ڪان ڏيهه ميل پري هوندو هو. سن هالوڪي شهر ڪان چار ميل پري اوپر پاسي هو. خاصائي شورن ۽ سن جي وچ ۾ ارڙهن

گورنر مظفر معموري جي ڏينهن ۾ عبدالباقي جاگيردار سڏبو هو. سوڍا ۽ سميجا جيڪي نصرپور جي قبيلن سان گڏيل هئا اهي پڻ چاچڪان ۾ رهندا هئا ۽ عبدالباقي جي هٿان مات کائڻ بعد صلح سان رهڻ لڳا.

ميلن جو مفاصلو ڏيندو ۽ اهو شهر هاڻوڪي مانجهند جي اولهه ۾ آهي. انهيءَ ڳالهه (خاصائي شورن) وارو قبيلو اچا سوڍو اتي رهي ٿو.

لهمردي قبيلو انهيءَ پرڳڻي يعني اتر سحال ڪوهستان جي چاڪر هالا جي ٽڪرين ۾ سيوهڻ پاسي آباد هو.

چاڪر هالا ۾ وسندڙ ٻيو قبيلو ٻيرن جو هو اهو اويس قرلي، ڇڇ هالا جو هڪ ڳوٺ هو جنهن ۽ ليرون ڪوٽ (هاڻوڪي حيدرآباد) جي وچ ۾ نهمردي رهندا هئا.

نصرپور، پداپور ۽ خاصائي شورا سترهين صدي جا مشهور شهر هوندا هئا.

2- نيرون ڪوٽ پرڳڻو

هن پرڳڻي ۾ مشهور ڳوٺ شورا ۽ شال هوندا هئا، شال ڪونڙيءَ جي ويجهو هو ۽ هن وقت سال سڏجي ٿو.

سيوهڻ سرڪار ـ ذو پرڳڻا

ڇهه ساڄي ڪپ تي، ٽي کاٻي ڪپ تي

ساڄو ڪپ

1- باغبان پرڳڻو

هن پرڳڻي ۾ رهندڙ قبيلا ملڪ، ڀنور، ابڙا، سميجا، جوڻيجا، ڀريا ۽ ٻکيجا (ٻکهيا) هئا جيڪي سيئي صلح پسند هئا ۽ ٻيا جيڪي سرڪش ۽ حڪومت جا باغي هئا، اهي ڪنڌڪوٽ، چني ۽ ٽيهن جي ڳوٺن ۾ رهندا هئا.

قلجي ۾ هڪ قلعو هو جو هاڻي موجود ناهي اهو ڪاچ جي ٻوڏن سبب نابود ٿي ويو. انهيءَ ساڳئي علائقي ۾ مها ڍنڍ (جيڪا هاڻي جا ڪپاري سڏجي ٿي) هوندي هئي جنهن ۾ مڇي جام هوندي هئي انهي مڇيءَ کي پرڪاين (ڀوپري) سڏيندا هئا.

ذات:

هن ڳوٺ ۾ خوجا رهندا هئا هاڻي منجهس جوڻيجا، قاضي، انصاري ۽ چنا رهندا آهن. مهيري

کاٻو ڪپ

1 جوڻيجن جو پرڳڻو

هي پرڳڻو سيوهڻ تعلقي ۾ ممڪن آهي ته دادو تعلقي جي سامهون سنڌو درياهه جي کاٻي ڪپ تي هو. انهي پرڳڻي ۾ رهندڙ قبيلا ڪوريجا، ڀنور ۽ شيخ هئا. جيڪي صلح پسند هئا ۽ سميجا ٻکيجا (ٻکهيا) حڪومت جا باغي هئا. اهي سڀ ٻوڙن ڌاڙهي، هرڻ ۽ روجهه جي شڪار ڪري مشهور هئي. هن پرڳڻي جون ناميار يون ڍنڍون ـ ويڃجهر، ڪاڏوهر (قاضي احمد ۽ سڪرلب جي وچ ۾) ۽ ريل هونديون هيون. چانڊڪا وانگر اهو به هڪ وڏو پرڳڻو هوندو هو. سمن جو مشهور ڳوٺ ٻاٻري جيڪو ڪڇيري جي پرسان هو تنهن کي ڀنورن ۽ ڪوريجن اجاڙي ڇڏيو هو. ڪڇيرو موري جي پرسان آهي.

درياھہ جي ساڄي ڪپ تي ھاٽ
جي پرسان ھڪ بندر ھوندو ھو.
باغبان ۾ پيا قبيلا ٻڪيجا، جوڻيجا،
ھريا، ڏل، ڪيہر، اوٺا، لاڪيار،
راڄپر ۽ ٻيھڻ ھوندا ھئا.

2- نيرون جو قلعو پرڳڻو

ھن ڪي اڳ ۾ واھري جياسي
سڏيندا ھئا. قلعي ۾ ھڪ ڪاريز
مان پاڻي ايندو ھو جنھن ڪي وري
چار شاخون (واھ) ھئا جن مان
ھٽ (تعلقي جوھي جي الھندي
ميدان) واريون زمينون آباد
ٿينديون ھيون.

اوائل ۾ نيرون ماڇين جو
ڳوٺ ھوندو ھو پر جڏھن انھن
ڏل ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ
بختياربيگ ترڪ ڪين ماري مچائي
ڀھنورن جي حوالي ڪيو ۽ مٿين
چٺني واھن تي ڀھنورن جا چار
سردار موسو، عيسو، داؤد ۽ جلال
آباد ٿيا. ليڪ ڪاريز باہت غلط
لڪيو آھي تہ انھيءَ مان چٺني
واھن ڪي پاڻي ملندو ھو. اھا
نئين ڪاج ھئڻ ڪھرجي ۽ چارئي
ڳوٺ جوھي ۽ سيوھڻ تعلقن جي
سرحد تي منڇر ڍنڍ جي پرسان

2- خطو پرڳڻو

ھي پرڳڻو ڏکڻ دادو ۽ اتر
سيوھڻ تعلقن جي سامھون ھو،
منجھس رھندڙ قبيلا ھالي پوٽا،
شيخ، سميجا ۽ سميجن جي اسل
جا پيا قبيلا ھريا، سميجا ٻڪيجا،
راھوجا، ڪوريجا، ترڪ، ڏيٿا،
پلي ۽ لاڪا ھئا. سميجن ڏاھرين
کان سواءِ اھي ميٺي صلح پسند
(ڍل پريندڙ) ھئا. پيا قبيلا لاڪا
۽ ھالي پوٽا ھئا.

ڪي مشھور ڳوٺ:

ميراڻ ڳوٺ جھانگيرآباد کان
پاو ٻھہ ميل پري ھو. جھانگيرآباد
لاڪاٽ پرڳڻي ۾ ھو جو درياھہ
جي ٻي پاسي سيوھڻ جي سامھون
ھو ۽ ٻجڙيءَ تي ڏيڙاڻ صايو،
وينجھڙو، ڪانڏي ۽ جانھري
وارا ڳوٺ ۽ وينجھڙي جو قلعو
ڍنڍ تي ميڙاڻ کان اٺ ڏھہ ميل
پري ھئا.

3- لاڪاٽ پرڳڻو

اھو پرڳڻو لڪي ۽ سن جي
سامھون سنڌو درياھہ جي ڪاھي
ڪپ تي ھو، مشھور ڳوٺ ڪجر
درياھہ جي ڪاھي ڪپ تي سن

هئڻ گهرجن. شمشيرخان اوزبڪ ليرون پرڳڻو باغبان پرڳڻي کان الڳ ڪري سيوهڻ پرڳڻي سان ڳنڍي ڇڏيو هو اهو پرڳڻو احمدبيگ جي ڏينهن ۾ ويران ٿي ويو.

3- ڳاها پرڳڻو

هن پرڳڻي جا مشهور ڳوٺ ڪنور ۽ ٻهڻ هئا منجهس آباد قبيلا ڀنور جيڪي حضرت محمد (صلعم) جن جي دائي حليما جا پونير آهن (هي چوٿين ستر هين صدي جي آهي جيڪا وقت سان گڏ ڦرندي رهي ٿي) ۽ ٻيا ڪوريجا، سميجا، ڪيجا سميجا ٿيٻا راهپوٽا، پٺان، سيد ۽ شيخ هئا. آبادي جو وڏو حصو ڀنورن ۽ سميجن جو هو. چانڊين جو قبيلو باغبان جو مشهور قبيلو هو جيڪو اولاهين نڪرين (جوهي تعلقي جي ڪاڇي) ڏانهن رهنه و هو سندن نسل جون شاخون ڳورا چانڊيا (اڇي چمڙي ۽ وارا) ۽ ڪارا چانڊيا (ڪاري چمڙي ۽ وارا) سڏجڻ ۾ تي آيون. اهي سرڪش هوندا هئا ۽ پٽ، اڪبرآباد کان وٺي ڳاهن جي پرڳڻن تائين ڌاڙا هڻندا هئا. سامٺيانٽي ڳوٺ يا جي سامهون هوندو هو ۽ درياهه کان منٽي سيل جي مفاصلي تي هو.

انهي زماني ۾ لاڪاٽ جا ٻيا ڳوٺ:

(1) ڏيڙان سوري تعلقي ۾ قاضي احمد جي مٿان ۽ سيوهڻ کان سورهن ميل پري هولدو هو جتي ڏاريجا رهندا هئا.

(2) مينجهارو سيوهڻ کان چوويهه ميل پري هوندو هو جتي منهيجا رهندا هئا.

3- ڪاڙڪ سيوهڻ ۽ هڪ ٻي ڳوٺ منهيجا کان ٽيويهن ميلن جي مفاصلي تي هولدو هو.

4- صايو يا سابو هتي راهوجن ۽ فيروزيجن جا قبيلا رهندا هئا اهو ڳوٺ هن وقت شايد صابو راهو آهي.

5- ٻرهيازي هي ڳوٺ سيوهڻ ۽ ٻين ڳوٺن راهوجن ۽ فيروزيجن کان اناويهه ميل پرتي هو.

6- لڪر نصرپور ۽ لاڪاٽ پرڳڻي جي دنگ تي هڪ ڳوٺ هوندو هو.

7- جهانگيرآباد ڪجر جي پرسان هڪ ڳوٺ هو جنهن ۾ مير ابوالبقا جو اڏايل قلعو هو.

ته باغبان جي پرڳڻي ۾ هو يا ڳاهن جي پرڳڻي ۾ جنهن جي سرحد باغبان پرڳڻي سان ملندي هئي.

4- ٻوبڪ پرڳڻو

هن علائقي ۾ خلجي (جيڪي مخدوم جعفر جا پونير آهن) سميجا دل، سميجا ٻڪيجا (ٻگهيا) خوجا (نو مسلم) پچا جيڪي پڻ سميجا هئا. ٻهنور ۽ هندو رهندا هئا.

5- سيوهڻ حويلي پرڳڻو

هن جي ڏاکڻين ٽڪرين ۾ لهمردي ۽ نوحاڻي بلوچ رهندا هئا. نوحاڻي بلوچ جابلو پيچرن ۾ لهمردين کي اک ۾ رکندا هئا.

ٿلٽي جو شهر ساڃي ڪپ تي آباد هو پر ڪهڙي سبب ڊويزن ۾ هو اهو پتو نٿو پوي. اهو ڳوٺ ڏاهري ڳوٺ جي سامهون هو جو وري خطي پرڳڻي ۾ شامل هو. ديهه ڳوٺ سيوهڻ پرڳڻي ۾ درياهه جي ڪپ تي هوندو هو جنهن ۾ هڪ قلعو به هو. ليڙهي جو ڳوٺ سيوهڻ جي ڀرسان هو ساڳيءَ ريت ليرون ڪوٽ (ڀرالو ٽالو منجهر) ۽ انهيءَ پاسي

لاڪاٽ پرڳڻي ۾ خاص ڪري هالي پوٽا، انڙ، سنيارا ۽ لاڪا قبيلا رهندا هئا. انڙن جي نسل جون ٻه گهٽيون شاخون هيون جيڪي راهو، ڏاهري ۽ سالد نالي سڏبيون هيون.

سنيارا نسل جون شاخون منهيجا، فيروزيجا، ڪيريا ۽ منگوانا هيون. هن پرڳڻي ۾ ڪافي ڍنڍون هيون ۽ شڪارگاهه به هوندا هئا. اها ايراضي اڀرندي ريگستان تائين ڦهليل هئي جو جيسلمير جي ڀٽن جي نالي سان سڃاتو ٿي ويو. سنڌ جي ريگستان وارو حصو سوڍن راجپوتن جي قبيلي جي قبضي ۾ هو، جيڪي گهڻو ڪري مغل گورنرن جي تابع نه هئا؛ جيڪڏهن تابع هئا ته رڳو نالي ماتر، ان حالت ۾ جڏهن ٺٽي جو گورنر وڏو طاقتور هوندو هو.

هو منڇر ڍنڍ تي سورهن ڳوٺ آباد هئا. الهي ڍنڍ مان ٻيهه، ڪمُ، لوڙهه، ٻچي، تڏن جو ڪاهه ڏير ۽ پيو ڪاهه ٻن جنهن جي سنگن مان ٻوري ٺاهيندا هئا کير (شايد لوڻ) گهوڙن جو ڪاهه، ٻوٻري ٻچي، آڙين وغيره جي پيداوار ٿيندي هئي. هن پرڳڻي جون مشهور ٽڪريون نندي جبل ٽالي سڏبيون هيون.

6- سن پرڳڻو

هن سب ڊويزن ۾ وسندڙ قبيلا سيد، لاکا ۽ ڪوريجا هئا. جيڪي سڀئي صلح پسند هئا ۽ مانجهند، ڪماڻ، ڇڇر ۽ ڳاهيجا مؤثي ٻاغي قبيلا هئا. سيدن جا ڳوٺ سن، آمري، ۽ ٿتي ولي محمد هئا. الهن سڀن شاه حسن ارغون جي خلاف همايون بادشاهه جي مدد ڪئي هئي.

ٿتي ولي محمد، آمري جي ريلوي اسٽيشن کان اوپر طرف ڏيڍ ميل پرتي آهي.

سميجن ۽ جابلو قبيلن آمري ۽ ٿتي کي لٽي ڦري خالي ڪري ڇڏيو هو.

ٻيا مشهور ڳوٺ، ارڊ ٻيلا ۽ جيسر وٽ هئا جيڪي ترتيب وار لاکن ۽ ڪوريجن تباهه ڪري ڇڏيا. لهمردي الهنڊي وارين ٽڪرين ۾ رهندا هئا. سندن ڳوٺ ڪاليو جبل، هارون، چول ۽ لاشاري ٽڪرين ۾ هوندا هئا. ٻيا قبيلا دل دماوتي ۾ ۽ شال يا سال ڪوٽڙي جي پرسان رهندا هئا اهي اصل باغيان ٻرگٽي جا هئا.

ب ـ جاگرافيائي ڏسٽي

1- اگهم: چاچڪان پرڳڻي جو هي شهر سترهين صدي ۾ اگهامائي سڏبو هو. اهو شهر ستين صدي عيسوي ۾ راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي زماني ۾ بہ موجود هو. هي حيدرآباد جي ڏکڻ ۾، اٽڪل ويهہ ميل پري ماتلي تعلقي ۾ آهي جتي هاڻي ٿوري آبادي رهي ٿي، ان کي اڄ بہ اگهامائي سڏين ٿا. شاه بيگ ارغون 930هه (.......ع) ۾ هتي نوت ڏيو هو. مير علي شير قانع جي لکت موجب اهو شهر ارڙهين صديءَ تائين بہ موجود هو هن وقت هڪ ننڍي ڳوٺ جي صورت ۾ آهي (1).

2- اروڙ يا الور: سنڌ جي گاديءَ جو اڳوڻو هنڌ جو گهڻو ڪري موسيڪنس (Musicanus) جي گاديءَ جو ماڳ پڻ هو جنهن کي سڪندر اعظم 325 ق.م. ڌاري شڪست ڏني هئي ۽ هن شهر تي قبضو ڪيو هئائين. ان وقت کان شهر جي چوڌاري هڪ قلعو هو پر شاه بيگ ارغون 1524ع ۾ بکر جي لئين قلعي اڏائڻ لاءِ اهو پراڻو قلعو ڊهرائي ڇڏيو. هي قديمي شهر اڄڪلهہ ننڍي واهڻ جي حالت ۾ موجود آهي. منجهس مغلن جي جوڙايل مسجد بہ ڏٺي وڃي ٿي. پالئجي ٿو تہ هي شهر ٻارهين صدي ڌاري درياهہ جي وهڪري بہ لاڻڻ ڪري ڦٽي ويو هو. اهو شهر روهڙيءَ کان پنج ميل پرتي ڏکڻ کان ڏکڻ-اوير ٻاسي ٽيهين درجن جي ڪنڊ تي آهي. سترهين صدي ۾ ان کي بکر صوبي جو هڪ پرڳڻو ليکيو ٿي ويو (2).

(1) فرشتہ (بمبئي 1832) جلد ٻيو ص 621، طبقات اڪبري جلد ٽيون ص 250، معصومي ص 126-127، چچ ناموں ص 156.

(2) متن ص 195 ۽ ص 5، طاهري ص 25-26 ۽ ص 84، معصومي ص 8-9-10-15-16-17-18-20-21-23-24-27-29-69-124-132-

(باقي حاشيہ ص 26 تي)

3- انون پيلو: هي پيلو سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو هن ۾ سرمي ۽ ثامي جون ڪاٺيون هوندي يون هيون.

4- آمرڪوٽ: تاريخ طاهري ۾ اهو نالو امرڪوٽ ڄاڻايل آهي ۽ مظهر شاهجهاني ۾ اهو نالو ڪوٽ ٿو ملي ترخان نامي ۾ اهو عمرڪوٽ لکيل آهي ساڳيءَ ريت معصومي ۾ عمرڪوٽ لکيو آهي. جيئن ته هن مسودي جو مواد پوري دور سان واسطو رکي ٿو تنهنڪري ڪا شڪ ناهي ته پراڻن متنن ۾ اهو لفظ 'ع' سان اچاريل آهي يا 'الف' سان.؟

5- آراضي: ڀنورن جو هي ڳوٺ اڪبرآباد جي پرسان نيرون ڪوٽ پرڳڻي ۾ هو.

6- آبڙيچا: هي ڳوٺ هالا ڪنڊيءَ جي پرسان هو ۽ اڃا تائين هالن لڳ موجود آهي.

7- آرد ٻيل: سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو، پر اڄڪلهه موجود ناهي.

8- آراڙي: ڳاهن واري پرڳڻي ۾ سيوهڻ کان پنڌرهن ميل ۽ جبلن کان ڇاويهه ميل ٻرتي هڪ وستي هوندي هئي.

9- عزيزاڻي: سيوهڻ کان ٽيهه ميل ۽ جبلن کان سورهن ميل ٻرتي هڪ ڳوٺ هو.

10- آمري: احمد بيگ هتي هڪ قلعو اڏايو هو. اهو ڳوٺ ليڪ جي زماني ۾ ڦٽي ويو هو.

11- ٻوبڪ: هي شهر اڃا سوڌو موجود آهي. هيناهين هنڌ هنڌ ڪري هرسال ٻوڏ ۾ اچي ٿي ويو جنهنڪري ماڻهو پنهنجي

263-242. طاهري جو اهو چوڻ ته درياهه جو پيٽ سيف الملوڪ جي ڪاني ڪرامت سان رخ مٽائي ويو هو، نهايت عجيب پيو لڳي. درياهه پيٽ اهيءَ ڪري مٽايو جو بکر جي اندرئين ڀاڱي (Gorge) ۾ وجي پيو هو: سوپراج نرملداس H.S-16 جلد اٺون ڀاڱو ٻهريون ۽ پيو ص 1 ۽ ص 5.

چوپائي مال سميت جبلن ڏانهن لڏي ويندا هئا. انهيءَ لڏ پلاڻ ۾ هڪ ڀيري لوماڻيا ڪانئن سادا چار هزار چوپايو مال ڦري ويا هئا. انگريزن جڏهن منچر ڍنڍ تي بند ٻڌرايو تڏهن شهر کي ٻوڏ کان بچاءُ ٿيو.

12- باغبان: اجا تائين ڏسجي پيو ان لاءِ لکيل آهي ته هي سيوهڻ کان چوٽيتاليهه ميل پري هو، حقيقت ۾ اهو فاصلو چوٽيهه ميل هئڻ گهرجي.

بوبڪ پرڳڻي جون زمينون: درياهه جي آڙل تي آباد ٿينديون هيون؛ چاڪاڻ ته بوبڪ جو پرڳڻو درياهه سان دنگئي هو. هتي هر سال ٻوڏ اچڻ ڪري ماڻهو پنهنجو چوپايو مال ڪاهي الهندي پاسي جبلن ڏانهن هليا ويندا هئا.

13- باجارا: سيوهڻ پرڳڻي جي اولاهين حصي ۾ سيوهڻ ۽ جبلن کان پارهن ميل پرتي هڪ ڳوٺ انهيءَ نالي سان آباد هو.

14- ڀيڙو: سيوهڻ شهر جي اتر، سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو.

15- پيلي شيخ سمون: درياهه جي ڪاهي ڪپ تي پر سيوهڻ پرڳڻي ۾ هولدي هئي.

16- داديجي واهه: لاڙ ڳوٺ جي پرسان بوبڪ پرڳڻي ۾ هڪ وستي هئي.

17- نارنگ: قلعي جي صورت ۾ شايد بوبڪ پرڳڻي ۾ هو ان ڏانهن نار کان رستو ڦٽي وبو.

18- دولت آباد: شايد سنڌو درياهه جي ڪاهي ڪپ تي پر سيوهڻ پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

19- ديهه ڳوٺ: سنڌو دريا جي ڪاهي ڪپ تي پر سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو.

20- ڪرنگ: دريبلي پرڳڻي ۾، دريبلي شهر جي اتر ۾ هو شايد ڪوڙنگ نالو هجيس.

جيسلمير جون پٽون: نواب شاهه ۽ سانگهڙ ضلعن جي اوڀر واري ريگستان کي جيسلمير جون پٽون سڏيو ويندو هو، ڏکڻ ۾ وري اهو ريگستان عمرڪوٽ جي پٽن نالي مشهور هو.

21- جسروٽ: اهو ڳوٺ سيوهڻ پرڳڻي ۾ هوندو هو. هن وقت موجود ناهي.

22- جهانگارا: سيوهڻ پرڳڻي جي الهندي پاسي ۾ سيوهڻ کان ڇهه ميل ۽ جبلن کان ڏهه ميل پرتي هوندو هو هن وقت سيوهڻ جي اولهه ۾ ڏهه ميل کن پرتي آهي.

23- جنداڻي: نصرپور کان ڏهه ٻارهن ميل پرتي هڪ ڳوٺ هوندو هو اهو ڳوٺ ارڙهين صديءَ ۾ ٻڏي ويل ٿو ڏسجي.

24- جونيجا: خطي پرڳڻي ۾ درياهه جي ڪاهي ڪپ تي سيوهڻ کان ٽيهن ميلن تي هڪ ڳوٺ هوندو هو.

25- جهيجا يا ٻوهري جهيجا: انهن جو ڳوٺ نصرپور پرڳڻي ۾ هوندو هو جنهن کي اڄڪلهه اڏيرو لال سڏيو وڃي ٿو. ٻوهري ۾ هن وقت ٻوهريون مشهور آهن جو اڏيري لال جي پرسان پيو ٻڌجي. هتي جاني بيگ هڪ قلعو اڏايو هو. هي اهو ئي هنڌ آهي جتي اڪبر بادشاهه جي فوجن خان خانان ۽ خان زمان (شاه قاسم خان مرزا جاني بيگ جي سپهه سالار) جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي(1).

26- ڪڇي: سيوهڻ کان نارنگ ڏانهن ويندڙ رستي تي سيوهڻ کان ڏهه ميل پري سيوهڻ ۽ نار جي وچ تي ليرون ڪوٽ پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.

27- ڪاڪي جو ڳوٺ: سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ تي سيوهڻ شهر جي پرسان ۽ سيوهڻ پرڳڻي ۾ هڪ پٽڻ هو جنهن ۾ هڪ ننڍو قلعو به بيان ڪيو وڃي ٿو.

(1) بيگلار نامه ص 232، طاهري ص 180، معصومي ص 252.

28- ڪاليو جبل: سيوهڻ پرڳڻي ۾ ڪارچٽ (ڪارچٽ) جي پرسان هولدو هو.

29- ڪروتي: ڳاهن جي پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ جنهن جو هينئر ڪو نالو نشان ڪونه آهي.

30- ڪائي ۽ لينگ جا چشما: جبلن ۾ سيوهڻ کان اٺاويهه ميل پري هئا ۽ هاڻ بہ موجود آهن ۽ پہ ميل ڪن پرتي ٿيندا. سره ۽ گنبذ اڇا سوڏا جابلو چشمن تي موجود آهن. لوحاڻي بلوچ ان وقت کان وٺي ان پاسي رهندا اچن ٿا. اڄ بہ ٻير ۽ ڄموڻ جا وڻ اتي موجود آهن.

31- ڪجي: هي ڳوٺ سيوهڻ پرڳڻي جي اولهہ ۾ سيوهڻ شهر ۽ جبلن کان ڏهہ ميل پري الهيءَ نالي سان مشهور هو.

32- ڪاهي ماجوبي: سيوهڻ کان چار ميل اولهہ تي ۽ لڪي جبلن جي قطار کان ٻہ ميل پري سيوهڻ ۽ پکي ٽوڙهي جي وچ ۾ پراڻي لڪي، سيوهڻ روڊ تي هڪ ڳوٺ هو. ممڪن آهي جتان پراڻو رستو درياهہ کان پار ٿي جبلن ۾ وڃي پوي ٿو، سو اهو ئي هنڌ هجي. هي ڳوٺ سمن تباهہ ڪري ڇڏيو هو پر وري سيد جلال ان کي ٻئين سر آباد ڪيو ۽ شمس ڪمال پور نالو رکيائين. هينئر ان ڳوٺ جو نالو نشان ڪونهي.

33- ڪپڙوت: سيوهڻ پرڳڻي ۾ سيوهڻ شهر جي اتر ۾ هو.

34- لاڪات: هن نالي هڪ ڳوٺ لاڪات پرڳڻي ۾ درياهہ جي ڪاهي ڪپ تي هولدو هو جتي شير خواجا هڪ قلعو جوڙايو هو اهو ڳوٺ سيوهڻ کان سورهن ميل پرتي ۽ تلٽيءَ کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي هو. انهيءَ نالي واري ديهہ اڄ بہ موجود آهي.

35- لنجار: سنڌو درياهہ جي ڪاهي ڪپ تي پر سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو.

36- لڪي: هي ڳوٺ اڳ آباد هو پوءِ ويران ٿي ويو. هتي پاڻيءَ جا چشما هئا جتي هندو زالين مردين اگهاڙا ٿي وهنجندا هئا. مرزا جاني بيگ سنڌ ن اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ هتي هڪ حجرو ٺهرايو هو جنهن ۾ ٽي ڄڻا ويهي اهو نظارو ڪري ٿي سگهيا. هن وقت الهيءَ هنڌ تي هڪ مسجد آهي. چون ٿا ته جبلن ۾ ڇهه ميل پري حضرت هارون نبيءَ جي قبر هئي پر ان جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. اهو ڳوٺ هن پرڳڻي ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو.

37- منڌيجي: سيوهڻ کان ٻ ميل پري جبلن ۾ هڪ لنگهه هو.

38- مهري: اڄڪلهه الهيءَ شهر جي ڪا خبر لڳي پوي اهو سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو.

39- مها ڊنڊ: گهڻو ڪري اها جاکپاري ڊنڊ هئي جنهن مان مارئي ناليءَ هڪ واهه نڪري مارئي ڍيهه ڏانهن ٿي ويو. اهي دادو تعلقي ۾ ابراهيم ڪچي ۽ پياري ڳوٺ ريلوي اسٽيشن جي وچ تي آهن. مارئي هڪ ميل جي فاصلي تي آهي، جاکپاري مارئيءَ کان ٽي ميل پرتي ٿيندي. اهي مڙئي پاغبان پرڳڻي ۾ هئا.

سترهين صدي ۾ مغل گورنر هر سال منڇر ڊنڊ جي مڇي جو نيلام ڪندا هئا. اهو رواج اڄ سوڌو هلندو پيو اچي.

40- منڇر ڊنڊ: سترهين صدي ۾ ڪبڙوٽ، سنڪپور ۽ پرنن جي وچ تي هوندي هئي. ان جي پکيڙ سٽس بند ٻڌجڻ کان اڳ وڏي هوندي هئي.

41- نوحاڻي بلوچ: بوبڪ پرڳڻي ۾ سيوهڻ کان آٺاويهه ميل پري اولهه تي ٻن چشمن ڪائي ۽ ليٿگ تي رهندا هئا جيڪي اڄ به موجود آهن. الهيءَ هنڌ اڄا تائين پپر ۽ ڄمون جا وڻ بيٺل آهن.

42- لار: بوبڪ پرڳڻي ۾ پير گاج جي پرسان قلعي جي ڪهيري ۾ هڪ ڳوٺ هو. قلعي جي پيت ٺهميرخان چوڙائي هئي. اهو ڳوٺ

جبلن جي هنج ۾ ڪاج جي ڪپ تي سيوهڻ ڪان چوڏهن ميل پرتي هو.

43- ايرون قلعو ۽ ٻرڳٽو: قلعو سيوهڻ ڪان پنجاهه ميل پري سڌو جبلن ۾ هو جبلن جي ٻچاڙيءَ ڪان ٻرڳٽو شروع ٿئي ٿيو جنهن ۾ منڇر ڍنڍ اچي ٿي وڃي ۽ سيوهڻ ڪان ٻه ميل پري پرڳٽو پورو ٿيو ٿي. اهو ٻرڳٽو ڳاهن جي ٻرڳٽي پوٻڪ ۽ سيوهڻ حويلي جي ٻرڳٽن ۾ گهيريل هو. انهي زماني ۾ اهو ٻرڳٽو ٻهنورن سان آباد هو.

44- ڪاهي ۽ لڪيگ: هي چشما سيوهڻ ڪان آٺاويهه ميل پري جبلن ۾ هئا جيڪي اڄ به موجود آهن. اهي هڪ ٻي ڪان ٻن ميلن جي وٿيءَ تي ٿيندا. جبلن جي چشمن تي اچا تائين سرهه ۽ گڊ جو شڪار ٿيندو رهي ٿو، اهي ٻرڳٽا پوٻڪ ٻرڳٽي ۾ هوندا هئا.

45- نار ڪوٽ: سيوهڻ ڪان سورهن ميلن تي ۽ جبلن ڪان اٺ ميل پري هولدو هو، اهو ڪوٽ گدرن جي ڪري مشهور هو. هتي پاڻي چار ميل پري ڪان جبلن سنجهان ايندو هو جنهن تي پنجويهه ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي. آري شيهاڻي جو قبو الهيءَ ڪوٽ ڪان هڪ ميل جي پنڌ تي آهي. اهو ڪوٽ لٽن ناري پوري ۽ لڪيگ جي پرسان هوندو هو. ٿيئي ليون نار جي زمين ۾ چوڙ ڪنديون هيون، جن ۾ لٽن ڪاج جو پاڻي به اچي پولدو هو اهو ڪوٽ ليرون ٻرڳٽي ۾ هو.

46- ايهه بدرا (لٽن بدرا): سترهين صديءَ ۾ هي ڪوٽ بکر صوبي ۾ لٽن جي پرسان هوندو هو پر هاڻ ان جو ڪو نالو نشان ڪونهي. اهو ڪوٽ پڪ سان پڏي ويل ٿو ڏسجي. پوڏ جي زماني ۾ پٽ يا ڪچي زمين جي ايراضيءَ ۾ سترهين صدي وانگي اڄ به گدرا جام ٿيندا آهن اهي گدرا اڪبر بادشاهه ڏانهن به آماڻيا ويندا هئا، جو انهن جو ڏاڍو شوقين هولدو هو.

47- ٻوٺو: ڀنورن جو ڳوٺ جهڪو ليرون ڪوٽ پرڳڻي ۾ اڪبرآباد جي ڀرسان آباد هو.

48- پير توفن جي مزار: سترهين صدي ۾ سيوهڻ کان ٻاهر ٻاجارن جي ڀرسان هڪ مشهور جاءِ هئي.

49- هڪ قلعو: ڦلجي تعلقي جوهي ۾ هوندو هو، جو محمود بارڪائي ارغون جوڙايو هو ان وقت کان اهو باغبان پرڳڻي ۾ هو.

50- ٻاهڻي ڪوٽ: سيوهڻ کان چوبهه ميل ۽ جبلن کان سورهن ميل ٻري ٻوبڪ پرڳڻي ۾ هوندو هو.

سنڌو يا انڊس: اڄڪلهه اسان هن کي سنڌو ندي يا انڊس سڏيون ٿا جنهن جون پنج پرتي ڪنڌڙ لڏيون آهن ۽ سترهين صدي ۾ هن کي ست درياهو سڏيو هو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو نالو مکيه درياهه تي پنجاب جي پنجن لڏين جي ملاپ کان پوءِ پيو. مکيه درياهه کي انهي زماني ۾ به مختلف نالن سان سڏيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ ست درياهو نالو وڌيڪ موزون لڳي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪابل ندي به سنڌو ندي جي پرتي ڪنڌڙ لڏين سان هئي پر ڪيس اها اهميت نه ڏني وئي آهي انهن ستن درياهن کان مراد ڪابل، جهلم، چناب، راوي، بياس، ستلج ۽ خود سنڌو ندي آهن. جيڪي هيٺئين سنڌوءَ کي پرتي ڪنڌڙ آهن.

سترهين صدي ۾ سنڌو ندي جو پيٽ سڌو سيوهڻ جي قلعي ڏاڪهن اتر ڏکڻ جي سيڌائيءَ ۾ هو. قلعي جي ڀرسان پڳي لوڙهي جبل ٻاسي ڏکڻ اوپر ڏاڪهن هڪ سوڙهو موڙ هو. راورٽي ۽ لشمبرڪ جي چوڻ پٽاندر درياهه جو پيٽ سيوهڻ کان اوپر طرف پنج ست ميل پرتي هو، غلط آهي.

51- سيت پور ناهران: درياهه جي ساڄي ڪپ تي شايد ديري غازي خان ضلعي ۾ هڪ شهر هو جتي درياهه تي پتڻ به هو. سترهين صديءَ ۾ سکر به آباد هو پر بکر ۽ روهڙي جيتري مشهوري نه

ملي هيس، سکر جي پرسان سنڌو لڏي؛ جون ٻه شاخون هيون، سکر واري ٻاسي ڏانهن جنهن ۾ سياري جو پاڻي لهي وينده و هو پالي؛ جي سطح فقط هڪ ٻه فوٽ وچي رهندي هئي. گذريل ٽي سؤ پنجاهه ورهين جي عرصي ۾ درياهه جي پٽ گاڏ جي ڪري چڱو ويڪرو ٿي ويو آهي.

52- سيڪڙجي: ڦيرون پرڳڻي ۾ هيسي ٺهنور جو ڳوٺ هو جتي ٽي سؤ گهوڙي سوار ۽ ٽي هزار پيادا سپاهي رهندا هئا.

53- صفه صفا: سترهين صدي ۾ بکر سرڪار جي روهڙي شهر ۾ هو جو 'ستين جي آستان' نالي مشهور آهي ان جو احوال ڪزنس Antiquinties of Sind ۾ ڏنو آهي. هتي مير ابوالقاسم لمڪين جي گهرائي جون قبرون موجود آهن.

54- شاهه ڳڙهه: لصرپور پرڳڻي ۾ قلعي وارو شهر هو، جنهن جو ذڪر بيگلار نامي ۾ ملي ٿو. هتي ابوالقاسم جو هيڊ ڪوارٽر هو، جنهن تي 1591ع ڌاري خان خانان جي فوجن چڙهائي دوران گهيرو ڪيو هو. سنڌ ۾ ان ڪي آبل جو ڪوٽ سڏيندا آهن. هي؛ نصرپور کان ست ميل پرتي اوپر ٻاسي آهي. ان جي پرسان لوهاري نالي هڪ ننڍو قلعو پڻ جي ٿو.(1)

55- ساڪ پيلو: سترهين صدي ۾ بکر کان هڪ ميل پري اولهه ڏکڻ ڏانهن پندرهن درجن تي هڪ ننڍو ٻيٽ هو، اوپر ۾ زلدهه پير، ڏکڻ ۾ روهڙي، اولهه ۾ سکر ۽ ڏکڻ اوپر ڏکڻ ۾ بکر جي ڏکڻ ۾ ٽيهن درجن تي اروڙ جو شهر هو.

ساڌ پيلو ٻيٽ جي صورت ۾ اڃ به موجود آهي. ٻيٽ جو ڪجهه حصو جنهن جو گهيرو هڪ ميل هو، پوڏ جي ڏينهن ۾ درياهه اندر اچي ٿي ويو، ان ڪري ڪٽريون ٻڙيون ٻيٽ سان لڳي تباهه

(1) بيگلار نامه ص 227-237. طاهري ص 19-40-95. ترخان نامه ص 77. معصومي ص 237.

ٿي وهنديون هيون. مير معصوم درياهه جو اهو حصو پٿرن سان پرائي مٽانس سائو قبو جوڙايو ۽ مٿا سر لالو رکيائينس.

ليڪ ساڌ ٻيلي جي مندر جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي جو هندن جو ڌرمي استان آهي، پر اتي وڃڻ جو ذڪر ڪيو اٿس. ممڪن آهي ته ساڌ ٻيلو هندن جي عقيدي پٽاندر پاڻيءَ جو ڪو ديوتا هجي. هن وقت ساڌ ٻيلي جو گهيرو ميل کان ٻه گهٽ ٿيندو. ٿي سگهي ٿو ته مير معصوم سائي گنبذ وارو مندر هندن لاءِ جوڙايو هجي.

ساڌ ٻيلي جي سامهون ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پاڻي جي جهاز جي شڪل تي هڪ مسجد هئي، جنهن مان هڪ ڏاڪڻ درياهه تائين ٿي ويئي، جتي نمازي وضو ساريندا هئا. سکر ۽ روهڙيءَ جا ماڻهو عيد جي موقعي تي انهيءَ هنڌ ايندا هئا. ممڪن آهي اها مسجد منزل گاهه جي ايراضي هجي، جا پوءِ 1939ع ۾ هندو-مسلم فساد جو ڪارڻ بڻي.

سن جو شهر: پندرهين صديءَ کان آباد آهي. هن جا ڪي حصا وقت بوقت ٻوڏن جي ڪري درياهه هيٺ اچي ٿي ويا، ته به شهر جو مکيه هنڌ سانگيو آهي. اتي ولي محمد اڄ به موجود آهي، پر درياهه جي ٻي ڪپ تي ۽ هاڻي قاضي احمد کان پوءِ ان جي ريلوي اسٽيشن به آهي. 1044هه (1634ع) ۾ احمد بيگ سن جي چوڌاري هڪ قلعو ٺهرايو هو.

57- سواهه (سوراهه) واهه: نيرون ڪوٽ پرڳڻي ۾ جبلن جو پاڻي ڍنڍ ڏانهن موڙڻ لاءِ جام نظام الدين پنهنجي هندو وزير چاڳلا کي دريا خان سان اهو واهه کوٽائڻ لاءِ موڪليو هو، اهو پاڻي آبادي لاءِ ڪتب اچڻ لڳو. منڇر جو اترين پاسو ڳاهن جي قبيلي جا ماڻهو آباد ڪندا هئا، ڏاکڻو پاسو وري بوبڪ وارن آباد ٿي ڪيو اهو واهه سيوهڻ کان اٺيهه ميل ۽ جبلن کان پنڌهه ميل پري بوبڪ پرڳڻي ۾ هو.

58- سيوهڻ: سترهين صدي ۾ سيوهڻ کي قلعو هو جو تمام ڀراڻو ڇيو وڃي ٿو. اهو قلعو بچاءَ لاءِ سوزون نـ هو، الڪري ديندار خان سيوهڻ ۾ ٻيو قلعو جوڙايو.

59- سانڪپور: هيءَ ڳوٺ سيوهڻ پرڳڻي ۾ سيوهڻ کان اتر ۾ هو.

60- سن: سيوهڻ کان اٺيهه ميل (حقيقت ۾ هاڻي چوٽيهه ميل) ۽ جبلن کان چوڏهن ميل (ذري گهٽ صحيح) ڀرتي هو.

61- سيد جو ڳوٺ: سندو درياهه جي ڪاهي ڪپ تي سيوهڻ پرڳڻي ۾ هو.

62- شاهه اويس قرني جي قبر: سن پرڳڻي ۾ سن کان پندرهن ميل پري هئي، (اها ٽي ميل پري مالجهند جي ويجهو آهي).

63- ٿٽي: سيوهڻ کان ويهه ميل ۽ جبلن کان چوٽيتاليهه ميل پري بوبڪ پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو ۽ هاڻي ديهه آهي. ساڳي نالي واري آبادي آمري جي پرسان بہ آهي، جا آمري کان ٽي ميل اتر اولهه ۾ ڏسائي ٿي. پراڻين قبرن ۽ دڙن مان پتو پوي ٿو تہ اتي ڪنهن وقت ۾ ڪو وڏو شهر هو ۽ اهو سن پرڳڻي ۾ هو.

64- ٿٽي ولي محمد: ساڳي پرڳڻي ۾ دڙن جي صورت ۾ هئي، هاڻ جيڪا آبادي آهي، اها ٿٽي سڏجي ٿي ۽ آمري جي پرسان آهي.

65- ٽيڙهي (تيرهي): سيوهڻ کان ڇهہ ميل ۽ لال باغ کان اڌ ميل جي فاصلي تي نارنگ طرف ۽ بوبڪ جي پرسان هڪ ڳوٺ هو. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ڳوٺ بہ هاڻوڪي اڙل واهہ تي بوبڪ پاسي هوندو، هتي احمد بيگ هڪ قلعو جوڙايو هو.

عمرڪوٽ: ڏسو 'امرڪوٽ'.

66- اڙل: سيوهڻ کان ٽيهہ ميل ۽ جبلن کان سورهن ميل ڀرتي بوبڪ پرڳڻي ۾ هو، اهو لس ٻيلي ضلعي وارو اڙل نـ سمجهڻ گهرجي.

67- وينجهار: سنَ جي سامهون درياهه جي هن ڪپ تي هوندو هو، جيئن هينئر آهي اهو ڳوٺ سن پرڳڻي ۾ هو.

68- يڪ ٽيي: مشهور غار جو هاڻ به موجود آهي، اهو سترهين صدي ۾ به موجود هو، ۽ حضرت علي جو نظرگاهه سڏيو ٿي ويو. پر اها روايت تاريخي بنياد موجب ناهي. جبل جي چوٽيءَ تي ميرابوالقاسم چئن ٿنين وارو هڪ ٺلهو جوڙايو هو. جنهن تي صفر وفا نالو رکيو هئائين، اهو ٺلهو اڄ به موجود آهي ۽ چؤٿنهي سڏجي ٿو. هي سيوهڻ جي ڏکڻ ۾ انڪل ٻه ميل ريلوي لائين جي اولهه ۾ آهي.

انهن شهرن کان سواءِ سترهين صدي جي ٻن-چئن تاريخن(1) مان پتو پوي ٿو ته ان وقت هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ به موجود هئا جهڙوڪ:

جهم پير، ريل، ڪلان ڪوٽ يا تغلق آباد، ٻنورو، (مير پور)، ٻريالو، گمبد، (گمبٽ)، ڪينجهر ڊنڊ، لڊڪاٺو (لاڙڪاڻو)، سنڌڙي، لاهري بندر، جوڻ، فتح باغ، پيرآر يا پير پٺو، رحمن يا راهومه (رحمڪي بازار يا رامڪي) شاهه ڳڙهه (ابل جو ڪوٽ) مڪليءَ جو قبرستان، منهوڙي جو شهر، ونڪو، اگهاماڻي (اگهم ڪوٽ)، انڙ پور، پياپور، ٽرڙي، پيرلوه، ڪڄو، جهرڪ، ڏيپارچا ۽ هنگورا (اڏيري لال لڳ) وغيره. اهي سڀئي شهر هن وقت به موجود آهن. انهن کان سواءِ پيا ڪيترا شهر ۽ ڳوٺ جن جو هن وقت وجود نه آهي يا رڳو چند کهرن جي صورت ۾ موجود هجن.

---

(1) بيگلار نامو، ترخان نامو، طاهري ۽ معصومي.

نوٽ:

"حديقة الاولياء" تاليف 1016ھ تي لکيل جناب پير حسام الدين راشدي جي مقدمي ۽ اصل متن جو مطالعو ڪندي مظهر شاهجهاني ۾ آيل ڪن ڳوٺن ۽ پرڳڻن جي نالن ڪان سواءِ ڪي پيا نالا به مليا آهن، جيڪي وڌيڪ معلومات لاءِ هتي درج ڪجن ٿا.

— مترجم

1- جالهري (جالڙو): ڪطي پرڳڻي جي هڪ وستي جا لاڪات پرڳڻي جي ڳوٺ سکپور (سانڪپور) جي پاسي مبارڪ واهه تي آباد هئي.

2- ڪبير: هالا ڪندي جي هڪ ديهه هئي.

3- پيڏيو: چاڪر هالي جي هڪ ديهه هئي.

4- چکيجي: دڪي پرڳڻي ۾ امام واهه جي ديهه هئي.

5- علي پور: چاچڪان جي هڪ ديهه جنهن ۾ مسجد چاڪر هئي، هتي اولياء اچي رهندا هئا.

6- ٽري: روپاهه پرڳڻي جي هڪ ديهه هئي.

7- ڪيبرائي: چاڪر هالي جي هڪ ديهه هئي.

8- ٻلڙي: بهرام پور جي ديهه هئي.

9- فتح پور: دڪي پرڳڻي جي هڪ ديهه هئي.

10- هنگورا: چاڪر هالي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

11- ڪاتيار: چاڪر هالي جي هڪ ديهه هئي، جا پهريان سماواتي پرڳڻي ۾ ليکي ٿي ويئي.

12- راهو: دڪي پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

13- تلهار: چاچڪان جو هڪ شهر هو:

14- لارو: سيتا پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.

15- وهيرو: نڪر پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.

16- ريل: سيوهڻ جي پسگردائي ۾ هڪ وسندي هئي.

17- سڪرياڙي: نڪر پرڳڻي ۾ هئي.

18- رفيعان: خطي پرڳڻي جو هيءُ ڳوٺ اوائل ۾ رسولپور سڏبو هو.

19- ڪنڊيارو: ٻکر کان سٺ ميلن جي پنڌ تي درٻيلي پرڳڻي ۾ هو.

20- ٻوڙو: ٻدين پرڳڻي ۾ ٻدين شهر کان ٻيل ڪن پرتي هڪ ڳوٺ هو.

21- ونگو چاچڪان سرڪار جو هڪ ڳوٺ هو.●

22- تورڪي سالگري درياهه جي ڪپ تي هڪ وستي هئي.

23- ساڪر (شايد ساڪرو) لاڙ پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.

24- برهمڻ آباد نڪر پرڳڻي جو هڪ شهر هو.

25- موريائي نڪر پرڳڻي جي هڪ وستي هئي.

ساڳئي ڪتاب ۾ هيٺين ڳوٺن، شهرن ۽ ٻين ماڳن جا نالا به ملن ٿا:

ٻير پنو، ساموئي، روهڙي، ٻکر، ٻکر جو قلعو، باغبان، عالا ڪنڊي، پاٽوٽ، نيرون ڪوٽ، انڙپور، لڪي جبل، هزارو ڳوٺ، اڪهڙ، ساگرو (درياهه) پراڻ (درياهه) آباوڙو، ولهار، رين (درياهه)

● ونگو- چچنامي هن کي وچروٽ لکيو آهي جو صحيح ناهي، اهو وچروٽ اڄ به ننڍن ڪوٽ کان سيئيءَ ڏانهن ويندڙ گس تي ڪلوئي جي پرسان موجود آهي. سالگرو- فارسي ۾ ساڪره آهي، ان کي ساڪرو نه سمجهڻ کپي جيئن چچنامي لکيو آهي.

اهڙيءَ ريت جهر پراڻي ساگري جي ڪپ تي ٽنڊي الهيار تعلقي ۾ ڪرهل جي پرسان هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ موجود آهي اهو جهر، جهمپير ٿي نٿو سگهي ۽ وڏا واهه يا داداهه (ٻدين پاسي) اصل ۾ ڏاڏاهه آهي.

آمري، ڊوري هنگورو، نصرپور، مڪاي، چاچڪ، ڪنجو ٽڪر، ٻنپور
۽ ڪي ٻگڙهل ٽالا جهڙوڪ: ڪند ڪلائي، ڪندي آٻاره، ڪلهان
(ڪله) آٻاره ديڪ، راٺدن، ديده، حلج ۽ لُهه (شايد لاهيو) ڪوٽ.
جنڊائي ڊيرو، مير جنڊائي ولد شاهه قاسم خان زمان جو ڪوٽ نصرپور
ڪان ٻنجن-ڇهن ميلن جي فاصلي تي هو.

—(مثنوي چنيسر نامه تاليف 1010هه)

درستي

صفحو	غلط	صحيح
107	راڄڌاليون	سرڪاريون
128	ڪجهوڙو	کهوڙو
206	سالڪڙو	ساڳرو
207	سيدڳر	سعدڳڙهه
207	ڪانڙي	ڪانڙو
373	ٽنو ڀرڳڙو	ٽنو سوڀو
290	ڪاهي ماڄوبي	کاهي ماڄوبي
295	سالڪپور	سکپور
295	ٻوترو	ڀيمڙو

هيٺين صفحن ۾ جتي بہ راڄڌاني لکيل آهي، ان جي بدران سرڪار پڙهيو وڃي.

52، 53، 55، 59، 61، 81، 82، 113، 114، 117، 122، 126، 131، 132، 134، 137، 138، 139، 141، 142، 146، 149، 150، 151، 163، 177، 179، 181، 182، 191، 194، 206، 273، 279، 301، 302، 310، 311.

نسب نامهٔ پدری نورجهان بیگم



نسب نامۂ مادری نورجہاں بیگم



نسب نامۂ مؤلفِ کتاب

میر ابو القاسم "نمکین" بن ملا میر سبزواری
وفات ۱۰۱۸ھ مدفن "صفۂ صفا" روہری
مصنف: منشآت نمکین

سادات قاسم خانی

- میر ابو البقا امیر خان — وفات ۱۰۵۷ھ مدفن "صفۂ صفا"
- یوسف میرک — وفات بعد ۱۰۴۴ھ، مصنف "مظہر شاہجہانی"
- لطف اللہ
- نور اللہ
- میرزا کشمیری (بزمانِ جہانگیر)
- میرزا حسام الدین
- میرزا ید اللہ (ملازم خان جہان لودھی)
- دختر (زوجۂ جمیل بیگ)

سادات امیر خانی

(اولادِ میر ابو البقا امیر خان)

- ضیاء الدین یوسف خان (بزمانِ شاہجہان و عالمگیر) وفات بعد از ۱۰۶۰ھ
  - دختر
    - ابو الوفا وفا (بزمان عالمگیر داروغۂ جانماز)
- عبد الکریم امیر خان سندھی (مصاحب خاص عالمگیر — شاعر) وفات بعد از ۱۱۳۱ھ
  - سید اشرف خان، مؤلف "رقائم کرائم"، سال تالیف قبل ۱۱۵۴ھ
  - ابو الخیر خان، رفیق خان دوران خواجہ عاصم
- میر ابو المکارم شہود، وفات: ۱۰۷۳ھ مدفن سیوہن، مصنف "پری خانۂ سلیمان"
  - معین الدین خان حسن (شاعر) وفات ۱۱۴۳ھ
  - حافظ الدین
    - میر حفیظ الدین خان علی، شاعر — وفات بعد ۱۱۸۸ھ
  - میر رضی الدین خان فدائی، شاعر — وفات ۱۱۲۰ھ
    - میر حیدر الدین ابو تراب کامل، شاعر — وفات ۱۱۶۴ھ (اُستاد قانع و رجا)
  - امین الدین خان حسین، مصنف معلومات الآفاق و رشحات الفنون، گورنر تتہ — وفات ۱۱۲۷ھ — مدفن مکلی
    - متین الدین خان اسمٰعیل، وفات ۱۱۷۷ھ — مدفن مکلی
      - میر محمد غوث منصبدار میاں نور محمد کلہورہ، وفات ۱۱۷۲ھ — مدفن مکلی
        - قنبر علی ۱۲۱۹ھ
        - میر محمد کریم الدین (منصبدار میاں غلام شاہ کلہورہ ۱۱۸۲ھ — ۱۲۰۱ھ)
          - متین الدین ثانی ۱۲۴۸ھ
      - میر ابو المفاخر (۱۱۲۷ھ)
    - میر محمد گدا، شاعر — وفات قبل از ۱۱۸۰ھ
      - یک فرزند
    - میر محمد عطا عطا، وفات ۱۱۸۷ھ، مدفن مکلی
      - دو فرزند
  - میر عبد الحکیم (۱۱۰۶ھ)
  - میر علی اکبر (۱۱۰۶ھ)
- میر عبد الرزاق، متوفی ۱۰۶۲ھ مدفن "صفۂ صفا"
- ابو القاسم، وفات ۱۰۴۵ھ مدفن "صفۂ صفا"
- شمس الدین خان
- عتیق اللہ، وفات ۱۰۳۷ھ مدفن "صفۂ صفا"
- میر کامل بیگ
- دختر، زوجۂ مراد بخش ۱۰۶۶ھ



1608-1700 A.D.
ADMINISTRATIVE MAP OF SIND
SCALE
INDEX
NOTE.
RAJA OF BIKANIR
MULTAN SARKAR
FATEHPUR PARGUNA
JATOI PARGUNA
MATHELO PARGUNA
CHANDUKA PARGUNA
BAKHAR
SARKAR
ALORE
ZARRI PARGUNA
BAGHBAN PARGUNA
DARBELA PARGUNA
SEHWAN
GAHA PARGUNA
SEWAN HAVELI PARGUNA
JUNEJO SARKAR
PARGUNA
KHITA PARGUNA
SANN PARGUNA
CHOKHAR HALLA PARGUNA
NASARPUR PARGUNA
NERUN PARGUNA
SAKRA SUB DIVISION
TATTA
SARKAR
TATTA PARGUNA
CHACHKAN PARGUNA
LAS BELAS SAMMA PRINCES
ARABIAN SEA
JAREJA SAMMA RULERS OF CUTCH UNDER MUGHALS

عرض حال

منهنجي مربي جناب پير حسام الدين راشديءَ جي سفارش تي سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب ترجمي لاءِ منهنجي حوالي ڪيو. انهيءَ کان اڳ هي ڪتاب منهنجي مطالعي هيٺ اچي چڪو هو، ۽ خود منهنجي دلي خواهش به هئي ته هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کپي. ليڪن جڏهن ترجمي جو بار منهنجي ڪلهن تي اچي پيو ته مان پنهنجي علمي ڪممايگيءَ جي ڪري ڏاڍو منجهي پيس. بهرحال پير صاحب جي حڪم کي پاڻ لاءِ آزمائش تصور ڪندي، فارسيءَ جي عام چوڻيءَ موجب،

امان ته پنهنجي پيڙي پاڻيءَ ۾ لاٿي،

هاڻ جيڪي ٿيو سو ڏٺو ويندو.

اصل ڳالهه ته هن ڪتاب جو مؤلف هڪ وڏو عالم هيو ۽ فارسي هن جي مادري زبان هئي، پئي پاسي آءٌ اجا طالب علم ۽ فارسي زبان جي عبور کان عاري هوس. تنهنڪري هيڪر ته هن تاليف جي ترجمي کان هٻڪي ويس پر پيهر جڏهن انهيءَ اثنائي ڪم ۾ الاتوهار ڪيم ته سنڌي ۽ فارسيءَ جي زور آزمائيءَ ۾ مون کي هٿي ملندي ويئي، ويتر جو تاريخ جي دلچسپ رازن ۽ رمزن کان آشنا ٿيس ته قلم سان گڏ ذهن کي به تقويت رسندي رهي؛ اهڙيءَ ريت پيڙي سير مان آڪاري ويس.

جيتري قدر ڪتاب جي اصل متن جو تعلق آهي اها حڪايت يا شڪايت ضرور ڪندس ته ڪتاب جي مؤلف

هڪ سچائي ۽ سنڌير جي حيثيت ۽ ان حالت ۾ هو، جو سنڌ کي پنهنجو وطن بڻائي، سنڌين سان لاڳاپي ۾ اچي چڪو هو. تنهن هوندي به هن کي اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن، جو انهن کي درگذر ڪري نٿو سگهجي.

مثال طور: مؤلف سنڌ ۾ گهڻو عرصو گهارڻ ۽ سنڌين سان اٿڻ ويهڻ ۾ اچڻ ڪري سان پوءِ به سنڌي ٻوليءَ سان اهائي ڪار ڪئي آهي جيڪا هرئون ماڻهو هتي اچي پراڻي ڏيهه کان پوءِ به دهرائيندو رهي ٿو. سنڌ جي ڳوٺن ۽ ديهن جا نالا هن اهڙي انداز ۾ ڄاڻايا آهن، جو انهن جي اصليت ناس ٿي ويئي آهي.

اهو حال ڏسي اسان کي اڄوڪي دور جي اها واردات ياد ٿي وري پيئي، جنهن موجب سٺين سنڌي يا سوڪي سنڌيءَ واري اکر الهڏني ساند کي الاڏينو ساند (سينهن جو سانهه) ته رڻ پٽاڻي کي وري رَن پڻاٽي جو جامو پهرايو ويو آهي.

ٻيو هي ته مؤلف تاريخ نگار جي حيثيت ۾، جنهن لاءِ غير جانبداريءَ واري خصوصيت لازمي ليکي وڃي ٿي، مغل شاهيءَ جي ڪارندن هٿان سنڌين تي نازل ٿيندڙ مصيبتن جو احوال اهڙي خاص انداز سان پيش ڪيو آهي، جو هر عبارت پڙهڻ کان پوءِ ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ سنڌي مظلوم نه پر وڏا ظالم هئا. حالانڪ سندس ئي لکڻيءَ موجب ملڪ ۾ جيڪي بدانتظاميون ظهور ۾ آيون، تن جا مجرم سرڪاري گماشتا ئي هئا ۽ مغل شاهي پڻ انهيءَ جرم کان آجي ڪانه هئي- جيئن هڪ هنڌ اهو اعتراف ڪندي، مؤلف لکي ٿو:

سيد بايزيد بخاريءَ جي عملداريءَ دوران جوکين کان ڪا خطا ٿي، جنهن جو ذميدار شاه محمد نالي سيد بايزيد جو ڀٽيلو هو. هن جي طبيعت نهايت تيز هئي، ايتري قدر جو ٿوري گهڻيءَ ڳالهه تي آپي کان ٻاهر نڪري ٿي ويو.

> هڪ دفعي هن حاجيءَ نالي هڪ جوکئي سان ٽڪو پوندي ڪيس پادر اڇلائي هنيو. جوکيا غيرت ۾ اچي گهر گهاٽ ڇڏي جبل ڏانهن روانا ٿيا. شاه محمد (پشيمان ٿي) سندن ڪڍ لڳو ۽ کين صلح لاءِ آزيون نيزاريون ڪيائين، پر جوکين هن جي هڪ به نه ٻڌي، انت جهيڙو اچي جاڳيو جنهن ۾ شاه محمد سان گڏ سندس پنجاهي ماڻهو نامراد جوکين هٿان شهيد ٿي ويا.

هن اقتباس ۾ مظلوم جوکين کي نامراد، ليڪن ظالم شاه محمد ۽ سندس سانٿيارين کي شهيد جي لقب سان نوازيو ويو آهي، يعني ڪنهن چواڻي: خوني به خان محمد خان ته چڱو مڙس به اهو ٿي ٿيو!

ان ڪان سواءِ به سڄو ڪتاب مهذب فارسيءَ جي طرز تخاطب ۾ سنڌين هٿان دشنام طرازيءَ جي ڏوڙين سان ڇڪار نظر اچي ٿو. هن باري ۾ مغل شاهيءَ کي مجرم ٺهرائڻ جو سبب اهو آهي ته انهيءَ خانوادي سنڌين کي زوريءَ غلام بنائڻ ڪان پوءِ مٿن مرزا احمد بيگ ۽ بايزيد بخاري وغيره جهڙا هٽ ٺوڪ حاڪم مڙهي ڇڏيا، جن جو خانداني ڏنڊو ئي ستمگري هيو.

احمد بيگ ۽ سندس پاءُ ته ظلم ستم ۾ پنهنجا ثاني پاڻ هئا، پر بايزيد جي سدا سدورن پٽن جو به ڏاڍ ڏمر ۾ پوئتي پير ڪونه هو. هنن عيد جي مبارڪ ڏينهن تي (انهيءَ خيال سان ته سنڌين جا واڄ عيد نماز ۾ مصروف هوندا)، موقعي جو فائدو وٺي، بکر مان گهوڙا ڪاهي، وڃي سهتن ۽ سميجن تي ڪڙڪو ڪيو، جنهن ۾ هنن ويچارن جا ڪيئن ماڻهو مارجي ويا. پڇاڙيءَ مقتولن جي ٻارن ٻچن کي قيد ڪري بکر آندو ويو.

ڪتاب جي مؤلف يوسف ميرڪ جي لفظن ۾ سنڌين تي متمرد ۽ مفسد (وگوڙي ۽ فسادي) جا جيڪي لقب لاتا ويا

آهن، سي مغل شاهيءَ ۽ آن جي ڪارندن سان هن جــي طرفداريءَ واري جذبي جي غمازي ڪن ٿا، جيڪڏهن اهڙا ئي القاب مخالف ڌر جي بلي ڪيا وڃن ها تہ مؤلف جي غير جانبداريءَ جو ڀرم رهجي اچي ها.

ايترين شڪايتن هوندي بہ اسان هن فاضل مؤرخ، عالم ۽ انشاپرداز جا تهدل سان شڪرگذار آهيون، جيڪو مغل شاهيءَ جي ڀهاڙ سان سير ٽڪرائيندڙ غيرتمند، بهادر ۽ وطن دوست سنڌين جو طويل تر داستان (ڪنهن بہ ريت) قلمبند ڪري چڪو آهي. خاص ڪري سنڌس اهو حق جو ڪلمو تہ ڪڏهن بہ فراموش ٿـي نٿو سگهي، جنهن جو هن مـرزا احمد بيگ جهڙي سفاڪ مغل شاهي حاڪم اڳيان وڏي واڪي اظهار ڪيو آهي تہ

> تو هٿ وٺي خدا جي خلق کي پنهنجي ظالم ياءَ جي وٽ چاڙهي، راڄن جو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهــي. مرڻ کان پــوءِ خــدا توکان ان جو حساب ضرور وٺندو!

هن ڪتاب جي تدوين ٿــوڙي ترجمي جــي سفارش لاءِ سنڌ جو نئون نسل جناب پير حسام الديـن راشديءَ جو واقعي شڪرگذار رهندو، جنهن تاريخ جي نئين باب جي بنا رکي، مهاڳ ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي: هونءَ بہ تاريخ جي مطالعي جي اها افاديت آهي تہ ماضيءَ جي واقعن جي روشنيءَ ۾ ملڪ جي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي حالتن کان روشناس ٿي، ان جي آذار تي مستقبل جي تعمير لاءِ ڪجهہ سوچيو وڃي. اهو ئي تاثر اسان کي پير صاحب جهڙي قومي مزاج شناس مدبر جي علمي محنت ۽ صحبت مان حاصل ٿئي ٿو، بشرطيڪ اسان ۾ ڪنهن فيض جي حصول جو مادو هجي. پيءَ حالت ۾ پارس بہ سيڪنهن پٿر کي سون بڻائي نٿو سگهي.

پيچاڙيءَ ۾ عرض ته، مون پنهنجي وس آهر هن ڪتاب جي ترجمي تي ڌيان ڏيئي، منٿس ڪافي محنت صرف ڪئي آهي؛ اڃا به تي سگهي ٿو ته ان ۾ ڪا ڪسر رهجي ويئي هجي؛ تنهن لاءِ اڳواٽ معافيءَ جو طلبگار آهيان. ان سان گڏ حضرت خواجه محمد زمان جي بيت سان پنهنجي عرض حال جي پڄاڻي ڪريان ٿو:

پرت چڏ پرڏيهه جي، ساٿهه ڪر سنيال
لـڪـن سندي لال، مـچڻ مفت وڃائيين!

— نياز همايوني

مهاڳ

ڪراچيءَ ۾ هونءَ ته ڊسمبر جون سانجهيون ايتري قدر سرد نه ٿيون ٿين، جو هڪ چڱو ڀلو ماڻهو به ويڙهجي سيڙهجي ڪنڊ ۾ نه پوي، پر اتفاق ان ڏينهن واري شام نهايت سرد هئي، جڏهن آءٌ پيراڊائيز سئنيما جي سامهون هڪ ميخاني (رٽز بار) جي مٿينءَ منزل ۾ صوفي تي ويٺو هوس. خشڪ خنڪيدار ۽ انسان جي ڪُل آڏيڙيندڙ بلوچستان جون تکيون هوائون، ڏاڍي زور سان سوسات ڪنديون، بند ٿيل درن ۽ درين کي ڏوڏي رهيون هيون.

ڀرسان ۾ هڪ پاسي منهنجي ڪتاب "تذڪره امير خاني" جو مسودو پيل هو. ان جي پرسان هڪ ملائڪ صورت پوڙهو عالم، جنهن جي مٿي جا مختصر وار ۽ ڳهاٽيون پروون برف جيان اڇيون ٿي چڪيون هيون، هڪ قلمي ڪتاب پنهنجي هٿن ۾ جهليو ويٺو هو. هي پوڙهو عالم جنهن جي نماٽي ۽ سڀاجهڙي منهن تي خانداني شرافت ۽ علمي فضيلت جا روشن پوريءَ طرح آپريل هئا، مرحوم مغفور ڊاڪٽر محمد ناظم هو، جنهن گرديزي جي تصنيف "زين الاخبار" کي سڀ کان پهريان شايع ڪيو ۽ محمود غزنوي جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ پهريون مستند ۽ تحقيقي ڪتاب لکيو هو. هو هاڻ حياتيءَ جا سيرا ڏينهن آثار قديمه جي محڪمي ۾ صرف ڪرڻ کان پوءِ رٽائر

ٿي، ڪراچيءَ جي مذڪوره ميخاني جي مٿينءَ منزل ۾ اچي قيام پذير ٿيو هو.

ڊاڪٽر مرحوم ايڏو ته نيڪ، با مروت ۽ منڪسر مزاج هو جو انڪار جو لفظ سندس لغت ۾ ئي ڪونه هو. انهيءَ بنا تي هن ڪي ڳالهه تي ايترو پروسو ڪونه هو ته اهو مخطوطو، جيڪو نه ڏيڻ جي ارادي سان هن پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪري جهليو هو، جيڪڏهن آءٌ ڪانئس گهران ته هو ڪهڙيءَ ريت پنهنجي هٿن کي ڊيري ڏيڻ کان روڪڻ تي قادر ٿي سگهندو؟ هُو پنهنجي نفسي شرافت جي ڪري نه فقط ان وقت وڏيءَ آنڌ ماند ۾ هو، بلڪ پوري بيوسيءَ سان پنهنجي ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هو. مان هُن جي ششدر ٿيڻ جا آثار سندس ڪُليل ڪٽڪ ونگي منهن مان معلوم ڪري رهيو هوس، جنهن مان خوبصورتي ۽ معصوميت بکي رهي هئي.

”تذڪره اميرخاني“ جو مسودو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ملاحظي لاءِ مون ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ڪيو هو. اتفاق سان عين انهيءَ زماني ۾ پروفيسر آذر مرحوم جي ذخيري مان هُن کي هڪ قلمي ڪتاب مطالعي لاءِ مليو هو، جنهن ۾ ابوالقاسم نمڪين ۽ ابوالبقا امير خان جا نالا بار بار پئي آيا. ڊاڪٽر صاحب اهي نالا ”تذڪره اميرخاني“ ۾ به ڏسي چڪو هو. هو اهو قلمي ڪتاب ڏيکارڻ لاءِ مون کي انهيءَ شام جو پنهنجي فليٽ ۾ وٺي ويو هو، جنهن بابت ڳالهه هميشه مُرڪي فرمائيندو هو ته ”ڪراچيءَ ۾ اچي ڪيس ميخاني جي همسايگيءَ جو شرف حاصل ٿيو آهي“. ليڪن انهيءَ وعدي تي مون کي ڳالهه سان وٺي ويو هو ته آءٌ ڪانئس ڪتاب جي گهُر نه ڪندس.

ڪتاب ڏسڻ کان پوءِ اسان ٻنهي جي دلي ڪيفيت ئي بدلجي ويئي. نه مان پنهنجي وعدي تي قائم رهي سگهيس، نه وري ڊاڪٽر صاحب مرحوم مروت جي آڏو ماتحت پنهنجي ارادي

جي استحڪام کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي سگھيو. هن جي سنهن تي لالاڻ وري آئي ۽ سندس ڪنڌ جهڪي ويو. ٻه منٽ غور ڪري، ان کان پوءِ ذهني چڪتاڻ مان پاند ڇڏائي، چيائين ته "ادا سياڻي شام تائين ڪتاب ضرور واپس ڪجانءِ." اهوئي اهو حسن اتفاق بلڪ ائين کڻي چئجي ته خوشگوار حادثو هو، جنهن مون کي "مظهر شاهجهاني" جهڙي نادر روزگار سنڌ جي تاريخ کان روشناس ڪرايو، جنهن جو پتو گذريل ٽي سو سالن ۾ ڪنهن به عالم کي ڪونه پئجي سگھيو. ۽ خود سرهنري ايلئيٽ جهڙو با وسائل مستشرق به ان جي زيارت کان محروم رهيو جنهن پنهنجي تصنيف "تاريخ هند" جي سلسلي ۾ ڪتابن هٿ ڪرڻ لاءِ هندستان ۽ يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا ڪوڙي هئي.

جنهن زماني ۾ "مظهر شاهجهاني" تاليف ٿي، انهيءَ دور ۾ سنڌ جي تاريخ تي سنڌ اندر هي ڪتاب لکيا ويا، جن جو هيلتائين اسان کي علم ٿي سگھيو آهي:

(١) "تاريخ سنڌ"، مير معصوم بکري (١٠٠٩هه - ١٦٠٠ع)
(٢) "تاريخ طاهري"، محمد طاهرنسياني ٺٽوي (١٠٣٠هه - ١٦٢١ع)
(٣) "بيگلر نامه"، ادراڪي بيگلاري (١٠٣٤هه - ١٦٢٥ع)
(٤) "ترخان نامه"، سيد مير محمد ٺٽوي (١٠٦٥هه - ١٦٥٤ع)

مير معصوم جي تاريخ ۾ مغلن جي سنڌ هٿ ڪرڻ تائين واقعا درج ڪيا ويا آهن. باقي تاريخون جيتوڻيڪ مغليه تسلط ۽ مير معصوم جي تاريخ کان پوءِ لکيون ويون، ليڪن اصل ۾ اهي ارغونن ۽ ترخانن جي تسلط جون تاريخون ليکجن ٿيون. خاص مغل دور بابت اسان کي هن وقت تائين ڪا به اهڙي تاريخ نه ملي هئي، جنهن مان ان زماني جي سياسي يا اندروني روئداد معلوم ڪري سگھجي. ان ڪري لاچار اسان کي مغليه دور جي انهن عام تاريخن جي آڙ وٺڻي پوندي هئي، جن

۾ سنڌ بابت اٽي ۾ لوڻ برابر احوال آيل آهي.

"مظهر شاهجهاني" پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مغليه دور جي پهرينءَ اڌ صديءَ جي حالتن تي تفصيلي روشني وجهي ٿو. هن ڪتاب جي هٿ اچڻ سان اهو مونجهارو ۽ اها دشواري ۽ گهاري جيڪا سنڌ جي تاريخ جي تسلسل ۾ درپيش هئي، دور ٿي وئي آهي.

هيءُ ڪتاب تاليف واري سال جي لحاظ کان مٿي ذڪر ڪيل تاريخن جي سلسلي ۾ "بيگلر نامي" ۽ "ترخان نامي" جي وچ ۾ اچي ٿو، ڇا لاءِ ته هن جي تڪميل (١٠٣٩هه) ۽ ١٠٤٤هه جي وچ ڌاري ٿي هئي.

مؤلف جو احوال

خانداني پس منظر:

هن ڪتاب بابت بحث هلائڻ ۽ ان جي خوبين توڙي خصوصيتن تي روشني وجهڻ کان اڳ ضروري آهي ته پڙهندڙن کي مؤلف ۽ سندس خاندان جي احوال کان متعارف ڪرايو وڃي.

”مظهر شاهجهاني“ جي مؤلف يوسف ميرڪ جي والد مير ابوالقاسم نمڪين (١) بن ملا مير سبزواريءَ جو اباڻو وطن سبزوار (اسفزار) جي پسگردائيءَ ۾ بجق (٢) نالي هڪ ڳوٺ هو. اهو

---

(١) راقم [پير حسام الدين راشدي] عالمن ۽ اميرن جي هن نامور خاندان جو مفصل احوال ”تذڪره امير خاني“ ۾ درج ڪيو آهي. انهيءَ تاليف مان ضروري حالات اختصار سان هتي پيش ڪيا وڃن ٿا.

(٢) ”تحفة الڪرام“ (ڇاپي) ۾ بيجڪ (ب ي ج ڪ) ۽ خطي نسخي ۾ پيجڪ (پ ي ج ڪ) آيل آهي. ”مظهر شاهجهاني“ جي ٻنهي نسخن ۾ بجق (ب ج ق) لکيل آهي. (ديباچو) افغانستان جي ”قاموس جغرافيائي“ ۾ هڪ نالو پتچڪ (پ ت چ ڪ) ملي ٿو، جنهن لاءِ لکيو ويو آهي ته هي نئين قلعي جي ڏکڻ ۾ هرات جي ڊنگ سان بادغيسات جي علائقي اندر هڪ بيابان آهي، جيڪو ٣٦ درجن ٢٠ منٽن ٢٤ سيڪنڊن ۽ ٦٤ درجن ٤٢ منٽن ٣٤ سيڪنڊن اتراهين ويڪرائي ڦاڪ ۾ اچي ٿو.

سبزوار، خراسان جي دارالحڪومت هرات جو مشهور ۽ مردم خيز شهر شمار ڪيو وڃي ٿو، جتان جي ڳالري پونءِ مان علم ۽ هنر جي ڀين مشاهيرن ڪان علاوه "روضاة الجنات في اوصاف مدينة الهرات" جو مؤلف معين الدين اسفزاري (١) به هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي.

ملا مير بابت صرف ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ مشهد مقدس جي توليت (متولي جي گادي) سندس تحويل ۾ هئي. جڏهن خراسان ۾ اوزبڪن (٢) جو فتنو پيدا ٿيو ته هي ان وقت پنهنجو ڳوٺ ڇڏي قندار هليو آيو، جتي سندس انتقال ٿيو (٣). ملا مير جو فرزند مير ابوالقاسم، هن ڪتاب جي مؤلف يوسف ميرڪ جو والد، شروعات ۾ ڪابل جي حاڪم مرزا حڪيم بن همايون وٽ ملازم هو. اڳتي هلي، مرزا حڪيم

---

(١) سبزوار جو هڪ نالو اسفزار به هو. خراسان جو هي شهر هن وقت افغانستان واري، ايراضي ۾ قندار ڪان هرات ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪنڌيءَ تي آهي. انهيءَ جو هاڻوڪو افغاني نالو شينڊنڊ پڌايو وڃي ٿو.

(٢) هيءَ "تحفته الڪرام" جي روايت آهي. اوزبڪن جي فتني مان مير علي شير قانع جي مراد شايد محمد خان شيبانيءَ جي خراسان تي چڙهائي آهي. جا ٩١٣ هه ڌاري ٿي چڪي هئي.

(٣) "تحفة الڪرام" (ڇپيل) ج ٣ ص ١٣٧ - ملا مير گهٽو ڪري ٩١٣ هه ۾ قندار آيو هوندو، جڏهن محمد خان شيباني، حسين بايقرا جي وفات (٩١١ هه) ڪان پوءِ ان جي شهزادن کي شڪست ڏيئي، ٩١٣ هه ۾ سڄي خراسان تي قبضو ڪري چڪو هو. قندار تي تڏهن ارغون خاندان جي حڪمراني هئي، جيڪو پوءِ (٩٢٧ هه) ۾ سنڌ تي اچي مسلط ٿيو.

(١) جي ٻين ملازمن وانگي هن به هندوستان ڏانهن رخ رکيو، ۽ جنهن زماني ۾ اڪبر بادشاهه لاهور ۾ مقيم هو، ڏهن هي ان جي درٻار ۾ پيش ٿيو (٢) ۽ هميشه لاءِ اڪبري اميرن جي حلقي ۾ شامل ٿي ويو.

مير ابوالقاسم، جنهن کي پوءِ اڪبر بادشاهه "نمڪين" جو لقب عطا ڪيو (٣)، پنهنجي سرڪاري عهديداريءَ سبب گهڻو

---

(١) مرزا حڪيم (ولادت ٩٦١ ه) تاريخ ١٢ شعبان ٩٩٣ ه (١٦-جولاءِ ١٥٨٥ع) ڌاري ڪابل ۾ فوت ٿيو. کيس پنهنجي ڏاڏي بابر بادشاه جي قبر جي ڪابي پاسي (باغ بابر ڪابل) ۾ دفن ڪيو ويو. بابر جي پاسي ۾ سندس پٽ مرزا هندال، ان جي پر ۾ مرزا حڪيم پوريل آهي، انهن ٽنهي قبرن تي جهانگير بادشاهه ١٠١٦ ه ۾ پنهنجي تخت نشينيءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو ڪابل وڃڻ تي ڪتبا لڳرايا هئا. انهن مان مرزا حڪيم جي مزار جو ڪتبو هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو راقم [پير حسام الدين راشدي] اگست ١٩٥٨ع ڌاري ڪابل جي سفر دوران پاڻ نقل ڪيو هو:-

(١) الله اڪبر

ابوالمظفر نورالدين (٢) محمد جهانگير بادشاهه غازي ابن حضرت جلال (٣) الدين محمد اڪبر غازي جي فرمان موجب (٤) محمدحڪيم ابن جنت آشياني همايون بادشاهه (٥) غازي جي مزار تعمير ٿي. جلوس ٢ (٦) جهانگيري مطابق ١٠١٦ ه.

(٢) "اڪبر نامه" ۾ ان جو ذڪر ٩٨٠ ه کان شروع ٿئي ٿو، تنهن ڪري اندازو آهي ته مير ابوالقاسم انهيءَ کان اڳ اڪبري درٻار ۾ آيو هوندو.

(٣) جڏهن نمڪسر (پنجاب) جو علائقو هن جي جاگير ۾ هو، تڏهن لوڻ مان هڪ ٿالهي تيار ڪرائي، اڪبر بادشاهه جي خدمت ۾ ڏياري موڪلي هئائين، جنهن ۾ سندس نمڪ حلاليءَ جي رمز رکيل هئي. بادشاهه انهيءَ ڳڻ کان خوش ٿي، کيس "نمڪين" جو لقب عطا ڪيو.

ڪري سنڌ ۾ رهيو. هتان جي آب هوا ڪيس ايتري قدر پانءِ پئجي ويئي، جو پنهنجي خاندان جي مستقل رهائش لاءِ هتي ئي ديرو دمايائين. بکر ۾ هن ڪيئي جايون جوڙائي پنهنجي خاندان کي اتي آباد ڪيو. جيستائين جيئرو هو تيستائين سندس خانداني وطن بکر ئي رهيو. ليڪن ان کان پوءِ جڏهن سندس وڏو پٽ مير ابوالبقا امير خان ٺٽي جو نواب مقرر ٿي آيو، تہ انهيءَ خاندان جو هڪ حصو بکر مان لڏي اچي ٺٽي ۾ سڪونت پذير ٿيو، جنهن جي رهائش لاءِ مير ابوالبقا امير خان، حاڪم نشين قلعي جي سامهون ۽ ٺٽي جي جامع مسجد جي اوڀارين پيٽ سان لڳ، هڪ پاڙو آباد ڪيو، جيڪو سندس نالي تي 'امير خاني محلو' مشهور ٿيو. بکر ۾ هن خاندان جا باقي جيڪي ماڻهو هئا اهي مير ابوالقاسم جي نسبت سان 'قاسم خاني' سڏجڻ لڳا، ۽ جيڪي ٺٽي ۾ چايا نپنا، سي مير ابوالبقا امير خان جي نالي تي 'امير خاني' سادات مشهور ٿيا (١)

هن خاندان جا ڪي مشاهير سيوهڻ ۾ وڃي ويٺا، جيئن خود مظهر شاهجهانيءَ جي مؤلف جي زندگيءَ جو گهڻو حصو سيوهڻ ۾ گذريو. ان کان علاوه ابوالمڪارم "شهود" بہ پنهنجي حياتي اتي ئي پوري ڪئي هئي.

هن خاندان انڪل ادائين صدين تائين لاڳيتي عروج ۽ اقبال منديءَ جا ڏينهن ماڻيا. اڪبر بادشاهہ کان وٺي ڪلهوڙن حاڪمن جي دور (ٻارهين صدي هجريءَ جي پڇاڙيءَ) تائين هن خاندان جا ڪيئي فرد وڏن وڏن سرڪاري عهدن تي فائز رهندا آيا، جن اميراڻي اوج ۽ سان مرتبي سان زندگي بسر ڪئي. انهن ماڻهن اميريءَ سان گڏ ادب، تاريخ، شعر سخن ۽ تصوف جي ميدانن ۾ بہ پنهنجي شهسواريءَ جا جوهر ڏيکاريا، ۽ سنڌ

---

(١) شاهجهان جي طرفان هن کي پهريان 'مير خان' پوءِ 'امير خان' جو لقب مليو هو.

جي ادبيات توڙي تهذيب ۽ تمدن ۾ پڻ نهايت نشانبر ۽ سداحيات آثاراهجاڻ ڇڏي ويا، جهڙوڪ: "منشات نمڪين"، "مظهر شاهجهاني"، "رقائم ڪرائم"، "معلومات الافلاق"، "رشحات الفنون"، "مثنوي پري خانہ سليمان"، "مثنوي بديع الجمال و سيف الملوڪ" ۽ ڪيئي فارسي ديوان هن خاندان کان سنڌ کي علمي ورثي ۾ مليا.

تمدني آثار درحق ۾ هن خاندان سنڌ ۾ ڪيئي مسجدون، آرائش گاهون، عمارتون، عيدگاه ۽ قلعا ٺهرايا، ان کان سواءِ ڪي نوان شهر پڻ وسايائون. سنڌن انهن ڪارنامن مان ڪن جا نشان اڃا تائين موجود آهن، مثال طور: روهڙيءَ ۾ درياهہ جي ڪناري "صفہ صفا" جهڙي بي نظير عمارت تيار ڪرايائون، جنهن جي متاهينءَ منزل تي هن خاندان جو قبرستان واقع آهي.

اهـا عمارت تعميري فن جي لحاظ کان پنهنجي نوعيت جي خاص شيءِ آهي. اهڙيءَ طرح ٺٽي جي جامع مسجد جنهن کي 'جامع شاهجهاني' سڏيو وڃي ٿو، ڪاشيءَ جي ڪاريگريءَ سبب يادگار عمارت شمار ٿئي ٿي، جنهن کي ڏسڻ سان هرڪنهن جي طبيعت ۾ تازگي اچي ويندي آهي- اها پڻ هن خاندان جي حسن ذوق جي نشاندهي ڪري ٿي.

مير ابوالقاسم نمڪين، مير ابوالبقا امير خان ۽ يوسف ميرڪ کان سواءِ به هن خاندان ۾ ڪيئي اهڙا مشاهير ٿي گذريا آهن، جن ملڪداريءَ سان گڏ پنهنجيون زندگيون علم جي خدمت ۽ اشاعت لاءِ وقف ڪيون هيون، جهڙوڪ: مير عبدالرزاق، ضياء الدين يوسف، عبدالڪريم امير خان، اشرف خان، ابوالمڪارم شهود، امين الدين خان، متين الدين خان، مير گدا، رضي الدين فدائي، مير ابوتراب ڪامل، مير محمد عطا، مير حفيظ الدين ۽ مير معين الدين وغيره.

هڪ ئي خاندان مان ايترن مشاهيرن جو پيدا ٿيڻ بجاءِ خود هڪ نادر مثال آهي. هن مقدمي جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ نسب نامو

شامل آهي جنهن مان انهن مڙني مشاهيرن جو هڪبئي سان لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو.

مؤلف: مؤلف جي حالات بابت سندس هن تاليف کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماخذ موجود نہ آهي، جنهن مان هن جي سوانح حيات تي ڪا روشني پئجي سگهي، بلڪ هن جي نالي تہ ڪوڙي شغل جي ٻهريون پيرو هن ڪتاب ذريعي ئي ڄاڻ ملي آهي. ”مظهر شاهجهاني“ ۾ مؤلف جتي ڪٿي ضمني طور پنهنجي متعلق جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، ان مان سندس ابتدائي زندگي، تعليم ۽ تربيت يا تصنيف تاليف جي باري ۾ ڪوبہ اشارو نٿو ملي. سال ١٠١٦هہ کان ١٠٤٤هہ تائين رونما ٿيل واقعن ۾ هن جيڪي ٿورو گهڻو پنهنجي بابت لکيو آهي، ان مان هيٺيان حالات ترتيب هيٺ اچن ٿا.

معلوم ٿئي ٿو تہ يوسف ميرڪ جي ابتدائي زندگي اڪثر پنهنجي والد جي خدمت ۾ گذري هئي، ۽ مير ابوالقاسم نمڪين پنهنجي ملازمت دوران جتي بہ ويو، هيءُ ان سان گڏ رهيو. ١٠١٦هہ ۾ جڏهن مير ابوالقاسم باجور ۾ قلعيدار هو (ص١٤٤) تہ هي بہ اتي موجود هو، ۽ جڏهن انهيءَ سال (١) سردار خان جي تبادلي کان پوءِ ٻيهر (ص ١١٢) مير نمڪين کي سيوهڻ جي جاگير ملي، تہ هن يوسف ميرڪ کي سپاهين جي جٿي سان گڏ اڳواٽ روانو ڪيو؛ جيستائين مير ابوالقاسم پاڻ آئي نہ پهتو تيستائين يوسف ميرڪ انهيءَ جاگير جو انتظام سنڀاليندو رهيو.

مير نمڪين، باجور کان اڳ بکر، گجرات، سيوهڻ ۽ جلال آباد وغيره ۾ مامور رهيو. اندازو بہ اهو آهي تہ يوسف ميرڪ ٻڻ انهن سيني هنڌن تي پنهنجي پيءُ سان گڏ رهيو هوندو.

---

(١) مير نمڪين، صفر ١٠١٦هہ ۾ باجور جو ٿاڻيدار مقرر ٿيو ۽ انن مهينن کان پوءِ رمضان ١٠١٦هہ ڌاري هن کي سيوهڻ ۾ جاگير ملي.

رجب ١٠١٧هه جي پڇاڙيءَ ۾ مير نمڪين، شاهي فرمان موجب، مرزا غازي ولد مرزا جاني ترخان سان گڏ مدد طور قندار(١) ويو ۽ پنهنجي وڏي پٽ مير ابوالبقا امير خان کي سيوهڻ جي انتظام سنڀالڻ لاءِ پوريان ڇڏيائين. (ص ١١٥) مير نمڪين اٽڪل هڪ سال کان پوءِ آتان ١٠١٨ هه ڌاري واپس ايندي رستي ۾ فوت ٿيو. جهانگير ان جي انتقال جي خبر ٻڌڻ شرط سيوهڻ جو صوبو مير ابوالبقا امير خان ۽ شمشير اوزبڪ جي گڏيل عهده داريءَ ۾ ٻنهي کي سپرد ڪيو. ليڪن مير ابوالبقا کي اها شراڪت پسند نه پيئي ۽ هو پنهنجي اهل عيال کي ساڻ ڪري دربار ڏانهن راهي ٿيو. (ص ١٢١)

يوسف ميرڪ انهيءَ سڄي عرصي ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ سيوهڻ ۾ رهيو. ائين ٿو ڀانئجي ته ڪيس مغل حڪومت پاران ڪو منصب مليو هو. جڏهن مير ابوالبقا سيوهڻ مان موڪلائي شاهي دربار ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ هندستان روانو ٿيو ته هي اهو منصب ترڪ ڪري، جزوي روزگار تي قانع رهي، سيوهڻ ۾ گوشي نشين ٿي ويهي رهيو. (ص ١٢٢)

انهن واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو ته يوسف ميرڪ ١٠١٦هه کان ١٠٣٨ هه تائين سيوهڻ ۾ ئي مقيم رهيو، پر گوشي نشينيءَ جي باوجود ملڪي معاملن سان سندس دلچسپي برابر قائم رهندي آئي. سنڌ جي معاملن توڙي حالتن جي سلسلي ۾ سندس مطالعو ايڏو گهرو ۽ صحيح هو، جو وقت جا ڪي صوبه دار ڪانئس صلاح وٺڻ ضروري سمجهندا هئا. شمشير خان جي عملداريءَ جو انحصار گهڻو ڪري يوسف ميرڪ جي مشورن تي هو: هو جيستائين ڪنهن معاملي ۾ هن جي راءِ معلوم نه ڪندو هو ڪيستائين

---

(١) مرزا غازي رجب ١٠١٧هه ۾ حڪومت جو نائب ٿي قندار هليو ويو ۽ پنهنجي انتقال ١٠٢١هه تائين اتي رهيو.

ڪنهن به ڪم ۾ هٿ نه وجهندو هو (ص ١٣١-١٣٣-١٣٤-١٣٩).
جن به معاملن ۾ شمشيرخان هن جي راءِ تسوڙي مشوري تـي عمل ڪيو تن ۾ ڪيس سو فيصدي ڪاميابي حاصل ٿي. انهيءَ مان اها خبر پوي ٿي ته "مظهر شاهجهاني" جو مولف ڪيتري قدر دانشمند، تجربيڪار ۽ صحيح راءِ جو مالڪ هو ۽ سنڌ جي باري ۾ هن جو تجربو ۽ مشاهدو پڻ ڪيتريءَ حد تائين سند جي حيثيت وارو هو. مؤلف جي حياتيءَ جي پوئين دور بابت هن ڪتاب مان صرف ايترو پتو پوي ٿو ته هو احمد بيگ خان جي اياسڪاريءَ ۾ سيوهڻ مان نڪري، بکر کان ٿيندو، ملتان ۾ پنهنجي وڏي پاءُ مير ابوالبقا امير خان وٽ وڃي پهتو. آتان پوءِ انهيءَ سان گڏ (١٠٣٩ هه) ۾ ٺٽي آيو جتي ١٩ محرم ١٠٤٤ هه ڌاري پنهنجي تاليف "مظهر شاهجهاني" مڪمل ڪيائين.

يـوسف ميرڪ جي ڪيتري عمر هئي، ڪڏهن سندس انتقال ٿيو، ١٠٤٤ هه کان پوءِ بنهنجي وفات تائين هو ڪٿي رهيو ۽ سندس مصروفيت ڪهڙي هئي؟ تنهن بابت ڪابه خبرچار ڪانهي، نه وري سندس مدفن بابت ڪابه ڄاڻ ملي ٿي.

هن خاندان جا ٻه قبرستان موجود آهن: هڪ صفه صفا (١) نالي بکر ۾ ۽ ٻيو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي جيڪو "گورستان امير خاني" جي نالي مشهور آهي. انهن ٻنهي قبرستانن ۾ يوسف ميرڪ جي مزار جو ڪو نشان نٿو ملي. ڪيتريون قبرون ڊهي پٽ ٿي چڪيون آهن ته ڪن جا ڪتبا ضايع ٿي ويا آهن، ممڪن آهي ته انهن مان ڪا مزار يوسف ميرڪ جي به هجي. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته هو پاڻ گهڻو عرصو سيوهڻ ۾ رهيو ۽ ان کي پنهنجو اختياري وطن (ص ١٦٠) بڻائي چڪو هو، ان ڪري

(١) هن گورستان ۾ يوسف ميرڪ جو والد ۽ وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا امير خان ۽ انهيءَ خاندان جا ڪيئي افراد دفن ٿيل آهن.

اتي ئي سندس انتقال ٿيو هجي ۽ اتان جي مٽيءَ کيس پنهنجي آغوش ۾ پناه ڏني هجي، ڇاڪاڻ ته اها ئي پلاري پونءِ هئي جنهن جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ توڙي ظالمن جي ظلم ستم کان ان کي بچائڻ ۽ ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ هن پاڻ پتوڙيو هو. اهو احوال اڳتي اچي رهيو آهي.

"مظهر شاهجهاني" ذريعي اها سڌ پوي ٿي ته مؤلف پنهنجي عقيدي جي لحاظ کان ڪٽر سني هو. مرزا يوسف (احمد بيگ خان جي پاءُ) جي ظلمن جو ذڪر ڪيندي، هڪ هنڌ ڏاڍيءَ تلخيءَ سان طنز ڪندي، هڪ فقرو سندس قلم مان نڪري ويو آهي، جو هن جي عقيدي تي روشني وجهڻ لاءِ ڪافي ٿي سگهي ٿو. هو لکي ٿو ته

شيعي مذهب وارن وٽ، سنين کي آزارڻ
وڏي عبادت سمجهي وڃي ٿي. (١)

يوسف ميرڪ جي علم، فضل، فارسي توڙي عربي دانيءَ، مطالعي جي وسعت، شاعريءَ ۽ نثر نگاريءَ درحق سندس هي ڪتاب "مظهر شاهجهاني" وڏي دليل جي حيثيت رکي ٿو. ڪتاب جي عبارت ۽ انداز بيان مان واضح آهي ته ان جو لکندڙ زبان ۽ انشا تي وڏي دسترس رکندڙ هو.

سليس زبان ۾ نکريل نثر لکڻ ڪنهن معمولي سمجهه واري جو ڪم نه آهي، ان لاءِ وڏي ڪمال جي ضرورت آهي. مؤلف سادي زبان ۾ پنهنجي مافي الضمير جو اهڙي خاص ادا سان اظهار ڪري ٿو، جو ان جو اثر دماغ مان ٿيندو، دل جي اونهائيءَ تائين پهچي ٿو وڃي.

---

(١) هي خاندان شروعات کان پڇاڙيءَ تائين مختلف عقيدن جو پابند رهيو آهي، ان مان ڪي شيعا ته ڪي سني هئا. هن بابت "تذڪره امير خاني" ۾ پوري وضاحت ڪئي ويئي آهي.

ڪتاب جي پهرئين حصي جي مطالعي مان جيڪو هن
سان گڏ شايع ٿيل نہ آهي، چٽيءَ ريت ظاهر ٿئي ٿو تہ مؤلف
جو مطالعو تمام وسيع ۽ نهايت گهرو هو. هي روشن دماغ ۽
ذهين اهل قلم هو. سندس فهم توڙي فراست جي ڪا حد نہ
هئي. حڪمرانيءَ ۽ ملڪداريءَ جي معاملن سان گڏ حاڪم جي
فرائض ۽ رعيت جي حقن کان هو پوريءَ طرح باخبر هو.

مظهر شاهجهاني

ترتيب ۽ مضامين:

هي ڪتاب جنهن جو ٻيو حصو ايندڙ صفحن ۾ پيش ڪيو ويندو، ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي- يعني، مؤلف جي لفظن ۾، قسم اول ۽ قسم ثاني. انهن مان قسم اول ۾ رموز جهانباني، امور حڪمراني، ۽ ملڪي ۽ انتظامي سياست جو بيان ٿيل آهي. هي حصو نظام الملڪ جي "سياست نامي" يا اهڙي قسم جي ٻين ڪتابن جي انداز موجب ترتيب ڏنل آهي.

قسم اول (پهرئين حصي) جا چار باب آهن، آن جي ٻئي باب کان سواءِ باقي سمورا باب جدا جدا فصلن تي مشتمل آهن، جن جي عنوانن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

قسم اول: (ورق ١ کان ٢٢٨ تائين) (١).

هن ۾ اهي ڳالهيون درج ٿيل آهن، جيڪي اجمالي طور بادشاهن لاءِ ضروري سمجهيون وڃن ٿيون. هن جا چار باب آهن:

باب پهريون: سلطنت سان تعلق رکندڙ ترغيب ۽ دهشت بابت، هن جا ٻه فصل آهن.

فصل پهريون: امارت ۽ سلطنت جي ترغيب (ورق-٤)

فصل ٻيو: سلطنت جو تاب ۽ دهشت (ورق-٨)

---

(١) ورقن جو هي شمار مصنف جي ان مخطوطي مطابق آهي، جيڪو سندس ملڪيت هو. ان تي ئي اصل فارسي متن جو بنياد رکيل آهي.

باب ٻيو: بادشاهن طرفان ماڻهن کي فهمائش ڪرڻ (ورق-١٤)
باب ٽيون: ملڪراني ۽ ملازمن جي تربيت، هن باب جا چار فصل آهن. (ورق-١٦)
فصل پهريون: مُلڪراني (ورق-١٦)
فصل ٻيو: ملازمن جي تربيت ۽ تاديب (ورق-٢٩)
فصل ٽيون: صوبيدارن جي تربيت (ورق-٨٨)
فصل چوٿون: ملازمن جي اصلاح (ورق-٩٣)
باب چوٿون: انهن خصلتن بابت جيڪي بادشاهن ۽ اميرن کي مٿاهين درجي جو حقدار بڻائين ٿيون، هن باب جا ويهه فصل آهن.
فصل پهريون: ٽوڪل (ورق-١٠٥)
فصل ٻيو: همت (ورق-١٠٧)
فصل ٽيون: عزم (ورق-١٠٩)
فصل چوٿون: جدوجهد (ورق-١١١)
فصل پنجون: جٺاداري (ورق-١١٤)
فصل ڇهون: عدالت (ورق-١١٦)
فصل ستون: خيرات، نيڪي (ورق-١٣٥)
فصل اٺون: شفقت، مرحمت (ورق-١٤٠)
فصل نائون: سخاوت، احسان (ورق-١٤٤)
فصل ڏهون: ضرورتن جي پورائي (ورق-١٥٨)
فصل يارهون: مشاورت (ورق-١٦٠)
فصل ٻارهون: ڏگهي نظر (ورق-١٦٥)
فصل تيرهون: غيرت (ورق-١٦٨)
فصل چوڏهون: سياست (ورق-١٧٤)
فصل پندرهون: چوڪسي، جانچنا (ورق-١٨٠)
فصل سورهون: دانائي (ورف-١٩١)
فصل سترهون: رازداري (ورق-١٩٢)

فصل ارڙهون: نيڪنامي جي طلب (ورق-١٩٣)
فصل اڻويهون: چگن جي صحبت (ورق-١٩٩)
فصل ويهون: بڇڙن کان پاسو (ورق-٢٠٢-٢٢٨)

ورق ٢٢٨-١ جي پڄاڻيءَ وارين ٻن سٽن کان ڪتاب جي قسم دوم (ٻئي حصي) جي شروعات ٿئي ٿي، جنهن جو اختتام ورق ٤٠١ تي ٿئي ٿو. هي حصو صرف سنڌ جي تاريخ لاءِ مخصوص آهي. هن ۾ مؤلف گهڻو ڪري پنهنجي ئي دور جي سياسي، انتظامي، اقتصادي، معاشرتي، جغرافيائي ۽ قبائلي حالات ۽ واقعات جو معاصرانه بلڪ اکين ڏٺو تفصيل چئن بابن اندر بيان ڪيو آهي.

پهريون باب بکر بابت، ٻيو سبيءَ جي باري ۾، ٽيون ٺٽي جي سلسلي ۾، ۽ چوٿون سيوهڻ جي تفصيلي واقعن بابت ڏنل آهي، جيڪو پنجن فصلن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي.

ڪتاب جا پهريان ٽي باب جيتوڻيڪ مختصر آهن ته به انهي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، سو پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان تمام قيمتي ۽ اهم تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

مؤلف سيوهڻ جا حالات نهايت شرح ۽ تفصيل سان پيش ڪيا آهن. اهو ان لاءِ ته اصل ۾ هن ڪتاب جي تاليف جو سبب ئي سيوهڻ جا واقعات هئا، جئن اڳتي هلي واضح ڪيو ويندو.

في الحال ڪتاب جي انهي قسم ثاني (ٻئي حصي) کي سنڌ جي تاريخ تي مشتمل هئڻ سبب شايع ڪيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ آن جو ٻيو حصو به عملي اعتبار کان خاص اهميت رکي ٿو، ليڪن هن وقت ان کي ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ مخصوص رکجي ٿو. البته مؤلف ڪتاب جي قسم اول ۾ چند موقعن تي دليل طور پنهنجي مقصد جي وضاحت لاءِ سنڌ جا جيڪي واقعا

مثال نموني پيش ڪيا آهن سي هن ڪتاب جي حاشيي توڙي مقدمي ۾ خاص عنوان تحت درج ٿيل آهن.

اسباب تاليف:

هن کان اڳ ٻڌايو ويو آهي مؤلف جيتوڻيڪ پنهنجو منصب ترڪ ڪري ٺوري ڳذاري جي آڌار تي سيوهڻ ۾ گوشي نشين ٿي ويٺو هو پر ان هوندي به ملڪي سياست توڙي ان جي ٻين معاملن سان سندس دلچسپي جئن جو تئن قائم رهي. هن جي اها ئي دلچسپي نيٺ هن ڪتاب جي تاليف جو سبب بڻي، جنهن جو داستان هن ريت آهي:

شاهجهان جڏهن ئي (٨- جمادي الثاني ١٠٣٧ ه) ۾ تخت نشين ٿيو ته هن اعتمادالدوله مير غياث جي پوٽي، مرزا احمد بيگ خان، کي سيوهڻ جو جاگيردار مقرر ڪري موڪليو (١). هي تمام مست مزاج، نااهل ۽ نڪمو ماڻهو هو. هن مَردن جي مجلس ۽ حڪومت جي ڪاروبار تي عورتن جي صحبت ۽ زنانخاني جي ويٺڪ کي ترجيح ڏني، ۽ حڪومت جي واڳ پنهنجي هڪ ظالم ۽ سفاڪ ياءُ مرزا يوسف کي سونپي ڇڏيائين، جو پنهنجي فطرت جي لحاظ کان نهايت ڪريل ذهنيت وارو، ذليل ۽ بيهودو ماڻهو هو.

يوسف ميرڪ هن بابت لکي ٿو ته هي ايڏو سفاڪ هو، جو حجاج بن يوسف جهڙو ظالم اظلم به هن جي آڏو هڪ ادني شاگرد واري حيثيت رکندڙ هو (ص-١٥٤). هن پنهنجي قهر ڪلور ۽ ظلم ستم سان سڄي صوبي جي ستيا ناس ڪري ڇڏي هئي. ماڻهن ۾ هيلوڙ پئجي ويو ۽ چؤطرف واويلا مچي ويئي، تنهن هوندي به ڪنهن جي مجال نه هئي جو ڪا ڀڙڪ به ڪڍي سگهي. يوسف ميرڪ پنهنجي هن همنام جي ظلمن جي

---

(١) "مآثرالامراء" ج ١- ص ١٩٥، ۽ ڪتاب جو متن ص ١٠٤.

جيڪا روداد قلمبند ڪئي آهي. آن مان جا تصوير ذهن ۾ آيري ٿي سا هن ريت آهي.

مظالم جي تصوير:

١- مرزا يوسف، روزانو بيگناهه ماڻهن کي شهر مان ڪوٺائي، انهن کي پنهنجي سامهون ڦٽڪا هڻائيندو هو. انهيءَ دونس ۾ نه وڳو مظلومن جي ڪل لهي ويندي هئي، بلڪ مارڪٽ هلندي ڪيئي ويچارا مري به ويندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻن ٽن سون بيگناهن کي قيد ڏيارڻ هن جي روزاني ڪيرت هئي. هڪ ابريشم فروش کي هميشه آئي حاضر رهڻ جو حڪم ڪري ڇڏيندو هو ته جئن ڦٽڪن هڻندي انهن جون ڪهيون ڇڄي پون ته اهي هڪدم درست ڪيون وڃن، جئن مارڪٽ ڪندي ڪا ويرم وچ ۾ نه پوي. هي سڀڪجهه صرف دل وندرائڻ ۽ تماشي طور ڪيوٿي ويو. ان ۾ ڏوهيءَ نه ڏوهيءَ جو ڪو سوال نه هو (ص-١٥٦).

٢- احمد بيگ، اتفاق مان جڏهن به رات جي وڳوڙي ۾ زنانخاني مان نڪري مرداني ۾ اچي ويهندو هو، تڏهن به سندس سامهون مرزا يوسف جي اها ڪارستاني پيئي هلندي هئي. احمد بيگ کي اها توفيق نه هئي ته پنهنجي پاءُ کان انسانيت کي انهيءَ حد تائين ذليل ۽ خوار خراب ڪرڻ جو ڪو سبب وغيره پڇي سگهي.

٣- مارڪٽ ڪرڻ وقت جيترا به مظلوم مري ويندا هئا، تن جي پڇا ڪرڻ وارو ڪوبه نه هو، عزيز قريب سڀ گهرن ۾ پوسانجي رهجي ويندا هئا. انهيءَ ظلم جي ڪاروٻار ايڏو ته انڌير مچائي ڇڏيو هو، جو عدل انصاف جي دانهن ڪوڪ لاءِ ڪوبه چارو ڪونه هو. مغلن جي موڪليل هن

جاگيردار (احمد بيگ) کي زنانخاني مان ئي ايتري مُهلت نٿي ملي، جو ڪا گهوڙي ٻاهر اچي، اهو ماڻداڻ پنهنجي آڪين سان ڏسي ها. ڪنهن جي مرڻ جيئڻ سان هن جو ڪوبه واسطو نه هو، نه ملڪ پنهنجو نه ماڻهو پنهنجا، ڪنهن کي ڪهل اچي ته ڪينءَ اچي، ڪو داد فرياد ٿئي ته ڪينءَ ٿئي ؟ ۽ ڇا جي لاءِ ـ؟

٤- سچي صوبي ۾ مرزا يوسف کي جنهن ماڻهوءَ بابت ڪابه خبر پوندي هئي ته هو شاهوڪار آهي، تڏهن ان تي ڪوڙا الزام مڙهي، ڪيس پاڻ وٽ گهرائيندو هو، ۽ معمولي پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ ٻهرينءَ سٽ ۾ ان کي قمڪن سان نستو ڪرائي ڇڏيندو هو، پوءِ ان جي مال ملڪيت ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هيو. اهو سلوڪ نه فقط مَردن سان ڪيو ٿي ويو، پر مالدار عورتن سان به اهڙي تعدي ڪئي ويندي هئي. ان ۾ مرزا يوسف کي ماڳهين ڪو حياءُ شرم محسوس نه ٿيندو هو.

٥- مرزا يوسف کي پرائي مال ملڪيت ميڙڻ جي ايتري حد ڏائين بچڙي بيماري هئي، جو ماڻهن جا ڏاريل جانور به هن جي هٿ چراند کان بچي نٿي سگهيا. سنڌ جا آٺ ڏاڍا قيمتي هوندا هئا، ماڻهو پنهنجي سواري جي سهي توڙي مال برداريءَ لاءِ انهن کي وڏي شوق سان پاليندا هئا، اهي آٺ جيڏا سهڻا تيڏا ڪمائتا هوندا هئا. مرزا يوسف انهن سهڻارن کي به پنهنجي مالڪن وٽ پَلندي نه پئي سگهيو. هرهنڌ حڪم ڏئي ڇڏيو هئائين ته جتي به ڪو پلوءَ قيمتي آٺ نظر اچي ان کي هڪدم جهلي سنڌس شترخاني ۾ داخل ڪيو وڃي (ص-١٥٦).

٦- ڏوڪڙن ميڙڻ لاءِ هن ڪيئي طريقا ايجاد ڪيا هئا، خشڪي ۽ درياهي وستن تي پَهرا لڳرائي ڇڏيا هئائين. هر

آئي وئي ڪان بنان ڪنهن سبب جي محصول آڳاڙيا پئي ويا، ايتري تائين جو سڪڻن هٿن وارا واڻهڙو به انهيءَ رهزنيءَ ڪان آجا نه هئا. حالت وڃي انهيءَ حد تائين پهتي، جو هڪ ڳوٺ ڪان ٻئي ڳوٺ تائين وڃڻ لاءِ راهداري ضروري هئي، جنهن لاءِ ماڻهن کي پئسا ڀرڻا پوندا هئا.

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ميت ماتم جي موقعي تي ٻئي ڳوٺ تائين ويو ٿي ته ان کي ڏوڪڙ ڏيئي راهداري حاصل ڪرڻ ڪان سواءِ ڳوٺ مان ٻاهر پير رکڻ نٿي ڏنو ويو. انهيءَ ڪارگذاريءَ سبب مغل حاڪمن جا ذاتي خزانا ته پُر ٿيندا پئي ويا، ليڪن ملڪي ڪاروبار، واپار وهنوار ۽ ماڻهن جي آمدرفت ۾ رخنو پوندو ويو، تجارت ۽ ڏيتي ليتي پوئتي پئجي ويئي، ٻچاڙيءَ هر ڪو پنهنجي شهر ۽ ڳوٺ ۾ بند ٿي ويهي رهيو. ان جو لازمي نتيجو اهو به ٿيو هوندو ته غريب پورهيت به روزگار جي سانگي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ ڪان نيرهه ٿي چڪا هوندا.

٧- درياهه ۾ جيڪي سڪڻيون ٻيڙيون هلنديون هيون تن ڪان به محصول ورتو ٿي ويو. ڪنهن ٻئي علائقي جي ڪا خالي ٻيڙي جيڪڏهن ڀُل چُڪ مان سيوهڻ جي حد ۾ داخل ٿيندي هئي ته اها به انهي ناجائز ۽ جبري محصول جي چٽيءَ ڪان بچي نٿي سگهي. وصوليءَ جي انهيءَ اڻنگي طريقي سبب خشڪيءَ جي رستن سان گڏ درياهي آمدرفت به بند ٿي ويئي ۽ سڄو ملڪ انهن پابندين جي ڪري تنگ ٿي رهجي ويو. شهري آزادي توڙي انفرادي جدوجهد بلڪل ختم ٿي ويئي.

٨- سوداگرن جي ٻيڙين تي طرحين طرحين مصيبتون نازل ٿينديون پئي رهيون. انهن کي ڪيترا ڏينهن هروڀرو روڪيو ٿي ويو. ان سان گڏ سوداگرن کي مجبور ڪيو ويندو هو ته

هو پنهنجو قيمتي سامان ڍُڳڙن سُٽ تي سيوهڻ ۾ نيڪال ڪري ڇڏين. اها روش سيوهڻ جي ماڻهن ڪي ڪنهن فائدي وسائڻ لاءِ ڪانه اختيار ڪئي ويئي هئي، بلڪ ان جو مقصد اهو ٿي هو ته واپاري تنگ ٿي پون ۽ مرزا يوسف کي گهڻي ڀڳيون رشوتون ڏيئي پنهنجي جند ڇڏائين. اڪثر ائين ٿي ٿيندو هو ته هو رشوتون پري، انهيءَ اوچتيءَ آفت کان پاڻ کي ڇوٽڪارو ڏياريندا هئا.

٩- رشوت ڏيڻ کان پوءِ به ويچارن واپارين جي جان نه ڇٽندي هئي، جيستائين مرزا يوسف انهن جي مال اسباب مان پنهنجي پسند جون شيون تحفي طور وصول نه ڪندو هو.

١٠- جڏهن مرزا يوسف، سوداگرن مان سيڪجهه ڪري گذرندو هو، ته پيڙيائتن ۽ عام مسافرن جي خبرچار ورتي ويندي هئي. ڪيئي حيلا بهانا بڻائي انهن جي ڪيسن تي هٿ ڦيريا ويندا هئا ۽ انهن مان ڪيترن کي مرزا يوسف جي ڦٽڪن جو عذاب سهڻو پوندو هو.

١١- مرزا يوسف سڄي ملڪ جا چور چڪار ۽ ڌاڙيل پاڻ وٽ ٺمائي ويهاريا هئا، جن جي مدد مان ملڪ ۾ چوريون ۽ ڦريون ڪرائيندو ۽ ڌاڙا هڻائيندو ٿي رهيو. لُٽ ڦُر جو سمورو سامان سندس مال خزاني ۾ داخل ٿيندو پئي رهيو. انهن ذليل حرڪتن جا جيڪي لازمي نتيجا نروار ٿيا، اهي نهايت اندوهناڪ هئا. هڪ طرف چورچڪار ۽ ڌاڙيل بي ڊپا ٿي پيا ته پئي پاسي سرڪاري سرپرستي حاصل هئڻ ڪري چوري ڪرڻ ۽ ڌاڙي هڻڻ جهڙي ڪُڌي ڪم تي ڪين فخر ٿيڻ لڳو. ساڳئي وقت ملڪ ۾ هوراڪوري ۽ ڌمڪاءَ جي واڌ ٿيندي ويئي، آمن امان ڪونه رهيو ۽ هرڪو پنهنجي مال ملڪيت کي محفوظ سمجهڻ جو آسرو پلي ويهي رهيو.

١٢- مرزا يوسف صرف انهن طريقن تي بس ڪانه ڪئي پر عوام کي قوي پينگ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقو به وائج ڪيائين. بنگال مان نامي گرامي جواري گهرائي، انهن کي شهر جي چوواٽن تي ويهاري ڇڏيائين، جيڪي نه رڳو واٽهڙن جا کيسا خالي ڪري ڇڏيندا هئا بلڪ انهن ويچارن جا ڪپڙا به بدن تان لهرائي دنگ ڪندا هئا.

چوريءَ ۽ جوا جي سڄي آمدني شام جو اهڙيءَ طرح حلال جي ڪمائي سمجهي، "خزاني" ۾ جمع ڪرائي ويندي هئي ڇو ته اها به سُڪ مان اڳاڙيل ڍل ۽ ٻي جائز آمدني هئي.

١٣- شهر جي شريف ۽ عابد، زاهد ماڻهن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۾ مرزا يوسف جهڙي رذيل ماڻهوءَ کي ڏاڍو مزو ايندو هو، خاص ڪري اهو لطف ڪيس ان ڪري به ايندو

هوندو ته سيئي ماڻهو هڪ فتح ڪيل ملڪ جا رهاڪو هئا، جن جي ڪا به دانهن ڪوڪ ٻڌڻ جوڳي نه هئي ۽ نه سندن ڪو حمايتي ئي هو.

بهرحال مرزا يوسف هزارن حيلن بهانن سان سيوهڻ جي شريف ماڻهن سان الدماڪ عقوبتون ڪندو پئي رهيو. هڪ دفعي ڪنهن نئين قلعي جو بنياد رکندي حڪم جاري ڪرايائين ته شهر جا سيئي ماڻهو اچي پنهنجي مٽي تي سرون ڍوئين، پاڻ ئي گارو تيار ڪري ان کي قلعي تائين پهچائين ۽ پنهنجي سر اوساريءَ جو ڪم ڪن. ڪي بيمار، معذور يا پوڙها ماڻهو مزدور وٺي آيا ته جئن پنهنجي بدران انهن کان اها بيگر وهرائين پر مرزا يوسف کي اها ڳالهه نه وڻي، سو انهن معذورن کان هرقسم جو ڪم ورتو ويو- پلا ائين ڪرڻ ۾ هن کي ڪهڙي ڪَسُ هئي ان حالت ۾ جڏهن سندس مَنشا به اها ئي هئي ته

مظلومن کي وڏيڪ مظلوم بڻائڻ سان گڏ ڪين ڏيو تي خوار خراب به ڪيو وڃي!

١٤- هڪ ڀيري شهر جي آبرومند ماڻهوءَ قاضي عبدالواحد تي ڪوڙو الزام مڙهي ڪانئس سو رپئي ڏنڊ جو دستاويز لکرائي ورتائين. پوءِ اهو دستاويز ڇاڻي واڻي ٺٺوليءَ جي نيت سان شهر جي هڪ ديوٿ ماڻهوءَ ابراهيم بلوچ وٽ وڪرو ڪيائين. تورن ڏينهن کان پوءِ قاضي عبدالواحد (مرحوم مغفور) کي گهرائي آن سان جيڪا تعدي ڪرايائين تنهن جي روداد يوسف ميرڪ (مؤلف) جي لفظن ۾ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ مناسب لڳي ٿي. هُن لکيو آهي ته

يڪ ڪرد دار ابراهيم بلوچ را ڪره ميزد و مي گفت: هان، صد روپيه بده!

و ابراهيم بلوچ قاضي عبدالواحد راڪره ميزد و مي گفت: هان صد روپيه بده (١)!

يعني: هڪ ڦٽڪي هڻندڙ ابراهيم بلوچ کي ڦٽڪو هڻي پئي چيو ته سو رپيا ڪڍ!

ابراهيم بلوچ وري قاضي عبدالواحد کي ڦٽڪو هڻي ٿي چيو ته سو رپيا ڪڍ!

مرزا يوسف گهڻو وقت اهو تماشو ڏسندو رهيو ۽ ان سان گڏ مفتوح انسانن جي ذلت ۽ رسوائي ۽ پنهنجي ڏاڍ ۽ آذوڏائيءَ تي ڪِڪِيون هڻندو پئي رهيو. يوسف ميرڪ لکي ٿو ته شهر جي ماڻهن لاءِ اهو ڏينهن ڪاريءَ قيام برابر هو. شريف وٽ جا گهوڙها ٿي رُنا ۽ ڪمينا ڏند نيڙي پئي کلندا رهيا.

١٥- مرزا يوسف چغل خورن جي به وڏي لوڏ پاڻ وٽ

(١) ڪتاب جو متن، ص ١٥٨.

پالي وڪي هئي، جن کي هن ”حقيقت دان“ (ڳاسون سچار) جو لقب ڏئي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خاص هدايتن سان انهيءَ ڌنڌي تي لڳائي ڇڏيو هو ته هر شريف ۽ شاهوڪار ماڻهوءَ تي چغليون هڻندا رهن ته جيئن مرزا يوسف کي انهن جي خوار خراب ڪرڻ جو وَجهه ملي. انهيءَ ٽولي پنهنجين ڪارگذارين سان سڄي علائقي ۾ وڻ ٻاري ڏنو هو.

١٦- ٻنين ۾ جڏهن ڀوڪ پچي تيار ٿيندي هئي ته مرزا يوسف پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماڻهو ڊِل مقرر ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪليندو هو. اهي هر هنڌ وڃي ايڏي جمعبندي هڻي ايندا هئا، جو فصل لڻڻ کان پوءِ ڪڙميءَ کي پنهنجي سڄي ڪمائي سرڪاري خزاني ۾ داخل ڪرائڻ بعد به مٿس مڙهيل جمعبنديءَ (ڊِل) کان ڇوٽڪارو ملي نه ٿي سگهيو. آخر ڍورن ڍڳن سميت ان جو سڄو آرڪو ترڪو ضبط ڪري، بقايا جي وصولي ڪئي ويندي هئي. ڪڙمي ويچارا سڄو سال پگهر جو پورهيو ڪندي به ڪنگال ۽ بکيا اگهاڙا رهجي ويندا هئا. مغل سلطنت جي ڪارندن کي ان ڪلور جي ڪا به پرواهه نه هوندي هئي.

١٧- هڪ دفعي الاهي آفت ڪان پوکون تباهه ٿي ويون، ليڪن مرزا يوسف تنهن هوندي به پنهنجي مرضيءَ مطابق جمعبندي ڪرائي ڇڏي. نتيجو اهو نڪتو جو غريب، بيوس، مجبور ۽ مظلوم ڪڙمي رات جي اونده ۾ پنهنجا گهرگهاٽ، ٻنيون ۽ ڳوٺ ڇڏي ڀاڄڙ ۾ پئجي ويا. مرزا يوسف کي جڏهن اها ڪُڙڪ پيئي ته سندن پٺيان سپاهي ڊوڙايائين، جن انهن جي سڄي مَنڊي موڙي ڪانئن کسي ورتي.

١٨- جهانگير بادشاه پنهنجي اياڪاريءَ ۾ ڳاوشماري (ڍورن ڳڻڻ) ۽ ڍورن تي داغ ڏيڻ (ڏنڀ جي نشان) جو رواج ختم ڪري ڇڏيو هو. ليڪن شاهي تنسيخ (حڪم رد ڪرڻ)

جي باوجود احمد بيگ جي دور ۾ سندس ياءُ (مرزا يوسف) حڪم ڏيئي ڇڏيو هو ته نئين سير سيوهڻ جي ڏهن ئي پرڳڻن ۾ ڪاوشماري ڪرائي ڏيورن تي زوريءَ داغ لڳرايا وڃن. ماڻهن کي اهو قانون ڏکيو ته ڏاڍو لڳو پر ڇا ٿي ڪري سگهيا؟ جن جو گذر ئي ڏيورن ڏڳن تي هو تن لاءِ اهڙي قسم جي وصولي وڏو عذاب هئي.

١٩- سڄي صوبي جي عملدارن کي گهرائي ٻڌا ڪٺهن ڏوهه گاهه جي قيدخاني ۾ وجهرايو ويو اهڙيءَ طرح ملڪ جا ارباب، شريف ۽ مانائتا ماڻهو ٻه جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ پهچايا ويا. اهو حال ڏسي بهاءُ الدين پنهوار جهڙا معزز ماڻهو پنهنجا آباڻا ڪک ڇڏي سنڌ جي ٻين علائقن ۾ رڃي پناهگزين ٿي ويٺا.

مرزا يوسف، بهاءُ الدين جي غير موجودگي جو فائدو وٺي، آن جي پن مخالفن کي هٿشي ڏني، جن انهيءَ ارباب جي ڳوٺ اڪبر آباد تي وڃي چڙهائي ڪئي. ارباب بهاءُ الدين کي جڏهن انهيءَ سازش جي سڌ پيئي ته عين موقعي تي پهچي ڳوٺ ۽ ملڪيتن جو بچاءُ ڪري ورتائين ۽ مخالف سندس هٿان مارجي ويا.

مرزا يوسف ارباب جي انهيءَ اقدام کان ايڏو ته اچي ڏمريو، جو آن سڄي علائقي جي اربابن، مقدمن، پٽوارين، قانون گوين ۽ گماشتن کي پڪڙي جيل آماڻي ڇڏيائين.

٢٠- مرزا يوسف اهڙيءَ اڍنگائيءَ سان ملڪ جي شريفن ۽ ٻين رهاڪن کي نيڪرون ڏيئي پاڻ ۾ ويڙهائيندو هو. ائين ڪرڻ سان هڪ طرف ملڪ جا اثر رسوخ وارا ماڻهو ڪمزور ٿيندا ويا ته ٻئي پاسي ملڪ جي ايڪي کي وڏو ڇيهو رسندو ويو. کيس پنهنجي حاڪميت برقرار رکڻ لاءِ اهو ئي رستو سُجهيو ٿي.

٢١- علائقي ۾ جيڪي ٻه باراني توڙي معافيءَ جون زمينون هيون ۽ جن تي آيا‌ن ڪان ڪابه ڍل يا ٻي سرڪاري وصولي نه ٿڙهيل هئي، مرزا يوسف انهن تي ٻيهر ڍل وجهي ڇڏي. هيءَ هئي مختصر صورتحال مرزا يوسف جي ڪاروگذارين جي، جنهن کي ”مظهر شاهجهاني“ سان ترتيب ڏيئي پيش ڪيو ويو.

نورجهان بيگم جي پائنٽي ۽ اعتماد الدوله (١) ميرغيات جي پوٽي يعني مغل شاهي حاڪم مرزا احمد بيگ خان جون دلچسپيون جڏهن زنانخاني جي اندر انت کان ٻاهر ٿينديون ويون ۽ سندس پاءُ مرزا يوسف جون ڪارگذاريون حرم سرا کان ٻاهر حدون ٽپي ويون، ته سيوهڻ جو سڄو علائقو ٻينگ ٿي ويو، ڳوٺ ويران ٿي ويا، آباديون برباد ۽ زمينون ٻنجهر ٿي ويون. ماڻهن حيران پريشان ٿي سنڌ جي ٻين وسندين ۽ واهڻن ۾ وڃي پناهه ورتي.

”مظهرشاهجهاني“ جو مؤلف انهن درد ناڪ حالتن ۽ افسوسناڪ واقعن جو بيان دهرائيندي لکي ٿو:

چو خواهد که ويران کند عالمي
نهد ملڪ در پنجهء ظالمي

”خدا جڏهن ڪنهن ملڪ کي ويران ڪرڻ
چاهي ٿو، ته ان جي واڳ ظالم جي هٿ
۾ ڏيئي ٿو ڇڏي.“

---

(١) نورجهان جي ڀيءَ ماءُ ۽ احمد بيگ جو نسب نامو مقدمي سان ملحق آهي؛ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مغل سلطنت جي بادشاهن، شهزادن توڙي اميرن جو هن خاندان سان ڪهڙو رشتو هو؛ ۽ انهيءَ رشتيداريءَ جي ڪري هن گهرائي ڪيترءَ سچي هندستان کي پنهنجي وڪڙ ۾ آندو هو ۽ ڪيئن سرطان جي بيماريءَ وانگي اهو هتان جي سياسي ڍانچي ۾ ورِ ڪري چڪو هو.

اهي ڪيس جڻن جو ڪُڻن ٽيندا رهيا پر ڪنهن جي واتان ڪا به ٻڙڪ ٻاهر نه نڪتي. ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ جو اهو عالم هو، جو مرڪزي حڪومت جي ديوان خاص تائين داد رسيءَ لاءِ پهچڻ نه ٿيو، پر انهن مظلومن ۽ ستم رسيدن کي خود محل سرا اندر مرزا احمد بيگ جي ايوان تائين پنهنجي آهن ۽ الاهُن پهچائڻ جي به سگهه ڪانه هئي. ميرڪ يوسف چوائي:

”هيچ آفريده نبود .... ڪه بيان واقع را به احمد بيگ خان بگو يدڪه برادر تو اين قسم ظلم و ستم برداشته عالم را خراب و ضايع ڪرده ص ١٥٩!

يعني: اهڙو ڪو ماڻهو پٽ تي ڪونه هو، جو اها آپدا احمد بيگ خان جي ڌيان تي آڻي ته ڪنهنجي حلالي ڀاءُ جي انڌير ۽ انياءَ ڪان هينءَ ملڪ جي ٻيڙي سير تي چڙهي چڪي آهي!

يوسف ميرڪ (مؤلف) کي هڪ شريف انسان جنان پنهنجي وطن سان بي انتها محبت هئي. پاڻ هو به وڏي ڪردار ۽ جرأت جو مالڪ. جڏهن پاڻي حد ڪان وڌيڪ گذرندو ڏٺائين، ته هڪ ڏينهن انهيءَ حرم نشين حاڪم (احمد بيگ) کي وڃي مُنهن جي ڀڳايائين ته

’تو اين خلق الله را بدست برادر خود داده خراب و ضايع ساختي! چون متوجه به آن جهان شوي، خالق علي الاطلاق از تو خواهد تحقيق ڪرد‘ ص ١٥٩.

يعني: تو خدا جي خلق کي پنهنجي خونخوار ڀاءُ جي حوالي ڪري ان جو جهڳو جهٽڻ ڪري ڇڏيو آهي، خدا قيامت ڏينهن توکان ضرور ان بابت پڇاڻو ڪندو.

ليڪن ان ڪان پوءِ به ڪو خاطرخواه نتيجو نه نڪتو.

هن ظالم ۽ ناخدا ترس حاڪم جي ظلمن کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا به واهه ڏسڻ ۾ نه پئي آئي. نيٺ يوسف ميرڪ اهو ارادو ڪيو ته پاڻ ئي مرڪزي سرڪار وٽ وڃي شاهي ايوان جا ڳرا زنجير کڙڪائي ۽ هن درد ناڪ داستان کي شاهجهان بادشاه جي ڪنن تائين رسائي. ممڪن هـو ائين ڪرڻ سان ڪا ڇوٽڪاري جي واٽ پيدا ٿي پوي!

تاليف جو ارادو:

يوسف ميرڪ پوءِ خيال ڪيو ته هيءَ ڏکن پري آکاڻي زباني طور بدائڻ بدران طومار جي صورت ۾ لکي شاهي دربار ۾ پيش ڪرڻ مناسب ڳالهه ٿيندي، جئن چوي ٿو ته

.... واقم الحروف، پريشاني احوال وطن اختياري خود ديده .... عازم عتبه بوسي آستان فلڪ نشان گرديد و به خاطر آورد که احوال اين ملڪ و عمل احمد بيگ خان را در يڪ طوماري نوشته بنظر اقدس گذرانده - ص ۱۶۰.

يعني: راقم الحروف (يوسف ميرڪ) پنهنجي اختياري وطن کي حال کان بيحال ڏسي، شاهي دربار ڏانهن ڪاهي وڃڻ جي سنبت ڪئي ته جئن ملڪ جي احوال ۽ احمد بيگ خان جي عملداريءَ جو لکيل طومار بادشاه وٽ پيش ڪري.

انهيءَ نيت سان هو سيوهڻ مان نڪري بکر پهتو، جتي ان وقت محمد علي بيگ بغدوي، حڪيم محمد صالح ۽ مان سنگهه وغيره مغل سلطنت جا نائب مقرر ٿيل هئا. انهن کي جڏهن يوسف ميرڪ جي انهيءَ ارادي جي خبر پئجي ويئي ته پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي مرزا احمد بيگ کي آگاه ڪيائون. پـر ايتري ۾ خير جو يوسف ميرڪ سيوهڻ ڇڏي چڪو هو نه ته هن جي انهيءَ ارادي جي جيڪڏهن بروقت احمد بيگ کي سڌ

پنجي وجي ها ته ٻوءِ هن ويچاري جي سر جو ڪو خير نه هو.

هاڻ جڏهن ٻکي سندس پهچ کان پري ٿي پيو ته آن کي وري ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائڻ لاءِ احمد بيگ بکر جي عملدارن کي ميڙ منٿ ڪئي ته ڪيئن به ڪري يوسف ميرڪ کي سيوهڻ واپس ڪيو وڃي. آن سان گڏ هو مظلومن تي هٿ ڦير ڪري سندن دل وٺڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو.

ان کان اڳ جو احمد بيگ جو ملازم سندس پيغام کڻي بکر پهچي، يوسف ميرڪ بکر جا وڻ ڇڏي ملتان پيڙو ٿي چڪو هو. ڏهن ملتان جو صوبو شاهجهان جي سهري وزير اعظم آصف خان يمين الدوله (١) جي جاگير ۾ هو ۽ يوسف ميرڪ جو وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا امير خان آصف خان پاران اتي نائب مقرر ٿيل هو.

ڪتاب جي تاليف

يوسف ميرڪ جو ارادو هو ته ملتان ۾ پنهنجي ڀاءُ وٽ رهي، دارالخلافه وڃڻ لاءِ سفر جو سامان تيار ڪري ۽ اتي ئي انهيءَ طومار کي ترتيب ڏيئي دربار ڏانهي آسهي وڃي. ليڪن ١٠٣٩ هه ۾ (٢) هي جڏن ٿي ملتان پهتو ته مير ابوالبقا اميرخان کي ٺٽي جي نائبيءَ جا احڪام مليا.

مير ابوالبقا امير خان وڏو تجربيڪار ۽ مغل بادشاهن جي شاهاڻي مزاج جي نزاڪتن کان چڱيءَ طرح واقف هو. هن کي خبر هئي ته سندس ڀاءُ جو هي غيظ غضب ۽ حب الوطنيءَ وارو جوش خروش، انصاف طلبي ۽ داد خواهيءَ جو جذبو يا دربار

---

(١) مرزا ابوالحسن آصف خان.

(٢) ٻارهين ربيع الاول جي رات ١٠٣٩هه. شاهجهان ابوالبقا جي بدليءَ جو فرمان جاري ڪيو. "بادشاه نامه" ج ١- ص ٢٨٧

تائين رسائي ڪرڻ واري رٿا مصلحت مطابق نہ هئي، ان ڪري ڪيس ان مان ڪنهن حاصلات يا نتيجي نڪرڻ جي ڪا بہ امڪاني صورت نظر نہ پئي آئي . انهيءَ آڌار تي هو في الحال يوسف ميرڪ کي پاڻ سان گڏ واپس ڻٽي وٺي آيو ۽ ڪيس چيائين تہ اتان ئي سفر جو سامان تيار ڪري هندستان روانو ٿي وڃي. يوسف ميرڪ جڏهن ٺٽي پهتو (١) تہ آب هوا جي خرابيءَ سبب بيمار ٿي پيو، تنهنڪري سندس سفر جي تياريءَ ۾ ليٽ ٿي ويئي. انهيءَ بيماري جي عالم ۾ ارادو ڪيائين تہ شڪايتي طومار بدران، صحتياب ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي صحيح حالتن تي هڪ ڪتاب تاليف ڪرڻ مناسب ٿيندو، ۽ اهوئي ڪتاب شاهي حضور ۾ پيش ڪرڻ لائق ٿي سگهندو . ان باري ۾ لکي ٿو تہ

> انهيءَ لاءِ باس باسي ويئي تہ بيماريءَ مان اٿڻ کان پوءِ سنڌ جي حالتن تي ڪتاب لکي، اهو بادشاه جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو سعيو ڪيو ويندو- ص ١٦٢

هي اهو ئي ڪتاب آهي جيڪو يوسف ميرڪ بيماريءَ مان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي صحيح حالتن بابت بلڪ ائين چوڻ گهرجي تہ سنڌ اندر "مغل شاهي" جي اندروني حقيقتن متعلق تاليف ڪيو هو. هن ڪتاب جي وجود ۾ اچڻ جا اهي ئي اسباب ۽ محرڪات هئا، جن جو ذڪر گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي. مؤلف ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

> هي ضعيف بندو ۽ خدا جي رحمت جو طلبگار يوسف ميرڪ پٽ ابوالقاسم نمڪين حسيني هروي چوي ٿو تہ جڏهن سنڌ جي حالتن کان واقف ٿيس تہ هن آيت جي اقتضا موجب:

---

(١) ربيع الثاني ١٠٣٩ھ جي پڇاڙيءَ يا جمادي الاول جي وچ ڌاري يوسف ميرڪ ٺٽي پهتو هوندو.

لا تكتمو الشهادة و من يكتمها فانه آثم قلبه
و الله بما تعلمون عليهم -

يعني :

توهان پنهنجي گواهيءَ کي نہ لڪايو ۽ جنهن
بہ پنهنجي گواهيءَ کي مخفي رکيو تنهن جي دل
گنهگار آهي، توهان جيڪي ڪريو ٿا خدا ان
جي ڄاڻ رکي ٿو-

مؤلف جي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿي تہ سموري حقيقت زماني
جي بادشاه ابوالمظفر شهاب الدين محمد "شاهہ جهان"،

جنهن جي ڪامرانيءَ جو ايوان
آسمان کان اتاهون آهي ۽
اهو بادشاه جنهن جي بزرگيءَ جو سج
جتي پهچي ٿو اتي روشني اچي ٿي-

تنهن جي خدمت ۾، زماني جا لاڳاپا لاهي، پنهنجي حقيقت حال
پيش ڪئي وڃي، جئن سندس رعيت تان ظلم جو وبال دفعي
ٿئي ۽ ملڪ ۾ هرهنڌ عدل انصاف جو واءُ ورڻ لڳي.

....اسلامي بادشاهن کي هونءَ بہ اهڙين ڳالهين کان ڪو
گريز نہ آهي ۽ انهيءَ اميد تي مون هي مختصر ڪتاب تيار ڪري،
ان کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، جنهن جو نالو "مظهر شاهجهاني"
رکيو اٿم -

اي بادشاه!
ستن آسمانن جي سايي هيٺ
تون ئي سيڪنهن جي ايل آهين.
تنهنجي ئي در جو آسرو

سڄي جهان لاءِ پروسي جهڙو آهي .
چنڊ ساري رات آسمان تي ڦرندي،
تنهنجو ڏيئو ٻاريندو رهي ٿو؛
سج سارو ڏينهن سونهري تاج سان
تنهنجي تخت اڳيان حاضر آهي .
جنهن رب توکي بادشاهي ڏني
تنهن سڀڪجهه سندءِ حوالي ڪري ڇڏيو.
توکي ان ڪري ملڪ جي بادشاهي ملي
تہ جئن عدل، انصاف ڪندو رهين .
نہ هوا مڇر جي پر کي زور سان ستائي،
نہ هاٿي ڪيوليءَ مٿان پير رکي.
خدا جو شڪر جو تنهنجي انصاف لاءِ
هيءَ روداد پيش ڪئي وڃي ٿي .
تنهنجي انصاف ۾ وڏي اميد اٿم،
جي تو ٿورو بہ هي داستان پڙهيو،
توکي جيڪا بي انصافيءَ جي ڳالهہ نظر ايندي
تنهن لئي ڪا بہ مهر نہ ٿيندي .
جيڪڏهن اِن ۾ ڪا مٺيا هوندي
تہ عرضدار سرفراز ٿي رهندو.
منهنجو ڪم موتي مڙهڻ،
تنهنجو ڪم قدر ڪرڻ آهي .
آءٌ دل سان آفرين چوندس —
اهو مون تي ڇڏيل آهي .
هن گنج نامي ۾ ڪيترن خزانن
جون ڪنجيون رکي ڇڏيون اٿم،
جيڪو ان مان سوني ڪنجي هٿ ڪندو

آهو ڪيترن خزانن جا طلسم ٽوڙي ڇڏيندو (١).

ڪتاب جو نالو:

هن ڪتاب جا ٻه نالا نظر اچن ٿا. ٻئي حصي ۾ جتي مؤلف پنهنجي بيماريءَ جو ذڪر ڪري ٿو اتي ڪتاب جو نالو "مظهر التدبير" ماي ٿو:

الحمد لله و المنته، هن بيت جي آڌار تي:
اي خدا تون منهنجي نيت ڪان واقف آهين
جڏن نيت نيڪ آهي تڏن خير جي
نوازش ڪجانءِ. مظهر التدبير جو نسخو
تڪميل تي پهتو، آءٌ اميد رکان ٿو ته
امير عادل شاهجهان بادشاه ان تي عنايت
جي نظر ڌريندو- ص ١٦٢.

ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ حمد ۽ نعت ڪان پوءِ مهاڳ ۾ ان جو نالو "مظهر شاهجهاني" لکيل آهي:

ڪجهه پنهنجي طبيعت جي فيض مان ۽ ڪجهه
اڪابرن جي ڪلام مان جمع ڪري هن ڪتاب
جو نالو مظهر شاهجهاني رکيو ويو، جيڪو ٻن
حصن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي اُن قلمي نسخي ۾ جنهن جي بنياد تي هي متن تيار ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو خود مؤلف جي پنهنجي ملڪيت هو، تنهن جي مٿينءَ عبارت ۾ "مظهر" ڪان پوءِ وارو لفظ ڍاهي، ان جي مٿان ساڳيءَ صورتخطيءَ ۾ "شاهجهاني" لکيل

(١) ص ٣ ڪان ٥ تائين، جڏن ته ڪتاب جو پهريون حصو شايع نٿو ڪيو وڃي، ان ڪري هيءَ سڄي عبارت هتي نقل ڪرڻ مناسب سمجهي ويئي.

آهي. ڊائل لفظ "تدبير" پڙهي سگهجي ٿو. ان موجب اندازو اهو آهي ته شروعات ۾ ڪتاب جو نالو "مظهرالتدبير" رکيو ويو هوندو، پوءِ شاهي ناليءَ جي نسبت سان پويون لفظ بدلائي ان کي "مظهر شاهجهاني" جو نالو ڏنو ويو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ته اهو نالو ڊانو ويو پر ان جي ٻئي حصي واري متن ۾ ساڳيو پهريون نالو "مظهر التدبير" باقي رهجي ويو.

تاليف جو سال:

مؤلف ڪتاب لکڻ جو ارادو (جنهن اڳ بيان ٿي چڪو) سال ١٠٣٨ هه جي پڇاڙيءَ ۾ ڪري چڪو هو. ليڪن ڪتاب لکڻ جي شروعات ڪڏهن ڪئي ويئي تنهن بابت ڪٿي به ڪو اشارو نٿو ملي. البته متن ۾ ڪن جاين تي واقعات جي ضمن اندر (١٠٤٤هه) جو حوالو ڏنل آهي (١). اهڙيءَ ريت ڪتاب جي خاتمي تي به تاليف جي تڪميل جو سال ساڳيو ١٠٤٤ هه ڏهرايل آهي.

> وقد تم الكتاب بعون الملك الوهاب يوم سبت وقت الظهر في تسع عشر من شهر محرم الحرام سنة الف و اربع و اربعين من الهجرة النبويه عليه افضل الصلواة والتحياة، موفق بسنة السابع من الجلوس الشهنشاهي خلد الله ملكه و بقاء و ثبت عدله و انصافه.

هن عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو ته ١٩ محرم ١٠٤٤ هه تي ٽپهريءَ مهل هي ڪتاب لکجي پورو ٿيو. ليڪن متن جي درمياني

(١) ڏسو متن ص ٥-٥٨ ؛ ١٦٣.

عبارتن کي هن عبارت سان ملائڻ کان پوءِ اهو خيال ڪرڻ درست نہ آهي تہ ڪتاب جي تاليف انهيءَ سال جي پهرئين مهيني ۾ ٿي هوندي، ڇا لاءِ تہ ٨١٤ صفحن کي صرف ١٩ ڏينهن جي اندر لکي پورو ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهي. قياس ڪيو وڃي ٿو تہ مؤلف ١٠٣٩ھ کان پوءِ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هوندو ۽ مڪمل ٿيڻ ٿي جڏهن ١٠٤٤ھ ۾ مسودو تيار ٿيو هوندو تہ انهيءَ وقت سنجهس اهڙن واقعن جو واڌارو ڪيو هوندائين جن جو تعلق ان سال سان هو. هي اهو ئي سال آهي جڏهن سندس وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا جهوناڳڙهہ ۾ حڪومت جو نائب هو.

ڪتاب جا ماخذ:

ڪتاب جي پهرئين حصي کي ڏسي اهو خيال پيدا ٿئي ٿو تہ مؤلف ”سياست نامہ“ يا انهيءَ قسم جي ٻين ڪتابن کي آڏو رکي اهو حصو تاليف ڪيو هوندو. فرصت نہ هئڻ ڪري انهيءَ حصي کي ٻين ڪتابن سان ڀيٽڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو، تہ تہ اهو معلوم ڪرڻ مشڪل نہ هو تہ ڪتاب جي پهرئين حصي جي تاليف لاءِ مؤلف جا ڪهڙا ماخذ هئا. ڪتاب جو ٻيو حصو جيئن تہ مؤلف جي دور ۾ اکين ڏٺل حالتن توڙي واقعن تي مشتمل آهي، ان ڪري انهيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي ڪتاب تان مدد وٺڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. البتہ مؤلف بکر ۽ سبيءَ واري باب ۾ مير معصوم بکريءَ جي ڪتاب ”تاريخ سند“ تان ڪجهہ استفادو ڪيو آهي، جنهن کي نظر ۾ رکي متن اندر مير معصوم جي ان ڪتاب جي صفحن جا حوالا درج ڪيا ويا آهن.

شاهجهان ۽ ڪتاب:

هن ڪتاب يا ڪنهن ٻئي ذريعي سان اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ يوسف ميرڪ پنهنجو هي ڪتاب شاهي

حضور ۾ پيش ڪري سگهيو هو يا نه. يعني هن جي پنهنجن لفظن ۾ هي ڪتاب ”بادشاه جي نظر مان“ نڪتو ۽ هن جي اها آس ته

مون کي اميد آهي ته بادشاه سلامت هي
داستان ضرور نظر مان ڪيندو-

پوري ٿي به يا نه؟ اندازو آهي ته جئن ته هي ڪتاب مرزا احمد بيگ جي مظالم ۽ جبر استبداد جي داستان بابت هو ۽ اهو احمد بيگ نورجهان جو ڀائٽيو، شاهجهان جي بيگم ارجمندبانو ”ممتاز محل“ جو سڳو سوٽ هو ۽ هن جي چاچي مرزا ابوالحسن يمين الدوله آصف خان جي نيابت ۾ خود مؤلف جو وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا امير خان به رهي چڪو هو، تنهنڪري انهن حالتن جي پيش نظر اها مصلحت ڏيان ۾ رکي، خيريت انهيءَ ۾ سمجهي وئي هوندي ته هي ڪتاب ڪنهن به صورت ۾ مغل شهنشاه جي حضور ۾ پيش نه ڪيو وڃي. ان ڪري هي ڪتاب مؤلف وٽ ئي رهجي ويو. اهوئي سبب آهي جو ڪتاب نه ته مشهور ٿي سگهيو، نه وري ان جا نقل ٿيا ۽ نه ئي آن جو ڪٿي ذڪر اچي سگهيو.

ڪتاب جو مسودو مؤلف وٽ محفوظ رهيو. پڇاڙيءَ هن (جئن ايندڙ صفحن ۾ پڙهندڙن کي خبر پوندي) اهو مسودو پنهنجي ڀائٽئي مير ضياءُ الدين يوسف کي ڏيئي ڇڏيو. انهيءَ وچ ۾ ڪتاب جي تاليف کي اٺ سال ٿي چڪا هئا.

هي ڪتاب مؤلف جي خاندان ۾ ئي رهيو. ان جو فقط هڪڙو نقل ٿيو، جو گهٽو ڪري انهيءَ ئي خاندان جي ڪنهن فرد جي ملڪيت معلوم ٿئي ٿو.

بهرحال، اصل ڪتاب ۽ ان جو هي نقل اتفاق سان زماني جي حادثن کان بچندو، اڄ تائين محفوظ رهندو آيو ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان جي دور تائين پهچي ويو.

ڪتاب جون خصوصيتون:

ايران هجي توڙي خراسان، عرب هجي توڙي عجم، سنڌ هجي يا هند، مشرق ۾ جتي به گذريل زماني ڏاري جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، اهي گهڻو ڪري شاهن، شهزادن، وزيرن توڙي اميرن جي ساراهه سان ڀريون پيون آهن. يعني انهن جو مرڪزي نقطو ڪنهن نه ڪنهن شخصيت تي مبني هو ۽ سڀئي واقعا انهيءَ نقطي جي چوڌاري گردش ڪندا ٿي رهيا. جنگ جا داستان، بهادريءَ جا افسانا، ملڪ گيريءَ جا قصا، سخا ۽ عدل انصاف جون حڪايتون، موافق جي تعريف، مخالف جي مذمت وغيره اهي ئي اسان وٽ تاريخ نويسيءَ جا اسلوب بڻيل رهيا آهن. اسان جي تاريخن ۾ واقعن ۽ شخصيتن کي مصلحتن ۽ عاقبت انديشين جي پيش نظر لحافن ۽ غلافن ۾ ويڙهي اهڙيءَ ريت بيان ڪيو ويو آهي، جو نه ته ڪا حقيقي شخصيت ظاهر ٿئي ٿي، نه ان جا اصل ڪردار سامهون اچن ٿا ۽ نه وري واقعات پنهنجي صحيح شڪل صورت ۾ آجاگر ٿين ٿا.

ملڪ جي حالتن، معاشي ۽ اقتصادي صورتحال توڙي عوام جي طرز زندگيءَ کي ڪڏهن تاريخ نويسيءَ جي دائري اندر ڏيان ۾ آڻڻ لائق نه سمجهيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو مشرق جي ڪنهن تاريخ پڙهڻ کان پوءِ مطالعي ڪرڻ وارو ان دور جي صحيح صورتحال کان واقف ٿيڻ بدران شخصن ۽ فردن جي ڪوڙي ڪردار، ۽ فرضي واقعن جي چڪر ۾ اڙجي ٿو وڃي.

انهيءَ حالت ۾ تاريخ جا ڪي اهڙا فرد اسان وٽ اهميت حاصل ڪري ويا آهن، جيڪي حقيقت ۾ پنهنجي افعال توڙي اعمال جي لحاظ کان نه ڪنهن احترام جي لائق هئا، نه وري ڪنهن تحسين جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. انڪري ڪيئي واقعا محض مورخن جي مصلحت بينيءَ يا غلط بيانيءَ سبب هرويرو

اسان جي آڏو تاريخ جي شاهراه تي سنگ ميل جي حيثيت اختيار ڪري ويا، بلڪ اهي اسان جي لاءِ تاريخي معتقدات بڻجي چڪا آهن، جيڪي پنهنجي اصليت جي اعتبار کان هرگز انهيءَ لائق نه هئا. اهو سيڪجهه صرف ان ڪري ٿيندو رهيو ته مشرقي تاريخون شخصي حڪمرانن جي سرڪاري ڪارخانن ۾ جڙنديون رهيون ۽ بادشاهن لاءِ لکيون ويون. آنهن ۾ اميرن جو وڏو دخل هو، پوءِ انهن کي شهزادن پنهنجي نالي معنون ڪرڻ جو رواج وڌو.

جيڪڏهن ڪن ماڻهن انهيءَ روش کان هٽي، ڪڏهن ڪا تاريخ لکي به ته شخصي حڪومت جي ڪرڙيءَ نظر جي تيزيءَ ۽ تلخيءَ ان کي مصلحت ۽ عافيت جي آڙ وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جا ڪيئي پهلو گهٽو ڪري مسخ ٿي ويا. انهن ۾ سچ جي ڳولا ڪرڻ لاءِ ڪيئي هفت خوان طي ڪرڻ کان پوءِ به مشڪل سان ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي. انهيءَ قسم جي ڪهڙيءَ به تاريخ جي منڍ کان پڇاڙيءَ تائين ورق گرداني ڪئي ويندي ته ظل الله جي بارگاهه کان وٺي يمين السلطنت ۽ اميرالامراء جي ايوان تائين طواف ڪرڻو ٿي پوندو.

ناجائز ملڪ گيريءَ جي هوسڪاريءَ ۾ جنگ ۽ قتل جا جيڪي به ميدان سنواريا ويا، تن جو ٿهري نظارو اڃا تائين اکيان ڦرندو رهي ٿو. پيءُ جو لاش، پاڻرن جون مسيون، پٽن جا گيچ ڏرارين جو بڪ ٿيندي پيا پسجن، ليڪن باشندن جي اصلي تصوير ۽ صحيح حالتن تي اهڙا لوهي پردا پيل ڏسجن، جو ڪنهن به طرح سرڪاري ايوانن جي هن پار جي ڪا به جهلڪ نظر نٿي اچي.

سنڌ جون تاريخون به تاريخ نويسيءَ جي انهي عام نگارش واري اسلوب مطابق لکيون ويون. ”چچ نامي“ کان وٺي ”لب تاريخ

سنڌ“ تائين سيني جو اهو ئي حال آهي. انهيءَ لحاظ کان يوسف ميرڪ جي هن ڪتاب ”مظهر شاهجهاني“ جو وجود نه صرف غنيمت ڀانئجي ٿو، پر سنڌس تاليف کي تاريخ نويسيءَ جي تاريخ ۾ هڪ حادثي يا اتفاق جي حيثيت ۾ به شمار ڪري سگهجي ٿو. جو ته هن ۾ سنڌ جي تاريخ جي اهڙن گوشن ۽ لڪل پهلوئن تي روشني وڌي ويئي آهي، جيڪي تاريخ جي صحيح تعريف ۾ اچي وڃن ٿا.

مؤلف جئن ته خاص ڪري هڪ مغل حاڪم جي ظالماڻي طرز عمل کان بيزار ٿي هي ڪتاب لکيو آهي، ان ڪري ڪتاب ۾ هڙئي اهڙا واقعا آڻي ڇڏيا آهن، جيڪي ملڪ جي اندروني، سياسي ۽ انتظامي صورتحال جي نقاب ڪشائي ڪن ٿا. انهن واقعن جي پڙهڻ سان اُن دور جي سنڌ جون صحيح حالتون ۽ سنڌ تي مغل شاهيءَ وارو نقشو چٽيءَ ريت اکين اڳيان اچي وڃي ٿو.

مؤلف مغل حاڪمن ۽ جاگيردارن جا سڀ پار پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ ۾ انهن جا ڪهڙا ذاتي مشغلا هئا ۽ ڪيتريءَ حد تائين سنجهن ملڪداريءَ جي اهليت هئي، هو عقلمند هئا يا مورکوڙي بيوقوف، ظالم هئا يا نيڪدل، انهن سيني معاملن کي ذري پرزي بيان ڪيو ويو آهي.

اهي سڀ سنڌ جي تاريخ جا اهڙا لڪل گوشا آهن، جيڪي ڪنهن به ٻئي ذريعي سان اسان جي علم ۾ نٿي اچي سگهيا. سياسي، انتظامي توڙي ملڪي واقعن کان علاوه هن ڪتاب مان اسان کي جغرافيائي ۽ اقتصادي حالتن بابت به تفصيلي احوال ملي ٿو. تنهن سان گڏ پوک جي نمونن، زمين جي مختلف خصوصيتن، زمينداري ۽ جاگيرداريءَ جي طريقن، فصل، ٻٽئي، ڍل، محصول، ماپ تور جي اصولن ۽ وزنن وغيره بابت پڻ نهايت ڪارآمد ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون، جيڪي هن ۾ قلمبند ٿيل آهن. شهر، ڳوٺ، ڍنڍون، پهاڙ، نديا وڏا رستا، درياهه، ڪَس،

۽ اچ وڃ جي وسيلن جا تفصيل بہ ڪتاب ۾ هرهنڌ موجود آهن.

سنڌ جا قبيلا ۽ انهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ لئي بہ مؤلف ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي ڪهڙن علائقن ۾ ڪهڙا قبيلا رهن ٿا، سندن گذربسر ڪهڙو آهي ۽ هنن جون مشغوليون ڪهڙيون آهن، انهن سان ڪهڙا چڱا ۽ ڪهڙا اڻگا آهن. غرض تہ مؤلف اهڙي ڪابہ ڳالهہ نظرانداز نہ ڪئي، جيڪا ذڪر لائق هجي. هن آسيني حالتن ۽ واقعن جو جزئيات جي حد تائين جائزو ورتو آهي، ايتري قدر جو روزمره جي معمولي ڳالهين کي بہ ڪتاب ۾ درج ڪري ڇڏيو اٿائين. ان ڪري هن ڪتاب طفيل اسان وٽ نہ فقط تاريخي مواد جي فراهمي ٿي ويئي آهي، بلڪ خود مؤلف بابت بہ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ڪيڏو ذهين هو، جو ڪابہ شيءِ سندس مشاهدي ۽ ذهني گرفت کان بچي نہ سگهي.

پڙهندڙ جڏهن ڪتاب ختم ڪري ٿو تہ کيس ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تہ هو پاڻ بہ مؤلف سان گڏ آن دور جي سنڌ جو سير ڪري رهيو آهي ۽ ڪتاب جا سمورا واقعا توڙي سموريون حالتون هن پنهنجي اکين سان ڏٺيون آهن.

خود مؤلف جي پنهنجي شخصيت ڪتاب ۾ ان بلند مناري جهڙي آهي، جيڪا ڇنهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جو راتين جي اونداهين ۾ ڀٽڪيل جهازن کي پنهنجي روشنيءَ سان سڌين ڏس لائي ڇڏي ٿو. هن جو سڄو خاندان جيتوڻيڪ مغل حڪومت جو پاليل نپايل هو ۽ سنڌ سان ٻئي انهيءَ خاندان جو مستقل ۽ گهرو تعلق رهندو پئي آيو؛ ان ڪري انهيءَ نسبت ۽ وطني رشتي جي آڌار تي جيڪي حق مؤلف تي عائد ٿيا پئي، تن کي هن هڪ محب وطن وانگي چڱيءَ طرح ادا ڪيو آهي.

پنهنجيءَ لکڻيءَ ۾ هو بي قرار به آهي ته چرڪ به پرڻ لڳي ٿو، ۽ روحاني اذيت به محسوس ڪري ٿو. هو جڏهن حڪومت جي نااهل ۽ ظالم ڪارندن طرفان پياري وطن ۽ ان جي رهاڪن تي ناحق ظلم ٿيندي ڏسي ٿو ته کيس هن سرزمين جي هر شيءِ سان دلي لاڳاپو ۽ آنس پيدا ٿئي ٿو. هو هتان جي هر شيءِ کي پنهنجي شيءِ ڪري ٿو سمجهي. ان ڪري چئي پنهنجي ذاتي ملڪيت کي تباهين ۽ ٻين جي ناجائز تصرف کان بچائڻ لاءِ سينو تاڻي ميدان تي لهي ٿو پوي.

احمد بيگ جڏهن سيوهڻ مان ملتان بدلي ٿي وڃي ٿو ته هن کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي ۽ اهو خيال لاهي ته هي ڪتاب شاهجهان بادشاهه جي حضور ۾ پيش ڪرڻو آهي، هندوستان جي ملڪ جي سڀني سوٽ ۽ مملڪت جي وزير جي ڀائٽي بابت صاف لفظن ۾ لکي ٿو چڏي ته احمد بيگ کي بجاءِ هن جي ته پنهنجي اعمال جي ڪا سزا ڏني وڃي ها، کيس ملتان جهڙي زرخيز علائقي جو والي بڻايو ويو، جيڪو سنڌ کان وڌيڪ ورسيل آهي!

سواي تغير اين ملک، اثري برو مترتب نگرديد
بلکه اثر رحمت بظهور رسيد، که از تغير
سيوهان صاحب صوبه ملتان شد که جاى عمده است.

ان سان گڏ لکي ٿو ته سنڌ جو مظلوم پنهنجي دادرسيءَ لاءِ ڪهڙيءَ ريت شاهي دربار تائين پهچي سگهي ٿو، جڏهن ملتان ان جي رستيءَ ۾ ٿو اچي، جتي احمد بيگ جو حڪم ٿو هلي! هو بادشاه کي مخاطب ڪندي لکي ٿو ته

جيڪڏهن احمد بيگ جي عملن جي تحقيق ڪرائي وڃي ها، ۽ شرعي حڪم موجب سندس ظلمن جو بدلو مظلومن طرفان ورتو وڃي ها ۽ جيڪي

ناحق خون ڪائڻس ڏيندا رهيا ٿـن جـو حساب پڻ
شاهي عدالت ذريعي وٺانس چڪايـو وڃـي هـا،
تہ ڪوبہ جاگيردار هن ڪان پوءِ ملڪ جي ويرانيءَ
تي آماده نہ ٿئي ها، پر ٻين ملڪن جا جاگيردار
پڻ ظلم ڪان پاسو ڪري، سهڻي نموني سنئين راهہ
هلڻ جي ڪن ها- ص-١٧٨.

هڪ موقعي تي جوش ۾ اچي لکي ٿو تہ

ملڪ جي ٻيڙي ان ڪري سِر تي آئي، جو هيءُ
نامرادن ظالمن، ۽ بيڪسن جو ملڪ ٿي ويو!

يوسف ميرڪ جيتوڻيڪ بعض واقعا مصلحت جي پيٽن غلافن ۾ ويڙهي بيان هيٺ آندا آهن، تہ بہ سندس دل جو ڏڙڪو ۽ هن جي ذهني اذيت صاف ظاهر ٿئي ٿي.

مظلوميت جي داستان ڪان علاوه هن ڪتاب ۾ سڀ ڪان اهم شيءِ سيوهڻ جي تاريخ آهي. ايتريءَ حد تائين، جو ايڏي تفصيل سان سيوهڻ جي تاريخ هن ڪتاب ڪان سواءِ ڪٿي بہ نٿي ملي.

ڪن تاريخن ۾ ٺٽي ۽ بکر جي حالتن يا انهن علائقن ۾ مغل دور جي حاڪمن جي فهرست تہ موجود آهي، پر سيوهڻ جي جاگيردارن جا نالا صرف هن ڪتاب جي ذريعي اسان جي سامهون اچن ٿا. هيءَ اها ئي تاريخ آهي، جيڪا اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ارغون ۽ ترخاني عهد ۾ سنڌ اندر ڇهہ راڄڌانيون هيون، يعني: بکر، سيوهڻ، نصرپور، چاچڪان، ٺٽو ۽ چاڪرهالا، ۽ هر هڪ راڄڌانيءَ ۾ ڪيئي پرڳڻا پڻ جاڙايا ويا آهن.

مؤلف هر پرڳڻي جو نالو ڏيئي، ان جي زرعي ۽ معاشي حالتن جو تفصيل لکيو آهي. ان سان گڏ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هر پرڳڻي ۾ ڪهڙيون قومون ۽ قبيلا آباد آهن. ترخانن جي

فوجي تعداد جي ڄاڻ به پهريون دفعو هن ڪتاب مان پيئي آهي. اتان ئي اها ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته اڪبر بادشاه سنڌ هٿ ڪرڻ کان پوءِ لاهري بندر مان گڏ بکر ۽ سيوهڻ جي واڄداني پاڻ لاءِ مخصوص ڪري، باقي سنڌ مرزا جاني بيگ کي جاگير طور ڏيئي ڇڏي هئي. هي ڪتاب هوندي به مغل حڪومت جي نظم نسق تي آئيني مثال آهي، پر منجهس ارغون ۽ ترخان جي دور جي انتظامي جهلڪ به ڪٿي ڪٿي نظر اچي ٿي.

سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ هن ڪتاب کان وڌيڪ آڳاٽو، اهم، صحيح ۽ رازدرون پرده کي واشگاف ڪرڻ وارو ڪتاب ڪنهن به مؤرخ ڪونه لکيو. جيڪڏهن مير معصوم کان وٺي مير علي شير قانع تائين جا مؤرخ مصلحت ڪوشيءَ کي ڇڏي، يوسف ميرڪ وانگي خدا لڳ سچ چوڻ جي سگهه ساڙين ها، ته سنڌ جي گذريل تاريخ پنهنجي اصلي روپ ۾ اسان جي اڳيان پڌري ٿئي ها.

—

ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ سنڌ جي تاريخ جو مواد

هن ڪتاب جو پهريون حصو سنڌ جي پوريءَ تاريخ جي واقعن ۽ حالتن سان ڀريو پيو آهي، پر مؤلف هن جي پهرئين حصي ۾ به، جيڪو حڪمرانيءَ جي اصول سان تعلق رکندڙ نڪتن ۽ مسئلن تي مبني آهي، تنهن ۾ ڪن هنڌن تي مثالن ۽ دليلن طور سنڌ جا تاريخي حقائق پيش ڪري ٿو، جيئن چوٿين باب جي ٻئي فصل ۾ جتي ملازمن جي تربيت ۽ تاديب جو ذڪر ٿو اچي، اتي مثال ڏيندي، هي واقعو لکي ٿو ته

> ملڪ گيريءَ جو مدار سڀ کان اول رعيت پروريءَ تي آهي. ائين ڪرڻ سان هڪ ملڪ مان ڏهه ملڪ پيدا ڪري سگهجن ٿا. هتي ڪا ٻه ڏيهه يا ڪو ٽپو اهڙو ناهي جنهن ۾ چار پنج هزار جريب آباديءَ جي ايراضي نه هجي. بعضي اهو تعداد ويهن ٽيهن هزارن جريبن کان به وڌي ٿو وڃي. پر اها خبر ڪانه ٿي پوي ته هن وقت ان مان ڪيتري ايراضي آباد ٿئي ٿي.
>
> جڏهن رعيت خوشحال ٿي، پوريءَ محنت سان پوکي راهي ۾ لڳي وڃي، متس حاڪم جو

ڪوبہ ظلم نہ هجي ۽ پاڻ کي صرف بادشاه جي رعيت ڪري سمجهي، تہ اهو ماڻهو جيڪو زور زبردستيءَ سان دل مَن هٽندي فقط ڏهہ جريب آباد ڪري سگهي ٿو سو پنجن سون کان هزار جريب لائين بلڪ ان کان بہ وڌيڪ آبادي ڪندو ۽ ڀل ڀريندو رهندو.

مون خود پنهنجي اکين سان اهڙو مشاهدو چانڊڪا پرڳڻي ۾ ڪيو هو، جيڪو بکر جي راڄڌانيءَ ۾ آهي.

اڳين حاڪمن جي عملداريءَ ۾ انهيءَ پرڳڻي مان ٻارهن لک تنڪا (رائج الوقت سڪو) مرادي حاصل ٿيندي هئي. جڏهن محمد علي بيگ بندري ٻکر جو عملدار ٿيو تہ هو رعيت جي سار سنڀال ڌاڻهن پورو ڏيان ڏيندو رهيو. سندس اياڻڪاريءَ ۾ ڪنهن وڻان بہ ڪا وڌيڪ وصولي نہ ڪئي ويندي هئي.

هن ڳوٺ ڳوٺ ۾ وصوليءَ کان اڳ ۽ ان کان پوءِ خبرداريءَ کان ڪم ورتو- جئن ارباب، رئيس ۽ قانون گو جيڪي بگهڙن جئان سدائين بکيا آهن، رعيت کي وڌيڪ وصوليءَ جي بوجهي ۾ نہ وجهن. ٻر جي اهي حساب ۾ ڪا گهٽ وڌائي ڪن يا هيڙي (گهوٻي) هٽن بہ پيا تہ اها جهٽ پڌري ٿي پوي پئي، ۽ انهيءَ سان رعيت کي ڀل ۾ چوٽ ڏياري ٿي ويئي. پوءِ انهن بدڪردار اربابن، رئيسن ۽ قانون گوين کان حساب ڪتاب وٺي، سٽن ڏنڊ وڏا ٿي ويا، جئن آئندي لاءِ ڪو ٻيو ماڻهو بہ رعيت سان

اهڙي بدديانتي نہ ڪري.

جنهن زماني ۾ مرزا عيسيٰ ترخان ٺٽي جو صوبہ دار مقرر ٿيو تہ 'شرير الملڪ' (١) محمد علي بيگ بہ ان جي مدد لاءِ ميوهوءَ هليو آيو. مؤلف جي ساڻس آشنائي هئي، جنهن جي ناتي سان هڪ ڏينهن وٽس وينو هوس تہ ٺڪر پرڳڻي مان، جيڪو سندس جاگير ۾ هو، ڪو ماڻهو هن وٽ دانهين ٿي آيو تہ 'اوهان پاجهريءَ جي پوک جي هڪ جريب تي ڏهہ ٽنڪا وصولي رکي آهي پر اوهان جو نائب جاگيردار اسان کان ٻارهن ٽنڪا وصول ڪري ٿو.'

اهو ٻڌي هڪدم هن پنهنجي منشيءَ کي گهرائي چيو تہ 'انهيءَ ياڙئي کي لک تہ مان رعيت جي دل وٺڻ ٿو چاهيان ۽ تون وري ان جي پيڙي ٻوڙڻ جي ڪيڏ پيو آهين! جيڪڏهن تو منهنجي ڏهن ٽنڪن واريءَ سند کان هڪ پئسو بہ وڌيڪ ورتو تہ توکي انهيءَ ئي هنڌ سوريءَ تي چاڙهيو ويندو، جئن ٻين لاءِ عبرت جو باعث ٿئي.' اهو پرزو انهيءَ مهل مهر هڻي فرياديءَ جي حوالي ڪيو ويو.

هيءَ ٺيڪي تي زمين ڏيڻ واري عمل جي پڻ خلاف هو. جيڪڏهن ڪنهن بہ ارباب وغيره ويهن هزارن جي پيدائش واري پرڳڻي لاءِ لک رپئي جو ٺيڪو ڪٽڻ پئي چاهيو تہ انڪار ڪري ٿي ڇڏيائين. ڪيس خبر هئي تہ ٺيڪيداري ملڪ

---

(١) شريف الملڪ، جيڪو شهزادي شهريار پاران ٺٽي جو نائب هو.

لاءِ تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي، آنهيءَ حالت ۾ رعيت پنهنجي حاڪم جي هٿ وَس ڪان نڪري وڃي ٺيڪيدار جي اري چڙهي ٿي، جيڪو پنهنجيءَ مرضي موجب غريب رعايا مان اڙانگوڙيون ڪندو رهي ٿو ۽ ڏيل بہ مسڪين رعيت جي هڏن مان ٿو ڪڍي. صاف ظاهر آهي تہ ڪو بہ ماڻهو لالچ ڪان سواءِ ٺيڪيداري نٿو ڪري سگهي. سو اها ٺيڪيداري ائين ئي آهي جئن ڪنهن سڪل ڪَتري کي باهہ ڏيڻ سان پهريان تہ ان مان چمڪندڙ چڻيون نڪرن ٿيون پر انهيءَ جو نتيجو نيٺ ڏوڙ ڇائيءَ جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو.

اهو محمد علي بيگ هر هفتي ڪچهري لڳائي منصف مان گڏ مفتين ۽ قاضين کي پنهنجي ماسهون ويهاري، فريادين جا فيصلا شريعت موجب ڪندو هو، جئن ڪو بہ ڏاڍو ڪنهن بہ هيٺي سان ڪا زيادتي نہ ڪري.

سيوهڻ جي علائقي ۾ بڪر سوڏو سميجن انڙن جي شورش پيئي هلندي هئي ۽ انهن چاندين سان سلي ڏاڙن، ڦرين سان سڄو ملڪ ويران ڪري ڇڏيو هو. هن پنهنجو لشڪر چاڙهي انهن سان اهڙي ڪار ڪري ڇڏي، جو سندس حاڪميت ۾ وري نہ بڪر جي ڪا پڇار ڪيائون ۽ نہ ئي ڪٽان جي، ۽ ماٺ ڪري گهرن ۾ ويهي رهيا. بختيار بيگ ترڪمان جهڙو زورآور حاڪم، جنهن جهڙو پيو ڪو بہ سيوهڻ بڪر جو حاڪم نہ ٿيو، بودلي نالي سميجن انڙن جي سردار کي زوريءَ

بکر جي قلعي ۾ وٺي آيــو ۽ کيس قيد ڪري ڇڏيائين جيڪو اتي ئي دوزخ جي داروغن وٽ وڃي پهتو.

اهڙيءَ ريت چانڊين جي سردار سونــدر جي زال ۽ چانڊين هٿان بانــدي ٿيل ماڻهن ڪــي، سنڌن راڄ سميت جبل مان هڪالي، بکر جي قلعي ۾ گهلي آيو. آخر جڏهن چانڊين جا سردار ميڙيون وٺي ويا ۽ بکر ۾ ڏاڍن هٿان ڪان بانءِ ڪيائون تڏهن سيني کي ڇڏيو ويو.

سنڌس ايامڪاريءَ ۾ مير ابڙي نالي چانڊڪا پرڳڻي جي زميندار درياهه مان وڏو واهه ڪيرائي رڻ پٽ ۾ آندو، جتي ڪنهن بني بشر جو پير نه پيو هو، ۽ اتي ڪيئي ڳوٺ آباد ڪيائين. انهن مان جوڪئي هرٽي ۽ مهمير ابــڙي جا ئي بــڏايل وڏا ڳوٺ هئا. تنهن ڪان سواءِ تندي ابــڙي وري پوپٽيءَ جو ڳوٺ آباد ڪيو، ۽ ابڙن جو مرشد شاه علي، جيڪو پاڻ کي مهديجو سڏائي ٿو، تنهن ڪوٽلي نالي ڳوٺ ٻڌايو.

انهن کي ڏسندي سانگين ۽ ابڙن جي ڪيترن ماڻهن، جن جو چانڊڪا پرڳڻي سان تعلق هو، واهيون کوٽي نيون دهون قائم ڪيون. ملڪ جا جيڪي به ڏتڙيل ماڻهو هئا تن انهيءَ پاسي رجوعات رکي جنهنڪري سارين ۽ جــوارين جون خريف واريون پوکون پلئون پل ٿينديون ويون. هاڻ لک جريب کان بہ وڌيڪ آبادي ٿئي ٿي، ۽ ربيع جي پوک جــو، ڪڻڪ، چڻا

۽ ٽوريون ٽنهن کان سواءِ. انهيءَ پرڳڻي جي جمعبندي ٽيهارو چاليهارو [لک ٽنڪا] ٿئي ٿي. ساڳيءَ ريت بکر جي واڇڏانيءَ واري پرڳڻي دربيلي ۾ به زمينون ڏاڍيون آباد ٿين پيون.

پيو، ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته مرزا جاني بيگ ترخان جڏهن ٺٽي ۾ هو ته وٽس پندرهن هزار ارغون، ترخان ۽ ٻيا ماڻهو ملازم هئا. رعيت مان به ويهه هزار سوار پاڻ وٽ رکيا هئائين. مجموعي طرح ڪل پنجٽيهه هزار سوار گڏ ڪري چڪو هو. اهي سيئي ماڻهو دلئون جانئون پورو سال اڪبر بادشاه جي فوج سان جنگ ڪندا رهيا. پڇاڙي ۾ وڏن حيلن کان پوءِ مرزا جاني بيگ پيش اچي پيو ۽ بادشاه جو مطيع ٿي، ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿيو.

فوج لوڙي رعيت جيڪڏهن پيئي پنهنجي بادشاه طرفان سک سانت ۾ آهن تــه ڇو نه مٿس جان مال گهوري ڇڏيندين؟

هن ملڪ ۾ رکيو ٺٽي اندر ڪيترا بادشاهي ملازم آهن جن کي ملڪ جي نگهبانيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿو سگهجي. جيڪڏهن سيئي قات ۽ ڪهت سوکها ڪيا وڃن ۽ رعيت جي بــه دل ورتي وڃي، ته وري اڳوڻو اوج ٿي سگهي ٿو. انهيءَ مان اهو فائدو به ٿيندو ته ٺٽي جي فوج هٿان ڪيچ جي واجا کي زير ڪري يا ڪانئس آڻ مڃرائي، مٿس بادشاه لاءِ 'ساليانو' مقرر ڪرايو وڃي. جيڪڏهن فوج کي اشارو ملي ته ڪيچ مڪران

به هٿ ڪري بادشاه جي اطاعت ۾ آڻي سگهي ٿي. (١)

هن طويل ۽ دلچسپ اقتباس مان جيڪي حقيقتون اسان جي اڳيان اچن ٿيون، اهي ڪنهن ٻيءَ تاريخ مان ڪٿي ٿيون حاصل ٿي سگهن! جهڙوڪ:

(١) محمد علي بيگ بندري جي اچڻ کان اڳ چانڊڪا پرڳڻي (هاڻوڪي لاڙڪاڻي ضلعي) جون انتظامي حالتون مغل شاهي ڪارندن خراب ۽ زبون ڪري ڇڏيون هيون.

(٢) مغل ڪارندا، ارباب، رئيس ۽ قانون‌گو نهايت ئي بدڪردار ۽ ظالم هئا، جن کي يوسف ميرڪ انهن خصلتن جي ڪري بگهڙن سان مشابهت ڏني آهي.

(٣) اهي راهڪن سان وڏا ڪيس ڪندا ۽ رشوت طور مقرر ٿيل ڏن کان وڌيڪ ڪاڻئن ڍل اڳاڙيندا هئا.

(٤) مغل جاگيردار يا حاڪم پنهنجي نا اهليت سبب پرڳڻا، ڳوٺ ۽ پوک‌يل ٻنيون ٺيڪي تي ڏيئي ڇڏيندا هئا، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو هو ته رعيت جا لڳ لاڳاپا حاڪم يا جاگيردار کان ٽٽي ٿي ويا ۽ ٺيڪيدار نه فقط پنهنجيءَ مرضيءَ موجب انهن کان ڳريون ڍلون ۽ اڳاڙيون ڪيندا ٿي رهيا، پر حيلي بهاني انهن کي تنگ به ٿي ڪيائون. تنهنڪري رعيت ويچاري پوک جي ٻچر ئي ڇڏي ٿي ڏني ۽ ملڪ ڀينگ ٿيندو ٿي پئي ويو. هن باري ۾ يوسف ميرڪ جو هي تجربو هو ته

ٺيڪيداريءَ وارو عمل ملڪ لاءِ بربادي‌ءَ جو ڪارڻ آهي....
ٺيڪيدارن کي جڏهن وٺي ٿو تڏهن زيادتيون ڪندا رهن ٿا....
جيڪڏهن لالچ جو ڪو دخل نه هجي ته ڪوبه ماڻهو

---

(١) ورق ٤٢ کان ٤٧.

شايد ٺيڪيداريءَ جي هام نہ هڻي.

پڇاڙيءَ لکي ٿو تہ اها ٺيڪيداري ائين آهي، جيئن ڪنهن سڪل ڪري کي باهہ ڏيڻ سان ڀڙڪيو ڏيڻ ۽ ان مان چمڪندڙ جيئون نڪرن ٿيون پر انهيءَ جو نتيجو نيٺ ڏوڙ ڇائيءَ جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو.

(٥) هرهڪ دهہ ۽ ٽپي جي زمين جو تعداد ڇهن پنجن هزارن جريبن کان مٿي هو.

(٦) چانڊڪا (هاڻوڪو لاڙڪاڻو ضلعو) جيڪو بکر جي راجڌانيءَ جو هڪ پرڳڻو هو، تنهن مان ٻارهن لک ٽنڪا ڍل وصول ٿيندي هئي.

(٧) هر جريب ڪان ڏهہ ٽنڪا سرڪاري ڍل وصول ڪئي ٿي ويئي.

(٨) پوک جي جمعبندي ۽ پوک جي وصولي توڙي ٻئي انتظام لاءِ عامل، ارباب، رئيس، قانونگو (١) ۽ شقدار (نائب جاگيردار) مامور هئا.

(٩) ڍل في جريب جي حساب سان ورتي ويئي جنهن ۾ وقت بوقت ڪمي بيشي ٿيندي پئي رهي: يعني اهو نرخ تبديل ٿيندو پئي رهيو.

(١٠) عدل انصاف جي ڪاتي ۾ قاضي، مفتي ۽ مصنف جون ٽي آساميون هونديون هيون. حاڪم کي پڻ اهڙو اختيار هو تہ هو عدالت جي عملدارن کي پاڻ وٽ گهرائي اجلاس ڪرائي ٿي سگهيو.

(١١) محمد علي بيگ بندري پنهنجي اياسڪاريءَ ۾ بروقت ٽي بڪرڙيل انتظام کي درست ڪري، مقرر ڍيل قانون تحت

---

(١) قانونگو، ٽپيدار يا پٽواري.

سائن کي حڪم جي تعميل جو پابند بڻائي ڇڏيو. رعيت جي دل ورتائين ۽ ڍل وغيره جي ايتري حد مقرر ڪيائين، جو ساڻهو آرام ۽ اطمينان سان پوک ۽ ملڪ جي آباديءَ ڏانهن مائل ٿيندا ويا.

ڪنهن ماڻهوءَ کي به ان زماني ۾ اها طاقت نه هئي ته دستور جي خلاف آبادگارن کان ڪا پائي به وڌيڪ وصولي ڪري سگهي. هڪ دفعي ڪنهن ڪڙميءَ ڪيس اچي دانهن ڏني ته ڪر عملدار مقرر ٿيل ڍل کان به ٽنڪا وڌيڪ وصول پيو ڪري، تنهن تي محمد علي بيگ نه رڳو نائب جاگيردار ٿي تنبيهه ڪئي، پر آئندي لاءِ به ڪيس چتاءُ ڏيئي ڇڏيائين ته جيڪڏهن هو هڪ پائي به وڌيڪ وصول ڪندو ته ڪيس انهيءَ هنڌ تي ڦاهيءَ چاڙهيو ويندو.

محمد علي بيگ اهڙو انتظام ڪري ڇڏيو هو، جو ڪيس هرهڪ ڏهه ۽ ٽپي سان ڍل وصول ٿيڻ وقت يا وصوليءَ کان پوءِ اتان جي صحيح حالتن جو پتو پئجي ٿي ويو، ان ڪري وصوليءَ ۾ ڪنهن به گهٽ وڌائي ٿيڻ جو امڪان نٿي رهيو.

هن کي جيڪڏهن ڪنهن ملازم بابت ڪا شڪايت ملندي هئي ته ان تي وڏا ڏنڊ وجهي ڇڏيندو هو. ٺيڪي تي زمين ڏيڻ جو رواج به بند ڪري ڇڏيو هئائين، جيئن رعيت ٺيڪيدارن جي ظلمن کان محفوظ رهي.

(١٢) مير ابڙي نالي هڪ زميندار چالاڪا ٻرگٽي ۾ رڏو ۽ ويڪرو واهه کوٽايو (١)، جيڪو درياهه سان پاڻي ڇڪي انهن علائقن ۽ ٻرن ٻنن ۾ پهچائيندو هو جتي ڪڏهن به ڪا آبادي ڪانه ٿي هئي، نه وري اتي پوکي راهيءَ جو ڪو سوال پيدا پئي ٿيو.

(١) اهو واهه اڃا تائين ”ميرواهه“ نالي موجود آهي.

انهن ويران علائقن کي آباد ڪرڻ کان پوءِ اتي نوان ڳوٺ ٻڌرايا ويا، جن مان مير خان اڻڙي جوکي هرٽي ۽ منهہ نالي ڳوٺ ٻڌرايا. نندي اڻڙي پوپٽيءَ جو ڳوٺ آباد ڪيو ۽ شاه علي اڻڙي ڪوٽلي جو ڳوٺ ٻڌرايو.

اهڙيءَ طرح چانڊڪا جي علائقي کي اتان جي هر قوم ۽ هر قبيلي آباد ڪيو، ڪيترا شهر اڏجي ويا ۽ ڪيئي واهہ کوٽايا ويا. اڻڙن، سانگين ۽ سميجن جي قبيلن جي چانڊڪا پرڳڻي ۾ گهڻائي هئي ۽ اهي مال ملڪيت وارا بہ هئا.

(١٣) انهن ڪوشش جي ڪري خريف جو فصل، سارين توڙي جوارين جو پلو ٽيڻ لڳو ۽ هڪ لک کان بہ وڌيڪ ايراضي پنهي جنسن مان پوکجڻ لڳي. اهڙيءَ ريت سرڪاري ڍل ۾ بہ چاليهہ فيصدي واڌارو ٿيو.

(١٤) ترخاني دور ۾ فوج جو جيڪو تعداد هو سو اڄ تائين معلوم ٿي نہ پئي سگهيو. هي ڪتاب ئي آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ مرزا جانيءَ وٽ ارغون ۽ ترخان قبيلي جا پندرهن هزار سوار موجود هئا ۽ مقامي ماڻهن مان پڻ ويهہ هزار فوج ونس هئي. اها پنجٽيهن هزارن جي فوج پوري هڪ سال تائين اڪبر جي فوجن جو زوردار مقابلو ڪندي رهي.

(١٥) انهيءَ مقابلي دوران ٺٽي ۾ مؤلف جي ڏينهن ڏاري مغل فوج جي ڏاڍي خراب حالت هئي. ان جي ڪابہ نگهباني نہ پئي ٿي، تانا توڙي چوڪيون مضبوط نہ هيون. فوج ان حد تائين پنهنجيون وايون بتال ڪري چڪي هئي، جو ان کي دم دلاسي جي گرت ضرورت محسوس ڪئي ٿي ويئي.

اهڙيءَ طرح مؤلف ٻهرئين حصي جي ٽئين باب جي ٽئين فصل ۾، جيڪو صوبہ دارن جي تربيت بابت آهي، بادشاه کي مشورو ڏيندي لکي ٿو:

”اهو نهايت ضروري آهي ته صوبهداريءَ جي بدل سدل ڪرڻ ۾ اچي. شروعات ۾ جيئن خريف جو فصل اچا ڪچو هجي، ته ٻئي صوبهدار کي اتي آندو وڃي، جيڪو پنهنجا ماڻهو سرحدن تي مقرر ڪري ۽ ملڪي حالتن کي ضابطي ۾ آڻي. ان کان پوءِ اڳئين صوبهدار کي ٻئي هنڌ اماڻيو وڃي. ائين نه ٿئي جو نئون صوبهدار فصل جي لهڻ کان پوءِ اچي ۽ اڳ ونئي ۽ اڳيون صوبهدار انهيءَ کان اڳ چوڪس ٿي وڃي ۽ بيدليءَ وچان فصل جي سنڀال نه ڪري جيئن پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ سندس ريت هئي. انهيءَ مان رعيت جو به نقصان ٿئي ٿو. ٻئي صوبهدار جي اچڻ سان به ڪيئي گهٽ وڌايون ٿيڻ لڳن ٿيون، خود غرض ماڻهو وقت جو فائدو وٺي، نئين صوبهدار جي ڪارندن مان بدعمليءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳن ٿا، جنهنڪري رعيت توڙي انهيءَ صوبي جي ٻي خلق پريشان ٿئي ٿي.

ٻيو هيءُ ته ان صوبهدار کي (جنهن جو صوبو آباد ۽ پيداوار وارو هجي) ٻئي صوبي ڏانهن بدلي ڪرڻ جي حالت ۾ يقين آهي ته بادشاه کي ان صوبي جي سرحدي سپاه ۽ صوبي جي پيدا وار بابت امين جي ذريعي سڀ خبر هوندي، انهيءَ صورت ۾ صوبي جي پيداوار کي سرحدي سپاه جي اندازي سميت ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن صوبي جي پيداوار مان سپاه جي پورائي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ صوبهدار جي ڀرين جاگير بدلائي ڪيس ٻئي صوبي ۾ جاگير ڏني وڃي، جيئن سهٽي نموني پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي سگهي. پر جيڪڏهن انهيءَ صوبي جي پيداوار سپاه جي پورائي مطابق نه آهي ته ان کي اڳينءَ جاگير تي رهڻ ڏنو وڃي، ڪيس بدلي ڪرڻ حڪومت لاءِ مناسب ناهي. بلڪ ان کي اڳينءَ جاگير تي ڇڏيو وڃي جئن لشڪر ۽ عام ماڻهو سندس تصرف هيٺ رهن. ٻئي پاسي جيڪڏهن ان

ڪي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ موڪلڻ جي ضرورت هجي ته منشي ۽ ديوان ساڻس گڏ آماڻيا وڃن، انهيءَ خيال سان ته هو رعيت جي پيداوار سان گڏ چورا ڪاريءَ واري ملڪيت به هٿ ڪري سرڪاري خزاني ۾ آڻي ڇڏي. جڏهن اهو صوبو آڳاڙجي وڃي ۽ آباد ٿي رهي ته پوءِ ان صوبه دار کي اڳينءَ جاگير بدران نئين صوبي ۾ ٻي جاگير ڏني وڃي، جنهن مان هو پنهنجي پگهار جو پورائو ڪري. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويندو ته هن لاءِ ڪيئي ڏکيائيون پيدا ٿي پون ٿيون. اڳيون سپاه ڪانئس الگ ٿي وڃي ٿو ۽ نوان ماڻهو سندس هٿ وس رهي نٿا سگهن. سپاه کي پگهار ضرور ڏيڻ کپي. ان حالت ۾ جڏهن صوبي جي پيداوار سان ان جي داڻي پاڻيءَ جي پورت ٿي نٿي سگهي ته اهو صوبو ڪيس ڏوڪڙ ڪٿان ڏيندو؟ البته هو ڀڙبڻءَ وانگي جٺن لٽڻ ڪري منهن پيو ڏيندو. هن باري ۾ جيڪڏهن ڪا گهٽ ٿي، ته ٺيڪ نه ته ڪو چاڙهو نه ٿيندو.“ (١)

مٿينءَ عبارت مان نه فقط هيءَ خبر پوي ٿي ته آن دور ۾ صوبه دارن جون بدليون ڏاڍي اڻنگي نموني ٿينديون هيون، جنهن ۾ ڪو به اصول يا قانون روا نٿي رکيو ويو. ان لاءِ مؤلف پنهنجي پاءُ (ابوالبقا) جي تبادلي جو داستان مثال طور پيش ڪيو آهي، جيڪو پڙهندڙن جي معلومات ۾ نئون اضافو ڪري ٿو. هن لکيو آهي ته

مون نئي صوبي جي تبديليءَ وقت پنهنجي ڀاءُ ابوالبقا جي حالت ڏٺي جنهن کي جهوناڳڙهه طرف بدلي ٿي وڃڻ جو حڪم مليو هو. نئي جي ايامڪاريءَ ۾ هن وٽ پندرهن سو اهڙا ڪاوائتا

---

(١) ورق ٨٩-٢ کان ورق ٩١-١ تائين.

ماڻهو موجود هئا، جيڪي بادشاهي حڪم جي چڱيءَ طرح پيروي ڪري نه سگهيا. جڏهن ڪين جهوناڳڙهه اسهڻ جي سڌ پيئي ته انهن مان هڪ هزار ماڻهو نٽي سان ٿي ابوالبقا ڪان الڳ ٿي ويا، ڇاڪاڻ ته هنن کي سورٺ (١) صوبي جي مهانگائي ۽ پينگ جي پٽڪ پنجي چڪي هئي.

پنج سو ماڻهو جيڪي ڏهن ويهن ورهين ڪان وٽس رهندا ٿي آيا تن کي ٻن سهين جي پيشڪي پگهار ڇڱن واڌارن سان ڏيئي، پنهنجي وڏي پٽ ضياء الدين يوسف سان گڏجي اوڏاهن آماڻيائين ۽ پاڻ انهن جي پٺيان بدين آيو (٢). جڏهن ضياءالدين يوسف جهوناڳڙهه ڪان اونهه (٣) پاسي روانو ٿيو ته چار سو پنجاه ماڻهو جيڪي ابن ڏاڏن ڪان سندن خانداني خادم هئا، پويان پير ڪري وٺي ڀڳا ۽ نٽي اچي ساه پٽيائون. باقي لشڪر ڪان سواءِ پنجاهي ماڻهو دل ڀڏي ماڻس ساڻ ڏيڻ لڳا. انهيءَ واقعي جي ڪري سپاه ۾ بيدلي پيدا ٿي ۽ ابوالبقا گهٽيءَ آئيءَ ۾ اچي ويو. ليڪن هن دل نه لاٿي ۽ پاڻ ست، اٺ سؤ پيا ڪارگر ماڻهو مٽن ماڻٽن ۽ قديم ماڻهن مان ميڙي سيڙي سورٺ صوبي ڏانهن روانو ٿيو. آخر مؤلف ڪڇ جي هڪ ڳوٺ وحمان مان ان ڪان موڪلائي سنڌ ۾ واپس آيو.

---

(١) جهوناڳڙهه جي سڄي علائقي کي "سورٺ" سڏيو وڃي ٿو.

(٢) ان زماني ۾ جهوناڳڙهه ڏانهن بدين وٽان وڃڻو پوندو هو.

(٣) شايد اوته هوندو

جيڪڏهن مير ابوالبقا جون پراڻيون جاگيرون جيڪي ٺٽي جي ايامڪاريءَ ۾ وٽس هيون سي بدستور برقرار هجن ها ۽ پوءِ اها خدمت ڪيس سونپي وڃي ها، ته هو سهڻي نموني حڪم جي تعميل ڪري سگهي ها. چو ته ائين ڪرڻ سان اڳيون سپاه هن ڪان ڪڏهن به الڳ نه ٿئي ها. نه وري ڪيس ڪا ڏکيائي درپيش اچي ها. اهو ان ڪري جو هن جو اڳيون سپاه سندس قديم جاگيرن ۾ سک سانت سان گذاريندو ٿي رهيو، ۽ پگهار جي ٿوري اضافي سان پنهنجا پار ٻچا گهرن ۾ ڇڏي هر هنڌ خدمتون سر انجام ڏيندو پئي رهيو.

هاڻ به اميد آهي ته خدا جي فضل ۽ بادشاه جي اقبال سان سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. (١)

مٿينءَ عبارت ۾ مير ابوالبقا امير خان جي باري ۾ مؤلف جيڪي ڪجهه بيان ڪيو آهي سو نهايت اهم سمجهيو وڃي ٿو. اهي خبرون هن ئي ڪتاب مان پڙهي سگهيون آهن. معلوم ٿئي ٿو ته

(١) امير خان ٺٽي مان بدلي ٿي جهونا ڳڙهه ويو. ٺٽي ۾ هن وٽ پندرهن سو ڪن سپاهي ملازم هئا. جڏهن سندس بدلي ٿي ۽ سپاهين جهونا ڳڙهه جي مهانگائيءَ ۽ پينگ جا واقعا ٻڌا ته هڪ هزار ماڻهن ٺٽي ۾ ئي پنهنجي ملازمت تان هٿ ڪڍي ڇڏيو. باقي پنج سو ماڻهو جيڪي ڏهن ويهن ورهين کان سندس لاڳيتا ملازم هئا ڏن مان به

---

(١) ورق ٩١-١ کان ٩٢-٢ تائين.

ساڍا چار سو ماڻهو عين موقعي تي ضياءالدين يوسف جو ساٿ ڇڏي رَمندا رهيا. ٻچاڙيءَ پنجاهي قديمي ۽ خانداني ماڻهو وٽس وڃي رهيا، جيڪي ڪانئس الڳ ٿيڻ وارا نه هئا.

(٢) مير ابوالبقا ٻيهر پنهنجي خانداني ماڻهن مان ست اٺ سو سپاهي ڀرتي ڪيا جن کي هو پاڻ سان وٺي ويو. يوسف ميرڪ رڻ ڪڇ جي ڳوٺ رحمان مان پنهنجي ڀاءُ کان موڪلائي سنڌ ۾ واپس آيو.

(٣) مغل اميرن جي سپاهه يا ملازمن کي پگهار ملڻ جي سلسلي ۾ حاڪمن تي ڪو به ويساهه نه هو. هنن کي هر مهيني پگهار ملڻ جي ڪا به پڪ نه هئي. هو ڏسندا هئا ته جنهن امير سان منڍن واسطو آهي، جيڪڏهن انهيءَ جون ڪافي جاگيرون آهن ۽ انهن مان ايتري آمدني ٿيندي جنهن مان کين پگهارون ملي سگهنديون، ته هو انهيءَ امير وٽ رهندا هئا، نه ته ٻئي جاءِ ڇڏائيندا تي ويا. اهو ئي سبب هو جو امير خان کان جڏهن نئين واريون جاگيرون واپس ورتيون ويون ۽ هئي پاسي سپاهه کي جهوناڳڙهه جي مهانگائي ۽ پينگ بابت پڪ ٿيئي ته هو پڇڻ تي مجبور ٿي ٿيو.

اها ئي بي اعتمادي هئي جنهن جي ڪري سپاهين کي بعضي ٻن ٽن مهينن جي پيشگي پگهار ڏيڻي ٿي پيئي.

(٤) تنهن زماني ۾ جهوناڳڙهه وڃڻ جو رستو هن

ريت هو: ٻدين کان رحمان ڳوٺ، ڪڇ جو رڻ، پوء ڪڇ ٽپي جهونا ڳڙهه ڀچڇٽو ٻوندو هو. هي اهو ئي خشڪيءَ جو رستو آهي، جو اڄ به ٻدين کان ڪڇ تائين وڃي ٿو.

متن جي تياري ۽ درستي

خطي نسخا:

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو ته "مظهر شاهجهاني" جا هيلتائين ٻه نسخا هٿ اچي چڪا آهن: هڪ اهو نسخو جيڪو مؤلف جي ذاتي ملڪيت هو، جنهن کي ڪي سال اڳ پنجاب يونيورسٽيءَ مرحوم سراج الدين "آذر" جي پوين وٽان خريد ڪيو هو. هي اهو ئي نسخو آهي جو ڊاڪٽر محمد ناظم مرحوم جي ذريعي مون کي مليو ۽ مون انهيءَ وقت ان جي فوٽو ڪاپي ڪيرائي هئي، انهيءَ ئي نسخي کي هتي بنيادي متن جي حيثيت ڏني ويئي آهي.

ٻيو نسخو اهو آهي، جيڪو مون کي قطعي طرح پهرين نسخي جو نقل ٿو معلوم ٿئي ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جي خطي ذخيري ۾ موجود آهي. ان نسخي کي مون متن جي پيٽ لاءِ ڪتب آندو آهي، ليڪن ٻنهي جي عبارت ۾ ڪو خاص اختلاف نظر نه آيو. هيٺين سٽن ۾ ٻنهي نسخن جي ڪيفيت پيش ڪئي وڃي ٿي.

نسخو پهريون

تقطيع ٢/١-٥ X ٢/١-٨ هر صفحو ١٣ سٽون، خط هندي نسخ نهايت صاف ۽ پڙهو. سڄو ڪتاب هڪ ئي ڪاتب جو لکيل آهي. ڪاغذ د يسي، اوڻي رنگ جو ٿلهو ۽ مضبوط، جنهن

جي تازگي اچا ڏاڍين قائم آهي. صفحا جدولن سان ۽ عنوان ڳاڙهيءَ مس سان لکيل آهن. پهرئين صفحي جي پيشانيءَ تي معمولي ڪم ٿيل آهي. ورق ۴۰۷، (صفحا ۸۱۴).

قسم اول (پهريون حصو) ورق ۲-۴ کان شروع ٿي ۲۲۸-۲ تي ختم ٿئي ٿو، ۽ قسم ثاني (حصو ٻيو) انهيءَ ورق جي پچاڙيءَ وارين، ٻن سٽن کان شروع ٿي ۲-۴۰۷ تي ختم ٿئي ٿو. ديباچو ۱-۲ کان ۱-۴ ورقن تي لکيل آهي. ان کان سواءِ شروعات ۾ ٻه ورق ٻيا آهن، جن تي مضمونن جي فهرست ورقن جي حوالي سميت ڏنل آهي.

ڪتاب جي پهرئين ورق جي ٻاهرئين صفحي تي مختلف عبارتون درج آهن، جن مان هڪ عبارت پنهنجي مفهوم جي لحاظ کان خود مؤلف جي پنهنجي هٿ سان لکيل معلوم ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان انهيءَ نسخي کي مؤلف جو نسخو تصور ڪري رهيا آهيون. اها عبارت هن ريت آهي:

(۱) هوالفياض
(۲) قد وقفت علي يد اکبر ابناء الاخ الکبير (۱) ابي البقا.
(۳) الملقب به امير خان سلمه الله تعالي.
(۴) بل افضلهم بالتحقيق ضياءالدين.
(۵) يوسف في شهور.
(۶) ثمانية و اربعين .
(۷) و الف من
(۸) الهجرة النبويه.
(۹) عليم افضـ .... (۲)
(۱۰) الصـ .... (۲)

---

(۱) الاخ الکبير مٿان ڪنهن هي لفظ لکيا آهن- برادر کلان (و) پدر مير ضياءالدين. (۲) [ڏسو ص ۷۲، جو حاشيو]

مؤلف هيءَ عبارت لکي، ڪتاب، تاليف ڪان گهٽ وڌ پنج سال پوءِ ۱۰۴۸ ھ ۾، پنهنجي وڏي ڀاءُ ابوالبقا امير خان جي وڏي پٽ ضياءالدين يوسف (۱) کي ڏنو آهي.

انهيءَ صفحي جي مٿان هڪ ڪنڊ ۾ هيءَ عبارت ملي ٿي:

(۱) .... تاريخ ۱٦ شعبان ۳۹ (۲)

(۲) .... جمع ڪن (۳)

(۳) .... محب (۳)

ساڄيءَ عبارت جي وچ ۾ لکيل آهي:

(۱) بتاريخ ۱۰ صفرالمظفر ۱۲۸۴ هجري نبوي

(۲) داخل ڪتب‌خانہ نموده شد

انهن ٻن سٽن جي هيٺان خط طغرا ۾ دستخط ٿيل آهن جيڪي "اشرف محمد عفي عنہ" پڙهڻ ۾ اچن ٿا.

انهيءَ صفحي جي پاسي ۾ هڪ مُهر آهي جيڪا دستور موجب ميٽي ويئي آهي ۽ پوريءَ ريت پڙهڻ ۾ نٿي اچي. ان جي هيٺان هيءَ عبارت آهي:

(۱) تاريخ غره ربيع‌الثاني ۸

(۲) ديده (۴) شد

ڪتاب جي اختتام واري جا عبارت آهي (۵)، تنهن

---

(۲) "افضل" ۽ "الصلواة" جو پويون اڌ جلدبنديءَ ۾ ڪٽجي ويو آهي. يقين سان چئجي ٿو تہ مؤلف جا دستخط بہ انهيءَ ۾ ڪٽجي ويا آهن.

(۱) "تذڪره امير خاني" (مؤلف راقم‌الحروف) ۾ سوانح ڏسڻ گهرجي.

(۲) صاف پڙهڻ ۾ نٿو اچي، رمضان بہ ٿي سگهي ٿو.

(۳) اکر ڊنل آهن، پڙهڻ ۾ نٿا اچن.

(۴) ممڪن آهي 'عرض ديده شد هجي، پهريون لفظ ميٽجي ويو هجي.

(۵) متن ص ۲۵۷.

جي هيٺان هڪ ٽي ماٿهوءَ جون ٻه مهرون لڳل آهن، جن جي عبارت هيءَ آهي:

سومس الدولہ اساس الملک
مرزا فاضل بيگ خان جنگ بهادر

ٻنهي مهرن تي سال ١٢٨٨ ھ اُڪريل آهي.

نسخو ٻيو

هي نسخو ”دستورالعمل“ (١) جي غلط نالي سان پنجاب يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ PH 111-71 نمبر تي موجود آهي. تقطيع 9X5 ورق ڪل ٣٠٠. ان جي يارهين ورق تي مختلف ماپن جون ٽي مهرون لڳل آهن، جن تي محمد رب نواز خان اُڪريل آهي. هڪ مهر تي ١٢٣٤ ھ، (٢) ٻيءَ تي ١٢٠٠ ھ، (٣) ۽ ٽينءَ تي ١٢٥٥ ھ (٤) لکيل آهي.

اهي ٽيئي مهرون ڪتاب جي پوئين صفحي تي پڻ موجود آهن. خط معمولي نستعليق، ڪاغذ اوڇي رنگ جو ٿلهو ديسي ڪتب آيل آهي.

هن نسخي جا ڪي ورق گم ٿيل آهن، جن جي اسان متن ۾ نشاندهي ڪئي آهي. عبارت جي اختلافن جي درستي ڪندي متن جي حاشين ۾ ان نسخي کي (پ) جي نشان سان ظاهر ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي شروعات:

جيئن ته هن ڪتاب جو رڳو ٻيو حصو ڇپايو وڃي ٿو ان ڪري موقعي جي مناسبت سان ڪتاب جي ابتدائي عبارت

(١) ڊاڪٽر سيد محمدعبدالله پنهنجي فاضلانه ڪتاب ”ادبيات فارسي ميں هندوں کا حصہ“ ص ٥٠ تي اهو ئي نالو لکيو آهي (دهلي ١٩٤٢ع): (٢) مطابق ١٨-١٨١٩ع

(٣) مطابق ٨٥-١٧٨٦ع (٤) مطابق ٣٩-١٨٤٠ع.

يعني پهرئين حصي جي شروعات واريون ڪي سٽون هتي درج ڪجن ٿيون ،

بسم الله الرحمان الرحيم

حمد است مرخالقي را ڪه انسان را براي معرفت خود آفريده چنانچه در ڪلام مجيد خود فرموده ڪه: و ما خلقت الجن و الانس الاليعبدون ـ يعني آفريدم من جن و انس را مگر بـراي آنڪه بشناسند مراه و نيز در حديث قدسي آورده ڪه: ڪنت ڪنزا مخفيا فاجئت ان اعرف فخلقت الخلق لاعرف ـ يعني من خداوندم گنجي پنهان بودم و غير من عالم بحال و عارف به جلال و ڪمال نبود . و دوست ميداشتم ڪه مرا بشناسند، پس مخلوق را آفريدم تا شناخته شوم و بادشاهان وا برخلائق خود نگهبان و راعي ساخته ڪه هر آئنه در شعاع دولت ايشان، هيچ قوي بر ضعيف ستم نڪند .... الخ .

ترجمو: شڪرانا انهيءَ خالق جا جنهن انسان کي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ پيدا ڪيو جيئن پاڻ ڪلام مجيد ۾ فرمائي ٿـو: مون جنن توڙي انسانن کي پنهنجي سڃاڻپ (عبادت) لاءِ خلقيو آهي. حديث قدسيءَ ۾ پڻ آيل آهي ته ”مان (خدا) خزاني وانگي مخفي هوس، مون کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪا بحالي نه هئي ۽ عارف لاءِ به ڪو جلال يا ڪمال نه هو، مون پنهنجي سڃاڻپ لاءِ مخلوق کي پيدا ڪيو ۽ بادشاهن کي ان جو نگهبان ۽ ڏنار بڻايم جئن ڪڏهن به ڪو ڏاڍو ڪنهن هيڻي تي ظلم نه ڪري . (١)

---

(١) اها حديث حضور اڪرم جي تعلوم توڙي اسلامي روح جي سراسر خلاف آهي، بادشاهن جو وجود اسلام ۾ ڪٿان آيو؟

متن جي اشاعت جو احوال:

هي ڪتاب جيئن ته سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ غير معمولي اهميت رکي ٿو، ان ڪري هن کي ترتيب ڏيڻ وقت مون چاهيو ٿي ته مؤلف جيڪي اشارا ڏنا يا واقعا بيان ڪيا آهن، يا پوڪي راهي، ڍل، دستورالعمل، جنسن ۽ ماپ تور بابت جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، يا هن جن قبيلن ۽ ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي، يا ڪي جاگرافيائي نالا ۽ هنڌ لکيا آهن، يا هو پنهنجي عبارت ۾ جيڪي مقامي يا غير مقامي لفظ يا محاورا ۽ اصطلاح استعمال ڪري چڪو آهي، تن سڀني تي مفصل حاشيا ۽ وضاحتي نوٽ لکان، پر پوين ٻن ٽن سالن دوران صحت جي خرابيءَ ۾ مبتلا رهڻ جي ڪري افسوس اٿم جو آءٌ ائين ڪرڻ کان معذور رهيس، بلڪ ڇپيل متن به ٻن ورهين تائين مهاڳ وغيره نه لکڻ سبب رُڪيل رهيو. بهرحال ان مجبوريءَ جي باوجود به مون، حسب خاطر خواه نه سهي ته به ڪنهن حد تائين، جتي ڪٿي ضروري حاشيا لکي ڇڏيا آهن. سنڌي نالن توڙي ماڳن جون سنڌيءَ ۾ املائون پڻ ڏنيون اٿم. بعض تاريخي آثارن، ڳوٺن ۽ ماڻهن بابت به حاشيا لکيا ويا آهن. ليڪن مڪمل طرح هيءَ علمي مهم سرانجام ڏيڻ ڏاڍي ڏکي ۽ محنت طلب هئي. ضرورت هئي ته جن قبيلن جو ذڪر آيو آهي تن جي مختصر تاريخ ۽ نسب ناما به شامل ڪجن ها، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. ان حالت ۾ جڏهن انسان واقعن ۽ حالتن جي ناسازگاريءَ سبب مجبور ٿي ويندو هجي؟ اهڙي سمي سواءِ ان جي ڇو ڪو چارو نٿو رهي ته هر درد سر جو قصو مختصر ڪجي. انهيءَ عالم ۾ مون کي به گهڻيءَ حد تائين ڪوتاهه قلميءَ کان ڪم وٺڻو پيو. بهرحال اهي سڀ شيون ۽ ضرورتون پنهنجيءَ جاءِ تي اهم آهن، جو وري جڏهن هن ڪتاب جي ٻي ايڊيشن

تيار ڪرڻ ۾ آئي تہ انهن سڀني ڳالهين جو خيال رکڻ لازمي ٿيندو، جيئن بي ايڊيشن وڌيڪ جامع ۽ مڪمل بڻجي وڃي، بلڪ ان وقت ضرورت ان ڳالهہ جي بہ ٿيندي تہ پهرئين حصي کي بہ ان سان شامل ڪيو وڃي، جو بجاءِ خود حڪمراني نظام جي ڪتابيات جي هڪ اهم ڪڙي آهي.

فهرستون ۽ شجرا:

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ مختلف فهرستون ڏنيون ويون آهن، مثلاً ماڻهن، جاگرافيائي ماڳ، قومون قبيلا ۽ ڪتابن جا نالا، ان کان سواءِ مخصوص مقامي محاورن ۽ لفظن جي جدول بہ ڏني ويئي آهي، جيڪي مؤلف هرهنڌ ڪتب آندا آهن.

انهن فهرستن سان گڏ ٻہ ٻيون فهرستون بہ شامل آهن: هڪ سنڌي قومن ۽ قبيلن جي ۽ ٻي انهن جاگرافيائي ماڳن ۽ شهرن جي، جن جو خاص ڪري سنڌ سان لاڳاپو آهي. مهاڳ جي پڇاڙيءَ ۾ مؤلف جي خاندان جو شجرو بہ ڏنو ويو آهي، جيئن پڙهندڙن کي هن خانوادي جي رشتيدارين جي بہ خبرچار پئجي سگهي.

انهيءَ شجري کان علاوه ٻہ ٻيا نسب ناما بہ ڏنا ويا آهن، جيڪي نورجهان بيگم جي خاندان بابت آهن. هڪ ۾ هن جي مادري سلسلي (نانڪن) ۽ ٻئي ۾ سندس پدري سلسلي (ڏاڏڪن) کي اجاگر ڪيو ويو آهي. پڙهندڙ پنهي شجرن مان ڄاڻي سگهن ٿا تہ هي هڪ قافلو هو، جو بي سر و سامانيءَ جي عالم ۾ ايران کان ڪهي اچي هتي پهتو. هن پنهنجي رشتيدارين جي ڪڙين ۾ ڪهڙن ڪهڙن شاهن ۽ شهزادن، اميرن ۽ اميرزادن کي جڪڙي، اڳوڻي هند سنڌ جي سرزمين جي سياست ٽوڙي حڪومت کي پنهنجي اقتدار هيٺ آندو هو. انهن پنهي شجرن جي ترتيب لاءِ

راقم الحروف کي کيئي ڪتاب نظر مان ڪڍڻا پيا جن مان ڪن جا نشان نسب‌نامن ۾ ڏنا ويا آهن، جيئن هن خاندان جي فردن تي جيڪڏهن ڪو صاحب ڪم ڪرڻ گهري ته ان لاءِ آساني رهي.

هن ۾ هڪ جدول ٻي به آهي جا مهاڳ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿي، جنهن مان سنڌ جي انهن خاص واقعن جون تاريخون ملن ٿيون، جيڪي انهيءَ دور ۾ ٿي چڪا هئا، جنهن مان "مظهر شاهجهاني" جو تعلق آهي.

شڪرگذاري:

پڇاڙيءَ ۾ سڀ کان اول آءٌ پنهنجي مرحوم شفيق محمد ناظم (١) جي حق ۾ دست بدعا آهيان ته رب پاڪ ان مرحوم مغفور کي پنهنجي اڪيچار رحمتن ۽ بخشش مهابي فردوس مڪاني ۽ جنت آشياني بڻائي. حقيقت ۾ اهڙا ئي نيڪ، پاڪيزي اخلاق ۽ ڪردار جا انسان بهشتين مان آهن. هي ڪتاب انهيءَ ئي مرحوم جي مهربانيءَ مان مون تائين ڇپجي پهتو جڻ عدم مان عالم وجود ۾ آيو. ان کان پوءِ مون تي لازم آهي ته آءٌ پنهنجي بزرگ پاءُ پير علي محمد راشديءَ جو ٿورائتو ٿيان، ان لاءِ ته جڏهن هي ڪتاب فقط هڪ ڏينهن لاءِ مليو ته هن انهيءَ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ سوين رپيا خرچ ڪري سڄي ڪتاب جون تصويرون ڪڍرائي مون کي عنايت ڪيون هيون. آءٌ پنهنجي عزيز دوست ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائيءَ جو پڻ شڪرگذار آهيان، جو جڏهن خطي نسخا اچا مون وٽ نه پهتا هئا ته هن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي اتي ئي لاهور ۾ منهنجي

---

(١) وفات ٢٤ مئي ١٩٥٥ع (١٠ شوال ١٣٧٤هه)، ڏينهن اگارو عيدالفطر، وقت هڪ وڳي منجهند. مدفن قبرستان سوداگران پنجاب. ڪراچي.

مسودي جي ڪن عبارتن جي اصل نسخن سان پيٽ ڪري درستي فرمائي هئي. انهيءَ ڪان پوءِ پنهنجي همڪار ۽ رفيق جناب حبيب الله صاحب رُشدي جو احسان مند آهيان جنهن نه فقط ڇپائي ۽ پروفن ڏسڻ ۾ پوري ذميداري پاڻ تي کنئي پر سڄي انڊيڪس به ٺاهي جوڙي ڪتاب ۾ شامل ڪيائين. خدا پاڪ انهن سڀني عزيزن کي اجر خير عطا ڪري.

حرف آخر:

هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ خصوصي مواد جي اعتبار کان به سڀني سنڌي تاريخن ۾ ممتاز ۽ افضل آهي. ان ڪري مان پنهنجي هموطن حضرات ۽ سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي ۽ همدردي رکندڙ سڀني ٻاهرين تاريخ جي عالمن مان اها اميد رکان ٿو تہ هو هن ڪتاب جي ورقن ۾ سنڌ جي ماضيءَ جي صحيح تصوير ذهن نشين ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا.

ڪراچي — حسام الدين راشدي

١٢- فبروري ١٩٦١ع

٢٥- شعبان المعظم ١٣٨٠هه

آچر ڏينهن ١٠ وڳين صبح.

حوالي جا ڪتاب

(١) تاريخ سنڌ – مير معصوم بکري — دائود پوٽي واري ايڊيشن

(٢) تذڪره اميرخاني – حسام الدين راشدي — سنڌي ادبي بورڊ

(٣) ذخيرة الخوانين – شيخ فريد بکري — خطي ذخيرو، حسام الدين راشدي

(٤) لب تاريخ سنڌ – خان خدا داد خان — امرتسر واري ايڊيشن

(٥) اڪبر نامه (جلد ٣) – ابوالفضل — بنگال ايشيائٽڪ سوسائٽي

(٦) ماثرالامراء (جلد ٣) – شاهنواز خان — " " "

(٧) بادشاهه نامه – عبدالحميد لاهوري — " " "

(٨) بيگلر نامه – ادراڪي بيگلاري — خطي ذخيرو، حسام الدين راشدي

(٩) ضميمه تاريخ سنڌ – محمد بن زنده علي بيگ — " "

(١٠) مقالات الشعراء – مير علي شير قانع — ڇپيل ايڊيشن، حسام الدين راشدي

(١١) تحفة الڪرام – مير علي شير قانع — قلمي ۽ ڇپيل (فارسي)

(١٢) طبقات اڪبري (جلد ٣) – خواجه نظام الدين — بنگال ايشيائٽڪ سوسائٽي

(١٣) تعليقات مڪلي نامه – حسام الدين راشدي — سماهي مهراڻ

(١٤) مقدمه مثنوي چنيسر نامه " " — سنڌي ادبي بورڊ

(١٥) تزڪ جهانگيري — مطبوعه نولڪشور

(١٦) تاريخ فيروزشاهي – ضياء برني — بنگال ايشيائٽڪ سوسائٽي

(١٧) تاريخ طاهري – طاهري نسياني — خطي ذخيرو، حسام الدين راشدي

(١٨) آئين اڪبري (جلد ١)- بلاخمن- بينگال ايشياٽڪ سوسائٽي
(١٩) مرزا غازي ترخان - حسام الدين راشدي مطبوعه مجله
تاريخ، سياسات
(٢٠) مير مائل (مقالو)- حسام الدين راشدي سماهي مهراڻ
(٢١) The Antiquities of Sind. H. Cousens 1929
(٢٢) مجله علوم اسلاميه- پرچو پهريون علي ڳڙهه
(٢٣) قرنيه - عنايت خان آشنا خطي ذخيره، ضيائي

واڌارا

هن ڪتاب ۾ جتي فوج عليءَ جو نالو اچي، اتي قوج علي پڙهڻ گهرجي. هي ٻه ڀائر هئا جن بابت ”ذخيرة الخوانين“ جي مصنف لکيو آهي ته قوج علي ۽ برج علي ٻه ڀائر هئا، سنڌن ليچ ترڪمانن مان هئي ۽ پيٺي منصور جي سپاهه مان هئا. برج علي ايتري ترقي نه ڪئي، پر قوج علي منصب ماڻيو ۽ جاگير هٿ ڪيائين، ۽ ڪو وقت گجرات ۾ متعين هو. جنت مڪاني (جهانگير بادشاه) جي زماني ۾ سبي ۽ گنجابي وارن پرڳڻن (بکر جي راڄڌاني) ۾ کيس جاگير مليل هئي، ڪاڇي ۽ بلوچن ۽ افغانن مٿان حاڪم ٿي رهيو. اُتي ايڏا ماڻهو ماري ڍڪاءُ پيدا ڪيائين جو ڪو ٻار روئندو هو ته ان کي قوج عليءَ جي اچڻ جو ڀپ ڏياري روئڻ کان بس ڪرائي ويندي هئي.

”هي ٻه لوهيون ڪاٺيون پاڻيءَ مان پرائي ٻاهه جي مچ تي رکائيندو هو، چور ۽ ڏوهيءَ جا هٿ پير ٻڌي ان کي ڪتل ڪاٺيءَ ۾ قلو تي ڪرايائين، جنهن ۾ هو چيچلائي مري ويندو هو. اهڙيءَ ريت هزارين ماڻهو هريا ڪري ڇڏيائين. انهيءَ سفاڪيءَ ۽ بيرحميءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

”بدقسمتيءَ مان کيس پٽ جو اولاد ڪونه هو. هڪڙي ڌيءَ هيس جنهن تي خضر خان (مرداڻو نالو) رکيو هئائين. ان

جي سختيءَ سان نگھداري پيو ڪندو هو. سچي چمار ڪيس شادي نه ڪرايائين. ان تي ٺي قسم کنندو هو ! سائس ڏاڍو پيار هوس.

"اڪثر هڪ لک رپيا اڪبر آباد، لاهور ۽ ملتان جي پٺاڻن کان قرض ورتائين، سڀ ۽ گنجابي واري پرڳڻي ڏانهن هليو ويو. شاهوڪارن کي پاڻ وٽ گهرائي، انهن کان زوريءَ وصوليون ڪري، ڪين مارائي تي ڇڏيائين. اتان بدلي تي بادشاهي دربار ۾ آيو ۽ مون (شيخ فريد بکري مصنف ذخيرة الخوانين) سان اچي وير وڌائين ته سندس جاگير جيڪا ڪانٽس ڪسجي بايزيد بخاريءَ جي پٽن کي ملي هئي، تنهن ۾ منهنجو ئي هٿ هو. گهڻيءَ جا ڪوڙ کان پوءِ بکر جي راڇڏانيءَ واري فوجداريءَ وسيلي مون کي مصيبت ۾ وڌائين. خدا حق وڪيل هو، جنهن منهنجي پڌي ۽ هن کي مقرب خان سان گڏ 'پٽني' جا وٽ ڏيکاريائين، جتي مري جهان ڇڏي ويو، 'جهڙن جيڪي پوکيو سو ئي لڻندو'."

(ذخيرة الخوانين قلمي ص ٨-٩-٤٠)

جڏهن هي صفحا ٿي ڇپيا تڏهن راقم کي پنهنجي ڪتابن جي ذخيري مان "ديوان حافظ" مطبوعہ منشي نولڪشور، مطبع مطلع نور (١)، جو هڪ نسخو مليو، جنهن جي سرورق تي مخدوم

---

(١) ديوان حافظ جي انهي ڇپيل نسخي جي ڪتابت منشي محمد شمس الدين "اعجاز رقم" ڪئي هئي. هي پنجين ايڊيشن اپريل ١٨٩٧ع مطابق ١٣١٤هه ڌاري لکنو مان ڇپيو هئي. ان جي پڇاڙيءَ ۾ مولوي عبدالعلي مدراسي جو لکيل قطعہ تاريخ درج ٿيل آهي، جنهن جي ڇپائيءَ جو سال "ڪلام معجز نماي حافظ" (١٣٠١هه) مان نڪري ٿو. ان جي تقريظ مرحوم مولانا محمد هادي علي "اشڪ" لکي هئي، جنهن ساڳئي نسخي تي ڪي حاشيا به لکيا آهن.

محمد جعفر بوبڪائي ابن مخدوم ميران جو نسب نامو ڪنهن نا معلوم شخص جي هٿ اکرن ۾ لکيل هو. جيئن ته اڄ تائين مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جو نسب نامو ڪٿي به نه مليو آهي ۽ هي ٻيئي شخصيتون ٻهرينءَ ٻاريءَ جــي سنڌي عــالمن مــان هيون، ان سان گڏ هــن ڪتاب (مظهر شاهجهاني) جي متن ۾ بـه انهيءَ مخدوم جو ذڪر آيـو آهــي، ان ڪري ضروري سمجهيو ويو ته اهو نسب نامو به هتي درج ڪجي، جيئن مٿين ٻنهي بزرگن جي خانوادي سان دلچسپي وکندڙ علم دوست حضرات ان مان استفادو ڪري سگهن:

شجره متبرڪ مخدوميان قريشيان بني عباس بوبڪان

عبدالمناف - هاشم - عبدالمطلب - عباس - عبدالله - هاشم - ابوبڪر - سلطان اندس (؟)- بزدار خان - سالار خان - سلطان ترڪ - سلطان خلجي خان - ابوبڪر - شيخ محمد - شيخ ابوبڪر - عــاري - ميره - مروته (؟)- شيخ قلندر - مرزوق - نور الدين -

محمد يعقوب - محمد ميران بوبڪائي (استاد شاه حسن ارغون وغيره)- مخدوم جعفر بوبڪائي (صاحب متانة)- نصير الدين - خير محمد - عبدالصمد - خير محمد - عبدالصمد عرف وڏل - پير محمد - اميد علي -

مير محمد | ميان نصير محمد

اندازو آهي ته هي شجرو مير محمد ولــد امير علي نالي ڪنهن شخص "ديوان حافظ" جي خالي ورق تي لکيو آهي.

ڪراچي، ٢٥- مارچ ١٩٦٢ع

اهم تاريخي واقعن جا گوشوارا

١١٣٥ — ١٠۴۴

١١ محرم ١٠٣٥ هه-	سيد بايزيد بخاريءَ جي وفات تي جهانگير بادشاه نئين جو صوبو شهزادي شهريار (نورجهان جي ڄائي) جي جاگير ۾ ڏنو، جنهن جو نائب شريف الملڪ مقرر ٿيو.
آخر ٢٨ صفر ١٠٣٧ هه- (١١- آبان ٢٢ سال جهانگيري)	جهانگير ڪشمير کان وريندي 'راجور' جي منزل تان آسهڻ بعد سٺ ورهين جي ڄمار ۾ وات تي وفات ڪري ويو، سندس حڪومت جو عرصو ٢٢ سال اٺ مهينا ۽ پندرهن ڏينهن هو. آصف خان ابوالحسن يمين الدوله بروقت خسرو جي پٽ داور بخش کي تاج پهرايو، نورجهان پنهنجي ڄائي شهريار کي بادشاه بنائڻ ٿي گهريو، پر سندس ڀاءُ يمين الدوله کيس ائين ڪرڻ نه ڏنو ۽ پنهنجي ڄائي شاهجهان کي تخت تي ويهارڻ جي منصوبي تي ڪاربند رهي، بنارسي نالي هڪ هندو گماشتي کي 'ڇڪر هٽي' واري منزل تان، جا ڪشمير ۽ لاهور جي وچ تي واقع آهي، بادشاه



(۱) يوسف ميرڪ جي اکرن جو عڪس

٥

بسم الله الرحمن الرحيم

١

حمد است مر خالقی را که انسان را برای معرفت خود
آفرید و حضرت جل جلاله در کلام مجید چنین فرموده که وما خلقت
الجن والانس الا لیعبدون یعنی آفریدم من جن
و انس را مگر برای آنکه بشناسند مرا و نیز در حدیث
قدسی فرموده که کنت کنزا مخفیا فاحببت ان اعرف
فخلقت الخلق لکی اعرف یعنی من خدا گنجی
پنهان بوده ام پس خواستم که شناخته شوم پس آفریدم خلائق

(۲) ڪتاب جي پهرئين صفحي جو عڪس


سا خر گفت آنکه خموشی به که از سخن بدست و
سخن نیک به از خموشیست نظم مختصر کردم
چشم عقل و دانش باز بودم به زخاموشی خطا
حرم لب بسته شد و دیده و [illegible] ولیکن هم هیچ
انتقال جواب آخر چه نیست که آوردم در قسم
اول و جمله خصلت پادشاهان که [illegible]
و دیگر در اخلاق مختلفین بیان شد و
از سطر تحقیق کس [illegible] نیست خصلت [illegible]
[illegible]
[illegible] نوشته [illegible] خصلت
[illegible] والله اعلم بالصواب والیه المرجع والمآب
[illegible] توفیق ربانی [illegible] در بیان
[illegible] عدالت شد از ملک [illegible]

(٣) پٿي ڀاڱي جي شروعاتي صفحي جو عڪس

(۴) ڪتاب جي پوئين صفحي جو عڪس

	جي انتقال جي خبر پهچائڻ لاءِ دکن جي پاسي روانو ڪيو، جتي ان وقت شاهجهان جو قيام هو.
آچر ١٩ – ربيع الاول ١٠٣٧ هه –	بنارسيءَ ويهن ڏينهن کان پوءِ دکن جي آخري سرحد تي پهچي، اها خبر مهابت خان وٽ رسائيءَ جنهن اوڏيءَ مهل شاهجهان کي اطلاع ڏنو.
٢٢ – ربيع الاول ١٠٣٧ هه –	شاهجهان گجرات وٽي دکن کان آگري روانو ٿيو.
١٨ – ربيع الثاني ١٠٣٧ هه –	محمودآباد (احمدآباد) وٽ شاهجهان شيرخان کي گجرات ۽ مرزا عيسيٰ ترخان ثانيءَ کي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو.
٢٣ – جمادي الاول ١٠٣٧ هه –	شاهجهان جي تخت نشينيءَ جو آگري ۾ اعلان ڪيو ويو. "مظهر شاهجهاني" جي مؤلف يوسف ميرڪ جو وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا امير خان ان وقت شاهجهان جي سهري يمين الدوله آصف خان پاران ملتان جو نائب هو.
٢٥ – جمادي الاول ١٠٣٧ هه –	شاهجهان جي حڪم سان، آصف خان يمين الدوله، جيڪو ان وقت لاهور جو صوبيدار هو، خسرو جي پٽ داوربخش کي لاهور ۾ قتل ڪري ڇڏيو، جنهن کي هن پاڻ جهانگير جي وفات وقت عارضي طور تخت تي ويهاريو هو. ان سان گڏ داوربخش جي ڀاءُ گرشاسپ، شهريار جي پٽ طهمورث ۽ دانيال جي پٽ هوشنگ کي

	بہ زندگيءَ جي نعمت کان محروم ڪري ڇڏيائين.
٢٦- جماديالاول ١٠٣٧ هہ- (خميس جي رات)	شاهجهان اڪبرآباد (آگري) ۾ داخل ٿي، باغ نورجهان ۾ منزل انداز ٿيو.
٢٧- جماديالثاني ١٠٣٧ هہ-	شاهجهان جي تخت نشينيءَ جي باقاعدي رسم ادا ڪئي ويئي.
١- رجب ١٠٣٧ ھ-	مرزا عيسيٰ ثانيءَ کي ٺٽي مان بدلي ڪيو ويو، سندس جاءِ تي خواجہ باقي عرف شير خواجہ جي مقرريءَ جو فرمان صادر ٿيو. مرزا عيسيٰ ١٨- ربيع الثاني کان وٺي ١- رجب ١٠٣٧ ھ تائين ٺٽي جو حاڪم رهيو.
؟ رمضان ١٠٣٧ ھ-	خواجہ باقي ٺٽي ايندي رستي تي فوت ٿي ويو (حڪومت صرف ٻہ مهينا ٢٠ ڏينهن سندس نالي رهي).
٢٢- رمضان ١٠٣٨ ھ-	خواجہ باقيءَ جي جاءِ تي مرزا حسام الدين مرتضيٰ خان کي ٺٽي جي حاڪم ٿيڻ جو فرمان مليو.
؟ ؟ ١٠٣٨ ھ-	احمد بيگ خان (نورجهان جي ڀائٽي) کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو.
٨- ربيع الاول ١٠٣٨ ھ-	مرزا عيسيٰ ترخان ثاني کي 'متّرا' ۾ جاگير ڏني ويئي.
٧- ربيع الثاني ١٠٣٨ ھ-	مرزا عيسيٰ ٺٽي کان واپس دربار ۾ آگري پهتو.
؟ ؟ ؟ ١٠٣٩ ھ-	يوسف ميرڪ، احمد بيگ ۽ ان جي ڀاءُ يوسف جي ظلمن کان تنگ ٿي سيوهڻ

مان نڪتو، جيئن ملتان پهچي، انهن ظلمن جو داستان لکي، اتان دربار ۾ پهچي، بادشاه جي حضور ۾ دادرسيءَ لاءِ پيش ڪري.

؟ ؟ ١٠٣٩ هه- مرزا حسام الدين مرتضيٰ خان جيڪو احمد بيگ جو مائٽ هو، دل جي عارضي سبب ٺٽي ۾ گذاري ويو.

١٢- ربيع الاول ١٠٣٩ هه- (رات) مير ابوالبقا امير خان کي ملتان مان يمين الدوله جي نيابت کان بدلي ڪري مرتضيٰ خان جي جاءِ تي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو.

— احمد بيگ خان کي سيوهڻ مان بدلي ڪري ابوالبقا جي جاءِ تي ملتان ۾ رکيو ويو.

— احمد بيگ خان جي جاءِ تي سيوهڻ ۾ ديندار خان مقرر ٿيو.

— يوسف ميرڪ اڃا سيوهڻ مان نڪري، بکر کان ٿيندو، ملتان ۾ پنهنجي پاءُ وٽ پهتو مس، ته هي سيئي واقعا ظهور ۾ آيا.

ربيع الثاني ١٠٣٩ هه- گهٽو ڪري ابوالبقاجي ملتان کان ٺٽي ڪوچ ڪرڻ وقت ساڻس گڏ يوسف ميرڪ به ٺٽي واپس آيو.

١- شوال ١٠٤٠ هه- ملتان مان احمد بيگ جي بدلي ٿي ۽ نجابت خان ولد مرزا شاه رخ کي آتي مقرر ڪيو ويو.

٢٨- رجب ١٠٤١ هه-	شاهجهان کي اطلاع مليو ته اوسلان بيگ شمشير خان، جيڪو ان وقت بنگش جو قلعه‌دار هو، وفات ڪري ويو.
١- ذي‌الحج ١٠٤١ هه-	ملتان مان اجابت خان کي بدلي ڪري سندس جاءِ تي قليچ خان کي آتي مقرر ڪيو ويو.
؟ ؟ ١٠٤٣ هه-	يوسف ميرڪ ٺٽي يا سيوهڻ ۾ "مظهر شاهجهانيءَ" تي نظر ثاني ڪئي هوندي.
١٩- محرم ١٠٤٤ هه-	شام جي وقت "مظهر شاهجهانيءَ" جي تڪميل ٿي.
؟ ؟ ١٠٤٤ هه-	سيوهڻ جو حاڪم جان نثار خان هو.
١٠٤٤ هه-	يوسف ميرڪ جو وڏو ڀاءُ مير ابوالبقا امير خان جهوناڳڙهه ۾ حڪومت جو نائب هو.

شجرا

١- ڪتاب جي مؤلف جو شجرو.

٢- نورجهان بيگم جو ناناڻو شجرو.

٣- نورجهان بيگم جو ڏاڏاڻو شجرو.

نسب نامۂ مؤلف کتاب

میرابوالقاسم "نمکین" بن ملا میر سبزواری
وفات ۱۰۱۸ھ مدفن "صفۂ صفا" روہری
مصنف: منشآت نمکین

سادات قاسم خانی

- **میرابوالبقا امیرخان** — وفات ۱۰۵۷ھ مدفن "صفۂ صفا"
- **یوسف میرک** — وفات بعد ۱۰۴۴ھ، مصنف: "مظہر شاہجہانی"
- **لطف اللہ**
- **نوراللہ**
- **میرزا کشمیری** (بزمانِ جہانگیر)
- **میرزا حسام الدین**
- **میرزا ید اللہ** (ملازم خان جہان لودھی)
- **دختر** (زوجۂ جمیل بیگ)

سادات امیر خانی

(اولادِ میرابوالبقا امیرخان)

- **ضیاء الدین یوسف خان** (بزمانِ شاہجہان و عالمگیر) وفات بعد از ۱۰۶۰ھ
  - دختر
    - **ابُوالوفا وفا** (بزمان عالمگیر داروغۂ جانماز)
- **عبدالکریم امیرخان سندھی** (مصاحب خاص عالمگیر — شاعر) وفات بعد از ۱۱۳۱ھ
  - **سید اشرف خان** — مؤلف "رقائم کرائم" سال تالیف قبل ۱۱۵۴ھ
  - **ابوالخیر خان** — رفیق خان دوران خواجہ عاصم
- **میرابوالمکارم شہود** — وفات: ۱۰۷۳ھ مدفن سیوہن، مصنف "پری خانۂ سلیمان"
  - **معین الدین خان حسن** (شاعر) وفات ۱۱۴۳ھ
  - **حافظ الدین**
    - **میر حفیظ الدین خان علی** — شاعر — وفات بعد ۱۱۸۸ھ
  - **میر رضی الدین خان فدائی** — شاعر — وفات ۱۱۲۰ھ
    - **میر حمید الدین ابو تراب کامل** — شاعر — وفات ۱۱۶۴ھ (اُستاد قانع و رجا)
  - **امین الدین خان حسین** — مصنف معلومات الآفاق و رشحات الفنون، گورنر ٹھٹہ — وفات ۱۱۲۷ھ — مدفن مکلی
    - **متین الدین خان اسمٰعیل** — وفات ۱۱۶۷ھ — مدفن مکلی
      - **میر محمد غوث** منصبدار میاں نور محمد کلہورہ — وفات ۱۱۷۲ھ — مدفن مکلی
        - **قنبر علی** ۱۲۱۹ھ
        - **میر محمد کریم الدین** (منصبدار میاں غلام شاہ کلہورہ (۱۱۸۲ھ — ۱۲۰۱ھ)
          - **متین الدین ثانی** ۱۲۴۸ھ
      - **میرابوالمفاخر** (۱۱۷۴ھ)
    - **میر محمد گدا** — شاعر — وفات قبل از ۱۱۸۰ھ
      - یک فرزند
    - **میر محمد عطا عطا** — وفات ۱۱۸۷ھ مدفن مکلی
      - دو فرزند
  - **میر عبدالحکیم** (۱۱۰۶ھ)
  - **میر علی اکبر** (۱۱۰۶ھ)
- **میر عبدالرزاق** — متوفی ۱۰۶۲ھ مدفن "صفۂ صفا"
- **ابوالقاسم** — وفات ۱۰۴۵ھ مدفن "صفۂ صفا"
- **شمس الدین خان**
- **عتیق اللہ** — وفات ۱۰۳۷ھ مدفن "صفۂ صفا"
- **میر کامل بیگ**
- **دختر** — زوجۂ مرادبخش سنہ ۱۰۶۱ھ

نسب نامۂ مادری نورجہاں بیگم

میرزا علاء الدولہ آقائی ملا دوات دار قزوینی (۵۴)

بدیع الزمان (وزیر کاشان)

خواجہ غیاث الدین علی قزوینی (۵۵)
آصف خان ثانی (متوفی ۹۸۹ھ)

میرزا احمد بیگ
(وزیر خراسان)

حور پرور خانم (۵۶)
زوجۂ ابراہیم بیگ فتح جنگ

آقا محمد زمان
(عامل تبریز)

دختر
زوجہ میرزا غیاث بیگ اعتماد الدولہ

نورجہاں بیگم
زوجۂ جہانگیر بادشاہ

نظام الدین علی
میرزا حسام الدین حسن (۵۷)

میرزا نور الدین (۵۸)
(در بغاوت خسرو ۱۰۱۶ھ
بحکم جہانگیر قتل شد)

دختر
زوجہ مرزا حسام الدین (۵۹)
حاکم تتہ

دختر
زوجہ مرزا ابوالحسن (۶۲)
یمین الدولہ
و مادر ارجمند بانو بیگم ممتاز محل
زوجۂ شاہجہان

میرزا نعمت اللہ

کثیر الاولاد

میرزا عاقبت محمود سرفراز خان

نظام الدین علی ثانی حسام الدین خان

نور الدولہ (۶۰)
داماد اعظم خان

رکن الدولہ (۶۱)

میرزا قوام الدین جعفر بیگ (۶۳)
آصف خان ثالث
(وفات : ۱۰۲۱ھ)

آقا ملا ثانی (جہانگیری) (۶۴)
بدیع الزمان ثانی

دختر ، زوجۂ احمد بیگ خان کابلی (۶۵)

ابوالقاسم (۶۸)
بعہد جہانگیر

دختر دیگر پسران
؟
مرزا صالح

دختر (۶۹)
(زوجہ ارادت خان میر اسحاق (۷۵)
المتوفی ۱۰۶۸ھ پسر محمد باقر اعظم خان
جہانگیری المتوفی ۱۰۵۹ھ) (۷۳)

محمد مسعود
اردشیر و دیگر اولاد

سعید خان بہادر ظفر جنگ (۶۶)
(متوفی ۲ صفر ۱۰۶۲ھ)

مخلص اللہ خان (۶۷)
ابوالبقاء افتخار خان

میرزا شیخ خان زاد خان — لطف اللہ — عبداللہ — فتح اللہ — نصرت اللہ و دیگر پسران

مصری بیگم (۷۰)
زوجۂ مرزا جار اللہ
بن نواب امیر الامراء شریف خان جہانگیری
متوفی ۱۰ ذی قعد ۱۰۱۶ھ

عسکری

دختر
اہلیہ میرزا یعقوب بیگ
بن خان دوران شاہ بیگ خان (۷۱)
صوبیدار تتہ

سہراب خان

میرزا علی اصغر (۷۲)

دختر
زوجہ نواب خان اعظم
میر محمد باقر معروف بہ ارادت خان (۷۳)
المتوفی ۱۰۵۹ھ

زین العابدین
متوفی سال دوم شاہجہانی ۱۰۳۸ھ

میرزا جعفر ثانی (۷۷)
متوفی ۱۰۹۴ھ

ملتفت خان

میر خلیل مفتخر خان
خان زمان (۷۴)
متوفی ۱۰۹۵
داماد یمین الدولہ
آصف خان

دختر
زوجہ شہزادہ محمد شجاع
سلطان زین العابدین

میر اسحاق ارادت خان متوفی ۱۰۶۸ھ (۷۵) پسر سومی
داماد بدیع الزمان ثانی (۶۹)
و داماد زاہد خان کوکہ

محمد جعفر پسر کلان

مرزا مبارک اللہ ارادت خان
واضح متوفی ۱۱۲۸ھ (۷۶)

میر ہدایت اللہ
ہوشیار خان
المخاطب بہ ارادت خان (۷۸) متوفی ۱۱۵۰ھ

پسران بسیار داشت کہ یکے ازان بنام حافظ خان بود (۷۹)

نسب نامهٔ پدری نورجهان بیگم



نورجهان جي ڏاڏنگ ۽ نانگ جا شجرا ۽ انهن جا تفصيل

(١) پيءُ جي وفات کان پوءِ زماني کان تنگ ٿي فرار جي راه اختيار ڪري هندستان ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي سندس سيڪجهه لٽجي ويو. حالت وڃي اها ٿيس جو سڄي موڙي صرف ٻه گهوڙا وڃي رهيس، جن تي واري سان سواري ڪري رهيا هئا. مرزا علاء الدوله آقاي ملا جو چاڻو هو، سندس زال تاريخ (٢٩- مهر) ١٣- ذوالقعد ١٠٣٠ هه (١٦ جلوس جهانگيري) هي جهان ڇڏيو. هو انهيءَ حادثي کان پوءِ ٽي مهينا ويهه ڏينهن جيئرو رهيو. (ڏسو ماثر جلد پهرين ص١٢٧-١٢٨ بلاخمن ص ٥٧٣)

(٢) ڏسو تزڪ جهانگيري ۽ ماثر جلد پيو ص ٧٢٩، وڏو پٽ.

(٣) جهانگير جي قتل جي سازش ۾ شهزادي خسرو سان شريڪ هو، انهيءَ الزام ۾ جهانگير کيس 'سرخاب' ۾ ماوائي ڇڏيو. ڏسو تزڪ ص ١٤٥.

(٤) [بلاخمن جي قياس موجب] احمد بيگ، محمد شريف جو پٽ هو. انهيءَ احمد بيگ جا ظلم ستم مظهر شاهجهاني جي تاليف جو سبب بڻيا، سال ١٠٣٠ هه ڌاري جهانگير ان کي 'خاني' جي خطاب سان نوازيو.

(٥) ڏسو بادشاه نامو حصو ٻيو ص ٣٠٧.

(٦) ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٣٨٢. ٻيو پٽ.

(٧) ملا محمد ٺٽوي هن جو استاد هو. لاهري بندر بکر ۽ سيوهڻ سندس جاگير ۾ شامل هئا. ابوالبقا امير خان (مظهر شاهجهاني جي مؤلف جو وڏو ڀاءُ) هن جي پاران ملتان ۾ نائب هو. هي ڏاڍو پيٽوڙي هو ۽ سدائين بک هوندي هيس. سندس رات ڏينهن جي خوراک هڪ مڻ شاهجهاني ٽائين ڀهتل هئي. لاهور ۾ ويهن لکن رپين جي خرچ سان هن جي حويلي تيار ٿي هئي، جا سندس وفات کان پوءِ داراشڪوه کي ڏني ويئي. دهلي، آگري ۽ ڪشمير ۾ ٻن ڪروڙن ۽ پنجاه لکن جي ملڪيت هيس، سندس نوابيءَ ۾ جيڪي هن جا خرچ ڪاپار هئا تن جو ڪاٿو ئي ڪونهي.

ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٥٨-١٥٩، جلد ٽيون ص ٣٧٠- ٽيون پٽ.

(٨) حاجياڻي حور پرور خانم [نورجهان جي ماسي] سندس زال هئي. ابراهيم خان پنهنجي ڀائٽي احمد بيگ سان ڏاڍي محبت ڪندو هو. سال ڏهين جهانگيري [١٠٢٤-١٠٢٥هه] ۾ ڪوڪره [بهار] جي فتح کان پوءِ جهانگير کيس اجمير جي منزل تي "فتح خاني" جو خطاب ڏنو. هي شاهجهان جي فوجن هٿان اڪبر نگر ۾ قتل ٿيو، ۽ انهيءَ ڳوٺ ۾ پنهنجي پٽ جي مقبري اندر، جيڪو هن جو ئي تعمير ڪرايل هو، دفن ٿيو. احمد بيگ جيڪو ان وقت ساڻس گڏ هو سو زخمي ٿيو. ڏسو تزڪ ٣٣٣.

(٩) صادق خان متوفي ٩- ربيع الاول ١٠٤٣هه. ڏسو ماثر جلد ٻيو، ص ٧٢٩.

(١٠) جهانگير هن کي ١٠٢٣ھ ۾ "خاني" جو خطاب ڏنو. ڏسو ماثر، جلد پهريون ص ١٨٠.

(١١) ولادت جو سال يقيني طور ٩٨٤ھ. پاهتر ورهين جي ڄمار ۾ ٢٩ شوال ١٠٥٥ھ [١٧ ڊسمبر ١٦٤٥ع] ڏاري وفات ڪيائين ۽ لاهور ۾ دفن ٿي. ربيع الاول ١٠٢٥ھ ڌاري اجمير ۾ جهانگير کيس "نورجهان" جو لقب ڏنو. ڏسو تزڪ ص ٣٣٧.

(١٢) ڏسو ماثر جلد ٻيو ص ٦٢٢.

(١٣) قاسم خان صاحب ديوان هو، جنهن جا منشات مشهور آهن. ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٦٧.

(١٤) مؤلف خلاصہ ڪونين: وعنائيءَ ۽ مرزائيءَ ۾ ناميارو هو. هر معاملي ۾ تڪلف ۽ تصنع کان ڪم ٿي ورتائين. هر قسم جي نت ٺانگر، ڏيک ويک ڳوڙي رعب تاب ۽ نرالي آٽي ويهڻيءَ وارو ۽ دنيا داريءَ ۾ پڙهو. ايتري قدر جو پنهنجي رتبي وارن بلڪ مٿاهين مرتبي وارن کان به گوءِ ٿي کنيائين. سندس نازڪ مزاجي ۽ آڏوڏائي ايڏيءَ حد تائين هئي جو اجا ٻڪي ٻڌڻ ۾ نه پورو هوندو هو ته شاهي دربار برخاست ٿي ويندي هيس. ڪڏهن ته ٻڪي ٻڌندي ريچڪ اچي ويندو هوس ۽ سواري موٽائي ڇڏيندو هو. پنهنجي ڏاڏائي آڏنبر ٿي آڪڙجي ايڏي آڏوڏائي ۽ سيٺ پٺي ڪيائين جو ڪنهن ۾ به اک نه پئي ٻڌيس. ماثر جلد ٽيون ص ٥١٣.

(١٥) شاهجهان جي زماني ۾ بکر جو حاڪم ٿي آيو جتان سميجن جي قوم مان شادي ڪيائين جنهن مان مرزا طهمورث پيدا ٿيو. ڏسو ذخيرة الخوانين قلمي ص ٥١٢.

(١٦) ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٢٦.

(١٧) افتخار خان يا مفاخر خان، ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٣٤.

(١٨) ڏسو ذخيرة الخوانين ص ٣١١.

(١٩) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٣٠٩- آصف الدولہ لقب هوس.

(٢٠) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٨١٤- خدا بنده کي ان مان کو بہ اولاد کونہ هو.

(٢١) ڏسو ماثر جلد ٻيون ص ٨٣٠.

(٢٢) ڏسو ماثر جلد ٽيو ص ٧٣١. پهريون پٽ جعفر خان، ٻيو صلابت، ٽيون عبدالرحمان مرحمت خان ۽ چوٿون مرزا بهرام خان.

(٢٣) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٤٥٤.

(٢٤) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٤٥٧.

(٢٥) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٤٥٧.

(٢٦) ڏسو ماثر جلد ٽيو ص ٤١٦، ذخيره ص ٣٠٧. ماثر جي ذڪر مطابق صفي خان جي وفات ١٠٤٩ھ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي. بادشاه نامہ جي بيان موجب محرم ١٠٥٠ھ - ڏسو بادشاه نامو جلد ٽيو ص ١٩٨-٢٨٠، بنگال ۾ فوت ٿيو. شهنشاه اها خبر ٢٨ صفر ڏاري مشرقي علائقن جي خابرن وٽان ٻڌي ۽ پاڻ پهرين ربيع الاول ١٠٥٠ھ تي ملڪہ بانو جي جاءِ تي ويو. صفي خان کي سلطان نظر نالي هڪ پاءُ هو جنهن کي ديوان خاقاني، انوري، مثنوي ۽ حديقہ ياد هئا. ڏسو ماثر جلد ٽيو ص ٤٣١.

(٢٧) ڏسو بادشاه نامہ جلد ٢ ص ١٩٨.

(٢٨) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٧٧-٧٧٥. مير ميران يزديءَ کي ايراني زال مان اهو پٽ هو.

(٢٩) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٧٧. بيگم صاحبجي مان کو اولاد نہ هوس پر مريتن مان ڪافي ڪهول هوس.

سندس وڏي پٽ مرزا اسحاق کي "اميرخاني" خطاب مليل هو، جنهن بهره مند خان عزيزالدين مير بخشي (ولد مرزا بهرام ولد صادق خان مير بخشي) جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. هن جا پيا پٽ مرزا جعفر عقيدت خان، مرزا ابراهيم، مرحمت خان، هادي خان، يوسف خان ۽ اسد خان هئا.

مرزا ابراهيم، مرحمت خان، مرزا اسحاق امير خان ۽ خديجه بيگم [زال روح الله خان ثاني) هڪ ئي ماءُ مان هئا.

(٣٠) ڏسو ماثر جلد پيو ص ٣٠٩.

(٣١) ڏسو ماثر جلد پيو ص ٨٢٣.

(٣٢) ڏسو ماثر جلد پيو ص ٣١٥.

(٣٣) ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٧٣٦.

(٣٤) مرزا باقر خان نجم ثاني، خديجه بيگم [زال حاڪم بيگ ڪابلي ۽ نورجهان جي پيءُ] جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي.

(٣٥) ڏسو ماثر جلد پيو ص ٤٢١.

(٣٦) شايد اهو سلطان نظر جو پٽ هجي، ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٨٥.

(٣٧) ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٨٣٠.

(٣٨) ڏسو ماثر جلد پيو ص ٩٣- ذوالفقار خان ١٠٦٧ هه ڌاري پيدا ٿيو ۽ ٣٩ ورهين جي عمر ۾ ١٦- محرم ١١٢٤هه تي وفات ڪيائين. کيس ڪو اولاد نہ هو. ناصر عليءَ هن جي تعريف ۾ غزل لکيو، جنهن جو مطلع آهي:

اي شان حيدري ز جبين تو آشڪار
نام تو دو نبرد ڪند ڪار ذوالفقار

ڏسو ماثر جلد پيو ص ١٠٤.

(٣٩) جڏهن گوهر آرا چائي ته هن برهان پور ۾ وفات ڪئي.

(٤٠) مونس الارواح نالي هڪ رسالو خواجه معين الدين چشتي، سنجري، اجميريءَ جي سوانح تي لکيائين.

(٤١) دلرس بانو بيگم [ڌيءَ شاهنواز خان پٽ مرزا رستم صفوي قنڌاري] سندس زال هئي. ڏسو رقعات عالمگيري، نجيب اشرف ندوي، جلد پهريون ص ١٥٣.

(٤٢) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٧٨٥. خان زمان مير خليل جي زال (عالمگير جي ماسي) هڪ ڏينهن زين آباديءَ کي (جا خان زمان جي دربار جي ڳائڻي ۽ سندس سريت هئي) شهزادي عالمگير وٽ وٺي ويئي. شهزادو کيس ڏسندي مٿس عاشق ٿي پيو. ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٧٩٠.

(٤٣) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٧٠٧.

(٤٤) ڏسو ماثر جلد ٻيو ص ٦٩٠، ۽ بلاخمن ٥٧٥- هن جي زال شاهنواز مرزا ايرج ولد عبدالرحيم خان خانان جي ڌيءَ هئي جنهن مان کو اولاد نه هيس.

(٤٥) ڏسو ماثر جلد ٽيون ص ٢٨.

(٤٦) پٺي سال عالمگيريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ روح الله خان سان پرڻي.

(٤٧) ذوالفقار خان پٽ مهرالنساء بيگم (ڌيءَ يمين الدوله). انهيءَ زال مان کيس ڪو اولاد نه هو. ڏسو ماثر جلد ٻيو ص ٩٣.

(٤٨) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٩٢- جلد ٽيون ص ٣٥.

(٤٩) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٨١٤- اسد خان جي ڌيءَ مان کيس ڪوبه پٽ نه هو، پر ٻين زالن مان ڪيئي پٽ هئس.

(٥٠) جوانيءَ ۾ مرهٽن هٿان سال ڇهين جهانگيريءَ ۾ قتل ٿيو.

(٥١) ڏسو ماثر جلد ص ٣٣٥-٣٤١-٨٢٨.

(٥٢) مير ميران يزديءَ جو نسب نامو (شجرو) هن ويت آهي:
مير ميران امير خان متوفي ١١٠٩ هه (صاحبجي بيگم
جو مڙس) ابن مير خليل الله ثاني يزدي متوفي ١٥٧٢ هه
(حميده بانو ڌيءَ ملڪه بانو يمين الدوله جي نياڻيءَ جو مڙس)
بن مير ميران يزدي (پيءُ سان گڏ هندستان آيو صالحه بيگم
ڌيءَ يمين الدوله جو مڙس)- بن شاه خليل الله يزدي
(صفيه سلطان ڌيءَ شاه اسماعيل ثاني- ٨٤-٩٨٥ هه- جو مڙس،
سال ١٠١٦ هه ڌاري هندستان آيو ۽ جهانگير جي اميرن
۾ شامل ٿيو) بن مرتضي الممالڪ اسلام و پيشوا طوائف
انام امير غياث الدين محمد مير ميران يزدي متوفي ٩٩٨ هه
بن مرتضي الممالڪ اسلام شاه نورالدين نعمت الله باقي
يزدي (خانش بيگم پيڻ شاه طهماسپ صفوي ٣٠-٩٨٤ هه
جو مڙس) بن امير نظام الدين عبدالباقي مقتول ٩٢٠ هه
(صدر شاه اسماعيل صفوي متوفي ٩٣٠ هه) بن امير حبيب الله
(؟ ڏسو جامع مفيدي ص ٨٣ ۽ مائرالامرا جلد ٽيون
ص ٨٢٨) بن شاه نعيم الدين نعمت الله ثاني (سلطان
قلي قطب شاه باني سلسله قطب شاهي دکن- سلطان
محمود شاه بهمنيءَ جي موت کان پوءِ ٩٢٤ هه ۾ هن
بزرگ جي دعا سان تخت ماڻيائين- سيد موصوف شهزادي
خانم ڌيءَ مرزا جهان شاه بادشاه آذر بائيجان ٤١-٨٨٢ هه
جو مڙس هو) بن شاه ظهيرالدين علي (؟) بن شاه
حبيب الدين محب الله (سلطان علاءالدين احمد شاه بهمني
٣٨-٨٦٢ هه جي ڌيءَ خوانزه حميرا جو مڙس هو ۽
دکن ۾ وفات ڪئي هئائين) بن برهان الدين خليل الله
٧٧٥-٨٤٧ هه (پنهنجي بن پٽن شاه محب الدين حبيب الله
متوفي ٨٦٤ هه- احمد شاه بهمنيءَ جي ڄاڻي- ۽ شاه

حبيب‌الدين محب‌الله سان گڏ ماهان، ڪرمان، مان دکن آيو- احمد شاه بهمني،خواجه گيسودراز جي وفات، ۸۲۵ هه، کان پوءِ شاه نعمت‌الله ولي ڪرمانيءَ جو معتقد ٿيو هو، انهيءَ ڪري پهريان ملڪ‌المشايخ شاه نورالله بن شاه برهان‌الدين خليل‌الله ڪرمان کان دکن آيو ۽ احمد شاه بهمنيءَ جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين، ۽ شاه نعمت‌الله وليءَ جي وفات کان پوءِ برهان‌الدين خليل‌الله پڻ پنهنجي پٽن سميت دکن آيو ۽ اتي ئي گذاري ويو) بن شــاه نعمت‌الله ولي ڪرماني (۷۷۳-۸۳۴ هه). ڏسو جامع مفيدي- فرشته- حبيب‌السير- ماثرالامراء- حديقةالعالم- رياض‌السياحه- عماديه ۽ سوانح‌الايام في شاهدةالعوام صنع‌الله، بمبئي ڇاپو.

(۵۳) ڏسو ماثرالامرا جلد ۳ ص ۸۲۸- مير خليل‌الله يزدي پيو، حميده بانو ڌيءَ ملڪه بانوءَ جو مڙس، سندس پاءُ هو، پر اهو هڪ ايراني خاتونءَ يعني پيءَ ماءُ جو پٽ هو.

(۵۴الف) خــواجه حبيب‌الله ســاوجي هـن جـو ممدوح هـو. دورميش خــان (ڏسو: عالم آراي عباسي ۽ هفت‌اقليم) يا درميش‌خان، متوفي ۹۳۱ هه، سال ۹۲۷ هه ۾ حبيب‌الله کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو، جو ۹۵۰ هه تائين جيئرو هو (ميخانه لاهور ص ۱۴۴)- خواجه موصوف وڏو علم پرور هو، ڪيئي ڪتاب سندس نالي ممنون ٿيل هئا، مثلا: تــاريخ حبيب‌السير، تحفةالحبيب فخري هروي، ترجمه مجالس‌النفائس فخري هروي ۽ رساله هيئت عبدالعلي برجندي.

(۵۴) شيخ شهاب‌الدين سهروردي متوفي ۶۳۲هه جي اولاد مان هو- ڏسو ماثر جلد ۱ ص ۹۲- ۱۰۷- ۱۲۶- ۱۳۵- ۲۰۳.

(۵۵) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ۹۰- آصف خان اول عبدالمجيد هو، آصف خان ثاني اهو ئي غياث‌الدين بن علي قزويني

۽ آصف خان ٿيون جعفر بيگ ۾ اهڙيءَ ريت آصف‌خان چوٿون ابوالحسن يمين‌الدوله هو.

(٥٦) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٣٩

(٥٧) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٥٥٨

(٥٨) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٩٠

(٥٩) مرزا حسام‌الدين (بن مير جمال‌الدين حسين خان 'انجو' مصنف فرهنگ جهانگيري) ٺٽي ۾ فوت ٿيو. ان کان پوءِ ابوالبقا امير خان (يوسف ميرڪ جو وڏو پاءُ) ملتان مان بدلي ٿي ٺٽي آيو. ماثر الامراء ۾ لکيل آهي ته مرزا حسام‌الدين، احمد بيگ خان (ابراهيم خان فتح جنگ جي ڀائٽي) جي پيٽ مان پرٽيل هو. انهيءَ جي مهابي وڏي عزت ۽ عهدي کي وسيو. هي پنهنجي زال جو ڏاڍو فرمانبردار ۽ سندس رضا تي راضي رهندڙ هو. عيد يا نوروز جي موقعي تي جڏهن هوءَ شاهي دولت سرا ۾ ويندي هئي ته هي بنا اجازت جي محلات ۾ نه ويندو هو. معتمد خان تڪمله تزڪ جهانگيريءَ ۾ لکي ٿو ته مير حسام‌الدين نورجهان بيگم جي ماروٽ جو مڙس هو. ڏسو تڪمله تزڪ، نولڪشور، ص ٣٧٩،

(٦٠) ڏسو بادشاه نامه جلد پهو ص ٦٠٦-٧٣٦.

(٦١) ڏسو بادشاه نامه جلد پهريون حصو پهريون ص ٣٢٧.

(٦٢) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٥١-١٥٢ جهانگير جي زماني ۾ انهيءَ ئي خواجه غياث جي ڌيءَ گلاب جو عطر ايجاد ڪيو. تزڪ ترجمو اردو لاهور ص ٣٧٩.

(٦٣) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ١٠٧. هن وٽ ڪيئي زالون هيون، پڇاڙيءَ واري بيماريءَ ۾ سندس محل مان هڪ سؤ سريتون نڪتيون. مصنف مثنوي خسرو شيرين ۽ مثنوي ليليٰ مجنون هو. امير الامراء شريف خان جي بستري

تي پوڻ ڪان پوءِ، جهانگير جڏهن ڪابل پئي ويو ته 'بساول' جي منزل تي خميس ٣ صفر سال ١٠١٦ هه تي وزارت جو قلمدان مرزا قوام الدين جي حوالي ڪيائين.

(٦٤) ڏسو تزڪ ص ٨٥.

(٦٥) علي احمد بيگ خان ڪابليءَ جو ڏاڏو. مير غياث الدين ترخان تيموري اميرن مان هو.

(٦٦) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٩، بلاخمن ٥١٨. انهيءَ سعيدخان کي ٢٢ پٽ هئا، جن مان ڪن جا نالا نسب نامي (شجري) ۾ اچي چڪا آهن.

(٦٧) ڏسو بادشاه نامه جلد پهريون حصو پهريون ص ٣٢٧. هن جي پٽن بابت معلوم نه ٿي سگهيو ته اهي احمد بيگ خان ڪابليءَ جي ڪهڙين زالن مان هئا.

(٦٨) ڏسو تزڪ ص ١٢٨-١٢٩.

(٦٩) ڏسو تزڪ ص ١٤٠، پڻ ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٠٣.

(٧٠) شريف خان. ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٦٦٥. شريف خان ولد ملا عبدالصمد مصور شيرازي (شيرين قلم) بن خواجه نظام الملڪ وزير شاه شجاع شيرازي. آصف خان جعفر بيگ جي وفات ڪان پوءِ، جهانگير، جاوالله کي مجبور ڪيو ته هو مصري بيگم کي طلاق ڏئي، جنهن ڪان پوءِ ان کي مرزا لشڪري ولد مرزا يوسف سان پرڻايو ويو.

(٧١) شاه بيگ خان ٺٽي جو صوبيدار ٿيو هو پر اتي پهچي نه سگهيو. بلاخمن ٤١٥، بادشاه نامه جلد پهريون حصو پهريون ص، ١٤-٣٢٧. شاه بيگ خان نوي ورهين جي چمار ڌاري لاهور ۾ (شوال ١٠٢٩ هه) فوت ٿيو (ڏسو تزڪ ٦٤٢). شاه بيگ خان (خان دوران) بن ابراهيم بيگ چريڪ کي چار پٽ هئا- عبدالعزيز شاه، محمد غزنين خان، يعقوب بيگ ۽ اسد بيگ. جهانگير بادشاه، خان دوران

کي ٢٦ شوال ١٠٢٦ هه ۾ ٺٽي جو صوبه‌دار مقرر ڪيو،
پر هن پنهنجي پيري ۽ ضعيفيءَ سبب معافي ورتي. پڇاڙيءَ
۾ هو خوشاب پرڳڻو ملڪيت ۽ جاگير طور حاصل ڪري
لاهور ۾ وهي پيو. انهيءَ جاگير مان ڪيس ٽيهن لکن
جي آپت ٿيندي هئي.

(٧٢) ڏيءَ معتمد خان بخشي (مؤلف اقبال‌نامه جهانگيري) مرزا
علي اصغر جي نالي ٿيل هئي، پر پنهي جي شادي نه
ٿي سگهي، شاهجهان انهيءَ ڇوڪريءَ کي خان دوران
سان پرڻائي ڇڏيو.

(٧٣) ڏسو مآثر جلد پهريون ص ١٧٤ ۽ سرو آزاد ص ١٤٦.
سرو آزاد ۾ سندس وفات جي تاريخ ١٠٥٨ هه ڄاڻايل آهي.

(٧٤) ڏسو مآثر جلد پهريون ص ٧٨٥-٢٥٤. اهو مير خليل
خان زمان، راڳ رنگ جو شوقين هو، ڪيئي سريتون،
سريليون ۽ ناهوڪيون ڳائڻيون پاڻ وٽ ڪنيون ڪيون
هئائين. مشهور ڳائڻي زين آبادي (شهزادگيءَ واري زماني
۾ عالمگير جي محبوبه) پڻ انهن مان هئي. چون ٿا ته
اها مير خليل خان جي سريت هئي. ڏسو مآثر جلد
پهريون ص ٧٩.

(٧٥) ڏسو سرو آزاد ص ١٤٦ - مآثر جلد پهريون ٢٠٣. محمد باقر
اعظم خان جهانگيريءَ جو ٽيون نمبر پٽ هو. پهريان مير
اسحاق ارادت خان مرزا بديع‌الزمان ولد آقائي ملا ثاني
جهانگيري (جعفر بيگ آصف خان جي پاءُ) جي ڌيءَ
پرڻيو، پوءِ زاهد خان ڪوڪه جي ڌيءَ سان بيوگيءَ
۾ نڪاح ڪيائين، جنهن مان سندس وڏو پٽ
محمد جعفر هو.

(٧٦) صاحب ديوان هو. ڏسو مآثر جلد پهريون ص ٢٠٤ ۽
سرو آزاد ص ١٤٦-١٤٧.

(٧٧) فارسيءَ جو شاعر هو.
(٧٨) ڏسو ماثر جلد ١ ص ٢٠٥- پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ موروثي لقب ارادت خاني مليس، شعر گهٽا چوندو هو، زالن هٿ ڪرڻ ۾ حريص ۽ گهڻي اولاد وارو هو.
(٧٩) ڏسو ماثر جلد پهريون ص ٢٠٦.

(اهي پيڙهي شجرا هڪ سال ۽ ٽن مهينن جي عرصي ۾ پورا ٿيا. تاريخ ٧ جنوري ١٩٦١ع ڌاري سون هي ڪم هٿ ۾ ڪنيو، اڄ تاريخ ٢٧ مارچ ١٩٦٢ع تي پورو ڪيم. هتي پڙهندڙن کان اها اميد رکڻ مناسب ٿو سمجهان ته هن باوي ۾ جيڪڏهن ڪين ڪوبه شڪ پيدا ٿئي ته مهرباني ڪري مون کي اطلاع ڏين ته جيئن ايندڙ اشاعت ۾ درستي ڪئي وڃي.

پڇاڙيءَ پنهنجي ساٿين جناب رشدي، مسلم ضيائي ۽ مولانا قدوسيءَ جو تهدل شڪريو ادا ٿو ڪريان جن منهنجي هن ڪم ۾ مدد ڪئي.)

— جڏهن مائهن جو وطن ڪسجي ٿو، تڏهن دين جون ۽ دنيا جون خرابيون منجهن پيدا ٿين ٿيون. چالاءِ ته سڄي جهان جو مدار معاشي حالتن تي آهي.

— رعايا تي ظلم جو حد ڏکيو ڪرڻ، خرابيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

— هن ملڪ جون حالتون وڃي انهيءَ حد تي پهتيون، جو ان جي مائهن جو ڪو پڇڻ وارو ڪونه رهيو ۽ اهي مظلوم ۽ بي واها بڻجي ويا.

— يوسف ميرڪ

تاريخ مظهر شاهجهاني

حصو ٻيو

(سنڌ جو احوال ـ ٻکر کان ٺٽي تائين)

معلوم ٿئي ٿو. گهرجي (٢٢٨-٢) ته مرزا شاه حسن ارغون
جي حڪومت (٩٢٨-٩٦٢ هه) دوران، سنڌ ڇهن
راڄڌانين ۾ ورهايل هئي، جيڪي:

١- بکر، ٢- سيوهڻ، ٣- نصرپور، ٤- چاچڪان،
٥- ٺٽو، ٦- چاڪر هالا ۽ جون شمار ڪيل آهن.

اڪبر بادشاه جي فوجن جو سڀ کان اول (٩٨٢ هه
ڌاري) بکر تي قبضو ٿيو، سيوهڻ ۽ لاهري بندر کي، ٺٽي هٿ
ڪرڻ ۽ مرزا جاني بيگ جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ، مغل بادشاهت
۾ داخل ڪيو ويو. اڳتي هلي (٩٩٩ هه ۾) باقي چارئي
راڄڌانيون اڪبر بادشاه طرفان مرزا جاني بيگ کي جاگير طور
بخش ڪيون ويون.

ڪتاب جي مؤلف (يوسف ميرڪ) ڏهين صدي هجريءَ
جي سنڌ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل ليکيندي ڇوٽون سبيءَ وارو علائقو پڻ
ان سان شامل ڪيو آهي، جنهن تي بادشاهي فوجن بکر ۽ ٺٽي
مٿان ڪاهه ڪرڻ کان گهڻو عرصو پوءِ (١٠٠٣ هه ڌاري) ڌاڪ
ڄمائي هئي. اهڙيءَ ريت هن ڪتاب (مظهر شاهجهانيءَ) جا به
چار باب ترتيب ڏنل آهن.

باب پهريون

بکر جو بيان (۲۲۹-۱)

بکر، قلعي جي صورت ۾، سنڌ درياهه جي وچ تي هڪ ٽڪريءَ مٿان واقع آهي. هن جي ڏاکڻين پاسي جتي پاڻيءَ جو چاڙهه رهي ٿو، تنهن ڪري سامهون درياهه سان لڳ ٽڪر جي مٿاهين تي روهڙيءَ جو شهر ڏسجي ٿو. ٻئي طرف درياهه جي وراڪي ۾ ننڍي ٽڪريءَ تي ننڍي ڪوٽ اندر هڪ آستان اڏيل آهي. انهيءَ هنڌ مير ابوالقاسم نمڪين 'صفه صفا' نالي ويڪرو ٿلهو ٺهرائي ان جي چئني ئي ڪُنڊن تي ٿنڀا اڏايا هئا. هتي چانڊوڪي راتين ۾ سنڌ ڪچهريون لڳنديون هيون جن ۾ وقت جا عالم ۽ فاضل اچي شريڪ ٿيندا هئا، انهن جي خاطر تواضع خوشبودار سوادي گدرن سان ڪئي ويندي هئي، جيڪي چئن ڪوهن جي پنڌ تان 'نيه بدره'(۱) نالي هڪ واهڻ مان گهرايا ويندا هئا، تنهن زماني ۾ انهن گدرن جي ڏاڍي هاڪ هوندي هئي، ايتري قدر جو مير ابوالقاسم چونڊ گدرن جا ڀورا پرائي تحفي طور اڪبر بادشاه جي خدمت ۾ موڪليندو هو، (۲۲۹-۲). جيڪي ڪيس حد کان وڌيڪ وڻندا هئا. هن وقت مير ابوالقاسم (وفات ۱۰۱۸ هه) ۽ سندس خانـدان جـون مزارون انهيءَ هنڌ 'صفه صفا' تـي موجود آهن.

---

(۱) ممڪن آهي ته سنڌيءَ ۾ اهو لفظ نئين بدو يا ٻدي واري واهي هجي. (مترجم)

قلعي جي اترئين طرف سيت پور نـاهران ڏانهن وينڌڙ درياهي وسٽي جي مهاڳ ۾ البت پاڻيءَ جو ايڏو زور ڪونهي- خاص ڪري سياري جي مُند ۾ درياهه صفا لهي پنيءَ پوڙ تي بيهي ٿو. انهيءَ پاسي درياهه جي ڪپ تي سکر جو شهر آباد آهي. اوپـر طرف قلعي جـي آمهون سامهون ننڍڙي ٽڪريءَ تي خواجه خضر جو آستان نظر اچي ٿو، جو پڻ درياهه جي وچ ۾ آهي.

ساڄئي قلعي جي اولاهين پاسي سڌ پنڌ تي پاڻيءَ جي مٿاڇري سـان ٺهڪندڙ سئين پٽيءَ واريءَ ٽڪريءَ مٿان ڪجهن جي جهرمٽ ۾ هڪ گنبذ جوڙيل آهي، جنهن ڪي ساڏ پيلو سڏيو وڃي ٿو. اها ٽڪري (۱-۲۳۰) پهريان هڪ ميل جي گهيري ۾ ڊائين پاڻيءَ هيٺان هوندي هئي، سياري جي موسم ۾ جڏهن درياهه جهڪو ٿي ويندو هو ته وري ظاهر ٿـي پوندي هئي، پر آبڪلاڻيءَ جي مند ۾ ان جو ڪو نشان نظر نـه ايندو هو، جنهن ڪري مٿان ڪان ايندڙ ڪيئي ٻيڙيون ان سان ٽڪرجي پرزا پرزا ٿي درياهه ۾ ٻڏي ٿي ويون. اهو حال ڏسي مير معصوم بکري (۱۰۱۹ هه)۾ هڪ وڏي ٻيڙي پٿرن سان ڀرائي اتي وجهرائي ڇڏي، انهيءَ ڀراءَ پوڻ ڪان پوءِ اتي هڪ سائو گنبذ تيار ڪرائي مٿس سيتاسر نالو رکيائين.

هيءَ ڏاڍي هوادارءِ نظاري واري جاءِ آهي، ڪيئي ماڻهو سير سواد سانگي هتي اچي لطف اندوز ٿيندا رهن ٿـا. ساڄئي وقت ٻيڙياڻتا پڻ پري ڪان عمارت جا نشان ڏسي پـاڻ سنڀالي اڳان ٻيڙيون هاڪاري ڏا وڃن. انهيءَ گنبذ جي سامهون درياهه جي ڪنڌيءَ سان هڪ ٽڪريءَ تي جهاز نموني مسجد جوڙيل آهي (۲-۲۳۰) جا ڏاڍي سهڻي ڏسجي ٿي. ان جي پٿرائين ڏاڪن جو رخ درياهه ڏانهن آهي، جتي نمازي ويهي وضو ڪندا آهن.

عيد جي موقعي تي سکر توڙي بکر جي خلق هتي دل وندرائڻ لاءِ ايندي آهي۔

بکر ۾ ڪل اٺ پرڳڻا آهن، جن مان پنج روهڙيءَ پاسي ۽ ٽي سکر جي پاسي اچي وڃن ٿا. روهڙيءَ جي پنجن پرڳڻن مان هڪڙو ماٿيلي نالي آهي. ماٿيلو هڪ پڪي ۽ پراڻي قلعي جو نالو آهي، هن پرڳڻي ۾ ڏاريجا ۽ مهر رهن ٿا.

ان جو ٻيو پرڳڻو اروڙ آهي، جنهن جو قلعو قديم زماني کان مشهور ۽ پڪين سِرن مان اڏيل هو. اوائل ۾ سنڌونديءَ اتان وهندي هئي ۽ سنڌ جي اڳين حڪمرانن جي گاديءَ جو هنڌ به اتي ئي رهندو ٿي آيو.

مرزا شاه بيگ ارغون (١) جڏهن بکر جو پراڻو قلعو ڍهرائي ان جي جاءِ تي نئون قلعو (١-٢٣١) ٺهي پڌرايو ته اروڙ جي قلعي کان علاوه بکر جي آسپاس ۾ رهندڙ ترڪن ۽ سمن جون جايون ڍهرائي اتان جون سرون هن قلعي جي اڏاوت ۾ ڪتب آڻڻ جو حڪم ڏنو هئائين. اهو قلعو اڄا سوڌو(١٠٤٤ هه) تائين موجود آهي (٢).

هي پرڳڻو ڏاريجن مان واسطو رکي ٿو ۽ هتي پنهور پڻ رهن ٿا جن وٽ اُٺن جا ڪيئي وڳ آهن، اهي اٺ جيسلمير ملتان ۽ قنڌار تائين ڀاڙي تي ڏنا وڃن ٿا.

ٽيون پرڳڻو لڏو گاگن آهي، هتي به ڏاريجا رهندا آهن. شروعات ۾ هنن مرزا شاه بيگ ارغون سان مهاڏو اٽڪايو هو، پر پوءِ ان جون عقوبتون ڏسي ماٺ ٿي ويا هئا. انهيءَ واقعي بابت سنڌ جي تاريخ (٣) ۾ ڄاڻايل آهي ته (١-٢٣١-٢) مرزا

---

(١) مرزا شاه بيگ ولد امير ذوالنون ارغون ولد حسن بصري، سنڌ جو ڏاريو حڪمران متوفي ٢٢- شعبان ٩٢٨ هه. تاريخ وفات ”شهر شعبان“ـ تاريخ سنڌ فارسي معصومي ص ١٢٧. (٢) ڏسو تاريخ معصومي ١٢٤ (٣) تاريخ سنڌ، معصومي، مير معصوم بکري، سال تاليف ١٠٠٩ هه

شاه بيگ ارغون جڏهن سلطان محمود کي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو ته اتان جي مهم مقامي سيدن کي سونپيائين. ان سان گڏ ڌاريجن جي ڪن پڳدارن کي به حڪم ڪيو ويو ته هو پڻ قلعي ۾ اچي رهن، پر ڌاريجن انهيءَ حڪم جي پوئواريءَ کان نابري واري ڇڏي ۽ پنهنجي منهن ماٺ ميڙي جنگ جوڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا. سندن ڪوشش اها هئي ته ڪيئن به ڪري سلطان محمود جي مغز مان هوا ڪڍي وجهي، جيئن هو سنڌ جا وڻ ڇڏي ويندو رهي.

انهيءَ ضد تي چڙهي، هنن ڏل ڏيڻ ته بند ڪري ڇڏي، پر ٻين معاملن ۾ به هن سان پورو منهن نٿي ڏنائون. سلطان محمود جا جيڪي به گماشتا وٽن ٿي ويا ته انهن کي ڌوڙ مٽي ۾ وجهي واپس پٺي آماڻيائون. پڇاڙيءَ پنهنجا ڪٽڪ سنبرائي سلطان محمود سان چڪري ڏيڻ لاءِ لاهريءَ جي ميدان ۾ لهي آيا. انهيءَ وچ ۾ سلطان محمود جيڪو اجا ٻارهن ورهن جي ڄمار ۾ هو، تيسي ۾ ڏند ڪرٽي ڌاريجن سان وڙهڻ لاءِ وٽ ڪائيندو رهيو، پر سيد مبڳورا ڪيس اوپاريون لهواريون ڏيني روڪيندا پئي آيا (١-١٣٢). هوڏانهن ڌاريجن به پيرا اها ست ڪٺي ته درياهه اڪري، قلعي ۾ داخل ٿي، سلطان محمود کي ڳٽڙ کان جهلي اچن، پر ايتري ۾ بکر جي سيدن کي کُڙڪ پئجي ويئي، جن قلعي جا سيئي گهٽ سوگها ڪري، ڌاريجن کي منجهائي ڇڏيو ۽ هو سيدن کي سامهون ڏسي مڙي ويا *.

ائين ڪندي مرزا شاه بيگ ارغون، شال (ڪوئيٽا) ۽

---

* بکر جي سيدن ڌاريجن خلاف پنهنجي ولي نعمت شاه بيگ ارغون جي حمايت ۾ جيڪي ڪارناما ڪري ڏيکاريا تن جو انعام آخر انهن کي اهو مليو، جو شاه بيگ بدگمانيءَ ۾ اچي، کين اهل عيال سميت قلعي مان نيڪالي ڏياري ڇڏي. تاريخ سنڌ، معصومي، ص. ١٢٢ (مترجم)

سبيءَ ڪان ٽيندو (١)، سيوهڻ جي راڄڌانيءَ ۾ داخل باغبان پرڳڻي ڏانهن وريو جتي ماڇين جي قوم سنڌس آڻ نہ مڃڻ ۾ ساڻس سيني ساهڻ جو اڳواٽ عمل دهرائي چڪي هئي. مرزا شاه بيگ باغبان پهچندي شرط ماڇين کي بارين ٻچين قتل ڪرائي، هنن جون ملڪيتون لٽي ڦري، سندن ڪوٽ ڍهرائي پٽ ڪري بکر ڏانهن روانو ٿيو ۽ چانڊڪا ۾ اچي ديرو دسايائين، جو بکر کان ڏيهن ميان جي پنڌ تي اولاهين پاسي آهي (٢٣٢-٢) (٢).

سلطان محمود جيڪو انهيءَ ئي اوسيئڙي ۾ پاڻ پتوڙي رهيو هو تنهن پنهنجي هڪ ساٿياري جوجڪ بابا کي پيءُ ڏانهن ڏياري موڪليو تہ کيس وچي سڄيءَ واردات کان واقف ڪري. پٽس مير فاضل اهو احوال جيئن جو تيئن مرزا شاه بيگ جي ڏيان تي آندو ۽ کانئس موڪل وٺي ڏهہ ويهہ سوار ساڻ ڪري، چانڊڪا وٽان پاڻي جهاڳي، پنهنجي سردارن ۽ مقدمن جي دل پڌرائي، منزلون هڻندو، جڏهن بکر جي پسگردائيءَ ۾ پهتو تہ لالي مهر نالي هڪ وڏيرو پنهنجي برادريءَ سميت سنڌس قدمن ۾ اچي ڪريو، جنهن کي ڏسندي ڏاريجن ساں بہ ڪي پريا مڙس جتان ڪٿان کهي مير فاضل جي پيش پوندا ويا. آخر مير فاضل ڏاريجن جا پورا ستيتاليهہ سرڪردا ساٿو ميڙي ميڙي بکر پيڙو اچي ٿيو، ۽ آن تي سلطان محمود هنبوچيون هڻي پيءُ جا پير چمڻ لڳو.

---

(١) تاريخ ١٤ محرم ٩٢٧ هه مرزا شاه حسن پنهنجي پيءُ مرزا شاه بيگ ارغون کان ڪوئيٽا ساں موڪلائي سنڌ ڏانهن نڪتو ۽ ويهن ڏينهن کان پوءِ سيوهڻ جي ويجهڙائيءَ ۾ اچي رسيو. پويان پٽس شاه بيگ کيس لاڳيتي فوجي امداد پهچائيندو رهيو ۽ پاڻ ڏگ تي دابو ڪندو پٺي آيو. تاريخ معصومي ص ١١٨. نيز ربيع الاخر جي مهيني ۾ باغبان جي اندر قدم رکيائين. تاريخ سنڌ، معصومي، ص ١٢٠
(٢) ڏسو تاريخ معصومي ص ١٢٠.

مرزا شاه بيگ کي جڏهن خبر ملي ته مير فاضل (١) سلامتيءَ سان بکر پهچي چڪو آهي تڏهن جتي هو اتان رات وچ ۾ بکر ڏانهن پڳو ۽ وات تي سکر ۾ اچي ساهي پٽيائين. سلطان محمود هڪدم بکر مان ونس پهچي سندس قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو (٣٣٢-١)، جنهن کي انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو. انهيءَ موقعي تي هن ڌاريجن خلاف مرزا شاه بيگ جا خوب ڪن ڀريا، جنهن سڄي روئداد ٻڌڻ کان پوءِ مجلس ۾ موجود سنڌ جي مشهور ديني بزرگ قاضي قاضن ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو، انهيءَ خيال سان ته هن باري ۾ سندس ڪهڙي صلاح هئي!

قاضي قاضن جهڙي چڱي مڙس هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته قبلا سائين! سنڌ جي زمين سيلابي (ٻوڏائتي) آهي، هتي جيئن ته ڪانڊيرا گهڻا ٿا پيدا ٿيندا رهن تنهن ڪري ضروري آهي ته جهنگ ساڻ وارو پاهوڙو هٿ ۾ هئڻ گهرجي! شاه بيگ تتو ته اڳيئي وينو هو، سو قاضي قاضن جي چُرچ ملندي، ڌاريجن جي قتل عام جو حڪم ڏيئي ڇڏيائين.

سلطان محمود (٢) حڪم جي تعميل ۾ هڪدم ٻوڙي شهر پهتو ۽ اوڏيءَ مهل بنا ڪنهن ويرم جي ڌاريجن جون مسيون ڏڙن کان ڌار ڪرائي انهن کي هڪ مٿاهين ٿل تان هيٺ اڇلرائي ڇڏيائين، جيڪو اڃا تائين خوني برج نالي مشهور آهي (٢-٢٣٢). تنهن ڏينهن کان پوءِ ڌاريجن وري ڪاٻه شورش ڪانه ڪئي (٣).

روهڙيءَ جو چوٿون پرڳڻو 'ڪاڪڙي' آهي جتي منگنيچا رهن ٿا. انهن به پهريان جڏهن بکر جي راڄڌاني اڪبر بادشاه

---

(١) مير فاضل متوفي ٩٢٨هه. تاريخ معصومي ص ١٢۵

(٢) سلطان محمود ولد مير فاضل ولادت ٨٩٨ هه. وفات ٩٨٢هه. تاريخ وفات "در بهشت آسود" (مير معصوم) تاريخ معصومي ص ٢٣٧

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ معصومي ١١٨ کان ١٢٣ سنڌي ادبي بورڊ

جي ماتحتيءَ ۾ آئي ته وقت جي حاڪم سيد محمد امروهي ”مير عدل“ سان نافرمانيءَ واري روش اختيار ڪئي، پر ستت ئي ڏنڊي جي زور تي کين سانت ڪرايو ويو.

مير عدل بکر(١) پهچڻ کان پوءِ رعيت سان ڏاڍيون سختيون ڪرڻ لڳو. ايتري قدر جو هن پنهنجي ارهه زورائيءَ سان داڻي بنديءَ (٢) جي دستور جو بهانو بڻائي هڪ جريب پٺيان پنج ’مڻ‘ محصول سڙهي ڇڏيو (٣) ۽ ٻوڪي راهيءَ تي اهڙا ڪمدار مقرر ڪيائين جن هارين نارين جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري منگهيجا ميرجي پيا ۽ انهن قهري حڪمن کان منهن موڙي اڳو پوءِ جهيڙي جا جتن ڪرڻ لڳا (٢٣٤—١).

مير عدل جي ڪارندن جڏهن ڏٺو ته ڳالهه زور وٺي ويئي آهي. تڏهن ڪنبذ ۽ ديجر (٤) نالي ٻن ڳوٺن جي وچاڳ تي هڪڙي قلعي ۾ وڃي مورچا ٻڌي ويهي رهيا. ٻئي پاسي منگهيجين به وجهه وٺي لاهي پاهي مٿن ڪيرن جو وسڪارو لائي ڏنو. انهيءَ مارا ماريءَ ۾ مير عدل جا ڏاڍا ماڻهو مئا، جن کي

---

(١) ميرمحمد عدل، ١١ رمضان ٩٨٣ هه ڌاري بکر ۾ آيو (تاريخ معصومي ص ٢٤٥). هن باري ۾ وڌيڪ احوال ذخيرة الخوانين قامي ص ١٣١، اڪبرنامه (ص ٢٤٩—٣) بدايوني، (ص ٧٥—٢)، طبقات اڪبري (ص ٤٣٨—٢)، تاريخ امروهه اردو ۽ تاريخ معصومي فارسي (ص ٢٤٥—٢٤٦) نظر مان ڪڍڻ گهرجن. ميرعدل ٩٨٤هه ڌاري بکر ۾ مئو هو (تاريخ معصومي ص ٢٤٦).

(٢) اصل لفظ ڪن ڪوت، ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم تعليقات تاريخ معصومي نسخه ”ر“ (ص ٣١٨) تي ان جي معنيٰ ”داڻي بندي“ لکي آهي.

(٣) ڏسو تاريخ معصومي (ص ٢٤٥)

(٤) تاريخ معصومي لکيو آهي ته مير عدل جا ماڻهو گنبد ۽ ٻيڄراه جي وچ تي هڪ ننڍي قلعي ۾ پناهي ٿيا هئا (ص ٢٤٥)، ٻئي قلمي نسخي ۾ گنبذ ۽ بحيره لکيل آهي، انهيءَ ڪتاب جي سنڌي ترجمي ۾ مترجم گنبت ۽ ٻيڄراه لکي ٿو، جو پڻ صحيح ناهي— ترجمو (ص ٢٩١)

منگڇيجا ننگن مان ڳيهلي قلعي واري ڪيٺي ڪوهه ۾ قتو ڪندا ويا. پڇاڙيءَ هڙني ڪافر (١) موسن ڪوهه ۾ ٿانيڪا ڪري ان کي لٽي ڇڏيائون.

مير عدل کي جڏهن پتو پيو ته سندس سورهين اها ڪيپ کٽي آهي ته هڪدم پنهنجي پٽ سيد ابوالفضل کي لشڪر سان گڏي وير وٺڻ لاءِ ڊوڙايائين. هوڏانهن منگڇيجن کي جيئن ڪن پٽڪ پئي ته اوسي پاسي ٽيڙي پکڙي هليا ويا. سيد فضل لاچار ٿي سندن پيڇو ڇڏي بکر جي قلعي ۾ واپس آيو (٢٣٤-٢). ٿورن ڏينهن کان پوءِ منگڇيجا به دڙڪي داب سان نداپُر ۾ اچي ويا ۽ اچا تائين خاموش آهن. (٢)

پنجون پرڳڻو دربيلو آهي جتي سهتن کان علاوه سميجن سان هڪڙا راڇپر پيا بهڻ رهن ٿا، سندن ڏنڊو پوکي راهي آهي. شروعات ۾ اهي به ڏاڍا سرڪش هئا ۽ بکر جي حاڪم سان نهي نٿي هليا. جڏهن سيد بايزيد بخاري (٣) بکر جو فوجدار ٿي آيو ته ان جا پٽ عيد جي ڏينهن، موقعي جو فائدو وٺي، بکر سان گهوڙا ڪاهي وجي ستن ڪڙڪيا. بروقت پنهي قومن سهتن ۽ سميجن جا ڪيئي ماڻهو قتل ٿي ويا. پوءِ سندن پارن ٻچن کي قيد ڪري بکر آندو ويو. انهن جا پونير اڄ تائين رعيت واري روش سان هلي سرڪاري ڏن پريندا رهن ٿا.

---

(١) 'ڪافر' کان مراد اهي غيرتمند سنڌي جيڪي مير عدل جهڙي ظالم خلاف وڙهندي مارجي ويا؛ مظلوم سنڌين جي باري ۾ فاضل مؤلف جي اهـا ابتدائي 'گوهر افشاني' اڳتي هلي دشنام طـرازيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿي. (مترجم)

(٢) تاريخ معصومي (ص ٢٤٥-٢٤٦)

(٣) لب تاريخ سنڌ ۾ بايزيد بخاري جـي فوج دار ٿـي اچـڻ جو سال (١٠٢٤هه) ڄاڻايل آهي. هي جلوس جهانگيري جي پنجين سال (١٠٢٨هه) ۾ بکر مان نٽي ويو ۽ اتي وفات ڪيائين (ذخيره الخوانين قلمي ص ٣٤٨)

اڪبر بادشاه جي زماني ۾ مٿيان پيٺي پرڳڻا مير معصوم بکريءَ جي جاگير هئا (١)، جنهن انهن کي آباد ڪري وڏي اوج تي رسايو هو (٥٣٢-١).

مير معصوم جي ديانتداري پنهنجو مٽ پاڻ هئي هن

---

(١) اڪبر بادشاه جڏهن ٩٩٨هه ڌاري مرزا عبدالرحيم خان خانان کي لاهور مان سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ اماڻيو ته مير معصوم کي به ساڻس گڏ روانو ڪيائين. انهيءَ سال دربيلي وارو پرڳڻو مير معصوم کي جاگير تي مليو. مير معصوم تاريخ معصومي ۾ انهيءَ واقعي بابت لکي ٿو ته "خان خانان کي ٺٽي تي چڙهائي ڪرڻ ۽ بلوچن کي وس ۾ آڻڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو، جو ٢٢ شوال ٩٩٨هه ۾ خريف جي وچ ڌاري بکر پهچي پنهنجي مهم ۾ جنبي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ هي فقير (تاريخ معصومي جو مولف) گجرات مان هلي بادشاه جي خدمت ۾ اچي رهيو. اتفاق سان والده طرفان ڪي تحفا آيل هئا جيڪي حضور ۾ پيش ڪيا ويا. بادشاه سلامت مهر جي نظر سان نوازيندي فرمايو: توهان کي پنهنجي والده کان وڇڙئي ڪيترو عرصو ٿي چڪو آهي؟ مون عرض ڪيو ته ويهه ورهيه گذري چڪا آهن. اهو ٻڌي عنايت فرمائي حڪم ڪيائون ته پهريان پنهنجي والده جي خدمت ۾ رهي پوءِ اسان وٽ اچي حاضر ٿيو. انهيءَ سان گڏ بخشين (منشين) کي حڪم ڪيو ويو ته منهنجي جاگير واري تنخواه ادا ڪئي وڃي.

"انهيءَ وچ ۾ محمد صادق خان منهنجي سفارش ڪندي چيو ته جنهن صورت ۾ مير معصوم خود بکر وڃي رهيو آهي تنهن ڪري چونه محالستان مان ڏيس تنخواه ڏياري وڃي؟ بادشاه فرمايو، بکر اڳيئي خان خانان جي جاگير ٿيل چڪو آهي. خان خانان خود حاضر هو جنهن عرض ڪيو ته جيڪڏهن مير معصوم کي بکر جي راڄدانيءَ ۾ جاگير ڏني ويندي ته آءٌ حڪم جي پوئواري ڪندس، ان جي عيوض مون کي ڪنهن ٻئي هنڌ جاگير عطا ڪئي وڃي. آخر بادشاه جي حڪم مطابق مون کي بکر جي راڄداني مان دربيلي، ڪاڪڙي ۽ چانڊڪا وارا پرڳڻا جاگير طور مليا" (ص٢١). مير معصوم ١٤ صفر ٩٩٩هه ڌاري بکر پهتو هو.

پنهنجي پل ساڍهپيءَ سان رعيت کي جهڙيءَ ريت خوش رکيو تنهن جو پورو بيان هتي نه اچي سگهندو البته سنڌس هڪ ڪارنامو مثال طور درج ڪجي ٿو جو هي آهي ته هن پنهنجي ڪمدارن کي حڪم ڪري ڇڏيو هو ته بٺيءَ جي وقت زمين جي پوري ماپ وٺي ڪپيءَ فصل جي نفعي نقصان جو پڻ چڱيءَ طرح خيال رکيو وڃي. جيڪڏهن هڪ هنڌ آباديءَ لاءِ مخصوص ڪيل زمين جي هڪ هزار جريبن مان نو سو نوانوي جريب غيرآباد ۽ صرف هڪڙو جريب آباد پئي ٿيو ته اهو هڪ جريب شمار ڪيو ٿي ويو باقي نو سو نوانوي جريب (٢٣٥-٢) حساب ۾ نٿي آندا ويا. ان کان سواءِ زمين ۾ جتي به پاڻي پهچائڻ لاءِ واهه يا ڪنهن ڪسيءَ جي کهرج پوندي هئي ته مير معصوم پنهنجي خرچ تي ان جو انتظام ڪندو هو. رعيت کي رڳو پوک جي پرگهور سونپيل هئي. مير صاحب جي انهيءَ سهڻي قدم جي ڪري نتيجو اهو نڪتو جو انهن پرڳڻن ۾ هڙئي غير آباد زمينون آباد ٿي ويون ۽ جهنگ جي ڪا ايراضي باقي نه رهي. ايتري قدر جو مير معصوم جيڪو پاڻ شڪار جو ڏاڍو شوقين هو تنهن کي پنهنجي شوق جي پورائيءَ لاءِ ٻين پرڳڻن ڏانهن وڃڻو ٿي پيو.

دوهيلي جي معتبر ماڻهن وڏن مؤلف کي معلوم ٿيو ته جنهن وقت اهي پرڳڻا مير معصوم جي جاگير ۾ آيا ته پهرئين سال هڪڙي دهه ۾ رڳو پنج سو جريب زمين آباد ٿي (٢٣٦-١). جڏهن رعيت جي دل ٻڌرائي ويئي ۽ مير معصوم جي سهڻي سلوڪ توڙي انصاف تي به ڪين پورو ڀروسو پيدا ٿيو ته ٿوري عرصي اندر آتي پوک جي آبادي جملي پنجاهه هزار جريبن ٽائين وڃي پهتي. انهيءَ مان مير صاحب ۽ ٻين عملدارن جي پرڳڻن جي آباديءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهي پنج ئي پرڳڻا

باقاعدي واجبي ڍل ڀريندا رهن ٿا. ۽ هتان جي ماڻهن ۾ ڪابه سرڪشي نٿي ڏٺي وڃي.

انهن پرڳڻن جو انتظام پوريءَ طرح ڀڃي جي حساب سان رکيو ويو آهي جنهن ڪي اڇو ڀڃو ۽ سائو ڀڃو چيو وڃي ٿو جيئن اڳ دستور هو. آبادي وڌائڻ جي خيال کان رعيت لاءِ خاص ڪري اها رعايت وڪي ويئي آهي ته مقرر ڪيل دستور (٢٣٦-٢) کان وڌيڪ کين ڪنهن به ادائگيءَ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي، ڀٽيءَ وقت آباد توڙي غير آباد زمين جو هرطرح خيال رکڻ گهرجي، ۽ انهيءَ کان علاوه اربابن، رئيسن، قانونگوين ۽ عملدارن کان چوڪس رهڻ جو به چتاءُ ڏنل آهي. جيڪڏهن رعيت جي ڀلائيءَ ۽ ديوان جي ڪفايت لاءِ ڪنهن به ڀڃي مان ڪابه شيءِ گهٽائي وڃي ته ان جي پورائيءَ لاءِ وڌيڪ ڀوڪ جو اپاءُ ڪرڻ ۾ اچي، جيئن ڀنهي ڌرين جو ڀلو ٿيندو رهي ۽ ماڻهو ڪنهن به وڳوڙ ۾ منهن نه وجهن.

پر هوڏانهن سيوهڻ جا سميجا انڙ جن جو ڌنڌو ئي رهزني آهي، ڀنهنجي تر سميت، ماڇيلي ۽ ملتان جي سرحد ۾ آيل او ڀاوڙي توڙي جيسلمير تائين ڌاڙا هڻندا رهن ٿا. سندن ارڏائي انهيءَ حد تائين آهي جو ڪنهن پرڳڻي جي طاقتور راڄ سان سئون سڌو هٿ اڙڪائڻ بدران انهن جون چوريون ڪندا ٿا رهن. جيڪڏهن ڪنهن پرڳڻي جي راڄ جي حالت زبون آهي ته (٢٣٧-١) انهن جا ڪنڌا ڪٽي ٿا ڇڏين، جيڪو به هنن جي ور چڙهي ٿو تنهن جو سر ئي گم ڪري ٿا ڇڏين. ان ڪري رعيت جو آئي رهڻ مشڪل آهي. اڪثر ائين ٿئي ٿو ته سميجا هيڪر جنهن ڳوٺ کي ڦري ناس ٿا ڪن اهي پيهر ڪو به آباد ٿيڻ جو ست ساري نٿو سگهي.

آهي ٿي پرڳڻا (١) جيڪي سڪر ۾ اچي ٿا وڃن تن مان هڪڙو جتوئي پرڳڻو آهي، هتي جا سردار انگريزن عملداريءَ وقت بلوچ هئا جن ۾ جتوئي، ٻڙدي، ڪورائي، داردشت، لولئي، شر ۽ ٻيا شامل هئا. اهي به اصل ۾ ڏاڍا فسادي هئا پر مرزا شاه بيگ ارغون کين مات ڪرائي ڇڏيو هو. شاه بيگ ارغون بکر جي قلعي جي اڏاوت لاءِ (٢٣٧-٢) جڏهن رعيت جي چڱن مڙس کي ڪوٺائي هيڪاندو ڪيو ته انهن فسادي بلوچن جي باري ۾ (جيڪي ڪڏهن به فتني ڪان باز نٿي آيا) سڀني جي صلاح ڪان پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته انهيءَ قوم جي ماڻهن کي تراو جي پاڻيءَ سان آجهائي ڇڏڻ کپي. آخر ڳالهه اچي اڪي بيٺي ته هنن جي هر وسنديءَ ۾ ڪافي ماڻهو نيڙي پکيڙي ڇڏجن جيڪي سدائين لهه وچڙهه ۾ ايندا رهن، ان ڪان پوءِ عين موقعي تي اشاري ملڻ شرط انهن جو پونو ڳار ڪرائي ڇڏجي. اهڙيءَ ريت هر هنڌ ماڻهن جي مقرريءَ بعد وقت جو انتظار ڪيو ويو ۽ موقعي ملڻ تي هڪ ئي ڏڪ سان ڪيترن جون مسيون ڌڙن ڪان ڌار ٿي ويون، ۽ ائين اڪ ڇنڀ ۾ بلوچن جي ٻائيتاليهه ڳوٺن جا ماڻهو موت جي ٻوهي ۾ اچي ختم ٿي ويا (٢). انهيءَ پرڳڻي جي سرداريءَ جي پڳ پوءِ مهرن کي ٻڌرائي ويئي (٢٣٨-٢).

انهيءَ واردات ڪان پوءِ الـان جي ٻين ماڻهن ته مڙئي اڙ ڪوڙ ڇڏي ڏنا ۽ پابنديءَ سان سرڪاري ڍل ڀڇائيندا رهن ٿا، پر ٻڙدي بلوچن جو اڃا ڪروڌ ۾ منهن آهي، اهي دريءَ نالي هڪ قلعي ۾ رهن ٿا ۽ جاگيردار جي هلڪي ڪن مهت سان هيڪر سڌا ٿي ٿا وڃن.

ٻيو پرڳڻو چانڊڪا جو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱين وڏو پرڳڻو ليکيو وڃي ٿو. هتي سميجا، ٻکيجا، سانگي ۽ ابڙا رهن

(١) چار [پ] (٢) ڏسو تاريخ معصومي ص ١٢٤-١٢٥.

ٿا جيڪي سڀ طاقتمند قبيلا آهن. هنن مان ابڙا ۽ سانگي پڻ ٻاڻ کي سميجا سڏرائين ٿا. چوٿين قوم مهديجي شيخن جي آهي. هن پرڳڻي جا رهاڪو ٿوري ڳوڻي نافرماني ڪندا رهن ٿا.

جيڪڏهن بکر طاقتور آهي ته هتان جي ماڻهن کي فصل لهڻ تي زير ڪري، دستو ڪان وڌيڪ وٺائن ڪا به گهر نٿي ڪئي وڃي ۽ ساڻن سڻي سلوڪ روا رکڻ جي ڪري انهن ۾ ڪا به ڳڙ ٻڙ نٿي ٿئي. پر جي لشڪر ۾ ايترو زور ڪونهي ته انهن ماڻهن جو من وڌي ٿو وڃي (٢٣٨-٢)، ۽ هي بيرخي واري روش اختيار ڪرڻ ٿا لڳن، چاڪاڻ ته ڪيترين ڳالهين جي ڪري هنن جي پُٺ مضبوط آهي. هڪ ته هي ڪُهٽائيءَ ۾ آهن ٻيو ته سندن ايراضيءَ ۾ ڪرڙ ڪَندا جام ٿا ٿين جنهن ڪري ساڻن منهن ڏيڻ وقت جهنگ ۾ اچ وڃ ڏکي ٿي لڳي. ٽيون ته هي ماڻهو عام طرح جهنگلي ۽ جابلو قسم جا آهن، جن ۾ بلوچ، سنگسي، لاشاري، داردشت، ديناري، رند، ڊومبڪي، ڪنوهڙ ۽ ۽ بُزدي اچي وڃن ٿا. انهن جو لاڳاپو سبيءَ واري علائقي سان رهي ٿو. هنن ۾ چانڊيا نياڳا به آهن جيڪي وري سيوهڻ سان تعلق رکن ٿا، اهي جڏهن به پنهنجيءَ تي اچن ٿا ته پنهنجا ڍور ڍڳا ۽ ٻار ٻچا جبل ڏانهن آماڻي ٻاڻ جهنگ ۾ گهٽ ڪاڙي ٿا ويهن ۽ جيئن لشڪر اتان لانگهائو ٿئي ٿو ته هي اچانڪ ان تي ڌاڪا ٻڌي چڙهي ٿا وڃن.

ٽيون ذڪر وارو پرڳڻو آهي (٢٢٩-١) جنهن ۾ سميجن بکيجن ۽ لاکيرن جا واڄ رهن ٿا. هي به ٻين سميجن وانگيان رکي بگڙي پون ٿا. ڪڏهن ته هي ڏاڍا ارڏا هئا پر هاڻ منجهن اُها اڙانگو ڙي نه رهي آهي، ۽ واجبي طرح ڍل ڀريندا رهن ٿا. هتي به بنئي مطابق عملداري هلي ٿي ۽ ماڻهو اوسي پاسي جي شاهينگن کان امن ۾ پيا گذارين، ليڪن چانڊين جي ڪونس هلندي رهي ٿي. اهي ڏاڍا نامراد آهن، ايتري قدر جو ماڻهن

جا ٻار ڪٽي وڃي وڪڻن ٿا ۽ سمورن مال ملڪيت هڙپ ڪري ٿا ڇڏين (١).

هن ملڪ جي انهن ڏهن پرڳڻن ۾ ڪٿي به زمين جي کوٽ ناهي، هتي ڪيترا خالي پٽ به پيا آهن، جيڪڏهن رعيتي ماڻهو مکيا ستايا هجن ۽ ڪين پروسو ڏياريو وڃي ته اهي پنهنجي وس آهر درياهه مان واهڙ کڻي انهن پٽن تائين پاڻي پهچائي، زمين کي آباد ڪري ٿا سگهن (٩٢٢–٢٣) جهڙيءَ ريت هن کان اڳ ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ مير ابڙي واري باب اندر بيان ٿي چڪو آهي (٢). يا ته اڻين ٿئي ته هاري ناري،

---

(١) نسخي پ ۾ هن کان پوءِ هيٺين عبارت شروع ٿئي ٿي: چوٿون پرڳڻو فتح پور آهي جيڪو گهڻي وقت کان ويران رهي ٿو ان ڪري ان جي احوال پيش ڪرڻ جي ضرورت نه محسوس ڪئي ويئي (ورق ١٨٥).

(٢) ”محمد علي بيگ بندري (متوفي ١٠٦٦هه) جيڪو نواب آصف جاه ياران (١٠٣٨هه) ۾ بکر جو فوجدار هو تنهن زماني ۾ مير نالي چانڊڪا پرڳڻي جي ابڙي زميندار درياهه مان وڏو واهه کيرائي غيرآباد زمين ۾ آندو هو جنهن ڪري انهن پٽن ۾ جتي چرندن، پرندن ترڙي آدم ذات جر ڪو اير پير ئي نه هو، اتي نيون وستيون آباد ٿي ويون. انهن مان ”جوکي هرٽي“ ۽ ”منهه“ نالي وارا ڳوٺ مير ابڙي جا ٻڌرايل هئا، ساڳيءَ ريت نندي ابڙي، ”پوپٽي“ نالي ڳوٺ ٻڌرايو هو.

”ابڙن جي مرشد شاه علي جيڪو سهديجو سڏائي ٿو تنهن ”ڪوٽلي“ نالي ڳوٺ آباد ڪيو. اهڙيءَ ريت چانڊڪا پرڳڻي جي ابڙن، سانگين ۽ سميجن واهه کوٽائي انهن جي ڪلنير سان نوان ڳوٺ ٻڌرايا. نتيجو اهو ٿيو جو جتان ڪتان جا ڏتڙيل ماڻهو انهيءَ پاسي رجوع ٿيندا ويا. سارين ۽ جوارين جي خريف واري پوک ۾ واڌارو اچي ويو جنهن جي آبادي لکن جريبن تائين وڃي پهتي، سواءِ ربيع واريءَ پوک جي جنهن ۾ ڪڻڪ، جو، چڻا ۽ سرنهن وغيره شامل آهن.

”انهن پرڳڻن مان ڏهاڪي پنيان ٽيهارو چاليهارو جي وصولي ٿيڻ لڳي، دربيلي وارو پرڳڻو جيڪو بکر جي راجداني ۾ آهي سو به پوکي راهي ۾ تمام گهڻو آباد ٿي ويو.“ مظهر شاهجهاني قسم اول باب چوٿون فصل پيو.

جاگيردارن جي مدد سان غير آباد زمين کي آباد ڪندا رهن
جيئن مير معصوم واري باب ۾ ذڪر ڪيو ويو- انهيءَ ريت
پوک جي پيداوار ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي.

اصل ۾ هئڻ ائين کپي ته بٽئيءَ جي باري ۾ ڪو به
جاگيردار ڪنهن به آبادگار وٽان مقرر ڪيل دستور کان وڌيڪ
ڪا به تقاضا نه ڪري، جئن هن کان اڳ ٻڌايو ويو. ساڳيءَ
طرح حدبندي وقت به اها ڪوشش هئڻ کپي ته زمين جي ماپ
ڪندڙن کان ڪا به گهٽ وڌائي عمل ۾ نه اچي ۽ ڪارکن
ايمانداريءَ سان آباد توڙي غير آباد زمين جي چڱيءَ طرح جاچ
ڪندا رهن. انهيءَ سان گڏ هرهڪ پرڳڻي جي پڳدار تي پڻ
لازم آهي ته هو جمعبنديءَ کان پوءِ ناليوار سڀڪنهن جو حساب
چُڪتو ڪري ڇڏي، جيئن ارباب، رئيس ۽ قانونگو غريب
رعايا جي ميڙي چونڊيءَ ۾ پنهنجون اکيون نه وجهن (٢١٤-١).

اڳين حاڪمن طرفان اربابن ۽ رئيسن لاءِ جيڪي انعام
اڪرام مقرر ٿيل هجن اهي به پرڳڻي جي پڳدار کي پنهنجي
هٿان ڏيڻ کپن، رعيت کي واجبي ڏيل کان سواءِ ڪنهن به
ادائگيءَ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. جتي به ڪا خالي زمين پيل
هجي اتي واهن ذريعي پاڻي پهچائڻ جو انتظام ٿيڻ کپي. ان
لاءِ دستور ۾ اهڙي ڪتر آڻڻ گهرجي جيئن غير آباد زمين آباد
ٿي سگهي ۽ رعيت ۾ به پوکي راهيءَ جي پهچ ۽ سگهه پيدا ٿئي.
ٻچاڙيءَ ۾ پرڳڻي جي پڳدار کي پنهنجي ئي حصي مان وڌيڪ واجبي
ڏيل ادا ڪرڻ کپي ۽ فسادين سان به ڪيس ئي منهن ڏيڻ
گهرجي جيئن رعيت انهن جي ڪنهن رڳڙي ۾ نه اچي سگهي.

پيو هي ته سيد بايزيد جي ايامڪاريءَ ۾ رعيت جي آزار
لاءِ ملڪ اندر جيڪا بدعت شروع ٿي چڪي هئي ته گذريل
سال جي چٽي به آنهن تي مڙهي پئي ويئي سا پڻ بند ٿيڻ گهرجي

(٢-٢٤٠)، رعيت تي احسان ڪرڻ کان وڌيڪ ڪاٻه بهتر ڳالهه تي نٿي سگهي، جهڙيءَ ريت مير معصوم جي عملداريءَ بابت اشارو ڪيو ويو.

جيتري قدر ٿي سگهي، نيڪي تي زمين ڏيڻ واري رواج کي ختم ڪرڻ کپي، ڇا لاءِ ته اها ڳالهه ملڪ جي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. غريب رعيت انهيءَ آسري تي پاڻ کي اوبابن ۽ رئيسن وٽ وڪڻڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿي ته انهيءَ نيڪي جي مالڪي نيٺ ابهن کي ملندي، جيڪي وري نيڪي حاصلات جي لالچ ۾ آن لاءِ ٻڪ پٽسن جا پرينڌا رهن ٿا. بيچاريءَ پنهنجي ۽ پنهنجن واسطيدارن جي پوک کي ٻاسيرو رکي، نيڪي واري سچي ڀل ويچاريءَ رعيت جي هڏن مان ڪڍن ٿا.

جيڪڏهن هڪ سال اٺين ٿيو ته ٻئي سال انهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ ظاهر آهي ته نيڪي ۾ گهٽ وڌائي ٿيڻ ڪري انهن وٽ اهو ڪي نٿو بچي، جو واجبات جي پورائي ڪري سگهن. اهڙي حالت ۾ اهي ٻي ڪا واهه نه ڏسي قيد ڪاٽڻ جي ڊپ کان ٻر منهن ڪري ڀڄي ٿا وڃن. رعيت ويچاري پنهنجن اوبابن ۽ رئيسن کان سواءِ پنهنجن جهڳن ۾ رهڻ محال ٿي سمجهي، لاچار ان کي به انهن جي پويان ٿو پٽڪڻو پوي. انهيءَ صورتحال سبب ملڪ ويران ٿي وڃي ٿو.

جڏهن وري ڪو نئون عملدار اچي ٿو ته اهو ڇگو مڙس پنهنجي آڳاڙيءَ کان علاوه اڳئين نيڪي کان وڌيڪ وصوليءَ جي طلب ٿو ڪري. عاملن جي انهيءَ لاڳيتيءَ پٽ ڪوهه جي ڪري ملڪ ۾ سڄ واڪا ڪرڻ ٿي لڳي. ان ڪري مناسب اٺين ٿيندو ته دستور جي انصاف ۾ ڪا ڦيرگهير نه ڪئي وڃي، پنهي ڌرين جي ڀلائي به ان ۾ ئي آهي.

خدا ٿو ڄاڻي ته اها نيڪي واري رسم ڪنهن به حالت

۾ مناسب ناهي. خاص ڪري سنڌ ۾ ته اها نهي ٿي ڪانه ٿي.
حڪومت سان تعلق رکندڙ اهو نيڪي ۽ وڏيڪ وصوليءَ وارو عمل
دخل وگوڙ پيدا ڪرڻ جو باعث بڻجي ٿو پوي. رعيت جي
واسطيداري ملڪ جي بادشاه سان رهي ٿي. جڏهن رعيت ان
جي هٿ وس آهي تڏهن ئي ان کي بادشاه سڏيو وڃي ٿو ۽
سڀئي ماڻهو ان جا رعيتي سڏجن ٿا. (٢٤١-٢)

ارباب ٻن طبقن ۾ ورهايل آهن: هڪڙن جو تعلق رعيت
سان ته ٻين جو لاڳاپو حڪومت سان رهي ٿو. رعيت کان ڍل
جي وصولي اربابن سان مقرر ڪيل بادشاه جي نائب کي ڪرڻ
کپي، ان کي اربابيءَ وارو اجورو بادشاهي (سرڪاري) زمين مان
ملڻ گهرجي. ۽ رعيت کي ان جو ڪوبه ڏن ڏيڻو نه پوي.
ڪانئس جيتري قدر ٻچي سگهي رعيت کي پنهنجي احسان سان
راضي رکي. اربابن کي اهو ئي سونهين ٿو ته هو پاڻ کي ٻه واج
وانگر رعيت ڪري سمجهن ۽ ڪنهن به ٻيائيءَ کي پنهنجي دل
۾ جاءِ نه ڏين.

جيڪڏهن نيڪي ۽ وڏيڪ وصوليءَ جي خيال کان
رعيت جي قسمت اربابن جي اختيار ۾ ڏني ٿي وڃي ته اهي
خود حڪومت وانگي رعيت جي مٿان شينهن ٿي چڙهي ٿا وڃن.
ساڳئي وقت رعيت به انهن ڏانهن رجوعات ٿي رکي جنهن جا
ٻه سبب آهن، هڪ ته ارباب حڪومت جا عيوضي ٿين ٿا (٢٤٢-١)
۽ رعيت سان هموطنيءَ واري حجت به رکن ٿا. ٻيو ته بادشاه
جا نائب ٻڻ رعيت کي پنهنجي هٿ سان سندن حوالي ڪري
ٿا ڇڏين.

جڏهن به رعيت، نيڪي يا ڍل جي وڏيڪ وصوليءَ جي
ادائگيءَ لاءِ ڪوٽ ۾ پهچي ٿي وڃي ۽ اربابن وٽ به ايتري سوڙهي
ڪانه ٿي بچي، جو انهيءَ ڪوٽ جي پورائي ڪري سگهن، تڏهن
پنهنجون واهون وڏ ڏمي، هو ابتا پير ڪڻڻ ٿا لڳن ۽ گهرڪان بي گهر

ٿي وڃن ٿا. اهو حال ڏسندي رعيت به انهن جي پويان رواني ٿي ٿي. ساڻن کي ٻن ڀاسن کان ڏپ وهي ٿو، هڪ اهو ته جيڪڏهن هو پنهنجيءَ جاءِ تي ٽانيڪا ٿا رهن ته حاڪم، ٺيڪي واريءَ ڪوٽ جي پورائي ۽ وڌيڪ وصوليءَ لاءِ سندن وَٽ ۾ وات وجهن ٿا، تنهن ڪري اڻ هوند واري حالت ۾ ڪين گهر ٻار وڪڻي به انهن سان سنمڪ ٿيڻو ٿو پوي. ٻيو اربابن جو ڏس، جيڪڏهن رعيت به انهن سان گڏ پنهنجو ٽڏو نٽي ڀڄي ۽ ماٺ ڪري ويهي ٿي رهي، ته ارباب سندن ٻڻ وڃائي ٿا ڇڏين (٢٤٢-٢).

انهيءَ حالت ۾ حڪومت جو سرشتو جيڪو بنيادي حيثيت رکي ٿو، هرو ڀرو ڇا لاءِ بادشاه جي نائبيءَ طور ڪن بي بنياد اربابن جي حوالي ڪيو ٿو وڃي؟ ۽ ڇو هٿ وٺي ورسيل ملڪ کي ويران ڪرڻ جا سبب ڪيا ٿا وڃن؟

بکر جي واڄڌانيءَ ۾ ٻن هنڌن تي قبضي رکڻ جي ضرورت آهي، جيڪا دائمي صورت ۾ هئڻ گهرجي، پهريون چانڊڪا پرڳڻي جي وچ ۾ مضبوط قلعو اڏائي اتي برجستن ماڻهن جو ڪٽڪ ٿاڻي طور مقرر ڪيو وڃي جيئن هرڪو اٿندي ويهندي مغلن جي مُنهن پوندو رهي، انهن کي ڇگي ٻلي جي پروڙ پئجي سگهي ۽ ڪوبه پنهنجي آڏوڏائي ڏيکارڻ جي نه ڪري.

ٻيو ٽڪر واري پرڳڻي ۾، باقي ٻيا پرڳڻا هڪڙي جاگيردار ۽ عاملن وسيلي ٻوري ڍل ڀڄائيندا رهن ٿا. تنهن هوندي به هڪ شاهي امين جو اتي هجڻ لازمي آهي جيئن جاگيردار دستور جي خلاف ڪوبه قدم کڻي نه سگهي.

باب ٻيو

سبيءَ جو بيان

(۲۴۳–۱) سبيءَ جو قلعو ٺڪريءَ جي ڀڪ سان آهي. هن جي اڏاوت ۾ ڪتب آيل پٿر سڀ گولائيءَ تي آهن. هتي زمين کي جيترو به کوٽجي ٿو تہ هيٺان پٿر نڪرن ٿا. قلعي جي قطب واري پاسي هڪڙي قبي نظر اچي ٿي جنهن کي سنڌيءَ ۾ کيهراءِ جي ماڙي ڪوٺيو وڃي ٿو (۱)، ماڻهو جڏهن ان جي ويجهو وڃن ٿا تہ انهن کي اتي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

سلطان محمود بکري هڪ دفعي ٻہ ٽي هزار ماڻهو گڏ ڪري، کين هٿ هٿ ۾ ڏياري، انهن ٺڪرين ڏانهن ويو، پر اتي کيس ڪاريءَ وارا ڪک نظر آيا، قبيءَ جو ڪوبہ نشان نہ هو. چون ٿا تہ اتي آڳاٽن ماڻهن جو طلسم رکيل آهي، جنهن ۾ خزانو محفوظ رهي ٿو. ڪنهن ڏينهن ڪو درويش اتي وڃي پهتو، ان کي ڪا شيءِ هٿ آئي هئي، تنهن کان پوءِ ڪيئي ماڻهو انهيءَ آسري تي اوڏانهين ويا پر سڪٽين هٿين موٽي آيا (۲۴۳ – ۲).

---

(۱) تاريخ سنڌ 'معصومي' جي ڇپيل نسخي ۾ مارو کهيرءِ خطي نسخي ۾ سارو کهيري لکيل آهي (ص ۱۲۸) هي اصل ۾ کهہر واري ماڙي ٿي سگهي ٿي.

سيوهڻ جي هيٺان جيڪا نهر وهي ٿي ان جو لنگهه ڪنڊرف جي چشمي مان آهي، جيڪو به ان مان پاڻي پيئي ٿو سو بيمار ٿي ٿو پوي. ڪيئي ماڻهو انهيءَ وگهي سري چڪا آهن، ليڪن جيڪي ماڻهو اتي رهن ٿا، تن کي اهو پاڻي پاڻ پنجي ويو آهي. سلطان محمود بکر جي حاڪميت کان پوءِ سيوهڻ واري قلعي جي سنڀال لاءِ هر سال نوان ماڻهو موڪليندو ٿي رهيو. جن مان ڪن ٿورن کان سواءِ باقي سڀ سري ڪپي ٿي ويا. آخرڪار اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ پوڙ آئي، جنهن انهيءَ چشمي جي پاڙ پٽي، يا ان کي بنهه ڍڪي ڇڏيائين، سو اڄڪلهه اها بيماري انهيءَ پاسي گهٽ آهي.

اهو پاڻي پنجاه ميلن کان پوءِ سروا (١) جي سر زمين ۾ وڃي پوي ٿو، جتي پوکي راهيءَ جي ڪم ٿو اچي. وڏيڪ پاڻي (١٢٤٤-١) منڇر ڍنڍ ڏانهن وهي ٿو وڃي جيڪا سيوهڻ جي پر ۾ آهي.

انهيءَ پاڻيءَ جي ڪپر مان الاهي سنها ۽ ڊگها نانگ ٿين ٿا، جن جو ڏنگيل ورلي بچي ٿو (٢). ان ڪري اتي جا ماڻهو زالين مردين موڪريون ۽ وڏيون شلواورن پائيندا آهن، جيئن نانگ جي ڏنگ کان بچاءَ ۾ رهن. سيوهڻ جي آسپاس 'چِٽ' ۽ 'ڪور' (٣) واري زمين ۾ وڻن جا پوٽا پير جي وڻ

---

(١) تاريخ سنڌ ۾ سرواهه ڄاڻايل آهي (ص ١٢٩).

(٢) ساڳي عبارت تاريخ سنڌ 'معصومي' (ص ١٢٩) تي آيل آهي.

(٣) ڊاڪٽر دائودپوٽي تاريخ سنڌ جي حاشيه ص ١٢٩ تي لکيو آهي ته ڪور واري زمين اصل ۾ ڪهير آهي. مير معصوم لکي ٿو ته چنت جي ڳوٺ ۾ هڪ قوم آهي، جنهن کي ڪهيري سيدن جي قوم سڏيو وڃي ٿو. چون ٿا ته انهن جي وڏن مان هڪ شخص ڪهير جي وڻ تي چڙهي، ان کي ڇهو (سنهون لڪڻ) هڻي، گجهوڙي وانگي هڪليو هو، ۽ اهڙيءَ طرح اها ڳالهه مشهور ٿي وئي ص ١٣٠.

جيڏا ٿن ٿا. ماڻهو انهن ٽي چڙهي ڦٽيون چونڊيندا آهن. هرهڪ وڻ ٽي گرانٽ جيترا سو ڪن سپ هوندا آهن. ڪپهه جي چونڊي ڪان اڳ ماڻهو وڻن کي چاپڙڪون هٽي سپن کي ڙڙائي پڪڙائي پوءِ پنهنجي ڪرت ۾ لڳي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن کي سپ سنگهي وٺي ته ڏنگ واريءَ جاءِ ٽي پاڪيءَ سان ڇيهه ڏيئي ڪنهن ماڻهوءَ کان رت چوسرايو ويندو آهي (٢٤٤-٢). اهڙيءَ حالت ۾ ڏنگيل ماڻهو اڪثر مري وڃي ٿو.

گنجابي لڳ جيڪو ٻڻ سبيءَ جي پرڳڻي ۾ آهي، هڪ هنڌان پاڻيءَ جو گرم چشمو ڦٽي نڪري ٿو، جيڪو گهڻي ايراضي والاري ٿو ڇڏي. ان پاڻيءَ ۾ مڇيون جام ٿين ٿيون. انهيءَ گنجابي جي ٽڪرين ۾ هڪ ماڙيءَ ڪي لوهي پڃرو ٽنگيل آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان ۾ ڪا شيءِ رکيل آهي. پر ڪنهن جو به هٿ انهيءَ پڃري تائين پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن ٽڪريءَ جي مٿين پاسي ماڻهوءَ کي واڍ ٽي هيٺ لاهي آڻجي ٿو ته اهو پڃرو ويتر پراهون ٿي ٿو وڃي. وري جي هيڏان ڪو ماڻهو وڃڻ جي ٿو ڪري ته به سندس پڄڻ جي پيٽي ناهي، ڇاڪاڻ ته ٽڪريءَ جي چوٽي لسي ۽ هيڪاندي آهي تنهن ڪري زمين ان کان پري پوي ٿي (١).

گنجابي جون پوڪون موزاهه (٢) جي پاڻيءَ تي آباد ٿين ٿيون، جيڪو جبل مان وهي اچي ٿو. ۽ ٻي ناڙيءَ جي پوک آهي جا پوڻي ٽي ٿئي ٿي. هي بروچن جو علائقو آهي، جنهن ۾ لاشاري، منگسي، وند ۽ ديناري رهن ٿا (٢٤٥-١).

---

(١) مؤلف هي سڄو تفصيل هوبهو تاريخ سنڌ تان ورتو آهي ڏسو ص ١٢٨—١٣٠.

(٢) موزاهه — موراهه پ.

ڪنجابو سبيءَ ڪان ٻن راڪين جي پنڌ تي آهي. سبي، بکر ۽ سيتپور جي وچاڳ ۾ هڪ ايراضي اچي ٿي جنهن کي ’بارڪان‘ سڏيو وڃي ٿو. هتان جا گهوڙا عراقي گهوڙن جو مٽ آهن. جڏهن گهوڙيءَ پيٽان ڦر ڄمي ٿو ته ان جي ٽانهه تي پٽريون وڇايون ٽيون وڃن، جتي اهو ٻهاڻ سڄو سال دڙها هٽندو ٿو رهي. اهڙيءَ ريت ان جا سنب ايڏا ته پڪا ٿي ٿا وڃن جو نعل هڻائڻ جي ضرورت نٿي پوي ۽ هو ينا ڪنهن ڏکيائيءَ جي جبل جهاڳيندو رهي ٿو.

سبي ۽ ڪنجابي واري وچاهين ايراضي هن طرح آهي ته پاڻيءَ جي ڪناري ...ان ڪنجابي، سبي، اراڙي ۽ پاٽ وڻان ڳولائيءَ ۾ چڪر ڪاٽي وري درياهه جي ڪپ تي اچڻو ٿو پوي. انهيءَ وچ ۾ رڳو وڻ پٽ آهي. هتي ڪيئي ڪوٽ ۽ ڳوٺ اڏيل هئا، جيڪي نابود ٿي چڪا آهن. هتان ئي قندار ڏانهن گس وڃي ٿو (٢٤٥-٢). اهو رڻ درياهه ڪان سبيءَ تائين ڏيگهه ۾ سؤ ڪوهه ۽ ويڪر ۾ ستر ڪوهه ٿيندو (١).

ماڻهو هن وسعتي سان رات جو قطب ستاري جي سڃهندي ۾ سفر ڪندا آهن، نه ته اهڙو سونهون ساڻ ڪٽڻو پوي ٿو، جيڪو گهٽ گهيڙ کان واقف هجي - جهڙوڪ جهاز جو معلم وغيره. ٻيءَ صورت ۾ اها مسافري ڏاڍي جوکائتي آهي ۽ ميداني

(١) تاريخ سنڌ ’معصومي‘ ۾ هن طرح لکيل آهي ته سبي ۽ ڪنجابي واري ايراضيءَ جي صورتحال هن ريت آهي: هڪ ٽڪري سيتپور ۽ درياهه جي ڪنڌيءَ سان هلندي، ڪُن، سبي ۽ ڪنجابو ٽپي، پاٽ تائين وڃي پهچي ٿي. اتان وڪڙ کائي وري اچي درياهه سان ٿي لڳي. انهيءَ جي وچ ۾ بيابان آهي، جتان قندار ڏانهن رستو وڃي ٿو. انهيءَ بيابان جي ڊيگهه درياهه ڪان سبيءَ تائين سؤ ڪوهه ۽ ويڪر ستر ڪوهن تائين آهي. هتي اونهاري جي سنڌ ۾ پورن چئن مهينن تائين گرم هوائن (جهولي) جو زور هوندو آهي (ص ٩٣٠)

ماڻهن وانگي سر تـان آسرو پلٽو پوي ٿو. اهڙو هڪ واقعو سلطان محمود جي زماني ۾ پيش آيـو هو، جنهن بـابت چيو وڃي ٿو تہ سلطان محمود هڪ سيداني جٽي کي گنجابي ڏانهن روانو ڪيو، جيڪو اتي پهچڻ کان پوءِ عملداريءَ جا احڪام پورا ڪري نہ سگهيو. تنهن ڪري سلطان انهيءَ کـي واپس بکر گهرائڻ جو حڪم ڏنو پٺي جٽي کي ان جي جاءِ تي اماڻيائين. اهي ويهارو کن ماڻهو پنهنجي آڪاهين سميت گنجابي مان نڪري بکر ڏانهن پنڌ پيا، واٽ تي سندن سونهون وستو پلجي ويـو ۽ انهن کي پڏايائين تہ (١-٢٤٦) منهنجو دماغ جاءِ تي ناهي، ٿورو ترسو تہ پوءِ ٿا هلون، پر هنن توانيءَ ۾ اچي ترار جي هڪ ئي ڌڪ سان کيس پورو ڪري ڇڏيو.

آخر اهي سڀ سيداني ماڻهو انهيءَ بنا بوند واري برپٽ ۾ پٽڪي، اڃ جـي آوهہ ۾ پنهنجا پساهہ پورا ڪري ويـا ۽ ڪو هڪڙو بہ انهن مان باقي نہ رهيو. اجـا تائين انهن جا هٿيار پنهوار توڙي پيا نپڙ هيڪڙ پيڪڙو انهڙن کـي هٿ ايندا رهن ٿا. هتي اڪثر لڏڪون لڳنديون رهن ٿيون ۽ ساندهہ چار مهينا اها حالت رهي ٿي، اهي جهولي جا ڏينهن اونهاري ۾ شروع ٿين ٿا.

سبيءَ جو قلعو اڪبر بادشاه جي زماني ۾ مير ابوالقاسم نمڪين، پني قوم جي پٺاڻن کان فتح ڪيو هـو (١) جڏهن

---

(١) مير ابوالقاسم نمڪين، ١٠٠٣ ھ ڌاري بکر جي جاگير ۾ پهتو، انهيءَ ئي سال اتان سبيءَ جي سوبي لاءِ روانو ٿيو. اڪبرنامي ۾ لکيل آهي تہ سبي، قندار لـگ، هڪ مضبوط قلعي جي صورت ۾ آهي؛ اهو قلعو اوائل ۾ بکر جي راڄڌانيءَ اندر داخل هو. پوءِ پني قوم جي پٺاڻن ان تي ڌاڪ ڄمائي، جنهن تان سيد بهاءالدين بخاريءَ اڇ جي نواب، بختيار بيگ سيوهڻ جي تمندار، بکر جي جاگيردار مير ابوالقاسم، مير معصوم بکري ۽ سلطان صوبي جـي فوج کـي حڪم ڏيو تہ سبيءَ پهچي پٺاڻن کي ڌت ڪن، ۽ جيڪڏهن اهي نہ سڙن تہ کين مـت ڏيئي ڇڏين. اڪبرنامہ ص ٦٦٦-٣.

بکر جي راجڌاني عبدالرحيم خان خانان کان ڦيرائي سنڌس جاگير ۾ ڏني ويئي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ابوالقاسم (٢٤٦-٢) بکر کي پرجهلو سمجهي اڪبر بادشاه کي درخواست ڪئي هئي تہ جيڪڏهن حڪم ڪيو وڃي تہ ڪيچ مڪران فتح ڪري مغل سلطنت ۾ داخل ڪيو وڃي. بادشاه انڪار ڪندي چيو هو تہ ڪيچ مڪران جيئن تہ شاه عباس ايرانيءَ جي سرحد سان دنگئي آهي ۽ اسان ٻئي پاڻ ۾ دوستيءَ جي ناتي سان ڳنڍيل آهيون، ان ڪري ايڏاهين هرو ڀرو آڇاٽ نہ ڪرڻ کپي.

مير ابوالقاسم سبيءَ جي پٺاڻن تي اناج ۽ روڪڙ جي صورت ۾ جيڪا ڍل وڌي هئي سا اجا تائين وصول ٿيندي رهي تي، فصل لهڻ تي بکر مان مقرر ٿيل ماڻهو الڳان جي رعيت وٽ پهچي وصولي ڪري ايندا آهن.

جيڪڏهن ماڻهو ڪم وارا هجن تہ انتظام تہ ٺيڪ رهي ٿو پر جي ماڻهن جو حال ڪونهي تہ انتظام بہ ڪين جهڙو ٿي پوي ٿو. قوچ علي ڪُرد جي وقت ۾ جڏهن سبي سنڌس جاگير ۾ هئي تہ هن اتان جي ماڻهن کي (٢٤٧-١) چڱو سوگهو ڪيو هو، پر جيئن ئي ڪم وارن ماڻهن جي وٽس ڪمي ٿي پيئي تہ پني قوم جي پٺاڻن هڪ ئي حملي سان ڪيس قلعي بند ڪري ڇڏيو. ڏنهن زماني ۾ تاج خان بکر جو جاگيردار هو. هوڏانهن منهنجي پاءُ مير ابوالبقا کي اپاوڙي ۽ گنجابي واري جاگير مليل هئي (١).

اها خبر جڏهن جهانگير بادشاه تائين پهتي تہ مير ابوالبقا کي تاج خان کان مدد وٺي قوچ عليءَ جي ماٺ ڏيڻ جو شاهي

---

(١) اوپاوڙي ۽ گنجابي واري جاگير ١٠١٩ ه يا ١٠٢٠ ه ۾ مير ابواقاسم کي ملي هئي، انهيءَ زماني ۾ مير ابوالبقا قوچ عليءَ جي مدد لاءِ پهتو هو.

فرمان ڏنو ويو ۽ هن اپاوڙي مان بکر پهچي تاج خان (١) کان گهوڙيسوارن جي ڪمڪ هٿ ڪئي، تنهن سان گڏ پنهنجي اڙالي سميت (جنهن ۾ پنهنجا ۽ سندس پيءُ جا ماڻهو شامل هئا) سبيءَ وچي رسيو. پٺاڻ هيسجي گچيءَ ۾ گهارو ڪري ونس آيا ۽ قوچ علي بند مان ٻاهر نڪتو (٢٤٧-٢).

ٻئي پيري جڏهن گنجابي واري جاگير ٻه قوچ عليءَ کي ملي ته پٺاڻن مان ڏاڍيون جنگيون ڪيائين. ڪيئي پٺاڻ هن جي هٿان قتل ٿي ويا ته ٻه، جنگ هلندي رهي. هيڏانهن کي توروڙا مغل هن جي همراهيءَ ۾ هئا ۽ هوڏانهن ٻه ٽي هزار پٺاڻ ميڙي ٿي آيا، تڏهن ٻه ويڙهه ۾ پچي نٿي سگهيا: آخر هي پٺاڻن کي مات ڪري، انهن ۽ ٻين ماڻهن جي مدد سان سبي ڇڏي، جبل وٽان چڙهائي ڪري ڪوهيار جي قلعي تي اچي پهتو. انهيءَ ۾ ڪيس پورا ٽي ڏينهن لڳي ويا. پوءِ قلعي جي اوٽ مان اتان جي پروچن ٿي مـار ڪندو رهيو. پنهي پاسن کان ڇتي جنگ چڙي ويئي جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو ماڙجي ويا.

جڏهن پيو ڪو نبيرو نٿي سگهيو ته قلعي جـو سردار ابراهيم بلوچ اچي پيش پيو ۽ نذراني طور اٺ، گهوڙا، گهٽا، شطرنجي وغيره جاباو سامان (٢٤٨-١) آڻي اڳيان رکيائين. قوچ علي پوءِ سبيءَ ڏانهن واپس وريو.

جيڪڏهن ڪيس وڏيڪ ماڻهن جي آيـل هجي هـا ته بروقت انهيءَ قلعي تي ٿاڻي طور پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري ڇڏي

---

(١) هن جو نالو تاش بيگ ۽ لقب تاج خان هو. هي ١٠٢٠ هه ۾ بکر جو حاڪم مقرر ٿيو. ١٠٢٢ هه ڌاري مرزا رستم صفوي جي جاءِ تي ٺٽي جي حاڪميت مليس، اتيئي ١٠٢٣ هه ۾ فوت ٿيو. ڏسو ماثر الاسراء ص ٤٨٣-١، ذخيرة الخرانين قلمي ص ٣٩٧، تحفة الڪرام ۽ لب تاريخ سند.

ها. پٺي سال ورې ايڏانهن وچڻ جا سانباها پئي ڪيائين ته ايتري ۾ بدلي ٿي هندستان هليو ويو.

هڪ فوجي منتظم لاءِ قلعي تي قبضو ڄمائڻ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي، چاڪاڻ ته تاريخ سنڌ (معصومي) جي روايت موجب اڪبر بادشاه جي زماني ۾ مرزا مجاهد خان صرف ڏيهن ماڻهن جي مدد سان، سلطان محمود بکريءَ جي غلام مبارڪ خان سان منهن ڏنو هو، جنهن وٽ ڏهن هزارن ماڻهن جي فوج هئي. اها جنگ ماڻيلي واري قلعي لڳ لڳي هئي. مبارڪ خان شڪست کائي قلعي اندر قيد ٿي ويو، مجاهد خان اڳتي وڌي بکر جو قلعو سلطان محمود کان هٿ ڪيو ۽ بکر جي واڇڏاني مغل سلطنت ۾ داخل ٿي ويئي (٢٤٨-٢).

ان واقعي سان قرآن جي آيت: ڪم من فئة قليلة غلبت فئة ڪثيرة باذن الله" جي تصديق ٿئي ٿي (١). فوج عليءَ کان پوءِ جڏهن سيد بايزيد بخاري بکر جو فوجدار ٿي آيو ته شيخ بولي (٢) نالي پنهنجي هڪ پراڻي ماڻهوءَ کي سبيءَ جو عملدار ڪري موڪليائين، جنهن کي پني قوم جي پٺاڻن پريندي ئي ماري ڇڏيو. پڻيان سندس پٽ پنهنجا ماڻهو گڏ ڪري سبيءَ ويا جن پٺاڻن سان وڃي جنگ جوڙي. پنهي ترين جي رتوڇاڻ کان پوءِ پٺاڻن پنهنجا ماڻهو مارائي ميدان هارايو ۽ سندن سردار جنگي خان کي جنگي قيدي بڻائي بکر آندو ويو (٢).

مرزا شاه حسن ارغون جڏهن بکر جي حڪومت (٢٤٩-١)

---

(١) يعني خدا جي حڪم سان ڪي ننڍا ٽولا به وڏن ٽولن تي سوڀ پائي ٿا وڃن.

(٢) ڏسو تاريخ سنڌ (معصومي) ص ٢٢٨- اها جنگ محرم ٩٨٠ ه ۾ لڳي هئي.

سلطان محمود جي حوالي ڪئي (١) ته انهيءَ پاسي جا ڪيئي قلعا جيڪي ايامن کان پروچن جي قبضي ۾ هئا، سندن هٿان ڇڏرائي، ڪوهستان جي نافرمان ۽ سرڪش ماڻهن کي سڌو ڪري، پنهنجو مطيع بڻائي ڇڏيائين.

ان مان ظاهر آهي ته علائقي ۾ نهايت برجستن ماڻهن جي موجودگيءَ جي ضرورت رهي ٿي. جن جي دل وندرائڻ لاءِ زهري (قوم) جي پلن گهوڙن، جابلو اٺن، سوکن گهٽن، تازي ڪتن، سنجري شالن ۽ اميرائي شطرنجيءَ جهڙا ڪيئي مال اسباب اتي موجود آهن.

---

(١) سبي ٩٥٩ هه تائين سلطان محمود بکريءَ جي تحويل ۾ هئي. ڏسو تاريخ سنڌ معصومي ص ١٨٦ .

باب ٽيون

ٺٽي جو بيان

ٺٽو درياهہ جي ڪناري هڪ وڏو ۽ ورسيل شهر آهي. هن جي ملتان واري پاسي کان ننڍو ۽ پڪو حاڪم نشين قلعو آهي. ٻيو وڏو ۽ پڪو قلعو جنهن کي ڪلان ڪوٽ ۽ طغرل آباد سڏيو وڃي ٿو، شهر کان ٻن ڪوهن جي فاصلي تي آهي پر اڄڪلهہ اُلي ڪا بہ وسنوَ ڪانهي (٩٤٩-٢).

هتي ڪيئي عالم، فاضل، شاعر، اديب، ڪاتب ۽ عابد زاهد موجود آهن، ۽ هنرمند ماڻهن جي بہ ڪمي نہ آهي جيڪي پنهنجي هنر ۾ ڪمال رکن ٿا. هتي جيڪو سامان تيار ٿئي ٿو سو عراق ۽ فرنگ جي مال کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ناهي. هتان جا رهاڪو دين جا پابند آهن ۽ نماز، روزي ۽ شريعت جي پيرويءَ ۾ ڪڏهن بہ پوئتي پير نٿا پائين. هن شهر ۾ ڪيئي وڏيون مسجديون آهن جن ۾ هڪ ئي وقت ويهہ ٽيهہ هزار ماڻهو نماز لاءِ گڏ ٿيندا رهن ٿا. انهن کان علاوه ڪيتريون ننڍيون مسجدون ٻڻ اوسي پاسي وارن پاڙن ۾ آهن. انهن مسجدن ۾ جمعي ڏينهن ايتري جماعت اچي ڪَٺي ٿئي ٿي، جو پوئين صلوات مهل جيڪڏهن ڪو جماعتي وڃي ٿو تہ هزارن حيلن کان پوءِ مس ڪيس نماز پڙهڻ جي جاءِ نصيب ٿئي ٿي.

ٺٽي ۾ چار راڄڌانيون آهن (١-٢٥٠): ١- ٺٽو ٢- چاچڪان ٣- نصرپور ٤- چاڪر هالا. پهريون ٽيئي راڄڌانيون درياهه جي هين پر ٺٽي جي پاسي اچي وڃن ٿيون ۽ چوٿين راڄڌاني درياهه جي ٻئي پاسي ٽڪر ڏانهن آهي. هر هڪ راڄڌانيءَ ۾ ڪيئي پرڳڻا ۽ هر پرڳڻي ۾ ڪيترا ڳوٺ اچي وڃن ٿا. جيڪڏهن انهن جو تفصيلي بيان ڪيو وڃي ته گهڻي ڊيگهه ٿي پوندي، ان ڪري مختصر طور هنن چئن راڄڌانين جو ڪجهه ذڪر پيش ڪيو ويو آهي.

ٺٽي جي راڄڌانيءَ جا رعيتي ماڻهو ڏاڍا مسڪين آهن ۽ ڪا به ڪڏائي نٿي ڪيائون، ليڪن کهيرن ۽ نڪامرين جو هنن کي هر وقت خوف پئي رهيو، تنهن ڪري ترخانن پنهنجي قومن جي سردارن سان صلح ڪري انهن کي اطاعت ۽ امن ۾ آڻي ڇڏيو. جڏهن ٺٽو (٢-٢٥٠) جهانگير بادشاه جي وڪيلن (عملدارن) جي ماتحتيءَ ۾ آيو (١)، ان سان گڏ جام هالي ۽ واڻي عمر کي راضي ڪري پنهنجي راڄ سان آزاد ڇڏيو ويو، جيڪي هميشه ٺٽي جي صوبه دار جي خدمت ۾ رهندا هئا. پوءِ ملڪ جي ضابطي ۽ بادشاه جي حڪم سان کهيري قوم پنهنجي سردار جام هالي سميت خدا جي مهر ۽ بادشاهي اقبال سان مير ابوالبقا هٿان نيست ٿي ويئي. ليڪن نڪامرين آڻ نه مڃي، تنهن هوندي به راڻو عمر جيڪو سنڌن سردار هو سو سدائين فرمانبردار رهندو آيو.

چاچڪن جي راڄڌانيءَ جي رعيت غريب ۽ مئين سڏي آهي، پر مينڌرن جي قوم مڙئي سرڪشي ڪندي ٿي رهي، جيئن ترخانن جي (١-٢٥١) دور کان سنڌس ريت هئي. اها قوم ان

---

(١) محرم ١٠٠٠ هه ۾ خان خانان سنڌ غصب ڪئي.

زماني ۾ جڏهن مير ابوالبقا هتي جاگيردار ٿي آيو (١)، مظفر خان معموريءَ جي صوبه داريءَ ۾ (٢) ٿوريءَ سيڪت سان اهڙي سنوت ۾ اچي ويئي ۽ اڄ تائين ڪنڊ ڪٽي نٿي سگهي. هيءَ قوم سيني راڄن ڪان هن جاگير ۾ زبون حال سان گذاري ٿي ۽ ڏيل پريندي ٿي رهي.

هن راڄڌانيءَ ڪي ڪنهن به پاسي ڪان وڪوڙين جو اونو نه آهي، پر سوڏا ۽ سميجا دل جن جو لاڳاپو نصرپور جي راڄڌانيءَ سان آهي، ٿن جي مٿي ۾ ٿوري گهٽي هوا هئي، جن کي پڻ مير ابوالبقا دٻاءَ هيٺ آڻي ڇڏيو (٣). هاڻ هيءَ راڄڌاني ٿورن ماڻهن جي وسيلي ٽانيڪي رهندي اچي ٿي. نصرپور جي راڄڌانيءَ جا ڪي ماڻهو اوڏايون ڪندا رهن ٿا جن ۾ سوڏا، سميجا ڪيهر، سميجا ساند، سميجا جوڻيجا (١٥٢-٢) سميجا ڪيريا ۽ سميجا دل شامل آهن. هنن مان سميجا دل سڀ ڪان وڌيڪ اڙانگا آهن جيڪي سرڪاري ڏيل ڪان به نابري واريندا اچن ٿا. سماواتي وارو پرڳڻو جنهن جي پيداوار چاليهن لکن دامن (٤) تائين آهي، انهن هٿان ويران رهي ٿو.

جنهن وقت مرزا رستم قنڌاري نٽي ڏانهن ٿي آيو (٥) ته سيوهڻ

---

(١) مير ابوالبقا کي اها جاگير ١٠٢٤ هه ۾ ملي هئي.

(٢) مير عبدالرزاق، مظفرخان معموري ١٠٢٤هه (٩- جهانگيري) ڌاري نٽي جو صوبه دار ٿي آيو.

(٣) سال ١٠١٧هه . تذڪره اميرخاني.

(٤) دام، رپئي جو چاليهون حصو.

(٥) مرزا رستم صفوي (وفات ١٠٤٨ هه) ولد سلطان حسين مرزا ولد بهرام مرزا ولد شاه اسماعيل ١٠ محرم ١٠٢٢هه ڌاري نٽي پهتو هو. [بيگلر نامه]

جي جاگيردار شمشير خان اوزبڪ کي پنهنجي فوج جو مهندار ڪري ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن سماواتي پرڳڻي جي ڳوٺ 'پلي سمي' وٽ پهتو ته ان دهه جي رهاڪن جا ڍور ڍڳا سميجا دل ڏاڙو هٽي ڪاهي ويا. شمشير خان سندن پنڌيان پيو ۽ ڪين جهلي، سندن ڪيترا ماڻهو ماراڻي، راڄ جو مال انهن منحوس ڪان موٽائي مالڪن کي ڏياريائين.

هن راڄڌانيءَ جا پيا وڳوڙي سميجا انڙ آهن جيڪي سيوهڻ سان واسطو رکن ٿا ۽ هالن واري پرڳڻي سان دنگئي آهن (٢٥٢-١) ۽ ان سان به سندن واهپو رهي ٿو، انهيءَ پرڳڻي کي جنهن جي پيداوار ويهه لک دام ٿيندي هنن ئي تباهه ڪيو آهي.

اهو ئي پرڳڻو هو جنهن مظفر خان معموريءَ جي زماني ۾ اناج جا ٻارهن هزار خرار محصول ۾ ڏنا هئا. ليڪن هاڻ سمجهي سگهجي ٿو ته ان مان ڪهڙي حاصلات پليءَ پوي ٿي! هن پرڳڻي جي تباهي مرزا حسام الدين مرتضيٰ خان ثانيءَ جي عملداريءَ دوران شروع ٿي چڪي هئي (١). هن پنهنجي سڪيلڌي

(١) مير حسام الدين مرتضيٰ خان پٽ جمال الدين حسين انجو- ١٠٣٨ھ ڌاري ٺٽي ۾ فوت ٿيو. ان کان پوءِ مير ابوالبقا امير خان (ڪتاب جي مولف جو پاءُ) ٺٽي جو حاڪم مقرر ٿيو. بادشاه نامه ۾ آيل آهي ته جڏهن خبر ملي ته ٺٽي جو صوبه دار مرتضيٰ خان ولد مير جمال الدين حسين خان انجو لاڏاڻو ڪري چڪو آهي تڏهن امير خان ولد قاسم خان نمڪين کي (جيڪو يمين الدوله جي نيابت سان ملتان جو حاڪم هو) ان صوبي جي نظامت لاءِ پنج صدي ذات، پنج صدي سوار، ٻي هزاري منصب ۽ ٻن هزارن سوارن جي اعزاز سان سرفراز ڪيو ويو.

بادشاه نامه (ص ٢٨٧-١). وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ماثر الامراء ص ١٩٤-١، ص ١٣٩-١، ص ٣٨٢-٣، ص ٣٨٤-٣ ۽ ذخيره الخوانين ص ١١٧، ص ٣٦٠.

پڻ صمصام الدوله کي سميجن مٿان مقرر ڪيو جنهن هٿي پهچي
هالن جي لڳ ننڍيءَ جي ڳوٺ ۾ دايو ڪيو، جو هالن کان
هڪ ميل جي مفاصلي تي هو. هي ڳوٺ ايڏو ته وڏو هو، جو
خود هالن سان ڪلهو ٿي هنيائين. هو اتي اچي ڪڏهن ڪونه
مورچا ٻڌي ويهي رهيو ۽ آتاوليءَ سان (٢٥٢-٢) هالن جي تائيدار
موسيٰ خان افغان سان هڪ جٿو گڏي ڪيس سميجن تي ڪاهه
ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪليائين. هوڏانهن سميجن کي اڳوات ئي
اها خبر پئجي چڪي هئي ته اجهو ٿو لشڪر حملو ڪري،
چاڪاڻ ته هو انهيءَ ڳالهه ۾ هئا. جڏهن سڄي فوج انهن جي
اجل لاءِ مينهن وانگر هڪ ڪنڊي رواني ٿي، ته هنن پنهنجا
گهرگهاٽ ڇڏي ان جو انتظار ڪيو ۽ گس وٺي ويهي رهيا.
جيئن ئي فوج سميجن جي وسندين کي ويران ڏسي پوئتي موٽ
کاڌي، ته سميجن هڪدم ان جي مٿان ڪڙدي ڪئي ۽ ڪيئي
فوجي شهيد ڪري ڇڏيائون.

يوسف سميجو جيڪو ڪبير پرڳڻي جو ارباب هو ۽ پنهنجي
پرڳڻي جي تمندار کان ڏکوئجي روپوش ٿي چڪو هو، سميجن
آنڙن سان ملي ڏينهن ڏٺي جو ڪبيرن جي ڳوٺ تي وجي چڙهيو،
جو هالن کان ڇهن ڪوهن تي آهي. پرڳڻي جو تمندار حاجي
محمد (٢٥٣-١) اهو حال ڏسي، شرم وچان پنهنجي زال کي پنهنجي
هٿان قتل ڪري، انهن ڌاڙيلن سان وڃي دوبدو ٿيو. آخر ويڙهه
۾ هٿ پير هڻندي ڪُسجي ويو، ۽ ڌاڙيل سڄي ڳوٺ کي تاراج
ڪري ويندا رهيا. صمصام الدوله جڏهن اها واردات ڏٺي ته سندس
پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي ۽ هو دل نه جهلي سگهيو.

هو پوءِ هالن ۽ سماواتي پرڳڻن جي اربابن کي قيد ڪري
پنهنجي پيءُ وٽ ٺٽي وٺي ويو، جنهن سميجن جي ڏوهه ۾ مٿن ڳاني
پڳا ڏنڊ وڌا ۽ جڏهن ڏنائين ته هو ڏنڊ پري ڏيڻ جهڙا نه آهن
ته ڪانئن شرعي ضابطا لکرائي مٿن مڙهي ڇڏيائين. اهي مير ابوالبقا

جي زماني تائين انهن ضابطن ۾ اڙيا رهيا، ليڪن پورا نہ ٿي پئجي سگهيا، ۽ انهيءَ چڪتاڻ ۾ رعيت هنن جي وبال کان بچاءَ ۾ رهندي آئي.

صمصام الدوله جي واپسيءَ کان پوءِ ساڳئي ئميءَ جي ڳوٺ تي سميجن وري راتاهو هنيو (٣-٢٥٣). جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. جيڪي بچيا تن پڇي وجي هالن ۾ پناهہ ورتي. اجا ڏائين انهيءَ ڳوٺ ۾ سڄ پيئي واڪا ڪري، ماڻهن جا جهڳا پينگ ڏسي هيانءُ پچرڻ لڳي ٿو.

مير ابوالبقا جي ڪوشش سان هي پرڳڻو وري آباد ٿيڻ لڳو، جو هن سميجن انڙن تي ڪاهي، انهن جي ڪن پـرين مڙسن کي مارائي، وينجهڙي ڳوٺ ۾ ترسي، اتان قلعي جو گهيرو ڪري، هڪ فوجي جٿو پنهنجي وڏي پٽ ضياء الدين يوسف سان گڏي بکر جي راڄڌانيءَ واري پرڳڻي دربيلي ڏانهن روانو ڪيو، جنهن آتي پهچي ڪيترن سميجن کي قتل ڪرايو ۽ قيد ٿيل ماڻهن کي بکر جي حاڪم حڪيم (١) صالح جي حوالي ڪري ڇڏيائين. باقي فوج کي پنهنجي وچين پٽ ابوالقاسم (٢) جي سربراهيءَ ۾

---

(١) حڪيم محمد صالح ١٠٣٨ کان ١٠٤٣هہ تائين بکر جو فوجدار رهيو. لب تاريخ سنڌ ۽ ضميمہ تاريخ سنڌ (معصومي) تاليف محمد بن زنده علي بيگ.

(٢) ابوالقاسم ١٠٤٥هہ ۾ وفات ڪئي ۽ صفہ صفا (بکر) ۾ دفن ٿيو سندس مزار جو ڪتبو هن ريت آهي:

فغان از گردش گردون بد عهد دريغا زين جهان عمر فرسا
کہ از باد اجل ناگاه بشکست بباغستان جان سرودل آرا
گل و گلزار و اقبال و جواني ابوالقاسم فروغ بخت والا
سزد گر در فـراق او بگريـد بهاي آب خون چشم احبا
چو دلها داغ شد از فرقت او
نوشتم سال فوتش "داغ دلها" (١٠٤٥هہ)

ڏسو تذڪره اميرخاني، سيد حسام الدين راشدي.

هالن تي مقرر ڪيائين، جتي هو وڃي سو پيارو ٿيو (١٠٢٥٤)، ۽ نيٺ سيوهڻ جي جاگيردار ڏينڌار خان سميجن پاران اچي معافي ورتي، انهيءَ وچ ۾ شير خان پٺاڻ (١) سيوي ۽ گنجابي تي ڪاهه ڪري تباهي مچائي ڏني ۽ ٺٽي جي عملدارن ۽ منصبدارن پاڻ ۾ گڏجي ٺٽي وڃڻ جي صلاح ڪئي ۽ ڏينڌار خان لاءِ فيصلو ڪيائون ته هو مير ابوالقاسم ۽ فوجي جٿي سان گڏ بکر هليو وڃي. ليڪن ابوالقاسم ٺٽي وڃڻ جي مخبت ڪئي ۽ پنهنجي ننڍي پاءُ لطف الله کي ڏينڌار سان گڏ بکر ڏياري موڪليائين، جا سندس غلطي هئي. جيڪڏهن ائين نه ڪري ها ته سميجن جي پاڙ ٽُٽي پئجي وڃي ها. پچاڙيءَ هتي ٽي هزار سوار ۽ ڏيڍ سو توبچي ۽ تيرانداز ٿاڻي طور رهايا ويا.

هن راڄڌانيءَ ۾ ٻن هنڌن تي (١٠٢٥٤) بندوبست جي ضرورت آهي. انهن سان هڪ سماواتي پرڳڻي ۾ ٻيو هالن واري پرڳڻي ۾. باقي پرڳڻن سان هڪڙي عملدار هٿان ڀَل آڳري اچي ٿي.

چاڪر هالي واري راڄڌاني ٺڪريءَ جي پر ۾ آهي. هتي جابلو ماڻهو ڏاڍا سرڪش آهن، ان ڪري ٻيون پر پاسي جون قومون پڻ سرڪشيءَ سان هلن ٿيون. هتي شورا، سميجا دل ۽ ٻير پروچ رهن ٿا جيڪي حد کان وڌيڪ حرڪتي ۽ فسادي آهن. انهن کان سواءِ ٻليجا، ڪوريجا، لنجار ۽ ناريجا به هتي رهن ٿا. اهي چارئي قومون اصل کان جاگيردارن جي فرمانبرداري ڪنديون اچن ٿيون. هيءَ راڄڌاني ترخانن جي دور ۾ ڏاڍي آباد هئي. پر متي چاٽايل پهريون ٽي قومون ترخانن جي عملداريءَ لاءِ آزار جو باعث هيون، ايتري قدر جو ٺٽي جي حاڪم خسروبيگ

(١) ذخيره الخوانين قلمي (٥٠٢) شير خان ١٠٤٠هه ۾ سبيءَ تي ڪاهه ڪئي.

جي وڏي پٽ رستم کي (٢٥٥-١) شورن قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ شورن جي مٽان فوج چاڙهي ويئي، ۽ هوڏانهن شورا نومڙين جي قوم سان ملي جبلن ڏانهن هليا ويا. خسرو بيگ ڪوهيار ۽ وڪار تائين جبلن جي وچان انهن جو پيڇو ڪيو، پر ڪيس ڪوبه هٿ نه آيو. نيٺ سيوهڻ ڪان پٺڪندي، هو واپس ٿيو ۽ ڪوبه ڀَوڻو ڪونه پاريائين.

مرزا غازي ترخان (١) جڏهن قنڌار جو صوبيدار ٿيو ته سائين ڏني نالي هڪ هندوءَ کي 'هندوخان' جو خطاب ڏيئي خسرو بيگ جي جاءِ تي ٺٽي موڪليائين. ان سان گڏ شهبازي نالي پنهنجي چاڪر کي 'خان' جو خطاب ڏيئي قاسم خان ارغون جي پٽ جي جاءِ تي نصرپور آماڻي ڇڏيائين.

سائين ڏنو جيئن ٺٽي پهتو ته خسرو بيگ اتان نڪري هالن ۾ اچي ويٺو، قنڌار جي جاري ٿيل حڪم جي نتيجي جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ايتري ۾ مرزا غازي (٢) جي موت جي خبر سائين ڏني جي ڪنن تائين پهتي، ۽ هو لڙ تڪڙ ۾ پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري، درياهه اُڪري، جبل جي وٽ وٽي سيوهڻ ڏانهن فرار ٿيو. جڏهن شورن جي ڏر ۾ پهتو ته هي خسرو بيگ جي چورڻ تي ميڙاڪو ڪري سائس سامهون ٿيا ۽ نيٺ ان کي پڪڙي ورتي آيا، ۽ پوءِ سائس گڏ سندس پاڻ نارو کي جيڪو مرزا غازي وٽان 'شجاعت راءِ' جي خطاب سان نوازيل هو قيد ڪري پنهي جون سسيون لاهي ڇڏيائون.

---

(١) مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ ترخان، پنهنجي پيءُ جي وفات ١٠٠٨ھ ڌاري، اڪبر بادشاه پاران ٺٽي جو صوبيدار ٿيو ۽ جهانگير جي دور ۾ کيس قنڌار جي حڪومت سونپي ويئي.

(٢) وفات ١١- صفر ١٠٢١ھ.

انهن جي قتل کان پوءِ قنڌار کان آندل سندن عراقي گهوڙا، زريءَ پريل ڪپڙا، خرجينون، نغارا ۽ ٻيو سمورو سامان تاراج ٿي ويو.

مرزا غازيءَ جي وفات کان پوءِ جهانگير بادشاهه، مظفرخان معموريءَ کي ٺٽي موڪليو. انهيءَ زماني ۾ شمشير خان اوزبڪ سيوهڻ جو جاگيردار هو (١-٢٥٦). هن ٽي هزار چونڊ سورهيه ساڻهو خواجه جان سان گڏ مظفر خان جي همراهيءَ لاءِ روانا ڪيا: مظفر خان جڏهن ٺٽي پهتو ته خسرو بيگ اوزبڪن کي ڏسي هيسجي ويو ۽ ٻهه ڪيائين ته انهيءَ ايل سان ڪا کيڏ ڪرڻ کپي.

مظفر خان کي چيائين تـه شورا، دل ۽ ٻيو وري ڪر ڪڍڻ لڳا آهن، توهين خواجه جان کي اوڏانهين آسائي چڏيو. اوزبڪ جيڪي اچا هن ملڪ جي ماڻهن کان واقف نه ٿيا هئا، انهيءَ حڪم ملڻ سان ٻڌتر ۾ پنهنجي روانا ٿيا، ٻئي پاسي هن تر جا ساڻهو جيڪي ٻن هزارن تائين سوار ۽ اٺن هزارن تائين پيادا گڏ ٿي چڪا هئا، لشڪر جا گوٺ تاڙي ويهي رهيا.

اوزبڪ جيئن نيرون ڪوٽ جي قلعي واري لاگيتي ميدان وٽ اچـي پهتا تـه ڪين پنهنجي ريت موجب آپيون ڏوپيون مٿن تي هيون. انهيءَ حال ۾ هن تر جي ماڻهن جڏهن پري کان ڪين ڏٺو ته پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تـه اچو تـه اسين به ڪنب پايون؛ ۽ آهو ايئن جو اسان جي هڪ سوار سان چار پيادا گڏ هجن، ٻه هڪڙي پاسي کان ۽ ٻه وري ٻئي پاسي کان، ان کان پوءِ مغلن سان مهاڏو اٽڪائڻ گهرجي. انهيءَ سمّاءَ سان هوسيدان ۾ لهي آيا. اوزبڪ جڏهن سندن گهيري ۾ آيا ته هنن جي پيادن، گهوڙن جي پٺ ورتي، ۽ اک ڇنڀ ۾ گهوڙيسوار پٽ تي پوندا ويا ۽ اجل جي منهن ۾ ويندا رهيا. خواجه محمد

سلطان اوزبڪ جيڪو شمشير خان جي بهادرن مان هو، انهيءَ جنگ جو بنـڪ ٿي ويو ۽ پيا ميدان ڇڏي نيرون ڪوٽ جي قلعي ۾ اچي پناهي ٿيا، ۽ پيءَ ڏر وارا قلعي کي گهيرو ڪري ويهي رهيا.

اها خبر جڏهن شمشير خان کي پيئي تہ سيوهڻ مان وڏو ڪٽڪ سنبرائي پاڻ بہ ان مان ڳڏ سندرو ٻڌي روانو ٿيو (١-٢٥٧). وڳوڙين کي جڏهن پتو پيو تہ شمشيرخان پنهنجي هاوايل سپاهہ جي مدد لاءِ پيو اچي تہ قلعي جي ٻچر ڇـڏي، پنهنجن ٽاڪن ڏانهن هليا ويا. خواجہ جان، جنهن پنجي جان بچائي هئي، پنهنجي سورهين سميت قلعي مان نڪتو ۽ سيوهڻ ۾ اچي سامت جو ساهہ کنيائين.

شورن جي قوم ۾ اسماعيل شورو ارڏائيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هي سائين ڏني هندو جو سانياري رهي چڪو هو. ميڻي جابلو قومن ٽوڙي انهي راڄڏاڻيءَ جي واڄن ۾ (سيوهڻ تائين) هن مان ڪنهن بہ قوم جي پڇڻ جي پيٽي نہ هئي.

پيو دائود شورو، جيڪو خاسائي شورن جي ڳوٺ ۾ جبل لڳ رهندو هو: هن جي پاٽاري هوسڙن جي قوم جي چورن ملاحن مان پري پيئي هوندي هئي ۽ ڪليو ڪلايو درياهن ٽوڙي خشڪي رستن مان ڏاڙا هڻندو ٿي رهيو. ٽيون دل قـوم جو مـناهيو بہ نامي گرامي شاهينگ هو.

ٺٽي جي صوبہ داري، شمشير خان اوزبڪ جي زماني ۾:

تاج خان (١) جي مرڻ کان پوءِ شمشير خان اوزبڪ کي (٢-٢٥٧) ٺٽي جو صوبہ دار مقرر ڪيو ويو. هن جي بدليءَ

---

(١) وفات ١٠٢٣ هـ (ماثرالامراء، ص ٣-٤٨٣-١. ذخيره الخوانين قلمي ص٣٩٧)

ڪان پوءِ سيوهڻ جي راڄڌاني مرزا دوست بيگ جي شراڪت سان مير ابوالبقا کي جاگير طور ملي.

هڪ دفعي هنن پنهنجي هڪ چاڪر، محبت، هٿان پيڙيءَ رستي نارلم (نار) جا گڏرا شمشير خان ۽ مظفر خان ڏانهن روانا ڪيا، جيڪي تنهن زماني ۾ ٺٽي جا بخشي (پگهار ورهائيندڙ) هئا. جيئن اها پيڙي خاسائي شورن جي ڳوٺ وٽ پهتي ته دائود شوري وارا، هوسڙن جي قوم جا ماڻهو پنهنجين پيڙين تي چاڙهي، محبت چاڪر جي هٿان اچي ڏنا ۽ ڪيس قتل ڪري گڏرا دائود شوري جي حوالي وجي ڪيائون. مير ابوالبقا کي جڏهن سڌ پيئي ته ڏاڍو ڏمريو. ان ٿي ڏينهن سانجهيءَ جي نماز مهل سيوهڻ مان پيڙين ۾ سوار ٿي، ٿي پهر رات جا پنڌ هڻي، پوئين پهر مِن ۽ سيوهڻ واري گهٽ کان هڪ ڪوهه پرتي پڙيون جهلي، لهي آيو (١٢٥٨-١)، ۽ خاسائي شورن تي حملو ڪيائين. هـي جڏهن انهي ڳوٺ ۾ پهتو ته اتفاق سان دائود شورو، اڳوات پاپور پڌڻ ٿي، پنهنجي اهل عيال سميت جبل ڏانهن نڪري ويو. شاهي لشڪر شورن جي ڳوٺ کي باهيون ڏيئي، ساهون آيل شورن ۽ هوسڙن جا ڪي ماڻهو قتل ڪيا ۽ ڳوٺ ۾ جيڪو مال متاع انهن جي وَرِ چڙهيو، سو غارت ڪري ڇڏيائون، اها ٿي پهرين چپيٽ هئي جيڪا شاهي لشڪر طرفان شورن کي ملي.

ٺٽي جي صوبہداري، مظفرخان معموريءَ جي دور ۾:

شمشير خان جي بدليءَ کان پوءِ مظفر خان معموري ٺٽي جو صوبہ دار ٿي آيو ۽ شمشير خان کي وري سيوهڻ موڪليو ويو. مير ابوالبقا کي چاچڪن جي راڄڌانيءَ ۾ داخل بدين ۽ چاڪر هالي جي راڄڌاني ۾ آيل نيرون ڪوٽ ۽ شال (ڪوئٽيا) جاگير طور ڏنا ويا (١٢٥٨-٢). هو حڪم ماڻ ٿي بدين هليو ويو.

مظفر خان، شال جي پرڳڻي ۾ رهندڙ سميجن جي سيکت
لاءِ پنهنجن انهن منصبدارن سان جيڪي ٺٽي ۾ سندس حاضر باش
هئا، گهوڙا سنجي گهران نڪتو. مير ابوالبقا اڃا بدين مان
ٺٽي ڪونه آيو هو. جڏهن مظفر خان جي فوج شال جي پسگردائيءَ
۾ پهتي ته دل قوم جو ناميارو سردار مناهيو پنهنجي ڪٽڪ
سان اچي، ان جو گس جهليو، جنگ ۾ لڳي ويو، ۽ هن ڪيئي
فوجي قتل ڪري ڇڏيا. مظفر خان اکين سان سڀ ڪجهه ڏسي
به ماٺ رهيو ۽ اتي ئي ديرو دمائي ويهي رهيو، سندس فوجي
گاهه پني ۽ ڪاٺيءَ ڪيلي لاءِ پريشانيءَ ۾ پئجي ويا.

اوچتو مير ابوالبقا بدين مان ڌوڪيندو رات وچ ۾ اچي
مظفر خان وٽ پهتو، ۽ پيءُ رات (٩٥٩-١) پنهنجي سوار جٿي سان
اٿي وڳوڙين جي پويان پيو. ساري رات پنڌ هٽي صبح تي جبل
جي پاسهين سان رهندڙ فسادين مٿان حملو ڪيائين، ۽ هزارين ماڻهو
سندس هٿان مارجي ويا، جن جون سسيون لاهي مظفر خان وٽ
ڪٽي آيو. اهڙيءَ ريت سميجن جي مهم سر ٿي ويئي. ان کان
پوءِ مظفر خان مير ابوالبقا کي اتي ئي نيرون ڪوٽ جي قلعي
۾ رهائي پاڻ ٺٽي ڏانهن وريو. پنيان مير ابوالبقا پهر سميجن
۽ شورن کي (جيڪي حميد شوري جي ٽولي مان هئا) سيکت
ڏيئي سڌو ڪيو. انهيءَ سيکت سان دل صفا دهجي ويا. مناهيو
دل ۽ حميد شورو به خوار خراب ٿي حاضري ڀرڻ تي مجبور
ٿيا ۽ ڍل ڏيڻ لڳا. انهن شورن سان داڙو بند واري ٽڪريءَ
تي نور الله ۽ پاٿس شهيد ٿي ويا. (٩٥٩-٢) ۽ مير ابوالبقا
کي فتح حاصل ٿي.

پڇاڙيءَ مير ابوالبقا کي ڪانگڙي (هندستان) جي مهم

تي وڃڻ جو حڪم مليو، ۽ هو اوڏانهن هليو ويو (١). هيڏانهن شورا، اسماعيل شوري جي سرداريءَ ۾ سرڪش ٿي ويا ۽ وري وڳوڙ ۾ منهن وڌائون. هنن رعيت جو آرڪو ترڪو هٽي ڇڏيو ۽ ٻاٻو ٻليچي جو باغ وڍي ويران ڪري ويا. مظفر خان سندن فساد جو ٻڌي پنهنجي ڀائٽئي مرزا محمد کي ڪٽڪ ساڻ ڪرائي انهن نياڳن جي پاڙ پٽڻ لاءِ روانو ڪيو. مرزا محمد ٺٽي کان نڪري، اسماعيل شوري جي ماڻهن سان مقابلو ڪرڻ لڳو. اسماعيل شوري جا حوصلا خطا ٿي ويا، هن جا ماڻهو پنهنجن ٻارن ٻچن کي ٻاهر ڪيڻ ۾ اڙجي پيا. آخر اسماعيل هڪڙو گهٽ جهلي، پنهنجن ڀائيپيءَ وارن سان گڏ لشڪر سان منهن ڏيندي مارجي ويو (٢٦٠-١) ۽ مرزا محمد جي سوڀ ٿي ويئي.

ان کان پوءِ هو شورن واري علائقي ۾ رهي پيو. جتي به ڪيس شورن، ٻيرن ۽ دلن جو مال وغيره هٿ آيو سو ميڙي سهيڙي ڪيترن ماڻهن کي ٻانـدي ٻڌايائين. شورن کي اهـو ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو. باقي شورا آباڻا ڪک ڇـڏي زبون حالت ۾ جبلن اندر وڃي جهڳيون اڏي ويٺا. سندن گذر بسر چورين چڪارين تي ٿيڻ لڳو، جنهن لاءِ هي جابلو ماڻهن سان ملي راڄن کي ڦريندا ٿي رهيا. دائود شورو اڃا انهيءَ حال ۾ هو.

شمشير خان اوزبڪ جهانگير بادشاه جـي حڪم ملڻ تي بهادر خان اوزبڪ جي ڪمڪ سان قنڌار ڏانهن راهي ٿي ويو، ائان خوشم بيگ جي بدليءَ تي سيوهڻ جـي حاڪميت پنهنجي مائٽ شاه خواجه جـي حوالي ڪري ڪيس هيڏانهن آماڻيائين. خامائي شورن جو ڳوٺ شمشير خان جي ئي جاگير ۾ هو (٢٦٠-٢).

---

(١) ١٠٢٤هه جي پڇاڙي يا ١٠٢٥هه جي شروعات ۾ مير ابوالبقا انهيءَ مهم تي روانو ٿي ويو- تذڪره اميرخاني.

انهن شورن جو منهن سدائين جهيڙي ۾ هو ۽ ڀل به پوري ڪانه ٿي پريائون. شاه خواجه پوياڙيءَ جي نماز ڪان پوءِ ڀيڙين ٿي سوار ٿي، پرڻ قتيءَ ڪان اڳ، سن ڪان ڪوه ڪن پرڪي ٻهڻ واري ڪهٽ وڻان لهي، منجهند جي مهل ڏوڙيا لائي خاسائي شورن ٿي وجي ڪڙڪيو، جيڪي آتان ڏهن ڪوهن جي پنڌ تي هئا. انهيءَ چڙهائيءَ ۾ دائود شوري جا ڪيئي ماڻهو قتل ۽ قيد ٿيا، خود دائود شوري جي زال به جهلجي پيئي.

شاه خواجه قيدين کي سيوهڻ آندو. دائود شورو زال جي ڪري عاجز ٿي، انهيءَ ڏنڪ جي پٺ وٺي، سيوهڻ آيو. جڏهن زال کي پنهنجي اکين سان ٻـرائـي بند ۾ ڏٺائين تـه هيردل ٿي، سڀ ڏنڊ ڏوهه پري، زال جي ٻانهن ڇڏراياڻين (١-٢٦١). ان ڏينهن ڪان پوءِ دائود شوري واري ڏرُ ڪُرمش ۾ اچي ويئي. پچاڙيءَ جبل جو پاسو ڇڏي دربيلي جي ڪچي واريءَ زمين تي سيڪنهن پنهنجا گهر اڏيا، ۽ اچا تائين اهي ماڻهو رعيت جي روش سان هلندا اچن ٿا، منجهن ڪا به اڙانگوڙي ڪانه آهي.

ٺٽي جي صوبه داري، سيد بايزيد بخاري جي وقت ۾.

سيد بايزيد بخاري ١٠٢٨ هه ۾ ٺٽي جو صوبه دار ٿيو (١). هن جا پٽ ڏاڍا چالاڪ هئا، جهانگير بادشاه جي حڪم سان لشڪر ساڻ ڪري جبل پاسي ويا، جتي ڪانهري قلعي ۽ انون

---

(١) مير بـايزيد بخاري جلوس جهانگيري جي پندرهين سال (١٠٢٨هه) ڏاري ٻن هزارن ذاتي ۽ پندرهن سون سوارن جي منصب سان ٺٽي جو صوبه دار ٿيو. ان ڪان اڳ ۾ هو بکر جي زاجڏانيءَ جو فوجدار هوـ مقالات ص ١٠٨. مير بايزيد ٺٽي ۾ وفات ڪئي ۽ مڪليءَ جي قبرستان ۾ سيد جلال بخاريءَ جي پرسان کيس دفنايو ويو. لب تاريخ سند جي مصنف لکيو آهي ته هو ١٠٢٥هه ۾ بکر آيو هو.

پيلي ڏانئين گشت ڪيائون. هتان جي سردارن کين مان ڏيئي، جهانگير بادشاه جو خطبو جاري ڪيو ۽ سنڌس فرمانبردار ٿي ويا. اتان واپس ٿيڻ تي شورن ۽ دلن ڏانهن پيشقدمي ڪري، منجن وچي ڪاهيائون (٢٦١-٢) جيڪي جبل جي پر پاسي پکڙيل هئا. جيئن شڪارگاهن ۾ شڪار ڪيو ويندو آهي، تيئن انهن بد نصيبن جو گهيرو ڪري، منجهائن ڪيترن کي قتل ڪيو ويو، ۽ جهونجهار نالي اسماعيل شوري جو پٽ پين سان گڏ قيد ٿيو. سندن مال اسباب هڙئي تلف ٿي ويا. جيڪي ماڻهو قيد ٿيا تن کي هن لٽي ۾ پنهنجي پيءُ سيد بايزيد وٽ آندو، جتي اسماعيل شوري جو پٽ جيل ۾ مري ويو. هن حملي ۾ شورن ۽ دلن جي جڙ نڪري ويئي. سندن ڪيترا ماڻهو جبلن ڏانهن وچي جابلو ماڻهن سان ويئا ته ڪي وعيتي راڄ وانگي ملڪ ۾ رهي پيا. اچا تائين انهيءَ رعيت سان هلن ٿا ۽ چاڪر هالي جي راڄڌانيءَ جي رعيت کي هنن مان ڪوبہ خوف خطرو ڪونهي.

پير قوم جا ماڻهو بابو پليجي جا مائٽ هئا، هي دلن ۽ شورن جي حمايت کان سواءِ بنهہ چورا ٿي پيا (٢٦٢-١). هونءَ بہ ٿوروائيءَ ۾ هئا، تنهن ڪري بابو پليجي جي پر ۾ لڏو لاهي اچي ويئا. بابوءَ چيا ڪيو جو نيرون ڪوٽ ۾ رهيل سيد بايزيد جي ڏاڏي تي وچي ٽپال پهچايائين. هن سچ اپرئي پيرن جي سنڌ هٿي کهڻ کي ماري چڏيو، ۽ کن وعيتي واج ٿي رهڻ جي آڻ مڃي چڏي.

سيد بايزيد جي زماني ۾ ننهي قومن کي چڱي ڦيهہ ملي ويئي. پر هيڏانهن هي ڊرا ٿيا، ته هوڏانهن وري جبل جي نومڙين جي قوم جي ماڻهن جي (جيڪي سيوهڻ پاسي نڪر ۾ ويٺل هئا) اچي پيکهي متي، جن چاڪر هالي جي راڄڌانيءَ جي رهاڪن جو ويهڻ وهہ ڪري چڏيو. اتان جي جا گيرداون پنهنجيون کي دهون سنڌن حوالي ڪري، انهيءَ ڏي وٽ وسيلي، پيون جا گيرون

آباد ڪيون (٢٦٢-٢). هاڻ نيرون ڪوٽ کان، وٺي اويس قرنيءَ جي نظرگاه تائين نومڙين جون وسنديون آهن، انهيءَ نظرگاه جو بيان اڳتي هلي ڪيو ويندو.

هيءَ راڄڌاني ۽ چاڪر هالي واري پاسي کان ٺٽي جو ڪجهه حصو، ساڪري جي پرڳڻي تائين انتظام طلب آهي. ساڪري واري پرڳڻي جي پاسي ڪرمتي ۽ روڄ ۽ جوکيا وڃن ٿا، هنن جو تعداد پيادن ۽ سوارن سميت ٻن هزارن مڙسن تائين ٿيندو. هي آن ۽ دنيا ڀل طور ٺٽي جي صوبيدار کي ڏيندا آهن ۽ هر ويرو ڪنهن وڳوڙ جي ويجهو ٿا وڃن. تنهن هوندي به ٺٽي جي صوبيدار ناريلي واري قلعي کي ٿاڻي جي صورت ۾ آڻي ڇڏيو آهي، جيئن انهن ماڻهن جي خبرچار پوندي رهي.

سيد بايزيد جي عملداريءَ ۾ جوکين کان ڪا خطا ٿي هئي، جنهن جو احوال هن ريت آهي ته (٢٦٣-١) سيد بايزيد، هڪڙي شاه محمد نالي پنهنجي نيپاڄ کي پنجاه سوارن سان ناريلي جو ٿاڻيدار ڪري موڪليو. هي ٻرڙي طبيعت وارو هلڪڙو ماڻهو هو، سو ڪنهن لڳان بجاءِ جوکئي جي پٽ حاجيءَ سان گهرو پيو ۽ پنهنجو پادر لاهي ڏانهنس اڇلايائين. جوکين کي باهه وٺي ويئي، ۽ سيئي مڙي سيڙي لڏي پلاڻي جبل ڏانهن آهيا. شاه محمد پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري سندن پٺيان ويو، گهڻيون ئي صلح جون ڳالهيون ڪيائين، پر هنن ڪيس رکو جواب ڏيئي ڇڏيو. آخر اهو جنجهٽ وڃي جنگ تائين پهتو.

شاه محمد جي ماڻهن وٽ ڪي ٿورا هٿيار (تراريون ۽ نيزا) هئا، جن سان جُلهون ڪرڻ لڳا. ٻئي طرف جوکين تيرن جي ويڙهه شروع ڪئي جنهن ۾ شاه محمد جا پنجاهي ماڻهو پورا ٿي ويا. جوکيا سندن گهوڙا ۽ هٿيار پنهوار هٿ ڪري وڃي جبل پيڙا ٿيا (٢٦٣-٢). انهيءَ معاملي جي ڪري سيد بايزيد ماڻهن کي جهلي ڇڏيو ته آن يا پيون شيون جبل ڏانهن نه

ڪٿي وڃن. آن ڪان پوءِ جوڪين جا چڱا مڙس قول وٺي، وٽس آيا ۽ ساڻس واچوٽي فيصلو ڪيائون.

اهي جوڪيا ۽ ڪرمتي پروچ وري به رکي رکي سيوهڻ سان هٿ چراند ڪندا رهن ٿا، هنن جي نومڙين سان به اصل کان دشمني هلندي اچي ٿي ۽ پنهي ڌرين ۾ سدائين هيڏس ڪينس رهي ٿي پر نومڙيا گهڻن بازن جي ڪري هنن کان زور آهن.

ننڍي جي عملداريءَ ۾ ان جي بٽئيءَ جو رواج آهي ۽ اجا تائين اها ريت هلندي پيئي اچي. بٽئيءَ جو اهو رواج وڏيڪ آباديءَ جو باعث بڻجي ٿو. جيڪڏهن جاگيردار بٽئيءَ ۾ اڌ کان مٿي وصولي نٿا ڪن ۽ پئي فصل لهڻ تائين ڪوڙن بهانن سان رعيت جو حصو نٿا کائين ته آباديءَ تي ان جو سٺو اثر پوي ٿو. هن ملڪ جي بهتري ان ۾ آهي ته ملڪي انتظام بابت قانون گوين کان تفصيل گهرائي ان جي تحقيقات ڪرڻ ۾ اچي (٢٦٤-١). ۽ جاگيردار جيڪا مٿين اڳاڙي ڪندا ٿا رهن، تن جا سيئي ڪوڙا بهانا رد ڪري رعيت تان اهو آزار لاٿو وڃي.

هڪ پروسي جوڳي امين کي مقرر ڪري ان تي اهو ڪم رکيو وڃي ته ملڪ جي آباديءَ ۽ ويرانيءَ جو هر طرح خيال رکي. جيڪڏهن ڪابه گهٽ وڌائي ٿئي ته ان بابت ڪانئس ٿي پڇا ڪئي وڃي. ان سان گڏ جاگيردار کي جهلي ڇڏجي ته هو دستور کان وڌيڪ رعيت جي فصل مان ڪابه وصولي نه ڪري.

ملڪ جي سرحدن کي وڳوڙين جي ڪونس کان بچايو وڃي، جيئن هڪڙي ٿي ملڪ سان ڏهه ملڪ پيا پيدا ٿي سگهن ۽ سڄو ملڪ ترخانن واري دور وانگي آباد ڏيندو رهي، رعيت زور وٺي، ۽ جاگيردارن جو ساٿ ڏيئي، وڳوڙين جي پاڙ پٽي ڇڏي.

ترخانن جي زماني ۾ ملڪ جي آباديءَ جو ڪارڻ اهوئي هو ته هنن بٽئيءَ کان وڌيڪ رعيت وٽان ڪابه وصولي نه ٿي ڪئي، ڪٿي ٽيون حصو ته ڪٿي چوٿون حصو (٢٦٤-٢)

پئي ورتائون. ان ڪري ملڪ به آباد هو، رعيت به راضي رهندي ٿي آئي، ۽ وڳوڙن ڪي هوڏ ۾ اچي رعيت سان هٿ اٽڪائڻ جي ڪابه مجال نه پئي ٿي.

هن وقت حالت اها آهي جو ڪن جاگيردارين جي بچڙيءَ روش جي ڪري هڪ پاسي رعيت پنهنجي روزگار کان محروم آهي ته ٻئي طرف وڳوڙي زور وٺي ٿا وڃن ۽ رعيت انهن جي اوڏائين ۾ اڙجي ٿي وڃي. ٻر جي رعيت جاگيردارن جي آڏل ۾ ٿي اچي ته اهي ظالم ان جو ويتر خانو خراب ڪري ٿا ڇڏين. جيڪڏهن ڪو جاگيردار خدا ترس آهي ته ماڻهن کي آٿت ملي ٿو وڃي ۽ جاگيردار پاڻ به اُن ۾ ٿو رهي. ساڳئي وقت هن جي جاگير جو هر فصل سال بسال زياده پيداوار ڏيندو رهي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ ظالم جاگيردار جو فصل سدائين کوٽ ۾ آهي. نتيجو آخر هي ٿو نڪتي ته اهو جاگيردار بيزار ٿي جاگير بدلائڻ جا جتن ٿو ڪري (٢٦٥-١)، ليڪن پنهنجي ظلم ستم کان باز نٿو اچي، جنهن ۾ هن جي پنهي جهانن جي ڀلائي آهي.

گهوڙن جي خرچ پکي لاءِ اڳاڙي ڪرڻ جيئن ته شريعت جي روءِ سان بي واجبي آهي، ان ڪري اهو اجايو بار به نٿي جي رعيت کي بخش ڪرڻ کپي. اها اڳاڙي پرڳڻن جي جمع بنديءَ ۾ آندي وڃي، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه به رعيت لاءِ ڪنهن آزار کان گهٽ ناهي. انهيءَ اڳاڙيءَ جي بهاني عاملن، اربابن، رئيسن ڏوڙي قانون گوين جو مَن وڌي ٿو وڃي. ان کان علاوه جيڪڏهن نٽي شهر جي ڪوٽواليءَ کي به اڳئين دستور موجب انهيءَ حساب کان الڳ ڪيو وڃي، ته نٽي جي رهاڪن جو گهڻو فائدو ٿي پوندو. ڇاڪاڻ ته ڪوٽواليءَ جو ٺاڪ صوبه دار جي جاگير ۾ رهي ٿو، ۽ هن زماني ۾ ورلي ڪو خدا ترس ماڻهو نبيءَ جي شرع جو تابع هوندو، ان ڪري اها پڪ آهي ته ڪي صوبه دار دنيا جي لالچ کي وچ ۾ آڻي ڪيترن اشرافن کي

حق پليءِ ۾ وجهندا ۽ ڪانہ ڪا نُڪ ناهي هن ملڪ جي باشندن کي پيا عذاب ڏيندا (٥٦٢-٢).

هي محصولن کان وڌيڪ ماڻهن تي چٽيون وجهن ٿا جيڪي سندن وس کان ٻاهر آهن ۽ ماڻهو هلاڪيءَ ۾ پئجي ٿا وڃن.

”ماڻهن کان جڏهن وطن کسجي ٿو تہ دين دنيا جون هزارين خرابيون منجهن پيدا ٿي پون ٿيون، ڇا لاءِ تہ جهان جو مدار معاشي وسيلن تي آهي.“

جيڪڏهن شاهي ڪوتوال سرزمين تي آهي ۽ انصاف ٿئي ٿو، تہ ماڻهو شرافت سان هلن ٿا ۽ بادشاهت بہ وسيع ٿئي ٿي، هر شخص تي ڏوهہ موجب شرعي ڏنڊ پوي ٿو ۽ اهو بيت المال ۾ داخل ٿئي ٿو. ان حالت ۾ ملڪ جي ڪهڙي بہ علائقي ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ ڪو آزار پيدا نٿو ٿئي. تنهن ڪري شاهي ڪوتوال جو هئڻ ضروري آهي، ان لاءِ تہ زماني ۾ گهڻا فساد ٿيندا رهن ٿا، چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ هن باري ۾ احتياط کان ڪم ورتو وڃي.

باب چوٿون

سيوهڻ جو بيان

هن ۾ پنج فصل آهن

فصل ڇهريون

سيوهڻ جي پرڳڻي جو مختصر احوال

سيوهڻ، ڪچي پراڻي قلعي جي صورت ۾ منڇر ڍنڍ جي وڏي دڙي تي درياهه جي سيتپور ناهران طرف واري ڪناري تي آباد آهي. درياهه قلعي جي اترئين پاسي ۽ شهر ان جي ڏاکڻين طرف اچي ٿو. قلندر شهباز (١) جو مقبرو شهر جي پچاڙيءَ ۾ ۽ مخدوم ڇٽي امراڻي (٢) جي مزرا شهر کان اڌ ميل جي مفاصلي تي آهي. ٿورو پريان جبل نظر اچي ٿو، جنهن جو پٿر ڪچو ۽ واريءَ گاڏڙ سائي رنگ تي آهي، ان جي ڊيگهه (٢٦٦-٢) ڇهه ميل ۽ ويڪر اڌ ميل کن ٿيندي. جبل جي مهاڙيءَ ۾ يڪ ٿنڀي (٣) تي ننڍي ٽڪريءَ تي هڪ جاءِ آهي جا ڪنهن زماني ۾ يڪي ٽڪريءَ مان گهڙي ٺاهي،

(١) ڏسو تعليقات. (٢) ڏسو تعليقات، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.
(٣) انهيءَ هڪ ٿنڀيءَ بابت تحفة الڪرام جو مصنف لکي ٿو ته

اها ٽڪريءَ جي دڙي تي هڪڙي ٿنڀي مٿان بيٺل آهي، ماڻهو ان کي عقيدت مان قدرتي جاءِ ڪري ٿا سمجهن. هي هرڪو سير لاءِ اچي چت تان بيهي نظارو ڪري ٿو. چون ٿا ته چار ولي مخدوم جلال جهانيان (؟)، شيخ عثمان مروندي، شيخ فريد (متوفي ٦٦٤ هه) ۽ شيخ بهاءالدين (متوفي ٦٦١ هه)، هتي چلي ۾ ويٺا هئا. هيءَ نهايت ماڪاري ۽ سڳوري جاءِ آهي (جلد ٽيون ص ١٣٦).

اها هڪ ٿنڀي اڃا سوڌي سيوهڻ جي ريلوي اسٽيشن جي سامهون موجود آهي. هينري ڪزنس (*Henry Cousens*) پنهنجي ڪتاب (*The Antiquities of Sind 1929*) ۾ لکي ٿو:

There is a small cave between the town of Sehwan and the Bandar, called the "Ek Thamb" or 'one pillared cave', which was uisited by Dr, Wilson and is noticed in his "Memoir on the Cave Temples, Etc, of Western India" PP, 45.

حقيقت ۾ اها هڪ ٿنڀي ٿوڙي پيا غار جيڪي سيوهڻ جي جبلن ۾ ڏٺا وڃن ٿا، تمام آڳاٽي زماني ۾ هتان جي اصلي رهاڪن جا ماڳ هئا. (ڏسو ساڳيو مٿيون ڪتاب.)

هڪڙي ٽنهي تي بيهاري ويئي هئي، ان کي حضرت عليءَ جي نظرگاهه به سڏيو وڃي ٿو.

انهيءَ ٽڪريءَ تي مؤلف جي والد (مير ابوالقاسم نمڪين) بکر جي 'صفه صفا' وانگي 'صفه وفا' نالي ويڪرو ٿلهو ٺهرايو هو، جتي چانڊوڪين راتين ۾ سندس ڪچهريون لڳنديون هيون. دستور موجب اهل علم مهمانن گوڙي سپاهين جي خاطر تواضع نار جي گدرن سان ڪئي ويندي هئي. اهـا جاءِ اجـا سوڌي (۱۰۱۴ هه تائين) قائم آهي، جنهن جي پکيڙ اڌ ميل ۾ ٿيندي. هتي گهاڙهي واري عام آهي، ان ۾ ريگ ماهي (۱) جام ٿئي ٿي، جنهن جو شڪار اونهاري جي مُنڍ ۾ مينهوڳيءَ کان اڳ ڪيو وڃي ٿو (۲۲۷-۱). هتان جي واريامي زمين مان قدرتي پاڻيءَ جا ڪيئي چشما ڦٽي نڪرن ٿا، جيڪي هڪبئي سان لاڳيتا آهن. اهي چشما لعل شهباز جا ليکيا وڃن ٿا. قلندر جا مجاور انهن جي پاڻيءَ تي پوکون ڪندا آهن (۲). شهر جا ماڻهو جيڪي وڏي 'دڪري' (وهندڙ چشمي) تائين نٿا پهچي سگهن، تن مان هندو خاص ڪري هتي زالين مردين اچي وهنجندا آهن. هيءَ ننڍي واهي سڏبي آهـي (۳). وڏي واهـيءَ جو احوال اڳتي ايندو.

---

(۱) ريگ ماهي *Sand Lizard* جنهن کي سنڌي ۾ مڪٽي جوندا آهن؛ هيءَ ڇچي (ڪرڙي) جيتري، ان جهڙي، مگر سهڻي ۽ چلڪيدار ٿئي ٿي؛ حڪيم انهيءَ کي دوائن ۾ ڪتب آڻيندا آهن. (مترجم)

(۲) اهي چشما اجا تائين موجود آهن ۽ قلندر جا مجاور انهن جي پاڻيءَ تي پوک ڪندا رهن ٿا. زمين جـو اهو ٽڪرو قلندر جـو باغ سڏجي ٿو. ان کي لعل جي واهي به چون ٿا.

(۳) تحفته‌الڪرام جي لکت موجب ٽکر جـا وهندڙ چشما عجائبات مان آهن، جتي مريض غسل ڪري شفاياب ٿين ٿا؛ هتي سدائين پاڻي وهندو رهي ٿو، ۽ هندو خاص موقعن تي پوڄا ڪرڻ ايندا آهن (جلد ٽيون ص ۱۳۵).

شهر ڪان ٻي ڪوهه پرٽي ڀڪو پهاڙ آهي، جنهن جو پٿر اڇو ۽ سخت ٿئي ٿو. اهو پهاڙ ڏکڻ ڏانهن وڃي سمنڊ ۽ ڪيچ مڪران سان ملي ٿو ۽ اتر ۾ قنڌار، ڪابل ۽ ڪشمير جي (٢٦٧-٢) پهاڙن سان ڳنڍيل آهي. هن جي وچاڳ ۾ گهٽي آبادي ٿئي ٿي، آسپاس جا ٻروچ ٿوري پيا ماڻهو هتي هڪ هنڌ ويهڻ بدران جتي به گاهه ۽ گهڻو ٿا ڏسن اتي لڏو لاهي ٿا ويهن. هتي ڪي قلعا به آهن، جن ۾ ٻوڪي راهي ٿئي ٿي، جهڙوڪ: ڪانهري (١) وارو قلعو، انسون ٻيلو، ڪوهيار ۽ وڏڪار وغيره. انهيءَ پهاڙ جي ٻويان لڪيءَ واري جبل تي ڀڪ سرو قبو نظر اچي ٿو، جو اڄڪلهه ويران آهي. اهو قبو شهر ڪان چئن ڪوهن تي ٿيندو ۽ مرزا محمد باقيءَ جي ماڙيءَ نالي مشهور آهي. هن جبل مان ٻه واٽون نڪرن ٿيون، هڪڙي باقيءَ جي واٽ سڏجي ٿي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها مرزا محمد باقي ترخان (٢) ٺڪر ٺڪائي ڪيرائي هئي، ٻي گهاٽي واري واٽ آهي جا مٿينءَ ماڙيءَ وٽان لنگهي ٿي. انهيءَ واٽ تي (٢٦٨-١) گهاٽي جهڙو ٻٽر پيل آهي، جنهن ڪان هن تي اهو نالو پيو هو. هي ٻئي جوڪائتيون واٽون آهن، جنهن ڪري ورلي هتان لنگهندڙن جي جان بچي سگهي ٿي. ڪيئي ماڻهو هن پاسي جي ٻروچن هتان شهيد ٿي چڪا آهن. هن ٺڪر ۾ ڪيئي شهيد ۽ غيب وارا پيا ٻڌهن، ڪيترا پيرا اڌرات جي وڳڙي ۾ انهن جي ذڪر جو آواز وڏي واڪي ٻڌڻ ۾ آيو آهي. انهيءَ ٺڪر جي هيٺاهينءَ ۾ مرزا جاني بيگ ترخان اڪبر بادشاهه جي فوجن سان مقابلو ڪيو هو، جن کي خانخانان سيوهڻ جي قلعي کي گهيرو ڪرڻ لاءِ ڇڏي، پاڻ چاچڪان جي

---

(١) ڪانهري اڄ ٻا موجود آهي.

(٢) مرزا محمد باقي ولد مرزا عيسيٰ ترخان سنڌ جو حڪمران، ٩٧٤-٩٩٣ هه سندس حڪومت جو زمانو هو.

واڇڏانيءَ ۾ جون (جوڻ) ڏانهن هليو ويو هو. مرزا جاني بيگ کي نيٺ شڪست آئي، جنهن سندس ڇيلهه ڀڃي ڇڏي. راجا توڏرمل جو پٽ دارو (١) انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويو (٢). (٢٦٨-٢).

---

(١) ذخيرةالخوانين (قلمي) ۾ اهو نالو ڏارو لکيل آهي.

(٢) ذخيرةالخوانين (قلمي) مان انهيءَ جنگ بابت هن ريت معلوم ٿئي ٿو: سال الاهي ٣٥ مطابق ٩٩٨ هه ملتان ۽ ڀڪر جي حڪومت جيئن خان خانان کي ملي ته ڪيس سنڌ ۽ ٺٽي جي حڪومت هٿ ڪرڻ جو حڪم پهتو. انهيءَ مهم سر ڪرڻ لاءِ ميان محمد خان نيازي، فريدون خان برلاس، شاه بيگ خان ڪابلي، سيد بهاءُالدين بخاري، شير خان، جانش خان بهادر، مير معصوم بکري „نامي" (مؤلف تاريخ سنڌ) بختيار بيگ، قرا بيگ ترڪمان، ڏارو ولد راجا توڏرمل وغيره خان خانان سان گڏ روانا ڪيا ويا. ملڪالشعراء فيضي انهيءَ روانگيءَ جي تاريخ „قصد تته" مان ڪڍي آهي. (خان خانان) ٺٽي لڳ جوڻ پرڳڻي ڏانهن هليو ويو. سيد بهاءالدين بخاري وري بختيار بيگ، قرابيگ ترڪمان، مير محمد معصوم بکري، حسن علي عرب ۽ ٻين چاڪرن کي ساڻ ڪري سيوهڻ پهتو. اها خبر جڏهن خان خانان کي ملي ته هڪدم ميان دولت خان لوڌي سپهه سالار ۽ بينظير بهادر (وقت جي رستم)، خواجه رستم بخشي، ميان محمد خان نيازي، ڏارو پٽ راجا توڏرمل، دلپت ولد راءِ رائسنگهه پرتو ۽ بهادر خان ترين کي سيوهڻ اماڻيائين. اهي روزانو اسي ميلن جو پنڌ هڻي، سيوهڻ وٽي پهتا. ٻي ڏينهن مرزا جاني بيگ پنهنجيون فوجون سنبرائي سامهون ٿيو، جن جو تعداد پنجن هزارن سوارن تائين هو ۽ هيڏانهن صرف ٻه هزار سوار هئا، جن بادشاهي اقبال جي آسري مهاڏو ڏنو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي، راجا توڏرمل جو پٽ ڏارو سڙسيءَ سان وڙهندي مارجي ويو. ميان محمد خان نيازي پنهنجي سر پاڻ پتوڙي پنهنجن ماڻهن کي موت جي منهن ۾ ڌڪيندو رهيو. دولت خان لوڌي ايڏا جتن ڪيا جي ان ڪان ٻڃي سگهيا ٿي. دلپت چئن سون راجپوت سوارن سان دل ٻڌي جنگ ۾ ثابت قدم رهيو. مير محمد معصوم بکري ۽ شاه بيگ خان به وسان ڪين گهٽايو.

مرزا جاني بيگ جي ڏاڍي ڳولا ڪئي ويئي، جيڪو هيلتائين شاهقاسم ارغون سان گڏ جنگ جي ميدان ۾ موجود هو، پر شڪست جا آثار ڏسي شاه قاسم مرزا جاني بيگ جي پنيان اهو چوندي فرار ٿيو ته حياتي آهي ته ٻيهر جنگ ڪئي ويندي. ٻوءِ ٻئي ڄڻا „نواري" طرف هليا ويا، ۽ وري انڙپور ۾ مرزا جاني بيگ مورچا ٻڌي وبهي رهيو. خان خانان ٻيهر مٿس گهيرو ڪيو، ڏهاڙي چڪريون نڱنديون رهيون، آخر توبن بندوقن جي هڻ مار وچي هند ڪيو ۽ صلح جاسانباها ٿيا ... (قلمي ١٦-١٧-١٨) (هن واقعي جي وڌيڪ تفصيل بابت ڏسو تاريخ سنڌ مير معصوم ص ٢٥١-کان-٢٥٦).

انهيءَ سيوهڻ واري قلعي مان يارهن پرڳڻن جو لاڳاپو وهي ٿو، جن مان اٺ پرڳڻا درياهه جي هن پر قلعي طرف ۽ ٽي پرڳڻا درياهه جي پرئين پاسي آهن. مٿين اٺن پرڳڻن مان هڪ وڏو پرڳڻو باغبان جو آهي، جنهن ۾ هيٺيون چارقومون ۽ ذاتيون رهن ٿيون. باغبان جا ملڪ، پنهور، ابڙا ۽ سميجا تنهن کان سواءِ:

١- جوڻيجن جي قوم،

٢- پربن جي قوم،

٣- ٻڪيجن جي قوم-

اهي سڀئي (قومون ۽ ذاتيون) رعيت ليکجن ٿيون. منجهن ڪابه اڙانگوڙي ناهي، ساڳئي وقت سرڪاري ڍل به ڀرين ٿيون.

٤- ٿيٻن جي قوم.

اها قوم سميجن وانگي ڏاڍي شوم آهي. جيڪڏهن فصل لهڻ مهل سرڪاري عملدارن جي مٿانئن چڙهائي ٿئي ٿي ته ڪجهه نه ڪجهه ڍل ڏين ٿا، نه ته ڪا شيءِ وٽانئن وصول نٿي ٿئي. هن قوم جا چار ڳوٺ آهن، جن مان ٽن جو تعلق (٢٦٩-١) مٿين پرڳڻي سان آهي. انهن ڳوٺن کي ڪنڌڪوٽ، چني (١) ۽ ٿيٻن جو ڳوٺ سڏيو وڃي ٿو. چوٿون پنيچي (٢) ڳوٺ آهي، جيڪو بکر جي راڄڌانيءَ واري ٽڪر جي پرڳڻي سان تعلق رکي ٿو.

سمن جي دور ۾ هي پرڳڻو حد کان وڌيڪ آباد ۽ سرسبز هو. مخدوم جعفر بوبڪائي جيڪو سنڌ جي مشهور عالمن مان هو، مرزا عيسيٰ ترخان (٣) کان نقل ٿو ڪري ته شاهه بيگ

---

(١) چني ڳوٺ اڃا تائين موجود آهي.

(٢) اهو ڳوٺ اڃا سوڌو موجود آهي.

(٣) مرزا عيسيٰ ولد عبدالعلي ترخان سنڌ جو حاڪم (٩٦٢ کان ٩٧٤ هه تائين).

ارغون جي فوج جيڪا قنڌار کان سنڌ ۾ مقرر ٿيل هئي، تنهن هتي پهچي باغبان پرڳڻي کي ڀيل ڪري ڇڏيو ۽ هتي هڪ هزار اٺ باغن جي ناون ۾ وهندا هئا، جيڪي هنن هٿ ڪيا. انهيءَ مان هن پرڳڻي جي آبادي ۽ وسنديءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو پرڳڻو ترخانن جي زماني ۾ پڻ چڱيءَ طرح آباد هو. (١) سلطان محمد برتتڪاني (٢) ارغون هن پرڳڻي جو ڄاڳيدار و. هي ڪيترين جاين تي قلعا جوڙائي (٩٢٢-١) پنهنجا ماڻهو اتي مقرر ڪري، پاڻ قلجي (٣) وارو قلعو وسائي ويٺو، جنهن ڪري رعيتي ماڻهو وڳوڙين جي گهمسان کان امن امان ۾ هئا.

هن علائقي ۾ جيئن ته ٻه بخت چانڊين ۽ ٿيٻن جي گهٽائي آهي ۽ هتي پوريءَ ويت ڄاڳا قائم ڪري نٿا سگهجن، ان ڪري ڪيئي ديهون ويران رهن ٿيون. هن پرڳڻي ۾ ستها نالي وڏي

---

(١) مير معصوم تاريخ سنڌ ۾ لکي ٿو . انهن ماڻهن (ارغونن) ٩٢١ هه ڌاري ڳاهن ۽ باغبانن کي اچي قري ناس ڪيو. مخدوم جعفر (ولد عبدالڪريم عرف ميران ولد يعقوب بوبڪائي) سنڌ جي گذريل دور جو برک عالم.

ارغونن جي اها گهل سڄو هفتو سلڪ پيلينڌي رهي.

(تاريخ معصومي ص ١١٠)

(٢) ب واري نسخي ۾ برنتقاني لکيل آهي.

(٣) قلجي اڃا موجود آهي.

ڏنڊ آهي، جنهن ۾ ٻرڪلڪي (ٻوڙري) (١) مڇي جام ٿئي ٿي.

ٻيو پرڳڻو پاٽ آهي (٢). هتي خواجن جو امن پسند راڄ رهي ٿو، جنهن کي جاگيردار جي آڀل جي ضرورت رهي ٿي.

ٽيون پرڳڻو نيرون وارو قلعو (٣) آهي. اڳئين زماني ۾ هن ڳوٺ کي واهي سڏيو ٿي ويو. هتي جبلن مان پاڻيءَ جي ڪاريز وهي اچي ٿي، جنهن مان چار واهيون نڪرن ٿيون (١-٢٧٠). اهي واهيون ٻئي ۾ وچ ۾ پون ٿيون جتي ماڻهو پوکي راهي ڪندا آهن.

ٻهريان هي ڳوٺ ماڇين جو هو، جيڪي ڌاڙا ازي باز هئا ۽ جاگيردار کي ڪابه ڏل نٿي ڏنائون. بختيار بيگ ترڪمان انهن تي ڪاهي کين مت ڏني. پوءِ انهيءَ ڳوٺ تي اڪبرآباد نالو رکي، ان کي پنهورن جي حوالي ڪيائين، جيڪي رعيتي ريت هلندا ٿي رهيا. هرهڪ واهيءَ تي انهن کي مقرر ڪيائين. هڪ واهي موسي پنهور کي، ٻي عيسي پنهور کي، ٽين دائود پنهور کي ۽ چوٿين جلال پنهور کي ملي. اڄا تائين اهو ڳوٺ پنهورن وٽ آهي، جو هن ڪان اڳ باغبانن جي پرڳڻي ۾ داخل هو.

شمشير خان اوزبڪ جي ڏينهن ۾ اهو ڳوٺ باغبانن جي پرڳڻي کان الڳ ڪري، ان کي نيرون ڪوٽ جو نالو رکي، سيوهڻ جي واچڏانيءَ ۾ ڏنو ويو ۽ احمد بيگ جي زماني ۾ (٢-٢٧٠) بلڪل ان کي ويراني ورائي ويئي.

---

(١) هڪڙي قسم جي مڇي.

(٢) پاٽ جو شهر اڄتائين باقي آهي، اڳئين زماني ۾ هي شهر پرڳڻي جو مرڪزي شهر هو.

(٣) هن وقت اهڙي نالي وارو ڪوبه ڪوٽ يا ڳوٺ موجود نه آهي.

چوٿون ڳاهن وارو پرڳڻو آهي، هن وڏي پرڳڻي ۾ ڪي هيٺيون قومون ۽ ذاتيون رهن ٿيون (١).

١- پنهور جيڪي قريشي سڏئين ٿا بيبي حليمه (حضور اڪرم جي دائيءَ) جو اولاد چوائين ٿا.

٢- ڪوريجا.

٣- سميجا ٻڪيجا

٤- سميجا ٿيٻا

٥- راهه پوٽا، هي پڻ سميجن مان آهن.

٦- ڀان

٧- سيد

٨- شيخ

هن پرڳڻي ۾ پنهورن ۽ سميجن جي گهڻائي آهي. هي پرڳڻو ڪنهن حد تائين پرامن رهي ٿو. هتان جي رعيت جاگيردار کي ڏيل ڏيڻ يا وڳوڙن ۾ ڪاهڻ مهل ڪا به ڪوتاهي نٿي ڪري ۽ هروقت سندس مددگار رهي ٿي ۽ ڏيل ڏيڻ ۾ به نهڪر ڪانه ٿي ڪري، ليڪن احمدبيگ جي ظلم سبب (١٧٧١-١) هي پرڳڻو پوئتي پئجي ويو آهي، خاص ڪري نڪر وارا ڳوٺ وسنو ڪان خالي آهن.

پنجون بوبڪن جو پرڳڻو آهي، هتي به ڪيئي ماڻهو رهن ٿا:

١- بوبڪ، جيڪي پاڻ کي خلجي ٿا ڪوٺائين؛ هنن ۾ مخدوم

---

(١) ڳاهن جو ڳوٺ سيوهڻ کان ٢١ ميلن جي فاصلي تي اتر اولهه واريءَ ڪنڊ کان آهي.

جعفر (١) بوبڪائيءَ جي اولاد مان ڪي مخدوم آهن، جيڪي بوبڪن جي ڳوٺ ۾ ڏا رهن.

٢- سميجا دل.

٣- سميجا بڪيجا

٤- خواجا، جيڪي نو مسلم آهن.

٥- پَڇا (٢) جيڪي سميجن مان آهن.

٦- پنهور

٧- هندو

هن پرڳڻي جي رعيت نهايت غريب آهي؛ جاگيردار ان تي جيڪي به ظلم ڪري ٿو، صبر سان سهندي رهي ٿي. منجهس ڪابه پيدائش ڪانهي. هي پرڳڻو ڏاڍو آباد ۽ سرسبز تي سگهي ٿو، جيڪڏهن ماڻهن جي دل ورتي وڃي. پر هتي چغل خور ۽ متسهو ماڻهو گهڻا آهن (١٧١-٢٧٢). جڏهن به ڪو نئون جاگيردار اچي ٿو ته هڪڙي جي مسهائپ ڪان چيٽاپور ڪري، فتني جي باهه پڙڪائيندا رهن ٿا، جنهن ۾ پين سان گڏ پاڻ به سڙن پچن ٿا، جا ڳالهه هن علائقي جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

٦- سيوهڻ جي حويلي وارو پرڳڻو: هتان جي رعيت ڏاڍي مسڪين آهي، ڪڏهن به دل ۾ غير نٿي آڻي.

٧- نيرون ڪوٽ (٣) وارو پرڳڻو آهي، ڪنهن زماني

---

(١) مخدوم محمد جعفر ولد عبدالڪريم عرف ميران (متوفي ٩٤٩ هه) ولد يعقوب بوبڪائي، مؤلف البصارته في العمل بالاشارته، حاصل النهج، حل العقود في طلاق السنود، عجالته الطالبين، فتح الدارين، قرته في سرته پرته، ڪشف الحق، المتانته، في سرته الخزانته، منهج العمال (منتخب ڪنزالعمال.) (٢) فارسيءَ ۾ بهج لکيل هو، اها (پڇا قوم) اڃا تائين سنڌ ۾ آهي.

(مترجم)

(٣) اڄڪلهه ان جو ڪو نشان ڪونهي.

۾ هن جو نالو منڇر ڍنڍ هو (١). هتي ڪابه ٻوڪ نه ٿيندي آهي پر مڇين ۽ پکين جي ڪمي ڪانهي. ٻوڪ نه هئڻ ڪري ماڻهو ڍل ڏيڻ کان انڪاري رهن ٿا. هتي جي رعيت غريب ملاحن جي قوم آهي، جنهن جو ڪڏهن به زمين تي پير نٿو پوي. هنن اڪين سان اڻ ڪونه ڏٺو آهي ۽ ڪپڙو به ڪين ڍڪي ڄاڻن (٢٧٢-١). هتي ماڻهو گاهه ۽ ڪانن سان مٽڏ ناهي ان تي پڙڇ وجهي پاڻيءَ ۾ لهن ٿا، جنهن کي ترهو چيو وڃي ٿو انهيءَ ترهي جي وسيلي مڇين ۽ پکين جو شڪار ڪندا آهن. هي تڏن کان پوشاڪ جو ڪم وٺن ٿا، مڇيون ۽ گاهه جون پاڙون سندن خوراڪ آهي- انهن کي پڀڻ، ڪمُ ۽ لوڙهه چوندا آهن. جيڪڏهن ڪين زمين تي آندو وڃي ٿو ته گهمي ڦري نٿا سگهن.

هن ڍنڍ ۾ سورهن وڏا ٻيٽ آهن. هيءَ ڏهاڪو ڪوهن ۾ آهي، سياري ۾ هتي (٢٧٢-٢) آڙين، بدڪن ۽ ٻين پکين جا وَلر اچي گڏ ٿيندا آهن جن جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. اهي پکي جيڪي ڪروڙن تائين هوندا آهن تن جو شڪار ڪيترن نموني سان ڪيو ويندو آهي پر سڀ کان سٺو شڪار بندوق سان ٿئي ٿو، چاڪاڻ ته ان لاءِ ڪنهن ليڪ چپ جي ضرورت ناهي. اهو شڪار پيڙين ذريعي ٿئي ٿو ۽ هڪ تڪ سان ڪيئي پکي ڪيرائي سگهجن ٿا. مؤلف [يوسف ميرڪ] پاڻ به ڪيئي پيرا هتي بندوق سان شڪار ڪيو آهي.

ڍنڍ جي اوسي پاسي ڏير جو گاهه گهڻو ٿئي ٿو جنهن سان تڏا [پڙڇ] ٺهن ٿا (٢٧٣-١). ربيع جي فصل کان پوءِ جڏهن پاڻي لهي وڃي ٿو ته سيوهڻ ۽ بکر جا ماڻهو هتي اچي

---

(١) منڇر ڍنڍ اڃا تائين موجود آهي جنهن جي پکيڙ ٢٠ ميل ۽ ويڪر ١٢ ميل ٿيندي.

ڏير جون ٻاڙون ڪڍي، گرم ڪري، ان مان ٻنڊ ٺاهي ٿا رکن، جن تي سڄو سال سندن گذارو ٿيندو آهي. انهيءَ تي ئي پنهنجي ربيع ۽ خريف گذارين ٿا. ڏير جي گاهه نه ٿيڻ ڪري ڪيترن جاگيردارن جي عملداريءَ ۾ مؤلف هتي گهڻا ماڻهو موجود نه ڏٺا، سواءِ ڪن ٿورڙن جي جيڪي هن علائقي کي پنهنجو اباڻو ماڳ سمجهي لاچارڪان هتي رهي، ٻنڊ (١) تي گذران ڪندا ٿي رهيا.

سنڇر ٿوڙي ٻين ڏينهن ۾ ڪيهر نالي گاهه به جام ٿئي ٿو، جيڪو گهوڙن کي چاريو ويندو آهي (٣٧٢-٢). اهو گاهه جيڪڏهن، ڍڳي، مينهن ۽ رڍ ٻڪريءَ کي کارايو وڃي ته انهن ۾ پڃهه جو مرض پيدا ٿئي ٿو جو يقيني طرح موت جو ڪارڻ آهي. اها ڏينڊ ڪڏهن سيوهڻ جي حويليءَ واري پرڳڻي ۾ داخل هئي. شمشير خان اوزبڪ جي عملداري دوران ان کي نيرون ڪوٽ جو نالو ڏيئي، سيوهڻ سان ڳنڍي ڇڏيائون. هن ڏينڊ ۾ به ٻوپري سڃي گهڻي ٿئي ٿي.

٨- سن جو وڏو پرڳڻو آهي، جنهن ۾ ڪيئي ذاتيون ۽ قومون رهن ٿيون.

١- سيد
٢- لاڪا
٣- ڪوريجا

اهي ٽيئي بلڪل مسڪين رعيتي آهن.

٤- مانجهند
٥- ڪماڻ
٦- ڇڇر (٢)

---

(١) ٻنڊ انهيءَ ٻاسي جي غريب ماڻهن جو ڌت آهي.
(٢) آسري ۽ سن جي وچ تي به مشهور ڳوٺ ڇڇر وڏا ۽ ڇڇر ننڍا اڃا تائين موجود آهن.

٧- ڳاهيجا

هي چار ئي سرڪش قومون آهن پر جا گيردار جي ٿوري پٺڀيهه سان سڌيون ٿي وڃن ٿيون.

هتي سيدن جا چار ڳوٺ (٤ء٢٧-١) سن، لڪي، آمري ۽ ٽٽي ولي محمد آهن (١). لڪيءَ وارا نج سيد آهن ۽ ٻين سيدن سان سڱابندي نٿا ڪن. جڏهن جنت آشياني (همايون بادشاه) ڪنهن زماني ۾ هن پاسي آيو هو ته انهن سيدن سندس خوب خدمت چاڪري ڪئي هئي. جيتوڻيڪ سڄو ملڪ مرزا شاه حسن (٢) ارغون جي حڪم سان ويران ٿي چڪو هو تڏهن به سيد سڳورا اڳي ئي هئا. بادشاهي سپاه کي گاهه داڻي توڙي رڍ ٻڪريءَ جي جيڪا به ضرورت پئي ٿي، سا هنن پوري ٿي ڪئي. بادشاه هنن کي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ کين جاگيرن جا پروانا عطا ڪيائين.

سيوهڻ جو پرڳڻو جڏهن ابوالقاسم نمڪين جي جاگير ۾ آيو ته ان کان اڳ لڪيءَ جا سيد ڪن حادثن جي ڪري پنهنجا گهرگهاٽ ڇڏي ڳاهن واري پرڳڻي ۾ وڃي ويٺا هئا. هنن کي اها سڪهه ڪانه هئي ته وري پنهنجي ٿاڪن تي هليا اچن. مير ابوالقاسم دم دلاسو ڏيئي سڀني کي پنهنجن ڪکن ۾ آباد ڪرايو. اهي اڃا تائين اتي ئي ويٺل آهن.

مير ابوالقاسم کي هنن جڏهن همايون بادشاه جا پروانا ڏيکاريا ته هن کين اڪبر بادشاه جي خدمت ۾ وڃي بخشش

---

(١) ٽٽي ولي محمد آمري ريلوي اسٽيشن کان ميل ڏيڍ جي وٿيءَ تي آهي.
(٢) مرزا شاه حسن ولد شاه بيگ ارغون سنڌ جو ڏاڍيو حڪمران ٩٠٨ کان ٩٦٢هه (هن خاندان جي دور حڪومت جي تاريخ 'خرابي سنڌ' مان نڪري ٿي، جڏهن ٻيئي پيءُ پٽ سنڌ کي تباه ڪري مٿس مسلط ٿيا هئا.) (ڏسو مڪلي نامه ص ٩٧.) (مترجم)

وٺڻ جو تاڪيد ڪيو. انهيءَ وچ ۾ اوچتي لڪيءَ (١-٢٧٥) جي ڳوٺ کي باهه لڳي، جنهن ۾ اهي پروانا سڙي ويا.

هي پرڳڻو شمشير خان جي عملداريءَ جي شروعات ۾ گهڻي قدر آباد هو، ڇا لاءِ ته هتي لاکا قوم جي ماڻهن جي ڪثرت هئي، جن جي سميجن انڙن لغتين سان دشمني هلندي ٿي آئي. لاکن جا ڪي ڳوٺ درياهه جي اورينءَ پر 'سن' جي پاسي هئا جيڪي جابلو ماڻهن سان مقابلي ۾ آيا. هنن جا ڪي ڳوٺ درياهه جي پرينءَ پر سميجن انڙن سان به لاڳيتا هئا، ۽ آتي هو انهن سان وڙهندا رهندا هئا.

جيستائين شمشير خان اتي هو تيستائين رعيت انهن پنهي سوڌين (لاکن ۽ سميجن انڙن) جي ڪڙنس کان آجي هئي، ان ڪري جو هن درياهه جي ڪنڌيءَ تي سن ۾ ٿاڻو قائم ڪري خواجه خان کي اتي ويهاري ڇڏيو هو. ليڪن (٢-٢٧٥) شمشيرخان جيئن هتان ڦندار هليو ويو ته هي پرڳڻو ڏينهون ڏينهن ويران ٿيندو رهيو. ويتر جو سميجن ۽ جابلو ماڻهن جا هٿ لڳس ته هن جو خانو ئي خراب ٿي ويو. انهيءَ وٿ پڪڙ ۾ سيدن جا به ڳوٺ آمري ۽ ٺٽي ماڳهين پينگ ٿي ويا. ڪيترن سيدن کي سميجن ۽ جابلو ماڻهن قتل ڪري ڇڏيو ۽ رعيت ڪک پن ٿيندي ويئي. اهڙيءَ ريت ادوپيلي وارو ڳوٺ لاکن هتان ۽ جيسروت جو ڳوٺ ڪوريجن هتان پٽ پينگ ٿي ويو. ان کان پوءِ دينذار خان جي عملداريءَ ۾ ماڻهن وڃي ڪجهه سامت جو ساهه کنيو.

درياهه جي هن پر هيٺيان ٽي پرڳڻا آهن:

پهريون جوڻيجن (١) وارو پرڳڻو، جيڪو هڪ وڏو پرڳڻو

---

(١) هن وقت اهڙي نالي سان ڪوبه ڳوٺ يا پرڳڻو موجود ناهي.

آهي، هتي هي قومون رهن ٿيون:
١- ڪوريجا (٢٧٦-١)
٢- پنهور
٣- شيخ
اهي سڀئي هر طرح فرمان برداريءَ ۾ آهن.
٤- سميجا ٻڪيجا.

هي ماڻهو ڏاڍا نافرمان آهن. سندن تعلق سميجن انڙن سان رهي ٿو. شروعات ۾ هي به سميجن انڙن وانگر باغي هئا، ۽ جاگيردار کي پنهنجي فصل مان فقط نالي ماتر ڏل ڏيندا ٿي رهيا. پر مؤلف جي ڀاءُ ميرابوالبقا جي زماني ۾ جڏهن مٿن ڪاهون ڪيون ويون ته شرافت سان هر حڪم جي تعميل ڪندا رهيا ۽ پوکي راهيءَ ڏانهن به پورو ڌيان پئي ڏنائون. اجا تائين حڪم هيٺ آهن.

هي پرڳڻو سميجن انڙن بدبختن جي هٿ وس آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪوريجا ۽ پهنور به هتي پڄنديءَ وارا هئا. سميجن سان به پئي گهڻ ڏنائون (٢٧٦-٢) ۽ جاگيردار سان به پورا رهندا ٿي آيا. هاڻ هنن جا حال زبون آهن، ان ڪري سميجن جي مٿن هلان ٿيندي رهي ٿي. هن پرڳڻي ۾ ڦاڙهي، هرڻ، روجهه وغيره جو گهڻو شڪار ٿئي ٿو. هتي ريل نالي هڪ ڍنڍ آهي، جنهن ۾ آڙين جو انت شمار ڪونهي، اهي باز ۽ ڪوڙڪيءَ سان ڦاسايون وڃن ٿيون. هن ڍنڍ ۾ به پوپري مڇي گهڻي ٿيندي آهي.

ٻيو پرڳڻو خطہ (١) نالي آهي، هن ۾ هيٺيون قومون رهن ٿيون:
١- هالي پوٽا

---

(١) هاڻ انهيءَ نالي سان به ڪا وسندي نٿي ٻڌجي.

٢- شيخ
٣- سميجا اوٺا
٤- سميجا ٻرِيا
٥- سميجا ٻکيجا
٦- راھوجا
٧- کوريجا
٨- ترڪ (٢٧٧-١)
٩- ڏيٿا
١٠- ٻلي
١١- لاکا

اھي مڙيئي غريب مسڪين ۽ ڇِني آڪِٽي ۾ آھن.

١٢- سميجا ڏاھري

ھي بلڪل بي ڇپا ۽ ڇيٽ لائق آھن.

راءِ سنگھہ، گوريہ (١) ھندو جو پوٽو جڏھن ھن پرڳڻي جي ڪنھن ڀاڱي تي جاگيردار ھو، تہ ھنن ماڻھن سان ڪي ڇڪريون ڏنيون ھئائين، جنھن جو ڪارڻ اھو ٻڌايو وڃي ٿو تہ ھن وٽ ھڪ سو سوار ھئا، ۽ انھن کان علاوه رعيت مان بہ سو ڏيڍ پيادا ساڻ ڪري نڪتيءَ کان ڏاھرين تي وڃي ڪاھہ ڪيائين. جنھن وقت سڌن ڳوٺ جي ويجھو پھتو تہ ھنن کي پتو پئجي ويو، سو ھڪ ھزار ڏاھري (سوار ۽ پيادا) نڪري تروار ٿيا. راءِ سنگھہ جا ماڻھو ڀڄي جان ڇڏائڻ لڳا پر جيڏانھن تي ويا ڏاھرين سڌن پيڇو تي ڪيو. آخرڪار جھنگ جي وچ ۾ پھچي (٢٧٧-٢) پنجاھہ پنجاھہ سوار آسيرا پاسيرا ڪري خالي پيل گس وٺي ويھي رھيا، جيئن ڪو ڏاھري اتان تي لنگھيو تہ ان کي تير ھڻي ڪيرائيندا ٿي ويا. انڪل نيھارو کن ڏاھرين

(١) شايد گھوريو ھجي.

جا پريا مڙس ماري وڌائون ۽ ڪيترن سردارن کي قيد ڪيائون جن جا نالا شهمير ۽ ساند وغيره هئا. هن پاسي کان به ڪيترا ماڻهو قتل ٿي ويا پر ڌاهرين کي شڪست اچي ويئي. ان ڏينهن کان پوءِ اهي ڌاهري سڀ ڏنڊ ۽ ڏن ڀريندا رهيا، وري هنن جو جاگيردار سان ڪو وير ويڙهو نہ رهيو.

هي طاقتور قوم هالي پوٽن جي آهي، جا سميجن انڙن سان پوري پوندي ٿي اچي. هيءَ پوکي راهيءَ سان گڏ جاگيردار جي پونواري به ڪندي رهي ٿي. شمشير خان اوزبڪ جي عملداريءَ کان اڳ ۽ پوءِ (٢٧٨-١) هن پرڳڻي جي رعيت ڪن جاگيردارن جي ظلم ۽ زيادتين سبب بدحال ٿي ويئي ۽ هاليپوٽن ۾ به ڪو حال نہ رهيو. ان ڪري سميجا زور وٺي ويا ۽ ٻنهي ڌرين ۾ رڳڙا هلي رهيا هئا تہ ايتري ۾ احمد بيگ جي عملداري شروع ٿي، جنهن ۾ سميجن انڙن هيڪاري وڌيڪ هن پرڳڻي جا ڪنڌا ڪڍي ڇڏيا. ماڻهو دربدر ٿيندا ويا ۽ سميجن جا هٿ ٺوبڪن کان وٺي سيوهڻ جي حويلي ۽ سن جي پرڳڻن ڏانهن ڊگها ٿيندا رهيا، ڇاڪاڻ تہ هي پرڳڻو درياهہ جي ڪنڌيءَ سان لاڳيتو آهي ۽ لاڪاٽ واري پرڳڻي سان وڃي ملي ٿو، جو سميجن انڙن جي حد ۾ آهي. تنهن زماني ۾ هتي ڇڙوڇڙ ماڻهو ويٺل هئا. سميجا ندورا (٢٧٨-٢) ۽ ڪارسنهان ويڙهہ ۾ جيڪي تعديون ڪري ٿي سگهيا، ڪن جو شڪار هن پرڳڻي جا رعيتي ماڻهو ٿيندا پئي رهيا ۽ جاگيردار بادشاهي رعيت جي حمايت ۾ نڪري ٿي آيو. پر وري به سميجا ڪڏهن به اڪاڙيءَ سان رعيت کي هيسائي درياهہ کان هين پار اچي ڪنهن کي آزار ۾ وجهي نٿي سگهيا. هنن جيڪي وگوڙ پئي ڪيا اهي درياهہ جي هُن پر هئا، ۽ آن پرڳڻي جي ويراني کان سميجن انڙن کي وڏي هٿي ملندي ويئي.

ديندار خان خطي، لاڪاٽ ۽ سن پرڳڻن جا ڪي ڳوٺ سميجن انڙن، سن جي سيدن ۽ لڪيءَ وارن سيدن کي جاگير

طور ڏيئي صلح جي راهه پيدا ڪئي. سميجن مان ڪَرن نالي سردار کي آٺي خطي واري پرڳڻي جي وچاڳ ۾ ويهاريائين، جنهن ڪري هين پرڳڻي جا ڪي ڳوٺ وري آباد ٿيڻ لڳا (٢٧٩-١). تنهن هوندي به هن پرڳڻي کي سميجن انڙن جي آڇاٽ کان بچاءَ ۾ وڪڻ ضروري آهي انهيءَ سان گڏ آباديءَ جو به آپاءُ ڪرڻو پوندو. هن پرڳڻي جي آبادي دراصل سميجن انڙن جي زبونيءَ لاءِ ڪارائتي ٿيندي.

ٻيون پرڳڻو لاڪاٽ(١) وارو آهي. هن پرڳڻي ۾ سميجن انڙن جي ڏماچوڪڙي قائم رهي ٿي. هن جا به ٽپا آهن هڪڙو سميجن جو ۽ ٻيو لاکن وارو، جيڪي سميجن انڙن جا سدائين دشمن رهندا اچن ٿا. اڳئين زماني ۾ سيوهڻ جا جاگيردار لاکن جو پاسو وٺندا ٿي آيا ۽ فصل لهڻ وقت سميجن انڙن تي پٺ چڙهايون پئي ڪيائون. تڏهن اهي لاکا اڳ ۾ پئي ٿيا ۽ جاسوسيءَ جو ڪم ٿي ڏنائون. جتي به لاکا سميجن جي وَرٿي چڙهيا ته انهن کي پارين ٻچين تارارين جو ٻک پئي ڪندا رهيا. پئي پاسي لاکن وارو ٽپو چڱيءَ طرح آباد ۽ سرسبز هو ۽ هي دستوري ڍل ڀريندا ٿي آيا (٢٧٩-٢). سميجن انڙن جي اها حالت هئي، جو لاکن جي ٻپ ۽ شاهي لشڪر جي دٻاءَ سبب ڍنڍن جي ڪپ تي ٿوري گهڻي پوک ڪندا ٿي رهيا ۽ خريف ربيع جا فصل (جَئو ۽ جوار) پوئي تي پئي پوکيائون. بادشاه جا ڪارندا سميجن جي اها پوکي راهي به لاکن جي سنگ سات سان تاراج ڪري ٿي ويا، پيءَ حالت ۾ سميجن کي ڍل ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿي ويو. تنهن ڪري سميجا ڪر کڻي نٿي سگهيا. رعيت جي رجوعات

(١) لاڪاٽ ضلعي نواب شاه تعلقي سڪرنڊ ۾ قاضي احمد ڀرسان هڪ هڪ ديهه جي صورت ۾ انهيءَ ئي نالي سان موجود آهي. شايد انهيءَ زماني ۾ هن علائقي کي لاڪاٽ جو پرڳڻو سڏيو ٿي ويو.

به لاڪن ڏانهن هئي.

شمشيرخان اوزبڪ جي عملداريءَ کان پوءِ ڪن جاگيردارن جي بچڙائين جي ڪري لاڪا پنهنجي پونداويا جن جون زمينون سميجن انڙن جي قبضي ۾ اچي ويون. ڪي لاڪا سميجن هٿان ڪنگال ٿي ويا ته ڪن وجي سن ۾ پناهه ورتي. رعيت به ڦري سميجن انڙن (٢٨٠-٢) جي ويءَ رکڻ لڳي. ٻچاڙيءَ سميجا آزاديءَ سان ڦڪين پوکن جا مالڪ ٿي ويا، ڪو به سندن آڏو نٿي آيو. اهڙيءَ طرح لاڪاڻ جو پرڳڻو اڳاڙيءَ کان نيرهه ٿي ويو ۽ هوريان ڏاڍيان سميجن جي سگهائي ٿيندي وئي. ديندار خان جڏهن سميجن سان صلح ڪيو ته لاڪن جا باقي ماڻهو درياهه جي هُن پاسي ڪجهه آرام سان رهڻ لڳا.

هن پرڳڻي ۾ اعتماد جوڳن ماڻهن جي انتظام جي ضرورت آهي، جيئن اهي ماڻهو سرڪش سردارن سان هر حال ۾ پورا پئجي سگهن.

فصل ٻيو

هن ملڪ جي وڳوڙين ۽ فسادين بابت

هنن ماڻهن جي فسادن سبب هي ملڪ زبون ٿي چڪو آهي، ايتري قدر جو بکر، ٺٽو ۽ جيسلمير به سندن وڳوڙڪان آجو ناهي.

*

هي ٻي گروه آهن، هڪ سميجن جو گروه جنهن ۾ ٻارهن قومون اچي وڃن ٿيون.

١- ٻڪيجا
٢- ٿيٻا
٣- جوڻيجا
٤- ٻريا
٥- دل
٦- کيهر
٧- اوٺا
٨- لاکير
٩- واڇڙ
١٠- ٻان.

هي ڏهہ قومون ٽيہن ڪان سواءِ، باغبانن جي پرڳڻي ۾ رهن ٿيون. دل سماواتي (ساهتي) ۾ شال (١) پرڳڻي جا رهاڪو آهن. فرمانبردار رعيت جيئان جاگيردار جي ڏل ڪان انڪاري ناهن. جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

١١- منگواٿا جيڪي حرامي قوم آهن.

١٢- آنڙ، جن جون پنج ذاتيون ٿين ٿيون:

(الف)- راهو

(ب)- ڏاهري

(ج)- ساند

اهي ٽيئي جاگيردار جي حڪم هيٺ رهندڙ آهن.

(د) سانريہ (ساريا)

هنن ۾ چار ذاتيون آهن:

(١) ڏاريجا

(٢) واهوجا

(٣) مڻاهيجا

(٤) فيروزيجا

(ه) ڪيريا.

هنن مان ڪيريا ۽ منگواٿا، سارين جي قوم مان ڳنڍيل آهن. آنڙن جي (٢٨١-١) قوم مان اهي ٽي ساريا جهيڙي جي جڙ ليکيا وڃن ٿا جيڪي ڪڏهن ڏسڪائڻ مان ڏت ۾ نٿا اچن. آنڙن مان ٻيون قومون بہ سارين سان گڏجي فتنا پيدا ٿيون ڪن. انهيءَ ڪري سڀجن جي هر فساد ۾ آنڙن جوئي نالو ورتو وڃي ٿو.

ساريا پنهنجي ليکي لاڪات جي پرڳڻي ۾ پنجن هزارن

---

(١) شال ڪونڙيءَ لڳ آهي. ان ڪي اڄڪلهہ سال سڏيو وڃي ٿو هتي جا گدرا مشهور آهن. (مترجم)

تائين ڏيندا جن ۾ هڪ هزار سوار ۽ چار هزار پيادا آهن. جنگ جي وقت هنن جا پيادا سوارن کان وڌيڪ جگرداو ثابت ٿين ٿا، بلڪ اهي سوار جيڪي جنگ ۾ ڪنار جا ڪوڏيا هوندا آهن، پيادا ٿي جنگ ۾ ڏوڪي ٿا پون. اهي لاڪاڻ واري پرڳڻي ۾ ئي رهن ٿا. هو ستن قومن جي وچ ۾ آهن، جيڪي شاهي رعيت وانگر هلن ٿيون ۽ هنن مُنهن ڪاون جون آهي دشمن آهن. آهي هي آهن:

(٢٨١-٢) نصرپور جي راڄڌانيءَ ۾ هالا ڪنڊي (هالن) واري پرڳڻي جي هالا قوم، اتر ۾ ڪوريجا ۽ پنهور (جيڪي جوڻيجن واري پرڳڻي جا آهن)، بکر جي راڄڌانيءَ ۾ دربيلي واري پرڳڻي جا سهتا، اواهه ۾ لاڪا ۽ هاليپوٽا جيڪي لاڪاڻ ۽ خطي پرڳڻي ۾ رهن ٿا، ۽ اوڀر ۾ جيسلمير جي پٽن ۾ وهندڙ راجپوت، جي جيسلمير جي راڄا جا رعيتي آهن .

سارين جي قوم پنهنجن ڳوٺن ۾ پوک ڪندي رهي ٿي پر بيءَ رعيت وانگي آناج يا روڪڙ جي صورت ۾ ڍل مڙيئي گهٽ ٿي ڏئي. جيڪڏهن جاگيردار وقتي متن ڪو زور باو وجهي ٿو ته ٺيڪيدارن جيئان روڪڙ يا اناج ڏيئي جند ڇڏائي ٿا وڃن، اها موڙي به نالي ماتر ٿئي ٿي جا گهڻو ڪري بيڪار وهٽن، آٺن، گهوڙن، ڍڳن ۽ ڳڏهن جي جنس ۾، اناج ۽ روڪڙ جي عيوض، ڏيندا آهن. شير خواجه جي عملداريءَ ۾ ته ايترو به نه ڏيندا هئا، انڪري رعيت کي قتل ۽ تاراج (٢٨٢-١) ڪري دربدريءَ ۾ پئي وڌائون. انهيءَ هڻ مار ۾ خطي پرڳڻي سان ڳڏ لاکن جون ڪي دِهون به قبائي ويهي رهيا. لاڪاڻ واري پرڳڻي ۾ هونءَ ته هنن جي ماتحت هي پنج ڳوٺ آهن جتي پوکي واهي ڪرائين ٿا، پر ڪيترا پيا واهڻ به سنڌن ڌاڪ ۾ رهن ٿا:

١- ڏيڙان جتي ڌاريجا رهندا آهن، هي سيوهڻ جي قلعي

ڪان اٺن ڪوهن تي آهي.

٢- ڪانڙي جيڪا سيوهڻ ڪان ڏارهن سادا ڏارهن ڪوهه پرتي ٿيندي، ۽

٣- وينجهڙو، هي سيوهڻ ڪان ٻارهن ڪوهن تي آهي: هنن ٻنهي ڳوٺن ۾ سناهيجا رهن ٿا.

٤- صاڀوءَ ۽

٥- پرياڙي: هي ٻئي راهوجن ۽ فيروزيجن جا ڳوٺ آهن، ٻنهي ڳوٺن جو هڪٻئي سان ڳانڍاپو آهي، اهي سيوهڻ جي قلعي کان چوڏهن ڪوهن تي آهن.

هي عجيب قسم جا ماڳ آهن (٢٨٢-٢). سيوهڻ تہ ٺهيو ٻر ٻکر، ٺٽي توڙي ملتان ۾ بہ هنن جهڙا شڪارگاهہ يا پوکيءَ راهيءَ لائق پٽ مشڪل سان ملندا. هتي ڪيئي ڍنڍون آهن جن جي چوڌاري پيل پٽن ۾ خريف جون پليون جواريون ٿين ٿيون. زمين ۾ پڻ ريج گهٽو آهي جنهن لاءِ ربيع ۾ هر هلائڻ جي حاجت نٿي رهي. هتي ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽي مٿان گاهہ وجهي ٿا ڇڏين، جيئن پکي ۽ ٻيا جانور زيان نہ ڪري وڃن؛ خدا جي قدرت، ائين ٿي پوک پڇي تيار ٿئي ٿي ۽ هنن نيا ڳن جو قوت ٿي ٻڌجي. ان سان جيڪڏهن ڏهون حصو بہ ڏيل اڳڙي اچي تہ سرڪار لاءِ لک ٿيو.

هتي ٻيو فسادي گروهہ چانڊين جو آهي. اهي نياڳا باغبانن جي ٻر ڳٽي ۾ جبل پاسي رهن ٿا. پوکي راهي پڻ ڪندا آهن (١٨٣-١). هنن وٽ چوپايو مال ججهو آهي. بختيار بيگ توڙي مير ابوالقاسم جي عملداريءَ ۾ هنن کان ڪنهن بہ ڪا ڍل نہ اڳاڙي. چانڊين جا ٻہ پاڙا آهن:

هڪڙا ڳورا چانڊيا.

ٻيا ڪارا چانڊيا.

چون ٿا ته چانڊوڻي نالي جابلو ڀروچ کي ٻه پٽ هئا، هڪ جو نالو ڳؤرو ٻئي جو ڪارو هو. ڳوري جو ڪهول ڳورا چانڊيا ۽ ڪاري جي آکهه وارا ڪارا چانڊيا ڪوٺجڻ لڳا: هي سڀ هڪ هزار جڻن تائين سوار ۽ پيادا آهن - ٽي سؤ سوار ۽ ست سو پيادا. هي ٻي ٻيهر ورلي هٿ اچن ٿا، هنن بدبختن جو ڌنڌو ٿي چوري، بردہ فروشي ۽ سَنڌ هڻڻ آهي. باغبانن جي سڄي علائقي جي ستيا ناس ڪري چڪا آهن. ڳاهن وارو پرڳڻو پاٽ توڙي اڪبرآباد جو پرڳڻو ٻه هنن پيلي ناڙ ڪري ڇڏيو آهي.

نيون فسادي گروه (٢٨٣-٢) نامراد نومڙين جو آهي. هنن جي اصليت بابت روايت آهي ته سيجن جا نو ماڻهو پنهنجي قوم کان الڳ ٿي جبل ۾ وڃي رهيا، ۽ هي بدبخت انهن نئا ڳن جي ٻڻ منجهان آهن جن کي نومڙيا ڪوٺيو وڃي ٿو. هنن وٽ ڇهه هزار کن پنهنجا بازو ڏيندا جيڪي ڏاڍا سگهارا ٿين ٿا، جن ۾ پندرهن سو سوار ۽ ساڍا چار هزار پيادا آهن. ڀاسن کان ڪانيو، هارون، چولي ۽ لشڪري نالي ٽڪريون اٿن. هنن جي رهائش ڪوهستاني علائقي ۾ سيوهڻ جي حويلي ۽ سنپر ڳڻن جي پرسان آهي. هنن جا ڪي ماڻهو، جن کي چاڪر هالي جي جاگيردارن پاران زمينون انعام ۾ (٢٨٤-٢) مليل هيون، هاڻ ٻه اتي ئي رهن ٿا.

هيءَ قوم ڪٿي ٻه هڪ هنڌ رهي پوکي راهي ڪانه ٿي ڪري. جنهن جاءِ ٿي هي ديرو ڪن ٿا ان کي ڏاڍو ڇيو وڃي ٿو. وٽن اٺ، گهوڙا، ڍڳا، دُنبا توڙي ٻي جابلو مڏي گهيٽيري آهي ۽ سدائين سکيا ستابا ٿي پيا گذارين. رنگدار اٺ هنن وٽان ٿي ملن ٿا. هنن جو اصل پيشو ڌاڙا هڻڻ آهي، جن جو پڪو وڃي سيوهڻ جي پرڳڻن ۾ درياهه جي اورينءَ پر وارن قلعن ڏي پوي ٿو. چاڪر هالي واري راڄڌاني به سنڌن اک ۾

رهي ٿي. هيلتائين سيوهڻ جي ڪنهن به جاگيردار يا ٺٽي جي صوبيدار هنن جو نالو نه ورتو آهي. انهن سان اهو ئي پڇي سگهي ٿو جيڪو سندن ڳاڙ ۾ رهي ۽ عين موقعي تي هنن جا ڪي (٢-٣٨٢) همراهه ترارين سان ڪيندو رهي.

فصل ٽيون

هن راڄڌانيءَ جي زبوني ۽ وڳوڙين جي زور وٺڻ جو احوال

هي موضوع اڳين جاگيردارن جي عملداريءَ سان تعلق رکي ٿو. ترخانن جي دور ۾ رعيت جون آهي قومون جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، انهن جي سٺي سلوڪ ۽ رواداريءَ جي ڪري حڪمرانن جون فرمانبردار رهنديون ۽ ڍل ڏينديون ٿي آيون. لن ڏينهن ۾ هر هنڌ ٿاڻا محڪم ڪيل هئا، جنهن ڪري ڪنهن به قوم ٻيءَ قوم سان هٿ چُراند ڪانه ٿي ڪئي. هر ڪو باغين جي آزار کان امن ۾ هو. رعيت به ٿاڻيدارن جي آيل جي ڪري پاڻ ۾ ايڏو پوتو پٺي ڀانيو، جو وقت سر هڪ ٻئي جي مدد سان وڳوڙين کي منهن ڏيندي ٿي رهي. ان جو فائدو اهو ٿيو جو رعيت جي وچ ۾ ڪوبه وڳڙو آڀري نٿي سگهيو، هر ڪنهن (٢٨٥-١) دلجاء سان پوکي راهي پئي ڪئي. ماڻهن کي پوک کان سواء ڪا به ٻي ڳڻتي ڪانه هئي. جنهن کي جتي به ٿي وڻيو غير آباد زمين کي آباد ٿي ڪيائين، جنهن سان سرڪاري ڍل به پئي پريائين ته پنهنجو پيٽ به ٿي پاليائين.

سميجا انڙ به رعيت واري ريت سان هلندا ٿي رهيا، پر جڏهن ارغونن ۽ ترخانن جي ڪن هلندي پچنديءَ وارن هنن سان سگابندي ڪري، مٿي مائٽي ڳنڍي، ته هي سرڪش

ٿي ويا. مرزا صالح خان ترخان (١) جي هن مان ڏاڍي پوندي هئي. مرزا محمد باقي خود هڪ دفعي پيڙين ۾ چڙهي هن وٽ ويو هو. بهرحال، هڪ رات سميجن سندس لشڪر تي چڙهائي ڪئي ۽ مرزا جي پيڙيءَ تي آنهن مان ڪي چڙهي ويا، پر ايتري ۾ مرزا هڪ ٻونڊيءَ تي چڙهي پاسيرو ٿي ويو. پويان مرزا جي زال رائحه بيگم (ناهيد بيگم جي ڌيءَ) ڪي باغي قتل ڪري رهندا رهيا (٢). هن واقعي بيان ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته اهي سميجا اڃا ترخانن جي دور ۾ به پنهنجين بچڙائن کان باز نه ٿي آيا (٢٨٥-٢).

پٺي پاسي چانڊيا ۽ نومڙيا حڪومت جا سلامي هئا. هي اٺ گهوڙا ۽ گهڻا توڙي بي مڏي ڏل ۾ ڏيندا ٿي رهيا. هنن جو رعيت تي ڪوبه آزار نه هو، ۽ جتي به لشڪر چڙهائي تي ڪئي اتي ساڻس پانهن پيلي پئي ٿيا. جڏهن سنڌ، الاهي عنايت ۽ بادشاهي اقبال جي برڪت سان خانخانان هٿ ڪئي، ته هن ترخانن کان وڌيڪ سنڌي رعايا سان سهڻو سلوڪ ڪيو، جنهن ڪري سنڌ وارا مرزا جاني جي هوندي هن ڏانهن مائل رهيا ۽ هنن ۾ ڪوبه تفرقو پيدا نه ٿيو.

جڏهن مرزا جاني بيگ بادشاهي دربار مان مشرف ٿي چڪو ته اڪبر بادشاه سلطنت جي تدبير مطابق (١٨٦-٢) سيوهڻ ۽ لاهري بندر واريون واڇڏانيون قبضي ۾ آنيون، مرزا جاني بيگ کان الگ ڪري، شاهي تحويل ۾ آنديون، ۽ باقي چار واڇڏانيون مرزا جاني بيگ کي جاگير طور بخش ڪيائين.

خدا ٿو ڄاڻي ته سيوهڻ جي واڇڏاني ان زماني ۾ جنهن

---

(١) مرزا عيسيٰ ترخان اول جو پٽ، موت ٢٢ رمضان ٩٧٠هه. ڏسو تاريخ سنڌ مير معصوم ص ٢٢٥ ۽ تعليقات مڪلي نامه سماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل.

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ سنڌ مير معصوم ص ٢١٢ ۽ بيگلار نامه قلمي ص ٧٧.

جي ٻه هٿ وس رهي ته سهتن جي قوم ڪابه سرڪشي نه ڪري سگهي. تن ڏينهن ۾ مقصود بيگ (١) خان خانان جي پاران سيوهڻ جو حاڪم هو.

بختيار بيگ ترڪمان جي عملداري

مقصود بيگ ڪان پوءِ بختيار بيگ ترڪمان سيوهڻ جو حاڪم ٿي آيو (٢). هي مرجوش سپاهي هو. پهرين ۾ اچي ٿو ته هن هتان جي ترخانن مان چونڊ ماڻهو هٿ ڪري انهن کي پاڻ وٽ رکيو، جن سرڪش ماڻهن کي سيکت ڏيڻي مدد پڻ ڪيو.

پهرين گهاٽه ته هن جي سپاه پروري هن ريت هئي ته وٽس هڪ هزار (٢٨٦-٢) سورهيه ۽ سگها نوڪر چاڪر هئا، جي سواريءَ ۾ بيمثال ليکيا ٿي ويا. هي حاڪم هميشه پنهنجي لشڪر کي خوشحال رکندو ٿي آيو، جيئن شيخ سعدي بوستان ۾ لکيو آهي:

دلاور ڪه باري تهور نمود - ببايد بمقدارش اندر فزود -

اهو بهادر جيڪو هڪ دفعي ڪا سورهياڻو
ڏيکاري ته ان جو رتبو وڌائڻ کپي.

---

(١) خان‌خانان جو ملازم جيڪو سنڌ هٿ ڪرڻ وقت ساڻس گڏ هو؛ ان ڪان پوءِ هو سيوهڻ جو پهريون صوبه دار ٿيو جتي ڪي مهينا يا هڪ سال رهيو. ڪانئس پوءِ بختيار بيگ آيو.

(٢) طبقات اڪبريءَ جي مصنف هن کي سيوهڻ جو صوبه دار ڄاڻايو آهي [ص ٥٥٤-٢]، ان مان ظاهر آهي ته بختيار بيگ جي عملداري ١٠٠١ھ ڪان شروع ٿي ۽ ١٠٠٣ھ تائين هلي. انهيءَ پڄاڻيءَ واري سال هي مير ابوالقاسم نمڪين سان گڏ سبي هٿ ڪرڻ لاءِ آسهيو. ڏسو اڪبر نامه [٦٦٦-٣]

کہ یار دکر مر نهد بر هلاک ـ ندارد ز پرخاش یاجوج باک ـ

جيئن ٻئي دفعي هو ٻي ڏيو ٿي موت جي

منهن ۾ وڃي ۽ ڪنهن به اڙٻنگ کان

هيسجي نہ سگهي.

سپاهي در آسودگي خوش بدار ـ کہ در حالت سختي آيد بکار ـ

سپاهيءَ کي سدائين سکيو رک تہ جيئن

اوکيءَ ويل توکي ڪم اچي.

کنون دست مردان جنگي ببوس ـ نہ آنگہ کہ دشمن فروکوفت کوس ـ

ان کان اڳ جو دشمن پير تي ڏونڪو

هڻي، تون پنهنجي سورهين جا هٿ چمي ڇڏ.

سپاهي کہ کارش نباشد بہ برگ ـ کجا دل نهد روز هيجا بہ مرگ ـ

سُڃو سڪڻو سپاهي جنگ جي ميدان ۾

ڪڏهن بہ دل ٻڌي ڪونہ وڙهندو.

نواحي ملک از کف بد سگال ـ بہ لشکر نگهدار و لشکر بمال ـ

ملڪ جا پاسا اوسا باغين کان محفوظ رکڻ

جو ڪم لشڪر تي رک ۽ لشڪر کي

زر سان نوازي پنهنجي پاسي رک.

ملک را بود بر عدو دست چير ـ چو لشکر دل آسوده باشند و سير ـ

اهو ئي بادشاه دشمن تي سوڀارو ٿي سگهي

ٿو جنهن جو لشڪر سکيو ستابو هوندو.

بهاي سرخويشتن مي خورند ـ نہ انصاف باشد کہ سختي برند ـ

جيڪي سر جي بازي لائي جاڻن تن تي

ڪا بہ سختي ڪرڻ انصاف جي خلاف آهي.

چودارند گنج از سپاهي دريغ ـ دريغ آيدش دست بردن بہ تيغ ـ

سپاهيءَ لاءِ جيڪڏهن خزاني جو در بند

رهيو تہ هن جو هٿ ترار ڏانهن وڌي

نہ سگهندو.

چه مردي کند در صف کار زار ـ که دستش تهي باشد از روزگار ـ
اهو ماڻهو جنگ ۾ ڪهڙي مڙسي ڏيکاريندو
جنهن جا هٿ ڪمائيءَ کان خالي هوندا!

پيو، هاڻ سنڌس سپاهگريءَ جو ذڪر ڪجي ٿو. هن پنهنجي لشڪر لاءِ حڪم ڪري ڇڏيو هو ته هر سپاهيءَ وٽ ٽن ڏينهن جو پتو سدائين موجود هئڻ کپي. جيڪڏهن ڪنهن به انهيءَ امر جي خلاف ورزي ٿي ڪئي ته اهو ان جي پگهار مان پورو ڪيو ٿي ويو. هن ڪيترن جابلو ماڻهن ۽ سميجن انڙن کي ريجهائي جاسوسيءَ لاءِ پاڻ وٽ ملازم ڪري رکيو هو جيڪي سنڌس راضپي موجب کيس وڳوڙين جون خبرون چارون پهچائيندا ٿي رهيا. هن جو لشڪر سٺن حصن ۾ ورهايل هو جنهن مان واري سان هر فوجي هڪ رات هڪ ڏينهن وٽس حاضر ٿي رهيو. اها هن جي "حضوري فوج" هئي. هي نفيرءِ شرناءِ پاڻ وٽ رکندو هو ۽ حڪم ڏيئي ڇڏيو هئائين ته جڏهن به هو گهوڙي تي لانگ ورائي (٢٨٧-٢) ته سپاهي به ساڻس ٿي گڏ گهوڙن تي سوار ٿين، ۽ جيئن بگل وڄي ته لشڪر جا سيئي سپاهي، سنشين مٿين جي اشاري کان سواءِ ئي، ٽن ڏينهن جو پتو پاڻ سان کڻي وهنن تي لانگ ورائين. هن باري ۾ هدايت ٿيل هئي ته ڪوبه پيو ماڻهو لشڪر سان گڏ سوار ٿيڻ جي جرئت نه ڪري. هيءَ سپاهگريءَ جي اهڙي نرالي تدبير هئي، جو ڪنهن ٻئي کي ان جي ڪابه ڪل نٿي پيئي. هن وقت هي حال آهي، جو جيڪڏهن ڪو حاڪم سواريءَ جو ارادو ٿو ڪري، ته کيس به مهينا سنبت ۾ لڳي ٿا وڃن.

ٽيون، هن جي ڪن شهسوارن جو بيان: جيتوڻيڪ هن جا گهڻي ۾ گهڻا شهسوار پنهنجي مڙسيءَ سان وڳوڙين کي مات ڪري چڪا هئا، تڏهن به انهن مان ٿورڙن بابت ڪجهه لکجي ٿو.

بختيار بيگ ڀريون جڏهن سيوهڻ پهتو تہ شهسوار نالي پنهنجي نائب جاگيردار کي لاڪاڻ جي پرڳڻي ۾ سميجن آڙن جي ٽپي ڏانهن موڪليائين (٢٨٨-١). هو الي وچي پل اڳاڙڻ لڳو، هڪ ڏينهن سميجن وجهہ وٺي کيس قتل ڪري ڇڏيو. جيئن ئي بختيار بيگ ڏانهن خبر پهتي تہ علي شاملو سان لشڪر ساڻ ڏيئي کيس سميجن ڏانهن روانو ڪيائين. پٺي ڏينهن انهيءَ لشڪر سميجن اڙن ئي ڪاهي منجهائن ڪيترن چنڊالن کي ڏاڱا واڱا ڪري ڇڏيو. پوءِ چئني پاسن کان سميجن جا سردار، هرهڪ پريو، بودلو، محمود، فريد، جنندو ۽ جوڏو گاهہ جا سلا وات ۾ وجهي قوج علي وٽ ميڙ ڪٺي آيا، جنهن قتل ٿيل وڳوڙبن جون منڍيون ڪارن ۾ پرائي، انهن سردارن سان گڏ بختيار بيگ ڏانهن سيوهڻ ڏياري مُڪيون. بختيار بيگ سردارن کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو. آخرڪار قاسم خان ارغون (١) جيڪو هن کان اڳ مرزا جاني بيگ جي زماني ۾ (٢٨٨-٢) نصرپور (٢) جو حاڪم هو، تنهن چوويهن هزارن جي ضمانت ڏيئي سميجن جي جان ڇڏائي. بختيار بيگ پنهنجا ماڻهو نصرپور موڪلي قاسم خان ارغون کان ضمانت وارن ڏوڪڙن جي تقاضا ڪئي. سميجا سڄائيءَ جي ڪري پنهنجا گهر ڇڏي بي گهر ٿي ويا ۽ نصرپور ۾ وڃي دڳو دمايائون. هنن ڪجهہ ڏنڊ ڏوڪڙن جي صورت ۾ پريو باقي رقم آئن،

(١) اميرشاه قاسم شاه زمان (متوفي ١٤ رمضان ١٠١٩هہ)، تفصيل لاءِ ڏسو بيگلارنامہ قلمي ۽ مثنوي چنيسر نامہ.

(٢) مرزا محمد باقي ٩٩٢هہ، ڌاري پنهنجي پٽ مرزا شاه رخ (نصرپور جي صوبہ دار) جي وفات کان پوءِ نصرپور جو علائقو شاه قاسم خان زمان کي جاگير طور ڏنو. ان کان پوءِ ڪيترن ورهين تائين اهو پرڳڻو انهيءَ خاندان جي تحويل ۾ رهيو.

گهوڙن، ڍڳن ۽ گڏهن جي جنس ۾ ڏيٽي ڪيائون. بختياربيگ جي ساٿين جڏهن اها خبر بختياربيگ کي ڏني ته هن ولڻ کان نابري واري، ۽ درياهه اڪري وينجهڙي واري قلعي ۾ وڃي، مورچا ٻڌي ويٺو. آتان قاسم ارغون (١٢٨٩) کي خط لکيائين ته ڪيئن ٻه ڪري سمجن کان روڪڙ جي صورت ۾ ڏنڊ وٺي ڏياري موڪل، نه ته تنهنجي سر جو خير نه هوندو. ان سان گڏ اهو به ڪيس چوائي موڪليائين ته سمجا منهنجي رعيت آهن. توکي اهو نه ٿو سونهين ته انهن کي ٻاڙ وٽ ويهاري ڇڏين! قاسم خان کي جڏهن خط پهتو ته حيلا بهانا ڪري لنوائڻ لڳو. بختيار بيگ لشڪر سميت نصرپور روانو ٿيو، جيئن هي راڇداني جي دنگئي ڳوٺ ’نگر‘ تائين پهتو ته قاسم خان کي اچي ڏپ ورايو ۽ هڪدم باقي رهيل ڏنڊ جي رقم پنهنجي خزاني مان پري، معافي ورتائين. ان کان پوءِ پنهنجا ساٿو مقرر ڪري انهن کي حڪم ڏيئي ڇڏيائين ته جتي به ڪو سمجو ڏسن ته ان کي نصرپور سان ڪڍي سيوهڻ ڏانهن ڌڪي ڇڏين، اهڙيءَ ريت سمجن جي ضمانت کان پنهنجا پٽلوَ آجا ڪرايائين (١٢٨٩).

پڇاڙيءَ سمجا در در پڪي، خوار خراب ٿي، وري پنهنجن ماڳن تي موٽي آيا ۽ رعيتي ريت سان هلي گذر ڪندا رهيا. هنن کان پيهر ڪابه حماقت يا بغاوت ظاهر نه ٿي. بختياربيگ واپس سيوهڻ هليو آيو، سندس نائب جاگيردار سمجن آنڙن وٽ وڃي ڪائڻ آڳاڙيون ڪري ٿي آيا، جيئن پوءِ رعيت مان وصوليون ٿي ڪيائون تيئن هنن جو به حساب چڪتو ڪندا رهيا. سمجن جيڪي پنهيون ٿي پوکيون تن جي ڍل به عملدارن کي برابر ملندي ٿي رهي.

پيو رحمان قلي نالي هڪ چرڪس غلام هن جو پنيلو هو، جنهن جي بهادري بي مثل هئي. ان کي پنجاهه سوار ڏيئي

من ۾ رهايو هئائين. ڪنهن ڏينهن نوسڙين اچي ماڻهن جي مال تي ڌاڙو هنيو. پيپهريءَ جي نماز مهل جيئن هن کي اها خبر پيئي تہ هڪدم گهوڙا زيـن ڪري ٻئي ڏينهن منجهند جو انهن ڪارسنهن جو پيڇو ڪندي (٢٩٠-١) وڃي کين جهليائين. انهن جو تعداد ٽن هزارن پيادن ۽ سوارن تائين هو. اهي ڪاهيل مال چڙهي جبل تي چڙهڻ لڳا. رحمان قلي مال مالڪن جي حوالي ڪيو جيڪي سن کان ساڻس گڏ هئا. پوءِ پاڻ جبل ڏانهن وڌيو ۽ ڌاڙيلن جا ڪيئي باز و قتـل ڪيائين، ٻچاڙيءَ انهن جون منڍيون لاهي هن بختيار بيگ ڏانهن آماڻيون. اهو ڏينهن اهو شڻهن، وري نہ انهن نوسڙين بختيار بيگ جي عملداريءَ ۾ ڪو ڌاڙو نہ هنيو، ۽ ڪنهن وڳوڙ جو امڪان باقي رهيو.

انهن کان علاوه ماڇين جي قوم بہ هئي جنهن جو نام ٽڪاڻو اڪبرآباد ڳوٺ ۾ هو. هي رعيتي طرح ٽـاهه ۾ نہ ٿي آئي: بختيار بيگ پنهنجي سير مڙس ڪاهي کيس سنوت ۾ آندو، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

هڪ دفعي نوحاڻي بروچ (جن جو احوال اڳتي ايندو) نافرمان ٿيا، جن کي ٻڌ بختيار بيگ پاڻ سوار تي سيکت ڏني (٢٩٠-٢). انهن بروچن جا سترهن جنگي سردار ڪُسجي ويا. انهيءَ ويڙه ۾ توتان (١) نالي هڪ بروچ ڏاڍي چڪري ڏني

---

[١] توتان هڪ بهادر نوحاڻي بروچ هو جنهن پنهنجي ماٺ موندر ۽ چڪي نالي خاصخيليءَ سان گڏجي مخالفن جو مقابلو ڪيو. انهيءَ جنگ جي باري ۾ سگهڙن جا ڪيئي بيت مشهور آهن، جهڙوڪ:

ڏڙ ڏيهو سر لڌيو، پوءِ بہ چڪي هنيون چار
توتان جـي تـرار، موندر مست ملهائيو!

ننگ کان ڏيڍ ميل پرتي ڏکڻ پاسي هڪ تاريخي قبرستان اچا تائين موجود آهي جنهن ۾ انهن جهونجهارن جون قبرون نشانبر آهن.
مترجم هن روايت لاءِ مولوي خان محمد صاحب نوحاڻي ننگ واري جو ٿورائتو آهي.

جنهن ڪري بختيار بيگ جا به ڪيترا ماڻهو شهيد ٿي ويا. نيٺ رحمان قلي وڃي انهيءَ ٻروچ کي رسيو ۽ ٻروچ هڪل ڪري رحمان قلي جي گهوڙي جي پويان پيو. رحمان قليءَ وڃي پٺ تي ڪريو ۽ ٻيئي چٺا پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا. رحمان قلي زره بند هو، تنهن ڪري ٻروچ جو وار سٽس ڪارگر ٿي نه پئي سگهيو، هوڏانهن رحمان قليءَ جا ڏک ٻروچ کي چچريندا ٿـي ويا. آخر ٻروچ جا پساهه وڃي پورا ٿيا.

انهيءَ ويڙهاند ڪان پوءِ بختيار بيگ نوحاڻين کي پرچائي پنهنجو ڪيو، ۽ کين ڪيئي انعام اڪرام ڏنائين. سيوهڻ جي حويليءَ واري پرڳڻي پاسي جبلن ۾ جيڪي لڪ هئا، اهي نوحاڻين کي مليا، جيئن هو نوسڙين کي نگاهه ۾ رکندا اچن.

ٻئي ڀيري، چاڪر هالي جي واڇڏانيءَ ۾، جا ان وقت مرزا جاني بيگ ترخان جي جاگير ۾ هئي (٢٩١-١)، انڙپور (٢) پرڳڻن جي ڳوٺن خاسائي شوري (٣) ۽ ٻڏاپور (٤) جي مهم سر ڪرڻ لاءِ بختيار بيگ ساڳئي رحمان قليءَ کي پنجاهه سوار ڏيئي حڪم ڪيو ته انهن ڳوٺن جون زرعي زمينون سن جي پرڳڻي ۾ داخل ڪيون وڃن.

رحمان قلي، سن پرڳڻي جي ڳوٺ ڪماڻ (١) لڳ خاسائي شوري ۾ ٻهتو ۽ ربيع جي پوک جو اَنُ قبضي ۾ ڪيائين، ۽ اهو اَن ٻيڙين ۾ وجهرائي، سيوهڻ اماڻي، پاڻ وري ٻڏاپور جي ٻنين جي ٻار هٿ ڪرڻ لاءِ اوڏانهين روانو ٿيو.

---

(٢) انڙپور اڃا موجود آهي.

(٣) اهو ڳوٺ، ڳوپانگ [ڪاڻوٽ] جي ريلوي اسٽيشن لڳ موجود آهي.

[٤] ٻڏاپور به اڃا تائين ريلوي اسٽيشن سميت موجود آهي.

[١] اهو ڳوٺ اڃا موجود آهي [مانجهند لڳ لاڪا اسٽيشن کي به ڪماڻ سڏيو وڃي ٿو]

انهيءَ وچ ۾ خسرو بيگ جيڪو مرزا جاني بيگ پاران ٺٽي جو حاڪم هو، ٽنهن ڇا ڪيو جو چاڪر هالي ۽ نصرپور جي واڇڏانيءَ جا لشڪر ڪاڻيدي، رحمان قلي سان جنگ جوڙڻ لاءِ تيار ٿيو. اهو ايڏو مارو لشڪر ڏهي ٽڪي اچي شوون ۾ ويٺو. هوڏانهن رحمان قليءَ بختيار بيگ کي چوائي موڪليو ته ٺٽي جو اڙٻنگ لشڪر ڪڻڪ ماڻ ڪري اچي ڪڙڪيو آهي، جيڪڏهن توهان مهرباني ڪري پنهنجو جنگي هاٿي جبري سپاهه سان گڏ سون ڏانهن ڏياري موڪليو ته هنن سان اوس هڪا هڪ ڪري رهندس.

بختيار بيگ آڪڙجي ڪيس لکيو ته تو نامراد ۽ جيڪا ڪيپ ڪٺي سا ڏيهه ڏسندو! سون ڪان کهڙي منهن سان هاٿي ۽ سپاهه جي گهُر ڪري رهيو آهين؟ اهو ٻڌندي رحمان قلي مايوس ٿيڻ بدران دل ٻڌي پنهنجي سپاهه سان جشن ملهايو ۽ پيلا ڪپڙا پائي چيائين ته سڀاڻي پنهنجي صفائي آهي. جڏهن صبح ٿيو ته جنگ جو سانباهو ڪري خاسائي شوري ڏانهن روانو ٿيو. ٻئي پاسي ٺٽي جو لشڪر پوريءَ طرح هٿيارٻند ٿي سامهون آيو. رحمان قلي پريندي ئي پنجاهه جوان اڳ ۾ ڪري دشمن جي لشڪر تي وڃي پيو ۽ ان جي صفن وچان لنگهي هن پاسي ٿي بيٺو. من جا جيڪي همراه ساٿس گڏ هئا تن ٻؤ سان وني پاڄ ڪاڏي. ايتري ۾ ٺٽي جي لشڪر (٢٩٢-١) رحمان قلي ۽ سندس ساٿيارين کي گهيري ۾ آندو، ۽ ويرم ئي ڪانه ٿي ته رحمان قلي پنجويهن سپاهين سميت اجل جو شڪار ٿي ويو ۽ پيا پنجويهه ڄڻا جنگ جو ميدان ڇڏي وڃي بختيار بيگ وٽ پهتا.

بختيار بيگ سڄي ماجرا ٻڌڻ کان پوءِ ڏاڍو پيشمان ٿيو. آخر پاڻ وڃي چاڪر هالي جي راڇڏانيءَ تي چڙهائي ڪيائين.

انهيءَ دوران بکر جي راڄڌاني خان اعظم (۱) مرزا ڪوڪي کي جاگير تي ملي ۽ هن پنهنجي پٽ مرزا انور کي (۲) بکر ڏانهن اماڻيو. ايتري ۾ چانڊيا پروچ بکر ۾ ديهون ويران ڪرڻ لڳا. مرزا انور پنهنجي ملازم حيدر بيگ کي ڪٽڪ ساڻ ڏيئي چانڊين تي ڪاهڻ لاءِ موڪليو. چانڊيا ڏينهن ڏٺي جو ساڻس جنگ ڪري کيس شڪست ڏيئي ويا ۽ سندس مال اسباب نغارن سميت لٽي ڦري ويندا رهيا.

مرزا انور اها خبر ٻڌڻ شرط پاڻ سواريءَ جي سنبت ڪرڻ لڳو ۽ بختيار بيگ کي نياپو موڪليائين تہ اهو بہ پنهنجي پاسي کان اهڙي مدد ڪري (۲۹۲-۲).

بختيار بيگ، مرزا انور کي چتاءُ ڏنو تہ آءٌ تيار آهيان، جيئن توهان سوار ٿي نڪرو تہ پڪ ڄاڻجو مان اڳوات اتي هوندس. پوءِ چانڊين جي چوڪسيءَ لاءِ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين، جن جي ڏس پنڌ تي شام جو شڪار جي بهاني سيوهڻ چڙهي منڇر ڏانهن راهي ٿيو، ۽ هڪ ٻہ آڙيون ڦاسائي، چڱو شڪون وٺي، اتان سيوهڻ هليو. شهر کان اورتي هڪڙي مزار وٽ ترسي گهوڙي تان لٿو ۽ پروارن ماڻهن پنهورن، ڪوريجن ۽ سميجن ڏانهن خط لکي تيز رفتار گهوڙي سوارن هٿان ڏياري موڪليائين تہ صبح جو سوير سڀ اچي 'ڪنور ڪوٽ' (ڳاهن جي پرڳڻي ۾) حاضر ٿين. پاڻ اتان سانجهيءَ مهل سوار ٿي (۲۹۳-۱) سڄي رات پنڌ هئي، صبح اڍرئي ڪنور ڪوٽ پهتو. منجهند

[۱] خان اعظم مرزا عزيز ڪوڪہ (متوفي ۱۰۳۳ھ) ولد خان اعظم شمس الدين محمد خان آتڪہ (متوفي ۹۷۰ھ) سال ۴۱ اڪبري مطابق ۱۰۰۵-۶ھ ملتان جو صوبہ دار ٿيو. [ماثرالامراء ۶۸۵-۱] شايد انهيءَ زماني ۾ بکر بہ سندس جاگير ۾ ڏنل هو.

[۲] ڏسو تعليقات.

تائين سمورو لشڪر ۽ سڀئي واچ اچي ڪٺا ٿيا. پنهورن جي سردارن عيسيٰ، موسيٰ ۽ جلال کي گهرائي چيائين تہ چانڊين کي هن مهل تائين منهنجي ڪا خبر نہ پيئي آهي، مان مٽن چڙهائي ڪرڻ وارو آهيان. سياڻي انهن کي منهنجي مدد پئجي ويئي تہ چانڊين بدران اوهان جون سريون سلامت نہ هونديون. پوءِ چئني سردارن کي ساڻ ڪري سج لٿي جو اتان اسهيو ۽ رات ڏينهن ڊوڙيو لائي صبح ٿي چانڊين مٿان وڃي ڪڙڪيو ڪيائين. هو بہ ميدان ۾ لهي آيا ۽ دليريءَ سان جنگ ۾ پهچي ويا. هنن پانيو تہ اڳئين لشڪر وانگي هي ڪٽڪ بہ بکر کان چڙهي آيا آهن (٢٩٣-٢). ايتري ۾ خبر پيئي تہ هي بختيار بيگ ترڪمان آهي جو سيوهڻ کان پيو اچي. اتي هنن جا ڏڪر لڳي ويا: تہ بہ لشڪر سان چڱيون چوٽون کاڌائون. انت چانڊين هارايو، جن مردودن جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترن کي لشڪر قيد ڪري ورتو. بختيار بيگ انهن سان ڪن جون منڍيون لاهي، ٿورن قيدين سان گڏي، پنهنجي ساٿين هٿان مرزا انور ڏانهن اماڻيون.

مرزا انور اچا لشڪر ڪشيءَ جي تيارين ۾ هو تہ چانڊين جون منڍيون ۽ انهن جا قيدي وٽس پهچي ويا. مطلب تہ هن چڙهائيءَ ۾ چانڊين سان اهي جنيون ٿيون جو پنهنجي جاگيرداري وچ ۾ آڻي ٻانءِ ڪيائون. جيستائين سندس عملداري هئي تيستائين ٻيءَ رعيت وانگي چانڊين کان زمين جي ڍل وصول ڪندو رهيو.

بختيار بيگ ست سال سيوهڻ ۾ رهيو. (١) رعيت کان پيون چٽيون لاهي اڌو اڌ ٻنئي وارو حساب ورکيائين (٢٩٤-١).

---

[١] بختيار بيگ ١٠٠١ ڌاري سيوهڻ ۾ آيو ۽ ستن سالن [١٠٠٧هہ] تائين اتي رهيو.

ڪٿي ٽيون حصو، چوٿون حصو ۽ پنجون حصو به معاف ٿي ڪيائين. سنڌس عملداريءَ جي انهيءَ سلوڪ جي ڪري ربيع جي فصل جي آبت اسي هزارن خراو ٽائين وڃي پهتي، خريف وغيره تنهن کان سواءِ هئي.

هن علائقي جي آبادڪارن کي رعيت ڪري ٿي چاتائين، سنڌس ياران ڪنهن ٿي به زيادتي ڪانه ٿي. هرڪنهن کي ان جي حيثيت مطابق سان ڏيندو رهيو. تنهن ڪري ڪوبه ڪنهن کان مٿي ڪونه هو. اربابن ۽ مقدمن کي پنهنجي هڙان بخششون پٽي ادا ڪيائين، جيئن رعيت کي ڪو اهنج نه رسي.

عملداريءَ جو اهو طريقو آباديءَ جو باعث بڻجي ٿو، ڇا لاءِ ته هڪ پاسي غريب رعيت کي حق پلئي ٿو پوي ته ٻئي طرف اربابن، مقدمن ۽ قانون گوئن (پٽوارين) جي به حق رسي ٿئي ٿي ۽ ڪنهن ٿي به ظلم نه ٿو ڪيو وڃي. ٻيءَ حالت ۾ سرڪاري عامل(٢٩٤-٢) وصوليون وڌائي رعيت کي آزار ۾ ٿا وجهي ڇڏين، جو سراسر ظلم آهي. ضرورت آهي ته چڱا عامل مقرر ڪيا ويا وڃن، جيڪي سرڪاري ڪارندن، اربابن، مقدمن ۽ پٽوارين جي حرڪتن تي ڪڙي نگاه رکندا رهن ۽ هر ڳالهه حق حساب سان فيصل ٿيندي رهي. اهڙا ڪي نڪتا اڳئين باب ۾ مير معصوم بکريءَ بابت پيش ڪيا ويا آهن.

گهٽ پيداوارين زمينن تي معافي ڏيڻ سان رعيت وڌيڪ زمين آباد ڪري ٿي، هونءَ به هرڪو ماڻهو ڪوشش ڪري وڌيڪ پيداوار واري زمين آباد ڪرڻ لڳي ٿو ۽ گهٽ پيداوار واري زمين کي ڪوبه هٿ نه ٿو لائي.

اڪبر بادشاه جي حڪم سان جڏهن مير ابوالقاسم سبيءَ واري قلعي سر ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، ته سائس ماڻهن

جا ڪيئي ڪنڪ ساڻ هئا (١) ۽ هن پنهنجي ننڍي پٽ ابابيگ سان ٽي هزار سوار گڏي ڪيس قنڌار سوڪليو هو (٢٩٥-١).

هتي ڳالهين جو مقصد هي آهي تہ بختيار بيگ جي عملداريءَ دوران سيوهڻ جو سڄو علائقو باقائدي انتظام سان سرسبز ۽ آباد پئي رهيو ۽ لشڪر بہ ملڪ جي آباديءَ مطابق طاقتور هو (٢) جو پين علائقن جي خوشحال فوج وانگي شاهي مهمن ۾ ڪارگر ٿيندو رهيو (٣). ايتري قدر جو لشڪر جي ڏهڪي سبب ٻکر ۽ ٺٽي جي راجڌانين جا رهواسي بنهہ ڏبل هوندا هئا. اهو سڀڪجهہ ان ڪري پئي ٿيو جو اڪبر بادشاهہ جي هر معاملي تي پوري نظر هوندي هئي. پاڻ جيڪو بہ ڪم ٿي ڪيائون (خريد فروخت ۽ ڏيل اڳاڙڻ تائين) تہ شهر جي قاضين ۽ مفتين کي انصاف ڪرڻ جي آزادي مليل هئي، جيئن ڪنهن سان بہ ڪو ظلم نہ ٿئي. انهيءَ ۾ ئي رعيت جي ڀلائي ۽ وڏوڙين جي ڀلائيءَ جو راز سمايل آهي.

بختاور بيگ جڏهن بيمار ٿي پيو ۽ سندس حالت ڏينهون ڏينهن نازڪ ٿيندي ويئي تہ هن جي پٽن عبدالرحمان ۽ بابا بيگ پنهورن جي سردارن کي سڏائي سيوهڻ جي قلعي ۾ بند ڪرايو. ۾ بهاءالدين پنهور نالي هڪڙو سردار (٢٩٥-٢) ٻاهر هو. انهيءَ وچ ۾ جيئن ربيع جي فصل ۾ لاڀارو پيو تہ بختيار بيگ اکيون پوري چڏيون (٤).

---

(١) اها ڪمڪ ١٠٠٣ هہ ڌاري سبيءَ موڪلي ويئي هئي.

(٢) ١٠٠٣ هہ ۾ سبيءَ جي سوبي کان پوءِ قنڌار تي چڙهائي ڪئي ويئي. مير معصوم سبيءَ مان اوڏانهين ويو هو، ممڪن آهي ابابيگ بہ ساڻس گڏ ويو هجي.

(٣) پ- واري نسخي ۾ هتان ورق ٢٢٤-٢٢٨ تائين گم آهن.

(٤) هن جي وفات جي تاريخ نٿي ملي، اندازو آهي تہ ستن سالن کان پوءِ (١-١٠٠٢ کان پوءِ ٧-١٠٠٨ هہ ۾) هي جهان ڇڏيو هوندائين.

ڪوريا هندوءَ جي ٺيڪيداري:

اهو لاباري پهريل فصل ڪوريا هندوءَ شاهي دربار مان ٺيڪي تي کڻي جيسر نالي پنهنجي هڪ هندو گماشتي جي حوالي ڪيو، جو سيوهڻ جي قانون گوئي جي عملداريءَ ۾ وڏس زبردست موجود هو. انهيءَ ارادي سان ته هو آن جو انتظام سنڀاليندو رهي. ايتري ۾ سميجن کي موقعو ملي ويو، جن چاهيو ٿي ته پنهورن ۽ ڪوريجن کي جيڪي پرامن رعيتي هئا، ڏڪي ڏار ڪري پاڻ اچي ڪاري جا مالڪ بڻجي وڃن ۽ بکر کان وٺي سيوهڻ تائين سنڌن ئي راڄ هجي. پنهورن ۽ ڪوريجن سان هٿ ڳنڍڻ لاءِ هنن درياهه جي اوڀرين پر بکر جي راڄڌانيءَ ۾ لاکيرن جي ڳوٺ ۽ ڳاهن جي پرڳڻي ۾ ٻهڻ جي ڳوٺ کي اچي باهيون ڏنيون. ائين هڻندا ماريندا ڳاهن جو پرڳڻو ڳاهيندا ويا ۽ وڃي ڪانهريءَ ۽ ساماٽيءَ کان نڪتا، جتي (١-٢٩٦) بهاءالدين پنهور ويٺل هو. هوڏانهن درياهه جي پرينءَ پر سميجن انڙن سندرو ٻڌي جوڻيجن واري پرڳڻي ۾ ڪوريجن ۽ پنهورن جون سنڌيون هڻڻ شروع ڪيون. سيوهڻ جو سڄو علائقو جهيڙن فسادن جي جنجل ۾ اچي ويو. ڪوريجا ۽ پنهور پيو چارو نه ڏسي پاڻ ۾ ملي ويا ۽ اهو پهه ڪيائون ته پهريان سميجن انڙن جي لاک لاٿي وڃي، جيڪي فساد جو مُنڍ آهن؛ جيڪڏهن فتح ٿي ته واهه نه ته ملڪ ڇڏي وڃي ٺٽي جا وڻ وسائيندا سون.

اها سڻاءُ ڪري چار پنج هزار پيادا ۽ سوار ڪوريجن ۽ پنهورن مان سڙي، درياهه ٽپي، جوڻيجن جي پرڳڻي اندر ٻيڙيءَ جي ڳوٺ ۾ ٺانيڪا ٿيا، جتي جيسر هندو به پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري اچي هنن سان گڏيو. هوڏانهن سميجا انڙ به پنج ڇهه هزار پيادا

۽ سوار (٢٩٦-٢) سنبرائي، گچيري، (١) جي ڳوٺ ۾ اچي گڏ ٿيا، جو به ساڳئي پرڳڻي ۾ آهي. ڪوريجن ۽ پنهورن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته پيش قدمي ڪري سميجن تي ڪاهيو وڃي. پوءِ رات وچ ۾ ٽهي سنبري ٽي هزار سوار بهاءالدين وٽ ٺٽائي اڳتي وڌيا. پٺيءَ پاسي سميجن به اهائي ڳڻ ڪئي ۽ راتوواهه گهوڙن تي چڙهي پيا. علي الفجر جو ٻنهي لشڪر اچي ڀيلهه ٿيا ۽ خونا خونيءَ جي جنگ لڳي وئي. ٻنهي ڌرين مان ڪيئي ماڻهو رتوريت ٿي، ڪُسندا ويا. آخر شاهي رعيت (ڪوريجن، پنهورن ۽ جيسر جي ماڻهن) ميدان ماريو. بروقت بهاءالدين پنهور به اچي پهتو، جنهن پنهنجي جاني دشمن ۽ سميجن انڙن جي سردار پرئي تي ڪڙدي ڪري سندس سري ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. اهو ئي هن سڄي فساد جو ڪارڻ هو. سميجن جو منهن وڃي پٽ ساڻ لڳو (٢٩٧-١). اهڙيءَ ريت رعيت سوپاري ٿي، واپس وري ۽ هرڪو پنهنجي هنڌين ماڳين سک ۽ سلامتيءَ سان اچي آرامي ٿيو.

خواجه نورالدين ڪروڙيءَ جي عملداري:

هن کي خريف واري فصل جي شروعات ۾ سيوهڻ موڪليو ويو. هن پنهنجي پائنٽي تيموربيگ کي ٻه هزار سوار ڏيئي سميجن انڙن ڏانهن آماڻيو، جيئن ربيع واري فصل جون بقايائون وٺائن اڳڙي اچي. کيس تاڪيد ڪري ڇڏيائين ته خريف جو فصل ڪيستائين تقسيم نه ڪرائي جيستائين ربيع جي فصل جي بقايا جو ڪو فيصلو نه ٿيو آهي.

تيموربيگ وينجهڙي جي قلعي ۾ وڃي ويٺو. سميجا سونهري ڍنڍ جي وچاڳ ۾ اچي پر ڪٺ ٿيا، جنهن جي چوڌاري

(١) گچيرو، موري، ضلعي نوابشاه لڳ موجود آهي.

پاڻي هو. هنن ربيع واري فصل جي بقاياڻن ڏيڻ ۾ اڙي پئي ڪئي، آٺ گهوڙا ۽ ڏڪا تہ ڏناڻون ٿي پر جيئن انهن نياڻن جي پر، آهي، انهن جي بها پئي ٿي پڌاياڻون. اها اڙي تيمور بيگ کي نہ آنڙي، سو سميجن سان وچڙي پيو. جڏهن سونهري ڊنڊ تي پهتو تہ (٢٩٧-٢) سميجن جو هڪ واهڻ سندس آڏو آيو. هن جي ماڻهن واهڻائن کي پائيتال ۾ وڌو. اڳين ڪنڌي تيمور بيگ کي پريان ڏوڙ نظر آئي. پڇا ڪيائين تہ اها رڱي ڇاجي آهي؟ ڪن وراڻيو واچوڙو هوندو تہ ڪن چيو، ٿي سگهي ٿو ڪو غنيم هجي. انهي سوال جواب هلندي سميجن منهن ڪيو. تيمور بيگ جا پير اکڙڻ لڳا ۽ هن جا ماڻهو پڇڻ لڳا. سندس لشڪر تہ شڪست کاڌي، پر ڪيئي ماڻهو پڻ مارجي ويس. سميجا سندن هٿيار پنهوار ۽ وهٽ گهوڙا کاڻڻ ڦري هڪلي ويا. ان ڏينهن اڻڙن جي ساري ٿي. تيمور بيگ پڇي اچي وينجهڙي واري قلعي ۾ لڪي ويٺو. سميجن قلعي کي گهيري ۾ آندو ۽ خريف جي اناج سان گڏ رعيت جو اڪو ترڪو بہ هٿ ڪري (٢٩٨-١) بي اونا ٿي ويهي رهيا.

خواجہ نورالدين، گهورڻي هندو جي پٽ ماڻڪ کي جيڪو ڳاهن جي پرڳڻي جو حاڪم هو ۽ هتان جي قانون گوئيءَ سان بہ تعلق هوس، پنهنجن ماڻهن سان گڏ رعيت جا ڪڻڪ پڻ ڏيئي تيمور بيگ جي مدد لاءِ موڪليو. هي جڏهن درياهہ اڪري هن پر ٿيو تہ سميجا قلعي جي پچر ڇڏي، جيسلمير جي پٽن ڏانهن هليا ويا. ماڻڪ، تيمور بيگ سان مليو، پٽن پاسي سميجن جي ڪيڏ ويو، پر ڪي بہ ڪين وريس. تيمور بيگ واپس سيوهڻ آيو، نورالدين بہ ڪا غزا نہ ڪئي، اهائي ڳالهہ رعيت جي ايرائيءَ ۽ ڳوڙين جي سگهائيءَ جو ڪارڻ هئي.

شيخ موسيٰ گيلانيءَ جي عملداري:

نورالدين کان پوءِ سيوهڻ شيخ موسيٰ جي جاگير ٿيو، جنهن پنهنجي پٽ جان محمد کي (۸۹۲-۲) هن پاسي اماڻيو. جان محمد وٽ ماڻهن جي کمي هئي، تنهن ڪري هي علائقو ويتر زبون ٿي ويو. هن ۾ ايتري همت ڪانه هئي جو قلعي کان ڪوهه پنڌ ٻاهر اچي ڪو شڪار ڪري. وڳوڙي ته رهيا پنهنجي ماڳ! شهر ۾ قلعي جي ڀرسان چورن ماڻهو ٻئي ماريا. ساڳيو حال سرحدن جو هو، هتي به رعيت جي هيڻائي ۽ وڳوڙين جي ڏاڍائيءَ جو سبب اهي ئي افعال هئا.

قره بيگ جي عملداري:

ان کان پوءِ قره بيگ هتان جو حاڪم ٿيو. هن به پنهنجا عامل هيڏانهن ڏياري مُڪا. پهرينءَ سٽ جان محمد ۽ قره بيگ جي ماڻهن سيوهڻ شهر جي پريءَ بازار ۾ وڙهي هڪٻئي جا هڏ ڀڳا. قره بيگ جو ڪارندو آقا محمد ٽڏي تي جان محمد جي هٿان قتل ٿي ويو. ان جي مرڻ ڪري قره بيگ جي ماڻهن جوش مان جان محمد تي جُلهون ڪيون، جيڪو وڃي قلعي ۾ بند ٿيو. ڪو وقت ٻيءَ ڌر جو قلعي تي گهيرو رهيو (۹۹۲-۱). آخرڪار جان محمد هڪ رات درياهه جي پاسي کان قلعي جي ڪنڌي ٽپي فرار ٿي ويو.

قره بيگ جي ماڻهن جا به ساڳيا ئي پر ڪار هئا. اهو ئي سبب هو جو ملڪ هيڪاري وڌيڪ وڳوڙ ۾ پئجي ويو. انهن ٽنهي عملدارين دوران وڳوڙي گهڻو زور وٺي ويا ۽ رعيت جي ٻيڙي ٻڏي ويئي، جا وڳوڙين جي وڪڙ ۾ هئڻ ڪري پنهنجو سڀڪجهه سر تي چاڙهي چڪي هئي. باقي ڪسر جاگيردارن پوري ڪري ڇڏي. ٻئي طرف هنن جي وڏن جڏهن جاگيردارن

جي لشڪر ڪي لانجهو ڏنو تہ هنن جي ٻاڻ ۾ اچي لڳي ۽ هڪ ٻئي جي چنبن ۾ٽڻ ۾ لڳي ويا، جنهن ڳالهہ ويتر ملڪ جو خانہ خراب ڪري ڇڏيو- جيئن ڏيهي آکاڻين ۾ مشهور آهي تہ ڪو شخص ڪنهن پڙيانگ شهر ۾ پهتو (٢٩٩-٢)، جتي واڪاس کهمي ويو هو. حقيقت ۾ ڪوبہ راڪاس ڪنهن بہ ظالم عملدار کان وڌيڪ بدتر نہ آهي.

مير ابوالقاسم جي عملداري پهريون ڀيرو.

قره بيگ جي تبديليءَ کان پوءِ مير ابوالقاسم کي بکر کان آئي سيوهڻ ۾ جاگيردار مقرر ڪيو ويو (١). تڏهن ڳاهن، جوڻيجن وارا سڀ پرڳڻا ۽ خطي جو اڌ پرڳڻو سيوهڻ کان الڳ هو. مير ابوالقاسم هتي اچي ملڪ ڀينگ ڏسي، ڀيدارن کي پاڻ وٽ سڏائي چيو: هر پرڳڻي جا ڳوٺ تفصيلوار لکي ڪاغذ مون وٽ پيش ڪيا وڃن تہ انهيءَ ۾ ڪيترا ڳوٺ آهن: کهڙا آباد ۽ کهڙا ويران ٿا وهن؟ پوءِ ڪاغذ هٿ ڪري ڦٽي ويل ڳوٺن جي ماڻهن جي ڳولا ڪيائين. جتان بہ ڪو مليس، ان کي آڻي ساڳي هنڌ ويهاريائين، هر ڪنهن کي دم دلاسي سان گڏ فصل جي معافي ۽ ٻئي جي رعايت جو پروانو لکي ڏيندو ويو (٣٠٠-٢). رعيت جي باري ۾ ڪنهن بہ چغل خور جي ڪن پرڻ تي ڪو ڌيان نہ ڏنائين. ملڪ جو سرحدون نئين سر ٺاٺن سان محڪم ٿي ويون، ۽ سڀيجن انڙن تي بہ عملدار مقرر ٿي ويا. انهيءَ نموني پهرئين سال ئي ملڪ جا سڪا وڻ ساوا ٿيڻ لڳا، ۽ جتي بہ ڪو وڳوڙي هو، تنهن کي ڌڪ چاڙهي ڀل ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

---

(١) مير ابوالقاسم نمڪين، گهٽو ڪري ١٠٠٨ هہ يا ١٠٠٩ هہ ڌاري سيوهڻ آيو. ۽ لڳ ڀڳ هڪ سال ڪي مهينا نورالدين، موسيٰ گيلاني، گهوڙني ۽ قره بيگ جي هتي عملداري رهي.

هڪ دفعي سنڌس نائب بايزيد (جيڪو سن جي پرڳڻي تي رڪيل هو) جي موجودگيءَ ۾ سميجا سانجهيءَ جي مهل گجر ڳوٺ (١) مان زوريءَ لاکن جو مال ڪاهي ويا، اهو ڳوٺ سن جي سامهون درياهه جي ٻرينءَ پر آهي. بايزيد کي جو غيرت آئي ته اڪيلي سر ٻناڪنهن بازوءَ جي گهوڙي سميت نديءَ ٻيڙيءَ تي چڙهي هن پار پهچي، سميجن تي ڪڙدي ڪيائين. هنن سدا سدورن (٢-٣٠٠) سنڌس گهوڙي جو پيڇو ڪري ڪيس آفت ماري ڇڏيو. اها خبر امير ابوالقاسم کي پهتي ۽ هن گهوڙي تي سوار ٿي سميجن جو ڪس ورتو. ان ڪان اڳ سنڌس ساٿياري درياهه جهاڳي سپاهه سميت سميجن تائين وڃي رسيا ۽ انهن جا ڪم لاهي ڇڏيائون. پوءِ سنڌن سيون وڏي سرها ٿيا. هوڏانهن سميجن جا پريا مڙس ڏٽي ٻرلو، طيب ۽ فريد به اچي پيش پيا، جن کي ملن جي سُنڌين سميت ابوالقاسم وٽ آندو ويو، جو پڻ درياهه پار ڪري، خطي پرڳڻي جي ڳوٺ مهراڻ ۾ اچي گرسيو هو.

صبح جو سميجن جا باقي رهيل سردار به ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري ابوالقاسم وٽ آيا، ۽ چند ڏينن جي ميڙ سان گڏ ڏنڊ ڏوهه پري ٿاپر ۾ اچي ويا (٥-٣٠١).

مير ابوالقاسم پوءِ وينجهڙي وارو قلعو مضبوط ڪيو، جو سميجن وارين وستين جي ڌُن ۾ آهي. ٻيو قلعو ديهه جي ڳوٺ ۾ درياهه جي ڪنڌيءَ سان مضبوط ڪيائين، جو حويلي (سيوهڻ جي حويلي) واري پرڳڻي ۾ داخل آهي، ۽ ٿاڻن تي به پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيائين. اڄ ڏينهن تائين ڪتيءَ ڪن وڏايا جو سميجا ڪجهه ڪين، ۽ هاڻ رعيت سارو ڀل ڏيندا رهن ٿا.

---

(١) گجر ڳوٺ درياهه جي هن پر، سن کان ميل ٻه پري محراب پور جي لڳ آهي، جتي سائي رونجهي رائيءَ جي درگاهه تي ماڻهو ايندا ويندا رهن ٿا.

پئي دنعي باغبانن جي پرڳڻي جا سميجا ٽيپا جن جي ارڏاين جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي، چانڊين سان ملي وڳوڙ پکيڙڻ لڳا. مير ابوالقاسم پاڻ وڃي ٽيبن جي ڳوٺن، ڪنڊڪوٽ، چني ۽ پيٺي (١) ۾ داٻو ڪيو. خريف جو پلو فصل پنهنجي قبضي ڪيائين. ٽيپا ۽ چانڊيا ڪا پيٺي نه ڏسي، منهن پيلو ڪري وٽس آيا ۽ معافيون وٺي مطيع ٿي ويا ۽ وري ڪو ڏقيڙ ڪونه ڪيائون(١٠٣-٢). سڀڏن ڀلِ نيڪ ملندي ٿي رهي.

اهڙيءَ ريت ڪنهن لڳان نوسڙين کي ڪٺيءَ ڪميو سو سيوهڻ جي حويليءَ وارن ڳوٺاڻن جا مال هٽي ويا. ٽيڙهيءَ (٢) جو ٽاٽيدار قلي جان پنهنجي ماڻهن سان هنن جي ڪڍ پيو ۽ ڪين اهڙي مت ڏنائين جو وري نه ڪر کنيائون. هنن جي سردارن به ابوالقاسم سان قول ڪري ڪيس پرچايو. ان ڪان پوءِ انهن جا قافلا ڇٽن پنجن هزارن اٺن سان سيوهڻ شهر ۾ اچي وڻج واپار ڪرڻ لڳا (٣٠٢-١)، جنهن جي عوض هتان جو اناج پنهنجي پاسي سودائي پئي ويا. محصول طور اٺ ۽ دنبا هر پيري پئي ڀريائون.

جڏهن مرزا جاني بيگ فوت ٿيو (٣) ته سندس پٽ مرزا غازي بيگ ٺٽي ۾ هو، ان جي ڪٽن مهٽ لاءِ اڪبر بادشاه سعيد خان (٤) کي بکر ۽ سبيءَ جي جاگير ڏيئي روانو ڪيو. هو دربيلي ۾ اچي ويٺو. مير ابوالقاسم کي حڪم ٿيو ته

---

(١) چني ۽ پيٺو ضلع دادوءَ ۾ آهن.
(٢) ٽيڙهي اڄا سيوهڻ پاسي موجود آهي.
(٣) ٢٧- رجب ١٠٩ هه.
(٤) ڏسو تعليقات.

پاڻ وٽ مرزا غازي بيگ کي ٺٽي مان ڪڍي، شاهي دربار ۾ آڻي پيش ڪري (١). حڪم موجب هن لشڪر سنبرائي اهو ارادو ڪيو ته سعيد خان جي پهچڻ کان اڳ ٺٽي پهچي، مرزا غازيءَ کي زيربار ڪري، آگري وٺي اچي. انهيءَ سانگي هو نصرپورکان وڃي نڪتو، جو شهر ٺٽي واري پرڳڻي جي وچ ۾ آهي، ۽ پنهنجي پوچڻ کان اڳ نوڪرن مان مير عطاءالله مشهدي کي جيڪو شعر ۽ خط جي فضيلت ۾ پنهنجي پت پڙ هو، ايلچي ڪري اڳيان آماڻيائين (٢-٣٠٢).

مرزا غازيءَ کيس چوائي موڪليو ته مون شاهي حڪم جي آڻ مڃي آهي، توهان پنهنجي واپس هليا وڃو، آءٌ به اوهان جي پٺيان اچي وهيو آهيان. ابوالقاسم موٽ ڪائي سيوهڻ آيو. سندس پويان مرزا غازي به پهچي ويو. ابوالقاسم ان کي ماڻ ڪري سعيد خان وٽ آندو ۽ ٽيئي ڄڻا اتان گڏجي گاديءَ جي هنڌ آگري ۾ آيا (٢). هي جڏهن شاهي دربار مان بارياب ٿيا ته بادشاه قنڌار جو صوبو ابوالقاسم جي حوالي ڪيو ۽ کيس بکر، سبي ۽ سيوهڻ جا علائقا به تنخواه طور ڏنا ويا، ۽ شهم بيگ خان کي اتان بدلي ڪيو ويو. جڏهن اڪبر بادشاه دنيا کان منهن موڙيو (٣) ته جهانگير شاهي تخت تي ويٺو.

سردار خان جي عملداري

جهانگير، توختہ بيگ خان کي ڪابل مان بدلي ڪري،

---

(١) اڪبرنامي مان معلوم ٿو ٿئي ته اهو فرمان ٤٧ سال اڪبري ١٠١١هه ڌاري صادر ٿيو هو. ان باري ۾ ابوالفضل لکي ٿو ته ابوالقاسم نمڪين کي حڪم مليو ته مرزا غازيءَ کي پنهنجي غلام خسرو خان سان، جو سندس اعتماد جوڳو آهي، شاهي دربار ڏياري موڪلي (٣-٨١٦).

(٢) ڏسو تعليقات.

(٣) ١٢ جمادي الثاني ١٠١٤هه (٢٥ آڪٽوبر ١٦٠٥ع)

(٣٠٣–١) ڪيس 'سردارخان' جو لقب ڏيئي، بکر، سبي ۽ سيوهڻ جـو جاگيردار مقرر ڪيو؛ قندار جو صوبو پڻ شهه بيگ جي بدران هن جي هٿ هيٺ رهيو. مير ابوالقاسم کي جلال آباد جي مهم تي رکيو ويو. سردار خان اڃا ملتان پهتو مس ته شهه بيگ خان کي شاه عباس (ايراني) جـي لشڪر قندار جـي قلعي ۾ سوگهو ڪٽي ڪيو. جهانگير مرزا غازي ۽ قره بيگ کي دار دار لشڪر ڏيئي قندار موڪليو، جي اڃي سردار خان سان مليا ۽ گڏجي قندار ڏانهن راهي ٿيا. رستي ۾ قره بيگ فوت ٿي ويو. مرزا غازي ۽ سردار خان قندار وڃي رسيا. شاه عباس جو لشڪر چغتائي فـوج اڳيان ڪو چارو نه ڏسي، جتان آيو هو اوڏانهن هليو ويو (١). مرزا غازي بيگ کي واپسيءَ جو فرمان مليو (٢) ۽ قندار جـي صوبه داري سردار خـان تائين رهي (٣). تڏهن درويش بيگ نالي سردار خان جو ملازم سيوهڻ جو حاڪم هو. هو گهوڙئي جي پٽ ماڻڪ سان ملي سميجن تي ڪاهي ويو ۽ ڏيڙان جي ڳوٺ ۾ وڃي ويٺو. هڪ رات سميجن تاڙ ڀڏي هن جي لشڪر کي راڻاهو ڏنو، جنهن ۾ هن جا پنج سو ماڻهو مارجي ويا. انهيءَ رات ماڻڪ پير کوڙي پاڻ ملهايو؛ صبح ٿيڻ تي درويش خان دل نه جهلي سگهيو ۽ سيوهڻ موٽي آيو، جتي فوت ٿيو. وقائع نويسن اها خبر جهانگير تائين پهچائي.

مير ابوالقاسم جي عملداري، ٻيو پيرو

سردار خان جي تبديليءَ تي سيوهڻ جي جاگير (٣٠٤–١)

---

(١) ڏسو تعليقات.

(٢) ڏسو تعليقات.

(٣) ڏسو تعليقات.

(٤) ڏسو تعليقات.

مير ابوالقاسم کي ملي (٣) هي آن وقت باجور جي ڏاڏي ڏي مامور هو. الئان راقم الحروف (يوسف ميرڪ) کي پنهنجن ساٿين جي جڻي سان سيوهڻ موڪليائين. ۽ پڻيان پاڻ هلندو آيو. پنهنجي اکين سان ملڪ جي ويراني جا حال ڏٺائين ۽ وري رعيت کي سرچائي ملڪ آباد ڪيائين. ايتري ۾ سردار خان قندار ۾ فوت ٿي ويو (٤). سندس جاءِ تي مرزا غازي مقرر ٿيو، مير ابوالقاسم کي بہ حڪم مليو تہ مرزا غازيءَ سان گڏجي قندار وڃي. حڪم موجب هي سيوهڻ ڇڏي بکر ۾ وڃي مرزا غازيءَ سان مليو. پيئي اجا سنبت ۾ هئا تہ ايتري ۾ مير ابوالقاسم کي جهانگير پاران حڪم مليو، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي تہ "اڳئين عملداريءَ دوران بدبخت سميجن اترن، لاکن سٽان ڪاهي کين تاراج ڪيو هو ۽ سندن ملڪيتون ڦٻائي ويٺا هئا (٤٠٣-٢)، سو هنن جهانگير بادشاہ جي دربار ۾ وڃي داںهن ڏني هئي. جهانگير کين مير ابوالقاسم ڏانهن دادرسيءَ لاءِ پروانو لکي ڏنو هو تہ "لاکن جون ملڪيتون سميجن کان هٿ ڪري هنن کي ڏيارجن ۽ سميجن کي پوريءَ طرح سيکت ڏني وڃي جيئن وري نہ اهڙي بڇڙائي ڪن، جيڪڏهن اهو ڪم توکان نہ پڇي سگهي تہ جلد جواب موڪل جيئن اهو بار ڪنهن ٻئي تي وڪيو وڃي ۽ مظلومن کي ظالمن ونان ڪو حق پئي پوي."

اهڙيءَ ريت مير ابوالقاسم کي هڪ ئي وقت بہ حڪم

(٣) مير ابوالقاسم صفر ١٠١٦ھ ۾ باجور جو ڏاڏيدار ٿيو. انن مهينن کان پوءِ رمضان ١٠١٦ھ ۾ ٻيهر سيوهڻ جو صوبہ دار ٿي آيو. (ڏسو تذڪره اميرخاني، سيد حسام الدين راشدي)

(٤) سردار خان ١٠ رمضان ١٠١٦ھ کان اڳ فوت ٿيو. (ڏسو تذڪره اميرخاني) -

(٥) ڏسو تعليقات.

ملیا تہ مرزا غازيءَ سان گڏجي قنڌار وڃي، پيو ھي تہ سيھجن کي سيکت ڏيئي لاکن جون ملڪيتون واپس ڪرائي (٥٠٣-١). ھئي پاسي سيوھڻ ائين ئي ويران پيو ھو ۽ اداڻي پرڳڻا (ٻہ ڳاھن ۽ جوٽيجن وارا ۽ اڌ خطي وارو) اڃا مير ابوالقاسم جي جاگير کان الڳ نہ ٿيا ھئا، جن جي آبادي اوج تي ھئي.

مير ابوالقاسم جي مرضي ٿي تہ پنھنجي پٽ ابوالبقا کي پرجهلا ماڻھو ساڻ ڏيئي مرزا غازي بيگ جي ھمراھيءَ ۾ روانو ڪري ۽ پاڻ سيھجن انڙن کي ڇَمُ ڏيڻ لاءِ سيوھڻ ۾ رھي پوي، پر مرزا غازيءَ اھا ڳالھہ قبول نہ ڪئي، چي: اوھان منھنجي پيءُ جي جاءِ تي آھيو، سون سان سياڻن وارو سنگ ڪري، ھڪ دفعو سون کي قنڌار ھلي، پھچائي، ملڪ جي انتظام ۾ منھنجو ساٿ ڏيو، پوءِ پلي پنھنجي جاگير ڏانھن واپس ھليا اچو. مير ابوالقاسم لاچار ٿي چار پنج سو قديمي مغل ساڻ ڪري مرزا غازيءَ جي رفاقت اختيار ڪئي. ويندي ويل ابوالبقا کي پنھنجي جاءِ تي سيوھڻ ۾ ڇڏيائين ۽ ھڪ فرمان لکي ڪيس ڏنائين تہ توکان جيتري قدر پڄي سگھي (٥٠٣-٢) بد بختن سيھجن تي سختي ڪري وھجانءِ جيئن لاکن کي پنھنجو سال موٽي ملي.

ابوالبقا، مرزا غازيءَ ڏانھن منھن ڪري چيو: جڏھن سيھجن سان ڪا سختي ڪئي ويئي تہ ھو نصرپور پڄي ٿا وڃن جنھن جو تعلق اوھان سان آھي. انھيءَ لاڳاپي جي ڪري ھو قاسم خان ارغون وٽ وڃي پناھي ٿا ٿين، ان حالت ۾ سون لاءِ ڪھڙو حڪم آھي؟

مرزا غازيءَ جواب ڏنو تہ ڪيئن بہ ڪري سيھجن کي سيکت ڏيٹي آھي، سو ھو جتي بہ اوھان کي ھٿ اچن ڪين بنا پڇڻي قتل ڪري ڇڏيو؛ ھنن جا پار پچا پڌي، سندن الھہ تلھہ باقي

نہ رهايو. مير ابوالبقا چيو تہ پوءِ پلاڻي ڪري مون کي ٻہ لفظ لکي ڏيو جيئن پوءِ پرينهن مون تي ڪا ميار نہ اچي. مرزا غازيءَ پنهنجي مُهر سان اهڙو اختيار لکي، ابوالبقا کي ڏيئي ڇڏيو (١٠٦-٣-١) ۽ پاڻ مير ابوالقاسم سان قندار ڏانهن واهي ٿي ويو (١).

مير ابوالبقا بکر کان سيوهڻ روانو ٿيو. وات تي جلدهن جوڻيجن واري پرڳڻي ۾ پهتو تہ اهو پرڳڻو مرزا غازيءَ جي جاگير ۾ هو، اتان جي عاملن ابوالبقا وٽ اچي ڪيس دانهن ڏني تہ ڳچيري وارا سميجا بڪيجا نافرماني ٿا ڪن ۽ ڍل ڏيڻ کان بہ انڪاري آهن. ابوالبقا اتان ئي ڳچيري ڏانهن وريو. بڪيجا ڪاهيون ڪوئي، چوڌاري لوڙها ڏيئي، ويٺا هئا. جنگ جون تياريون تہ اڳ ۾ ئي ٿيل هيون، سو ٻنهي ڌرين ۾ اچي ڦڙڪ مچو. ابوالبقا جا ڪيئي سپاهي ۽ ٻہ گهوڙا زخمي ٿي پيا. نيٺ لوڙها ٽپي، هو اندر ٿيو (١٠٦-٣-٢) ۽ ڪيترن کي قتل ڪيائين. پيا سردار ڪڪ وات ۾ ڪري اچي پيش پيا، جن کي هو مرزا غازيءَ جي عملدارن جي هٿ ۾ ڏيئي، پاڻ سيوهڻ پهتو ۽ سميجن جي وڏيڪ سڏ وٺڻ لاءِ درياهہ اورانگهي اڳتي وڌيو. ان کان اڳ سميجا ٽڙي پکڙي ياچ ۾ پيا، ۽ ڪي جيسلمير جي پٽن ڏانهن تہ ڪي نصرپور هليا ويا.

مير ابوالبقا سندن پٺ نہ ڇڏي ۽ نصرپور جي واڄڏانيءَ ۾ هالاڪنڊيءَ تائين هڪليندو ويو. آتي خبر پيس تہ طالب نالي سميجن اٺڙن جو سردار پنهنجن ساٿين سميت سانڪڙي جو پاڻي جهاڳي نصرپور جي پٽن ڏانهن پيو وڃي. هو آن جي ڪڍ پيو،

---

(١) مير ابوالقاسم جي عملداري ٻئي پيري شوال ١٠١٦هہ کان رجب ١٠١٧هہ تائين هلي. رجب ١٠١٧هہ ۾ مرزا غازي سان قندار ويو. (تذڪره اميرخاني)

الت وچي اگهہ ورتائينس. طالب سميجي کي (۷-۳۰-۲) نصرپور جي واريامين پڻ تائين پهچڻ جي به مهلت نه ملي.

انهيءَ درس ۾ صدگر (صيدگر) نالي قلعو هو جنهن ۾ قاسم خان اوزون جو چانو شر بيگ (۱) پئي رهيو. طالب پنهنجي ماڻارين سميت الي وچي ڻانيڪو ڻيو. ابوالبقا به اچي قلعي کي ڪوڙو ڏنو، ۽ اندران تيرن، توبن ۽ بندوقن ڏم لائي ڏني. شاهي لشڪر پهريون وار سهسائي، جنگي هاٿي اگهيان ڪري، قلعي جو در اچي جهليو. خدا جي فضل ۽ بادشاهي اقبال سان هاٿين هڪ ئي ڌڪ ۾ قلعي جي در جا تختا ڪيري چڙيا ۽ لشڪر اندر ڏوڪي ويو. سميجن نياڻين جي اچي ڦيٽي، هزار پارهن سو ڏڏي تي قتل ٿي ويا. طالب قتل ٿي ويو. ائين مير ابوالبقا جي سوپ ٿي.

پوءِ هو واپس ٿي (۷-۳۰-۲) سميجن انڙن جا ڳوٺ- صاپو، وينجهڙو، ڪانڙي، ڏيڙان ۽ جانڙو زير ڪندو، سيوهڻ جي ماسهون منديهجي واري ڳهيڙ وٽان درياهه اڪري سيوهڻ ۾ آيو.

سميجن پنهنجي "بدذاتي بد بنيادي" موجب الاڻ ٿري خطي واري پرڳڻي ۾ اچي ماندائڻ مچايو. ابوالبقا وري سيوهڻ چڙي باغبانن ۾ سميجن ٽيپن تي ڪاهي وڃڻ جو بهانو ڪري اڳتي وڌيو. جڏهن پاٽ ۾ پهتو ته اڳياڙيءَ جي نماز مهل مُهري وارو ڳهٽ ٽپي، سانجهيءَ ڌاري سميجن تي ڪاهه ڪيائين. ان رات، پئي ڏينهن ۽ ٻيءَ رات جيسلمير جي رڻ پٽ جو پاسو ڏيئي ڪاهيندو ويو، ۽ سوير صبح جو ست ڪوهه پنڌ جا هٽي ڏيڙان جي ڳوٺ تي ڪاهي، سميجن انڙن جا پنج سو ساٺهو (۱-۳۰۸) ماري وڌائين ۽ ڪيترا قيد ٿي ويا. پوءِ انهن جا ڍور ڍڳا

---

(۱) ڏسو تعليقات.

جيڪي شمار کان ٻاهر هئا ابوالبقا جي ماڻهن پنهنجي قبضي ۾ آندا.

ابوالبقا اتان منزل ڪٽي گجرن جي ڳوٺ ۾ آيو، جتي لاڪن ستوهه پريس ته اسان جي حفاظت لاءِ ٻه هتي ڪو قلعو هڻڻ کپي، جنهن ۾ سرڪاري ٿاڻو قائم ڪيو وڃي. سندن چوڻ تي قلعو اڏائي، ان کي جهانگير آباد جو نالو رکيو، ميرابوالقاسم جي پراڻي ملازم فتح عليءَ کي پنهنجي ڪٽڪ سان اتي ٿاڻيدار مقرر ڪيائين ۽ پاڻ سيوهڻ هليو ويو.

سندس واپسيءَ جي خبر نصرپور ۾ جڏهن قاسم خان اوغون تائين پهتي تہ ٻاهران ڦيڪائي ظاهر ڪندي، صيدگر (١) جي قلعي ڊاهڻ جي بهاني پنهنجن پٽن، جنداني ۽ فتحي، کي سميجن انڙن ۽ سوڍن سان هڪ هزار سوار ۽ ٻه هزار پيادا ماڻ ڏيئي جهانگير آباد جي قلعي ڏانهن چاڙهي موڪليائين. اهو لشڪر جڏهن (٨٠٣-٢) جهانگير آباد جي قلعي جي ويجهڙائيءَ ۾ پهتو تہ ابراهيم نالي هڪ افغان شڪار سانگي اتي پئي ڦريو، جنهن فتح عليءَ کي وڃي خبردار ڪيو.

فتح علي پنهنجا توپچي ۽ تيرانداز قلعي جي ٻانهينءَ تي بيهاري، پاڻ ڦڙتائيءَ سان پنهنجن ماڻهن سميت جيڪي وٽس موجود هئا، قلعي کان ٻاهر اچي، قلعي جي ڪاهيءَ ۽ لوڙهي جي وچ تي ٿي بيٺو. هن ڊر جو لشڪر ڊوڙي قلعي کي گهيرو ڪرڻ وارو هو تہ مٿانئس تيرن ۽ گولين جا وسڪارا ٿي ويا، ٻهرئين ئي حملي ۾ خدا جي فضل سان دشمن جا ڏهہ پندرهن ماڻهو جيڪي بروقت قلعي ڏانهن وڌي آيا هئا، پٽ تي ڇڙيون هڻڻ لڳا، باقي لشڪر بيهي نہ سگهيو ۽ شڪست کائي موٽي ويو.

---

(١) انهيءَ قلعي جا آثار اڃا تائين نصرپور جي ڀرسگردائيءَ ۾ موجود آهن.

فتح عليءَ هن آيت جي آسري:

كم من فئة قليلة غلبت فئة كثيرة باذن الله

(خدا جي حڪم سان ڪڏهن ٿورائيءَ وارا گهڻائيءَ
تي غالب پئجي وڃن ٿا-)

انهن جي پوئيان پٺي (١٣٠٩-١) ويهارو ڪن پيا ماڻهو به سنڌن لشڪر مان ماري وڌا، ۽ انهن جون مسيون ڏڙن ڪان ڏار ڪري مير ابوالبقا ڏانهن سيوهڻ ڏياري موڪليائين. تهان پوءِ سمجن آنڙن ابوالبقا جي عملداريءَ ۾ ڪا به هوڙهيائي نه ڪئي. لاڪن ڪي پنهنجو مال موٽائي ڏنائون ۽ پيءَ رعيت وانگر ڍل ڀيچائيندا رهيا.

مير ابوالقاسم هڪ سال تائين مرزا غازيءَ سان گڏ قنڌار ۾ هو، ان کان پوءِ اجازت وٺي پنهنجي جاگير ڏانهن روانو ٿيو. اڃا پنڌ ۾ ئي هو ته سنڌس ڏينهن اچي پورا ٿيا ۽ وڃي پنهنجي مولا سان مليو (١).

هنن واقعن بيان ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته مير ابوالقاسم باوجود ان جي جو سيوهڻ جي سڄي واڇڏاني سندس جاگير ۾ نه هئي، پيئي دفعا سيوهڻ جي علائقي کي جيئن چئجي تيئن پنهنجي ضابطي هيٺ رکيو. ان جي مهابي ئي هتان جو لشڪر پين علائقن جي وگڙن جي گوشماليءَ لاءِ سرڪار جو ساٿ ڏيندو رهيو. ملڪ جي آبادي ۽ فسادين جي بربادي‌ءَ جو انهيءَ کان وڌ پيو ڪهڙو مثال ٿي سگهي ٿو!

مير ابوالقاسم جي عملداريءَ جو دور (پيئي پيرا) ڇهن سالن تائين هو. رعيت کي هن انصاف جي روءِ سان فصل ۾ معافيون ڏنيون، ڪيترن هنڌن تي پوکي راهيءَ سان صرف ڏيون

---

(١) ڏسو تعليقات.

يا چوٿون حصو وصول ٿئي ڪيائين.

پاڻ وقت جي عالمن ۽ فاضلن کي چڱو مان ڏيندو هو، انهن لاءِ روزگار جي وسيلن جو بندوبست ڪيائين. هتان جي ڪيترن عالمن فاضلن کي اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ پنهنجي پاران وظيفا ڏيئي پاڻ مان ميران صدر جهان (١) جي خدمت ۾ وٺي ويو، ۽ پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجي لياقت موجب شاهي پروانا ۽ راهه خرچ ڏياري وري سيوهڻ پهچايائين.

شمشير خان جي عملداري، ٻهريون پيرو

جهانگير کي جڏهن مير ابوالقاسم جي حالاٽي جي خبر پهتي ته شمشير خان اوزبڪ (٢) کي پنهنجي غلام زادن سان گڏ سيوهڻ ۾ مامور ڪيائين. مير ابوالبقا (٣١٠-١) شمشيرخان جي شراڪت قبول نه ڪئي ۽ پنهنجا ٻار ٻچا وٺي دارالخلافه آگري ۾ جهانگير وٽ وڃي پهتو. بادشاهه سيوهڻ جو معمورو علائقو شمشير خان اوزبڪ جي جاگير ۾ ڏيئي ڇڪو هو. پر او پاوڙو، گنجابو ۽ لانگاهن جي رهڙي ابوالبقا جي حوالي ڪيائين ۽ شاهي فرمان موجب آئي جا مڙئي قبيلا هن جا مطيع ٿي ويا.

"راقم الحروف (يوسف ميرڪ) ان ڏينهن
کان پنهنجو منصب ترڪ ڪري روزگار
جي جزوي مدد تي قانع رهي سيوهڻ ۾
گوشي نشين ٿيو."

شمشير خان اوزبڪ به هن ملڪ کي چڱو آباد ڪيو ۽ گهڻو لشڪر گڏ ڪيائين. هن وٽ ست سو اهڙا اوزبڪ جوان موجود هئا جن مان سو کن سگهارن جوانن کي سدائين جڙائو

---

(١) ڏسو تعليقات.

(٢) ڏسو تعليقات.

پڳڙا مٿي تي ٻڌل هوندا هئا، سنڌن چيلهه سوني خنجر ۽ ترار سان سنواريل هوندي هئي ۽ روپهري زينون ران هيٺان ڏني رکيائون. هر هڪ وٽ (١٠٣١-٢) ست اٺ عراقي ۽ ترڪي گهوڙا هوندا هئا باقي ٻين وٽ گهٽو ڪري ٻه گهوڙا (عراقي ۽ ترڪي) هئا. سنڌن ترارين جا مُٺيا چانديءَ سان ٺهيل هئا.

هن هر هنڌ مضبوط ٿاڻا قائم ڪري سرحدون سوگهيون ڪيون، سنڌس سپاهه کي ڏسي سميجن اڙن توڙي ٻين وڳوڙين کان به سرڪشي نه ٿي ڪئي ۽ جيئن تيئن وقت پئي گذاريائون.

مرزا غازيءَ جي مرڻ کان پوءِ (١) مرزا رستم قنڌاريءَ (٢) سان گڏجي، ٽي هزار چار سو اوزبڪ سوار ساڻ ڪري شمشير خان ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي سماواتي علائقي وارن سميجن دلن سان ڏاڍا ڪلور ڪيائين، جيئن اڳ ۾ چاڙهيو ويو آهي. ائين ملڪ هٿ ڪندو، وچي ٺٽي پهتو ۽ هڪ سال تائين اتي شاهي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو (٣). ساڳئي وقت سيوهڻ جو انتظام به سنڌس سنڀال هيٺ رهيو. هڪ سال کان پوءِ وري سيوهڻ واپس آيو.

مير ابوالبقا جي عملداري

ٺٽي جو صوبه دار تاج خان (١٠٣١-١) وفات ڪري ويو ته (٤) شمشير خان کي آتان جي صوبه داري ڏني ويئي. ابوالبقا (٥)

---

(١) ١١ صفر ١٠٢١هه، قنڌار ۾ فوت ٿيو.

(٢) مرزا رستم ١٠ محرم ١٠٢٢هه ۾ ٺٽي پهتو. (ڏسو مآثرالامراء ج ٣ ص ٤٣٤-٤٤. ذخيره الخوانين ص ٥٧ ۽ تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعراء ٨٨)

(٣) ڏسو تعليقات.

(٤) ڏسو تعليقات.

(٥) ڏسو تعليقات.

کي مرزا دوست محمد جي شراڪت سان سيوهڻ جي جاگير تي مقرر ڪيو ويو، پر مرزا دوست محمد کي وري ملتان جو خزانو قندار ڀچائڻ جو حڪم مليو. هو اوڏانهن هليو ويو ۽ ابوالبقا پنهنجي استعداد موجب سيوهڻ جا (هيٺيان) ٻه ٽي پرڳڻا ضابطي ۾ رکيا ۽ هن علائقي جي ڪن فسادين تي چڙهيون ڪاهون ڪيائين:

١- باغبانن واري پرڳڻي ۾ چانڊين ۽ سميجن ٽيپن ڪونس شروع ڪري ڏني، انهيءَ پرڳڻي جا ٻه حصا مرزا دوست محمد جي جاگير هئا. هن جي عملدارن اچي ابوالبقا جو در ورتو جنهن سيوهڻ مان سنبري، رات ڏينهن منزلون هڻي، ٻئي ڏينهن مانجهاندي جي ماپ ۾ اڪبر آباد پهچي، گهوڙن کي داڻو پاڻي ڏيئي، ساهي پٽائي، سانجهيءَ جو (٣١١-٢) وري اڳتي وڌڻ جي ڪئي. ائين رات ڏينهن وڃي اڌ ڏينهن آخر وڃي داڙو بند واري نڪر جي هيٺانهينءَ ۾ چانڊين تي چڙهائي ڪيائين، جنهن ۾ انهن ”چنڊالن“ جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترا ٻڌجي پيا.

موٽ تي وري باغبانن جي پرڳڻي ۾ سميجن انڙن جا تختا ڪيڏيائين، سندن سردار گهوريو ٽيپو قيد ٿي ويو جنهن کي پاڻ سان گڏ سيوهڻ وٺي آيو. نتيجو اهو نڪتو جو وري چانڊين ٽوڙي سميجن ٽيپن ڪنهن جو نانءُ نه ورتو ۽ ماٺڙي ڪري ڏيل پچائيندا رهيا.

٢- هڪ دفعي نومڙين ڏاڍائي ڪري سيوهڻ جي پرڳڻن وارن گوٺن ۾ رڻ ٻاري ڏنو. ابوالبقا لنڊي جبل ۾ وڃي، ساڻن اٽڪيو. انهن بدبختن جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ۽ رعيت کي مال واپس مليو (٣١٢-١)، ۽ هنن پيش پئي، قول قرار ڏيئي، جان ڇڏائي. انهن جا قافلا وڻج واپار سانگي سيوهڻ ۾ ايندا رهيا ۽ هر فصل تي آٽ ۽ دنبا پئي پهچايائون.

٣- مير ابوالبقا پنهنجي هڪ خدمتگار منظور کي

جهانگير آباد جي قلعي (لاکن واري ٽڪريءَ) ۾ پنجاهه سوارن سان مقرر ڪيو ۽ جمال خدمتگار کي سميجن آنڙن واري ٽڪريءَ تي رکيائين. اتفاق سان منظور خدمتگار کان سميجن تي ڪاهه ڪئي، جا خبر اڳواٽ سميجن کي پئجي چڪي هئي. سو هن جي پٺ وٺي سندس گهٽ سوکها ڪيائون، جيڏانهن به ڪاهڻ جي پئي ڪيائين ته سميجن مٿس وار تي ڪيا. انهيءَ چڪتاڻ ۾ ڏهه پندرهن سپاهي مارجي ويا. سندن گهوڙا، هٿيار ۽ نغارا سميجن پنهنجي هٿ ڪيا. منظور ميدان هارائي جهانگير آباد جي قلعي پيڙو اچي ٿيو.

جڏهن ابوالبقا کي پتو پيو ته پاڻ بخار ۾ پيو هو ۽ سواري نٿي ڪري سگهيو، تنهنڪري پنهنجي وڏي پٽ عتيق الله کي پنهنجن ماڻهن (سڻن مائٽن ۽ سپاهين) سان گڏي کين سميجن جي مهم سپرد ڪيائين. هو جڏهن جهانگير آباد جي قلعي ۾ پهتو، تڏهن سميجا ڪن ماڻهن کي وچ ۾ آڻي مقتول سپاهين جا گهوڙا سامان سميت ڪاهي آيا ۽ نغارا به ڏنائون ۽ ڏنڊ لاءِ به آڻا ڏنا. عتيق الله کي جيئن ته جوانيءَ جي هوا مٿي ۾ هئي، ان ڪري صلح بدران جنگ لاءِ بنش ڪيائين. هوڏ منجهان اچا صاپوءَ واريءَ ڍنڍ تي پهتو ته پريان جوار جي پوک جي پويان پرو پس (٣١٣–١)، جتي سميجا پار پچا ۽ ڍور ڍڳا جيسلمير جي پٽن ڏانهن روانا ڪري، پاڻ گهٽ وٺيو ويٺا هئا. عتيق الله سندن پير کنيو، ويهارو کن جاڻا جوان پنهنجي سوٽ ڪامل سان اڳتي ڏياري موڪليائين ۽ پاڻ به هڪيو تڪيو انهن جي پويان روانو ٿيو. پنهي ڌرين جي وچ ۾ اڃا ڪوهه پڻ جي وٿي هئي ته سميجن عتيق الله جي فوج جي سامهون اچي ويڙهه شروع ڪري ڏني. الاتوهار ۾ ٽيهه چاليهه جوان جيڪي لشڪر جي اڳ ۾ ويا پئي، سميجن انهن جي گهوڙن کي ورائي، سڀني جو خاتمو ڪري ڇڏيو، خود سميجن جا به ڪيئي همراه قتل

ٿي ويا. مرزا عيسيٰ ترخان جو سالو لاکو پٽ پريو (سميجن جو سردار) به هن جنگ جو ٻيڪ ٿي ويو. پوءِ سميجا نغارن واري اٽ جي ڪڍ پيا (٣١٣-٢) ۽ لشڪر جي هار ٿي ويئي. عتيق الله اٺ تان نغارا لاهي، خچر تي رکي، ڏهن پندرهن سوارن سميت شڪست کاڌل لشڪر جي پٺيان جهانگيرآباد جي قلعي ۾ اچي پهتو.

ابوالبقا اها خبر ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ جيئن تيئن ٿيو پيو هو تيئن ٿي بسترو ڇڏيائين ۽ درياهه ٽپي خطي واري پرڳڻي جي ڳوٺ مهراڻ ۾ آيو. انهيءَ ڳوٺ ۽ جهانگيرآباد واري قلعي درميان ٻارهن ڪوهن جو فاصلو هو. سميجن سيڪجهه پئي جاچيو، ۽ آخر ڪي ماڻهو وٺي اچي ابوالبقا جي آڻ مڃيائون. عتيق الله وارو لشڪر به اچي ساڻس گڏيو. سميجن ڏوهه بخشائي دل ڏيئي ڪئي. ابوالبقا آتي ٿي مهراڻ ڳوٺ ۾ ترسي پيو ۽ خريف ۽ ربيع جا معاملا (٣١٤-١) نبيريائين.

آتان ٿــي وري سميجن انڙن جي ڀڙي پاسي ڏانهن رخ رکيائين. انهيءَ وچ ۾ ڏاريجا ۽ مناهيجا ساڻس وعدا وعيد ڪري وچي پنهنجن گهرن ۾ قراري ٿيا، سندن سردار ڏٽي پرٿو ۽ طيب ابوالبقا سان گڏجي نڪتا، ٻوات تي راهوجن، فيروزيجن ۽ منگواڻن به اچي پرچاءُ ڪيو.

ابوالبقا تتي اونهاري ۽ سيوهڻ جي ڪوسين هوائن ۾ ڪچڙي منجهند جو مهراڻ جي ڳوٺ مان هلي، ٻيپهريءَ جو وينجهڙي ۾ آيو، جو سميجن انڙن جي ٽاڪن جو دڙ هو. هن جا سپاهي جهنگ جهر ۾ جاکوڙون ڪري به هزار ڍڳا ۽ راهوجن جا ڪي ماڻهو گهلي آيا. هيءُ اها رات وينجهڙي جي ڍنڍ تي ديرو دمائي ويٺو. پنهنجي سپاهه کي چيائين ته آءٌ اڳتي وڃــڻ ٿو چاهيان، سون کي سميجن جا سر کپن، انهن جي مال سان

منهنجو ڪو مطلب ناهي. ائين چئي، ڪين حڪم ڏنائين ته اهي ڍڳا تراوين سان ڪهي ڇڏيو، جيئن اوهان کي انهن جي ڪا چنتا نه رهي. سپاهين حڪم جي پوئواري ڪئي. ٻئي ڏينهن ڏوپهري تائين اتي رهي، اڳينءَ جي نماز ڪان پوءِ سوار ٿي، سميجن ڏانهن وُوڙ ڪيائين. رات ڏينهن سواري ڪري فجر جو ڪنوهڙ واري ڍنڍ تي پهتو. نماز پڙهي، هٿيار ٻڌي گهوڙن کي هَنو رکيائين. اڃا منجهند ڪانه ٿي هئي ته هالاڪنڊي واري پرڳڻي جي ڳوٺن وٽ پهچي، منگواڻن جي مٿان وڃي پيو. ڪيترن ٻاڳ ڦين کي ڦٽڪائي، ڪن کي چوکنيو ڪري ٻڌائين ۽ ولر مال جا پنهنجي هٿ ڪيائين. ٻڇاڙيءَ مٺن جو مُنڍيون لاهي ٺٽي جي مير مظفر خان وٽ مڪائين. وري ساڳئي رستي موٽي اچي سميجن انڙن جي ماڳ تي (٢-٣١٥) جهانگير آباد جي قلعي ۾ پير کوڙيائين. چئني پاسن کان سميجن انڙن اچي هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ پنهنجن وڏيرن سان گڏجي پنهنجن تپن ڏانهن واپس ويا. هاڻ وڻائن ڍل جي اڳاڙي ٿيندي رهي.

ٻئي دفعي، سيوهڻ جي خاماڻي شورن واري ڳوٺ تي ڪاهي ويو. آلان ڦري، سن وڻان ٿي، وينجهڙي واري قلعي جي مرمت ڪرائي اتي خيما کوڙيائين. روزانو آڙين، تترن ۽ ڦاڙهن جا شڪار ڪندو رهيو. سميجن جتان ڪٽان ڍلون ٻئي ڏنيون. وينجهڙي وارو پاسو شڪار لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي، سو ابوالبقا خريف ٿائين اتي رهيو. پوءِ سميجن انڙن مان هڪ هڪ کي هٿيڪو ڪري، مير ڪامل کي سپاهه سان قلعي ۾ رهائي، جوڻيجن جي پرڳڻي ڏانهن وڪ وڌايائين.

ايتري ۾ خبر پهتي ته ٺٽي جي صوبه داري مظفر خان (١) کي ڏيئي (٢-٣١٥)، شمشير خان اوزبڪ کي سيوهڻ موڪلي،

---

(١) ڏسو تعليقات.

ابوالبقا کي مظفر خان جي تابع ڪري، ننهن ۾ جاگير ڏني وئي آهي. ابوالبقا اهو ٻڌي جوڻيجن جي ڳوٺ ڪان ٻوڻتي وري خطي پرڳڻي واري ڳوٺ رفيعن ۾ آيو، جو سميجن جو سرداري ماڳ آهي. هتي پهچي سميجن کان بقايائون وصول ڪرڻ لڳو. وينجهڙي ۾ جيڪو لشڪر هو، تنهن کي هيڏانهن گهرائي، سميجن کي دٻائي، انهن کان اٺ گهوڙا بقايا ۾ وصول ڪندو ويو. اٿين ڪندي شمشير خان جا ماڻهو اتي پهچي ويا. ابوالبقا ڏٺو ته هاڻ ڳالهه هٿن مان وڃڻ واري آهي، سو جتي رهيل هو، وسندي سيئهن ۾ آتان چڙهي سميجن جا ٻه ٽي هزار ڍڳا ڦري، ڪاهي وڃي سيوهڻ نڪتو. شمشير خان ننهي مان اچي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ واپس ننهي روانو ٿي ويو (٦١٦-٣١٦). سميجن جو اچا نيا ڳ ۾ منهن هو ڪنهنڪري سڏا نه پئي هليا. ابوالبقا بدين (٢) وڃي، سندن ڪيترن ئي سرڪردن کي قاميءَ تي چاڙهيو.

شمشير خان جي عملداري، ٻيو پيرو

هن دفعي شمشير خان سيوهڻ ۾ آيو ته سميجن اتڙن وري سرڪشي شروع ڪئي (١)، ڪيترن سوداگرن کي خشڪي ۽ ترريءَ وارن رستن مان تاراج ڪيائون. هڪ پيري ڪي سوداگر هزارڪن آڻن جي وڳ سان ننهي کان بکر پئي ويا. جڏهن هالا ڪنديءَ ۾ آيا ته کين درياهه آڪري سيوهڻ ڏانهن وڃڻ ۾ دشواري نظر آئي، چاڪاڻ ته درياهه جي ڀترئين پاسي سميجن

---

(١) شمشير خان جي اچڻ کان، پوءِ ابوالبقا کي چاچڪن جي پرڳڻي مان بدين، چاڪرهالي جي راڄڌانيءَ مان نيرون ڪوٽ ۽ شال جي جاگير ملي هئي:

(٢) ڏسو تعليقات.

جو راڄ هو ۽ اورئين پاسي کين جبل جيڏو پنڌ جهاڳڻو ٿي پيو. لاچار کن سميجن کي ساڻ ڪري انهن رهزنن وارو ڪس ڏيئي هليا. اچا سميجن جي ديهہ ۾ پير پاتائون تہ هو سوداگرن سان ڪيل سڀ اقرار ڀڃيءَ ڀويان اڀلائي مٿن ڪاهي آيا ۽ ڌاڙو هڻي مندن آٽ ڪڍي ويا.

ٻئي پيري ٿٽي جا سوداگر اوني ۽ ريشمي ڪپڙن جون ٻيڙيون ڀري درياھ سان ٿي آيا، تہ ساڳيا سميجا ويچارن سوداگرن جي ڪيترن ماڻهن کي ماري، سڄو سامان ڦري هليا ويا. شمشير خان همت ڪري ڪجهہ سامان موٽايو، باقي مڏيءَ جي عيوض سميجن کان ڏنڊ ۾ آٺ وٺي سوداگرن کي ڏياريائين، ۽ جيڪو نقصان ٿيو تنهن جي رقم پنهنجي پاران ڀري ڏنائين. پوءِ انهن ڌاڙيلن جي بنياد پٽڻ لاءِ لشڪر چاڙهي درياھ جي هن پر ويو ۽ سپاهگريءَ جي چال سان سميجن جي ستياناس ڪري ڇڏيائين.

اها چال هيئن ڪيائين: هي (شمشيرخان) جڏهن درياھ ٽپي هُن پار ويو تہ سميجن جا سردار، هڪ ڏٺي پرتو ڌاريجن طرفان پيو طيب مناهيجن پاران، اچي پيش پيا. پر واهوجن ۽ فيروزيجن سان ڪوبہ نہ آيو. شمشيرخان چيو تہ هرڪو سميجو پنهنجن ڪکن ۾ پيو گذاري، منهنجو ڪنهن سان ڪو واسطو ناهي، جيڪي ماڻهو پڇن ٿا آءٌ انهن جي ڪٿي ٿو پوان. انهيءَ دلجاءِ ڏيارڻ تي سميجا انڙ خاص ڪري ڌاريجا ۽ مناهيجا ڏيڙان جي ڳوٺ ۾ پنهنجي اهل عيال سان وڃي جائيتا ٿيا ۽ صلح جي سانگي پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري رعيت ٿي ڪهارڻ لڳا.

جنهن وقت شمشير خان جوگذر انهيءَ ڳوٺ وٽان ٿيو تہ آءٌ (يوسف ميرڪ) بہ دوستيءَ جي ناتي وٽس حاضر هوس مون کيس صلاح ڏني تہ اهڙو موقعو وري هٿ نہ ايندو! پنهنجن ماڻهن کي سيڄ ڏي تہ هن ڳوٺ جو تختو اونڌو ڪن، ان لاءِ

تہ سميجن جي هڪڙي سريءَ کي هٿ ڪرڻ جي گمان ۾ گهوڙا ڊوڙائڻ، پوءِ بہ اها ور چڙهي الائي نہ، (٣١٧-١) تنهن کان چڱو ائين آهي تہ اهڙيون هزارين سريون هتي سلنديون. چو نہ انهن تي چنبا کوڙيا وڃن! (١)

جيتوڻيڪ سيوهڻ جي ڪن زميندارن کي منهنجي اها صلاح ڪانہ وڻي، تہ بہ شمشير خان ان مان ڏاڍو خوش ٿيو. سميجن سان تہ اڳ ۾ ئي راضي نامو ٿي چڪو هو. انهيءَ حيلي بهاني پنهنجي لشڪر ۽ رعيت کي تاڪيد ڪيائين تہ جيڪي فلاڻو چوي تنهن تي عمل ڪريو. انهيءَ هشيءَ لئي خدا جي مهر ۽ بادشاهي اقبال طفيل، سميجن ۾ ڪنڪو پئجي ويو. ڏنيءَ جي قدرت سان سندن هٿ وڃي ويا، ۽ وري نہ ڏڏڙ ۾ پير وڌائون. اٽڪل هڪ هزار سميجا قتل ۽ ست سو کن قيدي ٿي ويا، جن ۾ ڪي سردار بہ هئا. پڇاڙيءَ سندن مال اسباب جنهن جو حساب خدا وٽ آهي، سپاهين ۽ رعيتي ماڻهن ۾ ورهايا ويا، جيڪي شمشيرخان سان گڏ هئا.

(٣١٨-١) هن ويڙهہ ۾ ڏٺيپرتو ۽ طيب ساوجي ويا. هيءَ پاڻ جنگ جي ئي ميدان ۾ منزل ڪري ويهي رهيو. صبح ٿيڻ تي اتان نڪري وينجهڙي واري قلعي ۾ آيو. ان جي مرمت کان پوءِ ٻي منزل اتي ڪيائين. ڏيهاڙي هڪ فوجي جٿو چڙوچڙ ٿيل سميجن لئي ڪاهڻ لاءِ روانو ٿي ڪندو رهيو، ۽ سپاهي پنجاهہ سٺ سميجن جون مسيون ڏڏڙ کان ڏار ڪري ٿي آيا، جنهن ڳالهہ هيڪاري وڌيڪ سميجن کي زبون ڪري ڇڏيو.

سميجن ۾ جيڪي هوسڙا ملاح هئا لن بہ هنن جي زور ڪري درياهي مسافرن تي ڌاڙا ٿي هنيا، انهن سان بہ

(١) يوسف ميرڪ جهڙي عالم فاضل کي قاضي قاضن واري انهيءَ ڪارنامي تي بيشڪ مبارڪون ڏيڻ کپن. (مترجم)

سو کن ماڻهو سپاهي هٿ ڪري آيا. شمشير خان حڪم ڏنو ته سيني کي لاڪات ڳوٺ جي ڀِرِ وٽ درياهه جي ڪنڌيءَ مٿان سوريءَ تي لٽڪايو وڃي. ان کان پوءِ هي پاڻ هڪ هفتو وينجهڙي جي قلعي ۾ رهيو. جيڪڏهن وڏيڪ ٻه مهينا اتي رهيل هجي ها ته سميجا ڳوليا نه لڀن ها، ۽ انهن جون ملڪيتون پنهنجي مرضيءَ موجب رعيتي ماڻهن ۾ ونڊي ورهائي ها. (٣١٨–٢) مون کيس گهڻو ئي سمجهايو ته ٻه مهينا اجا هتي رهيو پيو هجا پر ڪونه مڃيائين. انهن زميندارن جي چوڻ تي جيڪي سميجن سان سازباز ۾ هئا، هو وينجهڙي واري قلعي سان قيدين کي ساڻ ڪري نڪتو ۽ لاڪات جي ڳوٺ ۾ درياهه جي ڪپ تي اچي لٿو جتي ننڍڙو قلعو اڏائي ويهي رهيو. جبل واري پاسي جي سميجن شمشير خان کي هڪ هزار اٺ ڏيڻا ڪيا، پر هن ڪونه ورتا. سميجن پنهنجي ساٿياري زميندارن کي وچ ۾ آڻي شمشير خان سان ڳالهيون ڪيون. آخر زميندارن هن کي پڪ ڏياري ته سميجا هر طرح مطيع ٿي چڪا آهن. انهنڪري اوهان کي سيوهڻ وڃڻ گهرجي. هو خدا ترس ۽ سادو ماڻهو هيو، ان ڪري سندس روح ۾ رحم پئجي ويو.(١) جمعي ڏينهن سيني سميجن کي جيڪي وٽس قيد هئا، ڏوهه بخشي سندن سائِن جي حوالي ڪيائين. پوءِ اتان درياهه (٣١٩–١) اڪري سيوهڻ ۾ آيو.

هڪ دفعي چانڊين، باغبانن ۽ ڳاهن واري پرڳڻي ۾ اڪبرآباد تائين لٽ ڦر شروع ڪئي ۽ زوريءَ ماڻهو ڪٽيو ٿي ويا. انهن پرڳڻن جي رعيت شمشير خان وٽ دانهن ڪئي

(٢) سبحان الله، سندس سادگيءَ خداترسيءَ جي حالت اها هئي، جو خود مؤلف چوائي، سميجن سان ويسا گهاتي ڪري انهن جا هڪ هزار ماڻهو قتل ۽ ست سو کن قيد ڪيائين. (مترجم)

ويئي. شمشيرخان انهيءَ ئي مهل چانڊين تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ اٿي هليو. راقم الحروف (يوسف ميرڪ) به دوستيءَ جي ڪري ساڻس گڏ هو. مون ڪيس راءِ ڏني ته چانڊين تي جاسوسيءَ ذريعي يڪو چڙهائي ڪري سگهجي ٿي. شمشيرخان ائين يڪي چڙهائيءَ لاءِ راضي نه ٿيو ۽ رات ٿي منزلون ڪندي وڃي چانڊين کي رسيو. هو اڳ ۾ ئي سندس اچڻ جو ٻڌي جبل ڏانهن نڪري ويا هئا. شمشير خان جبل جي ٽوٽ سان پوکيل چانڊين جي جوارين تي قبضو ڪيو ۽ لشڪر جي چوڌاري ڪاهيون ۽ لوڙها ڏياري ٽاڙ ۾ ويهي رهيو.

رات جو چانڊين اچي لشڪر تي ڪهر وسايا (٣١٩-٢) پر خدا ڪٿي خير ڪيو. صبح جو سوير شمشيرخان جبل ٽائين ڪاهي ويو، چانڊيا جبل جي چوٽيءَ تي بيهي دهل وڄائڻ لڳا. هي ساڻن پڄي نه سگهيو، آخر سپاهين کي حڪم ڏنائين ته جوار جو فصل (جيڪو اڃا ڪچو هو) ڏاڙين سان ڪپڻ شروع ڪري ڏين، جيئن چانڊيا پنهنجي اکين سان زيان ٿيندي ڏسي ساڙ کان پڄڻ لڳا. سپاهين ائين ڪيو ۽ جيتري تائين پڄي سگهيا، جوار کي وڍي پٽ ڪري ويا. رات ٿي ته شمشيرخان واپس اچي ساڳئي هنڌ تي ويٺو.

چانڊين هيسجي پنهنجي پاڙيسرين پنهورن کي وچ ۾ آندو. شمشير خان دل جي آڇ تي ساڻن راضي نامو ڪيو. ان کان پوءِ سيوهڻ جي علائقي ۾ ڪجهه ٽاپر ٿي.

ٻئي ڀيري بوبڪ جي پرڳڻي ۾ جبل پاسي وهندڙ ٻاريجن پروچن وصوليءَ ۾ گهٽتائي ڪئي. ان کان اڳ اهي هر فصل تي اٺ ۽ دنبا جاگيردار کي ڏيندا ٿي رهيا. شمشير خان مون (مولف) کان پڇيو ته هنن جي ڪهڙي ڳڻ ڪجي؟ (٣٢٠-١) مون ورندي ڏني: جيڪڏهن چانڊين وانگي هنن تي به منزلون ڪري چڙهائي

ڪنديون ته ڪجهه به نه ورنديءَ. هنن جا گهڻئي ذڪيا آهن. سندن ڳوٺ هتان پنجن پهرن جي پنڌ تي ٿيندا، جي اڳي يڪو چڙهي هلين ته ڪجهه نه ڪجهه تي سگهي ٿو. منهنجي اها صلاح قبول ڪيائين. انت سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ نڪري هليو، سڄي رات پنڌ ڪيائين، پوئين اَسر جو جبل جي هيٺاهينءَ ۾ پهچي، باريجن تي ٻاهه ٻاري ڏنائين. هنن جا ڪيئي ماڻهو سندن سردار قاسم باريجي ۽ پٽس سميت مارجي ويا. هنن جي زالن ۽ ٻارن کي قيد ڪري قتل ٿيل ماڻهن جون منڍيون کڻي سيوهڻ آيو. ٻاريجن مان جيڪي باقي (٢٠-٣٢٠) ٻچيا هئا، ميرڙ کڻي اچي سانس مليا. ٻاندين کي ڇڏيو ويو ۽ اڳ وانگي وٺائڻ ڍل وصول ٿيندي رهي.

هڪڙي پيري سيوهڻ کان چوڏهن ڪوهن تي جبل جي پرسان ويٺل نوحاڻي پروچن ڦيٽارو ڪيو. معلوم هجڻ گهرجي ته جبل مان ٻه چشما ڦٽن ٿا هڪ کي ڪائي (١) ڪوٺجي ٿو ۽ ٻيو نئيگ ٿو سڏجي. نوحاڻين جون ٻه ڏريون آهن، هڪڙا ڪائيءَ واري چشمي تي پيا نئيگ واري چشمي تي ٿا رهن. سيٺي جو ڏنڊو پوکي راهي آهي : ٻوبڪن جي پرڳڻي سان واسطو ٿا رکن. بختيار بيگ ۽ مير ابوالقاسم جي عملداريءَ

(١) ڪائي جي مٿان ساڳئي نالي تي ڳوٺ اڃا موجود آهي، هتي نوحاڻي بروچن جو پڳدار رهي ٿو. انهيءَ ڳوٺ جي لڳ هڪ جبل آهي جنهن ۾ عاد ثمود جي قوم جي طرز تعمير تي قديم دور کان ست گهريون (گهر) ٺهيل آهن. چيو وڃي ٿو ته آڳاٽي سمي اتي دراوڙن جا ماڳ هئا. (مترجم)

(١) نئيگ سيوهڻ کان ويهه ميل ۽ دادو کان به ايترو پنڌ پري موجود آهي.

دوران هر فصل ۾ ريون ٻڪريون ڏيندا هئا ۽ شاهي لشڪر جي مدد پڻ ڪندا ٿي رهيا. شمشير خان جي عملداريءَ ۾ ٻه سا ڳئي نموني ڀل ڀريندا ٿي آيا ۽ لشڪر جو ٻه ساٽ پئي ڏنائون. سميجن تي لشڪر ڪشيءَ مهل ٻه درياهه ٽپي هن پر وڃي، پنهنجون خدمتون سرانجام پئي ڏنائون (١ـ٣٢١) جابلو ماڻهو جيتوڻيڪ جهنگ ۽ بيابان اندر ڏتڙيل حال ۾ گذارين، تڏهن ٻه شمشير خان سيوهڻ جي ڪن وڏيرن جي چوڻ تي (جيڪي هنن جا دشمن هئا) لڳي، سميجن انڙن تي ڪاهڻ جو سينهن ڪري سيوهڻ کان اڏ مڻو ڪوهه پرتي منديجيءَ واري گهٽ وٽ اچي ويٺو. اتان ٻپهريءَ جي نماز مهل نوحاڻي پروچن تي حملي ڪرڻ جو سوچيائين. اچا صبح ٿيڻ تي هو ته انهن ۾ وڃي ڌاڪوڙا وڌائين، ڪيئي ماڻهو مارجي ويا، نئيگ جو سردار ناڪالو ٻه پنهنجن پائرن، پٽن ۽ ڏهن ٻارهن ماڻهن سميت قتل ٿي ويو. پئي پاسي وارا پروچ ڀڄي ويا پر هنن جون ٻاڙون پڃجي ويون. اچا تائين ڪيچي نه ٿا سگهن. هنن جو ٻه هزارڪن آدم هو، ۽ هن جنگ ۾ سندن پنجاهه سٺ مارجي ويا ۽ ٻين ڀڄي جند ڇڏائي (٢ـ٣٢١).

شمشير خان جي انهيءَ اوڏائيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو نوحاڻي پروچن جن ڪي بختيار بيگ ۽ مير ابوالقاسم، جبل ۾ ويٺل نومڙين جي سڏ سماءَ لهڻ لاءِ داداريون ڏيئي پاڻ ڏانهن ڪيو هو ۽ جڏهن ٻه نومڙين سيوهڻ جي ڳوٺن ۾ پئي ڪاهه ڪئي ته هنن ٻهرينءَ سٽ ۾ اچي رعيت کي خبردار ٿي ڪيو، ۽ رعيت سڄيت ٿي پنهنجا ڍور ڍڳا منهن ڍنڍ ڏانهن ڪيڏي ٿي وئي، ۽ هوڏانهن سيوهڻ جي جاگيردار ٻه انهيءَ ڪُڙڪ پوڻ تي لشڪر ڏياري پئي موڪليو جو ڳوٺن جي وچ تي اچي مورچا ٻڌي ٿي ويٺو، ۽ جستائين نومڙيا ڪک پن ٿي هيڏانهن هوڏانهن

هليا ٿي ويا، تيستائين لشڪر واپس نہ ڀڄي وريو، ۽ انهيءَ ڪري نومڙين سيوهڻ جي ڳوٺن ڪي هٿ نہ ڀڄي لاتو:

ليڪن هن واقعي کان پوءِ نوحاڻين جا پونير ٽڙي پکڙي وڃي نومڙين جي ماڳن ۾ مڙيا، ۽ هن علائقي جي پويان هوپاڻ ٿي ڏاڍا ٿي لڳا. هنن نومڙين کي گس وٺائي، کاڻن اهو ڪي ڪرايو، جو سندن وڙ هو. (٣٢٢-١) انهن لاهي پاهي سيوهڻ جي حويلي ۽ من کي تباهہ ڪري ڇڏيو. شمشير خان آخر ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، مجبور ٿي، مريد نالي نومڙين جي سردار کي ريهي ريبي پنهنجي پاسي ڪري، ڪيس ٺهٽيءَ (١) واري ديهہ بوبڪن واري پرڳڻي کان الڳ ڪري جاگير ۾ ڏني، جنهن جي آمدني ٻہ ٽي هزار هئي. اها پهرين بدعت هن ملڪ ۾ پيدا ٿي، جو هڪ حاڪم هتان جي وڳوڙين کان هيسجي، کين جاگير بخش ڪئي ۽ مريد جهڙي سرڪش ماڻهوءَ سان ٺاهہ ڪيائين. ويچاري شمشير خان پنهنجي خرچ سان ناو ڳوٺ جي چوڌاري قلعو اڏايو ۽ پنهنجو لشڪر اتي ويهاريائين.

پر پوءِ بہ نومڙيا پنهنجين بڇڙاين کان نہ مڙيا. صلح کان پوءِ جڏهن پوڻ آئي تہ ڳاهن ۽ بوبڪن جا رعيتي پراڻي دستور مطابق پنهنجا ڍور ڏيڍا (٣٢٢-٢) مٿي جبل ڏانهن ڪاهي ويا. نومڙين مريد جي صلاح کان سواءِ انهن جو ڌاڙو هنيو ۽ بوبڪن جي پرڳڻي وارن ماڻهن سان ڪيترن کي قتل ڪري ڇڏيائون. هنن کان پنجيتاليهہ هزار ڍور ڏيڍا ڦري ويا ۽ ٻيو بہ ڪيترو سامان کاڻن ڪسيائون. تڏهن مريد

---

(١) ٺهٽي، ڳوٺ شاهہ حسن ۽ ڇني (ضلع دادو) جي لڳ موجود آهي.

سيوهڻ ۾ شمشير خان وٽ حاضر هو. هن خبر ٻڌڻ سان سيني ماڻهن شمشير خان تي زور آندو ته مريد کي قيد ڪري ڪپي جيئن رعيت جي ملڪيت سميءَ سڀني سميت واپس ڪرائي ڏيڻ ۾ سٽائي ٿئي. اها ڳالهه شمشير خان ڪانه قبولي. هنئون مريد کي گهرائي ڪيس چيائين ته متان ٻروبڪن جا ماڻهو توتي دانهين ٿي مون وٽ اچن سو تون في الحال هتان نڪري هليو وڃ. ان ڪان پوءِ پلي مون وٽ اچجانءِ! مريد رات وچ ۾ وڃي پنهنجي ڳوٺ پهتو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن جهيڙو ٺريو ته شمشير خان وٽ موٽي آيو (٣٢٣-١).

هڪڙي ڏينهن وچينءَ نماز پيري جبل پاسي سيوهڻ جي حويليءَ وارن ڳوٺن مان خابرن اچي شمشير خان کي ٻڌايو ته نومڙيا پنهنجن ٿاڪن مان نڪري سنڌن ڳوٺن ڏانهن ڪاهيو پيا اچن. اتفاق سان ان ڏينهن لشڪر جا ڪيترا ماڻهو حاضر هئڻ بدران ٿاڻن ۽ جاگيرن ڏانهن موڪل تي وڃي چڪا هئا. بهرحال هن وٽ جيڪي موجود هئا تن مان ست ستر سوارن کي سنبرائي، پنهنجي سالي بادشاهه خواجه سان گڏي، نار جي ڳوٺ ڏانهن موڪليائين، جو سيوهڻ کان ستن ڪوهن تي جبل جي هيٺانهينءَ ۾ آهي. هو رات جو وڃي نار جي قلعي ۾ ويهي رهيو. ٻئي ڏينهن صبح جو شمشير خان پاڻ به وڃي داديجيءَ واري واهه جي ڪپ تي ويٺو، آتان پنهنجي هڪ عزيز شاهه خواجه کي ويهارو سوارن سان روانو ڪيائين ته نار واري لشڪر سان وڃي ملي. (٣٢٣-٢)

انهيءَ وچ ۾ مؤلف به شمشير خان وٽ اچي نڪتو. شمشير خان ڪيس ٻڌايو ته اجهو هي خبرون ٻيون ٻڌجن پرمون ڳوٺن جي نگهبانيءَ لاءِ لشڪر ڏياري موڪليو آهي. مؤلف

(٣) نار جو ڳوٺ اجا تائين آهي.

چيس: جيڪڏهن تون پاڻ وڃين ها ته ڏاڍو چڱو هو، ڇو ته اوزبڪ تنهنجي غير موجودگيءَ ۾ دل لائي نٿا وڙهن ليڪن تنهنجي هوندي ڏاڍي سورهيائي سان سر ڌڙ جي بازي ٿا لڳائين. منهنجي اها راءِ ڪيس وڻي، ۽ اوڏيءَ مهل ڏهه ٻارهن ماڻهو جيڪي وٽس حاضر هئا، ساڻ ڪنيائين. مؤلف به ساڻس گڏ هليو. انهيءَ وچ ۾ بادشاهه خواجه ڪي پنهنجن ماڻهن سان گڏجي نارنگه واري قلعي تي آماڻيائين. هو اچا سيوهڻ ڪان ٿي ڪوهه پرڀي ٿيڙهيءَ جي ڳوٺ تائين مس پهتو ته مٿان نومڙين جي ڌڻب اچي ڏڪاءُ ڪيو، جنهن ۾ ٽي هزار سوار ۽ ست اٺ سو (٣٢٤-١) پيادا شامل هئا: ڏينهن ڏٺي جو ڪڇيءَ (١) واري ڳوٺ تي ڪاهه ٿي ويئي جو سيوهڻ ڪان پنجن ڪوهن تي آهي، ۽ اهو ڌڻب جو ڌڻب ڪيترا ماڻهو قتل ڪري، سمورو مال هڪلي وري جبل ڏانهن هليو ويو.

بادشاهه خواجه سيڪجهه اکين سان ڏسي، هڪليندو وڃي نومڙين جي ڌڻب ڪي رسيو، اتي پهچي اندازو لڳايائين ته هتي تير ۽ ترار جي جنگ جي جاءِ ناهي، ڇالاءِ ته نومڙيا گهڻي تعداد ۾ هئا ۽ هڪيا ٽڪيا ٿي، تير پئي هلايائون. سو هي پوڻتي هٽي بندوق هٿ ۾ ڪري پريان ٿي پريان فائر ڪندو ويو. غنيم ڦري جڏهن مٿانس آلر پئي ڪئي ته هي ڇورن وانگي ان جو ڌڪ ڪُسائي پنهنجو بچاءُ ڪندو ٿي رهيو. ان جي پاسيري ٽيڻ ٽي وري ان پويان لڳي، بندوق جا فائر ٿي ڪيائين.

شمشير خان اها خبر ٻڌي، ڪڇيءَ واري ڳوٺ تائين آيو، ۽ رعيت مان جيڪي ماڻهو قتل ٿي چڪا هئا، تن جي مٿان بيهي دل ۾ چوڻ لڳو: (٣٢٤-٢) آءٌ بروقت لشڪر تائين پهچي نه

---

(١) اهو ڳوٺ اڃا سوڌو مشهور آهي. (هتي ڪڇار ذات جا ماڻهو رهن ٿا).

سگهيس، هاڻ منهنجي ۽ لشڪر جي وچ ۾ غنيم جـي ڪيپ آهي؛ ايڏو لشڪر ٻه پاڻ سان ڪونه اتـم جـو مٿس چڙهائي ڪري سگهان- اهو ويچاريندي اتان هوواپس وريو.

هوڏانهن بادشاهه خواجه غنيم سان وڙهندو ۽ وڌندو ٿي ويو. بيگ محمد قرق نالي هڪ اوزبڪ جيڪو شمشير خان جو جو خاص ماڻهو هـو، انهيءَ ويـڙهه ۾ مارجي ويـو. بادشاهه خواجه 'نار' ڳوٺ جو پاسو وٺي اڳيان آيو ۽ غنيم به پويان واهه جي پوئين پـر ورتي، جتي جبل مان ايندڙ سينهن جي پاڻيءَ جو لنگهه هو.

نومڙين، رعيت جا هٿ آيل ڏور ڏڳا پنهنجن ماڻهن سان جبل ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا، ۽ پاڻ پير ڪوڙي تيرن سان جنگ ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ رات ٿي ويئي. اوزبڪن جو لشڪر لاچار ٿي، آخر پنهنجي مالڪ وٽ واپس آيو (٣٢٥-١). اهڙيءَ ريت نومڙيا، سن ۽ سيوهڻ جي ڳوٺن سان جاڙون ڪندا ٿي رهيا ۽ شمشير خان سان صلح جون ڳالهيون پئي هلايون.

مقصد هي آهي تہ فسادي ۽ وڳوڙي ماڻهو ترار هلائڻ کان سواءِ سڌا ٿـي نٿا سگهن. خاص ڪري نومڙيا، جن جو ڪوبہ مڙهه مقام نہ آهي. هي جبل ۾ جتي بہ ڪا آبادي ٿا ڏسن تہ اتي جهڪور ٻڌي ويهي ٿـا رهن. جڏهن اهـا جوءِ گاهه پٽي کان خالي ٿئي ٿي تہ وري ٻئي هنڌ چارو جام ڏسي مال چارڻ لاءِ ٽرسي ٿا پون. هـي ڪٿي بـہ هڪ هنڌ رهي پوکي راهي نہ ڪندا آهن، سندن ڌنڌو چوراڪاري ۽ ڦرلٽ آهي.

ٺورن ڏينهن کان پوءِ شمشير خان کي جهانگير بادشاهه طرفان بهادر خان اوزبڪ (١) جي مدد لاءِ قنڌار وڃڻ جو حڪم مليو، جنهن موجب هي چار پنج سو سگهارا اوزبڪ ساڻ ڪري قنڌار

---

(١) ڏسو تعليقات

هليو ويو. پويان قمبر خواجه ناليِ پنهنجي هڪ خاص ساٿيءَ کي حاڪم مقرر ڪيائين، جيڪو ٿوري عرصي اندر گذاري ويو (٥-٣٢٥-٢). شمشير خان قندار مان قمبر خواجه جي جاءِ تي وري خوشم بيگ کي حاڪم ڪري موڪليو. هي جڏهن سيوهڻ پهتو ته ناتجربيڪار هئڻ جي باوجود سمجهن اتن ڪي ڪاهه ڪرڻ جي هام هڻيائين ۽ تڪڙ ۾ لشڪر سنبرائي، رعيت جي ڪن ماڻهن سان گڏجي، درياهه ٽپي، سيوهڻ جي سامهون جي پٽ ۾ وڃي ويٺو ۽ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ جيستائين سنڌس ماڻهو گڏ ٿين تنهن کان اڳ هڙڦيائي ڪري اڳيئي وڌيو ۽ ڪاڪي ڳوٺ جي ڀرسان درياهه جي ڪنڌيءَ تي پهچي، لوڙها ڏياري، وچ ۾ ويهي رهيو. سنڌس منٿين پاسي کان لشڪر ۽ هٿيار پهتا هيون.

اڳيارڙيءَ جي مهل هئي، ماڻهن نماز شروع ڪئي ته خوشم بيگ به وڃي صف ۾ بيٺو. اوچتو سميجن طرفان ڪڙو ٿي ويو. ماڻهن ۾ دانهوڙ مچي ويئي، جا خوشم بيگ ۽ سنڌس لشڪر جي ڪنن تائين پهتي. هي نماز ڇڏي پنهنجا ماڻهو گڏائڻ لڳو، جيڪي سنڌس آڏو هئا (٦-٣٢٦-١). ڪي همراه لوڙهي کان ٻاهر موڪليائين ته جيئن ڪا خبر چار لهي اچن. ويرم ٿي ڪانه گذري ته سميجا لوڙها لتاڙي سنڌس لشڪر تي ڪاهي آيا. ٻر وقت ڪيترا اوزبڪ مارجي ويا. شمشير خان جو مير منشي ملاراجو ڪمبوو به انهيءَ ويڙهه ۾ قتل ٿي ويو. باقي سپاهي ڀڄي وڃي ٻاڙيءَ ۾ پيا، ۽ سميجا سندن هٿيار ۽ ٻيو سامان گهوڙن سميت هٿ ڪري ويندا رهيا.

خوشم بيگ هڪڙي سياٽپ ڪئي ته ٻوياڙيءَ جي نماز کان پوءِ باقي بچيل سوار ساڻ ڪري، ڪاڪي واري قلعي (٣)

---

(١) اهو قلعو اجا دادو ۾ آهي.

تي پهچي، اندر وڃي ٿاڻيڪو ٿيو، جنهن تي سميجا اچي گهيرو ڪري ويهي رهيا. انهن ڏينهن ۾ ابوالبقا جو وڏو پٽ عتيق الله جنهن کي جهانگير بادشاه روجهڙين جي شڪار لاءِ ڏياري موڪليو هو (٦-٣٢٦-٢). تڏهن سيد بايزيد بخاريءَ (١) جو پٽ سيد باقر بکر جو حاڪم هو ۽ هن کي به پڻس روجهڙين جي شڪار لاءِ اماڻيو. اهي ٻئي آن وقت سيوهڻ ۾ هئا. عتيق الله سندس همراهن سان گڏ راقم الحروف (يوسف ميرڪ) سميت ڪاڪي واري قلعي تي پهچي، خوشم بيگ سان مليا. ٻئي ڏينهن سيد باقر پنهنجا ماڻهو وٺي آيو. خوشم بيگ کي ڏاڍ ملي ويو.

سميجا اهو حال ڏسي، قلعي جون ڪنڊيون ڇڏي، پري هليا ويا. هي لشڪر ڪيترو وقت اتي رهي پيو. ايتري ۾ سميجا ڪن ماڻهن کي وچ ۾ ڪري صلح جون ڳالهيون هلائڻ لڳا. آخر گهوڙا، هٿيار ۽ ٻيو سامان جيڪو پاڻ سان کڻي ويا هئا، واپس ڏيئي، ٺاهه ڪري، پنهنجن گهرن ڏانهن ويا هليا. خوشم بيگ به سيوهڻ اچي پهتو. آئنده لاءِ اهڙي چڙهائيءَ جي پچر ڇڏي، (٣٢٧-١) ملڪي معاملن ۾ لڳي ويو.

شمشيرخان ٽي چار سال قندار ۾ رهي شاهي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. هيڏانهن سيوهڻ به سرسبز ۽ آباد هو. اهو شمشيرخان ئي هو، جنهن سڀ کان پهريان شاهه عباس جي لشڪر تي توب ڇوڙي هئي (٢) جڏهن هو قندار جي قلعي تي گهيرو ڪري چڪو هو. پوءِ قندار جو قلعو شاهه عباس جي هٿ ۾ آيو ته اتان جا امير ملتان ۾ سپيرا افغان وٽ ويا، جنهن به

---

(١) ڏسو تعليقات.

(٢) شاهه عباس، سال ١٠٣١ هه ڌاري قندار واري قلعي تي قبضو ڪيو. (ڏسو تزڪ جهانگيري، ڇاپئي نول ڪشور ص ٣٥٠- ٣٤٦-٣٥٨.) شاهجهان سال ١٠٤٧هه ۾ اهو قلعو واپس ورتو.

هزار آحدي (١) سوار ۽ ڪي منصبدار سميجن انڙن جي سيڪت لاءِ شمشير خان سان گڏجي سيوهڻ روانا ڪيا. افغان وارا (احدي) شمشير خان سان نه ٺهيا، تنهنڪري هو سميجن ڏانهن نه ويا ۽ لشڪر کي ملتان ڏياري موڪليائين.

مطلب هي ته شمشير خان جي عملداريءَ ۾ ملڪ بهرحال سرسبز ۽ آباد هو، هتان جو لشڪر (٢-٣٢٧) هين پاسي ڏانهن پٽ شاهي مهمن سر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو رهيو. اهائي رعيت جي آبادي ۽ وکوڙين جي ٿباهيءَ لاءِ مکيه ڳالهه هئي.

شمشير خان پيٺي پيرا جيڪا عملداري هلائي، تنهن جو عرصو پندرهن سالن جي لڳ ڀڳ هو. هن انصاف جي روءِ سان رعيت کي چرخي فصل ۾ ٻمٽي تي ورتي. ڪن جاين تي ٽيون حصو ۽ چوٿون حصو به پئي ورتائين. اهڙيءَ طرح ڪچي ۾ داڻي بندي روا ٿي رکيائين. سپاهين کي به هن وڌان جاگيرون مليل هيون، جن ۾ فراش ڪوڙي سئيس شامل هئا. پنهنجي حڪومت جي پڇاڙيءَ ۾ رعيت جي عرض ڪرڻ تي چرخي فصل تي به داڻي بندي عائد ڪيائين ٿي. ملڪي حالتن ۽ شاهي دستور جو هن کي هر طرح خيال پئي رهيو. سندس گهڻو وقت مسجد ۾ ٿي گذريو، پنهنجن چوبدارن کي حڪم ڏيئي ڇڏيو هئائين ته ڪوبه رعيت جي مٿان ظلم نه ڪري (٣٢٨-١)، رعيت کي جنهن مهل به وڻي مون وٽ ايندي رهي. عدالت ڪرڻ وقت هن ڪنهن کي به نٿي ڇڏيو- جيتوڻيڪ هن وٽ ڪي اوزبڪ اهڙا به هئا، جن بعضي سندس حڪم نٿي مڃيو. پوپاڙيءَ جي نماز مهل سندس ڪچهريءَ ۾ جيڪي نوڪر چاڪر ۽ عدالت

---

(١) احدي هڪ ذاتي منصب هو، جيڪو اڪبربادشاه جي زماني ۾ مقرر ٿيو هو. اهڙي منصبدار وٽ سوار ۽ پيادا ڪونه هوندا هئا. (مترجم).

ڪرڻ وارا اچي ڪڏ ٿيندا هئا، تن کي چوندو هو ته "دوستو اوهان سيئي مون کي مڃائو ٿا، جيڪو به مظلوم مون وٽ اچي ٿو ته آءٌ ان جي دادرسيءَ لاءِ تيار ٿو ٿيان، ڪي اوزبڪ پنهنجين جاگيرن توڙي شهرن ۾ رهن ٿا، جن تي مان اعتبار ته ڪريان ٿو، پر اهي سراسر نالائق آهن. هي ساڻهن تي ظلم ڪن ٿا، پر ڪوبه سنڌن ڊپ جي ڪري مون وٽ دانهين ٿي نٿو اچي. توهان کي خبر هجي ته مون کي هدايو! نه ته قيامت جي ڏينهن خدا اوهان کان ان جي پڇا ڪندو."

سيوهڻ هن جي عملداريءَ دوران ايڏو سرسبز ۽ آباد هو، جو هند، عراق توڙي مغربي ملڪن جي هر شيءِ هتان ملي ويندي هئي (٣٢٨-٢). سوداگرن تي اصل محصول ڪان وٺڻ ڪابه سختي نٿي ڪئي ويئي، ۽ هڪ ٻيڙيءَ تان رڳو هڪ سير وڏيڪ ثمر ورتو ٿي ويو. سنڌس عملداريءَ ۾ رعيت، ڪاريگر ۽ سوداگر سڀ خوش پيا گذاريندا هئا. جيڪڏهن اتفاق سان سندس جاگير ۾ ڪنهن سوداگر کي لٽيو ڦريو ٿي ويو ته ڪوشش ڪري ان جو مال ساڳيءَ جنس جي صورت ۾ واپس ٿي ورايائين، ۽ ان وچ ۾ ڪابه شيءِ ضايع ٿيندي هئي ته اها پنهنجي هڙان پري سوداگر کي ٿي رسايائين، جيئن هو راضي رهي.

خدا شاهد آهي ته هن جي عملداريءَ دوران هرڪو امن ۾ هو ۽ سڀڪنهن شڪرانا ٿي ڪيا. مسجدون آباد رهنديون ٿي آيون. هي پاڻ به روزي نماز ۽ تهجد جو پابند هو. هن ٻيڙيون تيار ڪرائي ڇڏيون هيون، جن جي ڪمائيءَ مان پنهنجي خوراڪ ۽ پوشاڪ جي خرچ جو پورائو ٿي ڪيائين. رعيت مان ڪابه شيءِ پنهنجي خرچ لاءِ ڪونه اگاڙيندو هو.

شير خواجہ جي عملداري:

شمشير خان جي بدلي ۾ کان پوءِ هي ملڪ (٣٢٩-١) شير خواجہ ('باقي جان خواجہ') (١) جي عملداريءَ هيٺ آيو. جنهن کي اهو ربيع سچقان ئيل (٢) سال ١٠٣٢ ھ (هڪ هزار ۽ ٻٽيهہ) ڏاري تنخواہ طور مقرر ڪري ڏنو ويو. هو پنهنجا عامل هن پاسي آماڻي پاڻ جنت مڪاني (جهانگير بادشاهہ) جي خدمت ۾ رهيو. قضا سان ملڪ جا پاڳ اهڙا اچي ٿيا جو ان سال ربيع وارو اهو فصل ماڻهن داڻي بندي جي آسري حد کان وڌيڪ تہ پوکيو پر ان تي الاهي آفت اچي پيئي، جنهن ڪري ڪيتري ايراضي خشڪ ساليءَ جو شڪار ٿي ويئي، جتي ڪا ٿوري گهڻي پوک ٿي هئي تہ ان مان پنج ڪاسا (ٽويا) في جريب مس پليءَ ٿي پيا، جن جو وزن ٽيهہ سير جهانگيري هو ۽ ڇٽن جا ٽي ٽويا جريب مان ٿي آيا.

شير خواجہ جا عملدار جڏهن هتي پهتا تہ چغل خور ۽ خود غرض ماڻهن موقعي جو فائدو وٺي سندن خوب ڪن ڀريا. نتيجو اهو نڪتو، جو (٣٢٩-٢) هنن اشراف ڪيمني جا ڪمڏا ڪٽي ڇڏيا. ڪنهن وٽ بہ ان جو داڻو نہ رهايائون. هنن ڪي الاهي آفت جو ڪو بہ احساس نہ هو. ڳري داڻي بندي ڪري، ان تي ڳاڻي ٻيڻا اگهہ چاڙهي، رعيت کان وصولي ڪيائون. رعيت ويچاريءَ سان ڏاڍا ناحق ٿيا. پر جيئن تہ اها رعيت ڪو وقت اڳ شمشير خان جي عملداريءَ ۾ خوشحال رهي چڪي هئي ان ڪري هن شير خواجہ جي هرڪا زيادتي گوارا ڪئي ۽

---

(١) ڏسو تعليقات.

(٢) "سچقان ئيل سال موش" (ڪوئي جو سال) ترڪن جي مقرر ڪيل ٻارهن سالن مان هڪ سال جو نالو. (مترجم)

هر ڪنهن جيئن ٽيئن گهاڙو سهي، پنيءَ جي پيدائش ۽ مال اسباب وڪٽي ظالمن جا پيٽ ڀريا.

انهن عملدارن، چغلخورن جي چرڻ تي لڳي، وڏ وڏيرن جون زمينون پنهنجي قبضي ۾ آنديون ۽ مٿن ڳريون ڍلون مڙهي، ڪيترن وڏيرن کي بازارين ۽ گهٽين ۾ چوڪنيو ٻڌي ڪاٺ چاڙهيو ويو، ۽ ڪائن زوريءَ اڳاڙيون شروع ڪري ڏنائون. ساڳيءَ ريت سوداگرن جي پيڙبن تي به محصول مڙهيندا ويا جيڪو هر حالت ۾ دستور کان زياده هو؛ هرهڪ پيڙيءَ کان آڪي اڳاڙي تي ڪيائون، ٽراوت ۾ جا شئي گهٽ پئي تي سا پيٽي ڪندا تي ويا (٣٣٠-١). انهن ظالمن جي ڪري واڄ پاڳ جي چڱن مڙسن رعيت جي ڪن ماڻهن سان گڏجي جهانگير جي درٻار ڏانهن رخ ڪيو. بادشاه سلامت تن ڏينهن ۾ لاهور واري دارالخلافه ۾ هو ۽ شيرخواجه به سنڌ حاضريءَ ۾ هو. جڏهن فريادي لاهور پهتا ته سنڌن دادخواهيءَ کان اڳ شير خـواجه (جيڪو پنهنجي عملدارن جـي افعالن کان واقف هـو) اٽڪل ڪري فريادين کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ هرهڪ کي دم دلاسو ڏيئي گذر سفر لاءِ پروانا هٿ ۾ ڏنائين تـه هو اڳئين دستور موجب پنهنجين زمينن تـي وڃي قبضو ڪن. عملدارن جيڪي ڪائن زوريءَ کسيو هو، سو به سڀ ڪنهن کي واپس ڏياريائين. اهڙيءَ طرح رعيتي ماڻهن کي بـه دلداريون ڏيئي شهشيرخان واريون رعايتون پليءِ وڌائين (٣٣٠-٢). جيئن تـه ماڻهو هن جي عملداريءَ دوران ڏاڍي آزار ۾ اچـي چڪا هئا، ان ڪري سنڌس ايترن ايچين مان به راضي نه پئي ٿيا. هن چا ڪيو، جو انهن ظالم عملدارن کي (جن ماڻهن سان تعديون ڪري چڏيون هيون) قيد ۾ وجهي، مٿانئن ڏند مڙهي ڇڏيائين، ۽ انهن جي جاءِ تي وري ٻيا عملدار آماڻيائين. غرض تـه ماڻهن سان جيڪي ظلم ٿي چڪا هئا تن جو ازالو تي ويو. انهيءَ وٽ

پڪڙ جي ڪري هن جا عملدار وري ڪنهن تي ظلم ڪرڻ کان باز اچي ويا، رعيت سان گڏ وڏيرن به سامت جو ساهه کنيو، ليڪن پيڙين تان سا گهڻو حد کان وڌيڪ محصول اگهاڙيو ٿي ويو ۽ سوداگرن سان سا گهڻو ٿي ويل هو.

انهيءَ شير خواجه جي عملداريءَ ۾ سميجن انڙن سان جهڳڙيون جهڳيون ٿيون. هن مير عاقل نالي هڪ سيد کي لاکات پرڳڻي جو فوج دار مقرر ڪري، پنهنجي پاران سميجن انڙن مٿان رکيو، جنهن پنهنجا پنجاهي سوار (١-٣٣١) اهڙي نموني سميجن مٿان ٿاڦي ڇڏيا، جو بيان ڪري نٿو سگهجي. هي لاکات جي ڳوٺ ۾ درياهه جي ڪنڌيءَ سان قلعو تيار ڪرائي ان ۾ ويٺو رهيو، ۽ جيڪي پيڙيون نٽي کان ٿي آيون يا نٽي ڏانهن پئي ويون تن کي هڪ هنڌ گڏ ڏيڻ بدران چوڪيءَ پاسي روانو ڪيو ٿي ويو، جتان اڪيلي پيڙي يا ٻه پيڙيون گڏجي فراغت سان ايندڙيون ويندڙيون پئي رهيون. هن هڪ هنڌ پيڙين جي گڏ ڏيڻ يا چوڪيءَ تي بيهڻ جو رواج ختم ڪري ڇڏيو. سميجن انڙن ڏوڙي هوسڙن سان ڪنهن کي به مجال يا حرص نه پئي ٿيو، جو پيڙين سان ڪا هٿ چراند ڪن. ان باري ۾ سميجن سان ڪي ڇڪريون به لڳي چڪيون هيون، جن ۾ کين شڪست آئي هئي. سميجن سان جيڪي ماڻهو جهلجي ٿي پيا تن کي فروخت ڪيو پئي ويو.

پڇاڙيءَ شير خواجه جي سيوهڻ واري عملدار يار محمد ڪوڪه جي مير عاقل سان عداوت شروع ٿي. هيءَ پنجاهه ماڻهو مير عاقل جا ۽ چاليهه ماڻهو پنهنجا ساڻ ڪري (٢-٣٣١) باغبانن جي پرڳڻي ڏانهن روانو ٿي ويو. مير عاقل وٽ هاڻ باقي ڏهه ماڻهو وڃي بچيا، جن سان گڏ هو لاکات واري قلعي ۾ ويهي رهيو. سميجن جڏهن ڏٺو ته مير عاقل اڪيلو آهي ۽ سيوهڻ وارو (يار محمد جو لشڪر) به پري نڪري چڪو آهي، تڏهن پوياڙيءَ

جي نماز مهل وجهه وٺي قلعي جي پاسران بيٺل سندس آٽ ڪاهي ويا. مير عاقل پنهنجا ڏهه ماڻهو وٺي انهن بدبختن جي ڪڍ پيو ۽ سانجهيءَ جي نماز مهل وچي ڪين رسيو. هن پنهنجن ڏهن ماڻهن کي چيو: منهنجي دل چوي ٿي ته اڄ هتي شهيد ٿيندس! توهان وچي پنهنجي پوين جي سار لهو! اهو ٻڌي پنج ڇهه ماڻهو انهن ڏهاڪو ماڻهن مان دل نه جهلي واپس لاڪاڻ جي قلعي ۾ موٽي آيا. باقي همراه مير عاقل جو ساٿ ڏيئي بيهي رهيا. ممڪن اچي سڃڻي کي گهيرو ڪيو ۽ مير عاقل کي چيائون: تو پاڻ چيو هو ته جڏهن مڙس تي ڪا اوکي ويل اچي ته ڪيس گهوڙي تان هيٺ لهي اچڻ کپيا هيءَ اها ئي ويل آهي سو تون پنهنجي قول کي پاڻي ڏي!

مير عاقل ائين ئي ڪيو (٣٣٢-١)، ۽ گهوڙي جي مشڪين ۾ هٿ وجهي، خدا کي ياد ڪري، هيٺ لهي آيو. الي ئي پن نن ماڻهن سان منهن ڏيندي شهيد ٿي ويو!

خان خانان مهابت خان (١) جي فتور وقت شريرالملڪ (٢) جيڪو سلطان شهريار (٣) ڪان اڳ ٺٽي جو صوبه دار هو،

---

(١) زمان بيگ ولد غيور بيگ - خطاب، مهابت خان خان خانان. متوفي ١٠٤٤ه. اهو فتور سال (٢١ جلوس جهانگيري جيڪو اڳاري ڏينهن ٢٢ جمادي الثاني ١٠٣٥ه ۾ شروع ٿيو) پٽ (جهلم درياهه) وٽ واقع ٿيو (ڏسو ماثر الامراء ٢٩٧ تزڪ ٤١٣)

(٢) شريف الملڪ ١٠٣٥ه تاري ٺٽي جو حاڪم هو. شهزادو شاهجهان رمضان جي پڇاڙيءَ يا شوال جي شروعات (١٠٣٥ه) تاري ٺٽي پهتو (ڏسو تزڪ ٤٢١-٤٠٣-٤٢٥ ۽ تحفته الڪرام ج ٣- ص ٩٤)

(٣) سيد بايزيد بخاري- خطاب، مصطفي خان، ذوالحج ١٠٣٤ه يا محرم جي شروعات ١٠٣٥ه تاري فوت ٿيو. ٺٽي جي حڪومت پوءِ سلطان شهريار کي ملي. (ڏسو تزڪ ص ٤٠٧).

سميجن انڙن تي چڙهائي ڪرڻ جي ساڳي لاڪات واري ڳوٺ ۾ اچي ويٺو هو ۽ يار محمد ڪوڪه ڪي لشڪر سميت اتي گهرايو هئائين جيئن هڪ ٻئي جي سات سان سميجن انڙن تي ڪاهه ڪئي وڃي. جڏهن يار محمد ڪوڪه پنهنجي لشڪر سان آن وٽ ويو ته شرير الملڪ (١) پنهنجي فوج کي سيوهڻ ڏي مقرر ڪيو، جا قلعي ۾ اچي داخل ٿي. ايئن هن ٻنا ڪنهن تحريري حڪم جي سيوهڻ جو علائقو شير خواجه جي ماڻهن کان هٿ ڪري پنهنجي قبضي ۾ آندو.

شمس الدين جي عملداري

ٻوءِ هو (شرير الملڪ) شمس الدين کي هتان جو حاڪم مقرر ڪري پاڻ ٺٽي ڏانهن هليو ويو. سميجن انڙن سان ڪابه هٿ چوهي نه ڪيائين. انهيءَ شمس الدين جي عملداري جهڙي هئي تهڙي نه هئي، چاڪاڻ ته هن وڳوڙين کي هٿ ئي نه لاتو. پر هڪ دفعي (٣٣٢-٢) خواجه عارف نالي پنهنجي ڪنهن عزيز کي سپاهه ساڻ ڏيئي باغبان واري پرڳڻي ۾ سميجن ڏي ڪاهي وڃڻ لاءِ موڪليائين. هن اتي وڃي ڪا سوڀ نه ڪئي ۽ واپس اڪبر آباد جي ڳوٺ ۾ اچي پهتو. هتي ٻه سميجا ڏيپا، پاسي وارن پنهورن ۾ مهمان ٿي ٽڪيل هئا، جن کي خواجه عارف گرفتار ڪري سيوهڻ ڏانهن روانو ڏيو. پنهورن پنهنجي مهمانن جي پڪڙجڻ تي شورش ڪئي ۽ خواجه عارف سان وڙهي کيس شڪست ڏنائون. سندس لشڪر مان ٻارهن کن بازو قتل ٿي ويا، جن ۾ ڪي سوار ته ڪي پيادا هئا، خواجه عارف پنهي (گرفتار ٿيل) سميجن کي ماري ڇڏيو ۽ پاڻ سهڪندو اچي سيوهڻ جي قلعي ۾ پهتو. شمس الدين بي پير، لطيف بيگ

---

(١) ڏسو تعليقات، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

(٣٣٣-١) ۾ ٻين اوڙهن ڇٽن (شاهي ملازمن) کي شهيد ڪري هڪ اونهيءَ کڏ ۾ دفنائي ڇڏيو. باقي ظلم ستم جيڪي شريرالملڪ جي ماڻهن سان ڪيا ويا، سي بہ ساڳيءَ وبت عمل ۾ آيا. انهيءَ ڪري هن جي جاءِ تي وري نوروز بيگ نالي ٻئي عملدار کي وڪيو ويو. وڃڻ وقت هُن رعيت ۽ واپارين کان سڀئي بقاياڻون ڇڪي تائي وصول ڪيون. اهڙيءَ طرح قرض ۽ ڏنڊ اُگاڙي، ملڪ جو تختو اونڌو ڪري، ننئي پيڙو وڃي ٿيو.

اها ٻهرين بدعت هن ملڪ ۾ شروع ٿي
جو قرآن جي آيت ولاتذر و ازرة و زر آخري-
تي عمل نہ ڪيو ويو. (١)

نوروز بيگ جي عملداري

هن (نوروز بيگ) جي عملداريءَ ملڪ کي ويتر زبون ڪري ڇڏيو. ليڪن شيخ مصطفيٰ ڪروڙيءَ باغبانن واري پرڳڻي ۾ نومڙين سان منهن ڏيندي چڱي مڙسي ڏيکاري. اهو واقعو هن طرح ظهور ۾ آيو: هي باغبانن جي پرڳڻي سان وصولي ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۾ اچي قلعي جي پاهران ترسيو، وٽس ست ستر پنهنجا سوار موجود هئا (٣٣٣-١). ايتري ۾ نومڙين اچي سيوهڻ جي پرڳڻن سان ڦر لٽ ڪئي. اها خبر ڏينهن لڙندي مهل سيوهڻ ۾ اچي پهتي. شيخ مصطفيٰ جيئن قلعي جي ٻاهران ويٺو هو، ڪيئن ڪاڙ ٻڌي، انهن نياڳن جو پيڇو ڪيائين ۽ ناو جي ڳوٺ وٽ وڃي کين پهتو. اڳي سانجهي ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري ماڻهن کيس چيو تہ هاڻ اوير ٿي ويئي آهي ۽ غنيم بہ مال هڪلي وڃي جبل ۾ ٺانيڪو ٿيو، چڱو ائين آهي تہ توهان واپس

---

(١) ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي.

هليو ويو! پر هو نه مڙيو، گهوڙن کي گاهه پٺو ڏيئي وري انهن کي سنجي، سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ اڳتي وڌيو. سڄي رات پنڌ هنيائين، پٺي ڏينهن ڪانو سج مٿي چڙهي آيو ته به ڪاهيندو رهيو، وڳوڙين کي اچا ڪا به ڪل ڪانه پيئي هئي. هو بي اونا ٿي گهوڙا ۽ پيو مال چاري وارن پاسن ڏانهن آماڻي، پاڻيءَ جي هڪ تلاءَ تي سمهي پيا. اوچتو لشڪر مٿن ڪاهي آيو، کن پل ۾ نومڙين جا چاليهارو ماڻهو مارجي ويا. جن جون مسيون لاهي (٣٣٤-١) سندن گهوڙا ۽ ڏڍا هٿ ڪيائين ۽ رعيت کي به ڏور ڏڳا موٽرائي ڏنائين.

سيف الملوڪ ڪاشغري جي عملداري:

نوروزبيگ جي تبادلي کان پوءِ سيف الملوڪ ڪاشغري هتان جو حاڪم ٿيو. هن سان پين منصبدارن جو جٿو به ساڻ هو. ڪيس خريف تنخواه ۾ ڏنل هئي. پر هي خريف جي فصل ڪڇڻ کان پوءِ آيو ۽ ربيع به آڪلاءَ ۾ هئي. نوروزبيگ اڳوات ئي خريف تي قبضو ڪري چڪو هو. سيف الملوڪ پنهنجو حصو وصول ڪري ڪانئس دستاويز لکرائي ورتو، جيئن خريف جي جوابداريءَ لاءِ ان کي ثبوت طور دربار ۾ پيش ڪري سگهي. باقي ربيع جي فصل تي هن پاڻ ئي ڏاڪو ڇمايو. هيءُ هڪ جري سپاهي هو.

هڪ دفعي مهدي نالي پنهنجي ڀاءُ کي لشڪر ساڻ ڏيئي سن جي پرڳڻي ڏانهن موڪليائين، انهي خيال سان ته جيئن ساڻهن تي لشڪر جو رعب وهجي وڃي ۽ سميجا آنڍ به ڏهڪاءَ ۾ اچي وڃن (٣٣٤-٢). هن جي مرضي هئي ته سن جي گهيڙ وٺان سميجن انڙن ڏانهن نيي وڃي، پر اينتري ۾ سميجا سن جي سيدن کي وچ ۾ آڻي، پنهنجا چار سردار اڳ ۾ ڪري،

مهدي سلطان سان اچي مليا. هو ڪين پنهنجي پاڻ وٽ سيوهڻ ۾ وٺي آيو. پاڻس سپاهگيريءَ جي تدبير موجب انهن کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سميجن تي ڪاهي وڃڻ جا گهاٽ گهڙيندو رهيو.

ٻئي دفعي نومڙين حويليءَ جي پرڳڻي وارن ڳوٺن تي چڙهائي ڪئي، جنهن جي خبر ماڻهن وڃي سيف الملوڪ کي ڏني. هن وري مهدي سلطان کي لشڪر ساڻ ڏيئي نار جي ڳوٺ ڏانهن اماڻيو. مهدي سلطان پنڌ هڻي وڃي نار جي قلعي ۾ رات رهي پيو. صبح ٿي نومڙيا ٽڪر جو پاسو وٺي، نار ڳوٺ جي متان لنگهي (٣٣٥-١)، ڪڇيءَ واري ڳوٺ تي (جيڪو نار جي اورئين پاسي سيوهڻ جي قلعي طرف هو) ڪاهي، ماڻهن جو مال ڪڍي ويا. پوياڙيءَ جي مهل اها خبر سيف الملوڪ تائين پهتي، جيتوڻيڪ اڳ ۾ ئي لشڪر کي پنهنجي پاڻ سان ڏياري موڪليو هئائين ۽ وٽس ڪن پوڙهن سوارن کان سواءِ ڪو سپاهه به ڪونه هو، ته به اها خبر ٻڌڻ شرط غيرت ۾ اچي آتاوليءَ مان چار پنج سوار ساڻ ڪري نڪتو. سندس پاڻ مهدي سلطان کانئس اڳ نار جي ڳوٺ مان نڪري سانجهيءَ جي نماز مهل وڳوڙين سان وڃي پهتو. هنن جبل جو پاسو ورتو، ۽ ٻنهي ڌرين ۾ تيرن بندوقن جي ويڙهه شروع ٿي ويئي. انهيءَ ويڙهه ۾ ڪوبه ماڻهو نه مئو، پر غنيم شڪست کائي پوئتي موٽي ويو. آخر مهدي سلطان به ماڻهن جا ڍور ڍڳا نومڙين کان ورائي (٣٣٥-٢) پوئتي موٽ کاڌي ۽ وات تي ٻيئي پاڻ گڏجي سيوهڻ هليا ويا.

احمد بيگ خان جي عملداري: (١)

جيئن خريف جي فصل جو آڪلاءُ ٿيو ۽ سميجن تي چڙهائي ڪرڻ جو وقت آيو، ته سيف الملوڪ کي بدلي ڪري

---

(١) ڏسو تعليقات، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

جوٽيجن جي پرڳڻي ڪان سواءِ باقي سمورو علائقو احمد بيگ خان جي حوالي ڪيو ويو. احمد بيگ خان جي اچڻ ڌائين مرتضيٰ خان مرزا حسام الدين (١) جيڪو ان وقت ٺٽي جو صوبه دار هو، پنهنجن ماڻهن محمد رضا بيگ کي حاڪم ۽ ابراهيم بيگ کي ديوان جي حيثيت ۾ هتان جي عملداريءَ لاءِ موڪليو. هنن اچي خريف جي فصل تي قبضو ڪيو. ايتري ۾ احمد بيگ خان به اچي پهتو. هن پنهنجي اوائلي ڏينهن ۾ ماڻهن سان مٺو سلوڪ ڪيو، ۽ هوريان ڏاڍيان سڀني پرڳڻن ۽ ڳوٺن جا ارباب توڙي مقدم وٽس اچي رهيا. احمد بيگ خان جڏهن ڏٺو ته سڀئي پاهريان ماڻهو سيوهڻ ۾ پهچي چڪا آهن ته پنهنجي پاءُ مرزا يوسف کي (١-٣٣٦) جو ساڙس ڳڏ هو ۽ ظلم ستم ۾ حجاج بن يوسف جي استاد جو درجو ٿي رکيائين، سڀڪجهه حوالي ڪري، پنهنجي مهر سان ڪيس اختيار جو پروانو ڏيئي ڇڏيائين. هن پوءِ پنهنجي گهر کي سرڪاري دفتر بڻائي، ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون.

مرزا يوسف پرينڌي ٿي اهو ڪارنامو ڪيو جو اڳين عملدارن کي بنا ڪنهن پڇا ۽ حساب ڪتاب جي قيد ۾ وجهي ڇڏيائين. ان ڪان پوءِ ملڪ جي اربابن جي توٽي تپائي ڏنائين. پيو ڪم اهو ڪيائين جو چغل خورن جي چوڻ تي لڳي پوٽي جي آبادي وارن پنهورن جي ڳوٺن جهڙوڪ آراڙي وغيره (جن جو تفصيل اڳتي ڏنو ويندو) ۽ اڪبرآباد واري واهي جيڪي اڳ ڪڏهن به ضبطيءَ هيٺ نه آيل هئا ۽ انهن ڪان ڪا به ڍل نٿي ورتي ويئي، تن تي زوريءَ قبضي ڪرڻ ۽ مٿن ڍل مڙهڻ جو ارادو ڪيائين. تنهن ڪان سواءِ سيوهڻ جي ٻنهي پرڳڻن جي مال (يورن ڍڳن) لاءِ حڪم ڪيائين ته انهن تي داغ (ڏنڀ) لڳايا وڃن ۽ مال جي ڳڻپ ڪرڻ ۾ اچي. ان ڪان اڳ جهانگير

---

(١) ڏسو تعليقات.

بادشاه جي زماني ۾ اهو ڏنڊ ڏيڻ وارو رواج مغل سلطنت اندر ختم ڪيو ويو هو. (٢٣٦-٢) ۽ اڄ ڏينهن (١٠٤٤هـ) تائين اهو فرمان هن ملڪ ۾ جاري هو. اهو حال ڏسي پچنديءَ وارا ڪي ارباب جهڙوڪ بهاءالدين پنهور ۽ ٻيا رات وچ ۾ ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، ليڪن پنهورن جا ٻيا سردار ارباب علي ۽ ارباب دائود جيڪي بهاءالدين جي برخلاف هئا، تن ڀڄڻ جي ڪانهه ڪئي. انهن مان ايڪيتاليهن ڄڻن کي حڪم مليو ته اڪبرآباد واري واهيءَ جي ڳوٺ کي وڃي ضبطيءَ ۾ آڻين. ان لاءِ ڪي پنهنجا ماڻهو به ساڻن گڏي موڪليائين. جڏهن اهي اڪبرآباد واري واهيءَ ۾ پهتا ته بهاءالدين پنهور جي ماڻهن جابلو ماڻهن سان گڏجي انهن ايڪيتاليهن ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. باقي وهيل ارباب، مقدم، پٽواري وغيره پنهنجن گماشتن سان گڏ دشمنن جا قيدي ٿي ويا. ان واقعي کان پوءِ هن بيت جي مطلب موجب آسمان گردش ۾ اچي ويو:

چو خواهد که ويران کند عالمي
نهد ملک در پنجه اي ظالمي

”خدا جڏهن ڪنهن ملڪ کي ويران ڪرڻ
گهري ٿو ته ان کي ظالم جي هٿ ۾
ڏيئي ٿو ڇڏي.“

اهڙيءَ ريت ماڻهن سان عقوبتون ٿيڻ لڳيون. ڳالهه وڃي ايستائين پهتي، جو هر روز ڪنهن نه ڪنهن منزل تي وقت جي حاڪم ٻن ٽن سون ماڻهن کي ناحق ڦٽڪا پئي هڻايا. اهي ڦٽڪا سو ڪان وٺي ٻن سون تائين هڪ ماڻهوءَ جي پٺيءَ تي لڳندا ٿي وهيا. هڪ پاڻولي خاص انهيءَ ڪم لاءِ سيڙائي ويهاريو ويو هو ته ڦٽڪا لڳندي جيڪڏهن انهن جون کهيون ڇڄي

پون ته اهي بروقت سبي ٿاهي ٺيڪ ڪيون وڃن.

احمد بيگ خان پنهنجي عادت موجب سارو ڏينهن محل اندر پيو رهيو. رڳو رات جو ٻاهر اچي ڪچهري ٿي لڳرايائين، ۽ اها ڪچهري رات جي پوئين پهر تائين هلندي هئي. مرزا يوسف ان وقت به پنهنجي پاڻ وٽ اچي ان جي روبرو به ماڻهن کي ڦٽڪا پئي هڻايا. ڦٽڪن هڻندي جيڪڏهن ڪو ماڻهو مري پوندو هو ته ان جي ڪيس ڪا به پرواهه نه هوندي هئي. هونئن به عام طرح شيعي مذهب وارن لاءِ سنين کي آزارڻ (٢-٣٣٧) وڏي عبادت سمجهي وڃي ٿي. (١)

اهو ظلم ايتري تائين وڌي ويو، جو سيوهڻ شهر جي ڪنهن به زال يا مرد بابت جيئن به خبر پيئي ٿي ته هن وٽ ڪا شيءِ آهي ته ان کي گهرائي مٿس ڪانه ڪا تهمت ڌري ڪيس ڦٽڪا لڳرايا ٿي ويا ۽ جيڪي ڪجهه وٽس هو تنهن تي قبضو ڪيو ٿي ويو. ملڪ ۾ جنهن وٽ به ڪو اٺ يا وهٽ هو ته زوريءَ ڪانئس کسي ان کي سرڪاري ملڪيت ۾ داخل ڪيو ٿي ويو. اها هئي سندس ظلم جي نرالي نوعيت، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن جا ٻيا ڪلور ڪهڙا هوندا.

هن سيني گهٽن ٿي پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيا هئا. سندس حڪم هو ته منهنجي مُهر کان سواءِ ڪنهن کي به نه ڇڏيو وڃي. جيڪا ٻيڙي مٿان کان هيٺ ٿي يا هيٺان کان مٿي پئي آئي ويئي، آن جي ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرائي، قابو ڪري، ڪي ڏينهن ٻيڙيءَ کي اک ۾ ٿي رکيائون. سوداگرن ٿي زوربار وڃهندا ٿي رهيا ته اتي ئي پنهنجي مڏي لاهين، ۽ نيٺ اهي ويچارا تنگ ٿي سندن زوربار کان هر ٻيڙيءَ تي ڏن ڏيئي جند ڇڏائيندا ٿي ويا. تنهن کان پوءِ (١-٣٣٨) سوداگرن ۽ مهاڻن کي ڇڏي،

---

(١) حقيقت ۾ ظالم جو ڪوبه مذهب نه.

باقي نوڪرن چاڪرن کي قيد ڪري، ڪين ڦٽڪا هڻي زور پريو ڏي ويو ته سرڪاري غلام ٿين. سوداگرن کان جن به موڙي هٿ پئي ڪئي تن کان اها موڙي اڌ بها ۾ ورتي ٿي ويئي. جنهن ڳوٺ جا رهاڪو ٻيڙيءَ تي ڌاڙو هڻي مال کڻي ٿي آيا، تن کي قيد کان معافي ڏيئي، سروپا ڍڪائي، سرڪاري ملازمت ۾ رکيو ٿي ويو. آئنده لاءِ انهن کي تاڪيد ڪيو پئي ويو ته اوهان کي جتان به ڪا ملڪيت هٿ اچي سا حاڪم اڳيان آڻي حاضر ڪريو.

بنگال مان جوئارين جا ٽولا گهرائي انهن کي شهر جي گهٽين ۾ ڇيڪ چڙهيو ويو. اهي جوئاري آئي وٽي کي زوريءَ جوئا کيڏڻ تي مجبور ڪري، ان جا کيسا خالي ڪندا ٿي رهيا. جيڪڏهن هارائڻ کان پوءِ ڪنهن ڏانهن ڪجهه باقي ٿي رهيو، ته ان ويچاري جا ڪپڙا بدن تان لهرايا ٿي ويا.

سيوهڻ جي شريف ۽ معزز ماڻهن کي گهرائي، انهن کان شهر جي چوڌاري قلعي جو آئرو (بنياد) کٽائي، کين حڪم ڏنو ويو ته هرڪو پنهنجي مٽي تي مٽي ڍوئي، اڏاوت ۾ بيگار وهي (٢٣٨-٢). جيڪو ماڻهو پاڻ ڪم ڪرڻ جهڙو نه هو ۽ پنهنجي بدران ڪو مزدور مڙو ٿي وهائڻ گهريائين ته ان ويچاري مان جنيون ٿي ڪرايون ويون.

هڪ دفعي سامتياڻين جي قاضي عبدالواحد کان زبردستيءَ سو رپين جو دستاويز لکرائي ابراهيم پروچ کي وکرو ڪيو ويو. پوءِ قاضيءَ ۽ پروچ کي آهون ماهون بيهاري، ڦٽڪن هڻڻ جو حڪم ڏيو ته تون ابراهيم پروچ کي هڪڙو ڦٽڪو هڻي ڪانئس سو رپئي جي گهر ڪر. هوڏانهن ابراهيم پروچ کي حڪم مليو ته تون وري قاضي عبدالواحد کي ڦٽڪو هڻي وٽانس هڪ سو رپيا طلب ڪر!

نيٺ سنئيل منصوبي موجب:

ڦٽڪي وارو ابراهيم پروچ کي هڪ ڦٽڪو وهائي
ڪيس چوندو رهيو ته جلدي ڪر هڪ سو رپيا هلاءِ!
ابراهيم پروچ وري قاضي عبدالواحد کي ڦٽڪو هڻي
ٿي چوڻ لڳو ته وارو ڪر هڪ سو رپيا هڻ مان ڪيا!!
جنهن ڏينهن تي سيوهڻ ۾ اهو سانگ رچايو ويو، اهو ڏينهن شهر جي ماڻهن لاءِ ڪاري قيام برابر هو. ڪي ماڻهو اهڙا به هئا، جيڪي تماشائي بڻجي کلندا ٿي رهيا. ان ڪان علاوه چغل خورن ۽ ڪمينن ماڻهن کي ”حقيقت دان“ جو لقب سليل هو ۽ تورماپ جي دستور ۾ به گهٽي قدر واڌ ڪان ڪم ورتو ٿي ويو. ماڻهن جون زمينون ضبط ڪري، انهن تي ڳريون ڍلون مڙهي، زوريءَ وصوليون ڪيون ٿي وئيون. (٣٣٩-١) اهي ڍلون اهڙيون اٽايون هيون جو ماڻهو پنهنجي جان ڇڏائي نه ٿي سگهيا. آخرڪار انهن کي پنهنجي پوک جي اپت مان ڳڏ ڍوو ڍڳي ۽ ٻني ٻاري سميت گهر تڙ وڪڻي پورت ڪرڻي ٿي پيئي.
هڪ ڀيري ربيع جي فصل ۾ اهڙي آسماني آفت اچي نازل ٿي، جو ٻيڻل فصل صفا سوڪ ٿي ويا، جنهن کو پوتو باقي رهيو تنهن ۾ به ان ڪٿو ڪونه هو. مرزا يوسف (١) جي مرضي هئي ته ٻنيون داڻي بنديءَ هيٺ آڻي، آسماني آفت جي ڳالهه درگذر ڪري، ماڻهن کان ايندڙ خريف جي فصل تان اڳاڙي ڪئي وڃي. رعيت ويچاريءَ کي خريف جي وصوليءَ ادا ڪرڻ جي طاقت ڪانه هئي. تنهن ڪري هر ڪنهن پاڄ ۾ منهن وڌو (٣٣٩-٢). نتيجو اهو نڪتو جو واڇن جا راڄ پنهنجي پوک ڇڏي ڀڄي ويا. ڳو جيڪي ماڻهو اڳوات قيدن ۾ قابو هئا اهي اتيئي رهيا. جيڪي تڙ تڪڙ ۾ گهر ڇڏي وٺي

---

(١) نسخي ’ب‘ ۾ هتان هڪ ورق (٣٥٥) غائب آهي.

پيڳا، تن جو ارڪو ترڪو احمد بيگ خان جا سپاهي تڳائي ويا. رهي ڪهي ڪسر وري و ڳوڙهن اچي پوري ڪئي.

اهڙو ڪوبہ ماڻهُ پٽ ڪونہ هو، جيڪو دل جهلي مرزا يوسف جون ڦهري ڪارروايون وچي احمد بيگ خان وٽ بيان ڪري تہ تنهنجي پاڻ اجهو هيڻ۽ پاوڻ پاري ڏنو آهي. نيٺ راقم الحروف (يوسف ميرڪ) هڪ رات وجهہ وٺي احمد بيگ خان کي چٺي ڏنو تہ ”هي۽ ملڪ خدا جو آهي، جنهن ان کي بادشاهہ جي حوالي ڪيو ۽ بادشاهہ توکي پنهنجو نائب مقرر ڪري ملڪ جو والي بڻايو، ۽ تو وري خدا جي مخلوق کي پنهنجي ظالم پاڻ جي تحويل ۾ ڏيئي ان جو خانو خراب ڪري ڇڏيو. قيامت جي ڏينهن توکان ضرور پڇاڻو ٿيندو. ان کان اڳ بادشاهہ پڻ توکي وٽ ڪندو (٤.٣٤-١). قدرت سان انهن ڳالهين جو مٿس ڪجهہ اثر پيو. اتفاق سان پاڻس ان وقت هڪڙي چغل خور کي سروپا ڏيکائي، انهي۽ چبوتري جي هيٺان وٺي آيو، جنهن تي احمد بيگ خان ويٺل هو. اهو چغل خور پنگ پيتل هو ۽ پنڪيون پئي کاڌائين، سندس وات آل ڪانو وانگر ڦاٽل هو. احمد بيگ خان پنهنجي هڪ ماڻهو۽ کي حڪم ڏنو تہ هن پنگي۽ جي وات ۾ مٽي وجهہ ا هن ائين ڪيو. ان رات ٻہ ٽي سو ماڻهو قيد مان آزاد ڪرايائين ۽ ماڻهن کي قلعي جي بيگار کان روڪيو ويو. تنهن کان پوءِ پنهنجي مهر مرزا يوسف کان کسي پاڻ وٽ رکيائين. پر ان مان ڪهڙو فائدو ٿي سگهيو ٿي، ان حالت ۾ جڏهن ملڪ پينگ تي چڪو هو ۽ ماڻهو پنهنجيون ٻنيون ڇڏي بـر سنهن ڪري پڇي ويا هئا؟ ڪي ڳوٺاڻا جيڪي بوبڪن ۽ ڳاهن وارن پرڳڻن ۾ (٢-٣٤.) آرام سان وڃا هئا، تن کي بہ پنهورن، جاباو ماڻهن سان ملي، اچي تاراج ڪيو هو.

احمد بيگ خان کي جڏهن ان جو پتو پيو تہ سيوهڻ مان نڪري

ڳاهن واري پرڳڻي جي ڳوٺ سامتياڻين ۾ اچي ويٺو، جو بهاءالدين پنهور جو ساڳيو هو. اتي پهچي رعيت کي گهڻيون دلداريون ڏنائين، پر کنهن به مٿس اعتبار نه ڪيو. حالت اها هئي جو جيڪو شخص رات جو وٽس ٿي آيو سو صبح ٿيڻ تي پڇي هليو ٿي ويو.

راقم‌الحروف (يوسف ميرڪ) پنهنجي اختياري وطن جون اهي حالتون ڏسي، انهيءَ ڏي هنڌان احمد بيگ کان موڪلائي، مير جي ڀاڻي سيوهڻ پرڳڻي جي جوڻيجن واري ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو ان زماني ۾ مير ابوالبقا جي جاگير ۾ هو؛ اهو بهانو ان ڪري ڪيائين ته جيئن اتان شاهجهان جي دربار ۾ پهچي، احمد بيگ خان جي عملداريءَ جا ڪارناما (١٤٣-١) وٽس پيش ڪري.

هي جڏهن اهو ارادو ڪري بکر پهتو ته حڪيم صالح، (١) محمد علي بيگ (٢) ۽ مان سنگهه جيڪي ڪنهن زماني ۾ بکر جا حاڪم هئا، تن کي ڪڙڪ پنجي ويٺي ۽ هنن احمد بيگ خان ڏانهن سڄي روئداد لکي موڪلي. احمد بيگ خط پڙهي اچي ششدر ٿيو ۽ ماڻهن تان ظلم جي ٻاهه ڍري ڪري ڇڏيائين. ڪيترن کي ربيع جي فصل ۾ اَن جون ٻاريون بخش ڪيائين. وڏيرن کان به ساڳئي فصل ۾ جيڪي آني ٻهاني اڳاڙيون ڪيون هئائين، سي به ڪين واپس ڏنائين. ان سان گڏ راقم‌الحروف (يوسف ميرڪ) ڏانهن مرهاشم نالي پنهنجي ملازم کي اماڻيائين، ۽ حڪيم صالح، محمد علي بيگ بندري ۽ مان سنگهه کي منٿون پريائين ته دم دلاسو ڏيئي مون کي سيوهڻ موڪلين ۽ منهنجو خيال رکندا اچن، جيئن درياهه اڪري ٻئي پاسي نه هليو وڃي.

---

(١) ڏسو تعليقات.

(٢) ڏسو تعليقات.

ليڪن مير هاشم جي پهچڻ کان اڳ (١٠٤١-٢) آءٌ بکر ڇڏي پنهنجي منزل مقصود ڏانهن روانو ٿي چڪو هوس.

انهيءَ زماني ۾ جڏهن مؤلف جو پاءُ ميرابوالبقا ملتان جو صوبيدار هو، تنهن وٽ پهچي، مون اهو معمو ڪيو ته هندستان جي سفر لاءِ سنبت ڪري نڪران، پر انهيءَ وچ ۾ ميرابوالبقا ملتان مان بدلي ٿي ٺٽي جي صوبيداري لاءِ وڃي رهيو هو(١)، ۽ مون کي ٺٽي وٺي آيو. انهيءَ آسري تي ته ٺٽي پهچي مون کي هندستان جي سفر تي اماڻيو ويندو. قضا سان آب هوا جي تبديليءَ سبب مون کي نزلي جي تڪليف ٿي پيئي، جنهن ڪري مسافري ملتوي ڪرڻي پيم. بهرحال مون خدا جي در باس باسي ڇڏي هئي ته بيماريءَ مان اٿڻ شرط سنڌ جي صورت حال کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، پاڻ سان کڻي وڃي بادشاهه جي حضور ۾ پيش ڪندس. خدا جو شڪر جو هن تقاضا مطابق:

الاهي تو بر نيتم آگهي،
چو نيت بخير است خيرم دهي!

خدايا، تون منهنجي نيت کان واقف آهين؛ نيت چڱي آهي ته نتيجو به چڱو ڪجانءِ. آخرڪار هي ڪتاب "مظهرالتدبير" مڪمل ڪري ورتم، انهيءَ اميد تي ته (١٠٤٢-١) امير عادل، مقوي الاسلام، ابوالمظفر شهاب الدين محمد شاهجهان بادشاهه:

جيڪو ورهين کان خلافت جي ميدان سنواريندو
اچي ٿو، جنهن کي هرڪو پنهنجو مونس ۽ غمگسار
ٿو سمجهي، ضرور هن ڪتاب تي عنايت جي نظر

---

(١) مير ابوالبقا، يمين الدوله پاران ملتان ۾ نائب هو. مرتضيٰ خان حسام الدين انجوجي وفات کان پوءِ ٺٽي جو حاڪم ٿيو. هيءُ واقعو ١٠٣٩ھ ۾ ٿي گذريو.

ڪرڻ فرمائيندو!

هوڏانهن احمدبيگ خان جا ساڳيا لانون ۽ ساڳيا چڱگهه هئا. هيڏانهن ڳاهن واري پرڳڻي ۾ پنهورن سان ڦٽايائين، هوڏانهن خطي واري پرڳڻي کي سميجن آنڙن اچي ويران ڪيو. اهڙيءَ طرح بوبڪن، حويليءَ ۽ سن وارن پرڳڻن ۾ نومڙين ۽ سميجن تباهي آڻي ڇڏي!

هڪ دفعي نومڙين جي ڪٽڪ چڙهائي ڪري سن جي شهر ۾ گهڙيءَ ماڻهن جو مال ڪاهيو ۽ ڏاڍي ڦر لٽ مچائي ڏني. انهيءَ پرڳڻي جي پڳدارن شيخ فتح خان ۽ شيخ حبيب (پنهي ڀائرن) ڀڄي وڃي پنهنجن گهرن ۾ پناهه ورتي(٣٤٢-٢)، ڪن سپاهين ڏاڙيلن جو اڳ ورتو، پر انهن کي به نياڳن ڀورو ڪري ڇڏيو.

احمد بيگ خان کي جڏهن خبر ٻڌائي ويئي ته هن ماڻهن کي سن شهر جي چوڌاري قلعي اڏائڻ جو حڪم ڏنو، جيڪو اڄاتائين (١٠٤٣هه) سوڌو قائم آهي. اهڙيءَ ريت ڳاهن، باغبانن، پاٽ ۽ اڪبرآباد پرڳڻن کي ڇانڊين برباد ڪري ڇڏيو. انهن ڇڪرين ۾ چڱا ماڻهو به چورن سان مليل ٿي ويا. جا لاءِ ته سڄيءَ رعيت ۾ وڳوڙ پئجي چڪو هو. ڪي وڏيرا به وڃي وڳوڙين جي وچ ۾ پناهي ٿيا هئا. ڪن ماڻهن ظالم جاگيردارن جي خطري کان وڳوڙين سان ناهه ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ حالت ۾ مضبوط لشڪر جي ضرورت هئي، جنهن جي وسيلي ماڻهن جي دل وٽي کين ٺانيڪو ڪري ويهاريو وڃي ها. ساڳئي وقت بلوچن، سميجن توڙي ٻين وڳوڙين (٣٤٣-١) جي ٻرڪن مهٽ ڏيڻ کپندي هئي جيڪي هتان هتان اچي ملڪ ۾ فساد پيدا ڪندا پئي رهيا.

احمد بيگ خان جي پاءِ مرزا يوسف جي بدمعاشين سبب لشڪر پاڻ بيزار ٿي چڪو هو. حالت اهڙي هئي، جو ڇئن پنجن مهينن کان سپاهين کي خرچ پکو ڪونه مليو ٿي. هن

وڳوڙ ۾ ويتر لشڪر جي سار سنڀال ڪانه لڌي ويئي، جنهن جي ڪري ڪيترا ڀيرا هي ڀنهورن تي ڪاهي ويا، پر ڪامياب ٿي نه سگهيا جيڪو فصل الاهي آفت جو شڪار ٿي چڪو هو، سو به رعيت جي بدران لشڪر جي قبضي ۾ آيو، جڻ ڪين مفت جي مڏي هٿ اچي ويئي. جيستائين احمدبيگ کو هٿ پير ٿي هڻيو ۽ کس ڪجهه نه ڪجهه هٿ ٿي آيو، تيسين سڀ ڪجهه لفنگ ماڻهو کڻي ٿي ويا. جيڪا مڏي وڳوڙين جي ور چڙهي سا انهن جي ٿي ويئي. انهيءَ احمد بيگ خان جي اياڪاريءَ ۾ جيڪي وستيون ويران ٿي ويون، سي اڃا تائين آسري نه سگهيون. رعيت جي ڪمزور ٿيڻ (٣٤٣-٤) ۽ وڳوڙين جي زور وٺڻ جا اصلي ڪارڻ اهي ئي هئا.

ديندار خان جي عملداري:

احمد بيگ خان جي انڌير جون خبرون جڏهن بکر ۽ ٺٽي جي واقع نويسن ابوالقاسم ٽبا ٽبا (طبا طبا) (١) ۽ مانسنگهه جي وسيلي بادشاهي دربار ۾ پهتيون. ته هن کي هتان بدلي ڪري ملتان موڪليو ويو. سندس جاءِ تي ديندار خان آيو. ديندار خان (٢) جڏهن هتي پهتو ته ساري ملڪ جي ستياناس ٿي چڪي هئي، ليڪن ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيندي، هن سيڪنهن سان سانتيڪي ملوڪ جي روش اختيار ڪئي. هتان جي راڄ ڀاڳ وارن وڏيرن کي هڪ هڪ ڳوٺ جاگير طور ڏنائين. سڄي ملڪ ۾ سواءِ ڪن محالڪارين جي باقي زمينون پنهنجي قبضي ۾ رکيائين، جيڪي سپاهين کي جاگير ڪري

---

(١) ڪتاب جي ٻنهي قلمي نسخن ۾ اهو لفظ ٽبا ٽبا لکيل آهي، جا ڪتابت جي غلطي سمجهڻ کپي- اصل لفظ "طبا طبا" ئي آهي-

(٢) ڏسو تعليقات.

ڏنيون ويون. هن جي ماڻهن ٻهرين سال جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو فائدو حاصل ڪيو، پر ٻئي سال جڏهن رعيت کي دم دلاسو مليو، ته سڀڪنهن لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي پيا. ڪن جاگيردارن کي ڀڳهار کان گهٽي وصولي ٿي. اهڙي نموني ملڪ وري آباد ٿي ويو (٣٤٤-١).

ملڪ جي وڳوڙين سميجن، ننڍن ٽوڙي چانڊين سان ملي روش هلي، کين ڪي ڳوٺ جاگير ڪري ڏنائين. هنن جيتوڻيڪ گهٽ وڌايون به ڪيون، پر انهن سان چڱايون ڪندو رهيو. سميجن انڙن سيوهڻ شهر مان سپاهين جا وهٽ ڪاهيا، قلعي لڳ ماڻهو ماريائون ۽ لٽ ڦر ڪندا رهيا. مان سنگهه جو گماشتو جيڪو سيوهڻ جو واقع نويس هو، تنهن کي قلعي جي لڳ ڪُٺو ويو. سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ ڪو به ٻاهريون شخص شهر ۾ داخل ٿي نه ٿي سگهيو ۽ ڪنهن کي به شهر کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت نه هئي. شهر جي پرسان رعيتي ماڻهن جون جيڪي ٻوڪون هيون تن کي سميجن رات جو اچي ڌاراج پئي ڪيو. جيڪڏهن ٻنيءَ جي مالڪ ڪجهه ڪڇيو ٿي ته ان کي قتل ڪيو ٿي ويو. شهر کان ڪوهه سوا پري (٣٤٤-٢) منديجي (منزي جي) واري گهٽ تي سميجن ڌاڙا هئي ماڻهن کي ٿي ماريو ۽ ڦر لٽ پئي ڪيائون، اٿان جي مهاڻن جو سامان ساڙيندا ٿي رهيا. جيڪو به کين منهن پئي چڙهيو تنهن جي سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ٿي ڇڏيائون. سيوهڻ لڳ ٽوڙي ڳوٺ جي مهاڻن کي به بيدرديءَ سان قتل ڪندا ٿي رهيا ۽ انهن جي گهرن کي باهيون ٿي ڏنائون جيڪي اٿان لڏي اچي شهر جي پر ۾ ويٺا هئا. شهر ۾ جيڪي ڪپڙي جا واپاري هئا، سميجن انهن کي به ڪونه ڇڏيو.

ننڍڙيا ۽ چانڊيا ڏينهن ڏٺي جو سيوهڻ جي شهر مان ماڻهن جو مال ڪاهيو ٿي ويا ۽ بردہ فروشي پئي ڪيائون.

ديندار خان سيڪجهه ڏسندي به سيوهڻ جي قلعي ۾ ويٺو رهيو. نه پاڻ ڪنهن تي چڙهائي ڪيائين، نه وري لشڪر کي ڪاهه ڪرڻ جو حڪم تي ڏنائين (٣٤٥-١). سيوهڻ جي شهر ۾ سميجن چوراڪاريءَ کان ڪين گهٽايو. ديندار خان پنهنجي خرچ تي سيوهڻ جي چوڌاري نئون قلعو تعمير ڪرايو. بس، اهو ئي وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريائين.

هن پنهنجي سانتيڪي سلوڪ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه رهائي ۽ هر تدبير سان ملڪ پنهنجي وس ۾ آڻيندو رهيو. هڪ دفعي سن پرڳڻي جا ارباب سيد يوسف ۽ سيد جنگ، جن کي جاگيرون ڏنيون هئائين، ڪانئس ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي پيا. سيد يوسف درياهه ٽپي سميجن وٽ ويو ۽ سيد جنگ جبل تي وڃي نومڙين سان مليو، ۽ انهن کي ساڻ ڪري ٻيپهريءَ جي وقت سن جي قلعي جا دروازا پٽي شهر ۾ داخل ٿي لٽ ڦر مچائي ڏنائين. پوءِ سن کان ٻاهر عيد گاهه ۾ وڃي ويهي رهيو. خليل الرحمان نالي (٣٤٥-٢) سن جو جاگيردار ۽ ٻوڙين کان هيسجي پنهنجي گهر ۾ لڪي ويٺو. ديندار خان اها خبر ٻڌندي، سيوهڻ جي قلعي کان نڪري اچي شهر جي ٻاهران پير ٽوپڻ جي مزار وٽ ترسيو. سيد جلال کي ڪمڪ ڏيئي سن موڪليائين. جڏهن هو سن جي پرسان پهتو ته نومڙين جبل جو پاسو ورتو. سيد جلال سن ۾ ويهي، پنهي اربابن (سيدن) کي سميجن ۽ نومڙين وٽان پاڻ وٽ گهرايو، ۽ ڪين دلاسن سان گڏ انعام اڪرام ڏنائين، ۽ اڳي کان وڌيڪ مانائتو ڪري پنهنجي ماڳن تي آندائين. ائين فتني جي باهه ٻري ڪري، هو ديندار خان وٽ اچي پهتو.

ٻئي دفعي عربي نالي، ’حلال خور‘ سميجو راهوجو جيڪو حد کان وڌيڪ ڪانڪو هو ۽ خشڪيءَ لوڙي (٣٤٦-١) درياهي رستي ڌاڙا هڻي، ماڻهن کي تنگ ڪري ڇڏيو هئائين، ڪيترا

ماڻهو هن جي هٿان قتل ٿي چڪا هئا، سوداگرن ۽ سپاهين جون به ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيون هئائين. اهو شاهينگ سميجن سان صلح ٿيڻ کان پوءِ به سن ۾ ايندو ٿي رهيو. شيخو بيگ نالي هڪ جوان، جنهن جو پاڻ مٿين ڪاتڪوءَ هٿان قتل ٿيو هو، هڪ ڏينهن انهيءَ ڪاري چور کي ڏسي ورتو، ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائين. ديندار خان کي پتو پيو ته شيخو بيگ کي ڪيترا ڏينهن قيد ۾ هٽي اهو ارادو ڪندو رهيو ته انهيءَ چور جي قتل تي هن کي مارائي ڇڏجي، پر ڪن ماڻهن جي سفارش تي کيس مارڻ بدران نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائين.

ديندار خان جي نيڪين جي ڪري وڳوڙين آخر نرمي اختيار ڪئي، ۽ سندس جاگير مان وڳوڙ گهٽجي ويا ۽ سيني سندس فرمانبرداريءَ ڏانهن رخ رکيو.

ٿوري وقت ۾ ملڪ هن جي ضابطي هيٺ اچي ويو. (٣٤٦-٢). خريف تخاقوئيل (١)(١٠٤٣هه) جي موسم ۾ پاڻ سان برجستو لشڪر ساڻ ڪري درياهه اڪري، هو جهانگيرآباد جي ڳوٺ ۾ وڃي ويٺو ۽ اتان جي لاکن جون پوکيل پنيون پنهنجي قبضي ڪيائين. پوءِ سميجا انڙ ميڙ وٺي وٽس آيا، ۽ جتي هئا اتي آرام سان رهي پيا ۽ دل ڏيڻ لڳا.

انهيءَ پاسي جا لاکا، سميجن انڙن جي ڦهري ڪارروائن کان تنگ ٿي، شاهي دربار ڏانهن دانهين ٿي ويا هئا. اتان کين قليچ خان جي نالي پروانو مليو هو ته سميجن انڙن کي سيکت ملڻ کپي. هن بهادر خواجه نالي منصبدار کي لاکن سان گڏي، سميجن کي سيکت ڏيارڻ لاءِ ديندار خان ڏانهن ڏياري موڪليو. ديندار خان فريادي ڌر کي پنهنجي پاران زمين

---

(١) ترڪن جي ٻارهين سال جي دوري مان مريخ جي نالي ڏهون سال. (مترجم)

۽ روڪڙ انعام (٧-٣٤-١) ڏيئي ڪانئن اقرارنامو لکرائي ورتو. پوءِ پاڻ جهانگيرآباد ڏانهن ڪوچ ڪري سميجن جا ڳوٺ وينجهڙو وغيره زير ڪندو، اڳتي وڌندو ويو. سميجا پنهنجن ماڳن لڏي ٿي ويا، پر سنڌن سردار ديندار خان ساڻ گڏ هئا. هو سنڌيجي واري گهٽ ڪان سيوهڻ جي شهر ۾ آيو. سميجن جا سڙيئي سردار ونس موجود هئا. اهي پوءِ سيوهڻ ۾ رهي پيا ۽ ڪوبه ڦڏو نه ڪيائون. ديندار خان ماڳهين سال درياهه اڪري سميجن انڙن وٽ وڃي ويٺو، جن پنهنجي پوک مان ڪيس اناج جو حصو ڏيڻو ڪيو. هاڻي اهو وقت اچي چڪو هو، جو هي سپاهگريءَ جي تدبيرسان انڙن کي سات ڪري، پنهنجي هٿ وس آڻي ٿي سگهيو، پر ايتري ۾ هن کي بدلي ڪري سنڌس جاءِ تي جان نثارخان (١) کي آندو ويو (٧-٣٤-٢).

سميجن کي جڏهن ديندار خان جي بدليءَ جي خبر پيئي تڏهن هنن سنڌس ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو، جيڪي اناج جي اوڳاڙيءَ لاءِ سنڌن ديهن ۾ وبل هئا، ان ساڻ گڏ سنڌن گهوڙا ۽ وهٽ به پنهنجي قبضي ڪيائون باقي جيڪي بچيا اهي پڇي ديندار وٽ اچي پهتا. پر هو ماڻ ميٺ ۾ درياهه اڪري سيوهڻ جي قلعي ۾ هليو آيو. انهيءَ واقعي ڪان پوءِ سميجا "ڪتي جا پُڇ" سڏجڻ لڳا. جيئن ڪتي جي پُڇ مان ڪنهن به ريت ور نڪري نه ٿو سگهي، تيئن سميجا هزار احسان هوندي به پنهنجي بڇڙائيءَ ڪان باز نه ٿا اچن ۽ ترار جي ڏڪ ڪان سواءِ سڌا ٿي نه ٿا سگهن.

ديندار خان جي عملداري رعيتي راڄ تـوڙي پڳدارن ۽ سپاهين لاءِ هر طرح ڪارائتي ثابت ٿي. هي صوفين ۽ مجذوبن جو ڏاڍو معتقد هو (٨-٣٤-١)، سدائين بزرگن جا عرس پيئي ڪيائين، ڪو ڏينهن يا ڪا رات اهڙي نه هئي جو ڪنهن

(١) ڏسو تعليقات.

نه ڪنهن بزرگ جو عرس سندس جاءِ تي نه پئي ٿيو. هر مهيني ڪيئي عرس ڪندو رهيو، جن ۾ راڳ ۽ سماع جون محفلون به ٿينديون هيون. هن وٽ ڪيئي قوال ۽ ميراثي موجود هئا. اهڙيءَ ريت قرآن جي تلاوت سان به گهڻو چاهه رکندو تي آيو. گهڻو ڪري روزي ۾ پئي گذاريائين. شعبان جي مهيني ۾ اونهاري تو ڙي سياري چند وارن ڏينهن تي روزا رکندو هو. رمضان سان خاص ڪري ڏاڍي دل هوندي هوس، انهي مهيني خرچ گهڻو تي ڪيائين. سڄو سال رمضان جو سامان گڏ ڪندو تي رهيو، جيڪو انهيءَ مهيني ۾ صرف ڪري تي ڇڏيائين. روزي ڪرڻ مهل سندس مجلس ۾ بهترين کاڌا، ميوا ۽ مٺايون سال هوندا هئا. تراويحن جي نماز تي به ٽي چار سو ماڻهو وٽس تي آيا. هي قرآن جو ختم پڙهن پر بيهي ٻڌندو هو ۽ ستاويهينءَ جي رات تائين اهو سلسلو جاري رکندو پئي آيو. عالمن، حافظن (٣٤٨-٢) توڙي ٻين پلاون کي خوب خيراتون پئي ڏنائين، ۽ صبح کان پوءِ وري پاڻ قرآن کي هڪ ڏينهن ۾ پڙهي پورو تي ڪيائين.

سياري ۾ سڀني سپاهين ۽ چاڻ سڃاڻ وارن کي سروپا ڏڪائيندو هو. ڪيترن اسيرن ۽ رعيت جي پڳدارن کي ايتريون پوشاڪون پئي ڏنائين، جيڪي هو سڄو سال چوڙيندا تي رهيا. جيڪڏهن سفر ۾ هوندو هو ته سڀني ننڍن وڏن کي الڳ الڳ پنهنجي دولت خاني سان طعام وڌرائي موڪليندو پئي رهيو. جتي به ڪنهن بزرگ جي مزار بابت پئي ٻڌائين ته ان جي زيارت لاءِ پئي ويو، ۽ ان جي مرمت يا عمارت لاءِ خرچ ڪندو تي رهيو. (١)

ديندار خان جي ذاتي جاگير واري رعايا سندس وڪيل

---

(١) ڏسو تعليقات: قلندر شهباز ۽ ڇتو امرائيءَ جو بيان.

قاضي پيري جي جڙتو نيڪيداويءَ جي ڪري ڏاڍي عذاب ۾ مبتلا هئي. هو عين موقعي تي ڳوٺ جي وڏيرن ۽ مقدمن کي پاڻ وٽ سڏائي، قيد ۾ وجهرائي (٩٤٣-١) کانئن زبردستيءَ گذريل سال جون هيڪوئين جون، پيٽيون بقاياڻون لکرائي وٺندو هو. هنن تي اهو زور به پئي وڌائين ته آئندي هيتري يا هيتري بني پوکائيندا، ٻيءَ حالت ۾ کين بيدخل ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. هن اهو نه پئي ڄاتو ته انهن جي گهر ۾ ڪجهه به موجود ناهي ۽ پوک جي آپت رعيت جي دل وڻڻ سان ئي وڌائي سگهجي ٿي. انهن کي اهي ئي ڳالهيون وڌيڪ پورهئي ڪرڻ لاءِ همٿائي سگهن ٿيون، جيڪي سندن دل وٽان هجن. ٻيءَ حالت ۾ ڪوبه ظلم يا زوو ڪارگر ٿي نه ٿو سگهي.

هو فصل لهڻ وقت قانونگوين کي تاڪيد ڪندو هو ته آپت جو اندازو لڳايو وڃي. سندس ڪوشش هئي تـه ڪابه شيءِ گهٽ وڌ شمار نه ٿئي. پوءِ وري سڄي حساب کي ڏهوڻ، ويهوڻ تائين وڌائي اهي انگ اکر اربابن ۽ مقدمن کي ٿي ڏيکاريائين. انهيءَ طرح سندس ظلم ستم جي ڪا حد ئي نه هوندي هئي. آخرڪار ارباب ۽ مقدم سندس نيڪي جا شرط قبول ڪري دستاويز لکي ڏيندا هئا. رعيت گهٽيون ٿي دانهون ڪوڪون ڪندي ٿي رهي، پر هن کي ڪابه پرواهه نـه هئي (٩٤٣-٢). اهڙيءَ طـرح رعيت کي اربابن ۽ مقدمن جي حوالي ڪيو ٿي ويو ۽ اربابن ۽ مقدمن وري پنهنجا حصا وڌائي نيڪي جي پورائيءَ جو بار رعيت مٿان ٿي وڌو. رعيت کي فصل جا پيئي پاسا ڏيئي پورت ڪرڻي پوندي هئي تـه به آن جي جند ڪانه ٿي ڇٽي. انهيءَ زيادتيءَ جي ڪري هڪ دفعي پوبڪ جا هندو، پربت ۽ پيارو شاهي دربار ۾ دانهون کڻي ويا جن کي نيڪي جي رد ٿيڻ ۽ عام معافي ملڻ جو پروانو مليو. انهيءَ کان پوءِ قاضيءَ جو دماغ جاءِ تي اچي ويو.

هن سوداگرن جي ٻيڙين تي به ڳرو محصول وجهي ڇڏيو هو ۽ ڏراوت به دستور کان وڌيڪ وڪي هٿائين. اناج جي هڪ خرار تي ٻه ڪاسا ڏي وصول ڪيائين (١-٣٥٠) هن ملڪ جي هڪ خرار ۾ سٺ ڪاسا ٽين ٿا.

ساڳيءَ طرح نير جي هڪ مڻ تان به ٽي رپيا محصول ورتو پئي ويو، جنهن ۾ ٻه رپيا وڪرو ڪندڙ کي ۽ هڪ رپيو خريدار کي ڏيڻو ٿي پيو، تڏهن نير جو مڻ ويهن رپئين تي وڪاڻو. تماڪ جي هڪ مڻ تي به ست دام (هڪ دام هڪ رپئي جو چاليهون حصو ٿئي ٿو) اڳاڙيا ٿي وياه هڪ مڻ تماڪ جي قيمت اٺ تنڪا (رائج سڪو) هئي. انهيءَ حساب سان هر محصول حد کان وڌي ٿي ويو.

ٻيڙيءَ جي محصول جو ڪوبه تفصيل ڇاڻايل نه هو. خالي توڙي ڀريل ٻيڙي جڏهن به سيوهڻ جي چئن ٽي پتڻن تان لنگهندي هئي ته ان تان ٽيهه چاليهه رپيا يا گهٽ وڌ محصول وٺڻ ۾ ٿي آيو. ڪن سوداگرن ۽ مهاڻن پنهنجي ساٿين کي واٽ تي بيهاري ٿي ڇڏيو (٢-٣٥٠) ۽ لڪ چپ ۾ سامان ڪڍائي ٿي ڇڏيائون. اها ڳالهه قانون گوين جي ڪاغذن جاچڻ سان معلوم ٿي سگهي ٿي.

راقم الحروف جي خيال ۾ سيوهڻ جي جاگيردارن جا احوال ٻڌڻ کان وڌيڪ ڏسڻ سان تعلق رکن ٿا. هنن جا ڪارناما آءٌ خود اکين سان ڏسي چڪو آهيان ۽ مون کي ملڪ جي آباديءَ توڙي ويرانيءَ جو چڱو تجربو ٿي چڪو آهي. ان کان علاوه مون ٻين ملڪن جا حال به ڏٺا آهن، جن کي ڌيان ۾ رکندي هيتان ۽ هتان جو فرق معلوم ڪري سگهجي ٿو. انهي ڪري ئي مون ارادو ڪيو ته هر جاگيردار جي عملداريءَ ۾ ملڪ جي جيڪا آبادي توڙي ويراني ٿي چڪي آهي، تنهن جو تفصيل قلمبند ڪري ڇڏيان (١-٣٥١)، جنهن مان نيڪ بد نتيجو

نرواو ٿي رهي، ۽ ان مان ڳڻ اهي حقيقتون به ذهن نشين ٿين جيڪي هن باري ۾ پهرئين جلد اندر آنديون ويون آهن ته بادشاهن کي، هر ملڪ ۾ خطبي ۽ سڪي جاري ڪرڻ سان گڏ، هنن پنهي فائدن مان هڪ فائدو نظر ۾ رکڻو آهي: يا ڏيل ۽ بي رقم جي وصولي جيڪا جاگيردار وغيره جي خرچ کان پوءِ هر سال هر فصل کان پوءِ شاهي خزاني ۾ جمع ٿيندي رهي ٿي، يا لشڪر جيڪو هر ملڪ جي ضرورت مطابق ملڪگيريءَ ۽ سرحدي حفاظت واسطي رکيو وڃي ٿو. ان لاءِ اهو ڏسڻو پوندو ته ڪهڙي جاگيردار جي عملداريءَ ۾ سڀ انتظام مڪمل ٿيا ۽ ڪهڙي جاگيردار جي ايامڪاريءَ ۾ ملڪ جي نگهبانيءَ لاءِ تدارڪ نه ڪيو ويو يا ماڳهين رعيت جيڪا بادشاه لاءِ خزاني برابر ٿئي ٿي، تنهن کي تباه ۽ برباد ڪيو ويو جنهن جو نتيجو سواءِ بدناميءَ جي ٻيو ڪجهه به نه نڪتو (١٥٣-٢).

هن ملڪ جي حالت وڃي انهيءَ انتها کي پهتي آهي، جو هيءُ ملڪ ننڍڙو، رڳو ظالمن ۽ مظلومن جو ملڪ وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن سيوهڻ جو جاگيردار سو ماڻهن کي ناحق ۾ مارائي ڇڏي يا تاراج ڪري ته ڪانئس ڪو پڇڻ وارو ڪونهي. ۽ جي ڪو به فريادي ڏک ڏاکڙا سهي، ڪشالا ڪڍي شاهي دربار ۾ وڃي داتهين ٿي آتان ڪو پروانو وٺي ٿو اچي، ته ان جي هتي ڪا به پذيرائي نٿي ٿئي. ظلم تي ظلم وري اهو جو اهڙو ماڻهو چغلخورن جي آئيءَ ۾ اچي ٿو وڃي. ٿوري وقت اندر ان غريب کي سيوهڻ جي جاگيردار هٿان خوار خراب ٿيڻو ٿو پوي. جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي جاگيردار کي به خدا جو خوف يا بادشاه سلامت جو لحاظ هجي ته رعيتي ماڻهو ۽ واڄ جا چڱا مڙس ظلم کان محفوظ رهي سگهن ٿا. نه ته پنهي جا کي برباد ٿيڻو پوي ٿو. ملڪ جي عملدارن مان اهڙو ڪو هڪڙو به عملدار قاضي، قانونگو تورڙي ارباب

ڪونهي، جو جاگيردار ڪان ڪو حق حساب وٺي، بلڪ (٣٥٢-١) هرڪو سيڪجهه در گذر ڪندو ٿو رهي ۽ نفسا نفسيءَ جي عالم ۾ قيامت جو مشاهدو ٿو ڪري. ملڪ جو جاگيرداو وڏيرن سان ڪنهن تي به هٿ ڦيري ان کي پنهنجي پاسي ٿو ڪري ته اهو راڄ سان گڏ چگن مڙسن جون به ڪنڌيون ڪٽي ٿو ڇڏي.

سڄي ملڪ ۾ شاهي واقع نويس موجود آهن ليڪن هن ملڪ جي واقع نويسيءَ کي شمشير خان ڪان پوءِ ڪوبہ جاگيردار قبوليت لائق نٿو سمجهي.

ديندار خان جي عملداريءَ دوران بکر جي هڪ واقع نويس نعمت الله کي چورن سيوهڻ جي قلعي هيٺان ڪهي ڇڏيو (جنهن جو بيان اڳ ئي چڪو آهي) تہ ڪنهن بہ شخص ان تي ڪو ڌيان نہ ڏنو. حالانڪ ماڻهوءَ جو قتل تہ ڇا پر ڪڪڙيءَ جو ڪُڙ بہ لهي پوي تہ قيامت جي ڏينهن حاڪم ڪان ان جو بہ پڇاڻو ٿيندو - جيئن حڪيم ثنائي لکيو آهي (٣٥٢-٢):

عبدالله پنهنجي پيءُ عمر کي هڪ رات
خواب ۾ ڏٺو، ڪيس چيائين تہ مون کي
اتان جو ڪو احوال ٻڌاءِ، ٻارهن سالن جي
عرصي ۾ خدا توسان ڇا ڪيو؟
هن جواب ڏنو تہ ان ڏينهن کان اڄ
تائين، آءٌ هتي پورو حساب ڏيندو پيو اچان.
منهنجا ڪم ڏاڍا ڏکيا هئا پر ڏڻيءَ
پنهنجو رحم ڪيو. اهو هينءَ تہ بغداد ۾
هڪ ڏٻرو دنبو پُل تان لنگهندي ڪري
پيو، جنهن جي ٽنگ ڀڄي پيئي هئي.
دنبي جي مالڪ اچي مون کي دامن
کان جهليو، ۽ چوڻ لڳو تہ منهنجو

انصاف ڪري، چالاءِ تہ تون اسلامي امير آهين.
بس انهيءَ تان آءٌ اڄ ڏينهن سوڌو پورا
ٻارهن سال جواب سوال ۾ پورو هوس.
- چڱي اوصاف ۽ چڱي اخلاق وارا بادشاه!
توکان بہ هڪ ڏينهن ائين پڇاڻو ٿيندو.
جيڪڏهن عمر کي اهڙي وٿ پڪڙ
ٿي سگهي ٿي تہ ٻئي ڪنهن جو حشر جي
ڏينهن ڪهڙو حال هوندو؟ پنهنجي ذميدارين
کي ويسلائيءَ ۾ نہ وساري، نہ تہ ڏينهن
قيامت جي ونجي ويندين (٣٥٣-١). تو کي
ائين ٿيڻ کپي، جو جتي تنهنجو نالو ورتو
وڃي تہ هرڪو تنهنجي تعريف ڪرڻ لڳي.
تون ظالمن کي سيکت ڏي ۽ مظلومن جي
داد رسي ڪر- اهڙيءَ عدالت سان جو
ڪنهن کي بہ عمر جو عدل ياد نہ رهي.
ٻارن تي رحم ۽ ٻڍڙن تي عزت جي نگاه
ڪرڻ بادشاهيءَ جي بهترين ريت آهي.

ٻئي دفعي مانسنگهہ بکر مان پنهنجي گماشتي عبدالباقيءَ
کي واقع نويسيءَ لاءِ روانو ڪيو، پر هو کي ڏينهن هتي رهي وري
واپس هليو ويو. تنهن کان پوءِ ٺٽي جي مير منشي پنهنجي
ڪارندي کي واقع نويسيءَ جي حيثيت ۾ هيڏانهن آماڻيو، پر
ديندار خان ان کي نہ قبوليو. هو جيئن آيو هو تيئن موٽي ٺٽي
ويو. جيڪڏهن ڪنهن کي بہ ظلم جي نيت ناهي تہ واقع نويس
جي موجود هئڻ ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟

اهڙيءَ طرح هن جي ڏي عملداريءَ ۾ قانون گوين ڏانهن شاهي فرمان
آيو تہ ڏهن سالن جي پيداوار جو پورو احوال لکي موڪلين،

۽ ملڪ جي ويرانيءَ جا ڪارڻ به سڄي تفصيل سان ڏيئاري مُنجن (٢-٣٥٣) يا پاڻ سان ڪٺي اچن ته ملڪ جاگيردارن جي ظلم ستم يا وڳوڙين جي فسادن ڪري ڪيئن ويران ٿي چڪو آهي. ليڪن ديندار خان انهيءَ حڪم جي پوئواريءَ کان به نٽائي ويو.

دراصل هن ملڪ ۾ اندير نگريءَ جي ابتدا احمد بيگ خان جي عملداريءَ کان ٿي، جنهن جي پاڻ مرزا يوسف جي ظلم ستم جو داستان بادشاه سلامت تائين پهتو، ليڪن بدليءَ کان علاوه ڪيس ڀي ڪا سزا نه ڏني ويئي. بلڪ مٿس شاهي رحمت جو نزول ٿيو. اهو هيڻءَ جو هن کي سيوهڻ مان بدلي ڪري ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو جيڪو سيوهڻ کان وڌيڪ اهم درجو هو. اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ آسري ۾ هئا ته احمد بيگ سان گڏ شاهي دربار ۾ وڃي سندس خلاف دانهن ڏيئي ڪانئس پنهنجو حق حساب وٺي وهندا، تن جو اهو حال ڏٺو ته ويچارا وات تان ٿي واپس ٿي پنهنجي گهر هليا آيا. جيڪڏهن احمد بيگ خان کي شاهي فرمان موجب (٣٥٤-١) چار ڏينهن روڪي، سندس ظلم ۽ زيادتين جي تحقيقات ڪرائي، هر ڪنهن کي پنهنجو حق ٻلٽي وٺو وڃي ها، ۽ اهي خون جيڪي هن جي هٿان ناحقيءَ ۾ ٿي چڪا هئا تن جو شرع ۽ شاهي عدالت موجب احتساب ڪرڻ ۾ اچي ها، ته ڪو به جاگيردار ملڪ جي تباهيءَ جو باعث نه بڻجي سگهي ها، بلڪ ٻين پاسن جا جاگيردار به ان مان سبق حاصل ڪري رهن ها ۽ آئنده لاءِ ڪنهن کان به ڪا ڏنگائي ظاهر نه ٿئي ها.

سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ جاٿايل آهي ته سلطان محمد شاه بن تغلق شاه ٺٽي جي پسگردائي ۾ فوت ٿيو. (١)

---

(١) تاريخ ٢١ محرم ٧٥٢هه - برني ص ٥٢٥.

هن جي وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب فيروزشاه تخت تي ويٺو (١). هو دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو ته (٢) جام خيرالدين (٣) سنڌ جو والي کي منزلون هن جي پٺيان ويو (٢-٣٥٤). آخر سيوهڻ جي راڄڌانيءَ واري پرڳڻي مان وٺان واپس وريو. جام خيرالدين سلطان فيروزشاه جي وڃڻ کان پوءِ عدل احسان سان ملڪ هلائي رعيت جي خوشحاليءَ لاءِ ڪمال جا ڪارناما ڪري ڏيکاريا. هن جي گهڻين نيڪين مان هڪ نيڪي اها به بيان ڪئي ٿي وڃي ته هڪ دفعي هو پنهنجي خاص ماڻهن ۽ خادمن سان گڏ سير تي نڪتو ته اوچتي کيس ماڻهن جا هڏا نظر آيا جيڪي هڪڙيءَ کڏ ۾ پيل هئا. هن سواري روڪائي انهن هڏن کي ڪا جهٽ غور سان ڏٺو، پوءِ پنهنجي ماڻهن ڏانهن ڪنڌ ورائي چيائين: اوهان کي خبر آهي ته هي هڏا مون کي ڇا پيا چون؟ اهو ٻڌي هرڪو ڪپرس ۾ اچي ويو. جام چيو ته هي هڏا ڪن مظلومن جا آهن جيڪي مون کي داد رسيءَ لاءِ پيا ٻاڏائين. پوءِ انهن جي دردشا معلوم ڪرڻ لاءِ ڪن ماڻهن تي ڪم رکيائين (١-٣٥٥). ائين ڪندي اتان جي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ کي سندس دربار ۾ آندو ويو، جنهن انهن هڏن بابت ٻڌايو ته اٽڪل ستر سال اڳ (٤) گجرات جو هڪ قافلو هتان اچي لنگهيو هو ۽ فلاڻن ماڻهن سڀني مسافرن کي قتل ڪري سندن سامان ڦٻائي ڇڏيو هو، انهن مان ڪي اڃا

---

(١) ٺٽي کان ١٤ ڪوهه پري سنڌونديءَ جي ڪپ تي تاريخ ٢٤ محرم ٧٥٢، ڏسو فيروزشاهي، برني ص ٥٢٩-٥٣٧.

(٢) جمادي الاخر ٧٥٢ ه جي پڇاڙيءَ ۾ دهليءَ پهتو، برني ص ٥٤٦.

(٣) جام خيرالدين ولد جام تماچي سنڌ جو والي (ڏسو تاريخ سنڌ، مير معصومي ص ٦٤).

(٤) تاريخ سنڌ ۾ ست سال لکيل آهي. (ڏسو ص ٦٥).

تائين موجود آهن. چام کي جڏهن سچو احوال معلوم ٿيو تہ حڪم ڏيئي سچو سامان هٿ ڪرايائين ۽ انهيءَ ڪان پوءِ گجرات ڏانهن ماڻهو موڪلي، قتل ٿيل ماڻهن جي وارثن کي سامان واپس ڏياري، قاتلن ڪان قصاص ورتائين (١). هن وقت حالت اها آهي، جو سيوهڻ جا مظلوم اجا تائين جيئرا ويٺا آهن ۽ احمد بيگ خان توڙي سندس پاءُ پيئي عيش پيا ڪن-!

هن شاهي دور ۾ جيڪا ٿوري گهڻي رعيت (٣٥٥-٢) عملدارن جي ظلم ستم هوندي بہ ڪن وڏيرن جي زمين آباد ڪري ٿي، تنهن جو اصل سبب هي آهي تہ وڏيرا پنهنجين پنهن جي آباديءَ لاءِ خود هارين نارين جي مدد ڪندا رهن ٿا ۽ ڪائنن ٿورو حصو وصول ٿا ڪن؛ انهيءَ ڪري هو وڏيرن ڪان علاوه ڪن جاگيردارن جون پنهون بہ پوکيندا ٿا رهن. بلڪ انهن جا ڏنڊ بہ پري ٿا ڏين. جيڪڏهن اها آبادي بہ نہ ٿئي تہ ملڪ ماڳهين پينگ ٿي وڃي.

مٿينءَ تحقيقات موجب بکر ڪان علاوه ننڍي جي ماتحت بن پرڳڻن چاڪر هالي ۽ نصرپور جي تباهي انهن وڳوڙين جي ڪري ٿئي ٿي، جن جو لاڳاپو سيوهڻ جي راڄڌانيءَ سان آهي. انهيءَ صورت ۾ سنڌ جي بهتريءَ توڙي سيوهڻ جي آباديءَ لاءِ سلطاني تدبير ۽ عالي همت جي ضرورت آهي. ان ڪان سواءِ اهو پڻ لازمي آهي تہ هتي منشي، خزانچي ۽ واقع نويس مامور ڪيا وڃن، ان لاءِ جو (٣٥٦-١) هتي هميشہ وڳوڙ ٿيندا رهن ٿا ۽ سدائين لشڪر جي ضرورت درپيش اچي ٿي. هن ملڪ جون سرحدون بہ مضبوط رکٽيون پونديون جيئن وڳوڙين لاءِ ڪابہ واهہ نہ رهي.

هن وقت سيوهڻ جي اها حالت آهي، جو ڪو جاگيردار

---

(١) هي سچو احوال تاريخ سنڌ مير معصوم تان هوبهو نقل ٿيل آهي (ڏسو تاريخ سنڌ، ص ٦٤ ڪان ٦٥).

پنهنجي جاگير هوندي به ملڪي معاملن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ڪا ڳالهه نٿو ڪري. ڪيترن ڏينهن کان بي پير مسيحن انڱن جي فسادن جون خبرون شاهي دربار ۾ پهچنديون رهن ٿيون ۽ ڪيئي عريضيون لکي ڏيڙي ميوهڻ ۽ بکر جي جاگيردارن ڏانهن پيون آمائيون وڃن ته هنن بد بختن جو ترت بلو ڪيو وڃي، ليڪن اڃا تائين هنن ڪي ميکت ڏيڻ جو ڪو انتظام نه ٿي سگهيو آهي، جنهن ڪري سندن ارهه زورايون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پيون وڃن. وڌيڪ، ڇا ٿيندو، خدا بهتر ٿو ڄاڻي (٣٥٦-٢).

فصل چوٿون

سيوهڻ جي سرداري بابت

جيئن اڳ بيان ڪيو ويو ته هن ملڪ جي رعيت ڏاڍي ڏتڙيل ۽ دربدر ٿي چڪي آهي. هڪ ته هتان جا وڏيرا ۽ گهوڙين مان ملي هڪ ٿي ويا آهن ۽ ٻيو وري ظالم جاگيردارن جون بچڙايون اڃا تائين جاري رهن ٿيون. انلاءِ ضروري آهي ته سڀ کان اول مؤلف جي چاچ موجب بختيار بيگ جي عملداريءَ جي شروعات کان وٺي، شمشير خان اوزبڪ جي عملداريءَ جي پڇاڙيءَ تائين هن ملڪ جي دستورالعمل کي بٽئي، داڻي بندي، ابرٽي، معافيءَ، اربابن، مقدمن جي انعامن، قانون گوين جي رسمن، پيڙين جي محصول توڙي دراوت سوڌو حساب ڪتاب معلوم ڪيو وڃي.

پهرين اها سنڀال ڪرڻ گهرجي ته هتان جي خراڙ ۾ مٽ ڪاسا ٿين ٿا. هر ڪاسو پراڻيءَ ريت موجب ڇهه سير اڍائي پاو جهانگيري ۽ هڪ دام جو ٿئي ٿو (١-٣٥٤)، ۽ ان ۾ چار ٽويا اچي وڃن ٿا.

ٻيو ته هن ملڪ جي بٽئي وغيره ۽ معافيءَ کي ڌيان ۾ رکڻ کپي. ايريو پڪيءَ پوک جي ايڪڙ موجب لکيو وڃي ٿو. جنهن مان چگيرڙا ويسا سلطنت جي ٻين علائقن جي دستور مطابق ڦٽل پوک مان رعيت کي معاف ڪيا وڃن ٿا. ان مان نابود ٿيل ۽ ٻج پوکيل ڪلراٺي زمين وارو حصو الڳ ڪيو ويندو آهي. ههڙيءَ ريت:

خريف: جوار، ڪرنگهه، ماريون: في جريب جنس سادا ٽيٽيهه ڪاسا. روڪ هڪ ٽنڪو (رائج سڪو) سرادي ۽ ڪپهه سادا پنجٽيهه دام.

گدرا، هندوانا، پاڇيون، تير، موريون، چيڀڙ، ڪنگڻي ۽ ستي: پنجويهه ٽنڪا مرادي ۽ اٺٽيهه دام.

گجرون: ٽي جريب پنجٽيهه ٽنڪا مرادي.

مانهن ۽ مُنگ: في جريب چوڏهن ٽنڪا مرادي ۽ ٻه دام.

ڪمانڊ: في جريب ٻاهتر ٽنڪا مرادي.

ڪچرو: في جريب سادا ڇهه ٽنڪا مرادي (٢-٣٥٤)

نير: في جريب پنجٽيهه ٽنڪا مرادي.

ربيع: ڪڻڪ ۽ جَو: في جريب جنس سادا ٽيٽيهه ڪاسا. روڪ هڪ ٽنڪو مرادي، ۽ سادا پنجٽيهه دام.

چڻا: جنس سادا سترنهن ڪاسا، روڪ پنجيتاليهه دام.

سرنهن: جنس اٺاويهه ڪاسا ٽي ٽويا، روڪ هڪ ٽنڪو مرادي ۽ اٺ دام.

آهر: في جريب جنس سادا اٺاويهه ڪاسا، روڪ ۽ پنجٽيهه دام.

چيڀڙ، بصر، هندوانا، گدرا، ستي ۽ واڱڻ: في جريب پنجويهه ٽنڪا مرادي ۽ اٺٽيهه دام.

منگ ۽ مٽر: في جريب چوڏهن ٽنڪا مرادي ۽ ٻه دام.

متهُري: في جريب اٺاويهه ٽنڪا مرادي ۽ اڪٽيهه دام.

جمرو، وڏف، ٻواڙيءَ جا گل ۽ جاڻ، ٿوم، پمگ ۽ ڏوڏيون: في جريب اٺيتاليهه ٽنڪا مرادي، سٽٽيهه دام ۽ ٽي پاوَ.

ٺٽاڪ: اڳئين دستور ۾ آيل نہ هو، پر ديندار خان جي عملداريءَ ۾ (٣٥٨-١) ان کي بہ لکيو ويو: في جريب اڍائي رپيا (هڪ ربيءَ ۾ ويهہ ٽنڪا اچي وڃن ٿا).

بٽائي : اڌو اڌ: ٻہ خرار، هڪ خرار رعيت باقي هڪ خرار
ٽيون حصو: ٽي خرار، ٻہ خرار رعيت باقي هڪ خرار
چوٿون حصو: چار خرار، ٽي خرار رعيت باقي هڪ خرار
پنجون حصو: پنج خرار، ٽي خرار رعيت باقي ٻہ خرار
۹ حصا: نـو خرار، پنج خرار رعيت باقي چار خرار

ڍل مان اربابن ۽ مقدمن جو انعام:

بختيار بيگ جي عملداريءَ ۾ اهو انعام ائين هو، جو هڪ سو خرارن تي وصول ڪيل ڍل مان پنج خرار انهن کي ڏنا ٿي ويا، ۽ ان ريت سو روپين تي پنج رپيا انهن جا هئا.

ان کان پوءِ شمشير خان جي عملداريءَ جي پڇاڙيءَ تائين انهن کي سو خرارن مان ٻہ خرار انعام طور ڏنا ٿـي ويـا، ۽ هڪ سو ربئي تـي کين صرف ٻہ رپيا ٿـي مليا (٣٥٨-٢).

قانون گوئين جون رسمون: هنن کي هڪ سو خرارن تان هڪ خرار ڏياريو ٿـي ويو، ۽ هڪ سو ربين تان هڪ ربيو ٿي وصول ٿيو.

ٻيڙين جو محصول:

بختيار بيگ ۽ مير ابوالقاسم جي ٻهرئين ڀيري واريءَ عملداريءَ دوران اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ زڪوات جو دستور هـو، جنهن موجب سوداگرن جي مال جو حساب ڪري ان مان چاليهون حصو ورتو ٿي ويو.

سيوهڻ جي ايراضيءَ ۾ جيئن ته شهر وٽان ٻيڙين جي لنگهڻ جو هڪڙو ئي گهٽ هو، تنهن ڪري محصول جو اهو نمونو ڪنهن کي ڏکيو ڪونه ٿي لڳو.

مير ابوالقاسم جي ٻئي ڀيري واريءَ عملداريءَ دوران جڏهن جهانگير بادشاهه زڪواة معاف ڪري ڇڏي ته

پريل ٻيڙيءَ تان: اڌ سير نباتون جنس ورتيون ٿي ويون.
خالي ٻيڙيءَ تان: ڪاٻه اڳاڙي نٿي ڪئي ويئي.
سيوهڻ جي شهر وارو گهٽ به انهيءَ ۾ ٿي آيو.

شمشير خان اوزبڪ جي پهرئين ڀيري واريءَ عملداريءَ دوران، پريل ٻيڙيءَ تان هڪ سير نباتون، اڳهه ڏهه ٽنڪا مرادي، اڳاڙيون ٿي ويون. اهو اڳهه اڳتي هلي ويهه ٽنڪا مرادي ٿيو.

ٻئي دفعي جڏهن شمشير خان ٺٽي کان ٺري هتي آيو ته هڪ رپيو پريل ٻيڙيءَ تان محصول وٺڻ جو رواج پيو. خالي ٻيڙيءَ تان ڪاٻه وصولي نٿي ڪئي ويئي. سيوهڻ جي شهر وارو لنگهه به انهيءَ ۾ شامل هو.

ڏراوت-ساپ تور: انهن عملدارين ۾ اهو دستور هو ته هڪ خرار تي هڪ ٽويو وڪشنڊڙ کان ورتو ٿي ويو. ٻيءَ ڪنهن شيءِ تي اهو شرط ڪونه هو.

بهتر ائين آهي ته قانون گوين کي شاهي دربار ۾ گهرائي ڪنهن به هڪ عملداريءَ مثال طور ديندار خان جي عملداريءَ جي تحقيقات ڪرڻ ۾ اچي. جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته عملدارن جي پيداوار مان پورائي ڪرڻ کپي ان لاءِ ته خلق جي جان ۽ ملڪيت بادشاه جي حفاظت ۾ آهي (٣٥٩-٢).

انهيءَ سان گڏ ملڪ جي هر پرڳڻي جي ڳوٺن جي جاچ ڪرائي وڃي ته هرهڪ پرڳڻي ۾ ڪيترا ڳوٺ اچي وڃن ٿا، انهن مان ڪيترا آباد آهن ۽ ڪيترا ويران ٿا رهن. تنهن کان پوءِ سلطنت ٻاران رعيت جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ اسين

مقرر ڪرڻ گهرجي، جنهن کي شاهي فرمان سان گڏ دستورالعمل جو پروانو به مليل هجي. هو هتي اچي هر پرڳڻي جي هڪ هڪ ڳوٺ ۾ وڃي آباديءَ وارا ڳوٺ رعيت جي حوالي ڪري ۽ ان کي سمجهائي ته گذريءَ کي ياد ڪرڻ بدوان حال تي نظر رکي وڃي، ۽ هن کان پوءِ سيڪجهه دستور مطابق ٿيندو رهندو. هر ڪنهن کي پوکيءَ راهيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ کپي. اهڙي نموني ملڪ جي آباديءَ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو ويندو. جيڪي ڳوٺ ويران ٿي چڪا آهن، تن کي آباد ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي دلاسو ڏيئي واپس ساڳئي هنڌ وسائڻ گهرجي (٣٦٠-١).

ڪنهن به ارباب، مقدم، جاگيردار توڙي قانون گو کي اها مجال نه ٿئي جو دستور کان وڌيڪ رعيت وٽان ڪا وصولي ڪري، آن کي ظلم ستم جو شڪار بڻائي، جيئن رعيت کي پڪ ٿئي ته هوءَ شهنشاهه جي ٿي رعيت آهي ۽ محفوظ رهي ٿي. اربابن، مقدمن توڙي قانون گوين کي به جاگيردارن وانگي اهڙي تنبيهه ڪئي وڃي، جو کين پتو پوي ته رعيت واقعي شهنشاهه لاءِ دولت مثال آهي ۽ امين خزاني جو نگهبان — ! اهڙيءَ حالت ۾ رعيت تي ظلم ڪرڻ خرابيءَ جو باعث ٿيندو.

سوداگرن، واپارين ۽ ڪاريگرن تي به ڪڙي نظر رکي وڃي، جيئن هو به ڪنهن سان ڪو انڌير نه ڪري سگهن. امين تي پڻ لازم آهي ته لالچ ۾ اچي جاگيردارن سان ڪو لاڳاپو نه رکي ۽ شاهي اجوري تي راضي رهي.

هر هڪ پرڳڻي ۾ اهڙا ڪارندا مقرر ڪيا وڃن جيڪي جاگيردارن جي عمل دخل کان واقف ٿي روزانو پنهنجي منصب کي (٣٦٠-٢) سربستو احوال لکي موڪليندا رهن. جتي رعيت تي ڪو ظلم ٿئي ته ان جي دادرسي ڪرڻ ۾ اچي. جيڪڏهن ان کان ائين نه پڇي ته جاگيردار ڏانهن رجوع ٿئي، پر جي جاگيردار به دانهن نه ٻڌي ته شاهي دربار ڏانهن عرضداشت آماڻي، جيئن

اڏائن کو تدارڪ ٿئي. اهو امين خزانچيءَ وانگي هجي، جيڪو اڪ رپئي تائين هنڊي آهي، ته ان کان مٿي ڪابه رقم اُن لاءِ ڏيئي نه سگهي. جيڪڏهن ڪو شخص زوريءَ ڪجهه محول ڇڏائڻ چاهي ته ان کي نه ڇڏي ۽ جي هو وڌيڪ زور پري ته هيءُ جاگير وٽ دانهن ٿي ويندو، ۽ جاگيردار ان جي تنبيهه لاءِ تيار ٿي ويندو.

اهڙو امين جيڪڏهن خود جاگيردار کي ڏسي ته هو دستور کان وڌيڪ رعيت وٽان ڪا اگاڙي ڪري ٿو ته ڪانئس جواب طلب ڪري ۽ جي جاگيردار ڪو زور يا ظلم ڪري ته امين اها ماجرا شاهي حضور تائين پهچائي (١-٣٦١) ۽ بادشاهه رعيت جو لحاظ ڪندي خزانچيءَ جي فيصلي کان وڌيڪ ڏهوٽو ڏنڊ جاگيردار جي مٿان وجهي ڪيس اهڙي سيکت ڏئي ڇڏي جو ٻيا ان مان عبرت حاصل ڪن، ان لاءِ ته رعيت خود بادشاهه جي بهترين دولت ۽ خزاني برابر آهي، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو. هن باري ۾ جيڪڏهن رعيت ۾ تفرقو پيدا ڪندڙ ڪي چغل جهلي، انهن جي ڪن مهٽ ڪئي وڃي ته هيڪاري چڱو ٿئي. امين پنهنجي ڪم کان سواءِ جيڪو مٿس رکيل آهي، ٻئي ڪنهن به ڪم ڏانهن ڌيان نه ڏئي هو صرف پنهنجي ذميداري پوري ڪندو اچي، چاڪاڻ ته هڪ ماڻهوءَ کان ٻه ڪم ٿي نٿا سگهن. جهڙيءَ طرح پهرئين حصي ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

ملڪ جي هر پرڳڻي ۽ هرهڪ ڳوٺ جي آباديءَ جا انگ اکر سال به سال شاهي دفتر ۾ پهچڻ کپن، جيئن شاهي عملدارن کي (٢-٣٦١) سچيءَ حقيقت جي خبر چار پوندي رهي.

ڪنهن به قانونگو کي امين جي جاءِ تي مقرر نه ڪيو وڃي، ان ڪري جو اهي پنهنجي گهٽ رتبي هئڻ ڪري جاگيردار کي مندس ظلم ستم کان باز آڻي نٿا سگهن. بلڪ هر انڌير ۾ ان مان شامل ٿي ٿا وڃن. امين به اهڙو هجي جو پنهنجي عزت

۽ ديانت جو احساس رکي، جيئن جاگيردار ان جي ڳالھ کي چڱيءَ طرح ڏيان ۾ آڻي.

لشڪر جي ڀلائيءَ بابت جنهن جي موجودگي هن ملڪ ۾ نهايت ضروري آهي، اڳتي هلي تفصيل پيش ڪيو ويندو، پر ٿورن لفظن ۾ ٻڌائجي ٿو ته هتان جي جاگيردار وڏان ايترا ماڻهو هٿ ڪري سرحدن تي ويهارڻ کپن، جيئن رعيت وڳوڙين جي فساد کان امن ۾ رهي ۽ پنهنجي پورهئي سان ڪم رکندي اچي. (٣٦٢-١) ۽ رعيت کان جائز ڍل ورتي وڃي. جيڪڏهن لشڪر جو حق جاگيردار پاڻ تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ڪري ته کيس اهو سمجهايو وڃي ته هيءُ لشڪر شاهي ڪمن ڪارين ۾ ڪتب ايندو رهندو، ۽ جاگيردار بادشاھ کان مٿي نه آهي.

جيڪڏهن ڪو ڪڙو جاگيردار ڪنهن هنڌان بدلي ٿئي ته جيستائين نئي جاگيردار جو لشڪر ملڪ جي سرحدن تي مقرر نه ٿئي تيستائين پهرئين جاگيردار جو لشڪر اتان نه ڪڍيو وڃي.

اخبار نويسيءَ لاءِ به الڳ واقع نويس مقرر ڪيل هجي جيئن اڳين صوبن جو دستور هو. هاڻوڪي رواج موجب، اهو ڪم بخشي (مير منشي) کان نه ورتو وڃي.

هن ملڪ جا بزرگ جيڪي دعاگن جو لشڪر آهن اڪثر پريشان ۽ بيوقار پيا گذارين، اهي ٽن قسمن جا ليکيا وڃن ٿا:

١- اهل علم ۽ حافظ.

١- منصبدار جيڪي قاضي، مفتي، صدر ۽ محتسب آهن (٣٦٢-٢).

٣- سادات، مشائخ ۽ اصلي مغل، جيڪي دنيا کي ترڪ ڪري، گوشي نشينيءَ ۾ رهي، شاهي خزاني مان ملندڙ ٿورڙيءَ مدد تي گذارو ڪندا رهن ٿا. سندن گذر جو ٻيو ڪوبه وسيلو نه آهي ۽ انهيءَ تي قناعت ڪن ٿا.

اهي ٽنهي قسمن جا ڀلارا شخص اڪبر، جهانگير ۽

انهن جي پوئين وٽ پيش ٿي معاشي مدد حاصل ڪندا ٿا اچن. هي وڏيءَ محنت سان ٿوري پنيءَ سان پنهنجو پيٽ پالين ٿا. هر سال ۾ هر فصل جي موقعي تي ڪڙمين کي ايلاز ڪري، ٿوري گهڻي همراهيءَ سان، واهين وسيلي پاڻيءَ جو بلءِ ڪري، زمين جو ٽڪرو پوکائين ٿا. ايڏيءَ ستاڪت کان پوءِ به کين پنيءَ سان جيڪا پيدائش ٿئي ٿي سا بلڪل نه هئڻ برابر آهي (٣٦٣-١).

٤- وڏيرن جو طبقو آهي، جيڪي اربابيءَ ۽ مقدميءَ سان پڻ تعلق رکن ٿا. هي ساٿهر اڪبر توڙي جهانگير جي حضور ۾ پيش نه ٿيا هئا، پر نورجهان بيگم جي دور ۾ پيسا ڏيئي پروانا خريد ڪيا هئائون. اهي جيئن ته اصل ۾ زميندار آهن، تنهنڪري چڱن هندن تان پليون زمينون هٿ ڪري انهن تي پوک ڪرائيندا ٿا اچن، رعيت سندن محتاج رهي ٿي ۽ کيڙ ڪانيءَ ۾ انهن جي مدد کان سواءِ ٿي سندن پنيون آباد ڪري ٿي. انهيءَ ڪري وڏيرن جون گهڻيون زمينون آباد ٿيون ٿين، جنهن لاءِ هنن کي ڪا محنت نٿي ڪرڻي پوي. جيڪڏهن ملڪ جو ڪو جاگيردار شدت سان ڪنهن معاملي جي جاچ ڪرڻ ٿو گهري، خاص ڪري جنهن جاچ جو تعلق مٿي چاڙايل پلارين شخصيتن جي پني ۽ ان جي پيداوار سان آهي، ته وڏيرا جاگيردار جا کيسا پري سندس دل خوش ڪري سڀني بزرگن جي روزيءَ ۾ اکيون ٿا وجهن. هنن ويچارن کي انهن زيادتين کان بچڻ لاءِ ڪابه راهه نٿي سجهي (٣٦٣-٢). تنهنڪري پنهنجي سڄي موڙيءَ کان سواءِ وڏبڪ ڪتاب ۽ گهر جو سامان وڪڻي پري ٿا ڏين، تڏهن به سندن جند ڪانه ٿي ڇٽي. جاگيردار کين گهڻين ۽ بازارين ۾ ذليل ڪندا ٿا وتن، جنهنڪري هنن جا هيڪاري بيڇڙا حال ٿا ٿين ۽ سندن زمينون گهڻي پاڳي ڏنڊ ۾ ٿيون اچي وڃن. هئي پاسي وڏيرن کي ڪوبه ڏپ ڊاءُ ڪونهي.

وڏو قاضي جاگيردار سان ڪڇي نٿو سگھي، ڇو ته ان کي ائين ڪرڻ سان پنهنجي روزيءَ ۾ ڪٽر وجهڻ جي ڀؤ آهي. انهن جو ڪو چاڙهو ڪرڻو آهي ته وڏي قاضيءَ جا هٿ مضبوط ڪرڻ کپن جيڪو پوريءَ طرح جانچ ڪري هنن کي پنهنجا حق واپس ڏياري (٣٦٤-١) جيئن سندن زمين جي پيداوار سندن حوالي ٿئي. ٻيءَ صورت ۾ هنن لاءِ اهڙو بندوبست ٿيڻ کپي جيئن جاگيردار مٿن ڪو به ظلم ڪري نه سگھي ۽ هو بي فڪريءَ سان پنهنجو گذران ڪري دعاگوئي ۽ ٻيون خدمتون سرانجام ڏيندا رهن جيڪي کين سونپيل آهن.

وڏي قاضيءَ ۽ ٻين قاضين لاءِ به اهڙو انتظام ٿيل هجي، جيئن هو قضا جي عهدي تي قائم رهي، عدالت ۾ ويهي، شرعي قانون موجب ماڻهن جا فيصلا ڪندا رهن؛ هنن ٻاهرن کان ٻيو ڪو به ڪم نه ورتو وڃي نه وري هي ٻاڻ حڪومت جي ڪنهن ڳالهه ۾ ڪو دخل ڏين. شاهي دربار طرفان جيڪي کين ملي ٿو ان تي اڪتفا ڪن ۽ ڪنهن به لالچ ۾ اچي جاگيردار جا محتاج نه بڻجن (٣٦٤-٢).

فصل پنجون

سيوهڻ جي وڳوڙين جي سيکت، ۽ ان لاءِ گهربل فوج بابت

هن کان اڳ هتان جي پرڳڻن بابت مختصر احوال پيش ٿي چڪو آهي، ۽ هر پرڳڻي جي ٽن گروهن جو بيان به اچي ويو، جيڪي سدائين وڳوڙ ڪندا رهن ٿا. هاڻ انهن کي سيکت ڏيئي، سڌارڻ جو تفصيل ڏجي ٿو، جنهن جي مهابي هر پرڳڻو وري آباد ٿي سگهندو. هن فصل ۾ ٽي رکن آهن:

الف: سميجن انڙن جي سيکت بابت جيڪي سڄن ڇئن پرڳڻن کان علاوه ملڪ جي ٻين حصن ۾ به وڳوڙ ۽ فساد پيدا ڪندا رهن ٿا –

١- جوڻيجن وارو پرڳڻو.
٢- (٣٦٥–١) خطي وارو پرڳڻو.
٣- لاڪات وارو پرڳڻو.
٤- سن وارو پرڳڻو.

۽ ڪي ڳوٺ حويلي سيوهڻ واري پرڳڻي جا جيڪي درياهه جي هُن پَرِ، انهن بدبختن جي تر ۾ آهن.

اهڙيءَ طرح چار پرڳڻا بکر جا جن تي به مٿين وڳوڙين جي ڏاک آهي:

١- ماتيلي وارو پرڳڻو.
٢- اروڙ وارو پرڳڻو.
٣- لڏي ڳاڳن وارو پرڳڻو.
٤- درٻيلي وارو پرڳڻو.

نئين پرڳڻي جي نصرپور واري راڄڌاني ۾ سميجن هٿان ويران ٿيل آهي. جيسلمير جو راڄا به انهن جي آچائن کان عذاب ۾ آهي، ڪيس خشڪي ٿوڙي درياهي رستن کان هنن جي فتني فساد جو خطرو رهي ٿو. خشڪيءَ واري رستي جي حفاظت لاءِ پنجن ڇهن سون سوارن جي ضرورت رهي ٿي. ٻيءَ حالت ۾ سوداگر سلامتي نه هٿ ڪري اتان اچڻ ڪان ڪيٻائين ٿا. درياهي رستي جي به اها حالت آهي جو سوداگر سيوهڻ واري گهٽ تائين پهچي (٥-٣٦٥-٢) ڪي ڏهاڙا اتي ترسي ٿا پون، جتي سچو محصول سيوهڻ جي جاگيردار ۽ چوڪيدارن کي ڀري ٿا ڏين. اتان چوڪي ساڻ ڪري مَن جي ٽڙ تائين اچن ٿا. جتي وري محصول ڀري، ٻي چوڪي ساڻ ڪري هالا ڪنڌيءَ تائين ٿا پهچن. ايڏي احتياط هوندي به اڪثر ٻيڙيون تاراج ٿين ٿيون ۽ سوداگرن جو قتل ٿي وڃي ٿو.

اهڙيءَ حالت ۾ سرڪاري فوجن تي لازم آهي ته هو انهن بدبختن سان چڱيءَ طرح منهن ڏين. هن تدبير سان جيئن ترخانن جي زماني کان وٺي شمشير خان جي عملداريءَ تائين اهو دستور هلندو پئي آيو ته ڪيئي رعيتي ماڻهو سميجن اٺن جي ڳوٺن ۾ يا انهن جي آسپاس ويهاريل هئا، جيڪي وقت اچڻ تي سرڪار جو سات ڏيندا ٿي رهيا. انهن مان سميجن جا دنگئي لاڪا خاص ڪري ساواهڻ جو ڳا آهن (٣٦٢-١) جيڪي سميجن کي سيڪت ڏيڻ ۾ اڳرا رهندا آهن. جڏهن به سميجن کا هوڙهيائي ڏي ڏيکاري ته راڄ ٻاڳ سان گڏ مقامي وڏيرن به انهن کي پئي ڪاهون ڪيون، جن مان چڱا نتيجا ٿي نڪتا انهن ڪاهن ۾ ڪيترا

سميجا قتل ڪيا ۽ ڪيئي قيد ڪري ويا ۽ سندن ملڪيتون تاراج ڪيون.

انهن هندن تي ڪيئي ٿاڻا پڻ قائم ڪيل هئا، جن ۾ فوج ڪي ٿانيڪو ڪيو ڪيو. تنهن زماني ۾ لاڪات ڏوڙي خطي وارا پرڳڻا آباد وهندا ٿي آيا، جيڪي سميجن بدبختن جي پسگردائيءَ ۾ هئا. انهن ڪارروائن جي ڪري سميجا انڙ پوريءَ ريت آپري نه ٿي سگهيا. هي پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ لاڪات پرڳڻي جو پاسو وٺندا ٿي رهيا. سندن مرضي هئي ته انهيءَ پاسي وارا ڪانئن ڪابه ڏيل نه وٺن. ان پاسي جو جاگيردار هنن ڪان ڏوري ڏيل وٺندو ٿي آيو ۽ جڏهن به (۳۶۶-۲) هنن کا اڙانگوڙي ٿي ڪئي ته اهو جاگيردار مٿن ڪاهي ٿي آيو ۽ ڪانئن پنهنجو انتقام ٿي ورتائين.

شمشير خان ڪان پوءِ ڪنهن به جاگيردار هنن رهزنن سان هٿ نه اٽڪايو، پر هڪ دفعي محمد علي بيگ بندويءَ بکر سان اچي، شير خواجه جي ساٿين سان گڏجي، مٿن ڪاهي، ڪين چڱي مٿت ڏيئي ڇڏي هئي، پوءِ سندن ساٺهو قيد ڪري سبيءَ جي پڻاٿن وٽ وڪيا هئائين. هنن جي لٽ مردار بودلي ڪي به ٻڌي بکرگهلي آيو هو. انهيءَ تعديءَ ڪان پوءِ ٻن ٽن سالن تائين هنن جا ڏيڍر ڏرا ٿي ويا. وري ڪا ڦڏائي نه ڪيائون، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي.

محمد علي بيگ ڪان پوءِ سميجن وري زور وٺڻ شروع ڪيو. ٻنهي پاسي رعيت به وڏيرن جي ظلم ستم ڪان زبون ٿيڻ لڳي. چاڪاڻ ته جنهن به (۳۶۷-۱) جاگيردار، شيرخواجه ڪان پوءِ هن ملڪ جي واڳ ورتي ته لاڪات واري پرڳڻي جي آمدنيءَ مان سميجن جي ڳوٺن ۾ قائم ڪيل ٿاڻن جي خرچ جو پورائو ڪرڻ لڳو، پر ڪانئس اهو نه ٿي سگهيو ته سميجن تي ڪا چڙهائي ڪري، ۽ نه وري ٿاڻن جي ڪا سار سنڀال

لڏائين. انهيءَ عرصي ۾ سميجن، خطي ۽ لاڪات پرڳڻي جي ستياناس ڪري ڇڏي ۽ پچاڙيءَ انهن تي ڌاڪو ڇمائي ويٺا.

هنن پهرينءَ ست ۾ چانڊين پروچن کي قتل ڪري ڇڏيو. باقي جيڪي مسڪين وچي بچيا، تن ۾ واهه نه ڏسي سندن آڻ مڃي. اڳتي وڌي حويلي سيوهڻ ۽ جوڻيجن جي پرڳڻن جا ڪيترا ڳوٺ ناس ڪري ڇڏيائون. جڏهن رعيت پوريءَ طرح هنن جي آئيءَ ۾ اچي ويئي ته پير پاسي جي وڏيرن مڙني سائنءَ يا دوستي ياريءَ جي حيلي بهاني دوانديشيءَ کان ڪم وٺي ساڻن ناتا وچي جوڙيا، جيڪي اجا سوڌا هلندا پيا اچن.

جيڪڏهن چانڊين ۽ سميجن جي اڳوڻيءَ پاڙ پٽڻي آهي ته (٣٦٧-٢) هڪ سمجهدار ۽ اثر رسوخ واري ماڻهوءَ کي پنهنجي پاسي ڪري، ڪيس ڳاهن ۽ جوڻيجن واري آباد علائقي سان گڏ خطي ۽ لاڪات پرڳڻي جون غيرآباد ايراضيون به جاگير ۾ ڏيئي، مٿس اهو ڪم رکيو وڃي ته هو انهن ٻنهي قومن سان پوريءَ طرح پڄي اچي ۽ هو ڪانئس ڪابه منهن موڙ ڪن ته انهن کي ٻن طريقن سان ٺيڪ ڪري سگهي.

١- شاهي فوجن کي حڪم ڏنو وڃي ته چئني ئي پاسن کان هنن بدبختن کي گهيرو ڪري وڃن. سرڪاري وصولي ڪندڙ بيديا ماڻهو بکر واري جاگيردار جا سپاهي ساڻ ڪري دريلي پرڳڻي جي ڳوٺ 'گڙنگ' ۾ اچي پڙاءُ وجهن، هوڏانهن ٺٽي مان سياهه گهرائي هالا ڪندي جي پرڳڻي واري ڳوٺ 'ابڙيجن' ۾ ٺهائي (٣٦٨-١) جيسلمير جي راجا کي تاڪيد ڪيو وڃي ته هڪدم پنهنجا ماڻهو وٺي اچي هنن فسادين جي انهن ٿاڪن ۾ بيهاري ڇڏي، جيڪي جيسلمير جي پٽن ۾ ڪين پاڇڙ دوران ڪم اچن ٿا. اهڙيءَ طرح سيوهڻ جي جاگيردار تي اهو ڪم رکجي ته هو پنهنجي سپاهه کي خطي

پرڳڻي جي ڳوٺ ڪاڪي ۾ جائيتو ڪري، جيئن چئن ئي پاسن کان هنن رهزنن کي اُن جو داٽو به نصيب نه ٿئي ۽ سندن راهون اهڙيءَ ريت رد ٿي وڃن جو پنهنجا ڍور ڍڳا توڙي پار ڪڍي نه سگهن.

جن به وڏيرن هنن هنگامن ۾ انهن جو پاسو ورتي سان رشتا ناتا قائم ڪيا آهن، تن کي ڪائنن الڳ ڪيو وڃي. ان لاءِ هر هنڌ پڙهو ڏياري ماڻهن کي چتاءُ ڏجي ته جنهن به ڳوٺ يا گهر ۾ سميجا انڙ پناهي هوندا يا سندن مال، عيال ۽ ٻيو سامان ڪنهن وٽ به موجود هوندو ته خبر پوڻ شرط ان ڳوٺائي يا گهر جي مالڪ کي به انهن رهزنن وانگي ڦاهيءَ چاڙهي سندس مال اسباب ضبط ڪيو ويندو (٣٦٨-٢). هن باري ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جو لحاظ نه رکڻو پوندو.

انهيءَ ڏهڪاءَ وسيلي سنڌ جا وڏيرا سرڪاري دٻاءَ ۾ اچي ذڪر ڪيل رهزنن سان اهي رشتا ٽوڙي ڇڏيندا، جيڪي هن کان اڳ سان ڳنڍي چڪا هئا ۽ پوءِ اڳ وانگي ڪين اڪ ۾ رکي سندن ٻچڙاين جو ڪتو جواب ڏيڻ لڳندا. جيڪڏهن هڪ هزار بهادر سوار پلن گهوڙن ۽ پنج سو پاٽيءَ پريل اُنن سان سميجن تي چاڙهي موڪليا وڃن ته هي نامراد سنجهي مٽرن ۽ ڪين پتو پنجي وڃي ته بدمعاشيءَ جي سزا ڪهڙي ڏيندي آهي. پنج ڇهه هزار ٻاڻ، سندن زالون ۽ ٻار ڪل ويهن هزارن تائين ڏيندا، آخر ڪيڏانهن ڀڄي سگهندا؟ ليڪن شرط هي آهي ته سندن واهون بند ڪيون وڃن. ان کان سواءِ ڪين لڪڻ لاءِ به ڪا جاءِ ڪانهي، جوگهٽو ڪري پوک ۽ پاڻيءَ وارن هنڌن تي رهن ٿا، جنهنڪري هرهنڌ آسانيءَ سان هٿ اچي ٿا سگهن. شاهي لشڪر جڏهن به مٿن ڪڙڪيو ته (٣٦٩-١) هي ٻارين ٻچين موت جي منهن ۾ اچي ويندا. ڪيترن کي قيد به ڪري سگهجي ٿو. سندن مال مڏي ٽاراج ٿيڻ کان پوءِ

جيڪي ڇڙوڇڙ ٿين، ٿن کي ڇڏن ٿي پاسن کان فوجي گهيري ۾ آڻي، پڌي قابو ڪيو وڃي. اڃا به هيڪڙ ٻيڪڙ کو هٿان نڪري ويو ته آخر ڪڏهن نه ڪڏهن ڦاسندو. گهڻو ڪري رهيا کهيا ماڻهو هٿيار ڦٽا ڪري رعيتي راڄ ٿيڻ قبول ڪندا آهن. ايڏي وڏي سوڀ حاصل ٿيڻ ۽ وڳوڙين جي پاڙ پٽڻ کان پوءِ اهو سڄو علائقو انهن رعيتي ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي، جنهن تي اهي ڏاڙيل هاڻي ڏاڪ ڄمايو ويٺا آهن.

هنن بدبختن جا جيڪي علائقا سهتن واري پاسي ڏانهن آهن، اهي دوبيلي واري پرڳڻي ۾ شامل ڪري سهتن کي ڏنا وڃن. مٿن واجبي ڍل وجهڻ کپي، جيئن پيا هند به (٣٦٩-٢) چڱيءَ طرح آباد ڪري آهي آتي رهن. سهتن کي ستوهه ڪيو وڃي ته گڙنگ وارو قلعو (جنهن کي سميجن ڦٽائي ڇڏيو هو) نئين سر آباد ڪري، آتي وڃي ويهن.

بکر جي علائقي ۾ خريف جو فصل ڏاڍو پلو ٿئي ٿو. جڏهن خريف جو وقت ويجهو ايندو آهي ته سهتا انهيءَ گڙنگ واري قلعي ۾ وڃي ويهندا آهن. ان جي اوسي پاسي هرڪو پوکيءَ واهيءَ جو ڌنڌو ڪندو رهي ٿو. هتي سو سوار ۽ پنجاهه توبچي بکر مان گهرائي ويهارڻ کپن، جيئن سميجن جو هيءُ علائقو سهتا آباد ڪندا رهن.

ڪونريجن ۽ پنوهرن جي پاسي به سميجن جون جيڪي زمينون آهن، اهي جوڻيجن جي پرڳڻي ۾ داخل ڪري، مٿين ٻنهي قومن کي ورهائي ڏجن، پر انهن تي به واجبي ڍل وجهڻي پوندي. انهيءَ احسان عيوض ماڻهو دل لائي ٻنيون آباد ڪندا. ڳچيري ۾ به هڪڙو قلعو قائم ڪري (٣٧٠-١) ان ۾ سو سوار ۽ پنجاهه توبچي رکيا وڃن، جتي سيوهڻ جي جاگيردار پاران ٿاڻو هئڻ گهرجي.

خطي واري پرڳڻي ۾ به هنن چورڻن جو جيڪو علائقو

آهي ، سو انهيءَ پرڳڻي جي رعيتي ماڻهن هالي پوٽن جي حوالي ڪيو ويو، ۽ ڪاڪي واري قلعي ۾ پنجاهه سوارن سان گڏ پنجويهه توبچي مقرر ڪرڻ ڪپن ، جيڪي پڻ سيوهڻ جي جاگيردار پاران هجن ، جيئن اهو پرڳڻو اڳ وانگي آباد ۽ سرسبز ٿي پوي

لاکن جي پاسي به جيڪي سميجن جون ڏهون آهن ، سي لاکن کي ڏياريون وڃن . هنن کي پنهنجي اڳوڻي ملڪيت سان گڏ جڏهن سميجن انڙن جون پنيون به ملنديون ته هي وڏيڪ ٿورائتا ٿيندا . اهي ماڻهو سميجن انڙن جا اصل ڪان وڏيري آهن ، هي طاقت ۾ آيا ته سميجن جي چڙهه نڪري ويندي . انهيءَ پاسي وينجهڙيءَ واري قلعي جي مرمت ڪرائي (٢-٣٧٠) ان ۾ سيوهڻ جي جاگيردار جا توبچي ۽ سوار رکيا وڃن ، ته جيئن لاکا بي‌اونا ٿي پوکي راهيءَ ۾ رڌل رهن .

نصرپور جي واچڏانيءَ واري پرڳڻي هالا ڪنڊيءَ ۾ به سميجن جون زمينون پيل آهن ، جيڪي پڻ هالا قوم جي حوالي ڪجن ۽ اهي پنيون هالا ڪنڊيءَ جي پرڳڻي ۾ شامل ڪرڻيون پونديون .

هالا ڪنڊيءَ وارو ٿاڻو هميشه ٺٽي جي صوبه دار جي واسطيداريءَ سان سميجن جي فساد ٽارڻ لاءِ قائم ٿيندو آيو آهي ، اهو ٿاڻو وري به سو سوارن ۽ هڪ سو توبچين سان ساڳئي پرڳڻي جي ابڙيجن واري قلعي ۾ قائم ڪرڻ گهرجي . (اهو قلعو مؤلف جي پاءُ مير ابوالبقا جو ٺهرايل هو) .

انهن ٿاڻن جي ماڻهن جو تعداد ساڍن ڇهن سون سوارن ۽ سوا ٽي سو توبچين تائين ٿيندو ، جن مان هڪ سو سوار ۽ پنجاهه توبچي بکر جي حاڪم کان ، به سو سوار ۽ هڪ سو توبچي ٺٽي جي حاڪم وٽان (١-٣٧١) ، باقي سوار ۽ توبچي سيوهڻ جي جاگير کان طلب ڪيا وڃن .

لاکات جي پرڳڻي کي جيڪڏهن انهيءَ انتظام موجب سڌاريو ويو ته هڪڙي مان پنج پرڳڻا ٿي پوندا. هتان جي ٿاڻن ۾ لاڳيتا چار سال ماڻهو مقرر ٿيل هجن. پهاڙيءَ ۾ هڪ ٿاڻو وينجهڙيءَ ۾ قائم ڪرڻ کپي، جنهن لاءِ گهوڙيسوار ۽ توبچي سيوهڻ جي جاگيردار کان ورتا وڃن. اهو ٿاڻو دائمي طور هجي.

٢- سيوهڻ جي جاگيردار کي کپي ته هو ٺٽي، بکر ۽ جيسلمير جي فوجن کان سواءِ پنهنجي سر هنن رهزنن سان منهن ڏيڻ جي ڳڻ ڪري. اهو هيئن ته هتي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي آندو وڃي جيڪو سرجوش، سپاهه دوست، رعيت پرور، ظلم کان پري رهندڙ ۽ سچاڻ هجي. اهو ئي ماڻهو جاگير لائق ٿي سگهي ٿو، جيڪو هتي اچي به شيون پنهنجي قبضي ڪري يعني رعيت جون دليون ۽ لشڪر! (٣٧١-٢)

انهن جي طاقت سان ئي وڳوڙين سان پوري پڄجي اچڻ ۽ ملڪ کي آباد ڪرڻ جون تدبيرون ڪارگر ٿي سگهنديون. رعيت جي دل وٺڻ لاءِ هر پرڳڻي جو الڳ سڌارو ڪرڻو پوندو. جيڪي اٺ پرڳڻا قلعي جي هُن پاسي ۽ درياهه جي اورينءَ پر تي آهن، هي سڌارو انهن سان لاڳاپو رکي ٿو.

انهن مان هڪ باغبانن وارو پرڳڻو آهي. ان جو سڌارو هيئن ٿي سگهي ٿو ته سيوهڻ جي راڄڌانيءَ ۾ قلعيءَ ۾ تعمير ڪرايل سلطان محمد برنڪاني ارغون واري قلعي کي نئين سر محڪم ڪري ان ۾ ڪارائتن سوارن ۽ توبچين جو ٿاڻو قائم ڪرڻ ۾ اچي، جا لاءِ ته سمجهن جون چار ئي طاقتور قومون هن ئي پرڳڻي ۾ رهن ٿيون جيڪي هي آهن:

١- ٻگهين جي قوم.

٢- جوڻيجن جي قوم.

٣- ٻرين جي قوم.

اهي ٽيئي قومون (٣٧٢-١) ڀل پريندبون رهن ٿيون ۽ منجهن ڪا به اڙانگوڙي ڪانهي.

٤- ٽيهن جي قوم.

هيءَ ڏاڍي ڦڏئي ۽ چورت قسم جي قوم آهي ۽ سدائين وڳوڙ پيدا ڪندي رهي ٿي.

جيڪڏهن جاگيردار وٽ سگهارو لشڪر آهي ته فصل جو موقعو تاڙي ٽيهن تي چڙهي وڃي ٿو ته هو وصوليءَ طور ڪجهه نه ڪجهه ڏين ٿا، نه ته تريون ٺي ٺي ٿا هٽي ڇڏين.

هتي بدبخت ۽ بي ڳرا چانڊيا به رهن ٿا جن جو اڳ ۾ به احوال اچي چڪو آهي. هن پاسي ٽاٽن قائم ڪرڻ شرط چانڊين ۽ ٽيهن تي اهڙي ڪرڙي نظر رکڻ کپي جيئن پنهي جو ساهه مُٺ ۾ اچي وڃي ۽ ڪا به هوڙهيائي ڪري نه سگهن. رعيت ڪي به دلداري ڏيئي اڳين دستور موجب هلايو وڃي ۽ وڻانس جيڪا وصولي ٿيندي رهي ٿي اهائي بحال رکڻ گهرجي. انهيءَ دستور جي هيءَ نوعيت هئي ته هتي ايرني جو رواج هو، ليڪن پين هندن تي اها ريت ڪانه هئي (٣٧٢-٢). اتي آهوين ويسن جي حساب سان رکيل هو ۽ هن پرڳڻي ۾ ٽن ويسن جي حساب ساڻ هو. اناج جي اگهه مطابق به وڻئي ٽي پاؤلي في جريب گهٽائي ٿيندي هئي. پاٽيءَ جون واهيون جيڪي اڳين زماني کان وهنديون اچن ٿيون تن کي به نئين سر ٺاهي وري وهايو وڃي جيئن چڙو ڇڙ ٿيل رعيت آباديءَ جي آسري وري اچي هن پرڳڻي ۾ پنهنجا اجها اڏي ويهي، انئين هوريان ڏاڍيان سڄي پرڳڻي ۾ وري وسندي ٿي ويندي.

ڪاڇي واريون زمينون جيڪي مها ڀنڊ ۽ ماروي واهه جي اوسي پاسي ۾ آهن، جن ۾ گنجابي ۽ سبيءَ کان پاڻي وهي اچي ٿو تن کي پڻ آباد ڪرڻ کپي، جيئن هڪڙو پرڳڻو چئن

پرڳڻن جيڏي اپت وارو ٿي پوي. باغبانن جـو ڳوٺ سيوهڻ جي قلعي کان ڇاويهن ميلن تي آهي جنهن جي سڏاري بابت اڳي ئي ڪي ڳالهيون پيش ڪيون ويون آهن.

ٻيو پرڳڻو نيرون جي قلعي وارو آهي. هن جي سڏاري لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته انهيءَ قلعي ۾ ويهه سوار ۽ ڏهه توبچي ويهاريا وڃن، رعيت سان به اهي رعايتون روا رکيون وڃن (٣٧٣-١) جيڪي بختيار بيگ جي عملداريءَ کان وٺي شمشير خان جي اياڪاريءَ تائين معافيءَ جي صورت ۾ کين مليل هيون. اها رعايت هن نموني جي هئي ته ارباب بهاءالدين پنوهر جي پوک مان ڪيس ڏيون حصو معاف هو، جنهن موجب پوک جي ڏن حصن مان به حصا ان کي ڏنا ٿي ويا. ٻيو طريقو آهي نون حصن مان پنج حصا رعيت جـا ۽ چار حصا حاڪم جا ليکيا وڃن، بلڪ ان ۾ به وڌيڪ ڪمي آڻي کپي، جيئن رعيت جمع ڪري سگهي، ڇا لاءِ ته اهو علائقو ڏاڍو ڏکيو آهي، جتي جابلو ماڻهن جو گهڻو زور وهي ٿو. ان ڪري ئي هتي ويراني وڌيڪ آهي. هي ڳوٺ سيوهڻ جي قلعي کان پنجويهن ڪوهن جي فاصلي تي ٿيندو.

ٽيون ڳاهن وارو پرڳڻو آهي، ۽

چوٿون پرڳڻو ٻوبڪن جو آهي: پنهي پرڳڻن جو سڏارو هيئن ٿي سگهي ٿو ته هنن پرڳڻن جا ڪي ڳوٺ اهڙا آهن جن جون زمينون درياهه جي ويچ ڪي آباد ٿين ٿيون. اهي ڳوٺ اڄ به آباد رهن ٿا. هنن ڳوٺن جي آباديءَ لاءِ به معافيءَ جو سلسلو جاري وڪڻو پوندو جنهن ۾ ڪا به گهٽ وڌائي نه ٿيڻ کپي. اميد آهي ته ائين ڪرڻ سان آباديءَ ۾ ڏهوڻ واڌارو ٿيندو.

ٻيا ڪي ڳوٺ ڪاڇي جا آهن، جن جون زمينون جبل جي هيٺاهينءَ تي مينهوڳيءَ جي مند ۾ آباد ٿين ٿيون. هتي خريف ۾ جوار، ڳر ۽ ربيع ۾ سرنهن جي پلي پوک ٿيندي آهي. اهي

ڳرڻ شمشير خان جي عملداريءَ کان پوءِ بلڪل ويران رهندا اچن ٿا. ڇا لاءِ ته اهي سڙئي جابلو لڪن جي سخت هنڌن تي آهن. هتي سدائين جابلو قومن، چانڊين ۽ نومڙين جو خطرو رهي ٿو، جن جو احوال مٿي ڏنو ويو آهي. انهن هنڌن تي جيستائين پورو فوجي انتظام نه هوندو تيستائين ماڻهو پوکي راهي نه ڪري سگهندا (٣٧٤-١).

شمشير خان اوزبڪ جي ايامڪاريءَ ۾ هتان جي رعيت جي دل بدل هئي، ڇو ته هتي پنوهرن ۽ ٻين قومن مان هزار سوار ۽ چار پنج هزار پيادا ڳاهن واري پرڳڻي مان گهرائي سگهبا هئا. ساڳيءَ طرح بوبڪن واري پرڳڻي مان به ٻه ٽي سو سوار ۽ ٻه ٽي هزار پيادا مقرر ٿيل هئا. تنهن کان سواءِ رعيت کي به جاگيردار پاران معافي ۽ ٻي رعايت مليل هئي. اهو جاگيردار پاڻ به پوري اتالي مان سيوهڻ ۾ رهندو تي آيو. هن پرڳڻي جا سيئي رعيتي ماڻهو آبڪلائيءَ جي موسم ۾ پنهنجا ڳوٺ ڇڏي، ٻارن ٻچن سميت وڃي جبل جي پاسي اجها اڏي ويهي رهندا هئا. جتي پوک مان گڏ کين سال جي چاري جي به سهوليت هوندي هئي. حاڪم جي پاران جبل جي پاسي جاسوس مقرر ٿيل هئا، ان لاءِ ته جيڪڏهن انهيءَ طرف کان ڪنهن وڏي لشڪر جي ڪاهه جي پارپور پئجي وڃي ته (٣٧٤-٢) ماڻهو پنهنجا ٻار ٻچا ۽ ڍور ڍڳا اصلي ڳوٺن ڏانهن آمائي، مهاڏي لاءِ تيار ٿي وڃن. پر جي لشڪر ٿورو هجي ته جبل جي لڪن ۾ قائم ڪيل چوڪين کي چتاءُ ڏنو ٿي ويو، جيئن اهو لشڪر ڪنهن به وقت وجهه وٺي ماڻهن تي چڙهائي نه ڪري سگهي. ڪاڇي وارا ڳوٺ انهيءَ انتظام جي ڪري ئي آباد پئي ٿيا ۽ جاگيردار کي ماڻهو وصوليون ڏيندا ٿي رهيا. اها جرائتمند رعيت سميجن بدبختن جي جنگ دوران به چڱو ڪم ڏيندي پئي رهي، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ڪيل آهي.

شمشير خان جي عملداريءَ ڪان پوءِ ڪن جاگيردارن پاران هتان جي رعيت تي زوريءَ ڍل مڙهي ويئي، جنهنڪري پنهي فصلن تي ٻـن پٽي ڏيڻ ڪان پوءِ به ماڻهن جو مٿو گار هو. سو لاچار تي زمينون وڪڻي ڇڏيائون ۽ سندن حال زبون ٿيندا ويا (٣٧٥-١). انهيءَ زبونيءَ ۽ بدوسيءَ جي عالم ۾ جابلو ماڻهن جي راتاهن جو وارو وريو، ڪيترا رعيتي شهيد ٿي ويا ۽ سندن ڍور ڍڳا ڌاڙ ۾ ويندا رهيا. اجا ڳائين بي پهچ رعيت ۾ اها سگهه ڪانهي جو پنهنجا ماڻهو سيڙي وڃي اتـي ڌاڙيڪا ٿين ۽ پوڪيءَ راهيءَ سان لڳن.

اهي ڳوٺ تڏهن آباد ٿـي سگهندا جڏهن ڪين پوک ۾ معافي ۽ بٽئيءَ ۾ رعايت ڏنـي ويندي، جيئن بختيار بيگ، مير ابوالقاسم ۽ شمشير خان جي اپاءڪاريءَ ۾ اهڙو رواج هو. اها ريت هن طرح دهرائي سگهجي ٿي ته مرحوم مخدوم جعفر بوبڪائي جي اولاد جي پوک چئن حصن ۾ ورهائي ان مـان ٽي حصا مخدوم جي اولاد کي ڏنا وڃـن ۽ هڪ حصو حاڪم ڪٽي. اهڙيءَ طرح ارباب بهاء الدين واريءَ پوک مان ٽيون حصو ڪيدي باقي رعيت جي ٻلي ڪجي (٣٧٥-٢). ۽ نـون حصن واري ورهاست مان ٻڻ پنج حصا رعيت کي، چار حصا حاڪم کي ملڻ کپن: اجا به ان ۾ ڪتر وڌي وڃي، چاڪاڻ ته اڳ رعيت ۾ ساهه هو ۽ هاڻ سنجهس ڪو به ست ڪونهي.

سنڌ جـي والي جام نندي (نظام الدين) جـي زماني ۾ چاڳلي نالي هندو وزيـر کي جام نظام جي پٽيلي دريا خان سان گڏي سيوهڻ موڪليو ويو هو، جنهن هتي اچي باراني پاڻيءَ تي وهندڙ ساوه (ساوي) واري واهه کي وهايو هو، جنهن جو پاڻي منڇر ۾ اچي گڏ پئي ٿيو. انهيءَ ڍنڍ جي اترئين پاسي ڳاهن واري رعيت پوک ڪندي ٿي آئي، ان جي ڏاکڻين پاسي بوبڪن جي ماڻهن ڳچ ۽ مانهن جي ٻوري جي ملاوت سان پڪو بند

ٻڌي، ڪاڇي جي زمينن ۾ پاڻي پئي پچايو، جنهنڪري اتي جام آبادي ٿيندي پئي وهي (٣٧٦-١).

مؤلف (يوسف ميرڪ) کي نصيرالدين محمد ولد مرحوم مخدوم جعفر بوبڪائي واتان معلوم ٿيو تہ اهو بند ٻہ ٽي ڏينهن مضبوط رهيو، پر ڪنهن درويش جي پاراتي سبب منجهس ڪاهہ پئجي ويئي.

انهيءَ ڪاڇي واري ڀوڪ ٽي ڏهون حصو ڍل وٺل هئي، جنهن مان نو حصا رعيت کي ۽ ڏهون حصو سرڪار کي ٿي مليو. تڏهن بہ چام نندي کي هڪ لک خرار وصول پئي ٿيا.

اهو بند (جيڪو ڪنهن درويش پنهنجي ڪرامت سان پٽي ڇڏيو هو) ٻيهر ٻہ ٽي هزار خرچ ڪري مضبوط ٻڌايو ويو ۽ مٿس قلعو اڏائي ان ۾ ٻن سون سوارن سان گڏ هڪ سو توبچي ويهارڻ کپن، جيڪي بند جي نظرداري ڪري رعيت جي استقامت جو خيال رکندا اچن.

ٻئي پاسي قاسم باريجي ۽ نوحاڻي بروچن جا ڳوٺ جيڪي بوبڪن واري پرڳڻي اندر جبل ۾ آهن ۽ (٣٧٦-٢) شمشيرخان ڪان پوءِ نڌڻڪا رهندا ٿا اچن، تن جي بہ ڪا ٻرگھور لهڻ کپي.

هتي هڪ چشمو آهي جنهن جو پاڻي جبل مان اچي ڪونلي ڳوٺ اورانگهي ڪلراٺين زمينن ۾ پئجي ضايع ٿو ٿي وڃي. اهو چشمو گچ ۽ مانهن جي ٻوري سان ٻڌي ان جو پاڻي ڪاڇي وارين ٻنين ۾ ڪتب آندو وڃي. پوءِ الاهي قدرت جا ڪرشما ڏسجن تہ ڪيئن ٿي انهيءَ ڳوٺ مان پيداوار حاصل ٿئي! يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هر ڳوٺ هڪ پرڳڻي سان ڪلهو هڻڻ لڳندو.

ڪاڇي جا ڳوٺ جيڪي هن پرڳڻي مان ليکيا وڃن ٿا، ڪل ٽي آهن: انهن مان هڪ اوڏل وارو ڳوٺ آهي، جيڪو

بوبڪن جي پرڳڻي ۾ اچي ٿو. هي ڳوٺ ڇهن طرفن ۾ ورهايل آهي:

١- ڊوسڪ
٢- آنڪي
٣- ساڏر
٤- ٿابڪ
٥- ڪوراٺو
٦- اڳناڙي.

ٻيو: اراڙيءَ جو ڳوٺ، ۽

ٽيون: ڪروڙيءَ وارو ڳوٺ آهي. انهن ٽنهي ڳوٺن جو تعلق (٣٧٧-١) ڳاهن واري پرڳڻي سان آهي.

اوٺل ۽ اراڙيءَ وارا ڳوٺ سيوهڻ کان سورهن ڪوهه پري آهن. اوٺل وڏي جبل کان اٺن ڪوهن تي ۽ اراڙي ٻارهن ڪوهن تي آهي. ڪروڙي سيوهڻ کان ويهه ڪوهه پرتي ۽ جبل کان ڇهن ڪوهن جي وڇٿيءَ تي ٿيندي. ڳاهن جو ڳوٺ سيوهڻ کان ٽيرهن ڪوهه پري آهي ۽ بوبڪن جو ڳوٺ سيوهڻ کان پنج ڪوهه ٿيندو.

پنجون پاٽ وارو پرڳڻو آهي. هتي ڪوبه فوجي انتظام ڪونهي. رعيت جي ڀلائي لاءِ معافيءَ جو دستور لازمي ٿيندو- جيئن اڳ هو. انهيءَ سان آباديءَ ۾ اضافو ٿيندو. پاٽ جو شهر سيوهڻ کان ٽيهه ڪوهه پري آهي.

ڇهون ٽيرون وارو پرڳڻو آهي، جيڪو سيوهڻ کان هڪ ڪوهه جي فاصلي تي ٿيندو. هن جي چوڌاري ڳاهن، بوبڪن ۽ حويلي سيوهڻ جا ڳوٺ اچي وڃن ٿا (٣٧٧-٢). هتي رهندڙ مهاڻن کي ٽيڪا ڏنا ويندا آهن، جن ٿان محصول اڳاڙيو وڃي ٿو. هن هنڌ فوجي انتظام جي گهرج ناهي، جو ته هتي ڪا

خاص آبادي نٿي ٿئي، نه وري هتي ڪا اعڙي ايراني آهي جا پوڪي راهيءَ جي ڪم اچي.

ستون پرڳڻو سيوهڻ جي حويليءَ وارو آهي. هن ۾ پندرهن ڳوٺ آهن. جن مان ڏهه درياهه جي هين پر قلعي جي پاسي آهن. انهن مان وري اٺ ڳوٺ جبل پاسي جابلو قوسن ۾ اچي وڃن ٿا ۽ پنج ڳوٺ بوبڪن واري پرڳڻي ۾ آهن جيڪي ڪل ٻارهن ڳوٺ ٿين ٿا. اهي ڳوٺ هن ريت آباد آهن:

ماڻو: هي سيوهڻ جي قلعي کان اڻويهه ڪوهه ۽ جبل کان سورهن ڪوهه پري آهي.

عزيزاڻي: هي سيوهڻ کان پندرهن ڪوهه ۽ جبل کان اٺ ڪوهه پرتي آهي (٣٧٨-١).

پاهڻي ڪوٽ: هي سيوهڻ جي قلعي کان تيرهن ڪوهه ۽ جبل کان اٺ ڪوهه ٿيندو.

ڏهڻي: هي سيوهڻ کان ڏهن ڪوهن تي ۽ جبل کان ٻن ڪوهن تي آهي.

اهي چار ئي ڳوٺ بوبڪن جي پرڳڻي مان آهن.

جهانگارا: هي سيوهڻ جي قلعي کان اٺ ڪوهه ۽ جبل کان پنج ڪوهه پري آهي.

باجارا: هي سيوهڻ کان ساڍن پنجن ڪوهن تي ۽ جبل کان به ايتري پنڌ تي ٿيندو.

ڪجي: هي سيوهڻ جي قلعي تـوڙي جبل کان پنج ڪوهه پرتي آهي.

نار: هي سيوهڻ کان اٺ ڪوهه ۽ جبل کان چار ڪوهه ٿيندو.

هي ماڳيو ڳوٺ آهي جتي گدرن ۽ هنداڻن جون پليون واڙيون ٿين ٿيون. انهيءَ لحاظ کان هن جي گهڻي هاڪ رهي ٿي. هتي هڪ چشمو به آهي جنهن ۾ جبل کان پاڻي اچي پوي ٿو.

(٣٧٨-٢) هن چشمي جا نارا ڳوٺ ڪان ٻه ڪوهه پري جبل ۾ آهن. جنهن جو مشاهدو خود مؤلف به ڪيو آهي.

اهي نارا زمين مان ڦوهاري جيان ڦٽي نڪرن ٿا، جن جو پاڻي الائن وهي اچي ڳوٺ ۾ پوي ٿو. آتان جي رعيت انهيءَ پاڻيءَ تي پوک ڪري ٿي. هتي ميون ۽ نير جي اپت گهڻي آهي. خاص ڪري اهو نير ڏاڍو عمدو ٿئي ٿو. پر پاڻي هتي تمام گهٽ آهي جنهن مان سال ۾ پنجاهي ڪن جريب زمين آباد ٿئي ٿي. جيڪڏهن پاڻي جام هجي ته زمين جي ڪمي ڪانهي، جنهن تي ويهن هزارن جريبن ڪان به وڌيڪ آبادي ٿي سگهي ٿي. هتي بزرگ آري شينهائيءَ جي مزار آهي جا انهيءَ ڳوٺ ڪان ڪوهه اڌ جي پنڌ تي اچي ٿي. هي ڏاڍي پلاري جاءِ آهي. هن بزرگ کي شينهائي ان ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو، جو (٣٧٩-١) هڪ ڏينهن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي دوستن سان گڏ سير لاءِ نڪتو، اوچتو هڪ شينهن سندس آڏو آيو، جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا اهي شينهن کي ڏسي پاسيرا ٿي ويا. پوءِ پاڻ شينهن کي ڪن ڪان وٺي مٿس سوار ٿي سير ڪيائين (١)

هتان جا گدرا جڏهن مير ابوالبقا هٿان (جڏهن هو مرزا دوست بيگ سان گڏ سيوهڻ جو جاگيردار هو) جهانگير بادشاه ڏانهن موڪليا ويا (٢) ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو. اهي گدرا

(١) اهي روايتون هند سنڌ جي هر پير سان لاڳو آهن. (مترجم)
(٢) جهانگير بادشاه (١٠١٤-١٠٣٧ھ)

ولائتي گدون مان پيمي ڏنائين ته انهن کان وڏيڪ سوادي ثابت ٿيا. انهيءَ پسند جي ڪري اهو ڳوٺ نواب آصف جاهه کي بخشش طور ڏنائين (١) جو ڪيترن ورهين تائين سندس وڪيان جي تحويل ۾ هو.

هي چار ئي ڳوٺ حويلي سيوهڻ جي ٻر ڳٺي مان آهن جنهن ۾ ڪل اٺ ڳوٺ شامل آهن. ممڪن ناهي ته هتان جي رعيت هڪ سال تائين جابلو ماڻهن جي ڦرلٽ کان آجي رهي. ڪيترا دفعا ائين ٿيو آهي جو نومڙيا ۽ چانڊيا جيڪي جبلن ۾ رهن ٿا، هنن ڳوٺن تي ڪاهي ماڻهن جا مال ڪڍي ويا آهن. اهو ته ٺهيو پر هنن ويچارن جا ٻار ٻچا به غنيمن جي ور چڙهندا رهن ٿا. جيڪو ماڻهو هنن نياڳن کي وات ويندي ملي ٿو تنهن کي قتل ڪري ڇڏين ٿا. انهيءَ ڪري هي ڳوٺ اڪثر ويران رهن ٿا. هتان جي رعيت کي پوک ۾ معافي ڏيئي، نون حصن مان پنج حصا سندن حوالي ڪيا ويندا ۽ چار حصا حاڪم کڻي. هڪ حصو هنن جي فوجي خدمتن جي بلي معاف ڪيو ويو، جيئن پوريءَ طرح جابلو ماڻهن (٣٨٠-١) سان هٿ اٽڪائي سگهن.

---

(١) مرزا ابوالحسن ولد اعتمادالدوله غياث بيگ لقب آصف خان عرف آصف جاهه. نورجهان بيگم جو وڏو ڀاءُ ۽ ارجمند بانو (شاهجهان جي بيگم ممتاز محل) جو پيءُ، وفات ١٧ شعبان ١٠٥١ هه، لاهور ۾ دفن ٿيل (ڏسو ماثرالامراءِ ج ١- ص ١٥١)

ٽيڙهيءَ جو ڳوٺ: هي صفا پينگ لڳو پيو آهي ڇاڪاڻ ته هتان جي رعيت اڪثر جابلو قومن هٿان تلف ٿيندي رهي ٿي، باقي ماڻهو طاقت نه هئڻ ڪري ٽڙي پکڙي هليا ٿا وڃن.

ديندار خان پنهنجي عملداريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هيءُ ڳوٺ مخدومن (لعل شهباز جي سيدن) کي انعام طور ڏئي ڇڏيو هو، جيڪي هتان جي زمينن جي پيدائش مان پنج حصا ڪري هڪ حصو پاڻ کڻندا ۽ چار حصا رعيت کي ڏيندا ٿي آيا. انهيءَ آڌار تي هن ڳوٺ ۾ ڪي جريب آباد پئي ٿيا.

احمد بيگ خان هتي هڪ قلعو اڏايو جيڪو سندس چڱو ڪارنامو ليکيو وڃي ٿو. انهيءَ قلعي جي ٺهڻ سر مرمت ڪرائي اتي سو سوار ۽ پنجاهه توبچي وهاڻ ڪيَن. جيڪي ماڻهو ڳوٺ ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا آهن تن کي ڳولي ڦولهي هٿ ڪري (۲-۳۸۰) دم دلاسي سان وري هتي وسايو وڃي. هڪ سال تائين ڪانئن ڪا به ڍل وٺڻ ۾ نه اچي، ان کان پوءِ سا ڳِين پنجن حصن جي حساب سان چار حصا هنن کي ڏياريا وڃن ۽ هڪ حصو حاڪم کي ملي. انهيءَ رعايت مان ڳوٺ جي آباديءَ کي وڏو فائدو پهچندو. ۽ ائين ئي جابلو ماڻهن جي هٿ چراند جو آزار سيوهڻ جي خلق تان لهي ويندو. هي ڳوٺ سيوهڻ جي قلعي کان ڏن ڪوهن تي آهي. جبل هن کان ٻه ڪوهه پري ٿيندو. هتي ٽائي ٻوڻ ڪري ڏن پاسي

جا رهاڪو ساوي گوٺ واري ٽاٽي جي ماڻهن سان رابطو رکي هر خطري کان چوڪس پيا رهندا.

ڪاهي ماجوبي (١): هيءَ لڪيءَ واري جبل جي گس تي آهي. اهو گس پنهي پاسن کان خوفائتو رهي ٿو. ڪيئي ماڻهو هتي پنهنجيون جانيون وڃائي چڪا آهن. درياهه هن جبل جي هيٺان وهي ٿو (٣٨١-١). سياري جو جڏهن پاڻي لهي ٿو وڃي ته جبل جي وٽ سان ماڻهن جي اچ وڃ ٿيڻ لڳي ٿي. پاڻيءَ جي چاڙهه وقت هرڪو لڪيءَ جي جبل واري گس تان اچي وڃي ٿو، جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو. انهيءَ گس ۾ جابلو ڏاڙيل ۽ سميجا سنڌيون هٿي، ماڻهن کي ماري، سندن مال ڪاهي ٿا وڃن. ترخانن جي دور ۾ هتان جي ماڻهن کي آيل ۾ آڻي، مٿن واجبي اڳاڙي رکي ٿي ويئي، جنهنڪري اهو گس اچ وڃ لاءِ کليل پئي رهيو.

تنهن زماني ۾ هنن تي پوک جي پيدائش ۾ به ڏيل جي رعايت روا رکي پئي ويئي. ان ڪري ترخانن جي دور ۾ هنن کي "سواجبي" ڪوٺيو ٿي ويو، جيڪو لفظ هاڻ هن ملڪ ۾ "ماجوبي" مشهور آهي.

بختيار بيگ جي عملداريءَ کان پوءِ سيوهڻ جي جاگيردارن رعيت تي ظلم شروع ڪري

---

(١) اها وستي اڄا سوڏي لڪيءَ ۽ سيوهڻ جي وچ تي موجود آهي. اصل ڪتاب ۾ "معجوبي" لفظ آيل آهي. (مترجم)

ڏنا، جنهنڪري هتان جا گهوٽاٽا گهر گهاٽ
ڇڏي دربدر ٿي ويا. جڏهن مير ابوالقاسم سيوهڻ
۾ آيو، هتان جي رعيت کي بکر مان گهرائي،
(۳۸۱-۲) آٿت ڏيئي، پنهنجي جاين تي ويهاريائين.
هن معمول جو ٽيون حصو مٿن مقرر ڪيو هو.
لڪيءَ واري گس جي اڌ حصي جي سنڀال
جو ڪم به هنن تي رکيائين. اهو گس سيوهڻ
ڏانهن ٿي ويو. ٻئي پاسي جيڪا وات من جي
پرڳڻي ڏانهن پئي ويئي، تنهن جي نظرداري
لڪيءَ ۾ رهندڙ نوت پروچن جي ذميداريءَ ۾ ڏني
ويئي. هي جيڪي پنيون آباد ڪندا ٿي آيا
اهي کين ئي بخش ڪري ڏنيون ويون. اهو
دستور شمشير خان جي عملداريءَ ٿائين هلندو
آيو. ان کان پوءِ ڪنهن به حاڪم هتان جي
رعيت سان ڪا رعايت نه ڪئي، جنهنڪري
هوريان ڏاڍيان ماڻهن جا حال هيٺا ٿيندا ويا.
هنن ۾ جيڪي جاندار ماڻهو هئا تن کي جابلو
ڌاڙيلن شهيد ڪري ڇڏيو.

ديندار خان جي زماني ۾ هڪ دفعي نومڙين
اچي هن ڳوٺ تي ڪاهيو، ۽ جيڪو نر ٻچو کين
نظر آيو تنهن کي ڪٺائون (۳۸۲-۱). زالن
جا ڪن وڍيائون ۽ ٻارن کي قيد ڪري وٺي
ويا، ۽ جيڪي ماڻهو باقي بچيا تن ڀڄي وڃي
سيوهڻ جا وڻ وسايا ته ڪي ٻين پاسن ڏانهن
پکڙي ويا. اهو ڳوٺ ائين ويران ٿي ويو.
هي ڳوٺ سيوهڻ واري قلعي کان ٻن ڪوهن
تي آهي ۽ لڪيءَ جي جبل کان هڪڙي ڪوهه

تي ڏيندو، شهر جا ڏور ڏيکا انهيءَ پاسي ڇارڻ لاءِ نيا ڏي ويا ۽ ڪانئر به اتان ئي ڪانئيون آڻيندا هئا.

هي ڳوٺ جڏهن ويران ٿيو ته سميجن ۽ جاٻلو شاهينگن جا هٿ سيوهڻ تي ورڻ لڳا. هو هتان جا ڏور ڏيکا زوريءَ ڪاهي ڏي ويا، ۽ جيڪي جهنگ ۾ ڪانئيون ڪرڻ ويندا هئا تن ۽ ٻين مسافرن کي قتل ڪيو ڏي ويو. سنڌن اها لٽ ڦر سدائين هلندي ٿي آئيءَ ايتري قدر جو سيوهڻ جي شهر ۾ ڍورن ڏڳن ۽ گهوڙن جي حفاظت تمام مشڪل ٿي پيئي. ڪيئي سميجن جا ڪانڌڪو وچ شهر مان ديندار خان جي سپاهين کان زوريءَ گهوڙا ڦري ويا (٢-٣٨٢). ڪنهن کي اها طاقت نه ٿي جو انهن ڌاڙيلن جو اڳ وٺي. انهيءَ آزار کان ديندار خان سيوهڻ شهر جي چوڌاري قلعي کي مضبوط ڪرايو، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو.

هڪ ڏينهن مولف، ديندار خان کي چيو ته ”ڳوٺن جي اها بربادي خاص ڪري اوهان جي اياسڪاريءَ ۾ نٿي ٿئي!“ اهي لفظ سندس لاءِ اثرائتا ٿيا ۽ اهو ڳوٺ سيد جلال جي تحويل ۾ ڏنائين، جنهن پنهنجي پٽ سيد ڪمال جي نالي ڳوٺ ٿي ڪمال پور جو نالو رکي، ان جي چوڌاري قلعو اڏائي، باقي رهيل رعيت کي دلجاءِ ڏيئي، پنهنجي ماڳ تي رهائڻ جو انتظام ڪيو. ماڻهن کي پوک جي آباديءَ ۾ معافي ڏنائين، جنهن موجب اپت جا چار حصا ڪري هڪ حصو حاڪم کي ۽ ٽي حصا

رعيت کي پٺي ڏنا ويا. انهيءَ آيل آمري ٿي رعيت ۾ ڪجهه ساهه پيو. اجا ڏهه ويهه جريب ايت ٿيل (١) جي ربيع ۾ (٣٨٣-١) مس پوکيا ويا ته ديندار خان جي بدلي ٿي ويئي.

هن ڳوٺ جو سڌارو هر حالت ۾ لازمي آهي. هن ڳوٺ جو اهو پاسو سيد جلال وٽ ئي رهي جيڪو ڪيس مليل آهي، پر ان ۾ ڏهه تير انداز ضرور رهايا وڃن، جيئن رعيت هتي کو جهاڻ ڪري سگهي ۽ لڪيءَ واري ڳس جي خبرداري به ڏيندي رهي. اهي پنئي ڳوٺ حويلي سيوهڻ جي پرڳڻي ۾ آهن.

سيوهڻ جو شهر: هن جي سڌارن بابت مٿي ذڪر ٿي آيل ڳوٺن جي باب ۾ اشارو ڪيو ويو. هتي رعيت جي بهتريءَ لاءِ اڳئين دستور مطابق معافيءَ جو سلسلو جاري رکڻ کپي. سيوهڻ جو قلعو جيڪو پراڻو ۽ بيڪار ٿي چڪو آهي، تنهن جي نئين سر مرمت ڪرائي وڃي ته ڏاڍو چڱو ٿيندو.

ڪاڻي ۽ نئيگ هي پنئي هڪ ئي وسنديءَ جي نالي سان سرڪاري واري ڀنـڊ (٢) دفتر ۾ لکيا وڃن ٿا (٣٨٣-٢). هنن جو واسطو (چشما) بوبڪن واري پرڳڻي سان آهـي. پنهي هنڌن ٿي نوحاڻي پروچ رهن ٿا، جيڪي پوکي راهي

---

(١) ترڪيءَ جي ٻارهن سالن واري دوري سـان ٻارهون سال. اهي ٻارهن سال جانورن جي نالي منسوب آهن، هر ٻـارهن سالن جي دوري کان پوءِ ٻئي دوري جي شروعات ٿئي ٿي، ايت ٿيلـ معنيٰ ڪتي جو سال. (مترجم)

(٢) نئيگ اڃا سوڌو موجود ۽ مشهور آهي.

ڪندا آهن، ليڪن اهي ٻين وانگي جاگيردار کي ڍل ڪين ڏين.

هي بختيار بيگ، مير ابوالقاسم ۽ شمشير خان جي عملداريءَ واري دور کان وٺي پنهنجي رواج موجب هر فصل تي ريون ڀڪريون ڏيندا رهن ٿا. سرڪار ياران جتي ٻـه ڪا چڙهائي ڪرڻي ٿي پيئي ته ان ۾ به همراهي ٿي ڪيائون، جيئن اڳ ۾ به ٻڌايو ويو. ليڪن هاڻ هي ذاتڙجي ويا آهن ۽ ڪنهن به ليکي ۾ نٿا اچن. ٻنهي ڍنڍن جي وچ ۾ هڪ ڪوهه جو فاصلو آهي. هي سيوهڻ کان چوڏهن ڪوهن تي ٿيندا. وچ ۾ جبل آهي.

هتي جيڪي جابلو چشما آهن، تن جي ڪنارن سان گڏ ۽ سرهه جو شڪار جام ٿئي ٿو. مؤلف پڻ پنهنجي ڀائٽئي عتيق الله (مير ابوالبقا جي وڏي پٽ) سان گڏجي جبل ۾ وڃي انهن جانورن جو شڪار ڪيو هو، جنهن کي جنت مڪاني (جهانگير بادشاهه) شڪار لاءِ روانو ڪيو هو (٣٨٤-١).

هنن پروڃن کي انهن ڳوٺن جي نگهبانيءَ لاءِ: جابلو قومن جي فسادن کان بچاءَ جو آسرو ڏيئي سندن لاءِ ورهُ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي، هونءَ، به هنن جو ڪو ايڏو وڏو تعداد ناهي.

هي پيئي چشما ته هنن جي حوالي ڪيا وڃن، پر نيڙهيءَ وارو ڳوٺ به کين جاگير ڪري ڏجي، جتي سندن ئي قوم جا سو کن ماڻهو ٿاڻي طور مقرر ڪيا وڃن. ايترائي ٻيا ماڻهو مٿين چشمن وٽ پنهنجن ماڳن تي رهائجن.

ٺٽينگ جي ممّان احمد بيگ خان جيڪو قلعو اڏايو هو، تنهن کي بہ وڏيڪ مضبوط ڪري، ويهارو سوار ۽ ڏهاڪو توبچي ان ۾ رهايا وچن، جيئن اتان جا ٻروچ شاهي لشڪر جي حڪم هيٺ (۲-۳۸۴) جابلو قومن جي چرپر تي نظر رکندا اچن. ذڪر ڪيل ٻارهن ڳوٺ انهيءَ تدبير سان ئي جابلو قومن جي هٿ چراند کان محفوظ رهي سگهن ٿا. تنهن کان سواءِ جاگيردار لاءِ بہ ڪو ڪڏڪو نہ رهندو.

هاڻ انهن ڳوٺن جو بيان ڪجي ٿو جيڪي ڏهن جي تعداد ۾ درياهہ جي اترينءَ پر حويلي سيوهڻ جي پرڳڻي ۾ اچن ٿا.

۱- ڪبڙوٽ

۲- سانڪپور

۳- پوڙرو

هنن ٽنهي ڳوٺن ۽ انهن سان لاڳيتي جبل جي وچ تي منچر ڍنڍ آهي، جنهنڪري هتان جي رهاڪن کي جابلو شاهينگن جو ڪوبہ خطرو ناهي. هتان جي رعيت کي معافي ڏيئي آبادي وڌائڻ جا اپاءَ ڪرڻ کپن.

حويلي سيوهڻ جي پرڳڻي جا پنج پيا ڳوٺ درياهہ جي پرينءَ پر سميجن بيهودن جي پاسي آهن، جيڪي انهن نياڳن جي ڪري آباد ٿئا ٿين ۽ مدائين ويران رهندا اچن ٿا (۱-۳۸۵). هنن ڳوٺن جي سڏاري بابت خطي پرڳڻي واري بيان ۾ تفصيل پيش ڪيو ويندو.

اهي ڳوٺ هن ريت آهن:

١- لنجارن جو ڳوٺ
٢- سيدن جو ڳوٺ (موضع سيدان ڪاره)
٣- دولت آباد
٤- دهہ ڳوٺ
٥- ٻيلي شيخ سمون

انهن سن وارو پرڳڻو آهي، جيڪو هن وقت نومڙين، سميجن ۽ انڙن جي ارڏائين ڪري پڙپانگ نظر اچي ٿو. هن پرڳڻي جا ڪيترا ڳوٺ آباديءَ کان محروم ۽ ويران پيا آهن.

هن پاسي هيءَ تدبير ڪاربگر ٿي سگهندي ته احمد بيگ خان آمريءَ جي ڳوٺ ۾ جيڪو قلعو ٺهرايو هو، تنهن جي وري مرمت ڪرائي، ان سان گڏ سا ڳئي هنڌ پنجاه سوار ۽ پنجويهہ توبچي ويهاريا وڃن، جيئن سن جي آسپاس ۽ الهندي وارا ڳوٺ آباد ٿي پون.

آمري ۽ ٺٽي: (٣٨٥-٢) آمري ۽ ٺٽي ولي محمد هن وقت ويران آهن. ٻنهي ڳوٺن ۾ سيدن جي رهائش هئي. اهي ٻيئي وسنديون شمشير خان اوزبڪ جي عملداريءَ ۾ آباد رهنديون ٿي آيون. ان کان پوءِ حالتن ڦير کاڌو، ۽ هتان جي سيدن کي نومڙين ۽ سميجن انڙن قتل ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي ٿورا گهڻا باقي بچيا، اهي ڪک پن ٿي ويا.

آمريءَ وارو ڳوٺ ديندار خان سن جي ارباب سيد يوسف کي جاگير ڪري ڏنو هو، ۽ ٺٽيءَ وارو ڳوٺ لڪيءَ وارن سيدن سان سيد حسن کي مليل هو، جن هنن ڳوٺن ۾ ڪي ٻني‌ءَ جا ٽڪرا آباد ڪيا هئا.

هتان جا ماڻهو جيڪي پنهنجا اجها ڇڏي
نڙي پڪڙي ويا آهن، تن کي گهولي هٿ
ڪري، وري ساڳين وٽاڻن تي ويهاريو وڃي.
انهن کي به اها رعايت سلڻ کپي ته پوک
جي اپت مان چار حصا ڪري، هڪ حصو
حاڪم کي ۽ ٽي حصا رعيت کي ڏياريا
وڃن (٣٨٦-١).

لڪيءَ جو ڳوٺ: هي به سيدن جو ڳوٺ هو. هتي ميرابوالقاسم
معافيءَ جي جيڪا رسم جاري ڪئي، اها اجا
سوڌي قائم آهي. انهيءَ مطابق چوٿون حصو
پيداوار جو سيد ابوبڪر جي اولاد ٿي کنيو
۽ ٽيون حصو سيني رعيتي ماڻهن توڙي سيدن
وٽان جاگيردار کي پئي مليو باقي حصا رعيت
جي ڀلي هئا. انهيءَ رعايت جي ڪري، هيءُ
ڳوٺ وڌيڪ آباد پئي ٿيو. ايتري تائين جو
هتي زمين جو ڪو به پوکيءَ لائق حصو غير
آباد نه رهيو. هي ڳوٺ حقيقت ۾ انهيءَ لحاظ
کان سن جي سڄي پرڳڻي ۾ سرس هو. هتان
جا ماڻهو پنهنجي زور تي جبل جي پاسي ۾ رهنداٿا
اچن. جيڪڏهن انهن تي ڏکيو وقت پئي آيو
ته آسري ۽ ننڍي وارا سيد به جابلو ماڻهن
جي وڳوڙن کان بچي نه ٿي سگهيا ۽ ڳوٺ
به ويران پئي ٿيو (٣٨٦-٢). ۽ پوءِ ٿوري وقت ۾
وڳوڙ جي هڪ باهه سن ۾ ته بي سيوهڻ ۾ پري
ٿي ٻيٺي، ۽ وچ ۾ سميجن اوڙن ۽ جابلو
حملي آورن جي قـرسـار کان ڪو به ساهوارو
محفوظ رهي نه ٿي سگهيو.

هن ڳوٺ کي به ساڳئي نئي نموني هلائڻ کپي. ڳوٺ کان ٻاهر جيڪي ٻروچ وهن ٿا تن کي به فصل ۾ معافي ڏيئي، مٿن لکيءَ واري ڳس جي سنڀال جو ڪم وڪيو وڃي، جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو.

هن ڳوٺ ۾ ڪوهه ڪن ٻر تي جبل ۾ ڳندرف جو هڪ چشمو آهي. هتي رات ڏينهن سيوهڻ توڙي ٻين پاسن، بکر ۽ ٺٽي جا هندو بارين ٻچين اچي وهنجندا آهن، اهو تماشو سدائين لڳو پيو هوندو آهي. زالون توڙي مرد گوڏيون ٻڌي، ٻت اگهاڙا ڪري، پاڻيءَ ۾ پاڻ ڌوئيندا آهن (٣٨٧–١). مرزا جاني بيگ هن چشمي جي مٿان جبل جو ٽڪرو ڪاٽي، اتي جاءِ ٺهرائي هئي، جنهن ۾ ٿي ماڻهو ساپي ٿي سگهيا ۽ آتي ويهي تماشو ڏسي ٿي سگهيا. هندو هن چشمي کي تيرٿ ڌارا ڪوٺيندا آهن. سنڌيءَ ۾ هي عام طور وڏيءَ ديگ نالي مشهور آهي. هتان ٿي ڪوهه پرڀي جبل تي هڪ وڏي قبر ڀڙ ڏسجي ٿي. پڪين سرن سان ٻڌل اها قبر پنجاهه سٺ گز ٿيندي. ماڻهن جي روايتن موجب اها قبر حضرت هارون جي آهي. مؤلف به انهيءَ پلاري قبر جي زيارت ڪئي هئي، نهايت فيض پري جاءِ آهي.

هتي سن واري اوپارئين پاسي جيسروت نالي ڳوٺ ۾ هڪ قلعو اڏائي، ان ۾ پنجويهن توبچين سان گڏ پنجاهه سوار ويهارڻ گهرجن. انهيءَ سان گڏ ڳوٺ ادربيلي لاڪي جي سار لڌي وڃي جيڪو هاڻ تمام غيرآباد پيو آهي، ٻر

(٢-٣٨٧) شمشير خان جي عملداريءَ ۾ ڏاڍو آباد هو. هتي
به رعيت کي پوک جي سلسلي ۾ معافيءَ جي
رعايت ملڻ گهرجي. سن توڙي ٻين ڳوٺن ۾
رهندڙ ماڻهن کي به اهڙيءَ معافيءَ سان نوازي
سگهڻ دل ورتي وڃي. سيني ماڻهن کي سپاهگريءَ
جي سهولت ملڻ کپي. جنهن وٽ اهڙي سهولت
نه هجي، ان کي به ڏني وڃي، جيئن رعيت
وقت سر ٿاڻن تي مقرر ٿيل فوجين جو ساٿ
ڏيندي رهي.

ٿاڻن تي مقرر ٿيل ماڻهن جي ورثي سان گڏيل پرڳڻي سان هٿ ڪئي وڃي، متان اهي پنهنجي ورثي لاءِ ٻئي هنڌ هليا وڃن ۽ وگوڙين کي فساد ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي.

رعيت کي جائيتي ڪرڻ لاءِ هن قسم جا جيڪي جتن ڪيا ويندا، تن ۾ هڪ سال لڳي ويندو. ان کان پوءِ انهيءَ ٿي تدبير سان هي ملڪ خدا ڪندو ته ايترو آباد ٿي ويندو، جو بيان ڪري نه ٿو سگهجي (١-٣٨٨). ان وقت ٿاڻن تي مقرر ڪيل ماڻهن سان وڌيڪ رعايتون عمل ۾ آڻيون پونديون.

سن جو شهر: هي سيوهڻ کان ارڙهن ڪوهن تي آهي. جبل
هتان ستن ڪوهن تي ٿيندو. سن کان پنج
ڪوهه پري ٺٽي جي طرف ڏانهن هڪ جبل آهي،
جنهن تي حضرت خواجه اويس قرنيءَ جي
مزار پئي ٻڌجي، جتي سندس والده جي مزار
به آهي. هيءَ جاءِ اويس قرنيءَ جي نظرگاهه
به ڪوٺجي ٿي. صبح جي موقعي تي جبل ۽ ٻين
پاسن کان حشام ماڻهن جا زيارت لاءِ هتي ويندا رهن ٿا.

سيوهڻ جي جاگيردار کي کپي ته درياهه جي اورين ۽ پر جيڪي پرڳڻا آهن، تن کي ڏيان ۾ رکي، ڇهه سو چاليهه

سوار، ٽي سو چاليهہ توبچي ۽ تيرانداز اتي ٽي پرڳڻن ۾ مقرر ڪري، پنهنجا ڏاڍا وجهي ڇڏي، ۽ رعيت تي هٿ وڪي (٣٨٨-٢)، ۽ سميجن اتڙن جي سيڪت توڙي انهن ٽن پرڳڻن جي سنڀال لاءِ جيڪي انهن ناسرادن جي علائقي ۾ آهن، ڪافي تعداد ۾ سوار ۽ توبچي درياهہ ڪان ٽپائي وينجهڙيءَ واري قلعي ۾ رهائي ڇڏي ۽ وينجهڙي واريءَ ڍنڍ جي پاسن ڪان پڻ باغ رکائي قلعي کي وڌيڪ محڪم ڪري. اهڙيءَ طرح جوڻيجن جي پرڳڻي واريءَ رعيت سان به رعايت ڏيڻ ڪپي.

لاڪاڻ پرڳڻي جا ٻہ پاسا هن ريت آهن:

هڪ پاسي لاڪا جيڪي پرامن رعيتي آهن، ۽

ٻئي پاسي سميجا چنڊال رهن ٿا.

لاڪن بابت اڳ به بيان ڪيو ويو آهي. بختيار بيگ ڪان وٺي احمد بيگ خان جي زماني تائين هنن ڪان فصل تي ٽيون حصو ورتو ٿي ويو. ديندارخان جڏهن رعيت کي زبون حالت ۾ ڏٺو تہ رعيت ۽ حڪومت جي ڀلائيءَ جي نيت سان (٣٨٩-١) سڻن چوٿون حصو رکيائين.

بهتر ائين آهي تہ هنن لاءِ ساڳيو ديندار خان وارو دستور قائم رکيو وڃي، ۽ ڪائنن هر فصل تي چوٿون حصو اڳاڙڻ ۾ اچي. سميجن لاءِ به اهو ئي دستور هجي، جيڪو اڳ هو، جيئن بختياربيگ، ميرابوالقاسم ۽ شميشرخان جي زماني ۾ هنن ڪان هر فصل تي ٽيون حصو وٺڻ ۾ ٿي آيو. انهيءَ ئي دستور مطابق انهن چنڊالن ڪان زوريءَ توڙي ماري مڃائي بہ ٽيون حصو وٺڻ گهرجي.

خطي واري پرڳڻي ڪان سواءِ حويلي سيوهڻ واري پرڳڻي ۾ بہ سميجن جي پاسي جيڪا رعيت رهي ٿي، تنهن جي پيداوار جا پنج حصا ڪري، ان مان ٽي حصا رعيت کي ۽ ٻہ حصا سرڪار کي ڏيارجن.

جتوئيجن جوڳوٺ سيوهڻ جي قلعي ڪان پندرهن

ڪوهن جي پنڌ تي آهي (٣٨٩-٢).
لاڪات جو ڳوٺ سيوهڻ کان اٺ ڪوهہ ۽
خطي پرڳڻي جو ڳوٺ ٺلٽيءَ کان ٽي ڪوهہ پري
آهي، انهيءَ سڄي پرڳڻي کي خطو سڏيو
وڃي ٿو.

سيوهڻ جو جاگيردار جيڪڏهن پورو هڪ سال وينجهڙي واري علائقي کي پنهنجي نظرداريءَ ۾ رکي ته سڀجا انڙ هميشہ لاءِ نيست ۽ نابود ٿي وڃن. اهي ٽيئي پرڳڻا جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو، اڳي وانگي آباد ٿي سگهن ٿا. هن طرح ته اهي ماڻهو، جيڪي لاچار حالت ۾ پنهنجا اصلي ماڳ ڇڏي سميجن ۾ وڃي ويٺا آهن تن کي وري محبت سان نياڳڻ سميجن کان ڪڍي ساڳين جاين تي آندو وڃي. اهڙيءَ طرح خطي، سن واري پرڳڻن، جوڻيجن، لاکن، لاڪات جي پرڳڻي ۽ حويلي سيوهڻ جي ڪن ڳوٺن ڏانهن بہ جيڪي ماڻهو فرار ٿي چڪا آهن، تن کي بہ واپس آڻڻ گهرجي. انهن کي سمجهايو وڃي تہ سميجن سان چڱائي سوڙ نہ ٿيڻي آهي، بدبخت هر حالت ۾ اوهان کي انت پريشان ۽ دربدر ڪري ڇڏيندا (٣٩٠-٢).

پڇاڙيءَ ملڪ ۾ پڙهو گهمايو وڃي تہ ڪوبہ سميجو يا سندس زال ۽ مال جنهن کي بہ هٿ اچي، تہ انهيءَ کي نہ ڇڏي. ان لاءِ رعيت ۽ سپاهہ کي پورو اختيار ڏنو وڃي. جاگيردار کي انهيءَ ڳالهہ تي پختو رهڻ گهرجي. سميجن تي سدائين چڙهت ۾ رهڻ گهرجي. پوءِ ڏسي سگهبو تہ قدرت سميجن سان ڇاڻي ڪري! انهيءَ طريقي سان سميجا تہ قتل ٿي ويندا پر سندن ٻار ٻچا بہ قيد ٿي پوندا ۽ سندن مال ملڪيت بہ تاراج ٿي ويندو. جيڪي باقي بچندا اهي پاڻهي ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري اچي پيش پوندا ۽ آئندي لاءِ رعيتي راڄ ٿي رهندا. پنجن سالن اندر هنن جو بہ اهوئي حشر ٿيندو، جيڪو ڪائنن اڳ چاڪر هاليءَ واري راڄڏانيءَ

جي شورن، پيرن ۽ دلن جو ٿيو هو، ۽ ماڻهو سندن فتنن فسادن کان بنهه ڇڙهي پوندا.

سرڪار نامدار کي اهو فڪر نه ڪرڻ گهرجي ته سيوهڻ جي پيداوار مان ايترن سون توبچين ۽ تيراندازن جي خرچ جي پورائي ڪيئن ٿي سگهندي (٣٩٠-٢). جيڪڏهن مٿي بيان ٿيل خاصيتن وارو ڪو شخص سيوهڻ جو جاگيردار مقرر ٿيو ته ايترو سپاهه رکي، هر سال هزارن ڪان به مٿي آمدنيءَ جي رقم شاهي خزاني ۾ پهچائي سگهندو، سواءِ پهرئين سال جي جيڪو رعيت ۽ لشڪر جي انتظام رکڻ ۾ لڳي ويندو. پنجن سالن کان پوءِ هن ملڪ مان وڳوڙين جو ته خاتمو ٿي ويندو، پر هڪڙي علائقي مان ڏهن علائقن جي آمدني به وڌيڪ پيداوار جي وسيلي ٿي سگهندي. پوءِ پلي ان جاگيردار کي ٻئي پاسي بدلي ڪيو وڃي يا هتي ڪانئس ڪا ٻي خدمت ورتي وڃي.

اٺون پيلي ۾ جيڪا سرسي جي ڪاٺ آهي يا ڏاسي جي ڪاٺ جو به آتي ڏس پوي ٿو، تنهن کي سلطنت جي تحويل ۾ آڻي، ٺاهو هٿ ڪري انهيءَ مان آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هتي گهوڙئي هندوءَ جي پٽ ساڻڪ جو مثال پيش ڪجي ٿو، جنهن (٣٩١-١) اڪبر بادشاهه توڙي جهانگير جي زماني ۾ وڳو ڳاهن واري هڪڙي پرڳڻي جي هٿ ۾ وٺڻ ڪري سيوهڻ جي راڄڌانيءَ اندر ڪيڏو ڪم ڪري ڏيکاريو هو، اها ماجرا هن ريت آهي ته

هن پرڳڻي جا به حصا گهوڙئي هندو جي جاگير ۾ ۽ هڪ حصو شاهي جاگير ۾ هو، هن اهو حصو به ٺيڪي تي کڻي سڄو پرڳڻو پنهنجي پٽ ساڻڪ جي سنڀال ۾ ڏنو. اهو ذڪر اڳ به اچي چڪو آهي ته هن ڪيئن هتي مناسب تدبيرون عمل ۾ آنديون هيون.

هيءَ ڳاهن ۾ قلعو جوڙائي پاڻ اتي ويهي رهيو. سوين ڪارائتا سوار مغلن ۽ افغانن مان ۽ سوين ڪوبچي ۽ تيرانداز پاڻ وٽ ملازم رکيائين، جن سپاهگريءَ جي فن ۾ سميجن، چانڊين، نوحڙين ۽ ٻين وڳوڙين توڙي جاہلو فسادين کي جوڳي سيکت ڏيئي ڇڏي هئي. بلڪ سڀيءَ پاسي رهندڙ مگسي قوم تي چڙهائي ڪري، انهن جو به خانو خراب ڪري ڇڏيائين (٣٩١-٢). سندس مرضي هئي تہ اڳيا به جبل جي اندر وڃي حب واري ڳوٺ ۾ قلعو تيار ڪرائي ان ۾ ڳاهن واري پرڳڻي جي هرڳوٺ مان هڪڙي گهر تان هڪ ماڻهو آڻي، اتي رهائي، جيئن اتي پوکي راهي ٿيڻ لڳي. ان لاءِ پوريءَ طرح تيار ٿي، جبل جي وسندين تي چڙهائي ڪرڻ جو منصوبو سٽيائين، پر اهو معاملو سر ٿي نہ سگهيو. سندس اهي ڳالهيون اڃا سوڌيون سنڌ ۾ مشهور آهن.

هڪ دفعي رعيت مان پنوهرن ماڻس سرڪشي ڪئي. سو هيئن تہ ڪنهن سواريءَ دوران هن جو ڇهڪ هٿن مان ڪري پيو، تنهن تي عيسي نالي پنوهرن جي سردار پنهنجي ماڻهوءَ کي هڪل ڪري چيو تہ واڻئي جي تارازيءَ جي ڳني ڪري پيئي آهي، سا کيس کڻي ڏيوا هو اهي اکر دل ۾ رکندو آيو. هڪ ڏينهن مهمانيءَ جي بهاني پنوهرن جي سردارن کي پاڻ وٽ گهرائي، قيد ڪري، ڳاهن واري قلعي ۾ رکيائين. هنن کي اتي هٽيڪو ڪري پنهنجا سپاهي وٺي وڃي سيڪرجيءَ واري ڳوٺ تي ڪڙڪيو (٣٩٢-١)، جتي عيسي پنوهر جو ماڳ هو. مير نالي عيسي پنوهر جي پٽ پنهنجي ماڻهن کي ڏاهہ ڏيئي ماڻڪ سان مهاڏو اٽڪايو، ٻنهي ۾ زوردار چڪري لڳي، آخر مير قتل ٿي ويو ۽ پنوهرن کي شڪست نصيب ٿي. حالانڪ تن ڏينهن ۾ اهي پنوهر تمام طاقت وارا هئا، وٽن ست اٺ سو سوار ۽ به ٽي هزار پيادا سدائين موجود رهندا ٿي آيا.

انهيءَ کان پوءِ ماڻڪ چا ڪيو، جو ذڪر ڪيل مير
پنوهر جي منڊي لاهي پٽس عيسي ڏانهن هينءَ چورائي موڪليائين
تہ تو جنهن تارازيءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي، تنهن ۾ هيءَ منڊي
وجهيءَ تورـا پڇاڙي سپاهگريءَ وارا جيڪي وهٽ هئا ، اهي
سڀ زوهن، ترارين ۽ ڍالن سميت ڪانئن ڏنڊ ۾ ورتائين ۽ ٻيون
ڇهيون بہ مٿن وجهي، کين قيد مان ڪڍي ڇڏيائين. تنهن ڏينهن
کان پوءِ پنوهرن جو لشڪر سدائين ماڻس گڏ رهندو ٿي آيو.
جيئن تہ رعيت ۽ سپاهہ جو هن سان پورو ساٿ هو، انڪري ٿي
پنوهرن کي اها سيڪت اچي وئي.

احمد بيگ جو چاڪاڻ تہ رعيت توڙي لشڪرسان ڪو
ناهہ نہ هو، تنهنڪري هو پنوهرن سان ٻچي نہ سگهيو،
حالانڪ سيوهڻ جي راڄڌانيءَ جا ڏهہ پرڳڻا ۽ هڪ حصو
چانڊڪا پرڳڻي جو بہ سندس جاگير ۾ هو (٣٩٢-٢). جهانگير
جي زماني ۾ جڏهن ڳاهن وارو پرڳڻو مرزا غازي بيگ ترخان
جي جاگير ۾ آيو، تہ ماڻڪ واپسيءَ لاءِ شاهي دربار ڏانهن
وڃڻ جو ارادو ڪري، اچا ٻکر پهتو تہ مرزا غازي بيگ قندار وڃڻ
جي تيارين ۾ هو، جنهن کيس پاڻ وٽ گهرائي سندس دلجوئي
ڪري، پنهنجي ملازمت ۾ آڻي، ڳاهن وارو پرڳڻو تنخواهہ
طور کيس جاگير ۾ ڏيئي ڇڏيو. ماڻڪ ڏيڍ سو جانباز سپاهي ساڻ
ڪري مرزا غازي بيگ سان گڏ قندار روانو ٿي ويو.

وات ٿي سنگسي پروچن مرزا غازي بيگ سان لاپرواهي
ڪئي تہ هن ماڻڪ کي مٿن چڙهائيءَ جو حڪم ڏنو (٣٩٣-١).
دن وچي سنگسين جي ڳوٺن تي حملو ڪيو، جنهن ۾ ڪيئي
ماڻهو قتل ٿي ويا . آخر انهن جا ڍور ڍڳا جن جو ڪو
شمار ئي نہ هو، مرزا غازي بيگ وٽ آڻي پيش ڪيائين.
وري مرزا غازي بيگ جڏهن قندار پهتو، تہ داور جي ايراضيءَ وارو
ٿاڻو ماڻڪ جي حوالي ڪيائين ، جنهن حيدو سان چڱيون

چڪريون ڏنيون، ۽ نيٺ ڪيترين چڪرين کان پوءِ هن کي شڪست ڏيڻ سوڀارو ٿيو. اهڙيءَ ريت هزاري جي ماڻهن تي چڙهائي ڪري، انهن کي به پنهنجو مطيع بڻايائين. ٻچاڙيءَ نوڪدر قوم جو سردار روشن سلطان گهوڙا، شڪاري لباس، باز ۽ شڪاري پرندا تحفي طور آڻي، هن وٽ پيش پيو.

ٺٽي کان پوءِ مرزا غازي بيگ ٺٽي جي حڪومت خسرو بيگ کان واپس ڪرائي، مائين ڏني نالي هڪ هندوءَ کي ڏياري ۽ نصرپور جي راڄڌانيءَ واري حڪومت قاسم خان ارغون جي پٽن کان ڦيرائي پنهنجي خدمتگار شهباز خان جي حوالي ڪيائين، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ به اچي چڪو آهي. باقي ماڻڪ کي پاڻ وٽ فوجدار ڪري رکيائين (٣٩٣-٣). هو مائين ڏني ۽ شهباز خان سان گڏجي لشڪر جو وڏو تعداد ساڻ ڪري نصرپور آيو ۽ اتان جو قلعو قاسم خان ارغون جي پٽن کان خالي ڪرائي شهباز خان کي ڏنائين.

خسرو بيگ، قاسم خان ارغون جي پٽن سان ملي، سازش ڪئي ته ماڻڪ هن سڄي ٽولي جو اڳواڻ آهي، ان ڪري کيس به حيلي سان قتل ڪرڻ کپي، باقي ٻين جي ڪابه حيثيت ناهي. قاسم خان ارغون جي پٽ فتحيءَ اهو ذمو پاڻ تي کنيو ۽ ماڻڪ کي مهمانيءَ جي بهاني پنهنجيءَ جاءِ تي گهرائي، قتل ڪري ڇڏيائين. ان کان پوءِ جنداڻي نالي فتحيءَ جو وڏو ڀاءُ وڏو لشڪر ساڻ ڪري، هاٿيءَ تي چڙهي ماڻڪ جي ماڳ تي آيو. شهباز خان ۽ مائين ڏنو هندو نصرپور جي قلعي جا دروازا مضبوطيءَ سان بند ڪري اندر ويهي رهيا. ايتري ۾ ماڻڪ جي پٽ راءِ سنگهه پنهنجي پيءُ جا لشڪري وٺي جنداڻيءَ سان جنگ ڪئي ۽ کيس شڪست ڏنائين (٣٩٤-١). انهيءَ جنگ ۾ جنداڻيءَ جي پاسي کان ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. راءِ سنگهه هاٿي هٿ ڪري شهباز خان کي ڏنو. قاسم خان ارغون جو ڇاٽو شيربيگ

ٻه‌ ٻين مان ڳڙ قتل ٿي ويو. (١) ماڻڪ جو پٽ پوءِ جنڊائيءَ جي ديري تي ڪاهي ويو، جو نصرپور کان پنجن ڇهن ڪوهن جي فاصلي تي هو، ۽ ديري مان جيڪو به مال متاع ڪيس هٿ لڳو سو تاراج ڪري ڇڏيائين. (٢)

اهڙيءَ ريت ماڻڪ رڳو هڪڙي پرڳڻي جي طاقت سان وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا.

---

(١) شير بيگ جي قبر تي لڳل ڪتبي مان ظاهر آهي ته هو ١١- رمضان ١٠٢٠هه ڌاري قتل ٿيو هو.

(٢) تفصيل جي لاءِ ڏسو، تاريخ طاهري، بيگلرنامه ۽ مقدمو مثنوي چنيسرنامه -

"ب"

چانڊين ٻروچن کي زير ڪرڻ بابت

هنن ماڻهن لاءِ باغبانن جي ٻنهي وارو ٺاڻيدار چڱيءَ طرح بندوبست ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪين پنهنجن ماڳن تي رهڻ ڏنو وڃي ته هي به ٻيءَ رعيت وانگي ڀل ڏيڻ کان ڪين ڪيٻائيندا. ساڳئي وقت وڳوڙن کان به پاسو ڪري رهندا. ٻيءَ حالت ۾ ٺاڻيدار کي بروقت مٿن چڙهائي ڪري ڪين اهڙي سيکت ڏيڻ کپي جيئن ٻيا ماڻهو ان مان عبرت حاصل ڪن. اهي جيڪڏهن هي ملڪ ڇڏي اصلي وٽاڻن ڏانهن هليا ويا ته انهن علائقن (۳۹۴-۲) "سيوي ۽ گنجابي" ۾ ٺاڻيڪا ٿي اتان جي ماڻهن کي (جيڪي سدائين سندن دشمن آهن) بلڪل تباهه ڪري ڇڏيندا.

"ج"

نومڙين کي مت ڏيڻ بابت

هنن کي ٻن طريقن سان مات ڪري سگهجي ٿو:

١– جيئن مٿي ڄاڻايو ويو، هنن وٽ ماڻهن جي گهڻائي آهي، ۽ سنجهن هرڪو وڙهي ڄاڻي ٿو. ڪنهن چواڻي: انسان احسان جو غلام آهي. سوهتان جي سردارن لاءِ سيوهڻ جي جاگيردار کي گهرجي ته ڪين دم دلاسو ڏيئي شاهي دربار ڏانهن روانو ڪري، جيئن هرڪو اتان پنهنجي منصب مطابق سرفراز ٿي اچي. انهن سردارن کي چاڪرهالي ڀامن جي پرڳڻن ۾ جاگيرون ڏياريون وڃن، جيئن هو جاگيريءَ جو مزو چکي سرڪار جي تابعداري ڏانهن (١-٣٩٥) مائل ٿين. انهيءَ نموني هو چڱيون خدمتون سرانجام ڏيندا رهندا.

اهي جابلو ماڻهو جيڪي ڇڙواڳ رهي، ملڪ پيليندا وتن ٿا، تن کي انهن سردارن هٿان سيوهڻ جي حاڪم وٽ رجوع ڪرايو وڃي، جيڪو مٿن ڍل مقرر ڪري سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪندو رهي.

اهي ماڻهو قنڌار يا ڪيچ مڪران جي چڙهائي ڪرڻ ۾ حڪومت جو چڱو ساٿ ڏيئي سگهندا.

٢– هو تباهه ۽ برباد ٿين، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ ئي بادشاهيءَ جي ڀلائي آهي. اهو ڪم به سيوهڻ جو جاگيردار چڱيءَ طرح ڪري سگهي ٿو. اهي نومڙيا جيڪي جابلو علائقن سان واسطو رکن ٿا، ڪابه پوکي راهي نه ڪندا آهن، پر هنن وٽ ڍور ڍڳا جهڙوڪ اٺ، گهوڙا، دنبا ۽ ڏاند گهڻي ۾ گهڻا

ڌا ڏين ۽ سنڌن گذر بسر سيوهڻ ڏرڙي چاڪر هاليءِ جي پرڳڻن تي مدار رکي ٿو. هي پنهنجا اٺ گهوڙا ۽ ٻيو جابلو سامان (١-٣٩٥) انهن علائقن ۾ آڻي وڪڻن ٿا، ۽ اتان اناج، ڪپڙا، هٿيار وغيره خريد ڪري ٿا وڃن يا وري ڪي واپاري اناج، ڪپڙا ۽ هٿيار جبل پاسي وڪرو ڪرڻ لاءِ ڏا نين ۽ ان جي عيوض اٺ، گهوڙا، دنبا ۽ ٻيو مال اتان ڏا آڻين. اهڙيءَ حالت ۾ اهي ماڻهو جيڪي ڏاڻن لي مقرر ڏيل آهن تن کي تاڪيد ڪيو وڃي ته هو جبل پاسي سوداگرن ۽ ٻروچن جي اچ وڃ کي روڪي ڇڏين، جيئن ڪوبه ماڻهو هنان جي مڏي چورائي اوڏاهين نه ڪڻي وڃي. ٺٽي جي صوبه دار کي به هدايت ڪرڻ گهرجي ته ملڪ جو هٿيار، اناج يا ڪپڙو انهن ماڻهن کي نه ڏياري. سرڪاري فوجن کي به انهن ماڻهن جي ڪنهن سامان جي ڪا ضرورت ناهي. جيڪڏهن انهن کي سواريءَ لاءِ اٺ کپن، ته اهي هتان جي جتن وٽان هٿ ڪري سگهن ٿا، يا ڪين گهوڙن جي ضرورت آهي ته اهي به گهٽي انداز ۾ ڪيچ ۽ قنڌار مان ملي پوندا، پر جي هنن کي گوشت جي 'درواپش' (١) آهي، ته سنڌ ۾ ايتريقدر ٻڪريون ۽ ڪڪڙ (١-٣٦٨)

---

(١) هي لفظ "درواپش" ڪتاب جي ٻنهي نسخن ۾ ائين لکيل آهي جنهن جي ڪا معنيٰ نٿي سجهي. سنڌيءَ ۾ دراصل اهو لفظ "درواپش" ٿي آهي جو 'ضرورت' جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو وڃي ٿو يا شايد صحيح (درهوس گوشت) هجي جنهن کي ڪاتبن بدلائي ائين لکيو آهي.

نوٽ: لفظ "درواپش" ايامن کان سنڌيءَ ۾ ضرورت جي معنيٰ سان استعمال ٿيندو اچي ٿو، جنهن کي سنڌ جا فارسي دان عالم ۽ شاعر به ائين ٿي لکن ۽ ڪتب آڻين ٿا. جيئن سچل سرمست به پنهنجي هڪ فارسي شعر ۾ چيو آهي: آنچه درواپش ـ محبت کرد. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي لفظ آڳاٽي زماني کان استعمال ٿيندو پيو اچي، خاص ڪري، سنڌ جي اتراهين ڀاڱي سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد پاسي اڃا تائين اهو لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتب آندو وڃي ٿو. (مترجم)

آهن جو انت شمار ڪونهي. باقي هنن بدبختن جو احتياج ڇا لاءِ مناسب سمجهيو وڃي؟

چاڪرهاليءَ جي راڄڌانيءَ وارن جاگيردارن هنن کي جيڪي به جاگيرون ڏنيون آهن، سي ڪاڻن واپس وٺي ڇڏيون. جيئن ته هي پنهنجي اڳين ريت سوجب وري جبل پاسي لڏي هليا وڃن. جبل پاسي ڪنهن سال کو مينهن نه وسي، جهڙيءَ طرح ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ آئي برسات نه پئي آهي. ته به هنن کي اتان نڪري آباد علائقن ڏانهن اچڻ نه ڏجي.

هي جڏهن چاڪرهاليءَ جي راڄڌانيءَ ۾ پنهنجي جاگيرن اندر ويٺل هئا ته ڪنهن به ساڻن هٿ نه پئي لڳايو. تنهن زماني ۾ سيوهڻ جي جاگيردار توڙي ٺٽي جي صوبيدار جي چڙهاين سبب هنن جا حال زبون ٿي پئي ويا، تنهن ڪري جيءَ ۾ ڳارو ڪري سيوهڻ جي جاگيردار وٽ اچي پيش ٿي پيا.

جڏهن به ڪا ضرورت پوي ته سيوهڻ جو جاگيردار پوريءَ ريت جاسوسي ڪري مٿن ڪاهي سگهي ٿو ۽ خدا جي فضل سان ڪيس ڪامياب ٿيڻ جو امڪان رهندو (٣٩٦-٢). پر اهڙيءَ طرح جو هو بي‌خبر هجن ۽ هڪ ئي حملي سان ختم ٿي وڃن. جيڪڏهن پنجن سالن تائين اهو سلسلو جاري رکيو ويو ته رعيت کي ڪافي طاقت ملي ويندي ۽ نومڙيا بلڪل تباهه ٿي ويندا ۽ انهيءَ صورت ۾ سيوهڻ توڙي چاڪرهالي جون راڄڌانيون هنن جي هٿ چراندڪان محفوظ رهنديون. ٻئي پاسي جيڪڏهن ترخانن وانگي مٿن ساليانيءَ وصوليءَ جو بار وڌو وڃي ته هي جبل جو پاسو ڪڏهن به ڪو نه ڇڏين. پر هاڻ ته سندن پيڳهي متل آهي، چاڪاڻ ته سيوهڻ جو جاگيردار به هنن سان پڌيءَ ۾ رهي ٿو، جنهن ڪين پنهنجي راڄڌانيءَ مان جاگيرون ڏيئي ڇڏيون آهن. ساڳيءَ طرح چاڪرهالي

جي راڄڌاڻيءَ وارا جاگيردار به هنن جو پاسو کڻندا رهن ٿا.

هڪ دفعي سيد بايزيد بخاري ٺٽي جي صوبه داريءَ واري زماني ۾ هنن توڙي ٻين جابلو ماڻهن سان اها تعدي ڪئي هئي، جو سيوهڻ سان گڏ ٻين هنڌن تي به پنهنجا ماڻهو انهيءَ مصلحت سان مقرر ڪري ڇڏيا هئائين ته ڪوبه ماڻهو جبل پاسي اچ وڃ نه ڪري سگهي؛ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو (٣٩٧-١) نوَ مڙيا ٻين جابلو ماڻهن سان گڏجي ٺٽي ۾ اچي سيد بايزيد جي پيش پيا ۽ سيئي ڏنڊ ڀري ڏنائون. تنهن کان پوءِ هن جبل جا رستا سڀ کولي ڇڏيا ۽ پنهنجن ماڻهن کي واپس گهرائي ورتائين.

جيڪڏهن سيوهڻ جي جاگيردار وانگي هڪ شخص کي ٺٽي جي چاڪرهالي واري راڄڌانيءَ سان، ٻئي کي بکر جي پرڳڻن، جتوئي، چانڊڪا ۽ نڪر سان؛ ٽئين کي سيوي ۽ گنجابي واري علائقي سان جاگيرون ڏنيون وڃن ته اتان جا جاگيردار بادشاهي خدمتون بجا آڻي، ظلم ۽ جبر ڇڏي، عدل انصاف سان هلي پنهنجين جاگيرن کان سواءِ هر هڪ بندر تان وصوليون ڪندا رهن ۽ اهڙا ماڻهو مقرر ڪري ڇڏين، جيڪي دستور موجب ڪم هلائيندا اچن. انهن تي اها ذميداري به وڪيل هجي ته رعيت جي دلجوئي ڪندا رهن (٣٩٧-٢)، ۽ ملڪ جي آباديءَ بابت واسطيدار عملدارن کان جواب طلب ڪن. جيئن هي ملڪ ڏينهون ڏينهن آباد ٿيندو وڃي ۽ شاهي خزاني ۾ به واڌارو ٿئي. هرويرو پل جي حد کان وڌيڪ وصولي ڪرڻ ملڪ جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. هونءَ ٿي دولت جي درحق بادشاهه وٽ ڪابه ڪمي نه آهي.

جيڪڏهن اهڙي طريقي سان سنڌ جو انتظام هلايو ويو ته هي ملڪ نهايت سرسبز ۽ آباد ٿي رهندو. هي علائقو سيستان جي گهڻن علائقن کان ڪيترين ڳالهين ۾ وڌيڪ ۽ بهتر آهي.

هتان جا ماڻهو مسلمان، مسڪين ۽ خدا ترس آهن، منجهن جاگيردارن جي ظلم سهڻ جي سگهه ڪانهي.

هن ڪمترين غلام جو چوڻ هي آهي ته سيوهڻ جو سدار و ٿڏهن ٿي سگهندو جڏهن سمي بيان ڪيل ڳالهين تي چڱيءَ طرح غور ڪيو ويندو. ائين ڪرڻ سان ملڪ به آباد ٿيندو ۽ وڳوڙين کي به پنجو اچي ويندو (٣٩٨-١). ساڳئي وقت سلطنت کي به ڪا پريشاني درپيش نه ايندي. ان ڪري جو هتان جا فسادي ماڻهو خاص ڪري بکر ۽ ٺٽي ۾ گهڻا وڳوڙ ڪندا رهن ٿا. پٺي پاسي خود سيوهڻ جي علائقي جي به اها ئي حالت آهي. جڏهن هتان جي صورتحال سڌري وڃي تڏهن ڪان پوءِ ٻين ملڪن ڏانهن توجهه ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي.

آن سان گڏ هي به معلوم هئڻ گهرجي ته انسان جي تخليق جو اصل مقصد اهو ئي آهي ته هو زندگي ۾ پنهي جهانن کي ڌيان ۾ رکي. هڪ هيءَ جهان جنهن ۾ هو جيئي ٿو جتي ڪيس سک ۽ نيڪ نساميءَ سان رهڻو آهي ۽ ٻيو هو جهان، جڏهن:

ڪل شيءِ هالڪ الا وجهه - جي حڪم مطابق عالم الوهيت جي منزل ۾ قدم رکي، ۽ ان ڏينهن جڏهن- يوم يفرالمرء من اخيه و امه و ابيه و صاحبته و بنيه لکل امر منهم (٣٩٨-٢) يومئذ شان يغنيه- جو وقت اچي- و امامن اوتي ڪتابه به يمينه فسوف يحاسب حساب يسيرا و ينقلب الي اهله مسرورا- ۽ لڪل لذتون علي سرر موضونة متڪئين عليها متقابلين يطوف عليهم و لدان مخلدون باڪواب و اباريق و ڪاس من معين لا يصدعون عنها ولا ينزفون وفاڪهة مما يتخيرون ولحم طير مما

يشتهون وحورعين كامثال اللؤلؤ المكنون جزاء بما
كانو يعملون - حاصل ڪري. اهي پيئي
مرتبا، هن بيت جي مضمون مطابق بادشاهن
۽ اميرن کي ملي سگهن ٿا: (٣٩٩-١)

آسايش دو گيتي تفسير اين دو حرف است
بـا دوستان مـروت بـا دشمنان مـدارا

پنهي جهانن جي ڀلائي، دوستن سان مروت ۽ دشمن سان لحاظ ڪرڻ ۾ آهي. پنهي جهانن ۾ هنن (بادشاهن ۽ اميرن) لاءِ رعيت کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه دوستيءَ جو حقدار نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ڏـي محنت ۽ مشقت سان کين دولت هٿ اچي ٿي. هوڏانهن رعيت مصيبت ۾ رهي ٿي ۽ بادشاهہ لوڙي امير عيش ڪندا رهن ٿا. جڏهن رعيت سان رعايتون ڪيون وڃن ۽ شرعي حڪم خلاف ڪائي ڪجهہ بہ وصول ڪرڻ ۾ نہ اچي تہ دنيا ۾ نيڪ نامي ۽ آسائش ملي ٿـو ۽ قيامت ۾ اها ئي رعيت هنن جي عدل انصاف ۽ خوش اخلاقيءَ جي گواهي ڏئي ٿـي ۽ اهي- عدل ساعة خير من عمل الثقلين جي مصداق ان جو اجورو حاصل ڪن ٿا. پوءِ ڪهڙو ضرور آهي جو بعض اميرن ۽ عملدارن جي چورڻ تي اهڙي دوستيءَ کان منهن موڙي، دنيا ۾ ظالم بجني، پاڻ کي بدنام ڪيو وڃي ۽ خلق کي آزار ۾ وجهي، خدا جي اڳيان پاڻ کي شرمسار ڪجي؟

حڪيم صالح بڪر جـي ملڪ ۾ جيڪو جـواهـرن سان ڀريل سوني پيالي جيئان آهي، جـڙتـو نيڪيدارن جي ڪري جمع بنديءَ ۾ گهٽ وڌايون پيدا ڪيون، ۽ رعيتي ماڻهو (٣٩٩-٢) جيڪي باقاعدي ڍل ڀريندڙ هئا، ان کان سرڪش ٿي ويا. جيڪڏهن هن ملڪ ۾ ڪو شاهي امين هجي ها ۽ دستور جي خلاف ورزي ڪرڻ نہ ڏئي ها تہ اهڙا المناڪ واقعا رونما ٿي نہ سگهن ها.

وڏيڪ مصيبت وري اها، جو اهي ئي ظالم پنهنجي قهر جي ڪسر باقي رهائي، ماڻهن کي هٿرادو بقايائن جي عوض قيد ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. ڪين اها چاڻ نه هئي ته انهيءَ معمولي حساب جي ڪري سندن سمورو نفعو ٽلاف ٿيندو پئي رهيو. جيڪڏهن رعيت قيد ۾ ڪڙجي ويئي ته پوءِ ماڻهو ڪمائي ايندو جو سندن حاضري پريندو. انهيءَ جي بدران انهن وڳوڙين کي ڪاٺ ۾ وجهڻ ڪپي، جيڪي ڊيل به نه ڏنا پرين ۽ سدائين سرڪشي ڪندا ڏا رهن.

محمدعلي بيگ بندريءَ بابت ڪنهن کي خبر نه هوندي ته هن وٽ ڪيڏو لشڪر موجود هو ۽ کهڙيءَ ريت رعيت کي پنهنجي حڪم هيٺ رکيو هئائين؟ ونس بهترين ماڻهو ملازم هئا (٤٠٠-١) جن سندن فرمان مطابق وڳوڙين کي مات ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. ايترو لشڪر خود حڪيم صالح رت به هو، جنهن چانڊڪا ۽ ڏکر وارن پرڳڻن جي رعيت کي آزاري بيزار ڪري بکر ۾ وڳوڙ وجهرايا ۽ ماڻهن کي وڪان ڪڍي ڇڏيائين. حڪيم صالح، چانڊڪا پرڳڻي جي ارباب ڏندي جي پٽ صديق ۽ سندس چاڻي شهه بيگ تي الزام مڙهي ڪين قيد ڪري بکر آندو. ان کان اڳ ماڻيلي پرڳڻي واري ارباب کي به ڪاٺ ۾ وڌو هئائين، جو اتان جي ابڙن ديوان مان سنگهه جي مائٽ ديال داس ۽ بکر جي قانون دان وڏراج ولد ونس گوپال کي پنهنجي پنيءَ تي قتل ڪري ڇڏيو هو. ان سان گڏ سبيءَ جي هڪ قافلي کي به ڦريائون. انهيءَ تان ڏکر پرڳڻي جي جاگيردار طاهرمحمد اسي ماڻهن سان وڃي، انهن جي پرڳڻي جي ارباب (٤٠٠-٢) عبدالواحد کي (جيڪو ان وقت لاڪيرن جي ڳوٺ ۾ هو) قيد ڪري وٺي اچڻ چاهيو، پر سميجا لاڪير وچ ۾ آيل پاڻيءَ جو بند ڀڃي، لشڪر جي چوڌاري گهيرو ڪري بيٺا ۽ لشڪر تي تير وسائڻ شروع ڪري ڏنائون، جنهن ۾ اسي سوار ئي

ڪسجي ويا. تنهن کان علاوه هٿيارن ۽ گهوڙن جي به جيڪا قلت ٿي ماپنهنجي ۽ جاءِ تي رهي، ۽ ماڳهين خود طاهر محمد سميجن جي ورچڙهي ويو.

جنهن وقت پڇڻ جي ڪا واهه نه ٿي رهي
ته ماڻهو ترار جي ڏار تي هٿ به وڪندي
دير نه ٿو ڪري.

جيڪڏهن بروقت رعيت کان دل آگاڙڻ ۾ ڪا اڙانگوڙي نه ڪئي وڃي ها، ۽ ان کي ظالم بگهڙن (ڪاوندن) جي ارڏاين کان امان ڏني وڃي ها، ته اهو شرمناڪ واقعو ڪڏهن به پيش نه اچي ها. هاڻ جيڪڏهن حڪيم صالح کي وڌي ڳيا ڳيا ڪيو وڃي ته به ماڳيو بکر وري نه ٿي سگهندو. ان لاءِ سمجهدار ماڻهوءَ جي دم دلاسي جي ضرورت آهي.

هي بيت حڪيم صالح جي حال مطابق نظر اچي ٿو:

ڪو ڏنو ته بيوقوف گڏهه ڇا ڪيو؟
پاڻ ڪڏ ۾ پيو، مڏي پيا ڪٽي ويا.

اهي ڳالهيون هيون جيڪي مون هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ آنديون ۽ قصيدي جي هن بيت موجب انهن کي رعيت جي زباني شاهي دربار ۾ پيش ڪرڻ گهران ٿو:

يا اکرم الخلق مالي، من الوذ به
سواک عند حلول الحادث العمم.

ترجمو: ساريءَ خلق کان وڌيڪ عزت وارا! مون
لاءِ پيو ڪوبه اهڙو شخص ڪونهي، جو
ڏکئي وقت وڃي ونس پناهه وٺان.

هاڻ ڪتاب جي خاتمي ڏانهن قلم وڌائجي ٿو.

پنجاڻي

بادشاهن، وزيرن توڙي اميرن جي سلوڪ،
دنياداريءَ جي شغل، مرتبن ۽ فضيلتن
حاصل ڪرڻ بابت جن جو بيان ڪتاب
جي پهرئين جلد، پهرئين باب ۽ پهرئين فصل
۾ (ص ١٠٤-٢) ڪيو ويو آهي. تنهن
کان سواءِ انهن مسئلن جي باري ۾ جيڪي
ٽئين باب جي ٻئي فصل ۾ اچي چڪا آهن.

معلوم هئڻ گهرجي ته مسلمان ٽن قسمن جا آهن:

١- جيڪي دنيا ۽ آخرت جا بادشاه آهن: چارئي خليفا ۽ عادل بادشاه انهن مان شمار ٿين ٿا.

٢- اهي درويش به دنيا توڙي آخرت جا بادشاه آهن جيڪي فقر فاقي تي صابر رهي، مصيبتن تي راضي ۽ رزق جي ڪميءَ تي قانع هوندا آهن.

٣- دنيا جا بادشاه ۽ آخرت جا درويش آهن. اهي دنيا ۾ غني ليکيا وڃن ٿا. دنيا جي بادشاهي آخرت جي بادشاهيءَ کان سواءِ عيب جوڳي آهي، اهڙيءَ طرح آخرت جي بادشاهي به دنيا جي بادشاهيءَ کان سواءِ ناقص آهي. ڪمال اهو آهي ته انهن مان هر شخص (٢٠٤-١) دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو بادشاه آهي.

جنهن شخص کي خداوند ڪريم پنهنجي مهر سان نوازي بادشاهي عطا ڪري ٿو، ان کي کپي ته چڱائين لاءِ پاڻ پتوڙي ته جيئن کيس آخرت جي بادشاهي به هٿ اچي. جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته دنيا ۽ آخرت جي بادشاهي ڪيئن حاصل ٿيندي آهي؟ ۽ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته دنيا جي دوستي ۽ مال مرتبي جي حصول جي اميد سان گڏ آخرت جو سلوڪ به ڪنهن کي نصيب ٿئي؟ ۽ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته سلطنت توڙي امارت جا درجا مصيبتن جي موجودگيءَ ۾ به ڪنهن کي حاصل ٿين؟ ان حالت ۾ جڏهن ماڻهوءَ جو نفس فسق فساد ۽ دنيا جي لذتن ڏانهن مائل رهندو اچي ۽ شيطان به قوي هجي؟

انهيءَ لاءِ به طريقا بيان ڪجن ٿا:

١- (٢-٤٠٢) وهبي طريقو: جيڪو سواءِ ڪنهن ڪسب ۽ محنت جي هٿ اچي ٿو. اهو تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن خدا جو نور بادشاه جي دل ۾ ظهور پذير ٿئي، جنهن جي وسيلي خير ۽ شر جي امتياز جي خبر پئجي وڃي ٿي ۽ انسان خير جي تابع رهي، شر کان پاسو ڪرڻ لڳي ٿو. اها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي، خاص ڪري ان شخص لاءِ جنهن کي خداوند ڪريم پنهنجو مطيع بڻائي، ممس مهربان ٿئي ٿو.

٢- ڪسبي طريقو: جيڪو محنتن سان حاصل ٿئي ٿو. جيئن ڪو شخص ڏينهن جو دنياداريءَ جي شغل ۾ رهي ۽ رات جو الاهي عبادت سان شغل وڪي، ۽ خدا جي در ٻاڏائي جيئن هو سندس دانهن ٻڌي ۽ (٣-٤٠١) ۽ کيس دنياداريءَ جي شغل دوران ڪنهن تي به ظلم ڪرڻ جي روش کان باز رکي.

انهيءَ سان ڪي ڳالهيون هن ريت آهن:

الف- بادشاه کي هن طريقي سان علم جي تحصيل ڪرڻ گهرجي: رات جي هڪ پهر لاءِ هڪ شخص مقرر ڪري جيڪو

پنهنجي حاضريءَ دوران هڪ ٻهر تائين بادشاه کي، عدل بابت حديثن ۽ مختلف واقعن جي بيان ذريعي هدايتون ڪري ۽ ظلم ستم کان باز رهڻ جون ڳالهيون ٻڌائي. ان لاءِ ته عدل ۽ بادشاهيءَ جي بقاءِ جي تدبير انهيءَ معاملي جي اصل رڪن مان آهي. اهو ڪم چئن ماڻهن تي رکيل هجي.

ب - بادشاه اهڙيءَ جاءِ ۾ آرام ڪري، جتي مظلومن ۽ عدل جي حاجتمندن جو آواز آسانيءَ سان پهچندو رهي.

نوشيروان عادل جي زماني ۾ اهو دستور هو ته هن هڪ وڏو زنجير پنهنجي آرامگاه واري پاسي ٻڌرائي ڇڏيو هو، جيئن ڪو به داڻهين ونس اچي زنجير کي لوڏي ته هڪدم بادشاه کي خبر پئجي وڃي ۽ مظلوم جي داد رسي ٿي سگهي (٣٠٤-٢). جهانگير جي دور ۾ به اهڙي قسم جو زنجير ٻڌرايل هو، جنهن جو تعلق سندس شروعاتي زماني سان هو. ليڪن واقم (يوسف ميرڪ) جي گذارش آهي ته عدل جي در ڪڙڪائڻ لاءِ ڪنهن به زنجير جي ضرورت ناهي. ان جي بدران هڪ اهڙي جاءِ مقرر ڪئي وڃي جتان بادشاه جي نظر ٻاهر پهچندي رهي. اها جاءِ صرف مظلومن ۽ داد خواهن لاءِ مخصوص هجي ۽ ٻيو ڪو به ماڻهو اتي نه اچي سگهي. ائين ڪرڻ سان هر حاجتمند اتي پهچي سگهي ٿو ۽ بادشاه جي نگاه شس پئجي سگهي ٿي. بادشاه کي بروقت پتو پئجي ويندو ته هي مظلوم آهي، پوءِ ان جو احوال ٻڌي سندس باري ۾ غور ڪري سگهندو.

ج - بادشاه کي اشراق جي وقت روزانو ٻه رڪعتون نفل، استخاري جي نيت سان پڙهڻ گهرجن. پهرينءَ رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ قل يا ايها الڪافرون ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ قل هوالله احد پڙهي سلام ورائڻو پوندس (٤٠٤-١). پوءِ ڪيس هيءَ دعا پڙهڻي آهي:

اللهم اني استخيرک بعلمک و استقدرک
بقدرتک و اسالک من فضلک العظيم فانک
تقدر و لاقـدر و تعلم و لااعلم و انـت
علام الغيوب ـ اللهم اني لااملک لنفسي
ضرا و لانفعا و لاموتا و لاحيواة و لانشورا
و لااستطيع ان آخـذ الاما اعطيتني و لا
ان اتـقي الاما و قيتني ـ اللهم و فقني
لماتحب و ترضي من القول و العمل في
يسر و عافيه ـ اللهم خرني و اخترني ولا
تکلني الي اختياري ـ اللهم اجعل الخيرة في
کل قول و عمل اويده في هذاليوم والليه.

هيءَ دعا حقيقت ۾ مرشد حاضر بجا آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اها پڙهندو رهندو ۽ نماز به ادا ڪندو ته يقيني طور ان تي خدا جي رحمت هوندي. سندس قول، فعل حرکت ۽ سڪون شريعت نبوي مطابق هوندو (ع.ع-٢). ۽ اهڙا ئي ماڻهو بهشت ۾ وڏي مان مرتبي وارا هوندا.

د ـ عشاء جي نماز وقت وتر کان اڳ به رڪعتون توبهه جون پڙهجن. جن آيتن جي ضرورت هجي اهي قرآن مان پڙهڻ وڃن، ۽ پڇاڙيءَ هي دعا پڙهڻ گهرجي:

اللهم اني استغفرک و اتوب اليک من کل
ذنب. تبت اليک منه ثم عدت فيه و استغفرک
من کل ما وعدتک نفسي فلم تـوف بـه
و استغفرک من کل عمل اردت به و جهک
ثم خالطته غيرک و استغفرک من کل نعمة
انعمت بهاعلي فاستعنت بهاعلي معصيتک و
استغفرک يا عالم الغيب و الشهادة من کل

ذنب اذنبته في ضوء النهار و سوادالليل
و في خلا و ملا و سر و علانية ـ اللهم
اني استغفرک لکل ذنب قوي عليه بدني
بعافيتک (٥٠٤-١) و نالته قدرتي بفضل
نعمتک و انبسطتا اليه يدي لسعة رزقک ـ
اللهم اني استغفرک لکل ذنب ظلمة بسببه
و ليامن اوليائک او نصرت بـه عدوا من
اعدائک ـ اللهم و استغفرک لکل ذنب لحقني
بسبب نعمة انعمتها علي فتقويت بهاعلي
معصيتک و خالفت فيها امرک و اقدمت
بهاعلي وعيدک ـ اللهم اني استغفرک
لکل ذنب يورث الاسقام و الضني و الامراض
و البلاء و يکون في القيمه حسرة و ندامة
و صلي الله علي سيدنا محمدن النبي الامي
و علي آله و صحبه و سلم.

هن نماز يا استخاري جو فائدو هي آهي تہ مشائخن جي قول موجب اهو کهڙو مريد صادق آهي جيڪو ڪراماً ڪاتبين مان کاٻي پاسي واري فرشتي کي بدين لکڻ کان باز رکي سگهي ٿو (٥٠٤-٢)؟ چون ٿا تہ اهو ئي مريد صادق آهي جنهن کان ڪوبہ گناه سرزد نٿو ٿئي، ليڪن جيئن تہ هو غير معصوم آهي تنهنڪري ڪانئس گناه سرزد ٿئي ٿو. پر فرشتو سندس نند واري وقت جي پڇاڙيءَ ڏانئين هن جا گناه نٿو لکي. انهيءَ حالت ۾ انسان کي توبهہ ڪرڻ گهرجي ۽ اها توبهہ سچي چمار دهرائيندو رهي. انڙيءَ صورت ۾ فرشتو ان جا گناه نہ لکندو. جيڪو ماڻهو سمهڻ کان اڳ پابنديءَ سان اها نماز ۽ دعا پڙهندو رهندو تنهن تي خداوند ڪريم جو فضل جاري هوندو

۽ فرشتا ان جون نيڪيون لکندا رهندا.

قيامت جي ڏينهن جڏهن سندس اعمال نامي مان نيڪيون گڏ ڪيون وينديون ته ان ۾ بدين جو شمار نه ڪيو ويندو (١-٤٠٦) ۽ هن کي بنان ڪنهن حساب جي بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو. انهيءَ ريت بادشاهن کي به بهشت جو درجو حاصل ٿي سگهي ٿو. خدا جي رحمت ڪنهن به حالت ۾ گهٽجي نٿي سگهي، انهن بندن لاءِ جيڪي هر وقت آن ڏانهن رجوع رهن ٿا.

اهي ٿي اهم ڳالهيون هيون جيڪي سون ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ آڻي ان کي مڪمل ڪيو آهي. خدا جي رحمت مان اها اميد اٿم ته جيڪي ڪوتاهيون هن ڪتاب ۾ رهجي ويون آهن پنهنجي ڪرم سان معاف فرمائيندو ۽ هن ڪتاب کي وقت جي عاليشان بادشاه ابوالمظفر شهاب الدين محمد صاحب قران ثانيءَ جي حضور ۾ مقبوليت جو درجو عطا ڪندو.

نظم: تا نبود صبح را از سوي مغرب طلوع
روز بقاي تو باد هفته اي يوم الحساب
چار ملک در دو صبح داعي بخت تواند (٦٠٤-٢)
(باد) به آئين خضر دعوت شان مستجاب

معني: جيستائين صبح جو سج اولهه مان نه اڀري (قيامت نه اچي) تنهنجو ڏينهن يوم الحساب جي هفتي برابر هجي. چار ئي ملک تنهنجي بخت جا دعاگو آهن. انهن جي دعا سان تون شال عمر خضري مائين.

شعر: يا نفس لاتقنطي من زلة عظمت
ان الكبائر في الغفران كا للمم
لعل رحمة ربي حين يقسمها
تاتي علي حسب العصيان في القسم

يا رب فاجعل رجاي غير منعكس
لديک واجعل حسابي غير منخرم
و الطف بعبدک في الدارين ان له
صبرا متي تدعه الاهوال ينهزم
و اذن لسحب صلواة منک دائمته
علي النبي بمنهل و منسجم
والال و الصحب ثم التابعين لهم
اهل التقي و النقي و الحلم و الكرم
مارنحت عذبات البان ريح صبا
و اطرب العيس حاوي العيس بالنغم

معني: اي دل تون گهڻن گناهن هوندي به خدا جي رحمت کان مايوس نه ٿيءُ. وڏا گناه خدا جي بخشش اڳيان ذرّ مثال آهن.

جڏهن خدا جي رحمت جي ورهاست ٿئي ٿي ته گهڻن گناهن لاءِ بخشش به گهٽ ٿيندي آهي (١٠٧-١٤٠).
اي خدا مون کي اميد آهي ته تون مون کي مايوس نه ڪندين. قيامت ۾ جڏهن آءٌ حساب لاءِ پيش ٿيان ته ان کي آسان بڻائجانءِ.

هن ٻانهي تي دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجو ڪرم ڪجانءِ ۽ زماني جي سختين ۾ مون کي صبر جي سگهه ڏجانءِ.
پنهنجي رحمت جي ڪڪر کي حڪم ڪر ته حضور پاڪ تي صلوات جي بارش مان رحمت وسائي.

الاهي رحمتون نبيءَ جي اولاد، صحابين ۽ مقدس تابعين تي جيڪي پرهيزگار سخي ۽ بردبار هئا. جيستائين باد صبا باغ ۾ وڻن جون ٽاريون لوڏيندي رهي، تيستائين

اڻن کي هڪلڻ وارا قافاي کي اڳتي وڌائيندا رهن.

والله اعلم بالصواب، واليه المرجع والماب.

هي ڪتاب ١٩ محرم ١٠٤٤ھ ۾ ظهر جي **وقت** ڇنڇر جي ڏينهن مطابق - سال ٧ جلوس شاهي (٢-١٤٠٧) لکجي پورو ٿيو.

(١)

مخدوم لعل شهباز

(متعلق ص ١٥٧ ح ١)

ماخذ اول: تاريخ ضياء برني ۾ هن بزرگ بابت احوال جيڪو ڪجهه آيل آهي تنهن مان معلوم ٿـو ٿئي تـہ هي بزرگوار سلطان محمد خان شهيد (٦٨٤ع) بن سلطان بلبن جـي سلطنت جي زماني ۾ ملتان آيو هو. تاريخ فيروز شاهي ۾ هيٺئن لکيل آهي تہ: شيخ عثمان مريدي (؟) (مرندي) جيڪو پلارو شخص هو ملتان پهتو. خان شهيد ان جي سچائي ۽ عقيدت جي جي ڪري هن جي ڏاڍي پذيرائي ڪئي ۽ ڪيس نذر نياز ڏنائين. خان ڏاڍا وس ڪيا تہ هي بزرگ ملتان ۾ رهي، ۽ ان لاءِ خانقاه ٺهرائڻ ۽ زمين ڏيڻ جو ارادو بہ ڪيائين، پر شيخ عثمان اتي رهي پوڻ جو خيال نـ ڏيکاريو. هڪ ڏينهن خان شهيد، شيخ عثمان ۽ شيخ صدرالدين (متوفي ٦٧٤ هہ) ولـد شيخ بهاءُالدين ذڪريا کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ عربي غزلن جـي سماع جو اهتمام ڪيائين. هي ۽ ٻيا درويش مستيءَ ۾ اچـي رقص ڪرڻ لڳا. خان شهيد اهو سمورو وقت هٿ ٻڌي بيٺو رهيو ۽ زار زار پئي رنو (ص ٦٧-٦٨). پڻ ڏسو تاريخ فرشتہ جلد پهريون ص ٤١٠. مير معصوم ص ٣٠ ۽ تحفتہ الڪرام جلد ٽيون. تحفتہ الڪرام واري (جلد ٽئين ص ١٣٦ تي) لکيو آهي تہ

شيخ عثمان (٦٦٢ هہ) ڌاري ملتان ۾ وارد ٿيو. اها ٿي روايت نزهت‌الخواطر واري ڏني آهي (ج ١).

سيوهڻ ۾ اچڻ جي تاريخ:

تحفته‌الڪرام ۾ لکيل آهي ته شيخ عثمان شاهه شمس (؟) بوعلي وٽ پهتو، هن کيس چيو ته ٿي قلندر اڳ ئي هندستان ۾ موجود آهن سو بهتر آهي ته اوهان سنڌ ڏانهن هليا وڃو، انهيءَ اشاري تي هو سيوهڻ ۾ آيو.

لب تاريخ سنڌ جو مصنف ڏو لکي ٿو ته شيخ عثمان (٦٤٩ هہ) ۾ سيوهڻ پهتو، جنهن جي تاريخ جو سال هيٺئين قطعي مان نڪري ٿو:

چو باز آشيان قدس شهباز ـ سوستان را نموده جنت آسا

خرد تاريخ آن از روي اخلاص ـ "نمود آفتاب دين" بگفتا (٦٤٩)

هي ڇهہ سال سيوهڻ ۾ گذاري فوت ٿيو. مولوي فتح محمد مرحوم حيات نامہ قلندري ۾ هڪ سال سندس اقامت لکي آهي (ص ٤٠).

ڄمڻ جي تاريخ: سندس ولادت جي تاريخ فقط ٻن ڪتابن ۾ ملي ٿي! گزيٽيئر لاڙڪاڻہ (ص ٤٠) هن جي ولادت ٥٣٨ هہ ڄاڻائي آهي، ۽ سندس عمر بابت سڌ پوي ٿي ته هو هڪ سو ٻارهن سالن جو هو.

معلوم ٿو ٿئي ته اها تاريخ حيات نامہ قلندري جي هيٺئين قطعي تان ورتل آهي (ص ٤٠).

بجو تاريخ شمس‌الدين عثمان ـ بدرڪن "رنج" "از فلڪ ڪرامت"

٧٩١ ٢٥٣

من عمرش "ولي‌الله" وفاتش ـ سروش غيب مي گويد "برحمت"

٦٥٠ ١١٢

لب تاريخ جي مصنف بہ سندس ولادت جو سال (٥٣٨) لکيو آهي.

وفات جي تاريخ: سندس وفات جي تاريخ ۾ کي اختلاف آهن، هيٺئن ته:

٦٥٠ هه گـزيٽئر، ۽ اب تـاريـخ سنڌ، حيات نـامه قلندري ٢١ شعبان ٦٧٣ هه:

مائرالڪرام، آزاد (ص ٢٨٥) ٢١ شعبان- مقالات الشعراء (ص ٤٣٤) ٢١ شعبـان، مقالات الشعراء ۾ هـيءَ تـاريـخ لکيل آهي.

چون رفتہ سوي جنان آن شيخ ـ کو زبده آل و پاک نام است
از هاتف غيب مي شنيدند ـ عثمان به دوازده امـام است

٦٧٣ = ١٢ + ٦٦١

تحفتہ الڪرام جـلـد ٽيون ۽ نـزهت الخواطر: ٦٢٣ هه خزينتہ الاصفياء جلد پيو، ص ٢٧٠.

چو عثمان ولـي از دار دنيا- برفت و باب جنت شد بر او باز
ز "مخدوم اجل" جو ارتحاش- بفرما "عارف محبوب شهباز"

تذڪره فقراء تذڪرة الانساب (٢٠ شعبـان)

شاهباز نشيمن لاهوت ـ شـاه اورنـگ خطہء ملڪوت
اهل دل معارف حق ـ صاحب وجـد و تارڪ مطلق
شاه عثمان شاهباز لقب ـ اشرف الذات هم شريف نسب
بحر عرفان کنوز دانـائـي ـ مهر ايقان چـراخ بينائـي
مست خمخانہء محبت و شوق- بلبل گلستان عـالم ذوق
صاحب حال و کامل ابدال- محرم خلوت حريم وصال
در سنہ هفت صد و بست چهار ـ بست شعبان بود فصل بهار
چند از روضہ اش به سيوستان ـ عطر افزا چو روضہء رضوان
فيض افـزاي گنبذ پرنور ـ چون جهازي ز چشمہ ڪافور
خاک آن آسـتـان قبلہ نشان
سرمہ بينش عيـون شـهـان ص ١٠١

رياض الاولياء- برڪات اولياء (ص ١١٥) تاريخ الاولياء (جلد ٢ ص ٣٢٦).

نسب جو شجرو: (١) شيخ عثمان بن سيد ڪبيرالدين احمد بن سيد صدرالدين اولاد اسمٰعيل بن امام جعفر صادق. (تحفته الڪرام)

(٢) شيخ عثمان بن سيد ڪبيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد نور شاه بن سيد محمود شاه بن سيد احمد شاه بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتجب بن سيد غالب بن سيد منصور بن سيد اسمٰعيل بن امام جعفر (لب تاريخ سنڌ ۽ حيات نامه قلندري).

(٣) شيخ عثمان بن سيد حسن ڪبيرالدين بن سيد شمس الدين بن صلاح الدين بن سيد شاه بن سيد خالد سيد محب بن سيد مشتاق بن سيد نورالدين بن سيد اسمٰعيل بن سيد امام جعفر صادق بن امام محمد بن امام زين العابدين علي بن امام حسين (خزنته الاصفياء اخبارالاولياء ج ٢ ص ٤٧٤) جي حوالي سان تذڪرة الانساب، سلسلته السادات، رياض الاولياء ۽ تاريخ الاولياء جي حوالي سان.

طريقت جو شجرو: (١) شيخ عثمان لعل شهباز مريد شيخ جمال مجرد، مريد سيد ابراهيم مجرد، مريد شيخ عاقل شهيد، مسڪين شهيد، مريد سيد مرتضيٰ سبحاني، مريد سيد امام جعفر صادق (خزينته الاصفياء جلد ٻيو ص ٤٧٤- تاريخ الاولياء، اخبارالاولياء جلد ٻيو ص ٣٢٦ جي حوالي سان.

(٢) عثمان مرندي، مريد شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني، مريد شيخ شهاب الدين سهروردي، دارا شڪوه جي طريقت جو سلسلو ٻئي ڪيترن واسطن جي ڪري شيخ عثمان سان وڃي ملي ٿو. دارا شڪوه مريد ملا شاه بدخشي، مريد ميان مير سنڌي، مريد شاه خضر سيوهاڻي، مريد شاه اسڪندر، مريد شيرالاولياء خواجه حاتي، مريد سيد قادري. مريد شاه عثمان لعل قلندر، مريد شاه جمال مجرد، مريد شيخ ابواسحق ابراهيم، مريد شيخ مرتضيٰ سبحاني، مريد حضرت احمد بن مبارڪ، مريد شيخ

عبدالقادر جيلاني، (تذڪرةالفقراء ص ٨).

تذڪرةالفقراء جي مصنف لکيو آهي ته، سهروردي خانوادي جي سترهين گروه سان هڪ گروه، ”لعل شهبازي“ آهي. جنهن جي شروعات شيخ عثمان قلندر شهباز کان ٿئي ٿي. (ص ٢١) پنجون گروه جنهن جي شروعات حضرت ڪرم علي جهلي کان ٿئي ٿي. ڪن وڇين واسطن جي ڪري شيخ عثمان لعل شهباز ذريعي سهروردي خانوادي تي ختم ٿئي ٿي. (تذڪرةالفقراء ص ٢١).

قلندر جو ظاهري طريقو: خزينةالاصفيا جي مصنف ”معارج الولايه“ جي حوالي سان لکيو آهي ته، هي نهايت جذب ۽ مستيءَ جي عالم ۾ هوندو هو، تنهنڪري شرعي احڪامن جي پابندي نٿي ڪيائين. پاڻ ملامتي طريقي جو قائل هو، ماڻهن جي سامهون نشيدار شين واپرائڻ ۾ مشغول رهندو هو ۽ پنگ تمام گهڻي ٿي پيتائين، سدائين ڳاڙها ڪپڙا پائيندو هو سندس مرشد کيس شهباز جو لقب عطا ڪيو. ملامتي طريقي جي ڪري ماڻهن ۾ شهباز قلندر مشهور ٿيو. ڪيترين ڪرامتن جي ظهور سبب هزارين ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد ٿيا. (جلد پهريون ص ٤٦) ڏسو تذڪرةالانساب ص ١٠١، رياض الاولياء تذڪرةالفقراء (ص ٢١) برڪات الاولياء (ص ١٤).

پڻ اخبارالاولياء ۽ تاريخ الاولياء (ص ٣٢٦).

مير غلام علي آزاد جو قول: مير غلام علي آزاد بلگرامي، تذڪره ماثرالڪرام (ص ٢٨٥) ۾ لکي ٿو: راقم الحروف، مولانا محب علي ٺٽوي (ڏسو مقالو راقم الحروف جو ”مولانا محب علي سنڌي“ جي عنوان سان ڇپيل مجله تاريخ و سياست ڪراچي) جي خط ۾ آهي ته هي زماني جي بزرگن مان هو، سندس ذڪر شاهجهان نامي ۽ ٻين ڪتابن ۾ آيل آهن. جنهن مان معلوم ٿيو ته اها عبارت ته: حضرت مخدوم لعل شهباز جو نالو آهي. ان سان گڏ ڪاري پٿر جي تختيءَ تي پڻ ڏنو ويو ته ان

تي "شيخ عثمان مرندي قطب الدين، اچو باز"- مرند (ميم ۽ ري جي زبر سان) تبريز جي اوسي پاسي ۾ هڪ ڳوٺ آهي. سندس نسب ڏيرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو.

تذڪره مشائخ سنڌ جي مصنف لکيو آهي ته "مرند مخدوم لعل شهباز جي ڄمڻ جو هنڌ آهي. آتان پنهنجي رتبي کي رسي، شيخ جمال مجدد جي مريد بابا ابراهيم جي خدمت ۾ پهتو ۽ سندس مريد بڻيو. هڪ سال ان وٽ رهي پنهنجي رتبي جي تڪميل ڪيائين. خلافت جي گودڙي ۽ اجازت کان پوءِ مجرد گهارڻ لڳو. آخرڪار هندستان آيو جتي شيخ فريد گنج شڪر ۽ شيخ الاسلام بهاؤالدين ذڪريا جي ملاقات کان علاوه شيخ صدرالدين سان به صحبتون ڪيائين، ۽ آتان ٺٽي سيوهڻ ۾ اچي وهائش پذير ٿيو."

راقم الحروف جڏهن ١٠ ربيع الاول ١١٤٣هه ڌاري سيوهڻ ويو ته مير سيد محمد خان، بخشي گريءَ ۽ وقائع نگاريءَ جو عهدو مون کي ڏيئي پاڻ بلگرام هليو ويو. ٿوري وقت کان پوءِ منهنجي ملازمت جو امڪان نه رهيو، جنهن ڪري پريشان ٿي پيس. هڪ رات خواب ۾ ڏٺم ته شهر جي ڪنهن گهٽيءَ مان لنگهيو پيو وڃان، ڪو شخص منهنجي سامهون آيو جنهن کان پڇا ڪيم ته اڳيان گهٽي ڪاميل آهي؟ هن عربيءَ ۾ جواب ڏنو، سيلقاڪ رجال (توکي ڪي ماڻهو ملندا). اڳيرو ويس ته هڪ جاءِ ۾ ڪي مشائخ ويٺا هئا جن کي سنڌي پوشاڪ پهريل هئي. انهن مان هڪڙو اڳواڻ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون انهن جي ويجهو وڃي سلام ڪيو ۽ سندن اڳواڻ شيخ اڳيان گوڏا کوڙي ادب سان ويهي کانئس سوال ڪيم ته منهنجي ملازمت بحال ٿيندي؟ اهو بزرگ هو مراقبي ۾ هليو ويو ۽ ڪافي دير کان پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي چيائين، هاڻو بحال ٿيندي. ڇنهن واقعي

ائين ٿيندو؟ فرمايائين تہ اسين ٿا چئون. نيٺ هڪ سال کان پوءِ منهنجي ملازمت بحال ٿي ۽ شيخ جو قول پورو ٿيو. ائين معلوم ٿيو تہ اهو بزرگ جنهن بشارت ڏني هئي، حضرت لعل شهباز هو. مخدوم هڪ پهر واري مراقبي کان مراد هڪ سال جو عرصو هو. هن پلاري جي وفات ٢١ شعبان ٦٧٣هہ ڌاري ٿي هئي.

مخدوم مقبرو ۽ خانقاه: هن جو مقبرو سيوهڻ ۾ آهي جتي هند سنڌ ۽ افغانستان جي خلق ايندي رهي ٿي. هر سال مخدوم درگاه تي عقيدتمندن جو ميلو لڳي ٿو جو ٽي ڏينهن هلندو آهي.

ابن بطوطہ ٧٣٤هہ ڌاري سيوهڻ جي سفر دوران اهو مقبرو ڏٺو هو. هن شيخ محمد بغداديءَ سان الڳي ملاقات ڪئي هئي جيڪو ان وقت هڪ سو چاليهن سالن جي وڏي ڄمار جو هو ۽ ايترو عرصو قلندر جي خانقاه تي گذاريو هئائين. اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ آن زماني ۾ اهو خانقاه ڪهڙيءَ ويت هو. ڇاڪاڻ تہ ابن بطوطہ صرف خانقاه لکيو آهي، عمارت ۽ قبي بابت ڪا بہ سُڌ نٿي پوي تہ انهيءَ جو وجود هو يا نہ؟

سلطان فيروز تغلق، سلطان محمد تغلق جو لاش ڪٽائي سيوهڻ آندو ۽ هن خانقاه جي پر ۾ دفن ڪرايائين، جنهن جا بہ ڪتبا الڳي لڳل آهن. سلطان محمد تغلق ٢١ محرم ٧٥٢هہ ڌاري ٺٽي لڳ وفات ڪئي هئي. سلطان فيروز تغلق لاش دفنائڻ کان پوءِ خانقاه جي متولين ۽ سيوهڻ جي پين بزرگن کي ڏاڍيون خيراتون ڏنيون هيون. (برني ص ٥٢٤-٥٢٥-٥٣٥).

هڪڙو ڪتبو جيڪو خانقاه ۾ لڳل آهي، تنهن مان پتو پوي ٿو تہ هي قبو ۽ مقبرو انهيءَ سلطان فيروز جي فرمائش تي تيار ٿيو هو. جنهن تي لکيل آهي تہ ”ياران ملڪ رڪن الدين

عرف اختيار الدين جي تاريخ ٧ رجب ٧٥٧ هه ڌهي راس ٿيو جنهن ۾ ست ونگ ۽ ڇهه قبا آهن." ڪتبي جي پوري عبارت هن ريت نظم ٿيل آهي:

بعهد دولت فيروز شهه سلطان دين پرور
که خاڪ درگهش سازند شاهان جهان افسر
عمارت شد مقام شيخ عثمان مرندي ڪو،
ولي الله باز اسفيد، مير بحر بود و بر
اگرچه اولياء اندر زمان شيخ بس بودند
ولاڪن دو ڪرامت بود او از همگنان برتر،
چه زيبا بارگاهي شد، بهفت طاق و شش گنبذ (ڪذا)
که رنگ نه فلڪ گشته ز رشڪ بام او اخضر
بروز هفتم از ماه رجب، مبني شد اين روضه
بسال هفصد و پنجاه و هفت از هجرت مهتر
بنايش ڪرد والي اختيار الدين، ملڪ ارشد
امير عادل و باذل، تهمتن، ثاني اسڪندر
که تابود است سيوستان، نبود است اين چنين والي
تقي و مشفق و مڪرم، سخي و پاڪ دين ديگر
اميد آنست مي يابد جزاي اين چنين خيري
هزاران قصر در جنت بفضل ايزد اڪبر

(متين پڙهڻي مولانا محمد شفيع لاهوريءَ جي آهي.)

تذڪره مشائخ سيوستان ۾ هڪ بيت وڌيڪ لکيل آهي جيڪو پهرئين بيت کان پوءِ اچي ٿو:

ازان گاهي که بر تخت شهنشاهي نشست آن شهه
سراسر گشت گيتي از شعاع دولتش انور

انهيءَ تذڪري ۾ چوٿون بيت هينءَ آيل آهي:

چہ زیبا بارگاهي شـد، بهشتي طـاق بـر گنبذ
کہ رنگ نـہ فلک گشتہ ز زنگ بـام او اخضر

ستون بيت پڻ هن طرح لکيل آهي:

کہ آبادان است سیوستان، نبود است این چنین والي
سخي و مشفق و مـکرم، تقي و پاک دین پرور

”تذکره مشائخ سیوستان“ مان ظاهر آهي تہ ان کان پوءِ ٺٽي پيري سنڌ جي حاڪم مرزا جاني بيگ ترخان پنهنجي زماني ۾ نئين سر قبي ۽ خانقاه جي اڏاوت جي شروعات ڪرائي پر اها اڃا پوريءَ ريت تيار ٿي نہ هئي، تہ خان خانان ان تي سوپيارو ٿيو ۽ کيس سنڌ مان ڪڍي اڪبر بادشاه جي دربار جا در ڏيکاريائين. ڪيترن ورهين کان پوءِ وري سندس پٽ مرزا غازي بيگ انهيءَ عمارت کي تڪميل تي رسايو. قبي جي اڳيان خانقاه وارو حصو بہ انهيءَ ئي ٺهرايو.

شاهجهان جي دور ۾ سيد ديندار خان (سيوهڻ جي صوبہ دار) خانقاه جي باقي تعمير سان گڏ هڪ جريب ويڪرو آڳر بہ ڪاشيءَ جي سيرن سان سنواريو ۽ مسجد پڻ جوڙايائين، جن جي پٿرن تي هيٺيان ڪتبا موجود آهن:

چـون در عهد سلطان فیروز مرحوم روضہ
قـدیم حضرت مخدوم بناشدبـود، و ایـن
دو سنگ تاریخ نوشتہ نصب کرده بودند.
آخر چون گنبذ کلان در عهد میرزا جاني
ترخان بنا یـافتہ این سنگها بـرهم افتاده
بودند. الحال کہ این فقیر سید بهووه عرف
دیندار خان بـاشد در عهد دولت حضرت
صاحبقران ثاني صحن روضہ را ترکیب داده

و دو مسجد راست مي ساخت، اين دوسنگ هم در ديوار خانقاه بنهاده تا يادگار سلاطين گذشته باشد.

"جڏهن سلطان فيروز مرحوم جي زماني ۾ مخدوم شهباز جو پراڻو روضو تعمير ٿيو هو ته ان تي به پٿراهان ڪتبا لڳايا ويا هئا. پوءِ جيئن وڏو قبو مرزا جاني بيگ ترخان جي دور ۾ تيار ٿيو ته اهي پٿر نڙي پڪڙي چڪا هئا. هاڻ هن فقير سيد بهوه خان عرف دينذار خان شاهجهان بادشاه جي زماني ۾ روضي جي اڳڻ ٺهرائڻ سان گڏ به مسجدون به تيار ڪرايون، انهيءَ دوران اهي چڙوچڙ ٿيل پٿر به روضي جي پتين ۾ لڳرايا ويا ته جيئن اڳين بادشاهن جا يادگار قائم رهن."

جنهن ڪتبي مان فرش جي تعمير جي تاريخ نڪري ٿي سو هي آهي:

به دوران شهاب الدين جهان شاه ـ جهان از عدل او خرسند و آباد
شده تعمير فرش عرش مسند ـ حسيني سيدي، شهباز آزاد
قبول آمد نياز خان دينذار ـ دران حضرت ز عون طالع شاد
چه گويم وصف آن صحن مقدس ـ بجاي خشت انجم چيده استاد
چو خواهي سال وي باچشم دانش ـ بمقطع بين کم آمد سال بنياد

يکي باشد ز "فرش مسند شاه" ١٠٤٠هه
دگر باشد ز "فرش جنت آباد" ١٠٤١هه

مسجد جو ڪتبو جا ١٠٤٣هه ۾ تيار ٿي هئي:

به دور شهنشاه شاه جهان ـ جهان از نوازش چو باغ بهشت

چو مسجد بنا کرد دیندار خان ـ بدرگاه شهباز عالي سرشت
خرد گفت سالش کہ "بیت العتیق" ١٠٤٣هہ
دگر "مسجد شیخ بهووه" نوشت ١٥٤١هہ

سنڌ جي واليءَ ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي زماني ۾ خانقاه اندران هڪ ڏيڏي ٺهرائي ويئي ۽ هڪ انگاس (علم) پڻ پيش ڪيو ويو، جنهن جو ذڪر هيٺين ڪتبي ۾ آيل آهي.

چہ خوش جناب مبارک کہ نور حقاني
ز روضہ است عیان ظاهري و پنهاني
قلندر و سخي و کام بخش اهل یقین
ولي و سید عثمان پیر نوراني
بخاص و عام کہ مشهور لعل شهباز است
بپادشاه گدا باز داد سلطاني
باین جناب هر آنکس کہ ارادتي دارد
بکام مي رسد از دولت فراواني
غلام شاه میان صاحب سعادتمند
نشان حضرت عباس کان احساني
سخي و غازي و فیاض معدن الطاف
چو سرفراز شد از لطف و جود رباني
ز خاص نیت خود کرد تازه خوش تعمیر
کہ فرش و صحن در روضہ شد گلستاني
قبول حضرت مخدوم شد نشاني کو
ز رحمت نبوي و علي عمراني
هر آنکہ دید و بیند ز شوق نور ظهور
شود دو چشم و دلش روشن و درخشاني
هزار یک صد و هفتاد و سہ ز هجري بود
ز کارداريءِ باقر نشان شد ارزاني

قبولیت کہ ز تعمیر جستم از هاتف
ندا بگوش من آمد ز لطف سبحاني
ز یمن مصرع تاریخ خوش بگو صابر
”قبول باد نشان در جناب شاهاني“
١١٧٣ھ

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جي واليءَ مير ڪرم علي خان پراڻين عمارتن جي مرمت ڪرائي ۽ هڪ چانديءَ جو دروازو جيڪو اڃا تائين موجود آهي، روضي ۾ لڳرايائين. مير غلام علي ”مائل“ ان تي قطع تاريخ لکيو:

چون بہ آن روضہ جنان رفعت
کہ بہ بابش بود فلک دربان
روضہ شاہباز روضہ قدس،
لعل شہباز شیخنا عثمان
داد اکنون کرم علي خان میر
از کرم هاي ایزد منان
بہر ترویج کار اجر و خیر
کہ بود احسن از شهان زمان
خوش بہ ترمیم روضہ زین نو باب
زیب و تکمیل زینت شاهان
باب این روضۃ الصفا کردند
از زر و سیم مہر و مہ رخشان
لوحش الله کہ بخت و اقبال است
از درش بخش مقبلان جهان
بسکہ باب کشود کام دل است
باب این بارگاہ فیض نشان

دلم از شوق آستان بوسیش
صبحدم دردعای بانيء آن
خواند تاریخش این چنین "بکمال"
۹۱
قبل الله خیر وز احسان
۱۲۳۱هـ =۱۱۴۰ +۹۱
باز سالش به "باب" گفت دگر
"ضاعف الله اجره" برخوان
۱۲۳۱ هـ =۱۱۲۶+٥
حبذا بارگاه باب سلام
با سر گام باز کرد بیان
هم دگر کرد گل دلم این سال
"آمد این باب روضه باب جنان"
۱۲۳۱ هـ =۱۲۱۱ ×۲۰
خوش براین باب "سائل" حق است
سائل خیر و خوبیش هم آن

بي تاریخ:
حبذا این باب باب روضهء جنت نظیر
کامد از خیر امیر ذ والکرام اکرام جفت
هاتفم سال درستي اش ز لوح سیم و زر
از طلا و نقرهء مهر و مه است این باب گفت

(۲)

مخدوم چنو امراڻي

(متعلق ۱۵۷- ح ۲)

تحفة الڪرام ۾ هن بزرگ بابت لکيل آهي:

پانيرن (برهمڻ آباد) شهر جي بربادي‌ءَ جي باري ۾ مشهور آهي ته راجا دلوراءِ اروڙ جي تباهي‌ءَ کان پوءِ هن شهر ۾ اچي رهيو. هن کي چنّي امراڻي (آمر جي پٽ) نالي هڪ ڀاءُ هو جنهن کي خدا ننڍي هوندي اسلام جي توفيق عطا ڪئي هئي. هي برهمڻ آباد ڇڏي ٻاهر هليو ويو، اتي قرآن مجيد جي حفظ سان گڏ اسلامي عقيدن کان به واقف ٿيو. ۽ جڏهن واپس ساڳئي شهر ۾ آيو ته ماڻهن کيس شادي‌ءَ لاءِ زور ڀريو پر هن انڪار ڪيو. ڪنهن ماڻهوءَ مسخري ڪندي چيس ته تون به ڇڻ ڪو ترڪ آهين جو ڪعبي ۾ وڃي عرب جي فلاڻي‌ءَ زال سان نڪاح ڪندين. اتفاق سان انهن ئي ڏينهن ۾ کيس حج جو خيال ٿيو. عرب ۾ پهچي ٿوري وقت کان پوءِ ڪنهن زال کي هڪ دڪان تي قرآن پڙهندي ڏٺائين ۽ اتي ئي ٻهي رهيو. مائي‌ءَ کانئس پڇيو: ڇا لاءِ ويٺو آهين؟ هن چيس: قرآن ٻڌڻ ٿو چاهيان، جيڪڏهن تون قرب ڪرين ته مون کي قرآن سيکار، مان تنهنجو ٿورائتو ٿيندس. مائي‌ءَ وراڻيو: فلاڻي زال منهنجي

استاد آهي، جيڪڏهن تون ويس بدلائي ڇوڪرين جي حال ۾ اتي وڃين ته تنهنجو مقصد پورو ٿيندو. اهڙيءَ ريت هي زنانو ويس ڪري اتي ويو ۽ قران سکڻ لڳو. اها زال نجوم جي علم ۾ ماهر هئي. هڪ ڏينهن ڪنهن زال اچي آن مائيءَ کان پنهنجي ڌيءَ جي ستاري بابت پڇا ڪئي ته انهيءَ جي ڪٿي شادي ٿيندي؟ جڏهن ان کي جواب ڏئي فارغ ٿي ته چنيءَ امرائيءَ کيس چيو: تون جنهن صورت ۾ ٻين جي باري ۾ سڀڪجهه ڄاڻين ٿي ته توکي ضرور پاڻ بابت به ڪا خبر چار هوندي؟ مائيءَ چيس: چڱو جو ياد ڏياريئي! ائين چئي پنهنجو ستارو ڏسي ٻڌايائين ته آءٌ هڪ سنڌيءَ سان شادي ڪنديس. هن پڇيس ته اها شادي ڪڏهن ٿيندي؟ ته مائيءَ چيو، جلد ٿيڻ واري آهي. چنيءَ چيس، اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟ مائيءَ استخارو ڪيندي چيو، اهو شخص تون ئي آهين. اها ڳالهه ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو. مائيءَ چيس ته هاڻ هتان هليو وڃ، پوءِ هتي نه اچجانءِ. ان سان گڏ اها هدايت به ڪيائينس ته زالاڻو ويس بدلائي وڃي منهنجي مائٽن کان منهنجي سنگ جي گهُر ڪر، آءٌ تنهنجي ئي ڀاڳ ۾ لکيل آهيان.

ستت ئي هنن جي شادي ٿي ويئي ۽ چنو پنهنجي زال فاطمه کي وٺي وطن ڏانهن وريو. جڏهن برهمڻ آباد پهتو ته پنهنجي پيءُ دلوراءِ جي بڇڙائين جي خبر پيس جو پرايون زالون زوريءَ ڪٽائي انهن جي عصمت لٽيندو ٿي رهيو. چنيءَ گهڻو ئي کيس سمجهايو پر هو باز نه آيو، ويتر سندس حالت اها وڃي ٿي جو فاطمه جي سونهن جي تعريف ٻڌي وڃهه وٺي ان جي ڏسڻ لاءِ چنيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ سندس گهر هليو آيو. چنيءَ کي ڪشف ذريعي اها پاپور پئجي ويئي. هو اوڏيءَ مهل گهر پهتو ۽ زال کي ساڻ ڪري شهر کان ٻاهر نڪري ويو. ويندي ويل اها وائي ڪيائين ته اجهو ڏو شهر ناس ٿئي. ٿورن ماڻهن

ان ڳالهہ تي اعتبار ڪيو، ڀڄڻ رات هڪ ڀيڙي زال چرخو ڪتيندي رهي جنهن جي رينگٽ ۾ وقت گذري ويو ۽ ٻيءَ رات اچا هوءَ ٻاهر نڪتي تہ سارو شهر تباهہ ٿي ويو، جنهن جو رڳو هڪڙو منارو يادگار طور باقي رهيو. (جلد ٽيون ص ٥٤)

تاريخ طاهري (تاليف ١٠٣٠هہ) ۾ انهيءَ روايت کان پوءِ هي اضافو ڪيل آهي: چنو اسرائي پنهنجي زال سان گڏ برهمڻ آباد مان نڪري سيوهڻ هليو آيو ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيو، ۽ اتي ئي سندس حياتي پوري ٿي. هي جيئن پنهنجي جيڙي پهتل شخص هو تيئن مرڻ کان پوءِ بہ اهو ئي درجو هوس. جيڪو بہ سندس قبر تي اچي ٿو تنهن جي مراد پوري ٿئي ٿي. اها قبر اڃا تائين سيوهڻ ۾ آهي جتي جمعي ڏينهن ماڻهن جا ميڙ اچي گڏ ٿين ٿا. (تاريخ طاهري، قلمي)

چني اسرائيءَ جو مقبرو سيوهڻ جي شهر ۽ ريلوي اسٽيشن جي وچ تي آهي، جنهن تي دينداد خان (سيوهڻ جي صوبہ دار) ڪتبو لڳرايو هو، جو اولاهين پٽ ۾ نصب ٿيل آهي:

بـدور شهنشاه شـاه جـهان
خديو خـرد مند، صاحب قرآن
چـو خلد برين روضہ شاه چهتہ
بنا کـرد نـواب ديندار خان
ز سـال بنايش طلب داشتند
"بهشتي بہ روي زمين" گفت عثمان(؟)

پوئين مصرعي مان تاريخ جو سال ١٠٤٢هہ نڪري ٿو. جنهن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ ئي سال اهو مقبرو ديندار خان تعمير ڪرايو هو جو اڃا تائين موجود آهي. سيد حاجي حسين علي شاه سيوهاڻي تذڪره مشائخ سيوستان ۾ لکيو آهي تہ اهو

ڇڻو امرائي، عمران نالي ڪنهن عرب جو پٽ هو. سندس تعلق
تميم قوم سان ڄاڻايو وڃي ٿو، ۽ هو ڪجهه وقت برهمڻ آباد جو
حاڪم به ٿي رهيو هو. دلوراءِ به انهيءَ جو ئي پٽ هو،
جيڪو پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ان جي گاديءَ تي
ويٺو. وڏيڪ خدا ڏنو چاڻي. بيبي فاطمه جي تربت ڇڻي جي
مزار لڳ ننڍيءَ ٻنيءَ ۾ اڄ به موجود آهي.

(٣)

مرزا انور

(متعلق ص ١٩١ ح ٢)

مرزا انور، زين خان ڪوڪه جو ڇاڙو هو (ماثر الامراء ص ٣٩٦-٢). ذخيرة الخوانين ۾ لکيل آهي ته هو سهڻو، سيبتو ۽ چڱين خصلتن وارو جوان هو. زين خان ڪوڪه جي ڌيءَ هن جي گهر ۾ هئي. بکر جي حڪومت دوران پنجاب ۾ مينهن پاڻيءَ جي قلت جي ڪري ڏڪار جو خطرو پيدا ٿيو. هن چا ڪيو جو آڏان جي هارين جڏهان گوڏ ٻڌي ٻنيءَ تي وڃي هر هلائڻ لڳو. سندس زال (زين خان ڪوڪه جي نياڻي) ٻاهراڙيءَ جي زالن وانگي جوار جو ڍوڍو ۽ لسيءَ جو لوٽو مٿي تي رکي کيس پهچائڻ ويئي. اوڏيءَ مهل خدا جي فضل سان مينهن جا وسڪارا ٿي ويا ۽ پنجاب جا درياهه پاڻيءَ سان آٿلڻ لڳا. سند ۾ پنهنجين نيڪين جي ڪري چڱو نالو ڪڍيائين.

(ذخيره، قلمي، ص ٣٧٢)

(۴)

سعيد خان

(متعلق ص ۲۰۱- ح ۴)

سعيد خان چغتو، يعقوب بيگ ولد ابراهيم بيگ جو پٽ هو. ماثر الامراء (۳۰۴-۲) ۾ هن بابت هيٺين عبارت آيل آهي:

مرزا غازي بيگ جڏهن (۱۰۱۱ هه) ڌاري پنهنجي پيءُ مرزا جاني بيگ جي مرڻ کان پوءِ ٺٽي ۾ خود سريءَ جي روش اختيار ڪئي ته اڪبر بادشاهه، ملتان ۽ بکر جي جاگير سعيد خان کي ڏيئي، کيس مرزا غازي بيگ جي مٿان مقرر ڪيو. سعيد خان جڏهن بکر ۾ آيو ته مرزا پنهنجي خود سريءَ وارو خيال بدلائي ڇڏيو، پوءِ هو خسرو خان سان گڏجي سعيد خان وٽ آيو ۽ ان جي پٽ سعد الله کي وٺي سعيد خان جي همراهيءَ ۾ بادشاهي دربار ۾ ويو (۴۰۴-۲).

ذخيرة الخوانين جو مصنف جيڪو مير نمڪين جو شاگرد ۽ همعصر هو تنهن لکيو آهي ته ۱۰۱۱هه ۾ ملتان ۽ بکر جي جاگير ملڻ کان پوءِ هن کي مرزا غازي بيگ ترخان تي، ٺٽي هٿ ڪرڻ لاءِ، مقرر ڪيو ويو. مرزا غازي پنهنجي وڪيل خسرو خان سان گڏجي بکر جي راڄڌانيءَ جي ڳوٺ سيٺارجن ۾ اچي سعيد خان سان مليو ۽ ان جي پٽ سعد الله خان کي ساڻ ڪري بادشاهي دربار ۾ پهتو. (۱۱۳ قلمي)

(٥)

(متعلق ص ٢٠٢- ح ٢)

اڪبر نامي ۾ لکيل آهي تہ ١٤ مهر الاهي (١٠١٣ھ) ۾ سعيد خان پنهنجي پٽ سميت ۽ ميرابوالقاسم نمڪين شاهي ملازمت ۾ آيا. مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ ترخان ٺٽي مان اچي بادشاهي دربار ۾ پهتو ۽ پنهنجا نذرانا پيش ڪيائين. مرزا غازي، ابوالبقا اوزبڪ ۽ خواجہ جملہ کي ١٨ سال شاهي اڪرام سان نوازيو ويو. (ج ٣- ص ٨٣٩)

(٦)

توختم بيگ خان

(متعلق ص ٢٠٢)

ماثر الامراء (١٨١-١) ۾ لکيل آهي تہ هيءُ مرزا حڪيم جي ماڻهن مان هو. هڪ جنگ ۾ (جيڪا هن اڪبري فوجن مان ڪئي هئي) دليريءَ جي ڪري ناميارو ٿيو. مرزا جي وفات کان پوءِ ان جي پٽن کي ساڻ ڪري ٽئين سال جلوس اڪبريءَ ڌاري شاهي دربار ۾ ويو، ۽ کيس ڪيئي انعام اڪرام مليا. پوءِ هن کي ڪابل صوبي لاءِ مقرر ڪري ڪنور مانسنگهہ ۽ زين خان ڪوڪہ سان گڏي، يوسف زئي قبيلي کي سڌو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. ٣٩ سال ڌاري هي شهزادي سلطان سليم جو مقرب مقرر ٿيو ۽ کيس لاهور جي پسگردائيءَ ۾ جاگير ڏني ويئي. پڇاڙيءَ ۾ پشاور ۾ ٿاڻيدار ٿيو ۽ ڪيئي دفعا سرڪشن کي سيکت ڏنائين. چڱين خدمتن جي ڪري هن کي ٤٩ سال ڌاري "خاني" جو خطاب مليو. جهانگير بادشاه جي جلوس کان پوءِ هرات جي حاڪم حسين شاملو سان قندار واري قلعي کي گهيري ۾ آڻڻ ڪري کيس ٻہ هزاري منصب ۽ سردار خان جو خطاب ڏنئي، مرزا غازي بيگ جي همراهيءَ ۾ قندار جي حاڪم شاه بيگ خان جي مدد لاءِ اوڏانهن اماڻيو ويو. پر هنن جي پهچڻ کان اڳ قزلباش جي فوج قلعي جو گهيرو ڇڏي چڪي هئي، سو هي واپس وطن هليا آيا. شاه بيگ جي بدليءَ کان پوءِ هن کي قندار جو حاڪم مقرر ڪيو ويو، ۽ ٿورن ڏينهن گذرڻ تي (١٠١٦ هہ) ۾ اتي ئي وفات ڪيائين.

(٧)

قنڌار تي چڙهائي

(متعلق ص ١٩٤)

ماٿر الامراء (ج ٢- ص ٣٤٣) جي لکت مطابق، سال ٣٩ ڌاري جڏهن مرزا مظفر حسين قنڌاري صفويءَ بادشاهي بندگيءَ جي خواهش ڪئي، تڏهن شاه بيگ خان (شاه بيگ ارغون خان دوران والد ابراهيم بيگ چريڪ) قنڌار جو حاڪم مقرر ٿيو.... سال ٤٢ ۾ هن کي ٽي هزار پنج سو جو منصب مليو. ٻهرئين سال جلوس جهانگيري، حسين خان شاملو، اڪبر بادشاه جي وفات جو ٻڌي، (هرات جي حاڪم جي حيثيت ۾) خراسان جي لشڪر سان اچي قنڌار جي ڪنڌ تي چڙهيو. شاه بيگ همت سان دل ٻڌي روزانو پنهنجي ماڻهن کي سنبرائي جنگ جي ميدان ۾ موڪليندو رهيو، ۽ رات جو قلعي ۾ عيش عشرت جي محفل مچائڻ لڳو. قزلباش جو ايلچي هڪ ڏينهن قلعي ۾ آيو تہ اَن جي آٿاٽ ڏنائين. هيڏانهن شاه بيگ سڄي ملڪ جي ڳوٺن ۽ بازارين مان اناج هٿ ڪري گڏ ڪندو رکندو ويو، جنهن مخالف ڌر وٽ ڪجهہ نہ ڪري سگهي. اها چڙهائي ايراني بادشاه عباس صفويءَ جي اجازت کان سواءِ شروع ڪيل هئي، تنهنڪري حسين خان پوءِ شاهي عتاب سبب خالي هٿين واپس هليو ويو.

جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ لکي ٿو، ”آءٌ اربع ڏينهن نائين

محرم تي (۱۰۱۰ھ - بيورج جي قول موجب ۸ محرم نوروز جي پهرئين جشن پيري) مبارڪيءَ لاءِ لاهور جي قلعي ۾ آيس. سيني درٻارين عرض ڪيو تہ اڄڪلهہ ان حالت ۾ جڏهن گجرات دکن ۽ بنگال جي صوبن ۾ گوڙ گهمسان لڳا پيا آهن، بهتر آهي تہ آگري ڏانهن ڪوچ ڪجي، جتان ويجهي هٿ ڪري هر معاملي سان منهن ڏيڻ آسان ٿيندو. اها صلاح مون کي نہ وڻي ڇو تہ قنڌار جي حاڪم شاه بيگ خان جا مقدما فيصل ڪرڻا هئا، جن ۾ قنڌار جي فسادي اميرن ۽ مرزائن جي ڪجهہ لشڪرين سدائين گڙ ٻڙ پئي ڪئي ۽ مخالفن کي قنڌار هٿ ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندا ٿي رهيا، خطرو هو تہ متان قنڌار تي ڪا چڙهائي ٿئي. پيو وري هي شڪ جاڳيو تہ متان عرش آشياني (اڪبر بادشاه) جي لڏائي جي صورت کان پوءِ خسرو انهيءَ مخالفت جو فائدو وٺي قنڌار تي ڪاهہ ڪرائي سو جيڪي پهہ پڇاڙيم پئي تن جو نتيجو نيٺ ظاهر ٿيو.

"هرات ۽ سيستان توڙي ٻين پاسن جي جاگيردارن پاڻ ۾ ملي، حسين خان هرات جي حاڪم سان گڏجي، قنڌار جي ڪات ڪهاڙا آيا ڪيا، پر آفرين آهي شاه بيگ خان جي همت ۽ مردانگيءَ تي جنهن مڙسا مڙسيءَ قلعي کي قابو ڪيو ۽ پاڻ ٽئين نمبر مٿئين محل تي اهڙو محڪم ٿي ويٺو جو ٻاهرين کي سندس مجلسن جي سڄي ڪارروائي ڏسڻ ۾ پئي آهي. هي قلعي تي گهيري وارن ڏينهن ۾ اگهاڙي مٿي سان عيش عشرت جون محفلون مچائيندو رهيو. ڪو ڏينهن اهڙو نہ هو جو پنهنجون فوجون غنيم جي لشڪر سان لڙڻ لاءِ قلعي کان ٻاهر نہ پئي موڪليائين ۽ پنهنجا حوصلا بلند رکندو ٿي آيو. جيستائين قلعي ۾ هو اهائي مڙسي ڏيکاريائين، مخالفن جو لشڪر ٽن پاسن کان قلعي تي گهيرو ڪري ويٺو رهيو.

اها خبر جڏهن لاهور پهتي، تہ محسوس ٿيو تہ امان جو

هن پاسي رهڻ وقتائتو ۽ ڪمائتو ٿيندو. بروقت مرزا غازي ۽ سندس ماڻهن سان گڏ دربار جي پين منصب دارن ۽ ملازمن قرا بيگ کي قراخاني جو خطاب، ۽ تختہ (توختہ بيگ) کي سردار خاني جو خطاب ڏيئي مامور ڪيم. مرزا غازي بيگ کي پنج هزاري ذاتي منصب ۽ سوارن سان گڏ نغارو پڻ عنايت ڪيم." (تزڪ نولڪشور ص ٣٣)

مرزا غازي تاريخ ١٢ شوال ١٠١٥هہ قنڌار پهتو. اهو اطلاع تاريخ ٢٢ ذوالقعد ١٠١٥هہ تي جهانگير کي لاهور ۾ مليو، جنهن لاءِ پاڻ تزڪ ۾ لکي ٿو تہ "هن مبارڪ ڏينهن تي قنڌار مان عريضو آيو تہ لشڪر مرزا غازيءَ جي سرڪردگيءَ ۾ شاه بيگ جي مدد لاءِ رسيو. ساڳئي سال تاريخ ١٢ شوال هن جو قنڌار ۾ پير پيو. هوڏانهن قزلباش شاهي لشڪر جي آسد جو بڌي پريشان ۽ پشيمان ٿي پوئتي هٽيا ۽ هلمند کان پنجاهہ سٺ ڪوهہ پري وڃي دنگ ڪيائون، هاڻ پوئتي واڳ نٿا ورائين."

(تزڪ ص ٤٢)

(٨)

(متعلق ص ٤٠٢– ح ٥)

مرزا غازي قنڌار کان بکر آيو، آتان ٿي لاهور کوچ ڪيائين. جهانگير ان ڏينهن ۾ ڪابل جي سفر تان واپس ٿي لاهور ۾ اچي قيام ڪيو هو. تزڪ ۾ آهي ته سومر ١٢ شعبان (١٠١٦ هه) مرزا غازي، جيڪو لشڪر جو اڳواڻ ٿي قنڌار ويل هو، دربار ۾ وري آيو، جنهن تي ڪيئي عنايتون ڪيون ويون. (تزڪ- نولڪشور ص ٦٣)

(۹)

(متعلق ص ۲۰۲)

شاه بيگ قنڌار کان پوءِ ڪابل جو حاڪم ٿيو. ماثرالامراء جو مصنف ٿو لکي: شاه بيگ خان حڪم موجب ۱۰۱۶ هه ۾ قنڌار کان ڪابل اچي شاهي ملازمت تي سامور ٿيو. کيس پنج هزاري منصب سان گڏ خان دوران جو خطاب ڏيئي، ڪابل جي صوبه داري ۽ افغانستان جي نگهداري سونپي، حسن ابدال وٽان رخصت ڪيو ويو. هو آتي ڪيئي سال انتظام سنڀاليندو رهيو.

(متعلق ص ٢٠٤)

جڏهن وقت مرزا غازي بيگ (٢ شعبان ١٠١٦هه) لاهور ۾ جهانگير جي حضور پهچي، لاهور ۾ ئي رهي پيو، ان کان هڪ مهينو پوءِ اتان ١٠ رمضان ١٠١٦ هه ڌاري هن کي قنڌار جو حاڪم مقرر ڪيو ويو.

جهانگير اهو واقعو تزڪ ۾ هينءَ درج ڪيو آهي:

سال ٢ جهانگيري (١٠ رمضان ١٠١٦) کيس پنج هزاري ذاتي منصب ۽ سوارن سان سرفراز ڪري، ٺٽي جي سڄي جاگير سان گڏ جا اڳ ۾ ئي کيس مليل هئي، ڪجهه حصو ملتان مان به سندس تحويل ۾ ڏنو ويو. پوءِ هن کي قنڌار جي حڪومت ۽ حفاظت لاءِ متعين ڪيو ويو، جو هندستان سان دنگئي آهي. پڇاڙيءَ جڙائو ترار ۽ خلعت سان نوازي کيس رخصت ڏني ويئي (تزڪ نولڪشور ص ٦٤).

مرزا موڪلائي پٺي حڪم پهچڻ تائين بکر ۾ اچي ٽڪيو. جهانگير تزڪ ۾ لکيو آهي: ١٤ رجب ١٠١٧ هه مرزا غازيءَ کي قنڌار وڃڻ جو حڪم موڪليو ويو، اتفاق سان بکر مان مرزا جي اُسهڻ کان اڳ خبر پهتي ته اتان جو حاڪم سردار خان فوت ٿي ويو آهي. هي سردار خان، مرزا محمد حڪيم جهڙي داناءَ امير جي ملازمن مان هو، ۽ کيس تختہ بيگ خان سڏيو ٿي ويو. (تزڪ نولڪشور ص ٧٣)

(١١)

شير بيگ

(متعلق ص ٢٠٧- ح ١)

صحيح شير بيگ آهي. جنهن وقت مرزا غازيءَ قنڌار کان ٺٽي جي نائب خسرو بيگ جي معزوليءَ جو حڪم موڪليو ۽ قاسم خان ارغون جي اولاد کي به نصرپور جي حاڪميت تان لاٿائين، ته انهن خسرو بيگ سان ملي بغاوت شروع ڪئي. نصرپور ۾ راءِ سنگهه (ماڻڪ راءِ جي پٽ) قاسم خان جي اولاد سان جنگ ڪئي ۽ کين شڪست ڏنائين. انهيءَ جنگ (١١ رمضان ١٠٢٠ هه) ۾ شير بيگ شهيد ٿيو. سندس قبر خان زمان جي قبرستان ۾ (نصرپور لڳ) هن ڪتبي سان موجود آهي:

مير شير بيگ (مرحوم بن)مير علي شير ارغون،
سوسر ڏينهن منجهند جو، ماه رمضان ١٠٢٠هه
ڌاري جنگ ۾ شهيد ٿيو."

(ڏسو مقدمه مثنوي چنيسر نامه، سيد حسام الدين راشدي، ص ٥٦ جي)

(۱۲)

مير ابوالقاسم نمڪين (پير غلام)

(متعلق ص ۲۰۹- ح ۱)

مظهر شاهجهاني جي مؤلف يوسف ميرڪ پنهنجي پيءُ مير ابوالقاسم نمڪين کي ”پير غلام“ لکيو آهي. مير ابوالبقاء لقب امير خان، مير نمڪين جو وڏو پٽ ۽ يوسف ميرڪ جو پاءُ هو، جنهن جو پڻ ذڪر اڳي چڪو آهي. امير خاني سيد هن جي ئي اولاد مان آهن. سندس پٽ مير ابوالمڪارم ”شهود“ فاضل شخص، يگانو شاعر ۽ صاحب ديوان هئڻ کان علاوه مثنوي ”پري خانہ سليمان“ جو مصنف بہ هو. هن جو پٽ امين الدين حسين خان (امير خان جو پوٽو) عالمگيري عهد جي پڇاڙيءَ ۾ ٺٽي جو حاڪم هو. رشحات فنون ۽ معلومات آلافاق هن جي تاليف هئا.

مير نمڪين پنهنجي قبرستان کي صفہ صفا جو نالو ڏيئي، روهڙيءَ لڳ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي تعمير ڪرايو هو. پاڻ اتي ئي دفن ٿيل آهي ۽ هي ڪتبا مقدس مزار تي موجود آهن:

(۱) مير ابوالقاسم آن يگانہء عصر
ڪہ بجز تخم دين و داد نہ ڪشت.
ملڪ و اقبال در تصرف داشت
چون اجل در رسيد، جملہ بهشت

دیدهٔ دل کشاده برگیرید
عبرت ای عاقلان پاک سرشت

(۲) گر بود بستر از حریر چه سود
چون نهد مرگ زیر بالش خشت
خلف خیر او ز "داغ ابی" ۱۰۱۸ھ
چونکه تاریخ سال فوت نوشت
گفت ملهم مرا به گوش ضمیر
سال فوتش که "باد جاش بهشت"

(۳) خان زمان میر ابوالقاسم آنکه او
لوح وجود از رقم غیر ساده کرد
.... دودمان .... گلبن حیا
سال وفات او طلب از "داغ داده" کرد - ۱۰۱۹ھ
(ڈسو تذکره امیرخانی)

(١٣)

ميران صدر جهان

(متعلق ص ٢١٠- ح ١)

لکنو جي پاسي جو هو، اڪبر بادشاھ جي زماني ۾ شيخ عبدالنبيءَ جي واسطيداريءَ سان مقبوضہ علائقن جو مفتي ٿيو.... سال ٠٤ تائين ستن سون جي منصب تي پهچي، صدارت جو عهدو ماڻيائين. پوءِ ترقي ڪندي امير جي مرتبي تي پهتو ۽ ڪيس ٻه هزاري منصب ڏنو ويو. جهانگير جي دور ۾ ٻه ڪيس ٻه هزاري منصب مليو. هڪ سو ويهہ سال جيئرو رهيو. ١٠٢٠ھ ۾ رحلت ڪيائين. (ماثر الامراء جلد ٽيون ص ٣٤٩)

(١٤)

شمشير خان اوزبڪ

(متعلق ص ٢١٠ - ح ٢)

ماثر الامراء ۾ لکيل آهي- "شمشير خان ارسلان بي اوزبڪ جهانگيري عهد جي اميرن مان هو. ان ڪان اڳ ڪمرد (١) جي حاڪميت مليل هيس. اصل ۾ ولي محمد خان (توران جي والي) جي وچولن نوڪرن مان هو. جڏهن ڪمرد کي سرڪار شاهي (مغل بادشاهت) جي حوالي ڪيائين ته ٽئين سال جلوس ۾ اچي جهانگير جي دربار ۾ ملازم ٿيو. کيس مناسب منصب ۽ خلعت سان نوازيو ويو. پڇاڙيءَ سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿيو. ڪجهه وقت ٺٽو به سندس تحويل ۾ رهيو.

سال پنجين جلوس جهانگيريءَ ۾ هن کي شاهي اميرن ۾ شامل ڪيو ويو. نائين سال جلوس جهانگيري ۾ جڏهن ٺٽي جي صوبه داريءَ تي مظفر خان معموريءَ کي مقرر ڪيو ويو، ته هي معزول ٿي شاهي دربار ۾ آيو ۽ راڻي واري مهم ۾ شهزادي سلطان خرم سان همراه ٿيو، واپسيءَ تي سندس وفات ٿي.

چون ٿا ته زندگي سادگيءَ سان بسر ڪيائين، هميشه عبادت ۽ قرآن جي تلاوت ۾ مشغول هوس، سندس همت ۽ نيڪيءَ

(١) ڪمرد (کهمرد) جو قلعو ڪابل جي حدن ۾ واقع آهي. (مترجم)
ماثرالامراء اردو ج ٢ ص ٨٩، مطبوعه مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

۾ ڪا گهٽتائي نه هئي. ڪيس ٽي هزاري منصب مليل هو.
(ص ٦٣٣-٢).

ذخيرة الخوانين ۾ سندس احوال هيٺين ريت تفصيل سان موجود آهي:

هي تُوران جي وڏن ماڻهن مان هو، جهانگيري دربار مان ٽي هزاري منصب حاصل ڪري شمشير خان جي لقب سان ٺٽي جو صوبه دار ٿيو. اٽي امير خسرو خان چرڪس (مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ) جي خاندان مان شادي ڪيائين، ۽ وري سيوهڻ جي جاگير ۾ آيو ۽ ڪي ڏينهن اٽي گذاريائين. سندس ماڻهن جون ڳالهيون لاڳيتيون شاهجهان وٽ پهچنديون رهيون جنهن ڪانئس جاگيرداريءَ جو منصب واپس ورتو. ڪي سال لاهور ۾ رهي فوت ٿيو.

سندس ڳالهين مان هڪ هيءَ آهي ته ڪنهن ڏينهن محل ۾ ويو، ڏٺائين ته هن جي گهر واري جنهن سان تازو نڪاح ڪيو هئائين، هار سينگار ڪري نهي نڪي ويٺي هئي، پڇا ڪيائين ته هيءَ ڪير آهي؟ ڪنهن عورت گار ڏيئي چيس ته هيءَ تنهنجي گهر واري آهي، اهڙيءَ ريت هن جون ڪي پيون به بي وقوفيءَ واريون ڳالهيون هيون، ان ڪري جو هي ديندار ۽ عارف ڪامل هو. رات ڏينهن روزي نماز ۽ قرآن جي تلاوت ۾ محو ٿي رهيو. خيرات گهڻي ٿي ڪيائين ۽ پنهنجي قبيلي تي خاص مهربان هو. (قلمي ٣٥٥)

(١٥)

مرزا رستم

(متعلق ص ٢١١- ح ٢)

مرزا رستم (متوفي ١٠١٥ هه) هڪ سال ٺٽي ۾ رهيو ۽ معزول ٿي ويو. ذخيرة الخوانين ۾ هن بابت هينئَ لکيل آهي:

مرزا رستم ولد سلطان حسين مرزا ولد بهرام مرزا ولد شاه اسماعيل صفوي .... سال ١٠٣١ هه ڌاري جهانگير جڏهن اجمير پهتو ۽ مرزا غازيءَ جي وفات جي خبر پڌائين جو ٺٽي ۾ حاڪم هو، ته ان جي جاءِ تي مرزا رستم کي ٺٽي ۾ مقرر ڪيائين. ڪيس هدايت ڪئي ويئي ته ٺٽي جي حاڪميت هڪ صديءَ کان وڌيڪ ترخانن جي هٿ هيٺ رهي چڪي آهي، خسرو خان چرڪس انهن جي پيڙهين جو وڪيل رهندو اچي ٿو، متان ڪا غداري ڪري. سو ٺٽي پهچي ان کي دربار ڏانهن موڪلي ياڻ ٺٽي ۾ رهي پوي ۽ عبدالرزاق معموريءَ جي شراڪت سان ٺٽي جي جمعبندي ڪري. هي جيئن ٺٽي پهچي جمعبنديءَ کي لڳي ويو ۽ خسرو خان کي مرزا غازي ترخان مرزا جانيءَ جي عزيزن ۽ ملازمن سان ٺٽي روانو ڪيائين، پر ماڻهن سان شانائتي نموني نه هليو جنهن ڪري ڪيئي ماڻهو وطن ڇڏي ويا.

قاضي محمود جيڪو آتان جو اعلم العلماء هو، مرزا جي تعدين سبب پنهنجا پار ٻچا وٺي بکر ۾ آيو ۽ راقم (ذخيرة الخوانين جي مصنف) جي والد جي گهر ۾ اچي رهيو. اها خبر جهانگير کي

ملي، جنهن مرزا کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو. ڪيترا ڏينهن هو دربار کان ٻاهر پئي ڀٽڪيو، نيٺ دربار ۾ سڏ ٿيس ۽ قدمبوسيءَ کان مشرف ٿيو (ص ٥٨) ماثر الامراء ج ٣، ص ٤٣٨.

جهانگير تزڪ ۾ لکي ٿو: سال نائون جلوس، نائين صفر جي رات ١٠٢٣ هه کان شروع ٿيو، مرزا غازي جنهن کي ٺٽي، قنڌار ۽ آسپاس جي حڪومت مليل هئي، پنهنجي خدا ڏانهن ويو. خيال ڪيم ته مرزا رستم کي ٺٽي موڪليان جئن اتي وڃي پنهنجا ذاتي جوهر ڏيکاري ۽ انهيءَ علائقي جي حفاظت ڪري. بروقت کيس پنج هزاري ذاتي منصب ۽ سوارن سان سرفراز ڪري، ٻه لک رپيا روڪ خرچ جي مدد طور ڏيئي، روانو ڪيم. اميد هئي ته هو اتي وڃي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو، ليڪن توقع جي خلاف هن ڪو پورو نه پاريو. ماڻهن سان ايذا ظلم ۽ تعديون ڪيائين، جو چؤطرف دانهن پئجي ويئي. پيون به ڪيئي خراب خبرون هن بابت پڌرن ۾ آيون. ان ڪري کيس واپس گهرايم. تاريخ ٢٦ اردي بهشت منهنجو هڪ خاص ماڻهو کيس سون وٺ وٺي آيو. جيئن ته خلق کي هن ڏاڍو آزاريو هو، تنهنڪري کيس عدالت ڏانهن رجوع ڪرڻو پيو، جنهن لاءِ هن کي راجا اني راءِ سنگهه جي حوالي ڪيم، جيئن کانئس حقيقت حال بابت باز پرس، ڪري کيس جوڳي سزا ڏئي، جنهن مان ٻين کي عبرت جو سبق ملي. (نولڪشور ١٢٩-١٣٠)

(١٦)

تاج خان

(متعلق ص ٢١١- ح ٤)

تاش بيگ خان عرف تاج خان ڪابلي مرزا حڪيم جي ساڻهن مان هو، پوءِ اڪبر بادشاه جي دربار ۾ پهچي وڏي رتبي تي پهتو. جهانگير جي زماني ۾ "تاج خان" جي خطاب سان مشرف ٿيو، پهريان بکر جو جاگيردار ٿيو پوءِ ڪيس ٺٽي ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي وفات ڪيائين. (ذخيرة الخوانين قلمي ص ٣٩٧)

لب تاريخ سنڌ مان پتو پوي ٿو تہ ١٠٢٠ ھ ڌاري بکر ۾ حاڪم ٿي آيو ۽ مرزا رستم جي معزوليءَ کان پوءِ ١٠٢٣ ھ ۾ بکر کان ٺٽي ويو، ۽ انهيءَ سال رحلت ڪيائين. تنهن کان پوءِ شمشير خان سيوهڻ مان ٺٽي ويو. ماثر الامراء جو مصنف تاش بيگ جي باري ۾ لکي ٿو:

جلوس جهانگيريءَ کان پوءِ ٽي هزاري منصب جي اضافي سان سر بلند ٿيو. ٻئي سال جڏهن بادشاه ڪابل کان هندستان ڏانهن واپس وريو (١٠١٦ ھ) تہ انهيءَ صوبي جي حڪومت شاه بيگ (خان دوران) کي ڏني ويئي جيڪو قنڌار مان معزول ٿي هيڏانهن اچي رهيو هو. تاش بيگ کي حڪم مليو تہ خان دوران جي ڪابل کان اچڻ تائين هشيار رهي. پچاڙيءَ منصب حاصل ڪري، هي ٺٽي جي صوبہ داريءَ تي مامور ٿيو. نائين سال (مطابق ١٠٢٣ ھ) آتي وفات ڪيائين (٤٨٣-١). هي ڪابل مان روانو ٿي پهريائين بکر آيو ۽ مرزا رستم جي معزوليءَ کان پوءِ ٺٽي پهتو.

(١٧)

مير ابوالبقا

(متعلق ص ٢١١- ح ٥)

مير ابوالبقا (لقب امير خان) سال ١٠١٩ هه جي پڇاڙيءَ يا ١٠٢٠ هه جي اڳياڙيءَ ۾ آپاوڙي ۽ گنجابي جو جاگيردار مقرر ٿيو. هي آگري مان اچي پنهنجي جاگير تي پهتو. جڏهن (١٠٢٣ هه) ڏاري ٽاش بيگ ٺٽي ۾ لاڏائو ڪيو ته انهيءَ سال شمشير خان ٺٽي ۾ حاڪم مقرر ٿيو ۽ مير ابوالبقا آپاوڙي - گنجابي مان تبديل ٿي سيوهڻ ۾ آيو. (ڏسو تذڪره اميرخاني)

(١٨)

عتيق الله

(متعلق ص ٢١٣)

مير عتيق الله مير ابوالبقا جي وڏي پٽ جو احوال ڪنهن
بئي هنڌان نہ ملي سگهيو. هن جي قبر سندس والد (مير ابوالبقا
امير خان) جي مزار لڳ روهڙيءَ جي صفہ صفا ۾ هيٺين
ڪتبي سان موجود آهي:

١- عتيق الله سرزا ڪز فراقش
محبان را جگرها چاڪ آمد
چو در خيل شهيدان شد خراسان
فلڪ را ديدهٔ نمناڪ آمد
ز روي درد گفتا سال تاريخ
عتيق الله شهيد پاڪ آمد. ١٠٣٧ هہ

٢- يڪتاي روزگار عتيق الله آن جواد
ڪاندر جهان جود نبودش ڪسي عديل
نگذاشت آسمان .... ازانڪہ بود
مشتاق .... او فردوس سلسبيل
سال شهادتش چو نوشتم بصفحہ بر
از غم بريخت آب ز چشمم چو رود نيل
- لا الہ الا الله محمد رسول الله -

بتاريخ روز پنج شنبه چهارم
شهر رجب المرجب ١٠٣٧ هه
بدوجه شهيد شد.

هن ڪتاب مظهر شاهجهانيءَ مان به معلوم نه ٿي سگهيو ته هي ڪهڙي معرڪي ۾ شهيد ٿي ويو هوندو. انهيءَ سال سندس پيءُ (مير ابوالبقا) ملتان ۾ يمين الدوله جو نائب هو. گمان آهي ته مير عتيق الله سنڌ ۾ سميجن سان وڙهندي مارجي ويو هوندو.

(١٩)

مظفر خان معموري

(متعلق ص٢١٥- ح ١)

مظفر خان معموري، مرزا غازي جي وفات (١٠٢١ هه) کان پوءِ ٺٽي صوبي جي جمعبنديءَ لاءِ (تزڪ ص ١١١) مرزا رستم کان اڳ ٺٽي پهتو ۽ مرزا رستم جي اچڻ کان پوءِ (١٠ محرم ١٠٢٢هه) ترخانن جي واسطيدارن سان گڏ جهانگير جي خدمت ۾ اجمير ويو (تزڪ ١١٨)، ۽ ڪيس مظفرخان جو خطاب مليو. (ترخان نامه)

مرزا رستم جي معزوليءَ ۽ تاش بيگ جي وفات (١٠٢٣هه) کان پوءِ ٺٽي جي حڪومت شمشير خان جي حوالي ٿي. يارهين سال جلوس (١٥ ربيع الاول ١٠٢٥هه) مظفر خان معموري ٺٽي جو حاڪم ٿيو. (ماٿر جلد ٢- ص ٦٣٣ ۽ تزڪ ص ١٥٧)

ماٿر الامراء جي مصنف معموريءَ جي باري ۾ هن ريت لکيو آهي:

مير عبدالرزاق معموري مظفر خان، معمور آباد جي چونڊ سيدن مان هو، اهو ڳوٺ نجف اشرف جي پسگردائيءَ ۾ آهي. هن جا وڏا هندستان ۾ آيا هئا. هي پنهنجي قابليت ۽ تدبر جي لحاظ کان يگانو شخص هو.

اڪبر بادشاه جي زماني ۾ حالتن جي گردش سبب بنگال

جي لشڪر جو مير منشي مقرر ٿيو.... مرزا غازيءَ جي وفات کان پوءِ ٿٽي جو صوبو مغل سلطنت ۾ آيو ته مرزا رستم صفويءَ کي اتي جو حاڪم ڪري رکيو ويو. مظفر خان منشي گيريءَ ۾ قابل هئڻ ڪري ٿٽي ۾ مامور ٿيو. پنهنجي ڪم ۾ هوشيار هئڻ سبب جمعبندي پوري ڪري ۽ مرزا کي پوري حساب ادا ڪرڻ کان پوءِ وري واپس هليو آيو. جهانگيري عهد جي پڇاڙيءَ ۾ کيس مالوا صوبي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. (٣٧٨-٣)
(هن حاشيه جي بقايا لاءِ ڏسو نمبر ٢٠)

مير معموري سال ١٠٢٢ھ ڌاري ٿٽي ۾ هڪ جامع مسجد تيار ڪرائي، جيڪا خضري مسجد جي نالي اڄ تائين مشهور ۽ هن ڪتبي سان موجود آهي:

١- خاڪ آستان حضرت نبوي صلي الله عليه و سلم عبدالرزاق
٢- الحسيني المعموري الملقب به مظفرخان، بتاريخ ١٠٢٢ھ تمام شد.
(ڏسو مقالو مير مائل، راقم الحروف، سماهي مهراڻ ١٩٥٥ع)

(متعلق ص ۲۱۵- ح ۲)

ماثر الامراء جو مصنف لکي ٿو: نائين سال (۹ صفر ۱۰۲۳ھ کان ۷ صفر ۱۰۲۴ھ تائين) جڏهن ٺٽي جي حڪومت مظفر خان معموريءَ جي حوالي ٿي ته هو معزول ٿيڻ کان پوءِ شاهي دربار ۾ آيو ۽ شهزادي خرم سلطان سان گڏ واڻي جي مهم تي ويو. (ج ۲- ص ۶۳۳)

ليڪن اها روايت هن ڪتاب جي متن موجب صحيح نه آهي:

شمشير خان، مظفر خان معموريءَ جي مقرري کان پوءِ، ٺٽي کان سيوهڻ آيو ۽ ڪي ڏينهن اتي رهيو، جيستائين شير خواجه سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿي آيو.

”تزڪ جهانگيري“ جي لکت مطابق (۱۵۷) شمشير خان جي بدلي سال يارهين جلوس ۱۵ ربيع الاول (۱۰۲۵ھ) ۾ ٿي نه سال نائين ۾ جيئن ماثر الامراء جي مصنف لکيو آهي.

(٢١)

بهادر خان اوزبڪ

(متعلق ص ٢٢٦ - ح ١)

سندس نالو ابوالنبي ۽ تعلق توران جي بزرگن سان هو. عبدالمؤمن خان جي دور ۾ ترقي ڪري مشهد جو حاڪم مقرر ٿيو. ان جي قتل کان پوءِ جيئن ٿيڪ باقي خان ڪيس گهٽي ڏني دلداريون ڏنيون پر ڪعبي وڃڻ جو بهانو ڪري هندستان هليو آيو. سال ٤٠ جلوس جي اڪبر بادشاه جو ملازم ٿيو. ڪيس منصب سان گڏ جڙائو خنجر به عنايت ڪيو ويو. جلوس جهانگيريءَ کان پوءِ ڪيس چاليهه هزار رپيا راه خرچ ڏيئي، ستونجاه منصبدارن سان گڏ شيخ فريد مرتضيٰ خان جي مدد لاءِ موڪليو ويو. جو خسرو جي پويان ويل هو. پنجين سال تاج خان (ملتان جي صوبه دار) جي بدليءَ کان پوءِ هي اوڏانهن ويو. انهين سال اصل عهدي سان گڏ ٻي هزاري منصب، ٽن هزارن سوارن ۽ بهادرخاني خطاب سان سرفراز ٿيو. مرزا غازي جي وفات کان پوءِ ڪيس قندار جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ مختلف اضافن سان پنج هزاري منصب ۽ ٽي هزار پنج سو سوارن جي عهدي تي پهتو. پندرهين سال (١٠ ربيع الثاني ١٠٢٩هه) اکين جي روشني گهٽ هئڻ جو عذر پيش ڪري قندار جي تعلقداريءَ تان استعفا ڏنائين.

چون ٿا ته جڏهن ايران جي بادشاه جي فوج جي ڪاهي اچڻ جو هاواڻو ٿيو ته هن پنهنجي بي پرواهيءَ سبب ٻه لک رپيا مهم سازيءَ ۾ خرچ ڪري اها تعلقه داري ڇڏي هئي. پڇاڙيءَ ۾ ڪيس اڪبر آباد ۾ جاگير ڏني وئي.

(ماثر الامراء جلد ١- ص ۴٠١)

سيد بايزيد بخاري

(متعلق ص ٢٢٨- ح ١)

سيد بايزيد بخاري، قطب الاقطاب حضرت دمـدبه (؟) مدفن پٽنه (؟) جي اولاد مان هو. مرتضيٰ خان هن جي تربيت ۽ مٿس عنايت ۾ ڪين گهٽايو. ڪي ڏينهن اڪبر بادشاه جي دور ۾ داغ (١) جو داروغو هو. ان کان پوءِ ڪيئي حيلا هلايائين ته ڪيس مرتضيٰ خان وارو عهدو ملي پر ڪجهه نه وريس. آخر مصطفيٰ خاني خطاب ۽ ٽي هزاري منصب کي وَسيو، ٺٽي جو صوبه دار مقرر ٿيو ۽ اتي ئي مـري جهان ڇڏيائين. سندس لاش آچ ۾ مخدوم سيد جلال بخاري جي روضي اندر دفن ڪيو ويو. هن جا پٽ ڏاڍا قابل هئا - سيد عبدالواحد ۽ محمد باقر وغيره منصب ماڻي، ڪابل جي مهم تي مامور ٿيا. ميان پـڏو دنيا کي ترڪ ڏيئي وڃي گوشي نشين ٿيو. اهي پٽ پنهنجي پيءُ جا فرمانبردار هئا، جيڪو منصب کين مليل هو تنهن موجب

---

(١) اڪبر بادشاه جي زماني ۾ سڃاڻپ لاءِ جانورن جي مختلف عضون تي داغ ڏنا ويندا هئا، جنهن لاءِ ڪي قاعدا قانون وضع ڪيل هئا. (مترجم) (ڏسو آئين اڪبري جلد پهريون ص ٣٧٤ کان ٣٧٨ آئين ٧ ۽ ٨)- مطبوعه جامعه عثمانيه دکن.)

سڀ ڪجهه حاصل ڪندا ٿي رهيا. هر هڪ لاءِ روزينو مقرر ڪيل هو جنهن ڪان وڌيڪ ڪجهه به طلب نٿي ڪيائون. وقتي ميران جيو ساڻن بي غرضيءَ واري هلت ڪندو هو پر هي ڪڏهن به ڪانئس بيزار نه ٿيا.

ميران جيو وڏي شان شوڪت ۽ نالي وارو هو. پنهنجي ۽ پٽن جي منصب توڙي خطاب تي ڏاڍو پئسو خرچ ٿي ڪيائين. بکر جي حڪومت جي زماني ۾ هڪ ڏينهن ميران صدر جهان، شيخ عبدالرحمان مير عدل، قاضي ابو سعيد ۽ قاضي محمد حسين گڏجي ميران جيو وٽ ويٺي پيا هئا. هن خوش طبعيءَ مان ڪين چيو ته ــ الضدان لا يجتمعان (هڪ ٻئي جا ضد پاڻ ۾ گڏجي نٿا سگهن) پر اڄ اوهان چار ئي ضد هتي اچي مڙيا آهيو جا ڳالهه نحو جي اصول مطابق ناهي. چگو ائين آهي ته اوهان ڇئني کي قتل ڪيو وڃي، جيئن بکر جي راڄڌاني ۾ ڳڙٻڙ فساد کان آجي ٿي پوي. اهو ٻڌي پهرين ته ڪٿي مات ڪئي پر ميران صدرجهان جيڪو خدائي جلال جو مظهر هو تنهن جواب ڏنو: ائين ته برابر آهي پر پنجون سردار شمار ۾ نٿو اچي.... جيڪڏهن ان کي به قتل ڪيو ويندو ته بکر جي راڄڌانيءَ جو ڀلو ٿي پوندو. ميران جيو پڇيو اهو پنجون ڪهڙو آهي؟ هن چيو، اوهان ئي آهيو. ان تي ميران جيو ڏک مان آئيو. ٿوري وقت کان پوءِ.... ڪنهن سان اهڙو چرچو نه ڪيائين، نه وري ڪنهن کي ڏيءَ تي گار ڏنائين. هي صحيح نسب وارو سيد، ڀلارو شخص بردبار ۽ ڪم آزار هو. منجهس ڪابه عيب جهڙي ڳالهه ڪانه هئي، سواءِ ان جي ته رعيت مٿان ڪا به سختي نٿي ڪيائين (ذخيرة الخوانين قلمي ص ٩٤٩). جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ لکي ٿو: يارهين سال جلوس جي (جيڪو ١ ربيع الاول ١٠٢٥هه کان شروع ٿئي ٿو) بکر جي حاڪم بايزيد کي (٢٨ ربيع الاول ١٠٢٥هه) ۾ هڪ هاٿيءَ جي واڳ حوالي ڪيم (١٠٥٨). ان سان

ظاهر ٿئي ٿو تہ هو انهيءَ ئي سال بکر جو حاڪم مقرر ٿيو هو.

لب تاريخ سنڌ جي مؤلف بہ اهو ئي سال لکيو آهي:

سال پندرهين جلوس جهانگيري هو بکر کان بدلي ٿي ويو (جهانگير تزڪ ۾ سال پندرهين جي واقعن بابت جيڪو (جمعي ڏينهن ١٥ ربيع الثاني ١٠٢٩ هه ۾ شروع ٿئي ٿو) لکيو آهي: ڇنڇر ٢٥ ربيع الثاني (١٠٢٩ هه) ڌاري بايـزيد بخاريءَ کي بکر جي فوج داريءَ جي عهدي تان ٽئي جي حاڪميت تي مامور ڪيو ويـو. کيس اصل منصب سان گڏ اضافي طور بہ هـزار ذاتي ۽ پندرهـن سو سوارن جـو عهدو ۽ جهنڊو عنايت ڪيم (٣٠٩).

انهيءَ بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ بايزيد ١٠٢٥ هه ۾ بکر جو حاڪم مقرر ٿي، چئن سالن تائين اتي رهيو، ۽ ١٠٢٩ هه ڌاري اتان تبديل ٿي ٽئي ۾ آيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين جتان سندس لاش ٽائي وڃي آچ ۾ دفن ڪرايو ويو.

سندس وفات جي تاريخ بابت جهانگير تزڪ ۾ ويهين سال جي واقعن تي لکندي چوي ٿـو: (سال ٢٠ جهانگيري تاريخ ١٠ جمادي الثاني ڇنڇر ڏينهن ١٠٣٤ هه کان شروع ٿيو) ٽئي جي حاڪم مصطفيٰ خان (سيد بايزيد) ١١ محرم ١٠٣٥ هه ۾ وفات ڪئي. تنهن کان پوءِ اهو صوبو شهريار جي حوالي ڪيو ويو. (٤٠٧)

انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ ذوالحج جي پڇاڙي ١٠٣٤ هه يا محرم جي مهيني ١٠٣٥ هه ڌاري هن وفات ڪئي هوندي.

باقي جان خواجه

(متعلق ص ٢٣١- ح ٢)

ماثر الامراء (ج ٢- ص ٦٥٠) ۾ هن بابت لکيل آهي:

بادشاه خواجه نالي آڪائي سيدن مان ۽ ماءُ جي پاران نقشبندي هو. سندس بهادريءَ جي ڪارنامن سبب اڪبر بادشاه کيس شير خواجه جو نالو ڏنو. اڪبر جي وفات کان پوءِ جهانگير هن کي خلعت عطا ڪئي. پٽ درياهه (١) واري وڳوڙ ۾ جڏهن مهابت خان (جهانگير سان) زبردست گستاخي ڪئي هئي ته هي جهانگير سان شامل هو. جهانگير جي وفات کان پوءِ هي آصف جاهي سان گڏجي شهزادي شهريار خلاف لڙيو.

شاهجهان جي پهرئين سال جلوس ۾ قدمبوسيءَ کان مشرف ٿيو. کيس چار هزاري ذات هڪ هزار سوارن جو منصب ۽ خواجه باقي خان جو خطاب مليو، پوءِ ٺٽي جي صوبه داريءَ تي فائز ٿي، اوڏانهن روانو ٿيو. وات ويندي (١٠٣٧ هه) ۾ وفات ڪيائين، سندس پٽ خواجه هاشم پنج سو ذات ۽ هڪ سو سوارن جي منصب تي فائز ٿيو.

ماثر الامراء ۾ سندس سيوهڻ واري صوبه داريءَ جو ذڪر ڪونه ڪيل آهي. "بادشاهه نامه" (ص ١٨١-١) مان خبر پوي ٿي ته شاهجهان ١- رجب ١٠٣٧ هه ڌاري خواجه باقيءَ کي ٺٽي جي حڪومت جو پروانو ڏنو.

---

(١) پٽ، جهلم درياهه جو پراڻو نالو آهي. (مترجم)
(ماثر الامراء ج ٢- ص ٦٥٠ جي حوالي سان)

(٢٤)

شرير الملڪ

(متعلق ص ٢٣٥- ح ١)

هن جو اصل نالو نواب شريف الملڪ هو. شهزادو شاهجهان جنهن زماني ۾ ٺٽي آيو ته شريف الملڪ قلعي جا دروازا بند ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿيو ۽ ڪي نازيبا حرڪتون ڪيائين جنهن ڪري شاهجهاني مؤرخن هن کي شريف الملڪ بدران شرير الملڪ جو نالو ڏنو. اهو واقعو تحفة الڪرام ۾ هن ريت آيل آهي:

نواب شريف الملڪ عرف شريف خان (هڪ اک کان ڪاڻو) ٺٽي جو حاڪم ٿيو. سندس دور ۾ سال ٢١ جلوس جهانگيري مطابق ١٠٣٥ هه شهزادو شاهجهان پيءُ کان ڪاوڙجي عراق عجم جي بهاني پنهنجي خاص ماڻهن سان گڏجي ٺٽي پهتو. سندس ارادو هو ته ڪي ڏينهن اتي رهجي. تنهن ڏان شريف الملڪ ماڻس مهاڏو ڏنو، ۽ پنهي پاسن کان لڙائي هلي. شهزادي شهر جي ڪيترن پاسن کان حملا ڪيا پر شڪست کاڌائين. مڪليءَ لڳ پير بدر جي پرسان پنهي ڌرين پاڻ ۾ ڏاڍيون چڪريون ڏنيون، جتي اڃا سوڌا مٽن جا هڏا موجود آهن.

چون ٿا ته هڪ ڏينهن شاهجهان جي گهورهاري بيگم ڏاڙهن جي طلب ڪئي، شهزادي پنهنجي هٿ اکرن سان چٺي لکي

شريف الملڪ کي ڏياري موڪلي. هن جواب ۾ لکيو تہ اهي ڏاڙهون آءٌ پاڻ بيگم ڏانهن آماڻيان پيو. انهن ڇئي فرنگي توب انداز کي حڪم ڪيائين تہ بيگم ڏانهن توب جا گولا اڇلاءِ. بوءِ واڪو ڪري چيائين تہ هتي اهي ئي ڏاڙهون آهن. توب جي صدمي کان بيگم جو هار ڪهائي ٽي پيو. اها توب خود شريف الملڪ دوربين مان ڏسي باهہ ڏئي ڇوڙي هئي. سنڌس خيال هو تہ خود شهزادو زد ۾ اچي ويندو، پر هوڏانهن شهزادو اڳ ئي اک ڇنڀ ۾ پاسيرو ٿي ويو هو، جنهن ڪري توب جو وار خطا ٿي ويو. شريف الملڪ وار خالي ڏسي خار مان اگر پنهنجي اک ۾ وهائي ڪيڏي، جنهن مان نشانو ٻڌو هئائين؛ طيش ۾ سنڌس تارو ٻاهر نڪري چڪو هو. ان ڏينهن کان ڪيس ڪاڻو ڪوٺيو ويو. ڪهن چوائي پنهنجا ئي پرڪار ڪيس پڄي آيا. پڇاڙيءَ شهزادي جي جلوس کان اڳ انهيءَ انتقام ۾ ونجي ويو ۽ سنڌس ڪي منصبدار به معتوب ٿيا.

(ج ٣- ص ٤٩٤)

تزڪ جهانگيري جي تڪملي ۾ محمد هادي خان ٢٠ سال جلوس (جنهن جي شروعات ٢٢ جمادي الثاني ١٠٣٥ھ ۾ ٿي هئي) جي واقعي ۾ لکي ٿو: شاهجهان پنهنجا ڪي ماڻهو ساڻ ڪري ٺٽي روانو ٿيو. تنهن زماني ۾ ايران جي بادشاه، شاه عباس سان سنڌس دوستي ۽ خط ڪتابت جي وات هئي، خود شاه عباس به هن جي احوال جو منتظر ٿي رهيو. ان ڪري شهزادي سوچيو تہ انهيءَ پاسي وڃي، جيئن شاه عباس جي ويجهڙائيءَ ۾ هجي، ممڪن آهي تہ ان جي اپل سان سيئي جهڳڙا ختم ٿي وڃن. جڏهن اها ڳالهہ ڪري هو ٺٽي ۾ آيو تہ شريف الملڪ آتان جو حاڪم هو: سو نو هزار سوار ۽ ٻارهن هزار پيادا گڏ ڪري، شهر جي قلعي جا گهٽ سو گهٽا جوڙي، جنگ لاءِ آماده ٿيو. ٻي پاسي ٽي چار سو سوار شهزادي سان هئا تنهن ڪري

هو مقابلي بدران شهر ۾ داخل ٿي گهيري اندر اچي ويو. شريف الملڪ اڳي ئي قلعي جي مرمت ڪرائي اتي توبچي ۽ بندوقچي ويهاري ڇڏيا هئا، ۽ هو يڪدم قلعي ۾ گهڙي آيو ۽ جنگ شروع ڪري ڏنائين. شاهجهان پنهنجي ساٿين کي جنگ کان جهلي ڇڏيو ۽ کين هدايت ڪيائين ته هرو پرو رعيت کي به انهيءَ ۾ نه آڻين. ان جي باوجود ڪي ماڻهو همت ڪري قلعي تي چڙهي ويا، ليڪن ٻيءَ ڌر جي مڪمل انتظام هئڻ سبب ڪجهه نه ڪري سگهيا. آخر موٽي هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ وري قلعي تي ڪاهه ڪيائون. جڏهن مٿي ويا، ته ڏٺائون ته قلعي جو ميدان سڀون سڌو هو، ان ۾ ڪا به هيٺ مٿانهين يا ٻي ڪا به اڙ ڪانه هئي. هنن پنهنجون ڏاڪون منهن تي ڏيئي ڪاهيو پر قضا سان پريان پاڻي پريل کڏ کين نظر آئي جنهن کان وڌي اڳتي وڃڻ به محال ته پوئتي ورڻ به هنن لاءِ مشڪل ٿي پيو. نيٺ ميدان ۾ ترسي لوڪل جو ترهو پڌائون. پر انهيءَ وچ ۾ شاهجهان ڪن حالتن سبب مجبور ٿي پيو. سندس عراق وارو سفر پوئتي پئجي ويو، ڇو ته ان کان سواءِ کيس شهزادي پرويز جي بيماريءَ جي خبر ملي ۽ پڪ ٿيس ته هو انهيءَ مرض مان ڇٽي نه سگهندو. ان لاءِ نورجهان بيگم کيس لکيو هو ته مهابت خان کي ابتا پير کڻڻ شروع ڪيا آهن، متان اوهان جي اولاد تي ڪا مصيبت اچي ان ڪري ڀلائي ان ۾ آهي ته توهان دکن ڏانهن موٽي وڃ جيستائين حالتون سازگار ٿين. مٿي ٿي هو بيماري ۽ ڪمزوريءَ هوندي پالڪيءَ ۾ سوار ٿي، گجرات ۽ بهار جي پاسي کان دکن ڏانهن ورڻ لڳو. ايتري ۾ شهزادي پرويز جي وفات جي خبر اچي پهتيس. (پرويز جي وفات اربع ڏينهن ٧- صفر ١٠٣٥هه ۾ ٿي هئي.) (تزڪ ص ٤٢٥-٤٢٦)

(٢٥)

احمد بيگ خان

(متعلق ص ٢٠٧- ح ١)

احمد خان (ابراهيم خان فتح جنگ واد اعتماد الدوله جيڪو مرزا غياث جو پائٽيو هو) ماثر الامراء جي بيان موجب: شاهجهان جڏهن (٨- جمادي الثاني ١٠٣٧ هه) هندستان جو بادشاه ٿيو ته هن کي ۾ هزار ذاتي ۽ پندرهن سون سوارن جو منصب عطا ڪري سيوهڻ جو فوج دار ۽ جاگيردار مقرر ڪيائين . ان ان کان پوءِ هو يمين الدوله آصف خان جي نائب جي حيثيت ۾ ملتان جو حاڪم ٿيو. (ج ١- ص ١٩٥)

مرتضيٰ خان مرزا حسام الدين

(متعلق ص ٢٣٩- ح ١)

مير حسام الدين مرتضيٰ خان انجو ولد مير جمال الدين عضدالدوله احمد بيگ جي پيٽ پرڏيل هو (ماثر ج ٣- ص ٣٨٢) ماثر جي مصنف لکيو آهي: شاهجهان جي تخت نشينيءَ کان پوءِ گذريل ڪارنامن جي ڪري هن کي چار هزاري منصب ۽ ٽي هزار سوارن سان سرفراز ڪيو ويو. انهيءَ سال کيس مرتضيٰ خان جو لقب ۽ پنجاهه هزار روڪ ڏيئي سيد خواجه جي جاءِ تي جيڪو ٺٽي ڏانهن ويندي واٽ تي فوت ٿيو هو، ٺٽي جي صوبه داريءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو، پر قضا سان هي اچا اتي ڪانيڪو مس ٿيو ته سال ٻئي جلوس (١٠٣٩ هه) ۾ گذر ڪري ويو. (ج ٣- ص ٣٨٤)

بادشاه نامه (ج ١- ص ٢٨٧) مان معلوم ٿئي ٿو ته مرتضيٰ خان جي رحلت کان پوءِ مير ابوالبقا امير خان جيڪو ان وقت ملتان ۾ يمين الدوله جو نائب هو تنهن کي ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. بادشاه نامه جي عبارت هن ريت آهي:

جڏهن خبر پيئي ته مرتضيٰ خان ولد مير جمال الدين حسين خان انجو ٺٽي جو صوبيدار هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي ته امير خان (ابوالبقا) ولد قاسم خان (مير ابوالقاسم) نمڪين کي جيڪو يمين الدوله جي نائبيءَ ۾ ملتان پاسي هو تنهن کي انهيءَ صوبي .... کي مقرر ڪيو ويو.

(٢٧)

حڪيم صالح

(متعلق ص ٢٤٥- ح ١)

جڏهن بکر جي راڄڌاني آصف خان جي جاگير ۾ آئي ته حڪيم محمد صالح آتان جو عامل مقرر ٿيو، هي ڪي سال انهيءَ عهدي تي آئي رهيو.

تاريخ معصوميءَ جي ضميمي مان معلوم ٿئي ٿو ته سال ١٠٣٨ هه کان سال ١٠٤٢ هه تائين بکر، نواب آصف جاهي جي جاگير ۾ هو ۽ حڪيم محمد صالح ١٠٤٣ هه تائين اتي رهيو. شيخ فريد بکري مؤلف ذخيرة الخوانين جيڪو آن وقت خان جهان لوڌيءَ جي ملازمت ڇڏي بکر ۾ قيام پذير هو، مرزا حسين جي سلسلي ۾ حڪيم محمد صالح بابت هڪ واقعو بيان ڪيو آهي ته ڪتاب (ذخيرة الخوانين) جو مؤلف دولت خان جي تفرقي ۽ ناراضگيءَ سبب عجيب غريب حالت ۾ ڏڪا ٿابا کائيندو اچي پنهنجي وطن بکر ۾ پهتو. مرزا حسين جيڪو تن ڏينهن ۾ بکر جو صوبه دار هو، تنهن سرڪاري اختيار ۽ اعزاز هن ڪمترين کي عطا ڪيا، پنهنجو چڱو گذر ٿيڻ لڳو ۽ ڪافي ماڪيت به هٿ اچي ويئي. اهـا ڳالهه حڪيم محمد صالح، نواب آصف جاهي جي عامل کي نه وڻي. هُن مان سنگهه (وقائع نويس) کان لکرايو ته فلاڻو (شيخ فريد) هتي اچڻ کان پوءِ

افغانن کي هڪ هنڌ گڏ پيو ڪري، خان جهان جيڪو سرونج(١) تائين پهچي چڪو هو تنهن کي بکر اچڻ لاءِ تي پڙڪايائين، ۽ شير خان ترين، شال ۽ مستونگ کان اچي بکر جي واڄڏانيءَ واري ڳوٺ گنجابي ۾ لٽ ڦر مچائي ڏني هئي، ان ڪري هن جو هتي وهڻ نقصانڪار آهي. نيٺ فرمان جاري ٿيو ته هن (شيخ فريد) کان معتبر ضامن وٺي کيس شاهي دربار ڏانهن موڪليو وڃي. پڇاڙيءَ مرزا حسين به اڳان بدلي ٿي، هن سان گڏ برهان پور وڃي، شاهي دربار ۾ حاضر ٿيو.

---

(١) ڏکڻ هند جو هڪ علائقو، خان جهان انهيءَ پاسي شاهجهان جي فوجن سان لڙندي، ١٠٤٠ هه ۾ مارجي ويو هو.
(ڏسو ماثر الامراء جلد پهريون ص ٧٢٣)

(٢٨)

محمد علي بيگ بندري

(متعلق ص ٢٤٥- ح ٢)

محمد علي بيگ بندري اصفهاني هو. جهانگير جي زماني ۾ ڪي ڏينهن لاهري بندر جو حاڪم رهيو ۽ کيس بندري لقب ڏنو ويو. پوءِ بکر جو فوجدار ٿيو، جتي سميجن ۽ ڀين ۽ گهوڙين جا فساد جاري هئا. انهن کي پنهنجي سياڻپ سان هٿ آڻي بکر جي قلعي ۾ بند ڪيائين.

جڏهن بکر نواب آصف جاهي ۽ نورجهان بيگم جي جاگير ۾ آيو، ته هن ڪان ڪي ڪوتاهيون ٿيون جنهن ڪري قيد ۾ پيو. آخر گهڻيءَ خواريءَ کان پوءِ اتي وفات ڪيائين. سندس پاڙيچو سلطان احمد نالي ڏاڍو تعصبي هو، ٽن خليفن جا نالا جتيءَ جي تري تي لکي هلندو هو. هن جاهل هٺ ڪري ائين ٿي ڪيو. جيڪڏهن پڙهيل هجي ها ته ائين نه ڪري ها پر نُپ جاهل هو. نيٺ کيس بد موت اچي ويو.

(ذخيرة الخوانين قلمي ص ٢٠٢)

تاريخ معصومي جي ضميمي ۾ لکيل آهي: "سال ١٠٣٨ هه ۾ بکر جو صوبو نورجهان جي جاگير مان ڦيري نواب آصف جاهه

ڪي مليو. انهيءَ سال محمد علي بيگ بکر جو فوجدار مقرر ٿيو. هي ڏاڍو چڱو ماڻهو، خدا ترس ۽ بهادر هو. هن سميجن ڪي ڪاهي ڪين تاراج ڪيو هو، ۽ بودلي نالي سميجي کي بڌي بکر جي قلعي ۾ آندو هئائين. محمد عليءَ جي بدلي ڪان پوءِ بکر جي راڄڌانيءَ تي مرزا حسين حاڪم ٿي آيو."

(٢٩)

ديندار خان

(متعلق ص٢١٥- ح ١)

هن جو اصل نالو سيد بهوو هو، مرتضيٰ خان بخاريءَ جي عزيزن سان تعلق تي رکيائين. ١٨ سال جلوس جهانگيريءَ ڌاري دهليءَ جو حاڪم ٿيو. پوءِ جڏهن مهابت خان گستاخيءَ جو مرتڪب ٿيو ۽ سلطنت جي نافرماني ڪيائين ته هن کي ان جي پٺيان ويل فوج سان شامل ڪيو ويو. اهي اجمير پهچي هڪٻئي سان ڏوبڏو ٿيا. انهيءَ وچ ۾ جهانگير جو انتقال ٿيو ۽ شاهجهان انهيءَ مهم کي سر ڪرڻ لاءِ ويو. هي ٻهرئين سال جلوس شاهجهانيءَ ڌاري ٻه هزاري منصب ٻارهن سو سوارن ۽ ديندار خان جي لقب سان سرفراز ٿيو. ڪيس خلعت، جڙائو خنجر ۽ گهوڙو عنايت ڪري دوآبي جي فوجداريءَ تي رکيو ويو.

اٺين سال جلوس ڌاري شاهجهان لاهور کان آگري جي دارالخلافه ڏانهن آسهيو، ۽ اسلام خان کي هڪ فوج سان گڏجي دوآبي جي وڳوڙين کي سيکت ڏيڻ لاءِ روانو ڪيائين. ديندار خان به ان جي همراهيءَ ۾ اوڏانهن ويو. ان کان پوءِ ساڳئي سال شهزادي محمد اورنگزيب بهادر سان گڏ جڏهن هو ججهار سنگهه بنديلي سان منهن ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو ته هن کي به ان مهم تي مقرر ڪيو ويو. ٿوري عرصي کان پوءِ (١٠٤٥هه) ۾ وفات ڪيائين. (ماثر الامراء جلد ٢ ص ٢٣-٢٤)

ذخيرة الخوانين جي مؤلف لکيو آهي: هي شاهجهان جي دور ۾ ديندار جي خطاب سان سرفراز ٿيو. ڪيس سيوهڻ جي راڄداني جاگير طور ڏني ويئي. آتي چڱا ڏينهن گذاريائين. هر مهيني هڪ بزرگ جو عرس پئي ڪيائين، جنهن ۾ ديڳيون جام پئي چڙهيون. نماز، روزي، اشراق، اضحيٰ ۽ تهجد ڏانهن گهڻو مائل هو. خيرات به گهڻي ئي ڪيائين. مرتضيٰ خان کي ياد ڪري سدائين پيو روئندو هو. پنهنجي پٽ کي شيخ فريد نالو رکيو هئائين جيڪو قطب الاقطاب ميران سيد جلال ولد ميران سيد محمد بخاري گجراتيءَ جو نائي هو. ديندار خان جو جهڙو نالو هو تهڙا ئي اوصاف هيس، هي طبعي موت مري ويو هو.

قلندر جي درگاه ۽ شيخ چِٽي امرائي جي مزار تي هن جيڪي ڪتبا لڳرايا هئا تن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي سال ١٠٤٠-١٠٤١-١٠٤٢-١٠٤٣ هه تائين سيوهڻ ۾ هو.

جان نثار خان

(متعلق ص ٢٥٢ ح ١)

ڪمال‌الدين حسين نالي، جان نثار خان جنيري، شاهجهان جي شهزادگيءَ واري زماني ۾ سندس چڱن خدمتگارن مان مزاج شناس وفادار ۽ فداڪار ملازم هو. ٽئين سال جلوس شاهجهانيءَ ڌاري ديانت خان جي انتقال کان پوءِ هي احمد نگر جو قلعي دار مقرر ٿيو، کيس چاليهه هزار رپيا راه خرچ جي مدد طور مليا. چوٿين سال جلوس شاهجهانيءَ ڌاري هن کي پنج سؤ منصب ۽ پنج سؤ سوارن مان سرفراز ڪري، مکي جهنگل جو فوجدار مامور ڪيو ويو. ان کان پوءِ هي سيوهڻ جو فوجدار مقرر ٿي آيو. يارهين سال جلوس ڌاري جڏهن شاهي فوجن قنڌار واري قلعي تي چڙهائي ڪئي ۽ اوسي پاسي جا صوبه دار توڙي فوجدار پنهنجي سپاهه سميت مدد طور اوڏانهن وڃي پهتا ته جان نثار خان به پنهنجي علائقي مان اوڏانهن ويو ۽ پنهنجون خدمتون انهيءَ مهم سر ڪرڻ لاءِ سرانجام ڏنائين.

جان نثار خان، قنڌار جي صوبه دار قليچ خان جي همراهيءَ ۾ قلعي تي چڙهائيءَ دوران ڏاڍي سورهيائي ڏيکاري چڪو هو. سال يارهين جلوس ڌاري سندس منصب ۾ پنجن سون سوارن جو اضافو ڪري کيس سيوهڻ کان بکر موڪليو ويو، جتي يوسف محمد خان جي بدليءَ سبب پنهنجي عهدي تي فائز ٿيو، ۽ انهيءَ ئي سال سندس رحلت ٿي.

ذخيرةالخوانين ۾ لکيل آهي: جان نثار خان جڏهن سيوهڻ جو حاڪم هو ته آتان جي وڏيرن سميجن ۽ سوڍن مان ڪيئي ڇوڪريون پنهنجي نڪاح ۾ آنديون هئائين، تنهنڪري سندس عملداريءَ وڏيڪ جنڌ ڪيو ۽ ڪوبه کوڙ وکوڙ پيدا نه ٿيو. پڇاڙيءَ جڏهن مئو ته وڏيرن مان هرڪو پنهنجي ڌيءَ کي پنهنجي پنهنجي گهر وٺي ويو. شايد اهي واقعا بکر جي راڄڌانيءَ سان تعلق رکندا هجن، جا سيوهڻ جي راڄڌانيءَ لسگ آهي. اهو گمان ان ڪري پيدا ٿئي ٿو ته هن جي وفات سيوهڻ ۾ ڪانه ٿي هئي.

(ماثر الامراء ج ١- ص ٥٢٧-٥٢٩)

ڏسڻي

ماڻھن جا نالا

آري شينھاڻي پير ٢٨٧.

آصف جاه (نواب) ١٢٢ح، ٢٨٨، ٢٨٨ح، ٣٧٩، ٣٨٠، ٣٨١.

آقا محمد ١٩٨.

آسر ٣٣٨.

آبا بيگ ١٩۴، ١٩۴ح.

ابراھيم افغان ٢٠٨.

ابراھيم بلوچ ١٣٣، ٢۴٢، ٢۴٣.

ابراھيم بيگ (سعيد خان چغتي جو ڏاڏو) ٣۴٣.

ابراھيم بيگ (چريڪ) ٣۴٦.

ابراھيم بيگ ديوان ٢٣٩.

ابراھيم خان فتح جنگ ٣٧٦.

ابن بطوطه ٣٢١.

ابواسحاق ابراھيم شيخ ٣٢٨.

ابوالبقا اميرخان ولد ابوالقاسم نمڪين ١٣٢، ١٢٢ح، ١٣٨، ١٣٨ح، ١٣٩ح، ١۴٠، ١۴١، ١۴٦، ١۴٧، ١۴٨ح، ٢٠٥، ٢٠٦، ٢٠٦ح، ٢٠٨، ٢٠٩، ٢١٠، ٢١١، ٢١٢، ٢١٣، ٢١۴، ٢١٥، ٢١٦، ٢١٦ح، ٢٢٨، ٢۴٥، ٢۴٦، ٢۴٦ح، ٢٩۴، ٣۴۴، ٣٦١، ٣٦٢، ٣٦٣، ٣٧٧، ٣٧٨.

ابوالبقا اوزبڪ ٢۴۴.

ابوالحسن مرزا ٢٨٨ح.

ابوالفضل ٢٠٢.

ابوالفضل سيد ١١٦.

ابوالقاسم نمڪين ١٠٩، ١٢١، ١٣١ح، ١٣٢، ١٣٢ح، ١٥٨، ١٦٨، ١٧٨، ١٨٣ح، ١٩٣، ١٩٩، ١٩٩ح، ٢٠٠، ٢٠١، ٢٠٢، ٢٠٢ح، ٢٠٣، ٢٠۴، ٢٠۴ح، ٢٠٥، ٢٠٦، ٢٠٨، ٢٠٩، ٢١٠، ٢٢١، ٢٢٢، ٢٦٥، ٢٦٦، ٢٩۴، ٢٩٧، ٣٠٠، ٣۴۴، ٣٥٢، ٣٥۴، ٣٧٨.

ابوالقاسم ولد ابوالبقا ١۴١ح، ١۴٢.

ابوالقاسم طبا طبا ٢۴٨.

ابوالمظفر شھاب الدين ٢۴٦، ٣٢١.

ابوالمڪارم "شھود" ٣٥٣.

ابوالنبي ٣٦٧.

ابو بکر سید ۲۹۷.
ابو سعید قاضی ۳۷۰.
احمد بیگ ۱۶۳، ۱۶۴، ۱۷۲، ۲۳۸، ۲۳۹، ۲۴۱، ۲۴۴، ۲۴۵، ۲۴۶، ۲۴۷، ۲۴۸، ۲۵۹، ۲۶۱، ۲۸۹، ۲۹۵، ۲۹۶، ۳۰۰، ۳۰۴، ۳۷۵، ۳۷۶، ۳۷۷.
اختیار الدین ۳۳۲.
ارباب بهاء الدین ۳۸۳.
ارباب داؤد ۲۴۰.
ارباب علي ۲۴۰.
ارباب لندو ۳۱۴.
ارجمند بانو ۲۸۸ح، ۳۷۴.
اسکندر ۳۳۲.
اسلام خان ۳۸۳.
اسماعیل ابن امام جعفر صادق ۳۲۷.
اسماعیل شورو ۱۴۵، ۲۴۸، ۱۵۰.
اعتماد الدوله غیاث بیگ ۲۸۸ح، ۳۷۶.
اکبر بادشاه ۱۰۹، ۱۱۴، ۱۱۷، ۱۱۷ح، ۱۲۸، ۱۳۱، ۱۳۲، ۱۳۴، ۱۴۳ح، ۱۵۹، ۱۶۸، ۱۸۲، ۱۹۳، ۲۰۱، ۲۰۲، ۲۱۰، ۲۲۹ح، ۲۶۵، ۲۶۹، ۳۳۳، ۳۴۳، ۳۴۷، ۳۵۵، ۳۶۰، ۳۶۴، ۳۶۹ح، ۳۷۲،
امین الدین حسین خان ۳۵۴.
انور مرزا ۱۹۱، ۱۹۲، ۲۴۲.
آلي راه سنگه ۳۵۹.
اورنگزیب ۳۸۳.
اویس قرني ۱۳۱، ۲۹۹.
بابا ابراهیم ۳۳۰.
بابا بیگ ۱۹۴.
بابا جوچک ۱۱۳.
بابو پلیجو ۱۴۸، ۱۵۰.
بادشاه خواجه (شیر خواجه، باقي جان خواجه) ۱۷۷، ۲۲۵، ۲۳۱، ۲۳۲، ۲۳۳، ۲۳۵، ۲۷۴.
باقر کاردار ۳۳۵.
باقي ترخان (مرزا محمد باقي) ۵۹، ۱۵۹ح، ۱۸۲، ۱۸۶ح.
باقي خان ۳۶۷.
بایزید (نائب ابو القاسم نمکین) ۲۰۰.
بایزید بخاري سید ۱۱۶، ۱۱۶ح، ۱۲۳، ۱۳۴، ۱۴۹، ۱۵۰، ۱۵۱، ۳۱۱، ۳۶۹، ۳۷۰، ۳۷۱.
بجار جوکیو ۱۵۱.
بختیار بیگ ۱۶۰ح، ۱۶۳، ۱۸۳، ۱۸۶، ۱۸۷، ۱۸۸، ۱۸۹، ۱۹۰، ۱۹۱، ۱۹۲، ۱۹۲ح،

١٩٤، ٢٢١، ٢٢٢، ٢٦٥،
٢٨١، ٢٩٤، ٣٠٠.
بدايولي ١١٥ح.
بدخشي شاه ٣٢٨.
برلي ٣٢٥، ٣٣١.
بلبن سلطان ٣٢٥.
بودلو سميجو ١٨٦، ٢٧٤، ٣٨٢.
بوعلي ٣٢٦.
بهاء الدين بخاري ١٣١، ١٦٠.
بهاء الدين بهنور ١٩٤، ١٩٦،
٢٤٠، ٢٤٥، ٢٨١.
بهاء الدين زكريا ملتاني ١٥٧ح،
٣٢٨، ٣٣٠.
بهادرخان اوزبک ١٤٨، ٢٢٦.
بهادرخان ترين ١٦٠ح.
بهرام مرزا ١٣٨ح، ٢٥٨.
بي بي حليمه ١٦٤.
بي بي فاطمه ٣٣٩، ٣٤١.
بيگ محمد قرق اوزبک ٢٢٦.
بيگم ممتاز محل ٨٨ح.
بيورج ٣٤٧.
پرت هندو ٢٥٤.
پرويز ٣٧٥.
پريو (سردار) ١٨٦، ١٩٦.
پير توبن ٢٥٠.
تاج خان ١٣٢، ١٣٣، ١٣٣ح،
١٤٥، ٢١١، ٣٦٠.
تاش بيگ ١٢٣ح، ٣٦٠، ٣٦١.
تختہ بيگ ٢٤٨، ٣٥١.
تغلق شاه ٣٣١.
تماچي جام ٢٦٠ح.
توتان (بهادر بلوچ) ١٨٨، ١٨٨ح.
توختہ بيگ ٢٠٢، ٣٤٥، ٣٤٨.
توذرمل راجا ١٦٠، ١٦٠ح.
تيمور بيگ ١٩٦، ١٩٧.
ثاني، مرتضي خان ١٣٩.
جان نثار خان ٢٥٢، ٣٨٥.
جان محمد ١٩٨.
جانش خان ١٦٠ح.
جاني بيگ مرزا ١٤٣ح، ١٥٩،
١٦٠، ١٦٠ح، ١٨٢، ١٨٩،
١٩٠، ٢٠١، ٢٩٨، ٣٣٣،
٣٣٤، ٣٤٣، ٣٤٤، ٣٥٧،
٣٥٨.
ججهار سنگهه ٣٨٣.
جعفر بوبكائي مخدوم ١٦١،
١٦٢ح، ١٦٤، ١٦٥ح، ٢٨٣.
جعفر صادق (امام) ٣٢٨، ٣٣٠.
جلال بخاري (مخدوم) ٣٦٩.
جلال بهنور ١٦٣، ١٩٢.
جمال خدمتگار ٢١٣.
جمال الدين حسين ١٣٩.
جمال الدين عضد الدولہ ٣٧٧.
جمال شيخ ٣٢٨، ٣٣٠.

جندائي ۲۰۸، ۳۰۵.
جنکي خان ۱۳۴.
جوڌو (سردار) ۱۸۶.
جهانگير بادشاه ۱۳۲، ۱۳۷، ۱۴۳ح، ۱۴۴، ۱۴۸، ۱۴۹، ۱۵۰، ۲۰۲، ۲۰۳، ۲۰۴، ۲۱۰، ۳۴۵، ۳۴۶، ۳۴۹، ۳۵۰، ۳۵۵، ۳۵۶، ۳۵۸، ۳۵۹، ۳۶۰، ۳۶۴، ۳۷۰، ۳۷۱، ۳۸۱، ۳۸۳.
جيسر هندو ۱۹۵، ۱۹۶.
جيئندو ۱۸۶.
چاڳلو (وزير چام لندو) ۲۸۳.
چانديو چاڀلو ٻروچ ۱۷۹.
چکو خاصخيلي ۱۸۸ح.
چام خيرالدين ۲۶۰، ۲۶۰ح.
چام ننڊو (نظام الدين) ۲۸۳.
چام هالو ۱۳۷.
جهولنجهار ۱۵۰.
چنو امرائي ۱۵۷، ۲۵۳ح، ۳۳۸، ۳۳۹، ۳۴۰، ۳۴۱.
حاجي ولد بجار جوکيو ۱۵۱.
حاجي محمد ۱۴.
حجاج بن يوسف ۲۳۹.
حسام الدين راشدي سيد ۱۴۱ح، ۳۱۴ح، ۳۵۲.
حسام الدين مرزا ۱۳۹، ۱۳۹ح، ۲۳۹، ۲۴۶.
حسن بصري ۱۱۱.
حسن علي عرب ۱۶۰ح.
حسين (رضي الله عنه) ۳۲۸.
حسين مرزا ۳۷۹، ۳۸۰.
حسين خان شاملو ۳۴۵، ۳۴۶، ۳۴۷.
حسين علي شاه سيوهاڻي ۲۴۰.
حضور اکرم ۱۶۴.
حکيم سنائي ۲۵۷.
حکيم صالح ۱۴۱، ۱۴۱ح، ۲۴۵، ۳۱۳، ۳۱۴، ۳۱۵.
حميد شورو ۱۴۲.
حيدر ۳۰۴.
حيدر بيگ ۱۹۱.
خان ۱۴۳.
خان اعظم ۱۹۱، ۱۹۱ح.
خان جهان ۳۷۹، ۳۸۰ح.
خان خانان مهابت خان ۲۰۴ح، ۳۷۵.
خان خانان عبدالرحيم ۱۱۷، ۱۳۲، ۱۳۷ح، ۱۵۹، ۱۶۰ح، ۱۸۲، ۱۸۳، ۲۳۴، ۳۳۳.
خان دوران شاه بيگ خان ۱۶۰ح.
خرم شهزادو ۳۶۶.
خسرو بيگ ۱۴۲، ۱۴۳، ۱۴۴، ۱۹۰، ۳۰۵.
خسرو خان ۲۰۲ح.
خسرو خان چرڪس ۳۵۷، ۳۵۸.

خضر خواجه ١١٠.
خليل الرحمان ٢٥٠.
خواجه اويس قرلي ١٥١، ٢٩٩.
خواجه باقي ٣٧٢.
خواجه جان ١٤٤، ١٤٥ح
خواجه جمدر ٣٤٤.
خواجه خان ١٦٩.
خواجه رستم بخشي ١٦٠ح.
خواجه عارف ٢٣٥.
خواجه محمد سلطان ١٤٤.
خواجه نورالدين كروژي ١٩٦، ١٩٧، ١٩٨، ١٩٩ح.
خواجه هاشم ٣٧٢.
خوشم ايگ ١٤٨، ٢٢٧، ٢٢٨.
خيرالدين چام ٢٦٠، ٢٦٠ح.
دارا شكوه ٣٢٨.
دارو ١٦٠، ١٦٠ح.
داؤد پهنور ١٦٣.
داؤد پوتو ڈاكٽر ١١٥ح، ١٢٨ح.
داؤد شورو ١٤٥، ١٤٦، ١٤٨، ١٤٩.
درويش بيگ ٢٠٣.
دريا خان شهيد ٢٨٣.
دلپت ولد راء سنگهه ١٦٠ح.
دلوراءُ راجا ٣٣٨، ٣٤١.
دوست بيگ مرزا ١٤٦، ٢١٢، ٢٨٧.
دولت خان لوڌي ١٦٠ح.
ديالداس ٣١٤.
ديالت خان ٣٧٥.
دينڌار خان ١٤٢، ١٦٩، ١٧٢، ١٧٤، ٢٤٨، ٢٥٠، ٢٥١، ٢٥٢، ٢٥٣، ٢٥٧، ٢٥٩، ٢٦٦، ٢٨٩، ٢٩٢، ٢٩٣، ٢٩٦، ٣٠٠، ٣٣٣، ٣٨٣، ٣٨٤.
ذوالنون ارغون ١١١.
ڏارو ١٦٠، ١٦٠ح.
ڏني ارتو ٢٠٠، ٢١٤، ٢١٧، ٢١٨.
راٿو عمر ١٣٧.
راء سنگهه ١٧١، ٣٠٥.
رائحه بيگم ١٨٢.
رحمان قلي ١٨٧، ١٨٩، ١٩٠.
رستم ١٤٢.
رستم مرزا قنڌاري ١٣٨، ٢١١، ٢١١ح، ٣٥٨، ٣٥٩.
ركن الدين ٣٣٢.
روشن سلطان ٣٠٥.
رولجهي راڻي ٢٠٠.
زمان بيگ ٢٣٤ح.
زين العابدين (امام) ٣٢٨.
زين خان ٣٤٢، ٣٤٥.
سالد (سردار) ١٧٢.

سائین ڈلو ١۴٣، ١۴٥، ٣٠٥.
سپیرا افغان ٢٢٨.
سردار بودلو ٢٧۴.
سردار خان ٢٠٢، ٢٠٣، ٢٠۴.
سرمست سچل ٣٠٩ح.
سعد الله ٣۴٣.
سعید خان ٢٠١، ٢٠٢، ٣۴٣.
سعدي شیخ ١٨٣.
سلطان احمد ٣٨١.
سلطان حسین مرزا ١٣٨ح، ٣٥٨.
سلطان خرم ٣٦٦.
سلطان سلیم ٣۴٥.
سلطان شهریار ٢٣۴، ٢٣۴ح.
سلطان محمد برتتکالي ١٦٢، ٢٧٩.
سلطان محمد تغلق ٢٥٩
سلطان محمد خان شهید ٣٢٥.
سلطان محمود ١١٢، ١١٣، ١١۴، ١١۴ح، ١٢٧، ١٢٨، ١٣١، ١٣۴، ١٣٥ح.
سید ابراهیم ٣٢٨.
سید احمد شاه ٣٢٨.
سید ابوبکر ٢٩٧.
سید باقر ٢٢٨.
سید بهاء الدین بخاري ١٣١ح، ١٦٠ح.
سید جلال ١۴٩ح، ٢٩٢، ٢٩٣.
سید جنگ ٢٥٠.
سید حسن ٢٩٦.
سید حسن کبیرالدین ٣٢٨.
سید خالد بن محب ٣٢٨.
سید خواجه ٣٧٧.
سید شاه بن سید خالد ٣٢٨.
سید عثمان ٣٢٨.
سید عطاء الله مشهدي ٢٠٢.
سید غالب ٣٢٨.
سید قادري ٣٢٨.
سید کمال ٢٩٢.
سید محب بن مشتاق ٣٢٨.
سید محمد (میر عدل) ١١٥.
سید مشتاق بن نورالدین سید ٣٢٨.
سید منتخب بن سید غالب ٣٢٨.
سید منصور بن سید اسماعیل ٣٢٨.
سید مهدي بن سید منتخب ٣٢٨.
سید هادي بن مهدي ٣٢٨.
سید یوسف ٢٩٦.
سید یوسف ارباب ٢٥٠.
سیف الملوک کاشغري ٢٣٧، ٢٣٨.
شاه اسکندر ٣٢٨.
شاه اسماعیل ١٣٨ح.
شاه بدخشي ٣٢٨.
شاه بیگ ارغون ١١١، ١١١ح، ١١٢، ١١٢ح، ١١٣، ١١٣ح، ١١۴، ١٢٠، ١٦٨.
شاه بیگ خان کابلي ١٦٠ح،

۲۰۲، ۳۴۵، ۲۴۶، ۲۴۷،
۲۴۸، ۲۹۰، ۳۶۰.
شاه جمال ۳۲۸، ۳۳۰.
شاه‌جهان بادشاه ۲۲۸، ۲۳۴ح،
۲۴۵، ۲۴۶، ۲۸۸ح، ۳۳۳،
۳۵۷، ۳۷۲، ۳۷۳، ۳۷۴،
۳۷۵، ۳۷۶، ۳۸۳، ۳۸۴.
شاه حسن ارغون ۱۱۳ح، ۱۳۴،
۱۶۸، ۱۶۸ح.
شاه خضر سیوستانی ۳۲۸.
شاه خواجه ۱۴۸، ۱۴۹.
شاه رخ مرزا ۱۸۶.
شاه شمس ۳۲۶.
شاه عباس صفوي ۱۳۲، ۲۰۳،
۲۲۸، ۲۲۸ح، ۳۷۴.
شاه عثمان قلندر ۳۲۸.
شاه علي مهديجو ۱۲۲ح.
شاه قاسم خان زمان ۱۸۶ح.
شاه محمد ۱۵۱.
شجاعت راه ۱۴۳.
شربیگ ۲۰۷.
شریر الملک ۲۳۴، ۲۳۵، ۲۳۶.
شریف الملک ۳۷۳، ۳۷۴، ۳۷۵.
شریف خان ۳۷۳.
شمس الدین ۲۳۵.
شمس الدین ۳۲۶.
شمس الدین سیه ۳۲۸.
شمس الدین بن نور شاه ۳۲۸.
شمس الدین محمد خان ۱۹۱ح.
شمشیر خان اوزبک ۱۳۹، ۱۴۴،
۱۴۵، ۱۴۶، ۱۴۸، ۱۶۳،
۱۶۴، ۱۶۷، ۱۶۹، ۱۷۲،
۱۷۴، ۲۱۰، ۲۱۱، ۲۱۵،
۲۱۶، ۲۱۶ح، ۲۱۸، ۲۱۹،
۲۲۰، ۲۲۲، ۲۲۳، ۲۲۴،
۲۲۶، ۲۲۸، ۲۲۹، ۲۳۱،
۲۳۲، ۲۵۷، ۲۶۳، ۲۶۵،
۲۶۶، ۲۹۴، ۲۹۶، ۲۹۹،
۳۰۰، ۳۵۶، ۳۵۷، ۳۶۰،
۳۶۱، ۳۶۴، ۳۶۶.
شهاب الدین سهروردي ۳۲۸.
شهاب الدین محمه ۲۴۶، ۳۲۱.
شهباز خان ۳۰۵.
شهبازي ۱۴۳.
شه بیگ ۲۰۲، ۲۰۳، ۳۱۴.
شه بیگ خان ۲۰۲.
شهمیر ۱۷۲.
شهریار ۲۳۴، ۲۳۴ح.
شهسوار ۱۸۶.
شیخ بولو ۱۳۴.
شیخ بهاء الدین زکریا ۱۵۷،
۳۲۵، ۳۲۸، ۳۳۰.
شیخ جمال ۳۲۸، ۳۳۰.
شیخ چتو ۱۵۷، ۲۵۳ح، ۳۳۸،
۳۳۹، ۳۴۰، ۳۴۱، ۳۸۴.

شيخ حبيب ٢٤٧.
شيخ سعدي ١٨٣.
شيخ عاقل شهيد ٣٢٨.
شيخ عثمان ٣٢٨، ٣٢٩.
شيخ فتح خان ٢٤٧.
شيخ فريد بكري ٣٧٩.
شيخ فريد شكرگنج ١٥٧، ٣٣٠.
شيخ فريد مرتضيٰ خان ٣٢٨.
شيخ فيضي ملك الشعراء ١٦٠ح.
شيخ محمد بغدادي ٣٣١.
شيخ مرتضيٰ سبحالي ٣٢٨.
شيخ مسكين شهيد ٣٢٨.
شيخ مصطفيٰ ٢٣٦.
شيخ موسيٰ گيلاني ١٩٨، ١٩٩ح.
شيخو بيگ ٢٥١.
شير بيگ ٣٠٥، ٣٠٦ح، ٣٥٢.
شيرخان ١٦٠ح.
شيرخان افغان ١٤٢، ١٤٣ح.
شيرخان ترين ٣٨٠.
شير خواجه ١٧٧، ٢٣١، ٢٣٢، ٢٣٣، ٢٣٥، ٢٧٤.
صابر (شاعر) ٣٣٦.
صالح خان ترخان ١٨٢.
صدرالدين شيخ ٣٢٥، ٣٣٠.
صديق ٢٤٥.
صلاح الدين بن سيد شاه ٣٢٨.
صمصام الدوله ١٤٠، ١٤١، ١٦٢، ١٦٥.
ضياءالدين يوسف پٽ مرتضيٰ خان ثاني ١٤١.
ضياء برني ٣٢٥، ٣٣١.
طالب سميجو ٢٠٦، ٢٠٧.
طاهر محمد شقدار (ٺرگٽي جو حاڪم) ٣١٤.
طيب ٢٠٠، ٢١٤، ٢٢٧، ٢١٨.
عاد ثمود ٢٢١ح.
عارف خواجه ٢٣٥.
عباس (حضرت عباس) ٣٢٥.
عبدالباقي ٢٥٨.
عبدالرحمان ١٩٤.
عبدالرحمان (مير عدل) ٣٧٠.
عبدالرحيم خان خانان ١١٧ح، ١٣٢.
عبدالرزاق حسيني ٣٦٥.
عبدالعلي ترخان ١٦١ح.
عبدالقادر جيلاني شيخ ٣٢٨.
عبدالڪريم سيران ٻٽ يعقوب ٻوبڪائي ١٦٢، ١٦٥ح.
عبدالله بن عمر ٢٥٧.
عبدالنبي ٣٥٥.
عبدالواحد قاضي سامتاڻي وارو ٢٤٢، ٢٤٣.
عبدالواحد ارباب ٣١٤.
عبدالواحد سيد (سيد بايزيد بخاري جو ٻٽ) ٣٦٩.

عتيق الله (مير ابوالبقا جو پٽ) ٢١٣، ٢٢٨، ٢٩٤، ٣٦٢، ٣٦٣.
عثمان مروندي شيخ (مخدوم لعل شهباز قلندر) ١٥٧، ١٥٨، ١٥٨ح، ٢٥٣ح، ٣٢٥، ٣٢٨، ٣٢٩، ٣٣١.
عثمان شاعر ٣٤٠.
عربي (حلال خور) ٢٥٠.
عزيز ڪوڪه ١٩١، ١٩١ح.
عضد الدوله ٣٧٧.
عطاءالله مشهدي مير ٢٠٢.
علي (حضرت علي) ١٥٨.
علي شير ارغون ٣٥٢.
عمر (حضرت عمر) ٢٥٧، ٢٥٨.
عمران عرب ٣٤١.
عيسو پهنور ١٦٣، ١٩٢، ٣٠٣، ٣٠٤.
عيسيٰ ترخان مرزا ١٥٩، ١٦١، ١٦١ح، ١٨٢ح، ٢١٤.
غازي بيگ ترخان مرزا ١٤٢، ١٤٣، ١٤٣ح، ١٤٤، ٢٠١، ٢٠٢، ٢٠٢ح، ٢٠٣، ٢٠٤، ٢٠٥، ٢٠٦، ٢٠٦ح، ٢٠٩، ٢١١، ٣٠٤، ٣٠٥، ٣٣٣، ٣٤٣، ٣٤٤، ٣٤٥، ٣٤٨، ٣٤٩، ٣٥١، ٣٥٢، ٣٥٧، ٣٥٨، ٣٥٩.
غلام شاه ڪلهوڙو (سنڌ جو والي) ٣٣٥.
غلام علي آزاد بلگرامي مير ٣٣٩.
غلام علي مائل مير ٣٣٦، ٣٣٧، ٣٦٥.
غياث بيگ اعتماد الدوله مرزا ٢٨٨ح.
غياث مرزا ٣٧٦.
غيور بيگ ٢٣٤ح.
فتح جنگ ابراهيم خان ولد اعتماد الدوله مرزا غياث ٣٧٦.
فتح خان شيخ ٢٤٧.
فتح علي ٢٠٨، ٢٠٩.
فتح محمد سيوهاڻي ٣٢٦.
فتحي ٢٠٨، ٣٠٥.
فريد (سميجو انڙ سردار) ١٨٦، ٢٠٠.
فريدون خان برلاس ١٦٠ح.
فيروز تغلق سلطان ٣٣١، ٣٣٣، ٣٣٤.
فيروز شاه ٢٦٠.
فيضي شيخ ١٦٠ح.
قاسم باريجو ٢٢١، ٢٨٤.
قاسم خان ارغون ١٤٣، ١٨٦، ١٨٦ح، ١٨٧، ٢٠٥، ٢٠٨، ٣٠٥.
قاسم خان لمڪين ٣٧٨ (ڏسو ابوالقاسم لمڪين).

قاضي پيرو ٢٥٤.

قاضي عبدالواحد ٢٤٢، ٢٤٣.

قاضي قاذن ١١٤، ٢١٨ح.

قاضي محمود ٣٥٨.

قرا بيگ ترڪمان ١٦٠ح، ١٩٨، ١٩٩ح، ٢٠٣.

قراخالي ٣٤٨ (پڻ ڏسو قرابيگ).

قلي جان ٢٠١.

قليچ خان ٢٥١، ٣٨٥.

قمبر خواجه ٢٢٧.

قوچ علي شاملو ١٨٦.

قوچ علي ڪرد ١٣٢، ١٣٢ح، ١٣٣، ١٣٤، ١٨٦.

ڪبيرالدين سيد (شهباز قلندر جو والد) ٣٢٨.

ڪبيرالدين ولد شمس الدين سيد ٣٢٨.

ڪبيرالدين ولد صدرالدين سيد ٣٢٨.

ڪرم علي جهلي ٣٢٩.

ڪرم علي خان ٽالپور مير ٣٣٦.

ڪرن سردار ١٧٣.

ڪمال الدين حسين (جان نثار خان) ٢٥٢، ٣٢٩.

ڪهوريو ١٧١، ١٩٩ح، ٣٠٢.

ڪهوريو ٽيپو ٢١٢.

ڪهوريو هندو ١٧١، ١٩٥، ١٩٧، ٣٠٢.

لاکو پٽ پريو سميجو ٢١٤.

لالو مهر ١١٣.

لطف‌الله ١٤٢.

لطيف بيگ ٢٣٥.

مان سنگهه (بڪر جو ديوان) ٢٤٥، ٢٤٨، ٢٤٩، ٢٥٨، ٣١٤.

مالڪ راءِ ١٩٧، ٢٠٣، ٣٠٢، ٣٠٤، ٣٠٥، ٣٠٦.

مائل ٣٦٥.

مبارڪ خان ١٣٤.

مجاهد مرزا ١٣٤.

محب علي ٺٽوي سنڌي ٣٣٠.

محبت چاڪر ١٤٦.

محمد مرزا ١٤٨.

محمد بن امام زين العابدين علي ٣٢٨.

محمد بن زنده علي بيگ ١٤١ح.

محمد باقر ٣٦٩.

محمد باقي ترخان ١٥٩، ١٥٩ح، ١٨٢، ١٨٦ح.

محمد بغدادي شيخ ٣٣١.

محمد حسين قاضي ٣٧٠.

محمد حڪيم مرزا ٣٤٥، ٣٥١، ٣٦٠.

محمد خان سيد ٣٣٠.

محمد خان شهيد (ولد سلطان بلبن) ٣٢٥.

محمد خان لیازي میان ١٦٠ح.
محمد رضا بیگ ٢٣٩.
محمد شفیع لاهوري ٣٣٢.
محمد صادق خان ١١٧ح.
محمد عدل میر (میر سید محمد)
١١٥، ١١٥ح، ١١٦.
محمد علي بیگ بندري ١٢٢ح،
٢٤٥، ٢٧٤، ٣١٤، ٣٨١،
٣٨٢.
محمد هادي خان ٢٧٤.
محمود ١٨٦.
محمود شاه ولد سید احمد شاه
٣٢٨.
مخدوم جلال جهانیان ١٥٧.
مرتضی سبحالي سید ٣٢٨.
مرتضی خان ثاني ١٣٩، ١٣٩ح،
٢٣٩، ٢٤٦، ٣٧٧، ٣٧٨.
مرزا انور ١٩١، ١٩٢، ٣٤٢.
مرزا حسین ٣٧٩، ٣٨٠، ٣٨٢.
مرزا حکیم ٣٤٥، ٣٥١، ٣٦٠.
مرزا رستم ٣٣ح، ١٣٨ح، ٣٥٨،
٣٥٩.
مرزا غیاث ٢٨٨ح، ٣٧٦ (ڏس
اعتقاد الدولہ).
مرزا مجاهد ١٣٤.
مرزا محمد (یوسف میرڪ چو
پاڻهو) ١٤٨.
مرزا یوسف (احمد بیگ جو پاٹ)
٢٣٩، ٢٤١، ٢٤٣، ٢٤٤،
٢٤٧.
مرید سردار ٢٢٣، ٢٢٤.
مصطفی خان (سید بایزید بخاري)
٢٣٤.
مظفرحسین قنداري ٢٤٦، ٣٦٦.
مظفر خان معموري (میر عبدالرزاق)
١٣٨، ١٣٩، ١٤٤، ١٤٦،
١٤٧، ١٤٨، ٢١٥، ٢١٦،
٣٦٤، ٣٦٥.
معصوم بکري میر ١١٠ح، ١١١،
١١٤ح، ١١٧، ١١٧ح، ١١٨،
١٢٣، ١٢٤، ١٢٨ح، ١٦٠ح،
١٨٣ح، ١٩٣، ١٩٤ح.
مقصود بیگ ١٨٣.
ملا راجو ٢٢٧.
ممتاز محل (ارجمند بانو) ٢٨٨ح.
مناهیو دل ١٤٥، ١٤٧.
منظور چاکر ٢١٢، ٢١٣.
موسو ڀنور ١٦٣، ١٩٢.
موسی خان افغان ١٤٠.
مولوي خان محمد لوحاڻي ١٨٨ح.
موندر ١٨٨ح.
مهدي سلطان ٢٣٧، ٢٣٨.
میان پڏو ٣٦٩.
میان دولت خان لودي ١٦٠ح.

ميان مير سندي ٣٢٨.
مير پت عيسو پهنور ٣٠٣.
مير ابڑو ١٢٢.
مير عاقل ٢٣٢، ٢٣٤.
مير عدل ١١٥، ١١٥ح، ١١٦.
مير فاضل ١١٣، ١١٤، ١١٤ح.
مير كامل ٢١٥.
مير مائل ٣٦٥.
مير هاشم ٢٤٥، ٢٤٦.
ميران جيو (سيد بايزيد بخاري) ٣٧٠.
ميران سيد جلال ٣٦٩، ٣٨٤.
ميران سيد محمد بخاري ٣٨٤.
ميران صدرجهان ١١٠، ٣٥٥.
ميران عبدالكريم ١٦٢، ١٦٥ح.
ناتالو (سردار) ٢٢٢.
نارو ١٤٣.
نامي (ميرمعصوم) ١٦٠.
ناهيد بيگم ٢٨١.
نصيرالدين ولد مخدوم جعفر ٢٨٤.
نعمت الله ٢٥٧.
نمكين (مير ابوالقاسم) ٣٥٣.
نندو ابڑو ١٢٢ح.
نندو چانڊ ٢٨٣.
نواب بختيار بيگ ١٣١ح.
نورالله ١٤٧.
نورالدين ولد سيد اسماعيل ٣٢٨.
نورجهان بيگم ٢٧٠، ٢٨٨، ٣٧٥، ٣٨١.
نورشاه ولد سيد محمود شاه ٣٢٨ح.
نوروز بيگ ٢٣٦، ٢٣٧.
نوشيروان عادل ٣١٨.
وتراج ٣١٤.
ولسن ڈاكٽر ١٥٧ح.
ونس گوپال ٣١٤.
هاشم مير ٢٤٥، ٣٤٦.
همايون بادشاه ١٦٨.
هندوخان ١٤٣.
هنري كزنس ١٥٧ح.
يار محمد كوكه ٢٣٣، ٢٣٥.
يعقوب بوبكائي ١٦٢، ١٦٥ح.
يعقوب بيگ ولد ابراهيم بيگ ٢٤٣.
يمين الدولہ (آصف خان) ١٢٢ح، ٢٨١، ٣٦٣، ٣٧٦، ٣٧٧، ٣٧٨، ٣٨١.
يوسف سمجو ١٤٠.
يوسف محمد خان ٣٨٦.
يوسف ميرك (مؤلف مظهرشاهجهاني) ١٦٦، ٢٠٤، ٢١٠، ٢١٧، ٢١٨ح، ٢٢٠، ٢٢٨، ٢٤٤، ٢٤٥، ٢٨٤، ٣١٨.

قومون ۽ قبيلا

آبڙا ۱۲۰، ۱۲۱، ۱۶۱.
ارغون ۱۶۲، ۱۸۱.
انڙ ۱۷۶، ۱۹۷، ۲۹۶.
اوٺا ۱۷۵.
اوزبڪ ۱۴۴، ۲۱۰، ۲۲۵، ۲۲۶، ۲۲۷، ۲۲۹، ۲۳۰.
باريجا ۲۲۰، ۲۲۱.
ٻڙدي ۱۲۰، ۱۲۱.
ٻکيجا ۱۲۰، ۱۲۱، ۱۶۱، ۱۶۵، ۱۷۵.
بوبڪ ۱۶۴.
ٻهڻ ۱۱۶، ۱۴۹.
ڀيبر ۱۴۲، ۱۴۴، ۱۴۸، ۱۵۰، ۳۰۲.
ٻروچ ۱۳۳، ۱۳۵، ۱۵۹، ۱۸۹، ۱۹۱، ۲۲۲، ۲۹۴.
ڀکهيا ۲۷۹.
پاڻ ۱۶۴، ۱۷۵.
پچا ۱۶۵، ۱۶۵ح.
ترخان ۱۳۷، ۱۴۲، ۱۴۳، ۱۵۲، ۱۶۲، ۱۸۱، ۲۸۲.
ترڪ ۱۱۱، ۱۷۱، ۲۳۱، ۲۵۱ح.
ترڪمان ۱۸۳، ۱۹۲.
تهيم ۲۴۱.
ٿيٻا ۱۶۱، ۱۶۲، ۱۷۵، ۱۷۶، ۲۰۱، ۲۸۰.
ٽالپور ۳۳۶.
ٿناڻ ۱۳۱، ۱۳۱ح، ۱۳۲، ۱۳۴، ۲۷۴.
ٽريا ۱۶۱، ۱۷۵، ۲۷۹.
ٽلي ۱۷۱.
ٽليجا ۱۴۲.
ٽهنور ۱۱۱، ۱۶۱، ۱۶۳، ۱۶۴، ۱۶۵، ۱۷۰، ۱۷۷، ۱۹۱، ۱۹۲، ۱۹۴، ۱۹۵، ۱۹۶، ۲۲۰، ۲۳۵، ۲۳۹، ۲۴۷، ۲۴۸، ۲۷۷، ۳۰۳، ۳۰۴.
ٽني ۱۳۱، ۱۳۱ح، ۱۳۲، ۱۳۴.
جتوئي ۱۲۰.
جوکيا ۱۵۱، ۱۵۲.
جوڻيجا ۱۶۱، ۱۶۹، ۱۷۵، ۲۷۹.
چانڊيا ۱۲۱، ۱۶۲، ۱۷۸، ۱۷۹، ۱۸۲، ۱۹۱، ۱۹۲، ۲۰۱، ۲۱۲، ۲۱۹، ۲۲۰، ۲۴۷، ۲۴۹، ۲۷۵، ۲۸۰، ۲۸۲.
چرڪس ۱۸۷.
خاساڻي شورا ۱۴۵، ۱۴۶، ۲۱۸.
خلجي ۱۶۴.

خواجا ١٦٣، ١٦٥.
داور ٣٠٤.
دراوڙ ٢٢١.
دردشت ١٢٠، ١٢١.
دل ١٤٤، ١٤٨، ١٥٠، ١٧٥، ١٧٦، ٣٠٢.
ديناري ١٢١، ١٢٩.
ڈاريجا ١١١، ١١٢، ١١٢ح، ١١٣، ١١٤، ١٧٦، ٢١٤، ٢٩٧.
ڈاهري ١٧١، ١٧٦.
ڈيتا ١٧١.
ڊومبكي ١٢١.
راجپوت ١٦٠، ١٧٧.
راچپر ١١٦، ١٧٥.
راهہ پوتا ١٦٤.
راهوجا ١٧١، ١٧٦، ١٧٨، ٢١٤، ٢١٧.
راهو ١٧٦.
رند ١٢١، ١٢٩.
زهري ١٣٥.
ساريا ١٧٦، ١٧٧.
ساند ١٧٦.
سانگي ١٢٠، ١٢١، ١٦١.
سما ١١١.
سميجا ١٩، ١٢٠، ١٢١، ١٢٢ح، ١٤٠، ١٤١، ١٤٧، ١٦١، ١٦٤، ١٧٢، ١٧٣، ١٧٥، ١٧٦، ١٧٩، ١٨٧، ١٩١، ١٩٥، ١٩٦، ١٩٧، ٢٠٠، ٢٠٣، ٢٠٥، ٢٠٧، ٢١٣، ٢١٤، ٢١٥، ٢١٦، ٢١٧، ٢١٨، ٢١٩، ٢١٩ح، ٢٢٢، ٢٢٨، ٢٣٨، ٢٤٧، ٢٤٩، ٢٥٠، ٢٥١، ٢٥٢، ٢٧٣، ٢٧٤، ٢٧٥، ٢٧٦، ٢٧٧، ٢٧٨، ٢٩٥، ٢٩٦، ٢٩٧، ٣٠٠.
سميجا الڙ ١١٩، ١٣٩، ١٤٠، ١٤١، ١٦٩، ١٧٠، ١٧٢، ١٧٣، ١٧٤، ١٨١، ١٨٢، ١٨٥، ١٨٦، ١٩٥، ١٩٦، ١٩٩ح، ٢٠٤، ٢٠٥، ٢٠٧، ٢٠٨، ٢٠٩، ٢١١، ٢١٢، ٢١٤، ٢١٥، ٢١٦، ٢٢٢، ٢٢٧، ٢٢٩، ٢٣٢، ٢٣٥، ٢٣٧، ٢٤٧، ٢٤٩، ٢٥١، ٢٥٢، ٢٦٢، ٢٧٢، ٢٧٨، ٢٩٧، ٣٠٠، ٣٠١.
سميجا اوٺا ١٧١.
سميجا ٻکيجا ١٦٤، ١٧٠، ١٧١، ٢٠٦.
سميجا ٽيپا ١٦٤، ٢٠١، ٢٠٧، ٢١٢، ٢٣٥.

سميجا پريا ۱۷۱۔
سميجا جوئيجا ۱۳۸۔
سميجا دل ۱۳۸، ۱۲۹، ۱۴۲،
۱۶۵، ۲۱۱۔
سميجا ڏاهري ۱۷۱۔
سميجا ساله ۱۳۸۔
سميجا کيريا ۱۳۸۔
سميجا کيبر ۱۳۸۔
سوڍا ۱۳۸، ۲۱۸۔
سهتا ۱۱۶، ۱۷۷، ۱۸۳، ۲۷۷۔
سيد ۱۱۲، ۱۱۲ح، ۱۶۴، ۱۶۷،
۱۶۸، ۱۶۹، ۲۸۹، ۲۹۶،
۳۰۱، ۳۱۴۔
شر بلوچ ۱۲۰۔
شورا ۱۴۲، ۱۴۳، ۱۴۴، ۱۴۶،
۱۴۸، ۱۴۹، ۱۵۰، ۳۰۲۔
شيخ ۱۶۴، ۱۷۰، ۱۷۱۔
عرب ۱۶۰ح، ۳۴۱۔
فيروزيجا ۱۷۶، ۱۷۸، ۲۱۴،
۲۱۷۔
قريشي ۱۶۳۔
کارا چالديا ۱۷۸، ۱۷۹۔
کتوهر ۱۲۱۔
کچار ۲۲۵ح۔
کرمتي بلوچ ۱۵۱، ۱۵۲۔
کوراڻي ۱۲۰۔
کوريجا ۱۴۲، ۱۶۷، ۱۶۹،
۱۷۰، ۱۷۱، ۱۷۷، ۱۹۴،
۱۹۵، ۱۹۶، ۲۷۷۔
کهيري ۱۲۸ح، ۱۳۷۔
کيريا ۱۷۶۔
کيبر ۱۷۵۔
ڳاهيجا ۱۶۸۔
ڳورا (ڳورا چالديا) ۱۸۷، ۱۷۹۔
لاشاري ۱۲۱، ۱۲۹۔
لاکا ۱۶۷، ۱۶۹، ۱۷۱، ۱۷۳،
۱۷۴، ۱۷۷، ۲۰۰، ۲۰۴،
۲۰۵، ۲۰۸، ۲۰۹، ۲۵۱،
۲۷۸، ۳۰۰، ۳۰۱۔
لاکير ۱۲۱، ۱۷۵، ۱۹۵، ۳۱۴۔
لنجار ۱۴۲۔
ماڇي ۱۱۳، ۱۶۳، ۱۸۸۔
مغل ۲۶۱، ۱۳۲، ۱۳۳، ۱۳۴،
۱۴۴، ۲۰۵۔
ملاح ۱۴۵، ۲۱۸۔
ملک ۱۶۱۔
مناهيجا ۱۷۸، ۲۱۴، ۲۱۷۔
منگسي ۱۲۱، ۱۲۹، ۳۰۴۔
منگواڻا ۱۷۶، ۲۱۴، ۲۱۵۔
مهاڻا ۲۴۹۔
مهديجا ۱۲۱۔
مهر ۱۱۱، ۱۲۰۔
ميراڻي ۱۵۳۔
ميندرا ۱۳۷۔

نارجا ۱۴۲.

لكامرا ۱۳۷.

نوت بلوچ ۲۹۱.

لوحاني بلوچ ۱۸۸، ۱۸۸ح،
۱۸۹، ۲۲۱، ۲۲۱ح، ۲۲۲،
۲۲۳، ۲۸۴، ۲۹۳.

نوسزيا ۱۴۳، ۱۵۰، ۱۵۱، ۱۷۹،
۱۸۲، ۱۸۸، ۱۸۹، ۲۰۱،
۲۱۴، ۲۲۲، ۲۲۳، ۲۲۵،
۲۲۶، ۲۳۶، ۲۳۷، ۲۳۸،
۲۴۷، ۲۴۸، ۲۵۰، ۲۸۲،
۲۹۶، ۳۰۸، ۳۱۰.

هالا ۱۷۷.

هالي پوتا ۱۷۰، ۱۷۲، ۱۷۷، ۲۷۸.

هندو ۱۵۸، ۱۵۸ح، ۱۶۵، ۱۹۵،
۳۸۳، ۳۰۵.

هوسزا ۱۴۵، ۱۴۶، ۲۱۸، ۲۴۳.

يوسف زئي ۳۴۵.

جاگرافيائي ماڳ

آگرو ٢٠٢، ٢١٠، ٣٤٧، ٣٦١، ٣٨٣.

آسري ١٦٧ح، ١٦٨، ١٦٨ح، ١٦٩، ٢٩٧.

آلڪي ٢٨٥.

اڙيجا (ڳوٺ) ٢٧٥، ٢٧٨.

آباوڙو ١١٩، ١٣٢، ١٣٣، ٢١٠، ٣٦١.

اجمير ٣٥٨، ٣٦٤.

اُچ ١٣١ح ٣٦٩.

ادرپيلي ١٦٩، ٢٩٨.

اراڙي ١٣٠، ٢٣٩، ٢٨٥.

اروڙ ١١١، ٢٧٣، ٣٣٨.

اڪبرآباد ١٦٣، ١٨٨، ١٨٩، ٢١٢، ٢١٩، ٢٣٥، ٢٣٩، ٢٤٠، ٢٤٧.

اڳناڙي ٢٨٥.

افغانستان ٣٣١، ٣٥٠.

انڙپور ١٦٠ح، ١٨٩، ١٨٩ح.

الون پيلو ١٤٩، ١٥٠، ١٥٩، ٣٠٢.

اوتل ٢٨٤.

اويس قرني جي نظرگاهه ١٥١، ٢٩٩.

باجارا ٢٨٦.

باجور ٢٠٤، ٢٠٤ح.

باقي جي ماڙي ١٥٩.

بارڪان ١٣٠.

باغبان ١١٣، ١١٣ح، ١٦١، ١٦٢، ١٦٢ح، ١٦٣، ١٧٨، ١٧٩، ٢٠١، ٢٠٧، ٢١٢، ٢١٩، ٢٣٣، ٢٣٥، ٢٣٦، ٢٤٧، ٢٧٩، ٢٨١، ٣٠٧.

بچراهه ١١٥ح.

بدين ١٤٦، ٢١٦ح.

برهمڻ آباد ٣٣٨، ٣٣٩، ٣٤٠، ٣٤١.

بکر سرڪار ١٠٩، ١١١، ١١٢، ١١٣، ١١٣ح، ١١٤، ١١٥، ١١٥ح، ١١٦، ١١٦ح ١١٧ح، ١٢٠، ١٢١، ١٢٢ح، ١٢٦، ١٣٠، ١٣١، ١٣١ح، ١٣٢، ١٣٢، ١٣٣ح، ١٣٤، ١٤١، ١٤١ح، ١٤٩، ١٥٨، ١٦٠ح، ١٦١، ١٦٦، ١٧٥، ١٧٧، ١٧٨، ١٩١، ١٩١ح، ١٩٩، ٢٠١، ٢٠٢، ٢٠٣، ٢٠٤، ٢٠٦، ٢١٦، ٢٤٥، ٢٤٦،

۲۴۸، ۲۵۷، ۲۶۱، ۲۶۲،
۲۷۲، ۲۷۴، ۲۷۵، ۲۷۷،
۲۷۸، ۲۷۹، ۲۸۵، ۲۹۸،
۳۰۴، ۳۱۲، ۳۱۳، ۳۱۴،
۳۱۵، ۳۴۲، ۳۴۳، ۳۵۱،
۳۵۸، ۳۶۰، ۳۷۰، ۳۷۱،
۳۷۹، ۳۸۰، ۳۸۱، ۳۸۲.

بلگرام ۳۳۰.

بنگال ۲۴۲، ۳۴۷، ۳۶۴.

بوهڪ برڪيو ۱۶۴، ۱۷۲، ۲۲۰،
۲۲۱، ۲۲۳، ۲۲۴، ۲۴۷،
۲۵۴، ۲۸۱، ۲۸۳، ۲۸۴،
۲۸۶، ۲۹۳.

ٻهڻ وارو گهٽ ۱۴۹.

ڀهڻ وارو ڪوٽ ۱۹۵.

ٻيدا پور ۱۸۹، ۱۸۹ح.

ٻهٽو ۲۰۱، ۲۰۱ح.

ٻيري (ڪوٽ) ۱۹۵.

ٻيلي شيخ سمون ۲۹۶.

پانيرا ۲۲۸.

پت (جهلم درياهه) ۲۳۴ح.

پچراهه ۱۱۵ح.

پوترو (پٽڙو) ۲۹۵.

ٻات ۱۳۰، ۱۳۰ح، ۱۹۲، ۱۹۲ح،
۱۷۹، ۲۰۷، ۲۴۷، ۲۸۵.

پاهتي ڪوٽ ۲۸۹.

پٽنه ۳۶۹.

ٺيجي ۱۷۱.

ٻرباڙي ۱۷۸.

ٺلي سمون (ڪوٽ) ۱۳۹.

پنجاپ ۳۴۲.

ٻوهني (ڪوٽ) ۱۲۲ح.

ٻير نوهڻ جي مزار ۲۵۰.

تاٻڪ ۲۸۵.

تبريز ۳۳۰.

تهو سميجن جو ۱۷۳.

تهو لاکن وارو ۱۷۳.

توران ۳۶۷.

تيرٿ ڏارا ۲۹۸.

ٺيهن جو ڪوٽ ۱۶۱.

ٺٽو ۱۱۶، ۱۱۷ح، ۱۲۲ح، ۱۳۶،
۱۳۷، ۱۳۸، ۱۳۸ح، ۱۴۳،
۱۴۴، ۱۴۶، ۱۴۷، ۱۴۸،
۱۵۰، ۱۵۱، ۱۵۳، ۱۶۰ح،
۱۷۵، ۱۷۸، ۱۸۰، ۱۹۰،
۱۹۴، ۱۹۵، ۲۰۲، ۲۱۱،
۲۱۱ح، ۲۱۵، ۲۱۶، ۲۱۷،
۲۲۳، ۲۳۴، ۲۳۴ح، ۲۳۹،
۲۴۶ح، ۲۴۸، ۲۵۸، ۲۶۱،
۲۶۲، ۲۷۳، ۲۷۸، ۲۷۹،
۲۹۸، ۳۰۵، ۳۱۰، ۳۱۱،
۳۱۲، ۳۳۱، ۳۳۳، ۳۴۳،
۳۴۴، ۳۵۷، ۳۵۸، ۳۵۹،
۳۶۰، ۳۶۱، ۳۶۲، ۳۶۳،
۳۶۴، ۳۷۱، ۳۷۲، ۳۷۳،
۳۷۴، ۳۷۷، ۳۷۸.

ٺٽي (ڳوٺ) ١٤١، ١٦٩، ٢٩٦.

ٺٽي ولي محمد ١٦٨، ١٦٨ح، ٢٩٦.

ٺرڙهي ٢٠١، ٢٠١ح، ٢٢٥، ٢٨٩، ٢٩٤.

ٽکر پرڳڻو ١٢١، ١٢٦، ٢٦١، ١٦٤، ٣١١، ٣١٤.

ٽلٽي ١٧١، ٣٠١.

ٽهٽي ٢٢٣، ٢٢٣ح، ٢٧٦.

جالڙو (جالهري) ٢٠٧.

جتوئي پرڳڻو ١٢٠، ٣١١.

جلال آباد ٢٠٣.

جندائي ديرو ٣٠٦.

جوکي هرني ١٢٢ح.

جوڻ سرڪار ١٦٠.

جوڻيجا پرڳڻو ١٧٧، ١٩٥، ١٩٩، ٢٠٥، ٢٧٢، ٢٧٧، ٣٠٠، ٣٠١.

جوڻيجن جو ڳوٺ ٢١٦، ٢٤٥.

جيسروت ١٦٩، ٢٩٨، ٣٠٠.

جيسلمير ١١١، ١١٩، ١٤٨، ١٧٧، ١٩٧، ٢٠٦، ٢٠٧، ٢١٣، ٢٧٣، ٢٧٥، ٢٧٩.

جيڪب آباد ٣٠٩.

جهانگارا ٢٨٦.

حسن ابدال ٣٥٠.

حويلي سيوهڻ پرڳڻو ١٧٩، ١٨٩، ٢٠٠، ٢٠١، ٢٢٣، ٢٢٤، ٢٣٨، ٢٤٧، ٢٧٢، ٢٨٥، ٢٨٦، ٢٩٣، ٢٩٥، ٣٠٠، ٣٠١.

خاسائي شورا ١٤٥، ١٤٦، ١٤٨، ١٤٩، ١٨٩.

خراسان ٣٤٦.

خطو پرڳڻو ١٧٠، ١٧٢، ١٧٣، ١٧٧، ٢٠٠، ٢٠٥، ٢٠٧، ٢١٤، ٢١٦، ٢٤٧، ٢٧٢، ٢٧٤، ٢٧٥، ٢٩٥، ٣٠٠، ٣٠١.

خولي برج ١١٤.

خواجه خضر جو آستان ١١٠.

چاچڪان (سرڪار) ١٣٧، ١٤٦، ١٥٩، ٢١٦ح.

چاڪر هالا (سرڪار) ١٣٠، ١٤٣، ١٤٦، ١٥٠، ١٥١، ١٧٩، ١٨٩، ١٩٠، ٢١٦ح، ٢٦١، ٣٠١، ٣٠٨، ٣٠٩، ٣١٠، ٣١١.

چالڊڪا پرڳڻو ١١٣، ١١٧ح، ١٢٢ح، ١٢٦، ٣٠٤، ٣١١، ٣١٤.

چولي ٽڪري ١٧٩.

چٽ ١٢٨، ١٢٨ح.

ڇڇر ١٦٣.

ڇڇر لنيدا ١٦٧.

ڇڇر وڏا ١٦٧.

ڇني ڪوٽ ١٦١، ٢٠١، ٢٠١ح، ٢٢٣ح.

دادو ٢٠١ح، ٢٢١ح، ٢٢٣ح، ٢٢٧ح.

داديجي واهه ٢٢٤.

داڙو بنه ١٤٧، ٢١٢.

دربيلو ١١٦، ١١٧ح، ١١٨، ١٢٢ح، ١٤١، ١٤٩، ١٧٧، ٢٠١، ٢٧٣، ٢٧٥، ٢.

درگاهه ماني رولجهي ٢٠٠ح.

دري (قلعو) ١٢٠.

دکن ٣٤٧، ٣٦٩ح.

دولت‌آباد ٢٢٩.

دهلي ٣٨٣.

ديجر ١١٥.

ديهه ڪوٽ ٢٠٠.

ڊومڪ ٢٨٥.

ڏيڙاڻ ١٧٧، ٢٠٣، ٢٠٧، ٢١٧.

رفيعان ٢١٦.

روهڙي ١٠٩، ١١١، ١١٤، ٣٥٣، ٣٦٢.

ريل ڊنيد ١٧٠.

ساڌ ٻيلو ١١٠.

ساڌر ٢٨٥.

ساڪرو ١٥١.

سال (ڪوٽ) ١٧٦.

سامتاڻي ١٩٥، ٢٤٢.

سالڪپور (سکپور) ٢٩٥.

سانڪڙو (ساڪرو درياهه) ٢٠٦.

ساوو واهه ٢٨٣.

ساهتي ١٨٦.

ساڙو گنبذ ١١٠.

سبي ١١٣، ١٢١، ١٢٧، ١٢٨، ١٢٩، ١٣٠، ١٣٠ح، ١٣١، ١٣١ح، ١٣٢، ١٣٣، ١٣٤، ١٣٥ح، ١٤٢، ١٤٢ح، ١٨٣ح، ١٩٣، ١٩٤ح، ٢٠١، ٢٠٢، ٢٠٣، ٢٧٤، ٢٨٠، ٣٠٧، ٣١١، ٣١٤.

ست گهريون ٢٢١ح.

سروا ١٢٨.

سرواهه ١٢٨ح.

سرولج ٣٨٠.

سڪرنڊ ١٧٣ح.

سکر ١١٠، ١١١، ١١٤، ١٢٠، ٣٠٩ح.

ساواتي پرڳڻو ١٣٨، ١٣٩، ١٤٠، ١٤٢، ١٧٦، ٢١١.

سن پرڳڻو ١٤٩، ١٦٧، ١٦٧ح، ١٦٨، ١٦٩، ١٧٣، ١٧٤، ١٧٩، ١٨٨، ١٨٩، ١٩٠، ٢٠٠، ٢٠٠ح، ٢١٥، ٢٢٣، ٢٢٦، ٢٣٧، ٢٤٧، ٢٥٠،

۲۶۰، ۲۷۲، ۲۹۶، ۲۹۷،
۲۹۸، ۲۹۹، ۳۰۱.
سنڌ ۱۱۱، ۱۱۲، ۱۱۳ح، ۱۱۷ح،
۱۲۵، ۱۶۰ح، ۱۶۱، ۱۶۲ح،
۱۸۳ح، ۲۶۰، ۲۶۰ح، ۲۶۱،
۲۷۶، ۲۸۷، ۳۰۹، ۳۰۹ح،
۳۱۱، ۳۲۶، ۳۳۱، ۳۳۳،
۳۳۵.
سولهري ڍاليہ ۱۹۶، ۱۹۷.
سيتا سر ۱۱۰.
سيٺ پور ۱۱۰، ۱۳۰، ۱۳۰ح،
۱۵۷.
سيٺارجا ۳۴۳.
سيدن جو ڳوٺ ۲۹۶.
سيڪڙجي ۳۰۳.
سيوهڻ (سرڪار) ۱۱۳، ۱۱۳ح،
۱۱۹، ۱۲۱، ۱۲۸، ۱۳۱ح،
۱۳۸، ۱۳۹، ۱۴۲، ۱۴۳،
۱۴۴، ۱۴۵، ۱۴۶، ۱۴۷،
۱۴۸، ۱۴۹، ۱۵۰، ۱۵۲،
۱۵۷، ۱۵۷ح، ۱۵۹، ۱۶۰ح،
۱۶۱، ۱۶۳، ۱۶۴ح، ۱۶۵،
۱۶۶، ۱۶۷، ۱۶۸، ۱۷۲،
۱۷۳، ۱۷۷، ۱۷۸، ۱۷۹،
۱۸۰، ۱۸۲، ۱۸۳، ۱۸۳ح،
۱۸۶، ۱۸۷، ۱۸۹، ۱۹۱،
۱۹۲، ۱۹۲ح، ۱۹۴، ۱۹۵،
۱۹۶، ۱۹۸، ۱۹۹، ۱۹۹ح،
۲۰۱، ۲۰۱ح، ۲۰۲، ۲۰۳،
۲۰۴، ۲۰۴ح، ۲۰۵، ۲۰۶،
۲۰۷، ۲۰۸، ۲۰۹، ۲۱۰،
۲۱۱، ۲۱۲، ۲۱۵، ۲۱۶،
۲۱۸، ۲۱۹، ۲۲۰، ۲۲۱،
۲۲۱ح، ۲۲۲، ۲۲۳، ۲۲۴،
۲۲۵، ۲۲۶، ۲۲۷، ۲۲۸،
۲۳۰، ۲۳۳، ۲۳۵، ۲۳۶،
۲۳۸، ۲۳۹، ۲۴۱، ۲۴۲،
۲۴۴، ۲۴۵، ۲۴۹، ۲۵۰،
۲۵۵، ۲۵۷، ۲۵۹، ۲۶۰،
۲۶۱، ۲۶۲، ۲۶۳، ۲۶۶،
۲۷۲، ۲۷۳، ۲۷۵، ۲۷۸،
۲۷۹، ۲۸۱، ۲۸۲، ۲۸۳،
۲۸۵، ۲۸۶، ۲۸۷، ۲۸۹،
۲۹۲، ۲۹۳، ۲۹۴، ۲۹۵،
۲۹۷، ۲۹۸، ۲۹۹، ۳۰۰،
۳۰۱، ۳۰۲، ۳۰۳، ۳۰۴،
۳۰۸، ۳۰۹، ۳۱۰، ۳۱۱،
۳۱۲، ۳۲۶، ۳۳۰، ۳۳۱،
۳۳۳، ۳۳۵، ۳۳۶، ۳۶۶،
۳۷۲، ۳۷۶، ۳۸۴.
شال (ڪوٽڙي) ۱۷۶، ۱۷۶ح،
۲۱۶ح.
شال ڪوئيٽا ۱۱۲.
شاھ حسن جو ڳوٺ ۲۲۳.

شڪارگاهه ١٧٨.
صاٻو واري ڍنڍ ٢١٣.
صاٻو (ڳوٺ) ١٧٨، ٢٠٧.
صفه صفا ١٠٩، ١۴١ح، ١٥٨،
٣٥٣، ٣٦٢.
صفه وفا ١٥٨.
صيدگر (سعد ڳوٺ) ٢٠٧، ٢٠٨.
طغرل آباد ١٣٦.
عجم ٣٧٣.
عراق ١٣٦، ٢٣٠، ٣٧٣، ٣٧٥.
عزيزاڻي ٢٨٦.
فتح پور پرڳڻو ١٢٢ح.
فرانگ ١٣٦.
قلجي ١٦٢، ١٦۴ح، ٢٧٩.
قاضي احمد (شهر) ١٧٣.
قندار ١١١، ١٣٠، ١٣٠ح، ١٣١ح،
١۴٣، ١۴۴، ١۴٨، ١۴٩،
١٦٢، ١٦٩، ١٩۴، ١٩۴ح،
٢٢٦، ٢٢٧، ٢٢٨، ٢٢٨ح،
٣۴٥، ٣۴٦، ٣۴٧، ٣۴٨،
٣۴٩، ٣٥٠، ٣٥١، ٣٥٢،
٣٥٩، ٣٦٠، ٣٦٨.
ڪابل ١٥٩، ٢٠٢، ٣۴٥، ٣۴٩،
٣٥٠، ٣٦٠، ٣٦٩.
ڪاڻڙي (ڪاڻڙو) ١٧٨، ٢٠٧.
ڪاچو ٢٨٠، ٢٨١، ٢٨٢، ٢٨۴.
ڪاڪو (قلعو ۽ ڳوٺ) ٢٢٧،
٢٢٨، ٢٧٥، ٢٧٨.
ڪاڪڙي پرڳڻو ١١۴، ١١٧ح.
ڪاپو جبل ١٧٩.
ڪالڪڙو (پارٽ) ١۴٧.
ڪانهري (قلعو) ١۴٩، ١٥٩،
١٥٩ح، ١٩٥.
ڪاني ٢٢١، ٢٢١ح، ٢٩٣.
ڪڇي (ڳوٺ) ٢٢٥، ٢٣٨.
ڪتوهڙ ڍنڍ ٢١٥.
ڪشمير ١٥٩.
ڪلان ڪوٽ ١٣٦.
ڪنبذ ١١٥.
ڪن ١٣٠.
ڪنڌ ڪوٽ ١٦١.
ڪنور ڪوٽ ١٩١.
ڪنو ڪوهه ١١٦.
ڪونڙي ٢٨٦.
ڪوئلي ١١٢.
ڪوراڻو ٢٨٥.
ڪور ١٢٨، ١٢٨ح.
ڪوهستان ١٣٥، ١٧٩.
ڪوهيار (قلعو) ١٢٣، ١۴٣، ١٥٩.
ڪونيتيا ١١٣ح.
ڪهير واري ماڙي ١٢٧.
ڪيچ مڪران ١٣٢، ١٥٩، ٢٠٨،
٢٠٩.
ڪيهر راهه جي ماڙي ١٢٧.
ڪالوٽ ١٨٩ح.

کپڙوٽ ۲۹۵.
ڪجي (ڳوٺ) ۲۸۶.
ڪروتي ۲۸۵.
ڪماڻ ۱۶۷، ۱۸۹ح.
ڪمرد قلعو ۳۵۶، ۳۵۶ح.
ڪيبر پرڳڻو ۱۴.
ڪيبر ڳوٺ ۱۴.
ڳجر (ڳوٺ) ۲۰۰، ۲۰۰ح، ۲۰۸، ۲۱۰.
ڳجرات ۱۱۷ح، ۲۶۰، ۲۶۱، ۳۴۷.
ڳچيرو ۱۹۶، ۱۹۶ح، ۲۶۰، ۲۷۷.
ڳرم پاڻي جو چشمو ۱۲۹.
ڳڙلڪ ۲۷۵، ۲۷۷.
ڳنجابو ۱۲۹، ۱۳۰، ۱۳۰ح، ۱۳۱ح، ۱۳۲، ۱۳۲ح، ۱۳۳، ۱۴۲، ۲۸۰، ۳۰۷، ۳۱۱، ۳۶۱.
ڳندرف جو چشمو ۱۲۸، ۲۹۸.
ڳوپالڪ (ڳوٺ) ۱۸۹ح.
ڳاها پرڳڻو ۱۶۲، ۱۶۴، ۱۶۴ح، ۱۶۸، ۱۷۹، ۱۹۱، ۱۹۵، ۱۹۷، ۱۹۹، ۲۰۵، ۲۱۹، ۲۲۳، ۲۴۵، ۲۴۷، ۲۸۱، ۲۸۲، ۲۸۳، ۲۸۵، ۳۰۲، ۳۰۳، ۳۰۴.
ڳاهيجا ۱۶۸.
لاڙڪاڻو ۲۰۹ح، ۳۲۶.
لاڪا ۱۸۹ح.
لاڪاٽ پرڳڻو ۲، ۱۷۳ح، ۱۷۶، ۱۷۷، ۱۸۶، ۲۱۹، ۲۳۲، ۲۳۴، ۲۳۵، ۲۷۲، ۲۷۴، ۲۷۵، ۲۷۹، ۳۰۰، ۳۰۱.
لانڪياهن جي ريڙي ۲۱۰
لاهري ۱۸۲، ۳۸۱.
لاهري بندر ۱۱۲.
لاهور ۱۱۷ح، ۲۳۲، ۲۸۸ح، ۳۴۵، ۳۴۷، ۳۴۸، ۳۴۹، ۳۵۱، ۳۵۶ح، ۳۸۳.
لڏو ڪاڪن پرڳڻو ۱۱۱، ۲۷۳.
لشڪري (لڪري) ۱۷۹.
لڪي جبل ۱۵۹، ۱۷۲.
لڪي ڳوٺ ۱۶۸، ۱۶۹، ۲۹۶، ۲۹۷، ۲۹۸.
لڪنو ۳۵۵.
لنجارن جو ڳوٺ ۲۹۶.
لنڊو جبل ۲۱۲.
مائيلو ۱۱۱، ۱۱۹، ۱۳۴، ۱۷۳، ۳۱۴.
ماچين جو ڳوٺ ۱۶۳.
مارو ڪهيري ۱۲۷.
مارئي واهه ۲۸۰.
مالوا ۳۶۵.
مالجهنه ۱۶۷، ۱۸۹ح.

محالستان ۱۱۷ح.
محراب پور ۲۰۰ح.
مرله ۳۳۰.
مستونگ ۳۸۰.
معمورآباد ۳٦۴.
مکلي ۱۴۹ح، ۳۷۳.
ملتان ۱۱۱، ۱۱۹، ۱۳۱ح، ۱۳٦، ۱۳۹ح، ۱٦۰ح، ۱۷۸، ۱۹۱ح، ۲۱۲، ۲۲۸، ۲۴٦، ۲۴٦ح، ۲۵۹، ۳۲۵، ۳۲٦، ۳۴۳، ۳۵۰، ۳٦۷، ۳۷٦، ۳۸۷.
منچر ڍنڍ ۱۲۸، ۱٦٦، ۱٦٦ح، ۱٦۷، ۱۹۱، ۲۲۲، ۲۸۳، ۲۹۵.
منديجي وارو کهيڙ ۲۰۷.
منديجي وارو گهٽ ۲۲۲، ۲۴۹.
منهه (گوٹ) ۱۲۲ح.
موراهه ۱۲۹، ۱۲۹ح.
مورو ۱۹٦ح.
مها ڍنڍ ۱٦۳، ۲۸۰.
مهراڻ (گوٹ) ۲۰۰، ۲۱۴.
مهري وارو گهٽ ۲۰۷.
نار ۱۴٦، ۱۵۸، ۲۲۳، ۲۲۴، ۲۲۴ح، ۲۲٦، ۲۳٦، ۲۳۸، ۲۸٦.
ناريلو (قلعو) ۱۵۱.
نجف اشرف ۳٦۴.
نصرپور (سرڪار) ۱۳۷، ۱۳۸، ۱۴۳، ۱۷۷، ۱۸٦، ۱۸٦ح، ۱۸۷، ۱۹۰، ۲۰۲، ۲۰۵، ۲۰٦، ۲۰۷، ۲۰۸، ۲۰۸ح، ۲۱٦، ۲۸۳، ۲۷۸، ۳۰۵، ۳۰٦، ۳۵۲.
نگر ۱۸۷.
نواب شاهه ۱۷۳ح ۱۹٦ح.
نواري ۱٦۰.
نئيڪ ۱۸۸ح، ۲۲۱، ۲۲۱ح، ۲۲۲، ۲۹۳، ۲۹۳ح، ۲۹۵
نئين بدو ۱۰۹ح.
نيرون ڪوٹ ۱۴۴، ۱۴۵، ۱۴٦، ۱۴۷، ۱۵۰، ۱۵۱، ۱٦۳، ۱٦۵، ۱۹۷، ۲۱٦ح، ۲۸۱، ۲۸۵.
نيهه پهره ۱۰۹.
واهي (گوٹ) ۲۴۰.
ونڪار ۱۴۳، ۱۵۹.
وينجهڙو ۱۴۱، ۱۷۸، ۱۸۷، ۱۹٦، ۱۹۷، ۲۰۰، ۲۰۷، ۲۱۴، ۲۱۵، ۲۱۸، ۲۱۹،

٢٥٢، ٢٧٨، ٢٧٩، ٣٠٠،
٣٠١.
هارون لكري ١٤٩.
هارون لبي جي مزار ٢٩٨.
هالا ١٣٩، ١٤٠، ١٤١، ١٤٢،
١٤٣، ١٧٧.
هالاكندي (سركار) ١٧٧،
٢٠٦، ٢١٥، ٢١٦، ٢٧٣،
٢٧٥، ٢٧٨.
هرات ٣٤٥، ٣٤٧.
هندستان ١٣٤، ١٤٧، ٢٣٠،
٢٤٦، ٢٨٧، ٣١١، ٣٢٦،
٣٣٠، ٣٣١، ٣٥٠، ٣٦٠،
٣٦٤، ٣٦٧، ٣٧٥.

كتاب

ائين اكبري ۹٦٩ح.
اخبارالاولياء ۳۲۸، ۳۲۹.
اكبرنامه ۱۱۵ح، ۱۳۱ح، ۱۸۳ح،
۲۰۲ح، ۳۴۴.
البصارت في العمل بالا شارت
۱٦۵ح.
المقالت في مرمت الخزات ۱٦۵ح.
باد شاه نامه ۱۳۹ح، ۳۷۲،
۳۷۹.
بركات الاولياء ۳۲۷، ۳۳۹.
برلي ۳۲۵، ۳۳۱.
بوستان سعدي ۱۸۳.
بيگلار نامه ۱۳۸ح، ۱۸۳ح، ۱۸٦ح،
۳۰٦.
تاريخ الاولياء ۳۲۸، ۳۲۹.
تاريخ امروهه (اردو) ۱۱۵ح.
تاريخ طاهري ۳۰٦، ۳۴۰.
تاريخ سند ۱۱۱، ۱۱۱ح، ۱۱۲ح،
۱۱۳ح، ۱٦۰ح، ۱۸۲ح،
۲۵۹، ۲٦۰ح، ۲٦۱ح.
تاريخ فيروزشاهي ۲۵۹ح، ۲٦۰ح،
۳۲۵.
تاريخ معصومي ۱۱۱، ۱۱۱ح،
۱۱۲ح، ۱۱۴ح، ۱۱۵ح،
۱۱٦ح، ۱۱۷ح، ۱۲۰ح،
۱۲۷ح، ۱۲۸ح، ۱۲۹ح،
۱۳۰ح، ۱۳۴، ۱۳۴ح، ۱۳۵ح،
۱۴۱ح، ۱٦۰ح، ۱٦۲ح،
۱۸۲، ۳۲۵، ۳۷۹، ۳۸۱.
تحفة الكرام ۱۳۳ح، ۱۵۸ح،
۲۱۱ح، ۲۳۴ح، ۳۲۵، ۳۲٦،
۳۲۷، ۳۲۸، ۳۳۸.
تذكرة الانساب ۳۲۸، ۳۲۹.
تذكرة الفقرا ۳۲۷، ۳۲۹.
تذكره اميرخاني ۱۳۸ح، ۱۴۱ح،
۲۰۴ح، ۲۰٦ح، ۳۵۴، ۳٦۱.
تذكره مشائخ سند ۳۳۰.
تذكره مشائخ سيوستان ۳۳۲،
۳۳۳، ۳۴۰.
ترخان نامه ۳٦۱، ۳٦۴.
تزك جهانگيري ۲۲۸ح ۲۳۴ح،
۳۴٦، ۳۴۸، ۳۴۹، ۳۵۱،
۳۵۹، ۳٦۴، ۳٦٦، ۳۷۱،
۳۸۴.
تعليقات مكلي نامه ۱۸۲.
حاصل النهج ۱٦۵ح.
حل العقود في طلاق السنود
۱٦۵ح.

ات نامہ قلندري ۳۲۶، ۳۲۷،
۳۲۸.
ینة الاصفیاء ۳۲۷، ۳۲۸، ۳۲۹.
ہرة الخوانین ۱۱۵ح، ۱۱۶ح،
۱۳۳ح، ۱۳۹، ۱۴۲ح، ۱۴۵ح،
۱۶۰ح، ۲۱۱ح، ۲۴۲، ۳۴۳،
۳۵۷، ۳۵۸، ۳۶۰، ۳۷۹،
۳۸۱، ۳۸۴، ۳۸۶.
حات فنون ۳۵۳.
اض الاولیاء ۳۲۷، ۳۲۸، ۳۲۹.
لة السادات ۳۲۸.
اهي مهران ۱۸۲ح، ۳۶۵.
هجهان نامہ ۳۲۹.
یہ تاریخ معصومي ۳۸۱.
نات اکبري ۱۱۵ح، ۱۸۳ح.
بالة الطالبین ۱۶۵.
ح الدارین ۱۶۵.
ثتہ (تاریخ) ۳۲۵.
وشاهي (تاریخ) ۲۶۰.
ذ في مرلہ و پرنہ ۱۶۵.
شف الحق ۱۶۵.
یثیر لاژکانہ ۳۲۶، ۳۲۷.
، تاریخ سنده ۱۱۹ح، ۱۳۳ح،
۱۴۱ح، ۱۴۹ح، ۳۲۶، ۳۲۷،
۳۲۸، ۳۶۰، ۳۷۱.
ر الامراء ۱۳۳ح، ۱۴۱ح، ۱۴۵ح،
۱۹۱ح، ۲۱۱ح، ۲۳۴ح،
۲۸۸ح، ۳۴۲، ۳۴۳، ۳۴۵،
۳۴۶، ۳۵۰، ۳۵۵، ۳۵۶،
۳۵۶ح، ۳۵۹، ۳۶۴، ۳۶۶،
۳۶۸، ۳۷۲، ۳۷۲ح، ۳۷۵،
۳۷۶، ۳۸۰ح، ۳۸۳، ۳۸۶.
مآثر الکرام ۳۲۷، ۳۲۹.
مثنوي پري خانہ سلیمان ۳۵۳.
مجلہ تاریخ و سیاست ۳۲۹.
مظهر التدبیر ۲۴۹.
مظهر شاهجهاني ۱۲۲، ۳۵۳،
۳۶۳.
معارج الولایہ ۳۲۹.
معلومات الافاق ۳۵۳.
مقالات الشعراء ۹۴ح، ۱۱ح،
۳۲۷.
مقدمہ مثنوي چنیسر نامہ ۱۸۶ح،
۳۰۶ح، ۳۵۲.
منهج العمال (منتخب کنز العمال)
۱۶۵ح.
نزهة الخواطر ۳۲۶، ۳۲۷.
The Antiqüties of Sind. ۱۵۷ح.
Memoirs on the cave temples, Etc of Western, India. ۱۵۷ح


1608-1700 A.D.
ADMINISTRATIVE
MAP OF SIND
SCALE
1 Inch = 15·78 Miles or 1·014 Inches = 16 Miles
INDEX
(1) TOWNS AND VILLAGES OF 16th & 17th CENTURY
(2) TOWNS IN RUINS IN 17th CENTURY
(3) PRESENT COURSE OF RIVER INDUS
(4) COURSE OF RIVER INDUS AND ITS BRANCHES IN 17th CENTURY
(5) PRESENT DISTRICT BOUNDRIES
(6) BOUNDRIES OF SARKARS IN 17th CENTURY
(7) BOUNDRIES OF PARGUNA IN 16th & 17th CENTURY
(8) MODERN TOWNS
Karachi
NOTE.
THE ADMINSTRATIVE DIVISIONS IN THE 17th CENTURY WERE THE SAME IN THE 16th CENTURY, EXCEPT THAT IN 1608 A.D. PARGUNAS OF GAHA AND BAGHBAN WERE SEPARATED FROM BAKHAR SARKAR AND ADDED TO SEHWAN SARKAR.
RAJA OF BIKANIR
MULTAN SARKAR
RAJA OF JAISALMIR
SIBI PARGUNA
FATEHPUR PARGUNA
JATOI PARGUNA
MATHELO PARGUNA
CHANDUKA PARGUNA
BAKHAR SARKAR
ALORE PARGUNA
KAKRI PARGUNA
DARBELA PARGUNA
TAKAN PARGUNA
BAGHBAN PARGUNA
SEHWAN SARKAR
JUNEJO PARGUNA
GAHA PARGUNA
SEWAN HAVELI PARGUNA
KHITA PARGUNA (LARHAT)
PUBAK PARGUNA
SANN PARGUNA
CHOCKAR HALLA PARGUNA
NERUN PARGUNA
NASARPUR PARGUNA
SAKRA SUB DIVISION
TATTA SARKAR
TATTA PARGUNA
CHACKAN PARGUNA
LAS BELAS SAMMA PRINCES (UNDER MUGHALS)
ARABIAN SEA
JARKJA SAMMA RULERS OF CUTCH UNDER MUGHALS
Jacobabad
Kandhkot
Shikarpur
Khairpur
Dadu
Nawabshah
Sanghar
Thane Bula Khan
Kotri
Hyderabad
Tajpur
Mirpur Khas
Karachi
Fatehpur
Ubaura
Ghotki
Mirpur Mathelo
Sukkur
Rohri
Alore (Ruins)
Mohen-jo-Daro
Gambat
Kot Diji
Larkana
Sehwan
Sann
Thatta
Jhimpir
Jherruck
Badin
Umarkot
Chachro
Mithi
Diplo

نسب نامۂ پدری نورجہاں بیگم



نسب نامۂ مادری نورجہاں بیگم



نسب نامۂ مؤلف کتاب

- میر ابو القاسم "نمکین" بن ملا میر سبزواری
  وفات ۱۰۱۸ھ مدفن "صفۂ صفا" روہری
  مصنف: منشآت نمکین

سادات قاسم خانی

  - میر ابو البقا امیر خان
    وفات ۱۰۵۷ھ مدفن "صفۂ صفا"
  - یوسف میرک
    وفات بعد ۱۰۴۴ھ
    مصنف "مظہر شاہجہانی"
  - لطف اللہ
  - نور اللہ
  - میرزا کشمیری
    (بزمانِ جہانگیر)
  - میرزا حسام الدین
  - میرزا ید اللہ
    (ملازم خان جہان لودھی)
  - دختر
    (زوجۂ جمیل بیگ)

سادات امیر خانی

(اولادِ میر ابو البقا امیر خان)

- ضیاء الدین یوسف خان
  (بزمانِ شاہجہان و عالمگیر)
  وفات بعد از ۱۰۶۰ھ
  - دختر
    - ابو الوفا "وفا"
      (بزمان عالمگیر داروغۂ جانماز)
- عبد الکریم امیر خان سندھی
  (مصاحب خاص عالمگیر - شاعر) وفات بعد از ۱۱۳۱ھ
  - سید اشرف خان
    مؤلف "رقائم کرائم"
    سال تالیف قبل ۱۱۵۴ھ
  - ابو الخیر خان
    رفیق خان دوران خواجہ عاصم
- میر ابو المکارم "شہود"
  وفات: ۱۰۷۳ھ مدفن سیوہن
  مصنف "پری خانۂ سلیمان"
  - معین الدین خان حسین
    (شاعر)
    وفات ۱۱۳۳ھ
  - حافظ الدین
    - میر حفیظ الدین خان علی
      شاعر - وفات بعد ۱۱۸۸ھ
  - میر رضی الدین خان فدائی
    شاعر - وفات ۱۱۲۰ھ
    - میر حمید الدین ابو تراب کامل
      شاعر - وفات ۱۱۶۴ھ
      (استاد قانع و رجا)
  - امین الدین خان حسین
    مصنف معلومات الآفاق و رشحات الفنون
    گورنر ٹھٹھ - وفات ۱۱۲۷ھ - مدفن مکلی
    - متین الدین خان اسمٰعیل
      وفات ۱۱۷۷ھ - مدفن مکلی
      - میر محمد غوث (منصبدار میاں نور محمد کلہوڑہ)
        وفات ۱۱۷۲ھ - مدفن مکلی
        - قنبر علی
          ۱۲۱۹ھ
        - میر محمد کریم الدین (منصبدار میاں غلام شاہ کلہوڑہ ۱۱۸۲ھ - ۱۲۰۱ھ)
          - متین الدین ثانی ۱۲۴۸ھ
      - میر ابو المفاخر
        (۱۱۲۷ھ)
    - میر محمد گدا
      شاعر - وفات قبل از ۱۱۸۰ھ
      یک فرزند
    - میر محمد عطا "عطا"
      وفات ۱۱۸۷ھ
      مدفن مکلی
      - دو فرزند
  - میر عبد الحکیم
    (۱۱۰۶ھ)
  - میر علی اکبر
    (۱۱۰۶ھ)
- میر عبد الرزاق
  متوفی ۱۰۶۲ھ
  مدفن "صفۂ صفا"
- ابو القاسم
  وفات ۱۰۴۵ھ
  مدفن "صفۂ صفا"
- شمس الدین خان
- عتیق اللہ
  وفات ۱۰۳۷ھ
  مدفن "صفۂ صفا"
- میر کامل بیگ
- دختر
  زوجۂ مراد بخش ۱۰۶۶ھ

سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن مان **'تاريخ مظهر شاهجهاني'** بہ هڪ اهم تاريخ آهي. هن ڪتاب جي مؤلف **يوسف ميرڪ** هي ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيو. هن تاريخ مان سنڌ جي سترهين صديءَ جي شروعاتي دؤر جي معلومات اهڙيءَ طرح تہ ڏني ويئي آهي، جو هي تاريخ ڄڻڪ هڪ گزيٽيئر هجي. هي اهو دؤر هو، جڏهن مغلن جي سنڌ تي حڪومت هئي. جيتوڻيڪ مغل ڪارندن جي هٿان سنڌين تي نازل ٿيندڙ مصيبتن جو احوال اهڙيءَ طرح تہ پيش ڪيو آهي، ڄڻڪ سنڌي مظلوم نہ پر ظالم هجن. پر ان ۾ يوسف ميرڪ جو ڪو ڏوهہ ڪونہ هو، جو سندس مادري زبان فارسي هئي. مغلن جي مڙهيل حاڪم مرزا احمد بيگ جهڙي ظالم جي احوال مان ئي ظاهر آهي تہ مظلوم ڪير هو ۽ ظالم ڪير هو. مرزا احمد بيگ عيد مبارڪ جي ڏينهن (انهيءَ خيال ۾ تہ سنڌين جا راڄ عيد نماز ۾ مصروف هوندا) موقعي جو فائدو وٺي، بکر مان گهوڙا ڪاهي وڃي سهتن ۽ سميجن تي ڪڙڪو ڪيو، جنهن ۾ هنن ويچارن جا ڪيئين ماڻهو مارجي ويا. پڄاڙيءَ ۾ مقتولن جي ٻارن ٻچن کي قيد ڪري بکر آندو ويو.

هن تاريخ جي مؤلف سنڌين کي جيڪي وڪوڙي ۽ فساديءَ جا لقب ڏنا آهن، سي مغل شاهي ۽ ان جي ڪارندن جي طرفداري ڪن ٿا، پر ايترين شڪايتن هوندي، اسان هن مورخ جا ٿورائتا آهيون، جو هن مغل شاهيءَ جي پهاڙ سان سِر ٽڪرائيندڙ غيرتمند، بهادر ۽ وطن دوست سنڌين جو طويل تر داستان (ڪنهن بہ ريت) قلمبند ڪيو آهي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿ جٿ جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)